
شاھ جو رسالو
مرتب
محمد عثمان ڏيپلائي
ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

اصلي وڏو مڪمل

# شاھ جو رسالو

## سڀني رسالن کان گهڻن بيتن وارو

مرتب

**محمد عثمان ڏيپلائي**

**ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي**

**ڊجيٽل ايڊيشن:**
2021ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: شاهہ جو رسالو
مرتب: محمد عثمان ڏيپلائي
لي آئوٽ: مسافر ابڙو
ٽائيٽل ڊزائننگ: فضل الرحمن
ڇاپو پهريون: مارچ 1951ع
ڇاپو ٻيو: ڊسمبر 2015ع
تعداد: 1000
پروف ريڊنگ: ساجد چانڊيو/غلام رسول مگريو
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.
فون: 021_32737290
ڇپائيندڙ: ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي

قيمت: 700.00 رپيا

ڊجيٽل ايڊيشن: 2021ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر
books.sindhsalamat.com

هيءُ ڪتاب، ڪلچر ڪتاب گهر، ويجهو ايم. پي. اي هاسٽل،
ڪراچي سنڌ، وٽ وڪري لاءِ موجود آهي. غلام حسين هدايت الله روڊ سر
فون: 021_99206073 & 99206144

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران **”شاھ جو رسالو (مرتب: محمد عثمان ڏيپلائي“** اوهان اڳيان پيش آهي. ڏيپلائي صاحب پاران مرتب ڪيل هن رسالي ۾ پڙهندڙن جي سهولت لاءِ ڏکين لفظن جي معنيٰ ساڳي صفحي تي ڏني وئي آهي. رسالي جي آخر ۾ ڏيپلائي صاحب پاران شاھ جي سوانح حيات ۽ شاھ جي ڪلام بابت ڪجهه وضاحتون به ڏنل آهن. سُرن جي ترتيب ۽ داستانن ۾ ورهاست کان علاوه رسالي ۾ شامل ڪلام جي تعداد کي به ڪافي غور ويچار کانپوءِ طئي ڪيو ويو آهي ۽ ٻين رسالن ۾ شامل ڪيل شاھ جي ڪلام جي اُهي بيت جيڪي ڏيپلائي صاحب جي خيال ۾ شاھ جا نه آهن، اهي الڳ ڪري رسالي جي آخر ۾ ڏنا ويا آهن. ڏيپلائي صاحب جي هن نسخي ۾ شاھ جا 4112 بيت ۽ 241 وايون آهن. هن رسالي ۾ نالي ڪري پنهنجي پاران ڪجهه واڌارا ڪيا آهن ۽ انهيءَ سان گڏ ٻين رسالن ۾ شامل ڪيل اُهي بيت جيڪي ڏيپلائي صاحب جي نسخي ۾ شامل نه آهن، سي به ڏنا اٿائين. ڏيپلائي صاحب پاران مرتب ڪيل هن رسالي ۾ پڻ ٻين نسخن کان گهڻا بيت ڏنل آهن.

شاھ جي رسالي جو هي نسخو محمد عثمان ڏيپلائيءَ حيدرآباد مان، 07 مارچ 1951ع تي پهريون ڀيرو، ”دفتر لطيفي“ پاران ”قرآن پريس“ مان ڇپائي پڌرو ڪيو. هي ڊبل ڪرائون سائيز رسالو، 308 صفحن تي آڌاريل هو. 4112 بيتن ۽ 241 واين سميت، هن رسالي ۾ ڪلام جو ڪُل ٽوٽل تعداد 4353 آهي.

هن رسالي جو تازو ڇاپو 2015ع ۾ ثقافت کاتي پارن سنڌيڪا اڪيڊمي وٽان ڇپرايو ويو. ٿورائتا آهيون سنڌيڪا اڪيڊمي ۽ ثقافت کاتي جا جن هن رسالي کي آنلائين ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. هي رسالو يونيڪوڊ بيسڊ فونٽس ۾ نه هجڻ ڪري ان جو ٽيڪسٽ فارميٽ رکڻ ۾ ڏکيائي پيئي ٿئي، تنهنڪري رڳو پي ڊي ايف ڪاپي شيئر ڪجي ٿي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# پبلشر نوٽ

شاھہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو فڪر سنڌ جي ماڻھن لاءِ علمي ۽ ثقافتي روح جي حيثيت رکي ٿو. سنڌ جا ماڻھو صدين کان ان سرچشمي کي پنھنجن ذھنن ۾ يادگيرين ۾ محفوظ ڪرڻ سان گڏ قلمي مسودن جي صورت ۾ سانديندا آيا آھن. جڏھن وري پريس جو دور شروع ٿيو تہ ڪيترا ئي عالم ۽ محقق شاھہ جي ڪلام جا نسخا تيار ڪري عوام تائين پھچائيندا رھيا. ويجھي عرصي ۾ جن محققن شاھہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام کي مرتب ڪيو، انھن ۾: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد عثمان ڏيپلائي، ٻانھو خان شيخ جا نالا ڳڻڻ جوڳا آھن.

محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو مرتب ڪيل رسالو پھريون دفعو مارچ 1951ع ۾ شايع ٿيو. جنھن ۾ ھن شاھہ جا گھڻي کان گھڻا بيت شامل ڪري، رسالي جي ٽائيٽل تي لکيو تہ: "شاھہ جو ھي رسالو، سيني رسالن کان گھڻن بيتن وارو آھي." گڏو گڏ رسالي جي مھاڳ ۾ ھي پڻ لکيو ويو تہ: "جيترا بہ بيت ھن رسالي ۾ آھن، اوترا مجموعي طرح ٻئي ڪنھن بہ ڇاپي جي رسالي ۾ نہ آھن. اھڙيءَ طرح ھن رسالي ۾ مختلف پڙھڻين مان وڌيڪ موضون پڙھڻي اختيار ڪيل آھي."

حقيقت بہ اھا آھي تہ ھن "شاھہ جي رسالي" ۾ بيتن ۽ واين جي درست پڙھڻين تي خاصو توجھہ ڏنو ويو آھي ۽ اھا خوبي ھن رسالي جي خاص طرح ڳڻڻ جوڳي آھي. ان کان سواءِ ڏيپلائي صاحب جو شاھہ سائين بابت لکيل ھڪ ٻيو ڪتاب "شاھہ جي ڪلام جو رھبر" بہ اھم آھي.

محمد عثمان ڏيپلائي سنڌ جو ھڪ ڪاھوڙي ليکڪ ھو. جنھن پنھنجي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌ ويجھہ لاءِ اڻ ڳڻيا ڪتاب لکي ۽ ڇاپي سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي جھوليءَ کي موتين ۽ مالھا سان ڀريو. سندس انھن ڪارنامن ۾ "سانگھڙ" ناول ڪنھن بہ طرح وسارڻ جھڙو نہ آھي. ھن ناول مان ڏيپلائي صاحب جي سياسي بصيرت، علمي سوچ ۽ سماج سڌارڪ وارو ھڪ انتھائي اھم ۽ سگھارو پھلو اجاگر ٿئي ٿو. ڏيپلائي صاحب جي خدمتن کي پيش نظر رکندي ثقافت ۽ سياحت کاتي سنڌ پاران سندس زندگي ۽ ڪارنامن تي مشتمل پي ايچ ڊي ٿيسز "محمد عثمان ڏيپلائي ۽ سنڌي سماج تي سندس اثر" جي نالي سان سال 2010ع ۾ شايع ڪئي وئي آھي.

هيئنر محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو هي يادگار پورهيو اسان هيڪر وري، شاهه لطيف جي 272 هين عرس جي موقعي تي شايع ڪري شاهه لطيف جي پاڙهوئن لاءِ هن ناياب نسخي کي هيڪر وري مهيا ڪري رهيا آهيون.

اسان کي اميد آهي ته محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو هي رسالو نه صرف شاهه شناسيءَ جي ڦهلاءَ جو ذريعو بڻبو پر ان سان گڏ هن ڪاهوڙي ليکڪ جو پورهيو عام فائدي جي لاءِ مهيا ٿي ويندو ۽ اسان جي محققن، عالمن، اديبن ۽ خاص ڪري نوجوانن جي لاءِ اهم تحفو ثابت ٿيندو.

**منظور احمد ڪناسرو**

**ڊائريڪٽر جنرل**

**ثقافت، سياحت کاتو، حڪومت سنڌ**

# سرن جي فهرست

پبلشر نوٽ ........ 5
سر ڪلياڻ ........ 9
سر يمن ڪلياڻ ........ 24
سر ڪنڀات ........ 58
سر سري راڳ ........ 72
سر سامونڊي ........ 95
سر سهڻي ........ 108
سر سارنگ ........ 149
سر ڪيڏارو ........ 164
سُر سَسُئي ........ 175
سُر معذوري ........ 211
سُر ديسي ........ 229
سُر ڪوهياري ........ 254
سُر حُسيني ........ 268
سُر سورٺ ........ 303
سُر بيراڳ هندي ........ 318
اَبيات مثنوي ........ 329
سُر هير رانجهو ........ 333
سُر بَرُوُو سنڌي ........ 336
سُر مومل راڻو ........ 347
سُر ڪاموڙي ........ 375
سُر رامڪلي ........ 385
سُر رِپ ........ 432
سُر ليلان چَنيسر ........ 440
سُر بلاوَلُ ........ 453
سُر ڏهرُ ........ 464
سُر ڪاپائتي ........ 481
سُر پرڀات ........ 491
سُر گهاتو ........ 498
سُر سينهُن ڪيڏارو ........ 502

سُر آسا ........ 505
سُر مارئي ........ 527
سُر ڍول مارئي ........ 571
سُر ڏناسري ........ 574
سُر پُورَبَ ........ 583
سُر ڪاموڏ ........ 591
سُر ڪارايل ........ 600
سُر بَسَنتُ بَهارَ ........ 608

# سر ڪلياڻ

## فصل پهريون

(۱)

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادُر پنهنجي قُدرت سين، قائم آه قديم،
والي، واحد، وَحدہُ، رازق، رب رحيم،
سو ساراہِ سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي.

(۲)

جوڙي جوڙ جهان جي، جڏهن جوڙيائين،
خاوند خاص خلقي، مُحمدﷺ مُڪائين،
ڪلمو تنهن ڪريم تي، چڱو چايائين،
اَنَا مولاڪَ وَ انتَ مَحبُوبيُ، ائين اُتائين،
ڏِکي ڏنائين، ٻئي سرائون سيد چئي!

(۳)

جوڙي جوڙ جهان جي، پاڻ ڪيائين پروار،
حامي هادِي هاشمي، سردارين سردار،
سُونَهي صحابَن سڻ ۾، منجهہ مسجد مڻيادار،
چارئي چڱا چوڌار، هُوا هيڪاندا حبيب سين.

(۴)

وَحدہٗ لاشريڪ لَہٗ، چَؤ چوندو آءُ،
فرض واجب سُنتون، تنئون تَرڪ مَ پاءِ،
توبہ سندي تسبيح، پڙهي سا پُڄاءِ،
نگا پنهنجي نفَس کي، ڪا سنئين راه سُونهاءِ،
سُپيريان جي ڳالهڙي، هيءَ هنيين سين لاءِ،
تہ سندي دوزخ باه، تو اوڏيائي نہ وڃي.

(۵)

وَحدہٗ لاشريڪ لَه ُ، جان تون چئين اينئَن،
تان مَڃ مُحمد ڪَارڻي، نر َتوُن منجهان نِينهَن،
سو تون وڃيو ڪيئن، نائين ڪنڌ پِين ڪي؟

(٦)

وَحدہٗ لاشريڪ لَه ُ، جڏهن چيو جن،
تن مڃيو محمد ڪارڻي هيجان ساڻ هِنين
تڏهن منجهان تن، اوَتڙ ڪونہ اَوليو.

(٧)

وَحدہٗ لاشريڪ لَه ُ، جن اُتوسين ايمان،
تن مڃيو محمد ڪارڻي، قلب ساڻ لِسانَ
اوءِ فائق ۾ فرمان، اَوَتڙِ ڪنهن نہ اوليا.

(٨)

اَوَتڙِ ڪنهن نہ اوليا، سُتَڙِ ويا سالمَ،
هيڪائي هيڪ ٿيا، احد سين عالمِ،
بي بها بالمِ، آگي ڪِيا اڳِهين.

(٩)

آگي ڪيا اڳهين، نِسورو ئي نُور،
لاخوفٌ عَليهم ولا هُم يَحزنُون، سچن ڪونهي سور،
مولي ڪيو معمور، انگ ازل ۾ اُن جي.

(١٠)

وَحدہٗ جي وڍيا، اِلاالله سين اورين،
هنيون حقيقت گڏيو، طريقت تورين،
معرفت جي ماڻ سين، ڏيساندر ڏورين،
سُک نہ سُتا ڪڏهين، ويهي نہ وَوڙين،
ڪُلهنئون ڪورين، عاشق عبداللطيف چئي.

(١١)

وَحدہٗ جي وڍيا، اِلاالله اَڌَ ڪيا،
محمد رسول الله چئي، مسلمان ٿيا،
عاشق، عبداللطيف چئي، انهين په پيا،
تيلانهن ڏٺيءَ ڏُٺا، جيلانهن وحدت ويا گڏجي.

(١٢)

وَحدَهٗ جي وڏيا ڪيا اِلاالله اڌ،
سي ڏڙ پسي سڌ، ڪنهن اياڳي نہ ٿِئي.

(١٣)

وَحدَهٗ لاشريڪ لَه ٗ، ٻُڌئي نہ ٻوڙا،
ڪِ تو ڪنين نہ سُئا، جي گهَٽ اندر گهوڙا،
ڳاڙيندين ڳوڙها، جت شاهد ٿيندئي سامهان.

(١٤)

وَحدَهٗ لاشريڪَ لَه ٗ، ايءَ وهائج ويءُ،
ڪَتين جي هارائيين، تہ هنڌ تَنهنجو هيءُ،
پاٽان چونڊءِ پيءُ، پِري جام جنت جو.

(١٥)

وَحدَهٗ لاشريڪَ لَه ٗ، اِيءَ هيڪڙائي حَقُ،
ٻيائيءَ ڪي ٻَڪُ، جن وڌو سي وِرسيا.

(١٦)

سر ڍونڍيان، ڌُڙ نہ لهان، ڌڙ ڍونڍيان، سر نانه،
هَٿ، ڪرايون، آڱريون، ويا ڪپجي ڪانه،
وحدت جي وِهانءَ، جي ويا، سي وڏيا.

(١٧)

تون چؤ الله هيڪڙو، وائي ٻي مَ سکُ،
سوئي لکيو لِکُ، سچو اکر من ۾.

(١٨)

عاشق چؤ مَ اُن کي، مَ ڪي چؤ معشوق،
خالق چؤ مَ خَام تون، مَ ڪي چؤ مخلوق،
سَلج تنهن سلوڪ، جو ناقصا ئي نِڱيو.

(١٩)

وحد تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُلُ،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻوليءَ ٻيءَ مَ ڀلُ،
هُو هُلاچو هُلُ، باالله سَندو سڄٽين.

(٢٠)
چئہ تُون الله هيڪڙو، وائي ٻي وسار،
تن ۾ تندُ تنوار، سدا سپيرِينءَ جي.

(٢١)
چؤ تُون الله هيڪڙو، ٻي وائي وساري ڇڏ،
اوتان توسين گڏ، سڄڻ ساھَ پَساھَ ۾.

(٢٢)
مروئان، موران، پڪٽان، وائي ٻيءَ مَ ڀُل،
هو هُلاچو هُل، بالله سندو سڄڻين.

(٢٣)
پاڻهئين جل جلالَہ ُ، پاڻهين جان جمال،
پاڻهئين صورت پرينءَ جي، پاڻهئين حُسن ڪمالُ
پاڻهئين پير مريد ٿئي، پاڻهئين پاڻ خيالُ،
سڀ سيوئِي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي.

(٢٤)
پاڻهين ڏئي سنيهڙا، پاڻهين اِيءُ سلطان،
پاڻهئين ڪَرَ پاڻَ لهي، پاڻَ سڃاڻي پاڻُ.

(٢٥)
پاڻهئين پسي پاڻ کي، پاڻهئي او محبوب،
پاڻهين خلقي خوب، پاڻهين طالب تن جو.

(٢٦)
سو هِي، سو هُو، سو اَجلُ، سو الله،
سو پِرين، سو پساھ، سو ويري، سو واهرو.

(٢٧)
سوئي هيڏانهن، سوئي هوڏانهن، سوئي مَن وَسي،
سو ئي سو پَسي، تنهين سندي سوجهري.

(٢٨)
سائي صورت عَينَ کي، سائي صورت غينَ،
سمن نقطا دور ڪرو، تہ اُوءِ عين کي عين.

(٢٩)
پڙاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائيءَ جو جي لهين،
هُئا اڳهين گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻہ ٿيا.

(٣٠)
ايڪ قصر، دَرَ لَکَ، ڪوڙين سهسَ ڳڙڪيون،
جيڏانهن ڪريان پَرک، تيڏانهن صاحب سامهُون.

(٣١)
ڪوڙين ڪايائون تُنهنجون، لکن لَکَ هزار،
جيءُ سيڪنهن جيءُ سين، دَرسن ڏارو ڏارَ،
پِرين تنهنجا پارَ، کهڙا چئي ڪيئَن چوان!

## وائي-١

سيڪا پرين ڪون پوڄي،
نينهن نيٽين ڳڙ ڳالهہ وو،
جا چتايم چت ۾، سڄڻ سا تو ٻجهي،
لات جا لطيفِ جي، سڏُ تنهين جو سُڄي.

## وائي-٢

عشق تُساڏي مين گهايل ڪتي،
وو ميڏي ميان، درد رانجهن دي،
هيڪ جو اڳيئي سهٽا، پيجهي بي پروائي،
ويڄ طبيب پڇندي، مين ٿڪي وو.

## فصل ٻيو

(١)
آگهي اگهائي، رنج پريان ڪي رسيو،
چڪيم چگائي، سورانگهي سوريءَ تان.

(٢)
انڌا اُونڌا ويجَ، ڪَلَ ڪُجاڙيا ڪانئيين؟
اسان ڏُکي ڏِيل ۾، تون پيارئين پيچ،
سُوري جنين سيج، مرڻ تن مشاهدو.

(٣)
سُوريءَ سڏُ تيو، ڪا هلندي جيڏيون؟
وچڻ تن پيو، نالو نينهن ڳنهن جي.

(٤)
سُوري سڏ ڪري، اُيي عاشقن ڪي،
جي اٿيئي سڏ سڪڻ ۾، تہ ڪَر مَ پيرُ پري،
سِسِي ڏارَ ڏَري، پڇج پوءِ پريتڙو.

(٥)
سُوري آه سينگار، اصل عاشقن جو،
مُڙڻ، موٽڻ، ميهڻو، تيا نظاري نِروار،
ڪُسڻ جو قَرار، اصل عاشقن جو.

(٦)
سوري سينگاري، اَصل عاشقن ڪي،
لُڏيا ڪين لطيف چئي، تيا نيزي نظاري،
ڪوٺيو ڪيناري، آٽيو چاڙهي اُن ڪي.

(٧)
سُوريءَ مٿي سيڻَ، ڪهڙي ليکي سَنرا؟
جيله لڳا نيڻ، تيلَہ سُوريائي سيج ٿي.

(٨)
سُوريءَ چَڙهڻ، سيج پَسڻُ، ايءُ ڪم عاشقن،
پاھُون ڪينَ پسن، سائُو هَلن سامهان.

(٩)
سُوريءَ تي سؤ وار، ڏينهاڙيون چنگ چڙهين،
جمَ ورچي چِڏئين، سِڪڻ جي پچار،
پَرتِ نہ پَسين پار، نينهن جئان ئي نِگيو.

(١٠)
پهرين ڪاتي پاءِ، پڇج پوءِ پريتڙو،
ڏُکَ پريان جو ڏيلَ ۾، واجٹ جئن وڄاءِ،
سيخن ماهُ پَچاءِ، جو نالو ڳِيڙُءَ نينهن جو.

(١١)

ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهه، ڳُڻُ وڍيندڙَ هٿ ۾،
پَسيو پَيرِ عجيب جي، لِڇيو وڃي لوهُ،
عاشقن اندوهُ، سدا مِعشوقن جو.

(١٢)

ڪاتي تکي مَ ٿئي، مَرُ مُنِيائي هوءِ،
مانَ وِرمن توءِ مون پريان جا هٿڙا.

(١٣)

ڪاتي جا قريب جي، سا هَڏُ چيري چَم،
عاشقن پنهنجو انگ، الله ڪارڻ وڍيو.

(١٤)

جي تون سِڪڻ سکيو، تہ ڪاتيءَ پَئي مَ ڪنجهه،
سُپريان جي سُور جو، ماڻهن ڏِجي نہ مَنجُهه،
اندر اِيءُ اَهنج، سانديج سُڪائون ڪري.

(١٥)

جان وڍيو هئين، تان ويهه، نہ تہ وٺيو واٽ وَڃُ تون،
هيءُ تنين جو ڏيه، ڪاتي جَنين هٿ ۾.

(١٦)

ڪاتي جن ڳِري، مان لنئون لڳي تن سين،
محبت جي ميدان ۾، وڃان پيرَ پري،
اَڏيءَ سِرُ ڌري، مان ڪُهنِئون سپرين.

(١٧)

اڳيان آڏِن وٿ، پوين سِرَ سنباهيا،
ڪاٽ تہ پوين قبولَ ۾، مَچڻ پيائين گهٽ،
مٿا مُهايِن جا، پيا نہ ڏسين پَٽَ؟
ڪَلالڪي هٽ، ڪُسڻ جو ڪوپُ وَهي.

(١٨)

جي اَٿيئي سَڌ سُرڪ جي تہ وَڃُ ڪلالن ڪاتي،
لاهي رک لطيف چئي، مٿو وَتِ ماٿي،
تِڪَ ڏيئي پڪَ پيءُ تون منجهان گهوٽ گهاتي،
جو وَرَنه وَهاتي، سو سِرَ وٽ سَرو سهانگو.

(١٩)

جي اَٿيئي سَڌ سُرڪ جي، تہ وڃُ ڪلالڪي هَٽ،
لاهي رڪُ لطيف چئي، مٽو ماٽي وٽ،
سِرُ ڏيئي مَ سَٽِ، پِيچ ڪي پيالِيون.

(٢٠)

جَي اٿيئي سڌ سُرڪ ۾، تہ وڃُ ڪلالڪي ڪُوءِ،
مهيسر جي مَنڌ جي، هُتِ هَڏهين هُوءِ،
جان رمز پروڙيم رُوءِ، تان سِرَ وٽ سُرڪي سَگهِي.

(٢١)

جي اٿيئي سڌ سُرڪ ۾، تہ وڃُ ڪلالڪي گهر،
وڍڻ، چيرڻ، چچرڻ، پهت اُن جي پَرِ،
جي وَٽي پويئي وَرِ، تہ سَهَنگي آه سيد چئي.

(٢٢)

ناٽي ناه ڪَڪُوهُ، ڪِي ملهہ مَهانگو مَنڌُ،
سنباهج، سيدُ چئي، ڪاٽڻ ڪارڻ ڪنڌُ،
هيءُ تنين جو هنڌ، مَٽن پاسِ مَرَنِ جي.

(٢٣)

عاشق زهر پياڪ، وِهُ ڏسي وهسن گهڻو،
ڪَڙي ۽ قاتل جا، هميشہ هيراڪَ،
لڳين لَنئون لطيف چئي، فنا ڪيا فراق،
توٽي چِڪنن چاڪَ، تہ بہ آهَ نہ سَلن عامَ ڪي.

(٢٤)

مَ ڪر سَڌَ شراب جي، جو تون تارِيين ٿُوهُ،
پيتي جنهن پاسي ٿئي، منجهان رَڳن روح،
ڪاتي چڪ ڪَڪُوهُ، لاهي سِرُ لطيف چئي.

(٢٥)

سُڌڙيا شراب جون، ڪُهُ پَچارُون ڪن؟
جُہ ڪاتَ ڪَلالِن ڪيِيا، تہ موتيو پوءِ وجن،
پِڪون سي پِيَنِ، سِرَ جنهين جا سَٽَ ۾.

(٢٦)

سِرَ جدا، ڏَڙَ ڏارَ، دَوڳ جنين جا ديڳ ۾،
سي مَرُ ڪن پچار، حاضر جنين هٿ ۾.

(٢٧)

ديڳين دوڳ ڪڙهن جت ڪڙئين ڪڙڪو نہ لَهي،
تِتي طبيبن، چاڪ چِڪندا چِڏيا.

(٢٨)

سِسِي سي گُهرن، جي واٽيندڙَ وچ ۾،
اوءِ ڪي پيو پُڇن، سَرو جن سنباهيو.

(٢٩)

اصل عاشق پنهنجي، سِسِي نہ سانڍين،
لاهيو سِر لطيف چئي، ساهہ سَلهاڙيو ڏين،
ڪُلهِنئون ڪورين، پُڇن پوءِ پريتڻو.

(٣٠)

اصل عاشقن جو، سِر نہ سانڍڻ ڪم،
سَوَ سِسِنئان اڳرو، سندو دوسان دم،
هِي هڏو ۽ چم، پکَ پِريان جي نہ پڙي.

(٣١)

جي متي وٽ مِڙَن، تہ سپ ڪنهن سُد ٿئي،
سِر ڏني سَت جُڙي ، تہ عاشق اِئين اچن،
لِڏا تي لَپَن مُلهہ مهانگا سُپرين.

(٣٢)

مُلهہ مهانگو قطرو، سِڪَڻُ شهادت،
اسان عبادت، نظر نازَ پِريَنِ جا.

## وائي-١

عشق راجهن دا، لگا مينون ماهي،
راتيان درد، ڏينهان در ماندي،
لوڪان خبر نہ ڪائي،
مون ڪي مرض ماريو، سجڻ هٿ سگهائي،
دارون هن درد جو، آهين تون الاهي.

## وائي-٢

رانجهان ووا مَين تيڏڙي آهيان،

او اي آندي ٻانهي، وو مين تيري واسطي،
ري وو مين ٻي وو، مينون نال وسار نهين،
چيٽڪ لايا وو مينون، ڪوڪَ سُڻوايا،
ڪينون شرم اسان ڏا هوءِ تينون،
نامي واسطي ري، وو مين ٻي،
وو مينون نال وسار نهين.

## وائي-٣

مَنڍُ پيئندي مون، ساجن سهي سڃاتو
پِي پيالو عشق جو، سِپڪي سمجهيو سُون!
پِريان سندي پار جِي، اندر آڳ اَتُون!
جَئڻ ناهي جڳ ۾، ڏينهن مڙيئي ڏون!
الا! عبداللطيف چئي، آهين تون هي تون!

## فصل ٽيون

(١)

اُٽياري اُٿي ويا، منجهان مون آزارَ،
حبيب ئي هٽي ويا، پيڙا جي پچارَ،
طبيبن تَنوارَ، هَڏِ نه وَڻي هاڻ مون.

(٢)

هَڏِ نه وڻي هاڻ مون، ويڄن جو وصال،
هِن منهنجي حالَ، حبيب ئي هادي ٿيو.

(٣)

حبيب ئي هادي ٿيو، رهنما راحتَ،
پيڙا نِيائين پاڻ سين، لائي ڏيئي لَتَ،
سُپريان صحتَ، ڏنيم منجهان ڏڪندي.

(٤)

اورِ ڏڪندو اُؤ ٿئي، هادي جنهن حبيب،
تر تفاوت نه ڪري، تنهن کي ڪو طبيب،
رهنما رَقيب، ساترِ صحتَ سپرين.

(٥)

ساتِرُ صحت سپرين، آهي نہ آزار،
مجلس وير منو ٿئي، ڪوئيندي قهار،
خنجر تنهن خوبَ هٽي، جنهن سين ٿئي يار،
صاحب رب ستار، سوجهي رَڳون ساهه جون.

(٦)

رَڳُون تيون رَبابُ، وڃن ويل سپ ڪنهين،
لُڇَڻَ ڪُڇَڻُ نہ ٿيو، جانب ري جَبابُ،
سوئي سَنڌيندم سپرين، ڳَيس جنهن ڪباب،
سوئي عين عَذاب، سوئي رَاحت رُوح جي.

(٧)

سوئي راهَ رد ڪري، سوئِي رهنماءُ،
وَتُعِزُ مَن تَشاءُ وتُذِلُ مَن تَشاءُ.

(٨)

سوئي صُلح سڄڻين، سوئي ڦوڙائون،
وَاللّٰهُ خيرُالماڪِرين، اهو ميڙائون.

(٩)

پَر ۾ پڇيائون، عشق جي اسباب کي،
دارون هن درد جو، ڏاڍو ڏسيائون،
آخِرُ وَالعَصر جو، اِينهين اُتائُون،
تهان پوءِ آئون، سِڪان ٿي سلام کي.

(١٠)

سِڪِين ڪُهُ سلام کي، ڪرين ڪُهُ نہ سلام؟
پَيا در تن حرام، ايءُ در جنين ديکيو.

(١١)

مڻايان مِنو گهٽو، ڪَڙو ناهه ڪلام،
سُڪُوتُ ئي سَلام، پِريان سندي پار جو.

(١٢)

پريان سندي پار جي، مڙيئي مِٺائي،
ڪانهي ڪَڙائي، چَکِين جي چِيتُ ڪري.

(١٣)

جاڙِي ٻُجهي جن، توسين سُورَ سَج ڪئي،
تون ڪيئن سنديُون تن، پَرَ سين پَچارُون ڪرين؟

(١۴)

تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تُنهنجي،
فاذڪرُونِي اُذڪرُڪُم، اِيءُ پروڙج بات،
هَٿِ ڪاتي، ڳُڙُ وات، پُڇڻ پَرِ پرين جي.

(١۵)

حبيبن هيڪارَ منجهان مِهرَ سڏ ڪيو،
سو مُون سپ چمارَ اورڻ اُهو ئي ٿيو.

(١٦)

پاپوهي هيڪارَ مون ڪي پڇيو سڄڻين،
اَلستُ بِربِڪُم، چيائون جنهن وار،
سندِي سورَ ڪِنار، تَنَ تڏاهڪُون نہ لهي.

(١٧)

پاپوهِيو پُڇن، ڪٿي هٿ حبيب جو،
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي پاڻ نہ ڪن،
عاشق اجل سامُهان، اوچي ڳاٽ اچن،
ڪُسڻ قُرب جن، مرڻ تن مُشاهدو.

(١٨)

ڪوني ڪُهي سپرين، ڪوني ڪُهڻَ ساڻ،
نيزي هيٺان نِينهن جي، پاسي ڪَر مَ پاڻ،
ڄُل وِڃائي ڄاڻ، عاشق اَجل سامهون.

(١٩)

ڪونڻ قريبن جو، عين تڙڻ آه،
اِيءُ اُلٽي ڳالهڙي، سِڪَ وَرَندي ساهَ،
اَسَرَ هَڏِ مَ لاه، چِنڻ ڳَنڍڻ اُن جو.

(٢٠)

ڪُهَنِ تان گهٽگُهرا، ڪَرَ لهن تان ڪُهن،
سي ئي ماءِ مُهِن، سي ئي راحت روح جي.

(٢١)

ڪُهي سو ڪَرَ لهي، ڪوني سو ڪُهي،

سوئي ماءِ مُهي، سوئي راحت روح جي.

(٢٢)

ڪُهي سو ڪَرَ لهي، ڪوني سو قريب،
اِها عادت سِکيو، هر زمان حبيب،
تِچي سو طبيب، سوئي راحت روح جي.

(٢٢)

ڪُهَنِ ۽ ڪوتين، اِيءُ پَر سَندي سجڻين،
سُوريءَ چاڙهيو سپرين، ڏنپَ ڏهاڙي ڏين،
وينا وره وتين، آءُ واڍوڙيا وھاءِ تون.

## وائي-١

شيشہ را پُر ڪن و بردار بيا،
جام را پُر ڪن و برخيز بيا.
ساقيا برخيز و درده جام را،
خاڪ برسر ڪُن غم ايام را،
باده درده چند ازينَ بادِ غُرور،
خاڪ بر سر نفس نافرجام را،
گرچہ بدنامي است نزد عاقلان،
ما نمي خواهيم ننگ و نام را،
ساغر مي بر ڪفم نه تاز سر،
برڪَشم اين دلق ازرق فام را.

## وائي-٢

عجب نين تيري سرس نين تيري،
جَل وچ ڪنول، ڪَوَلَ وچ مَدوئا،
جون چاند ڪون بادل گهيري،
چڻُ پُڻ ڪليان، سيج وچاوان آءُ پيا گهر ميري.

## وائي-٣

ٿيندو تن طبيب، دارون منهنجي درد جو،
ٻُڪي ڏيندم ٻاجھ جي، اچي شالَ عجيب،
پرين اچي پاڻ ڪيو، سندو غور غريب،
ڏکندو سيوئي ڏور ڪيو، منجھؤن تن طبيب،
اديون عبداللطيف چئي، هاتڪ آھ حبيب.

# سر يمن ڪلياڻ

## فصل پهريون

(۱)

تون حبيب، تون طبيب، تون درد جي دوا،
جانب منهنجي جيءَ ۾، آزار جا انواع،
صاحب! ڏي شفا، ميان مريضن کي.

(۲)

تون حبيب، تون طبيب، تون درد جو دارُون،
دوا آهين، دل کي، تُنهنجون تنوارون،
ڪريان ٿي ڪارُون، جيئن ٻُڪِي ٻنئون نہ ٿئي،

(۳)

تون حبيب، تون طبيب، تون ڏنن جو ڏيپ،
تون ڏئين، تون لاهئين، تون ئي هادي رب،
آهم اِيءُ عجب، جئن واريو ويڄَ وهارئين.

(۴)

تون حبيب، تون طبيب، تون دارون کي دردن،
تون ڏئين، تون لاهئين، ڏاتَر کي ڏُکندن،
تڏهن ڦَڪيون فرق ڪن، جڏهين امر ڪريو اُن کي.

(۵)

جان کي ڪري طبيب، دارون هن درد جا،
هَٽيو سي حبيب، اُڪوڙيو اڏ ڪري.

(٦)

هڻ حبيبَ! هٿ ڪٽي، ٿيڪ مَ ٿورو لاءِ،
پرين تُنهنجي گهاءِ، جي مران تہ ماڻُ لهان.

(٧)

هڻ حبيب! هٿ ڪٽي، دل ۾ ڏيري دانهن،
ڪُڇان تان ڪُوڪ ٿئي، صبر آئون نہ سهان،
ڪنهن ڪي ائن چوان، تہ مون کي ماريو سڄڻين!

(٨)

هڻ حبيب! هٿ ڪٽي، ٻنگان لهي ٻاڻ،
ماڳهين مون_ مِنهُن ٿئي، جهوليءَ وجهان پاڻ،
ان پر ساڄن ساڻ، مانَ مقابلو مون ٿئي.

(٩)

جت حبيبَ هڻن، نائُڪُ پري نِينهن جي،
تِتي طبيبن، وِڃا وجي وسري.

(١٠)

هڻين جي حبيب، محبتي مَيا ڪري،
پُڇان ڪين طبيب، هوند گهائن سين ٿي گهاريان.

(١١)

چوري چَنگ، ٻَنگ لهي، حبيبن هَنيوس،
ٻُجهان ٻاڻ لڳوس، ڪانارِيو ڪَرَ ڪٽي.

(١٢)

ڪاناريا ڪُٽڪن، جنين لوهہ لڱن ۾،
محبت جي ميدان ۾، پيا لال لڄن،
پاڻهين ٻَڌن پٽيون، پاڻهين چڪِيا ڪَن،
وٽان واڍوڙين، رهي اڇجي راتڙي.

(١٣)

رهي اڇجي راتڙي، تن واڍوڙين وَٽانءِ،
جن کي سُورُ سرير ۾، گهٽ منجهاران گهاءُ،
لڪائي لوڪانءَ، پاڻهين ٻَڌن پٽيون.

(١٤)

اڄ پڻ ڪَنجهو ڪَنجهہ، واڍوڙڪي منهين،
جُہ پڻ پيين سنجَهہ، هو پِنيون هو پٽيون.

(۱۵)

اڄ پڻ ڪھڙي دانھن، واڍوڙڪيءَ مَنھينءَ؟
ويچَ ورائي ٻانھن، چوري چاڪَ نھاريان.

(۱٦)

ويچارا واڍوڙَ، سدا شاڪر سُور سين،
تاڻين مٿي توڙَ، اوري ڪن نہ آسرو.

(۱۷)

سدا آهي سُور جي، واڍوڙين وائي،
جيڪا اٿن من ۾، سلن نہ سائي،
اوڙِڪ اهائي، ڳوليو لَھن ڳالھڙي.

(۱۸)

سَگھن سُڌِ نہ سور جي، تہ گھايل ڪيئن گھارين،
پيل پاسو پَٽَ تان واڍوڙيل نہ وارين،
پَر ۾ پَچن پرينءَ لئہ، هَئي هنجون هارين،
سَڄڻ جي سارين، تن رويو وهامي راتڙي.

(۱۹)

سَگھن سُڌ نہ سُور جي، تا رُٺڪَن رَنجُوري،
پيا آهن پٽ ۾، مٿن ماومري،
لڳين لَئُون لطيف چئي، سدا جي سُوري،
پرت جن پُوري، تن رويو وهامي راتڙي.

(۲۰)

سدا آهي سُور جي، رنجورون رڻڪَ،
اُن پِلاريءَ پُٽڪ، هيڪر حضوري ڪيا.

(۲۱)

تَنُ تسبيح، مَنُ مڻيو، دل دنبُورو جن،
تَندون جي طلب جُون، وحدت سر وڄن،
وَحدَهٗ لاشريڪ لَهٗ، اِهو راڳُ رڳن،
سي سُتا ئي سونھن، ننڊ عبادت جن جي.

(٢٢)

آيل اُن نہ وسهان، هَنجُون جي هارين،
آٽيو آب اکَين ۾، ڏيه ڪي ڏيڪارين،
سڄڻ جي سارين، سي نکي رُونِ نہ چُونِ ڪي.

وائي

ورسيا ويچ ويچارا، دل ۾ درد پرين جو،
اُتيو ويڄا مَ وهو، وڃو ڊيَ ڪٽي،
ٻُڪي ڏيندا ٻاجهہَ جي، آيا سور ڏٽي،
آيا جيءَ جيارا دل ۾ درد پِرين جو.

## فصل ٻيو

(١)
تن طبيبُ نہ تون، سُڌ نہ لهين سُور جي،
سانڍ پنهنجا ڏيڙا، ڪَڏَ ڪٽي ۾ پُون،
ڪان گهرجي مُون، حياتي هوتن ري.

(٢)
ويڄن سين وائيءَ پيا، ڪِري نہ ڪيائون،
جي پَندِ پاريائون، تہ سِگهائي سَگها ٿيا.

(٣)
ويڄن سين وائيءَ پيا، ڪِري ڪن نہ پاڻ،
اگها ان اهڃاڻ، پسو سور سجهائيا.

(٤)
آهي گهڻو اَگهن جو، ترسُ طبيبن،
ڪَيو وَسُ ويڄن، تان ڪِريءَ ري ڪينَ ٿئي.

(٥)
اگها ئي سگها ٿيا، جي وينا وٽ ويڄن،
ترسي طبيبن، چيني هوند چڱا ڪيا.

(٦)
پاڙي ويچ هُئام، تان مُون مُور نہ پُڇيا،
تيلاهين پيام، موريسَرَ اکين ۾.

(٧)
هاريا تو هري، ڪُپَڄُ ڪايا سين ڪيو،
ڪرئين جي ڪِري، تہ تون توانو ٿئين.

(٨)
جي پائين پرينءَ مڙان، تہ سکُ چوران ڪي ڏات،
جاڳُڻُ جَشنُ جنَ ڪي، سُک نہ ساري رات،
اُجهي ٻُجهي آئيا، وائي ڪن نہ وات،
سلي سوريءَ چاڙهيا، بيان ڪن نہ بات،
توڻي ڪُسن ڪات، تہ بہ ساڳي سَلن ڪين ڪِي.

(۹)

تڙي طبيبن، گھايل گھران ڪڍيو،
چڪيا چاڪ چِيهون ڪري، ڪڙيون مُور نہ ڪن.
دوست درسن تنهنجي وڏو ٿار ٿپن،
ورچيو ويچ وڃن، آءُ تہ پريم اُبهان.

(۱۰)

ويچ ويجائي ڇڏ، توکي سُڌ نہ سُورَ جي،
دُور ڪر ڊپُيون، نيئي ڪوري ڪوريهن ڪڏ،
سوئي صاحب سڏ، جو شادي ڏئي صحت جي.

(۱۱)

ويچن وينٺي ئي، دوست پيهي در آئيو،
صحت جي سرير ۾، ڪَلَ ڪَڙين پيئي،
پيِڙ پري ويئي، اچڻ ساڻ عجيب جي.

(۱۲)

وڍي جن وڏياس، وري ويچ ئي سي ٿيا،
ترت ٻڌائون پٽيون، روز ڪيائون راسِ،
هيھئڙا تنين پاسِ، گھار تہ گھايُل نہ ٿئين.

(۱۳)

هاريا ويچ مُياس، سُڌ نہ لهين سور جي،
پريان ڪي چونڊياس، تہ ترس طبيبن ڇڏيو.

(۱۴)

ويچ مَ ٻُڪي ڏي، اَلا ڇگّي مَ ٿيان،
سڄڻ مان اچي، ڪَرَ لاهُو ٿي ڪڏهين.

(۱۵)

وهڻ ويڄن وٽِ، جي سکين تہ سَگهو ٿئين،
اڳين عادت مَٽِ، تہ اَگها عاجز نہ ٿِئين.

(۱٦)

هُئين تہ ويڄن وٽ، تون ڪئن جيءَ جَڏو ٿِئين؟
سر ڏيئي مَ سَٽ، ڪُہُ نہ ڪَيئي ڊپڙا؟

(١٧)
ڪُنيس ڪُويڇن، تَنَ طبيب نہ گڏيا،
ڏيئي ڏنبي ڏَڏَنِ، پاٽان ڏيلُ ڏکوئيو.

(١٨)
ترسُ طبيبن جو، جَڏن ڪيو نہ جات،
جو ويڇن جي واتِ، دارونئان تنهن دور ٿيا مون.

(١٩)
دارون ۽ ڪارون، جان ڪي ڪيا ويڄ،
ٻُڪي ڏيندا ٻاجهہ جي، نهاري ناڙون،
جن جون سيڻ لهن سارون، تن تان ڏُکندو ڏور ٿئي.

(٢٠)
اَگهن مڙي اَڄ، ڪيو سڌ صحت ڪي،
ڏور ڏکندا ڀَڄُ، مهريءَ مُنهن ڏيکاريو.

وَائي

اڇي سار لهيج، ساڄن سور تُماري آئون ماري،
سُور تُماري جي مران، تان مون ڏوهہ مَ ڏيج،
ڊِين پيري هٿڙا، دارون دوست ڪريج.

## فصل ٽيون

(١)
هَي هَي! وَهي هاءِ، مَنَ ۾ محبوبن جي،
جيرا جوش جَلائيا، ٻُڪيَن ٻري باهہ،
پسو مچ مٺان جي ائين ويساهہ نہ وسهو.

(٢)
هَي هَي وَهي هوءِ، مَن ۾ محبوبن جي،
جيرا جوش جَلائيا، ٻُڪِين مُکي بوءِ،
اڇي پَسو روءِ، جي وِيساهہ نہ وسهو.

(٣)
ڪاندين، ٽاندين، ٻاٻُرين پَچان مَرُ پيئي،
جيرا، جگر، ٻُڪيون، سيخَن ۾ ٿيئي،
ويڄَنئون ويئي، ٿي وَهِيٽي سڄٽين.

(۴)

سَر جو سَجيو سڄڻين، پَر پيڏيءَ ڏيئي،
ڪانَ ڪَرنگرُ ڪپيو، پکن سِر پيئي،
جيرا، جگر، بڪيون، پاسارڙيون پيئي،
ويڄنئون ويئي، ٿي وهيٽي سڄڻين.

(۵)

سَر جو سَجيو سڄڻين، ٻنگان پري ٻاڻ،
ويو وجودان نڪري ڪڙ ڪڙ ڪري ڪانُ،
ٿيا جي نيشانَ، تہ پهرين سين پُورا ٿيا.

(٦)

سَر جو سَجيو سڄڻين، ٻنگا ٻاڻُ پَري،
ويو وجودان نڪري، ڪَڙ ڪَڙ ڪانُ ڪري،
پُڇيو پير پَري، تہ ڪي ٿَريو هٿ حبيب جو؟

(۷)

سَرُ جو سَجيو سڄڻين، پيهر ٻاڻ پري،
سو چمڪيو چوه مان، ڪڙ ڪڙ ڪان ڪري،
جيرا، جگر، بڪيون، لنگهي پيو پري،
جو لڳو جيءَ جَڙي، تاٽيان تيرُ نہ نڪري.

(۸)

سر جو سَجيو سڄڻين، سيگ منجهان سِيلو،
ٽِنگر ٽِڪيو ڪين ڪي، پار لنگهيو پِيلو،
هٽڻ سين حيلَو، جانب جيڏو ئي ڪَيو.

(۹)

ڏڳايو ڏئين، جيرو اندر چِندڙي،
لڳي سيخ وجود ۾، سندي نينهن نئين،
مشاهدي ٽَنهين، مون ڪي وڏو مچ ۾.

(۱۰)

مَچ منجهيئي آھ، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري،
چور تہ لڳئي چاھ، ڪَرُ ڪَمندن ڪِٿيو.

(۱۱)

منجهان مَچَ مَچ ٿيا، چڙهيو چڪاسين چاھ،
اِيءَ پر آڳڙين جي، ٻي چڏيائون ٻاھ،
سيڻن جي صلاح، سر ڏنائون سٽ ۾.

(١٢)
پُڇ پتنگن کي، سنديون ڪامڻ خبرون.
آٽيو وجهن آڳ ۾، جيءُ پنهنجو جي.
جيري جنين جي، لڳاَ نيزا نينهن جا.

(١٣)
پتنگ چائين پاڻ کي، تہ اچي آڳ اُجهاءِ،
پَچڻَ گهٽا پچائيا، تون پچڻ کي پچاءِ،
واقف ٿي وساءِ، آڳ نہ ڏجي عام کي.

(١٤)
پتنگ چائين پاڻ کي، تہ جيري پُوڄاٽي،
تان تان تاڻج تاءَ ڏي، جان آڳ نہ اُجهاٽي،
وِسَهُ وهاٽي، آڳ نہ ڏجي عام کي.

(١٥)
پتنگ چائين پاڻ کي، پسي مچ مَ موٽ،
سَهائي سپيرين جي، ڪِهڙُ تہ ٿئين گهوٽ،
اجان تون اَروٽ، ڪُوري خبر نہ لهين.

(١٦)
پتنگ چائين پاڻ کي، جيري پؤ جاٽي،
تان تان تاڻج تيڏهين، جان آڳ نہ اُجهاٽي،
هيءَ هڏ وِهاٽي، ڪَرِهُ ڪالهوٽي ڏِينهن کي.

(١٧)
پُري پتنگ آئيا، مڙي متي مچَ،
اوڏا ٿيا آڳ کي، سَڙيا اُتي سَچَ،
سندا ڳچين ڳچَ، ويچارن وجائيا.

(١٨)
پُري پتنگ آئيا، سِري وٽ ساهي،
اچي پيا آڳ ۾، ڪُڏي سپ ڪاهي،
لاڳاپا لاهي، ڪاٽا ڪُوري وچ ۾.

(١٩)
پُري پتنگَ آئيا، سِري سهائي جَلَ،
ڪندا ڪنڌَ اُڇَل، متو ڏيندا مَچَ کي.

(٢٠)

پُري پتنگ آئيا، سري سهائي هيڻ،
ٿِيندا ڏيناري ڏيڻ، مَتو ڏيندا مَچ کي.

(٢١)

پُري پتنگ آئيا، متي مَچَ مڙي،
ويندا تان نہ گهڙي، متو ڏيندا مَچ کي.

(٢٢)

پتنگن پہُ ڪيو، مڙيا متي مَچَ،
پَسي لَهس نہ لِڇيا، سَڙيا متي سَچَ،
سندا ڳِچين ڳچ، ويچارن وڃائيا.

(٢٣)

چڙهيو چڪاسن چاءِ، آڳ برندي آئيا،
وهسن واڙيءَ قل جئن، محبتي مچ لاءِ،
آٽي پاڻُ اَڙاءِ، ڪٽي ڪوري وچ ۾.

(٣٤)

جي تَنو تَنَ تنُورَ جڻَن، تہ چندي ساڻ چَماءِ،
آٽي آڳ ادب سين، ٻاري جان جَلاءِ،
بُرقعان اندر بازيون، پنهنجون سبِ پچاءِ،
لُڇڻُ لَئُن، لطيف چئي، پڌر هڏَ مَ پاءِ،
متان لوڪ لَکاءِ، وصالانَ وچ پئي.

(٢٥)

اڃان تَنُوراءَ، ڪالهہ ڪڍياسون سڃٽين،
پڻ تاپائون تڪڙو، وحدت جي وڏاءَ،
محبتين متانءَ، مُچ مورائين نہ لهي.

(٢٦)

پچائِي پهاڻ، جن رساٽيو رُڪَ کي،
تنين سندو چاڻُ، آهي آڳڙين کي.

(٢٧)

ڏنءُ ڏنءُ ڏَمڻ وار، اڄ پڻ آڳڙين جي،
ٻاري مَچ مَجاز جو، اوتيائون اڱارَ،
ڏوڏا! تيءُ مَ ڏارا جِمَ ڪَچو رُڪُ ڪٽيون ٿئي.

(٢٨)
ڏُوڏا تون نہ ڏئين، آڳ اوڏو نہ وڃين،
اُلا جي عشق جا، سي تان تون نہ سهين،
اُپو اِئين چئِين، تہ آءُ آڳڙيو آهيان.

(٢٩)
سرُ سانداڻ ڪري، پُڇج گهرُ لهار جو،
ڏڪن هيٺ ڏري، مانَ گڏينئي رُڪ سين.

(٣٠)
ڏَڪين ڏات پيو، هينئڙو لوہ سانداڻ جيئَن،
ورچي تان نہَ ويو، سنياري کي سڄڻين.

(٣١)
سَهي جيئَن سانداڻ، ڏڪن متي ڏَڪڙا،
وَهِ وڃايو پاڻ، ڏي ڏباڻون ڏڳرين.

(٣٢)
اِيءَ پَر اڱارن، ٻہ ڏاهين ٻرن جي،
هڪ ڪُوري ڪانئِيا، ٻيو ڏُوڏي منجهہ ڏَڳن،
پاڻان لهارن، ميڙي رکيا مچ تي.

(٣٣)
ٻاريو اُجهائين، ٻرين اُجهايو ٻارين،
مون کي ٿا مارِين، لونهان لهارن جا.

(٣٤)
اچ آڳڙيا آئيا، سُوڏا سِراٽي،
پياري پاٽي، تيغون ڪندا تکيون.

(٣٥)
اچ آڳڙيا آئيا، سائو کي سُڃاڻ،
لاهيندا موريانڻ، رُڪ ڪريندا پڌرو.

(٣٦)
ڪَٽ ڪڙهي، لوہ ٻري، ڏُوڏا جت ڏَڳن،
جُہ مترڪن مُنهن ڪڍيا، سانداٽيون سهڪَنِ،
اَڄ پڻ آڳڙين، ميڙو آهي مَچَ تي.

(۳۷)

چڪِي مئي مَٽن جي، آيا آڳڙيا،
ڪڙي قاتل ڪوڏيا، ورنه وناهيا،
هيءُ گهورن سين گهايا، پِيئڻ تا پري ٿيو.

(۳۸)

مَچ منجهين آه، پهر ٻاق نہ نڪري،
چور تہ لڳي چاه، ڪامندن خبر پوي.

(۳۹)

ڪاٺان تن ڪٽيو، اُجهائڻ اونداه،
جن اندر ٻري باه، سُڌ سيڪا اُن ڪي.

(۴۰)

سَرها ڏٺم سي، جن ساجاءَ سراٽين سين،
تيغ تنين جي ڪي، ڪٽ نہ لڳي ڪڏهين.

وائي

جيءُ جياريو، جيءُ جيارو ڪينَ مُنهجڙو هاريو،
پرين جيءَ پچار، سيڻن جيءَ سنڀار، جڏڙو جيءُ جياريو،
اُجيو تن عميق مان، پرين پُوچ پياريو،
مرض مريضن تان، اشاري ساڻُ اُتاريو،
ڪرمَ ڪريمن جي مونکي، اَهڪيءَ مان اُڪاريو،
سنئون مُنهن ڪري سپرين، ائين نرمل نور نهاريو،
سائلن جئن سڏ ڪري، اَئين طالحن ڪي تنواريو.

## فصل چوٿون

(۱)

ايڪ پيالو، ٻہ چٽا، عشق نہ ڪري ايئَن،
لکيا جي نہ لِکڻ ۾، سي قرب رسندا ڪيئَن؟
هُئڻ ڪيا هِيئن، وانجيا پَسُ وصال ڪان.

(۲)

ايڪ پيالو، ٻہ چٽا عشق نہ اِيئَن ڪري،
آٿي سي ايڪ ٿيا جي گتا نينهن ڳري،
دوئي ڏار ڏري، جُه خُلت خنجر آئيو.

(٣)

ايڪ پيالو، ٻہ ڇٽا، عشق نہ ڪري اڌ،
اي تان شاعرا! سڌ، ڪيئي جا قوال سين.

(٤)

ايڪ پيالو، ٻہ ڇٽا، عشق نہ ڪري ات،
مائِين ڪين مياڻ ۾، ٻہ ٿي تراريون تت،
ايءَ پَر آهي اُتِ، جتي ناتو ناهِ ڪَو.

(٥)

جيڏانهن قاتل ڪوڙ، اڪيون اوڏانهين ڪٽي،
وِهُ تنين جي ووڙ، جنين سانگ نہ ساهہ جو.

(٦)

جيڏانهن قاتل ڪن، اڪيون اوڏانهين ڪٽي،
مٿو ڪن نہ مُلهہ، پِڪَ برابر پانهنجو.

(٧)

قاتل ڪمائي ڪري، وِهُ ماڪي جي ڪن،
وٺان ويهي تن، پيچَ ڪِي پياليون.

(٨)

هوندو هَڏ مَ رک، لاءِ پياڪَن پانهنجو،
وٺي واڻاڙئن ڪي، پياري پرک،
سا لِکَ لهي ٿي لَکُ، جا تو ايندي اُنِ سين.

(٩)

هوندو هڏ مَ سنڌِ، لاءِ پياڪن پانهنجو،
پوڄ پيارج پَهيڙا، ويندا وٺيو ڪنڌ،
تہ هَٿَ تنهنجي هنڌ، موکي کو ماڻُ لهي.

(١٠)

گهٽَن ۽ گهٽَڪَنِ، وٺيون پِيَنِ وه گاڏيُون،
ٻَده ساقي برخين، پيارَ ڪَي پرين،
پِڪين نہ پرچن، مٿ تڪيائون منجهيان.

(١١)

آٽي اُتر واءَ، موڪيءَ مٽ اُپٽيا.
متارا تنهين ساءَ، اچن سِرَ سنباهيو.

(١٢)

آٽي اُتر هيٺ، موڪيءَ مٽَ لپٽيا،
گهوٽ گهرنئو نگيا، لاٽا ٻڌي بيٺ،
متارا تنهن ميٺ، اچن سِرَ سنباهيو.

(١٣)

موڪيءَ مَٽَ اپٽيا، اچا اڳڻ ڏار،
ايندا تو دربار، وهِ پيئندا وٽيون.

(١٤)

موڪِي مَٽَ اُپٽيا، سويرا صبوحِ،
اُونچي جي عبداللطيف چئي، باسَ نہ پُهتي بُوءِ،
ڪڙو جي ڪکُوهُ، تہ بہ وٽ سِرَ گهُرن وٽيون.

(١٥)

موڪي مَنڊُ پيار، اُونچو اُونچي مَٽَ مان،
ڏيندي ڏاتارن کي، وَٽيءَ وجهہ مَ وارَ،
سِرُ ڪٽي سَردار، اڳڻ تنهنجي آئيا.

(١٦)

موڪي متارن جا، نندا ڪيم نهار،
ساماٽا سري ڏٽي، اچا اڳڻ ڏار،
ناٽو ڪيمَ نهار، سِرُ پڻ ڏيندا ستّ ۾.

(١٧)

موڪيءَ سندي مَٽَ ۾، سُري سَپُ پيو،
قَضا ڪَمُ ڪيو، ڪونهي ڏوهہ ڪلال جو.

(١٨)

موڪي سندي مٽ ۾، ڪو جو زَهَر ذرو،
پيئندي پوشيدن کي، پيو ڪونہ پرو،
مٽو مُهاين جو، ڪيو ڳهَرَ ڳرو،
ٽيڙن ڪيپ ڪرو، ڪنهن جنهن ڳهر ڳگاٽيا.

(١٩)

ڪو جو ويڻ ڪلال جو، پٽي تي پيون،
سَري ڪِينَ ڪيونِ، ويڻ موڪِيءَ جي ماريا.

(٢٠)

جو پَرُ پيتو سو آن، ھوءَ سَندو سَپن سارُ،
جي واسينگ وتن ويريئين، سي نہ وھيٽا مان،
انھي لڄ مران، جيئن اَڻ ھوندو ائين گھرو.

(٢١)

ماءُ متارا آئيا، سري جا سردار،
ماھَ مڙني بسيھڙن جي، ھٽن پئي ھاڪار،
سٽي ايءَ تنوار، موڪيءَ مَٽَ اُپٽيا.

(٢٢)

مُنھن وجھيو مَٽَن ۾، موڪي اُپي روءِ،
متارا مري ويا، اڳڻ اچي نہ ڪوءِ،
متارنئون پوءِ، منا مَٽَ مٽي ٿيا.

(٢٣)

ٻي گھُٽ ٻارھين آئيا، اڳي ڇين ماھ اچن،
پيا لال لُڇن، ڪنھن ڪڙي ڪيفَ خماريا.

(٢٤)

وتن جي ويرين ۾، ڪارايل ڪارا،
وھ جي ويچارا، سٽي ڳالھ سڄي رھيا.

(٢٥)

سِپِيُون سَردارا، آٽيو رکن آڏيُون،
مَرو مَ متارا، اڏيءَ اوڏا مَ ٿيو.

(٢٦)

نڪي مَنڌُ مٽن ۾، نڪا جھوليءَ جَھانئن،
ڪڪُوھ ڪَڍان ڪن لاءِ، متارا گھر نانھن،
ويا ڪنھن ڏيھانءِ، ٻہ ٽي لڳن ڏينھڙا.

(٢٧)

نہ سي اگهڻ آڳڙيا، نہ سا سٽَ سَري،
ڪنورا قاتل جا، جن پيتا پَاڻ پري،
انئي پهر اُلٽيا، ڏرتيءَ سر ڏري،
ويئي اُجهامي اُن جي، ٻَنِي بسَ ڪري،
ساريو سُورَ چري، موڪي متارن جا.

(٢٨)

وجهج واتاڙئن تي، ميخاني جي ماڪَ،
ٽيندي سُڌ سيڪنهين، هنڌ هنڌ پوندي هاڪَ،
پِره جا پياڪَ، جُه سي اگهڻ آئيا.

(٢٩)

جُه سي اگهڻ آئيا، تہ سرو ڪندا سُجَ،
سائي ٽيندي اُڄ، هي پيتو هو آڻِ ڪي.

(٣٠)

موڪي چوڪي نہ ٿئي، اصل اوچي ذات،
وَٽيون ڏيئي وات، متارا تنهن ماريا.

(٣١)

متارا مري ويا، موڪي تون نہ مَرين،
ڪيهيءَ پرِ پرين، ڏُکيءَ ڏاتارن ري.

(٣٢)

متارا مري ويا، موڪي پيئي مَرُ،
سي اڄ نہ آيا ڪنجڙي، سچو ڪيائون سَرُ،
پياڪن پاسو ڪيو، گهوٽن ڇڏيو گهر،
تُنهنجو ڏوس ڏمر، ڪونہ سهندو اُن ري.

(٣٣)

سري ڪِين ڪيون، ويڻ موڪيءَ جي ماريا،
ڪو ڪو ويڻ ڪَلال جو، پتي تي پيونِ،
تهان پوءِ ٽيون، مَرَڻ متارن سين.

(٣٤)

اڃا ڪوري ماڳ، مٽ، ڪُنڪا، ڪَٽَ گهڻا،
لاهي ويهہ مَ لاڳِ، موڪي متارن سين.

(٣٥)
ڪنڌ ڪٺارو، مُنهن وٺي، عادت سندين ايءَ،
تنين تڪُون ڏنيون، جُنبي منجهان جيءَ،
سرو تن سيئَي جن حاصل ڪيو حال ڪي.

(٣٦)
وٺ سرَ گهُرن وٺيُون، در سر ڪين ڏڄن،
بدان، َ شين، بُش، اِي َ پيالوَ پرين،
اونچي جي عبداللطيف چئي، وٺِي وَڌِ گهرن،
پڪين نہ پرچن، مَٿَ تڪيائون منجهيان.

(٣٧)
موڪيءَ مَنو گهريا وه نہ وهاٽيا،
سُرڪيءَ ڪاڻ، سَيد چئيَ، اُتي ٿي َ آٽيا،
جي ڳالهن ڳنگاٽيا، تن بَنِن پاسي بُنيون.

(٣٨)
سر ڏيئي سَٽ جوڙ، ڪنهن پر ڪلالن سين،
ڪاتي ڪرتَ ڪپار ۾، خنجر آٽي ڪوڙ،
مرٽان مُنهن مَ موڙ، وَٽي ٿي وڏ لهي.

(٣٩)
وَٽ وت وٽيءَ ۾، مَٿ مَٿ مَنڌ پيو،
قدر ڪيف ڪمال جو، پياڪن پيو،
اڇن دُرس دڪان تي، ڪنڌ قبول ڪيو،
سرها سر ڏيو، چڪن سُرڪ سيد چئي.

(٤٠)
آٽي ٿي اَگّارَ ڪامي ڪردارن سين،
پَسين سي نہ پَتار، پُر پيتوءِ جن سين.

(٤١)
ڪلالنئون ڪاءِ، متِ نہ سڪين مُون هينيان،
روئندي رات وهاءِ، چِڪائيندي بنيون.

### وائي-١

لايا عشق پليتا، نينا يا روي،
اکيان دلبر دي،
اُٺڻ ٻهڻ آرام نہ آوي،
من هيان دل کس ليتا،
آکي احمد لال نماڻيان دي،
کيا گس لي کيتا.

### وائي-٢

پلو ميان محبتي مٺا ماڻهو، الا،
پرين پرچن، جيءُ جياريو جن،
ريءَ سُرمي سهڻا پرين، ڪجل ڪوه وجهن،
ميرائي مارين مَون تان جي پکڙجن.

### وائي-٣

دوس پيهي در آيو، ٿيو ملڻ جو ساعيو،
ڏينهن پڄاڻون آئي اسانکي، مولٰي محب ملايو،
ويو وڇوڙو ٿيو ميلاپو، واحد واءُ ورايو،
هو جنهين جو ڏس ڏوراڏو، اوڏو سو اَڄ آيو،
عبداللطيف چئي، اڇي عجيبن، پاڻ فَضل فرمايو!

## فصل پنجون

(١)

قُرب ڪبرياءُ، ماءُ ملاقي نہ ٿئي،
پورو اِي پرياءُ، صوفيءَ جي صلح ۾.

(٢)

صوفي سالم سي ويا، جي اڪثر سين اَڏيار،
بازي بازندن ڪي، آهي اَويسار،
پِريان سين پهڪار، رنديءَ رساٽي ڪيا.

(٣)

صوفيءَ سير سيڻ ۾، جيئن رڱڻ ۾ ساهه،
سا نه ڪري ڳالهڙي، جيئن پوريون پروڙي پساهه،
آهِس اِيءُ گناهه، جي ڪا ڪري پڌري.

(٤)

ڏِني ڏ ُکويا، اَڻ ڏني راضي ٿيا،
صوفي تي ٿيا، جڻ ڪين ڪنياڻُون پاڻ سين.

(٥)

صوفي لاڪوفي، ڪونه ڀانئيس ڪير،
منجهيان ئي مَنجِه وڙهي، پڌر ناهس پير،
جنين ساڻس وير، ٿئي تنين جو واهرو.

(٦)

صوفيءَ صاف ڪيو، ڌوئي ورق وجود جو،
تِهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.

(٧)

صوفي چائين، سَڌ ڪرين! صوفي اِيءَ نه صلاح،
ڪاٽي رک ڪلاه، اُجلي وجهه آڳ ۾.

(٨)

جي ڪلاه رکين ڪنڌ تي، ته صوفي سالم ٿيءُ،
وهَ وٺي هٿ ڪري، پُر پيالو پيءُ،
هَنڌ تنين جو هيءُ، جن حاصل ڪيو حال ڪي.

(٩)

جُسي ۾ جَبار جو، خَفي خيمو ڪوڙ،
جَلي تون زبان سين، چارئي پهر چور،
فڪر سين فُرقان ۾، اسم اعظم ڏور،
پيا در وجي مَر ووڙ، اِيءُ اَمُلُ اِئائين سَپجي.

(١٠)

عالم آئونءَ ساڻ، پَريو ٿو پيرِ ڪري،
پاڻُ نه آهي جاڻ، مانڊيءَ مَنڊُ پڪيڙيو.

(١١)

طالبُ ڪَثَرَ، سونهن سَرُ، اِيءَ روميءَ جي رُوءِ،
جنين ڏٺي جُوءِ، تنين ڪڇيو ڪين ڪي.

(١٢)

طالبُ ڪَثَرَ سونهن سَرُ، اِيءَ روميءَ جي راه،
ماڙهُو اِتِ ڪِياءِ، مُنڍُ نہ پسين مَنڍيو.

(١٣)

طالبُ ڪَثَرَ، سونهن سَرُ، روميءَ چيو آهي،
تاڙِي جي لاهي، تہ منجهين مشاهدو ٿئي.

(١٤)

طالب ڪَثَرَ، سونهن سَرُ، اِيءَ روميءَ جي رِهاڻ،
پهرين وڃائڻ پاڻ، پوءِ پسڻ پِرينءَ کي.

(١٥)

طالبُ ڪَثَرَ، سونهن سَرُ، اِيءَ روميءَ جي راحت،
جنين ڏٺي سَٽ، تنين ڪُڇيو ڪين ڪي.

(١٦)

طالبُ ڪَثَرَ، سونهن سَرُ، اِيءَ روميءَ جي اوطاق،
جي پيچي درُ فراق، تہ منجهين مشاهدو ٿئي.

(١٧)

ظاهر ۾ زاني، فڪر منجھ فنا ٿيا،
تنين کي تعليم جي، ڪُڙهہ اَندر ڪاني،
حرف حقاني، دَورُ ڪيائون دل ۾.

(١٨)

جن ڪي دَور درد جو، سبق سُور پڙهن،
فڪر فِرهي هٿ ۾، ماٺ مطالع ڪن،
پَنو سو پڙهن، جنهن ۾ پسڻ پرينءَ کي.

(١٩)

وسريوم سبق، پهرين سٽ نہ سنپران،
اجان هيءُ ورق، هَي! مُطالع نہ ٿئي.

(۲۰)

ڪيو مطالع مون، ھو جو ورق وصال جو،
تنھن ۾ تُون ئِي تون، ٻي لات نہ لحظي جيتري.

(۲۱)

سا سٽِ نہ سارين، اَلف جنھن جي اڳ ۾،
ناحق نھارينِ، پنا ٻيا پرينءَ لئہ.

(۲۲)

سا سٽ سارياٺون، الف جنھن جي اڳ ۾،
"لامقصُودُ فِي الدارَينِ اِلا ھُو"، ان پر اُتائون،
سَڳر سوٽائون، ٽيا رسيلا رحمان سين.

(۲۳)

ٽيا رَسيلا رحمان سين، سڳر سونٽو جن،
منجھان تن جُسن، حرف نہ سُجي ھيڪڙو.

(۲۴)

ٽيا رَسيلا رحمان سين، سَڳر سونھينِ جي،
آئيون تنين ڪي، واڌايون وصال جون.

(۲۵)

اکر پڙھي اَياڳيا، قاضي ٽئين ڪيانءِ،
پيرئين ۽ پانئين، ايڏان اِئن نہ آءُ،
ورق ورايئين وِترا، ملان مُنيَئي ماءُ،
اِن سُرڪيءَ سندو ساءُ، پڇج عزازيل کي.

(۲٦)

عاشق عَزازيل، ٻيا مڙيئي سَڌڙيا،
منجھان سِڪَ سَبيل، لعنتي لال ٿيو.

(۲۷)

جو مون پڙھيو پاڻَ لئہ، سبق سابق جو،
پھرين سڃاتم پانھنجي نفس جو نِھو،
جِت عرفانُ اَصل ۾، ٿي روحن روز ڪيو،
وري ورق پيو، گڏيم وَڏُ وصال جو.

(۲۸)

جي مون پڙھيا پاڻ لئہ، سيئي سيل ٿيام،
واڳو ٿي وريام، اکر اُھي اڳيان.

(٢٩)
اَڪَر ڄُڃي هيڪڙي، ٻُهُون جي نہ ٻُجهن،
ڪوهہ ڪبو ڪي تن، سڄي سُٽائي ڳالهڙي.

(٣٠)
پڙهيو تا پڙهن، ڪَڙهن ڪين قلوب ۾،
پاٽان ڏوهہ چڙهن، جئن ورق ورائين وترا.

(٣١)
پڙهيا پڙهيجا، سبق انهيءَ سور جو،
ميم رکجان من ۾، الف تنهن اڳيان،
ڇِتان چوريجا، اها لات لطيف چئي.

(٣٢)
اَڪر پڙهہ اَلف جو، ورق سڀ وسار،
اَندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.

(٣٣)
هارائج هينئين ۾، الف سندي اوڙ،
تہ ڪتابن جي ڪَوڙ، منجهانئين معلوم ٿئي.

(٣٤)
ڪوڙ ڪتابن ۾، حرف مڙوئي هيڪُ،
جي تون نظر نيڪ، تہ بسمِ الله ئِي بس ٿئي.

(٣٥)
اڪر جو الف جو سو مَرندي سيئن مَ مَڄ،
سو ڪي هينئين سَڄَ، جو الف ڪي اوڏو ٿئي.

(٣٦)
جو الف ڪان اوري ٿيو، الف اهوئي آهہ،
لوڪان تُون لِڪاءِ، تہ داخل ٿئين نہ دال سين.

(٣٧)
لوڪان نحو صرف، مون مطالع سپرين،
سوئي سو حرف، پڙهيو پڙهان من ۾.

(٣٨)
جئن جئن ورق وَارِئين، تئن تئن ڏنو ڏوهہ،
تنهن ڪِهڙيءَ ڪبو ڪوهہ، جي رهڙيءَ رهيو نہ سپرين.

(۳۹)

ڪاتِبَ لکين جيئن، لايو لام الف سين،
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.

(۴۰)

ڪوهہ ٿو ڪاڳر ڪورئين، ويٺو وجائين مس،
ڏورِ تيائين ڏِسَ، اکر جيائين جُڙيا.

(۴۱)

ڪاتب جو لکن، سو متان ويڻ ورايئين،
جهڙيءَ تهڙيءَ ڳالهہ کي، جمع جوڙيو ڪن،
حرف جي حساب جا، چيٺيو چتِ رکن،
سڀي ڪبي سرَ کي، لکيو ڪاتبن،
ڪِراماً ڪاتِبين يَعلَمُونَ ما تَفعلُونَ نالو نورانين،
تون پاڙوسي تن، جنين ويڻ نہ وسري.

(۴۲)

تهڙا چاليها نہ چاليہ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو،
کهڙي ڪاتب ڪرئين مٿي پنن پيہ،
جي ورق وارِين وِيہ، تہ اکر اُهوئي هيڪَڙو.

(۴۳)

اورِيائين اوڃون ڪري، مُنجهايا مُلَن،
سي پرينيون پاسي ٿيا، ڳهہ ڳهہ ڳالهيون ڪن،
ساهان اوڏو سپرين، لوچيو تان نہ لهن،
دَمُ نہ سڃاڻن، دانُهون ڪن مُٺن جيئن.

(۴۴)

مُلئين مُنِي ماءُ، جنهن پتو ڦِٽو پيٽ ۾،
سُڃاڻي الله، ٿُبي ڏنائين ڏَوڙ ۾.

(۴۵)

شهر ڏسي سَرهو ٿئين، ڏٺيئي نہ بازار،
جو وَکر وڪارن ۾، ڍڪيو کهڙي ڍار،
تَنَ تنين سين گهار، تہ لهئي لُڪ لطيف چئي.

(۴۶)

هڪ جو اَکرو نگڙو، گُر تُسي جي ڏي،
تان انڌاري گهر ڏيوڙا، ڦِر ڦِر جوت ڪري.

(۴٧)
احد احمد پاڻ ۾، وچان ميم فرق،
آهي مُستغرق، عالم انهيءَ ڳالهہ ۾.
(۴٨)
تَنُ ڪُڏي مَنُ حُجرو، ڪَيمَ چاليها رڪ،
ڪوه نہ پوڇيو پوڇئين، اَٿ ئي پهر اَلڪ،
تان تون پاڻُ پرڪ، سيڪنهن ڏانهن سامهون،

(۴٩)
سيڪنهن ڏانهن سامهون، ڪو هنڌ خالي ناه،
اَحداً جي آرڪ ٿيا، سي ڪانئر ڪبا ڪانه،
محب منجهين مَنَ مانه، مون اڇاٽنديءَ اُجِهيو.

(۵٠)
ڪَنز قُدوري ڪافيا، جي پڙهي پروڙين سپ،
تہ مَندِي ماڪوڙي ڪوه ۾، پيئي ڪچي اُپ.
(۵١)
ڪَنز قُدوري ڪافيا، ڪي ڪونہ پڙهيوم،
او پاڙو ئي پيو، جيان پرين لڌوم.
(۵٢)
ڪَنز قدوري ڇڏ، سٽون پڙهہ ساڃاءَ جون،
ونءُ تنين جي سڏ، جنين سانگو ناهہ ساهہ جو.
(۵٣)
ڪوڙين ڪتاب جي پڙهين، جُزون جانڪي تان،
پهتي ري پريان، سوڏي ساڃاءِ نہ ٿئي.

## وائي-١

وڻڙيو هوتَ وڃن، وو جهليان پليان هينئڙو نہ رهي،
آءُ جنين جي آهيان، ڪَڙي مَ ٿيان تن،
گهٽين پٽين گهوريان، سنڌڙي ٻاجهہ پين،
مر مران مارين مون، پرزا پرزا ڪن،
آءُ مُيائي گهوري، جي مان محب ملن.

## وائي-٢

وسارج مَ ويڻَ، جوين ٻہ تي ڏينهڙا،
لُوٽيُون سَهن لوڪ جا، وهاڻيءَ ٽيون ويڻَ،
اصل آسارِيُن جا، سُتي ويڙا سيڻ،
جيڏيون جي مان وِسَهو، ننڊ مَ هيريو نيڻ،
راتڙيون جاڳن جي، سي آءٌ ڪندڙي سيڻ،
آڏيءَ رات اُٿي ڪري، جهل تون نِندان نيڻَ.

## فصل ڇهون

(١)

دائودي دَيوُن ڪري، رَنڳَن ڪونهي رنگ،
گهوڙيءَ هيٺ آينگُ، ڪاهيو پاڪرئين هٽي.

(٢)

دائودي دَيوُن ڪري، رَنڳَن ڪونهي ڇيت،
گهوڙيءَ هيٺ سُڇيت، ڪاهيو پاڪرئين هٽي.

(٣)

او قابيل اکين ۾، توکي باري بان،
اُيو اڳرايون ڪرين، ماڳ هٽيو مستان،
جانبَ تون زيان، اکين سين ايذا ڪرين.

(٤)

او قابيل اکين ۾، توکي تکا تيرَ،
ساجن انهيءَ سِيگ سين، ڦٽيئہ گهٽا فقيِر،
پيو مَ مارج مِير، تنهنجو پهريون ئي پورو ٿيو.

(٥)

او قابيلَ اکين ۾، تيرَ تِکا توکي،
ساجن انهيءَ سُور جي، ڪَل نہ آه ڪنهن کي،
مارين ٿو مون کي، چاڙهي لوه لطيف چئي.

(٦)

او قابيل اکين سين، تير چلايو تو،
پيو مَرُ ماري سو، جنهن جو پهريون پورو نہ ٿئي.

(٧)

جي هو پائين ڪان ڪمان ۾، تہ سينو سپر رَک،
منهن ۾ مَعشوقن جا، چاڪَ چُٽڪا چڪ،
سوريءَ پانءِ مَ شڪ، عاشق ٿي تہ اُبهين.

(٨)

جي هو پائِين ڪانُ ڪمان ۾، تہ سينو سپَرَ ڏيج،
منهن ۾ مَعشوقن جا، جهالو ٿيَ جهليج،
پاهان پَڳ مَ ڏيج، عاشق ٿي تہ اُبَهِين.

(٩)

جي هو پائِين ڪان ڪمان ۾، تہ نئي ڏج سينو،
ڪجي نہ ڪينو، وڃي در دوستن جي.

(١٠)

پائي ڪان ڪَمان ۾، ميان مار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

(١١)

ڪيو چِڏين ڪان، هڏ نہ هٽائين ٿا،
ٿئا جي نيشان، تہ پهرئين سان پورا هئا.

(١٢)

لوري جت لڳوم، اُت اُپو ئي آهيان،
سورهيہ پرين سَندومِ، مانَ پاجهائي پيو هٽي.

(١٣)

محبت جي ميدانَ ۾، عاشق ٿيءُ آچارَ،
سَمُهان سَلَ سيد چئي، ڪنڌءِ تير تمام،
ڪج ڪوم ڪلام، جِمَ دوسنئون دور ٿئين.

(١٤)

محبت جي ميدان ۾، اچي پير پيان،
سِر وڍڻ ڏڙ ڏارَ ڏرڻ، اِي سينگار سَندانَ،
ڏيندا مون ڏِنان، متان محبوبن لئہ.

(١٥)

محبت جي ميدان ۾، ڪر پڙاڏو پَٽُ،
سِر سُوريءَ ڏڙ ڪُنگرين، متان ڪُچين ڪٽ،
عِشق نانگ نِپٽُ، خبر ڪاڏن ڪي پئي.

(١٦)
محبت جي ميدان ۾، سر جو سانگ مَ ڪر،
لاهي سر لطيف چئي، اڳيان دوستن ڌر،
عشق نانگ اَپر، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

(١٧)
محبت جي ميدان ۾، سر جو ڪر مَ سانگ،
سوريءَ سپيرين جي، چڙهہ تہ ٿئين چانگ،
عشق آهي نانگ، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

(١٨)
محبت جي ميدان ۾، ڪُڏي پؤ ڪاهي،
چڙهہ اَسانگا ارواح جا، لاهوتي لاهي،
عشق نانگ آهي، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

(١٩)
عشق نہ آهي راند، تي ڪي ڪَنسِ ٻيرو،
جيءَ جُسي ۽ جان جي، پيچي جو هيڪاند،
سِسِي نيزي پاند، اُچل تہ اڏ ٿئي.

وائي
عشق تمام، بره تمام، وو مئن لُوني يارَ لوڪو،
سيجَ سُتي نُون جَهپ نہ آوي، نيڻين ننڊ حرامُ،
راتيان جاڳڻ، صاحب سنڀالڻ، اي فقيران دا ڪام،
مَت عقل دي مُنجهہ گئي، آيا عشق اِمام.
ناز پريان دي چڳي لڪتي، موهي ساڏي مام!

## فصل ستون

(١)
عاشقن الله جي، محبت رکي مَن،
سندي سِڪ پرينِ، تَن ۾ آهي تِن جيَ.

(٢)
عاشقن الله جي، سدا وائي وات،
فَاذڪُرُونِي اَذڪُرڪُم، تنَ ۾ اها تاتِ،
انهيءَ ڪان ڪنهن ساعت، سڄڻ ويل نہ وسري.

(٣)
عاشقن الله وير تار نہ وسري،
آهَ ڪَريندي ساهہ، ڪڏهن ويندن نڪري.

(٤)
عاشقن آرام، ڪڏهن تان ڪونہ ڪيو،
طعني ڪيا تمام، حبيباڻي هيڪڙي.

(٥)
عاشقَ اِئن نہ هُونِ، جئَن تون سڃي انگرين،
وڃي در دوستنَ جي، رتُ ڏهاڻي رون،
ٻيءَ پر ڪنهين نہ پون، ماڪَرِ محبوبن سين.

(٦)
جان عاشق مٺي رت، تان دعويٰ ڪري مَ نينهن جي،
سائو مُنهن، سُونهن گئي، سِڪَڻ اَيءُ شرط،
نڪي گوڏِ گرٿُ، متا سِرَ سؤدا ڪري.

(٧)
اَجا تو منجهان، ڪَڪ ڇُتي رت نڪري،
منهن ۾ معشوقن جا، ڪئَن جهلندين گهاءَ؟
سو تون ڪچاڙياءَ سڪڻَ جون سڏون ڪرين.

(٨)
سک نہ آهي سُٿري، ڪڻ پروڙي پير،
ڪُسڻ ڏاران ڪير، ڪري سَڏَ سِڪڻ جي.

(٩)
سڪڻ اِئين نہ سَڌ جئَن لِڪيو لياڪا پائئين،
پَئي پريان جي نہ ٿئين، متي اگڻ اَڏَ؟
ايءَ پڻ ڪوڙِي سڌ، جئَن ڪِليو ڪايو سمهين.

(١٠)

سڪڻ ۽ سوري، ٻئي آڪر هيڪڙي،
وهڻ واٽڙين تي، ڪارڻ ضروري،
ٻنهي جي پُوري، جيءَ ڏني ريءَ نہ جڙي.

(١١)

جيڪي سڪڻ سڪ، ناتَ پَس سِڪندئين،
پاسي تنين مَ لِڪ، نِينهن نہ سجاڻن جي.

(١٢)

جان جان سي نہ لِتاءِ، جي لياڪا لوڪ جا،
تان تان ٿئي نہ ماءِ، پورو پسڻ پرينءَ سين.

(١٣)

عاشق معشوقن جي، وٺي ويهہ ڳري،
جم ورچي ڇڏئين، سندي دوست دَري،
ڏينداً ٻُڪي ٻاجهہ جي، ويندءِ ٿَپَ ٿري،
اسان تان نہ سَري، تو ڪئن سَرِي سپرين.

(١٤)

عاشق معشوقن جو، وٺي ويهج سير،
اچي پڇندءِ پاڻهين، پرين پري پير،
پلائيءَ سندو پير، رهبر ٿيندءِ راهہ ۾.

(١٥)

عاشق معشوقن جو، وٺي ويهج در،
اچي پڇندءِ سپرين، لهندءِ سار سُپر،
پلائيءَ جو پَر، رهبر ٿيندءِ راهہ ۾.

(١٦)

عاشق معشوقن جو، وٺي ويهہ دُڪاڻ،
پَئج پيش پرِين جي، پٽيءَ وجهي پاڻ،
تہ تون تنين ساڻ، سدا رهين سرخرو.

(١٧)

عاشقُ معشوقن جو، وٺي ويهج گهٽ،
جِمَ وِرچي ڇڏئين موڪيءَ سندو مَٽ،
ڪري سر جي سَٽ، پيج ڪي پيالين.

(١٨)

عاشق معشوقن جو، وني ويهج رَندُ،
پيارينڌءِ پاڻهين، ميخاني جو مَنڌ،
ڪئن ڪيڏندين ڪنڌ، اوڏو تِي اُن ڪي.

وائي

سپيريان جي سونهن جي، ڳالهہ ڪين وڃي،
وڃي در دوستن جي، سوريءَ سِرُ هَڃي،
عاشق انگن چڙهيا، ٻيو سيڪو پَڃي،
پڇج پوءِ پريتڻون، پهرين سر سڃي،
عاقل ئي اوچُون ٿيا، پورو ڪِين پڄي.

## فصل اٺون

(١)

هَر هَر هَرائي، وڃڻ در دوستن جي،
پاڙي ڏانهن پرين جي، اُڃ مَ اوائي،
اَلڙ تي آڇ مَ تون، واڻاڙن وائي،
لائِيندءِ لطيف چئي، سُوران سرهائي،
ڳجهو ڳالهائي، پرت وَڻجي پاڻ ۾.

(٢)

جان جان ناه ضرور، تان تان طبيب ناه ڪو،
جُه سو سريو سُور، تہ ڪَرَ ويج وَرِ پيو.

(٣)

سُور جن کي سَريو، سَري تن صحت،
مِني مصيبت، آهي عاشقن کي.

(٤)

سَيئي سور طبيب، جنين سُور سَڄ ڪي،
جو لکيو هُت، لطيف چئي، سوئي ڪن قريبَ،
جي نَوازيا نصيب، داروءَ سي درست ڪيا.

(٥)

جنهن سَرَ سندو نور، جيڏانهن سو سُونهون ٿئي،
تيلانهن لين سپرين، ڳالهہ لهجي مور.

(٦)

جي پياري پاڻ، تہ ڪَرَ هو ٿي پاڻي پيئين،
آڳي اِنَ نِياڻ، آڻ ڪونيو ڪونہ گهڙيَ.

(٧)

آڻَ ڪي عَيان نہ ٿئي، ڪي پروڙي ڪَونہ،
سچي جيهي سونَ، منهن نہ پيئي ماڙهوئين.

(٨)

آڻَ ڪي عيان نہ ٿئي، ڪي پروڙي ڪونَ،
سا سونهين ٿئي سون، امر عطا جنهنجو.

(٩)

جيڪي ڏنائون، سو مان ڳُڻ ڳنڊِ ٿيو،
مون ڪي پڇيائون، نوڪي انهيءَ نوڪ سان.

(١٠)

جيڪي ڏنائون سو سر ڏيئي سَه چندڙا،
مَ چَو چِنائون، ايءُ پڻ ڳنڍيو سجڻين.

(١١)

جيڪي ڏَنائون سو سيوئي صحت،
مَ چؤ آزار اُن کي، مَ ڪي مصيبت،
کُهڻ قريبت، جُه ڪونڻ پر پرينءَ جي.

(١٢)

چِنن توءِ مَ چِن، پاءِ اميري اُن سِين،
جي هو اوڳڻ ڪنئي، اسونهين تہ تون ڳڻان ئي ڳن،
پاندُ جهليو تونُ پِنُ، هن سونهاري سگ ۾.

(١٣)

نمي کَمي نهار تُون، ڏَمر پاسو ڏُکُ،
مَنجهان صَبرُ سُک، جي سَنوارئا سمجهين.

(١٤)

نمي کمي نهار تون، ڏَمر ڏولائو،
ٿيئي ساجائو، جي اُپئين انهيءَ پير تي.

(١٥)

ڏمر پاسو ڏک سين، ڪاند ڪٿوري ھوءِ،
”والله مَعَ الصابرين“ آگون اِيھين چوءِ.

(١٦)

ڪَمُ ڪمندن ڪتيو، ھارايو ھوڙنِ،
چکيو نہ چوندن، ھو جو ساءُ صبر جو.

(١٧)

ڪمندڙن گھر ڪين، چوندڙ چڱا نہ ٿيا،
ويٽنئون ويڙُ پئي، ھٿ نہ اچي ڪي.

(١٨)

ھُو چونئي تون مَ چئُ، واتان ورائي،
اڳ اڱرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪين ڪي.

(١٩)

ھُو چونئي تون مَ چئُ، واتان ورائي ويڻ،
سيني سين، سيد چئي، من ماري ڪر ميڻ،
ڪاند وڏيائي ڪيڻ، ڪيني منجھان ڪين ٿئي.

(٢٠)

ڪِنين ڪِينَ پرائيو، ڪيني منجھان ڪين،
جي ھوءِ سٽاٽي سيگ، تہ زِہ ڄِني جوکو ٿئي.

(٢١)

سٽي ويڻَ ڪَنَنِ سين، وَرائج مَ وري،
ھاديءَ جي ھدايت جي، آھي اِيءَ ڳري،
جنھين ساہ سَري، تن ماريو نفس ماٺ سين.

(٢٢)

چوندنِ ڪيمَ چئيج، ويڻ ورائي سامھون،
ڪا متِ قيمت جھڙي، روز ڏمر ڪي ڏيج،
ويڻ مَ ورائيج، تہ سڀ درِ سُھاڳي ٿئين.

(٢٣)

اڻ چوندن ڪيم چَئُ، چوندَن چيو وسار،
انئي پَھر ادب سين، پَرِ اِھائي پار،
پايو مُنھن مونن ۾، غربت ساڻ گذار،
مُفتي منجھ وھار، تہ قاضيءَ ڪاڻيارو نہ ٿئين.

(٢٤)
ڪِيئن مائيندا من ۾، خودي ۽ خُداءِ،
ٻنِ ترارين جاءِ، ڪا آهي هڪ مياڻ ۾!

(٢٥)
تُند متاءِ ڪتاءِ، ٻوڏ چونئي جي چؤ،
جي ڀانئين پرينءَ مڙان، تہ ڏوهنئون ڳڻ ڀانءِ.

(٢٦)
جنين سنديءَ جيءَ ۾، ڀِتون ڀِتين ٻوڏ،
کهڙا ڪرين ڪوڏ، هينئڙا پسي تن ڪي.

(٢٧)
جنين سنديءَ ٻوڏ ۾، ڀتون ڀتين جيءَ،
تون تنين سين پيءُ، اوڏا اوڏي پڪڙا.

(٢٥)
وينئي جنين وٽ، ڏُکندو ڏاڍو ٿئي،
سا مجلس ئي مَتِ، جي حاصل هوءِ هزار جو.

(٢٦)
وينئي جنين وٽ، ڏُکندو ڏور ٿئي،
تون تنين سين ڪٽِ، اوڏا اَڏي پڪڙا.

## وائي-١

دل رانجهي دي نال لوڪو،
مَن رانجهي دي نال لوڪو
مين رانجهن دي، رانجهن ميڏا،
ٻيو سڀ ڪُوڙو ٿوڪو،
محبت جي ميدان ۾، سُر وڍي ڪوڪو.

## وائي-٢

بي حجابانہ در آ از در ڪاشانہ ما،
ڪہ ڪسي نيست بجز درد تو در خانہ ما،
فتنہ انگيز مشو ڪاڪل مشڪين مڪشاء،
تاب زنجير ندارد دل ديوانہ ما.
شڪر الله ڪہ نہ مرديم رسيديم بدوست،
آفرين باد برين همت مردانہ ما.

گر نکير آيد و منکر که خداوند تو کيست،
گويم آن کس که ربوده دل ديوانهء ما،
مخفي از شمع تجلي جلالش ميسوخت،
دوست ميگفت زهي مستي پروانهء ما.

## وائي-٣

يار سڄڻ جي فراق، ڙڃي جيڏيون، آئون ماري!
در دوسَن جي ڪيئن جو هوندا، مون جيها مشتاق،
جاڻي ڪاڻي محبوبن جي، آهه حسن جي هاڪ،
سُرمو سهي ڪر اکين جو، خاص پرين جي خاڪ،
عبداللطيف چئي، پرين اسانجو، هميشه حسناڪ!

# سر کنيات

## فصل پهريون

(١)

ڀَلائي آهين، پرين ڀَلائيءَ پانهنجي،
سڀاجها سِر چڙهيو، ڏوراپو نہ ڏينِ،
مان ڏي مديون ٿين، سڄڻ سَڄاڻِ ۾.

(٢)

پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي، ڀلائيءَ جا پيرَ،
اگڻ اُڪندين جي، ڏي پاٻوهي پيرَ،
قمرُ پاڙي ڪيرَ، شمس سپيرين سين.

(٣)

تون چنڊ اُهوئي، جو هُت پَسين ٿو پرينءَ کي،
آڏت چئج اُن کي، ڏيانءِ جو روئي،
هيڪانديءَ هوئي، سانگ‌ُ مَ پوي سڄڻين.

(٤)

هيڪانديءَ هوئي، پرين پاٽان هليا،
ڪبو کُهہ روئي، صُبح پوندو سانگ سڀ ڪنهين.

(٥)

مرهيڪاندا هون پرين، سانگ مَ وجن سينڻَ،
رهيا آهن رَوح ۾، نت جَنين جا نيڻ،
وماسيا جن ويڻ، ٿو تارِيءَ تڳي تن هينِيون.

(٦)

راتَ سهائي، پُون سنئين، پٽين وڏو پنڌ،
هلندي حبيبن ڏي، ڪرها موڙ مَ ڪنڌ،
ٻَنڌڻ سوئي ٻنڌ، جو پهچائي پرينِ کي.

(٧)
رات سهائي، پُون سنئين، پائي گهرجي پَلُ،
اَهُرَ ۾ ايلاچيون، چندن چَري چلُ،
مون توئي سين ڳالهڙي، ٻئي ڪنهين مَ سَلُ،
هاهُرَ ڪندو هَلُ، تہ ڪِجايون ڪَرن ڪي.

(٨)
رات سهائي، پُون سنئين، پرتِ نئين، پندُ پُور،
مَيا محبوبن جي، هلي وانءُ حضور،
جي چٽڪِن چِتَ ۾، سي ڪئَن سڄَڻ ڏور،
الله لڳ اَسُور، اُڏائين تي آءُ تون.

(٩)
رات سهائي، پُون سنئين، پرت نئين، پنڌ پَس،
مَيا محبوبن ڏي، وڃڻ ڪجي وس،
راتين ۾ رَسُ، تہ خبر ڪَرن ڪي نہ پوي.

(١٠)
اڄ پڻ اَچائي، چوڏهينءَ ماه چنڊ جي،
مون گهر مون پرين جي، اچڻ جي وائي،
مون گهر واڌائي، پيئي ڪامَ ڪرن ۾.

(١١)
اڄ پڻ امازو، چوڏهينءَ ماه چنڊ جو،
مون گهر مون پرين جي، اچڻ جو وارو،
سڄڻُ سوپارو، پيچَ پِنيءَ گهر آئيو.

(١٢)
چوڏهينءَ چنڊ نہ اُپريو، اوٺتيه پَسي نہ عامَ،
مٿسَ ناه مَلامَ، جيڪي پچين پچ سو.

(١٣)
چوڏهينءَ چنڊ اُپرين، سهسين ڪرين سينگار،
پَلڪ پريان جي نہ پڙين، جي حيلن ڪرين هزار،
جهڙو َتون سڀ چمار، تهڙو دمُ دوست جو.

(١٤)
سهسين سڄَن اُپري، چوراسي چَندن،
بالله ري َپرين، سڀ اونداهي پانئيان.

(١٥)
چنڊ تنهنجي ذات، پاڙيان نہ پرين سين،
تون اَچو ۾ رات، سڄڻَ نتُ سوجهرا.

(١٦)
چنڊ تُنهنجي ذات، سڀ مڙهايان سونَ سين،
آهين پرين پنڌ ۾، ڳڻ سڃيائي رات،
اچن جنهن ساعَتِ، پوءِ لهي وڃ لطيف چئيِ.

(١٧)
چنڊ چٽائي تنهنجي سُهائيءَ ۾ سُورُ،
لايا مون لال لڱن کي، چندن پري پُور،
ڪُوماڻو ڪپور، مون واجهائيندين پرينءَ کي.

(١٨)
چَنڊ کي چورائي، ڇِپَر نيئي نہ ڏکي،
اونداهي آهي، اَجهو عاشقنِ جو.

(١٩)
چَنڊَ مَ آءُ چڙهي، سگهو ڪر مَ سوجهرو،
اسان پرين پاڻ ۾، گهارَنُ ڏج گهڙي،
تون پڻ هُوند سڙي، جي پلڪَ پانهيرو اُپرين.

(٢٠)
چنڊ لڳنئي مَنڊَ، سنجهيئي سيخ ٽِئين،
ڪر اونداهي انڌ، تہ مِلان محبوبن کي.

(٢١)
چنڊ چوانءِ حق، جي وڙهين جي وچڙين،
ٻہ اکيون ٽيون نڪ، تو ۾ ناهہ پيشاني پرينَ جي.

(٢٢)
چيو تاري جو ڪري، آيو چنڊ چڙهي،
بيٺو اُتِ اڙي، پسي پيشاني پرينِ جي.

(٢٣)
چَنڊ چوانءِ سچ، جي منين نہ پانئين،
ڪڏهن اپرين سنهڙو، ڪڏهن اُپرين ڳچ،
مُنهن ۾ ٻريئي مَچ، سو پدم پريان جي پير ۾.

(٢٤)

ڪٽي نيڻ خمار مان، ناز ڪيائون نظر،
سُورج شاخُون جَھڪيون، ڪوماٽو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر،
جَھڪو ٿيو جوھر، جانب جي جمال سين.

(٢٥)

اونداھيءَ اڌ رات ۾، پرينءَ پَسايو پاڻ،
چنڊُ ڪَتين ساڻ، پيھي ويو پڙلاءَ ۾.

(٢٦)

تارا تِيليءَ روءِ، لُڏا لالن اُپرين،
جھڙو تون صبوح، تھڙي صافي سڄڻين.

(٢٧)

توڏانھن گھڻو نھاريان، تارا تيلاھين،
سڄڻ جيڏاھين، تون تيڏاھين اُپرين.

(٢٨)

ھُن تاري، ھُن ھنڌ، ھُت منھنجا سپرين،
سڄڻ ماڪيءَ منڌ، ڪَؤڙا ٿين نہ ڪڏھين.

(٢٩)

ھُن تاري، ھُن ھيٺ، ھُت منھنجا سپرين،
سڄڻ ماڪيءَ ميٺِ، ڪَؤڙا ٿين نہ ڪڏھين.

(٣٠)

ھُن تاري، ھُن جاءِ، ھُت منھنجا سپرين،
سڄڻ ماڪيءَ ساءِ، ڪَؤڙا ٿين نہ ڪڏھين.

(٣١)

ڪي ڪي ڪَتيُون تن ۾، تارا مڙ تارا،
سڄڻ سوپارا، مُون تان گھڻو نھاريا.

(٣٢)

تارا تراريُون، نيزا نيڻ پرين جا،
ھٽن مُنھن پاريُون، سانگو ڪن نہ سرَ جو.

(٣٣)
تارا، تر ترو ڪريون، مٿن ڦُلڙيون،
ڪوءِ سي راتڙيون، جي مون پرينءَ پڄاڻا پيئيون.

## وائي-١

جيڏيون هيءُ ضرور، آيل ڪيئن رهندي پرينءَ ري،
سَگهو ساعت نه جِندڙو، اٿ ئي پهر مَلُور،
من ۾ مشتاقن جي، ساجن تنهنجو سور،
پيرين آءٌ نه پُڄئي، ڏيهُ پريان جو ڏور،
وجي ويل سڀ ڪنهين، هينئڙو پرينءَ حضور.

## وائي-٢

اڳڻ آيا پيهي، يا الا! مون سارينديِ سپرين،
مُشڪ، عَطر مون پرين، سِڪيَس جَمُر سپيئي،
تن جنين جو طالبو، روح تنين سين ريهي،
ساجن سنديءَ سونهن جي، آءٌ ڳالهه ڪريان ڪيهي؟
ٿيو لطف، لطيف چئي، دوس آيو درِ پيهي.

## وائي-٣

وَهلي وَنءُ مَ وهامي، رهه رات، رائينديس پرينءَ کي،
شمع ٿينديس شب ۾، ان خوشيءَ ڪان ڪامي،
بابُوئن سندي باهه جئَن، ٻران شال اُجهامي،
پرت جا پيتم جي، سا ڪين پروڙي عامي،
مون کي مون پرينءَ جو، آهي دردُ دوامي،
آهيان يار سيد جو، ڪانه رهي ڪا خامي،
هوءَ جا لنئون لطيف چئي، مون کي آهي مُدامي،
روشن ٿيا رجن ۾، جي هُئان لَنؤُ انهيءَ لامي،
هيڪاندي ٿينديس هوت سين، آڏيءَ رات اُڏامي،
ڪاري سا قيام سنئين، هوت جنهن جو حامي،
آيم تنهين لوڪ سان، جي سين مان چونِ سامي.

## فصل ٻيو

(١)
ناسيندي نگاهه، پهرين ڪج پرين ڏي،
احَوال عاجزن جا، آکج لڳ الله،
روز نهارين راهه، اکيون اوهان جي آسري.

(٢)
ناسيندي نظر، پهرين ڪج پرينءَ ڏي،
قمَر ڪهج قريب کي، نست ۽ نبِرُ،
پيو پروسو نہ پر، اکيون اوهان جي آسري.

(٣)
ناسيندي نِرت، پهرين ڪج پرينءَ ڏي،
قمَر ڪهج قريب کي، ساري ساڻ سُرت،
پيو پروسو نہ پتِ، اکيون اوهان جي آسري.

(٤)
ناسيندي نهار، پهرين ڪج پرينءَ ڏي،
آءُ جي ڏيانءِ سنيها، چئج چنڊ اَپار،
ساڄن سڀ ڄمار، اکيون اوهان جي آسري.

(٥)
چڱا چنڊ چئيج، سنيها کي سڄڻين،
اڳڻ مٿان اُبري، پريان جي پئيج،
جهيڻو ڳالهائيج، پيرين وجهي هَٿڙا.

(٦)
آءٌ جي ڏيئين سنيها، سي تون چنڊ پلئہ ٻَنڌُ،
چئج حال حبيب کي، نيئي نِوڙائي ڪنڌ،
تو تيڏانهين پنڌ، جيڏانهن عالم آسرو.

(٧)
اُبر چنڊ، پَس پرين، تو اوڏا مون ڏور،
سڄڻ سُتا وِلهہ ۾، چوٽا پري ڪپور،
پيرين آءٌ نہ پُڄڻي، ٻابُل ڏئي نہ ٻُورُ،
جنهن تي چڙهي آسُورِ، سڄڻ سنجهي سِيٽيان.

(٨)
جيھا اَڇا چنڊ، تيھا اڇا مان پرين،
اڱڻ مٿي اُڀري، ڪڙين مٿي ڪنڊ،
سڄڻ جي اُڪنڊ، آءٌ توڏانهن گھٽو نھاريان.

(٩)
آءٌ اُڪنڊيائي مران، پرين پلا پر ڏُور،
ٻاٻلُ ڏئي نہ ٻُور، پنڌ نہ جوڳي ٻي ري.

(١٠)
ڏٽي ڪريندين ڪڏھين، حياتيءَ ھيڪاند،
من ۾ مشتاقن جي، ڪي رنجائي راند،
پرين ڏيساندر پاندِ، ٻُجھ ڳُرھيان ڪن سين؟

(١١)
ھنئڙي سڄڻ ساريا، ڪٿي ھوندم ھيرَ،
اڇي لالن نہ ڏئين، مٿي پلنگن پيرَ،
ٿي وِرونھَڻ ويرَ، ٻُجھ ڳُرھيان ڪنِ سين؟

(١٢)
وڏپڻ ۽ واءُ، ڪرھي ڪاڏو ڪوڙيو،
ڪوءِ، ٻَن، پلاٽيان، اولاٽيو نہ اُتيي.

(١٣)
پَلاٽيان پيو، اولاٽيو نہ اُتي،
جيڏانھن وَڳُ ويو، اُپيو ترسي اوڏھين.

(١٤)
مُون جنين لاءِ، ڪيا چاڙيڪا نيٽين،
سباجھي سيٽين، ڪري ڳُڻَ ٻُھيو ھنيون.

(١٥)
چندن جا چُوپا ڪري، چري نہ مصريءَ سَنگ،
انگين مٿي انگ، مئِي ڪي محبوب جا.

(١٦)
ڪَرھو نہ ڪي ڪان پيرين آءٌ نہ پڄٽي،
جو مون رات رساٽي، نيئي ساجن ساڻ،
مون نہ وھيٽو پاڻ، ويني نيڻ نِچوئيان.

(١٧)
ڪرها ڪَسر چِڏ، وڪون وجهہ وڏنديون،
هيڪر حبيبن سان، مونکي نيئي گڏ،
مچڻ پونئي هڏ، آهون اُڪنڊين جون.

(١٨)
ڪرها ڪسر چِڏ، وڪ وڏندي پاءِ،
منهنجو هلڻ اُتهين، جتي جانب جاءِ،
توکي چندن چاريان، پيو وَڳَ لاٽي ڪاءِ،
اِئين اُٺ اُناءِ، جيئن هونديءَ رات هت مڙان.

(١٩)
ڪَسر چِڏ ڪَنواٽ، وڪون وجهہ وڏنديون،
سنئين سپيرين جي، ونگي پانءِ مَ واٽ،
چِڏ جهوري، ڏي جهاٽ، تہ هَونديءَ رات هُت مڙون.

(٢٠)
ڪرها ڪُرُ سجاڻ، پيئڪو ءِ پانهنجو،
اصل آهي اوهان جو، ناليرو نڏاڻ،
ڪرها اسان ساڻ، ڪي چانگا ڪج چڱائيَون.

(٢١)
آٽي بڏم وڻ جاءِ، مان مُڪريون چَري،
ڪُڏا تورو ڪرهو، لِڪيو لاٽي ڪاءِ،
اِنَ مَئي سندين ماءِ، مون ڪي ڳالهڙين ڳوڙها ڪيا.

(٢٢)
ميا مچ منٺ، اڄ منهنجي ڪَرَها،
جهاڳيندي جَر پُٽيون، متان ڪَرين ڪَٺَ،
سُپيريان جي سَٿَ، مون ڪي نيئي ميڙئين.

(٢٣)
ڳل ڳانا ياقوت جا، موتين ڳُتيس مال،
ڪَديفي جا ڪَرها، هيدي پايئين حال،
چندنَ چاريئين جالَ، جي مون رات رساٽئين.

(٢٤)
ڳِل ڳانا ياقوت جا، موتي منجھ مَهار،
چانَگا چندن چاريئين، انئي پھر اَپار،
سنديءَ پِيءَ پَچار، جي مون رات رساٽئين.

(٢٥)
مَيا تو مُهارَ، سچي پايان سونَ جي،
چاريان چندن چوٽيون، نايو ميندي‌ءَ ڏارَ،
سندي پيءَ پچار، جي مون رات رساٽئين.

(٢٦)
اُٺ نہ وڃي وڳَ سين، چري نہ لاٽو،
مَئي ڪي مجاز جو، ٽُوهي ۾ ٽاٽو،
پِٽاري پاٽو، مرندي سينءَ نہ مٽيو.

(٢٧)
اُٺُ نہ وڃي وَڳَ سين، ٻڌو چَري نہ ٻُورُ،
مَيي ڪي مجاز جو، ڪُڙُھ اندر ڪو سُورُ،
سو ڪو پرايائين پُور، سُڪي جيئَن ساٽو ٿيو.

(٢٨)
اُٺ نہ وڃي وَڳَ سين، چري نہ چانگو،
لڳيس نائڪَ نينھن جي، نھوڙيو نانگو،
ڇڏي سِرَ سانگو، رڙهي رَند پرين جي.

(٢٩)
ويھي مَنجھ هين وڳ، ڪٿوريءَ ڏارَ چري،
ماءَ منهنجي ڪرهي پڌر پَڳَ نہ لڳ،
جَڳَ سين جھڙو جَڳ، هنئين سين هُتِ چَري.

(٣٠)
پُورُ نہ چَري نہ ٻُور، ڇڏيو تُور تَڪُون ڪري،
مُونين هٽي موتيو، ڪرهو رات ڪپور،
ميو ٿيو معمور، چندن چَکي آئيو.

(٣١)
اڄ نہ اڳينءَ ڍارَ ڪرهو جيئَن ڪالهہ هو.
اگڻ آيو نہ ڪري، پاهوڙيءَ پچارَ
جيڪس منجھ قطار، ڪا وَل چنائين وهِ جي.

(٣٢)
مئي ماڪائي، وڏو واتُ وَلين ڪي،
خبر تي ڪيتَ ڏٽين ڪي، وڏوڙا واهي،
ڪرهي ڪاڪَتَ چڙڏي، وريسَ نہ وائي،
چانگي چَريائي، ويئي ويچاري وسري.

(٣٣)
مِٺيون لهي مُهاءِ، جي تو چانگا چنيون،
ولڙيون وِهہَ ساءِ، اجا تو مُهنديون.

(٣٤)
ڪرهو سَرهو نہ ٿئي، چانگو تا نہ چري،
لايو لنئون لطيف چئي، ابتو ماڳ مري،
نظر نينهن ڏري، پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي.

(٣٥)
پيشانيءَ ۾ پرينءَ جي، چانگ رکيو چت،
نيٺ چنايو نِتِ، اُپيو اوڏانهين آسري.

(٣٦)
وَٽيءَ سيٺَ سُوَٽَ، پاءِ پنهنجي ڪرهي،
وليون واسَ ورنيون، پهريون مٿي پَٽَ،
چانگي چَکي چٽَ، تہ پوءِ نہ رهندو پئد ري.

(٣٧)
لکن سئين چَرن، ڪرها ڪنگوءَ ريٺ تي،
ٿيئان ويسرين، هت نہ آيو هيڪڙو.

(٣٨)
ڪِي جو ڪيڏانهين، چانگو چَکي آئيو،
تاٽيو تيڏانهين، نيٺَ چِنايو نڪري.

(٣٩)
نيٺَ چِنائي نِت، ڪرهو ڪنگوءَ ريٺ تي،
چانگي رکيو چت، پرمل جي پساهہ تي.

(۴۰)

ڪرهي ڪي ڪئين، وڏم پيُد پلڻ جا،
ليڙو لاٽيءَ ڪي چَري، نيئُر ساڻ نئين،
چانگي سندي چِت ۾، صاحبَ وجھ سنئين،
اويا هيوس آئين، لطف ساڻ لطيف چئي.

(۴۱)

ڪَرها توکي ڪامَ، مون سچو پَسي سجي،
مانَ پروڙي مامَ، ساڳاهي سنئينءَ وهين.

(۴۲)

ڪامون سھ مَ ڪرها، بانئا سھ مَ بٺ،
الله لڳ عنايت چئي، هورين هل مَ اٺ،
نہ پرين پرچائي اٺ، جن وڏوڙي ورھ ٿيا.

(۴۳)

ڪامون سھ مَ ڪرها، بانئا ڪيمَ هٽاءِ،
الله لڳ عنايت چئي، وڪ وڏندي پاءِ،
پرينءَ سين پرچاءِ، جن وڏوڙي ورھ ٿيا.

(۴۴)

ڪيپيا تڙي تڙ وري، اُپيي تڙ واجھاءِ،
مان اَڇھون ڪاءِ، سُواڏائي سڄڻين.

(۴۵)

چانگي چَئي چُڪياس، مٿان اَڪ نہ اُلهي
جنهن وَل گھٽا وھاٽيا، ان سين آز لڳياس،
چوڏاري چندن وڻَ، پَچي پُوجَ پياس،
رئاري رت ڪياس، هِن ڪُڏا تُوري ڪرهي.

(۴۶)

چندن چڪي آٽيو، ٻيءَ ول وجھي نہ وات،
ڪرهي ڪنور لتاڙيا، رئيءَ پئي رات،
توڏي تنهن وڻ تات، جنهن ۾ بوءِ بادام جي.

(٤٧)

اُتي اڙائينس، ڇڏيو تہ ڇيڪ ٿيو،
ڪاريان، ڪڙيو وچي، پلاٽي پائينس،
ڏانوڻ ڏائينسِ، جئن ڇَري ۽ چنگهي پُٽو.

(٤٨)

دُو دَستي، دُو پرَ، سيني سَنگهر رُڪَ جي،
ماءِ منهنجي ڪرهي، تازي قلن هير،
تنهن ڪامڻ ڪندي ڪيرَ، جو مُونهين وٺ مَس رهي.

(٤٩)

ڪنين ڪامڻ ڪياءِ، ڪيئن پنپو ليئن ڪرها،
اکين مٿي آکيا، پڙَ ۾ پيرَ گناءِ
وڳ ڪ سرياءِ، ٻڌو جئن گهاٽي وهين؟

(٥٠)

نہ ڪي پنپوليو ڪرهو، نہ ڪامڻ ڪنهن ڪياس،
اکين مٿي اکيا، پڙَ ۾ پير گناس،
وڳ نہ وسرياس، ڪرهي لڏو لوڙهيو.

(٥١)

هوس وڏيرو وڳ جو، مڙني ۾ مهندار،
چنم ٿي چاڳ منجها، موڙيو مجر ٿار،
لکي جيءَ لغار، آٽي ٻڌم اکيا.

(٥٢)

نَوَ نيرَ پائي، جان مون هينئڙو جهليو،
وِيڙو چنائي، پوئينءَ رات پرين ڏي.

(٥٣)

نَوَ نيرَ ڏھ ڏاوٽيون، پندرهن پئد بياس،
جڏهن سڄڻ ياد پياس، ڇرڪ ڇنائين هيڪڙي.

(٥٤)

ڪائي نہ ڪٺهار، چندن جا چُوپا ڪري،
اگر اوڏو نہ وچي، سر ڪنڌ لهي نہ سار،
لاٽيءَ جي لغار، مَيو متارو ڪيو.

(٥٥)

چانگا چنئس! چريان، مَيا پئين نہ موڪَ،
اگر اوڏو نہ وڄين، ٽُڪيو چڙهئين ٽوڪَ،
لاٽِي وچان لوڪَ، تو ڪهڙي اکر آئڙي؟

(٥٦)

جئان ڪؤڙ ٻہ ڪانيون، پَنجين لَکين پاءُ،
مَيو تنهن ماڳاءُ، ڏيهاٽي ڏارَ چري.

(٥٧)

جئان ڪؤڙ ٻہ ڪانيون، پنجين لکين پَن،
تئان چاٽي چُڳيون، مئي رتو من،
تنهن ول سندو پَن، ڪوماٽو ڪؤڙين لهي.

(٥٨)

جئان ڪؤڙِ ٻہ ڪانيون، پنجين لَکين پڪَ،
تئان ڏيئي تڪَ، مَيو متارو ٿيو.

(٥٩)

لک لاڪيٽو ڪرهو، ڪؤڙين ڏيئي ڳڏوم،
اکين سونهن ٿيوم، مُلهہ مانگو مَ چئو.

(٦٠)

لک لاڪيٽو ڪرهو، ڪؤڙين ڏيئي چوڙ،
اِها ست، سيد چئي، جنهين تِنهين جوڙ،
ترت رساٽي توڙ، جُہ پلاٽيو تہ پرينءَ مڙي.

## وائي-١

آهينم ڳالهڙيون، ماءِ مرادون پرينءَ سين،
جي مان پيهيون پرينءَ ري، ڪوءِ سي راتڙيون،
جي مان اوريون پرينءَ سين، وَرُ سي راتڙيون،
پَسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، پاتيم جهاتڙيون،
آڏيءَ عبداللطيف چئي، کُهين ڪاتڙيون.

## وائي-٢

سَڏين سيڻ نہ هُونِ نِينهُن نِياپي نَہ ٿئي،
موتڻ جنين ميهڻو، پڙ تي سي ئي پُونِ،

ڪاري رات رت ڦڙا، جان جان نيڻ نہ رُونِ،
جن مسافر سپرين، سي مَرُ رويو رُونِ.

## وائي-٣

توٽي ٽڙئين تون، يا الا! تو دَرُ توءِ نہ ڇڏيان،
مون کي سو مشاھدو، جي مُنھن نہ ڏئين مون،
مون پيا در گھٽا نھاريا، آھئين تون ئي تُون.

# سر سري راڳ

## فصل پهريون

(١)
مانَ پُڇنئي سُپرين، ڇتان لاهہ مَ ڇُر،
اُنهي جا امر، ڪڏ تہَ خالي نہ ٿئين.

(٢)
مانَ پُڇنئي سُپرين، ڇتان ڇُر مَ لاهہ،
پرين اڳيان پاءِ، پلؤ مگٽهار جيئن.

(٣)
مانَ پڇنئي سپرين، چت ۾ رکج چيت،
سڙهہ ڏئاري صاف ڪر، صابڻ ساڻ سپيت،
ساموندي سُچيت، تي تہ پهچين پارَ کي.

(٤)
مانَ پُڇنئي سُپرين، چت ۾ چيتاريج،
ڪڍج ڪائي ڪچ ڪي، ڪُوڙ مَ ڪمائيج،
وٽج وهائيج، سيپ سوداگر سچ جو.

(٥)
مانَ پُڇنئي سُپرين، ڇتان لاهہ مَ چور،
ڪڍي ڇڏ قلب مان، مَاري ڪورو ڪوڙ،
هُن پر سندو هورُ، مٿان تو معاف ٿئي.

(٦)
مانَ پُڇنئي سپرين، چيتارج چت،
دائم دوربين ۾، پسين ولها تون وِت،
نينهن نيڪاري نت، ملاح گڏ معلم سَين.

(٧)
ڪائو ڪمايوم، موتي مون نہ وڻجيا،
سيهي جو سيد چئي، وکر وهايوم،
سودو صداقت سين، اوچتو آيوم،
ڀھڙو حال سندوم، توهہ تنھنجي ابهان!

(٨)
ڪَچ ڪمايم ڪُوڙ، پڳم عهد الله جا،
ڀيرو جو پاپن جو، سو چوٽيءَ تائين چُورُ،
معلوم اٿئي مذڪور، ڳوڙها انهيءَ ڳالھ جو.

(٩)
ڪوڙ ڪمائڻ ڪَچ، اُتي اور الله سين،
ڪِي تون دغا دل مان، صاحب وٽي سچ،
محبت سَندو من ۾، ماٽڪ ٻارج مچ،
اِن پَر اُتي اچ، تہ سودو ٿئي سَڦرو.

(١٠)
سودو اهوئي سَڦرو، سو مون پلئہ پاءِ،
وَسُ ويچاري ناه ڪو، آگا عرض اوناءِ،
ريءَ همراهيءَ هاديءَ جي، مور نہ مڙي ماءِ،
لطف ساڻ لنگهاءِ، لاهرو لهَرن وچ مان.

(١١)
لُڙ لهريون لس ليٿ، جتي اَنت نہ آب جو،
الله اول مَ اُن جا، پيڙا مٿي پيٽ،
جوکو ٿئي نہ جهاز کي، ڦرهي اچي نہ ڦيٽ،
لڳي ڪا مَ لَپيٽ، هن غاريبي غراب کي.

(١٢)
سڙھ سنوان، لاڄو نَوان، اولا جنين عاج،
سَاٿي سفر هليا، ٻَري جُنگ جهاز،
حاصل ڪري هاج، واحد وڻجارن جي.

(١٣)
سڙھ سنوان، لاڄو نوان، مهاڻا سندن ميرَ،
سَاٿي سفر هليا، ٿيا سڻاوا سَير،
جي اچن ساڻ اُڪير، سي ٻيڙا رکين ٻاجھ سين.

(١۴)
منجهان پيئي مَڪڙيءَ ڪاجا پاٽي پڪ،
وڪُر هٽي وٽڪَ، ڪتجي ڪارو ٽيو.

(١۵)
منجهان پيئي مڪڙيءَ ڪاجا پاٽيءَ بُوند،
سيئي ڏنم رُوند، وڪر جن وڃايو.

## وائي-١

سهسين شُڪرانا، ڪوڙين پالَ ڪريم جا،
حمد چئج حڪيم کي، زور هٽي جانا،
تون ڏيکارين تون ڏٽي، باطن جا بانا،
متان مردَ وسارئين، صاحب جو ثنا،
دوست رکي َدل ۾، پڙهہ لالن لِسانا،
جفا ڏيئي جيءَ کي، ٿي فڪر منجهہ فنا،
تُسي توسين توہُ ڪري، آگو احسانا،
ڪِڏ تون دغا دل مان، ٻانهپ سين ٻانا،
صاحب وٽي سچ سين، ٿي دانہُ ديوانا،
جي تسليم سين تحقيق هوا، سي ڪئَن امانا،
جاڳيا جي جَبار لئہ، سيئي سمانا،
فَاذ ڪُروني اَذڪُرڪُم، ڪَهيو قُرآنا،
وَاشڪروا لي وَلاتَڪفرون، ڪِڏ تون ڪُفرانا،
سڀ سنواريا سپرين، ڪول تو ڪنا،
چڱي چئج چاهہ سين، مَدَاح اِيءَ منا،
تائب ٿيو تڪڙا، جوشا جوانا،
لهين تون لطيف ڪان، اَمن اِيمانا.

## وائي-٢

پُڇان ٿي توکي هادي سائين،
ڪٿي پريان جا پَکڙا؟
جتان جَتن لڏيو، چڙهيا پَکي پَنُ،
جَرُ موتيءَ جيئن هاريو، منهنجي هينئڙي ڀڳا ڀن.

## وائي-٣

مون ۾ تون موجود، آءُ اَڳاهين آهيان،
اکيون اکڙين کي، سکيو کن سجود،
تيلانهن رسيون بُودَ کي جيلانهن ٿيون نابود،
ماڻهن جي موتڻ جو، صاحب هٿ سجود،
ان درِ سيئي اَگهيا، جن وڃايو وجود.

## فصل پهريو

(١)

جيڪي منجهه جهان، سو تاريءَ تڳي تُنهنجي،
لطف جي لطيف چئي، تو وٽ ڪَمي ڪانه،
عدل جُٽان آءُ نه، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو.

(٢)

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
اُن جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مانُ،
ڪوڙين ڪن سلام، اَڳه اچيو اُن جي.

(٣)

سيوا ڪر سمونڊ جي، جِتِ جَرُ وَهي ٿو جال،
سوين وهن سير ۾، مَاڻڪ موتي لال،
جي ماسو مليئي مالَ، ته پوڇارا پُر ٿئين.

(٤)

سي پُوڇارا پُر ٿيا، سمونڊ سيويو جن،
آنڊائون عميق مان، جوتي جواهرن،
لڌائون لطيف چئي، لعلون مان لهرن،
ڪانهي قيمت تن، مُلهه مهانگو اُن جو.

(٥)

سيويو جن سبحان، وير نه وڙهي تَن سين،
توبه جي تاثير سين، تري ويا طوفان،
ڏيئي توڪل تڪيو، آر لنگهيا آسان،
ڪاملُ ڪشتيانُ، وچ ۾ گڏين واهرو.

(٦)
ساري رات سُجاڻ، سودو ڪن صاحب سين،
ٻانهپ پيري پيڙيون، هليا جوڀ جوان،
پاڙهين پهلوان، لحظي ۾ لنگهي ويا.

(٧)
ٻانهپ جو پيڙين ۾، وَکرُ وڌائون،
موتي معرفت جا، سچا سوديائون،
التائِبُ مِن الذنبِ ڪمن لاذَنب لَه، ايءَ ڪَٽ ڪَٽيائون،
انهيءَ جيءَ آءٌ، برڪت پار لنگهيان.

(٨)
جنين سودو سچ سين، وکَر وهايو،
بُخِرُوا لَهُمُ البُشريٰ جو، اُنهيءَ لئہَ آيو،
اُن کي لالن لنگهايو، ساندارو سمنڊ جو.

(٩)
اِيءَ گَتِ غواصن، جيئن سمنڊ سوجهيائون،
پيهي مَنجهه پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، هيرا لعل هٿن سين.

(١٠)
اَڄاڙا عميق جا، گڏيا غواصن،
جُهڙيون جهاڳي آئيا، ڪارونيار ڪُنن،
سمنڊ سوجهي جن، آڻي اَمُلَ اوليا.

(١١)
ويا جي عميق ڏي، مُنهن ڪائو ڏيئي،
تنين سِپون سوجهي ڪڍيون، پاتارا پيهي،
پسندا سي ئي، امل اَکڙين سين.

(١٢)
آڏو چِڪڙُ چاڙهه، منهنجي موج نہ سَهي مَڪُڙي،
ميڙي مَنَاين جو، بيحد چاڙهيم بارُ،
چوڻ چارو ناهه ڪو، بديون بيشمارُ،
ڪَپر ڪارونيارُ، اُڪارين احسان سين.

(١٣)
آڏو ڇڪڻ ڇاڙھہ، مُنھنجي موجَ نہ سَھي مَڪڙي،
ميڙيِ مَنااين جو، بيحد ڇاڙھيم بارُ،
لھرين ليڪو ناھہ ڪو، اُت ابتو آرِ،
آڳي جو آڌار، ڪڍي اُونھي ڪُنَ مان.

(١٤)
وير مَ لاھي ويھہ، متي آرَ اوڙاہ جي،
پسي پاڙي واريون، ڪج انديشو ايہُ،
ويندو نہ پَسين ڏيہ، پَتڻ ھن پار مَٽي.

(١٥)
انئي پھر اوڙاہ تي، منجھہ گُھرءَ گھاري،
وَسُ نہ ويچاري، تہ ماڳ ٻڪندي مَڪُڙي.

(١٦)
ھڪي ٻانھي چت ۾، ٻي صاحب سَنواري،
ڏنگي ھن دريِاہ مان ھَلائي ھاڪاري،
ترازو تاري، سُتڙ سپيئي ڪري.

(١٧)
ھڪي ٻانھي چت ۾، ٻي سَنواري صاحب،
ڪَڍي اونھي ڪُن مان، اِيُ آگي جو عجب،
اِيءُ سائئينءَ جو سبب، جيئَن ٻُڏا ڪڍي ٻارِ مان.

(١٨)
ھڪي ٻانھي چت ۾، ٻي جا ڪري الله،
پاٽيھي وجھي ڪُن ۾، پاٽيھي اُڪاري اوڙاہ،
تنھن واحد ڪي واہ، جو سُتڙ سپيئي ڪري.

(١٩)
ھڪي ٻانھي چت ۾، ٻي جا الله ڪري،
پاَٽيھي وجھي ڪُن ۾، پاٽھي ڪنڌيءَ تي،
سنتڙ سي ڍوئي، جي تڙ توائي مَڪڙا.

(٢٠)

هڪي ٻانهي چِت ۾، ٻي ڪري جوڙ جَبار،
پاڻ ئي وجهي ڪُن ۾، پاڻ ئي ڪري پار،
ڪڍي اونهي ڪُن مان، اِي آڳي جو آڌار،
جهاز جوهرين جو، تنهن کي پئو نہ ڏي پتار،
ننڍا وڏا مَڪڙا، سڀ پسندا پار،
جيڏانهن مُنهن مديني جو، سُچي محمدؐ موچار.

## وائي-١

ڪنڌي ساريان ڪانہ، يا امن امان،
يا الاهي، ٻاجهہ ٻيلاتي ٻانئيان،
ڳڻن ڳاٽيڙو ناهہ ڪو، اپر ٿيا عصيان،
خبر ناهہ قبر جي، نسورا نسيان،
والي رسج وهلو، اَرک ٿيا اَنسان،
سڻ سڀاجها سپرين، نعرو نگهبان،
مديون پسي منهنجون، شرمايا شيطان،
هن منهنجي حال تي، هيَ هَي ڪن حيوان،
سائين سُڪاٽي آهئين، ساموندين سبحان،
تُرهو چنمَ تار ۾، رسج تون رحمان،
ٻيلي جو ٻڏن جو، مون تي موٽي مان،
خالق تان خوب ڪيا، گولن جا گذرانَ،
آءٌ پڻ اَنڌو اُن ۾، وينو پنان پانَ،
سڀ سوالي سَمگيا، داتا ڏيئي دان،
ولها سڀ وَنهيا ڪيا، تنهنجي جود جوان،
مَتان مون کي ڇڏيئين، ٻيلي سندا ٻانَ،
ويرُ وسيلو آهئين، دارو ۾ ديوان،
لاءِ ڏوهارين ڏيهہ کي، خِيمو اڏيو خان،
اُتي عبداللطيف جي، سڄ ڪا سلطان.

## وائي-٢

آئيو هو الا، لالن آيڙو،
چُئا چَندن اُهڃ ڪٿوري، لالن لڳن لايو،
ٻِڌو چئي، ٻاجهہ ٿي، ڪوڙيو پريم تَنين گهر پايو،
ڳاهون ڏيئي ڳجهيون، مون پاٺهي پرچايو،
لوڪاٽي لِڪون ڪري، مون رات سڄيائي رانيو.

## فصل ٽيون

(١)

کُوها ڪالهہ ڪٽي، اُن وڏا اُتر آسري،
الا جُهري مَ اُن جيَ، اَولي جي اَٽي،
وڻجارن وَٽِي، وکر وڌو ٻيڙئين.

(٢)

وکَر وهائين لونُ، رنگ ڪٿوريءَ گهرين،
پُنگو تنهنجو پر تي، جمَ ڳالهائين ڪوڙ،
جِمَ وڃائين مور، ڪٽيوَ تُنهنجو گهوريو.

(٣)

وکر ڏيرو ڏير، پَر وهائو ويسرا،
ڪنين وهائي وَسُ ڪيو، وکر وڏيءَ وير،
کَنين گهمندي سيرَ، وکر وکامي ويو.

(٤)

وکر سو وهاءِ، جو پئي پُراڻو نہ ٿئي،
ويچيندي ولات ۾، ذرو ٿئي نہ ضايع،
سا ڪا هَٽ هَلاءِ، آڳہ جنهن جي اُپهين.

(٥)

اورپائين آٽين، ميڙيو معلم خبرون،
سا سُڌ ڪانہ ڏين، جتي وَهُ وِيڌ ڪري.

(٦)

ٻيڙي تنهنجي ٻاجهہ، وکر تنهن وصال جو،
کُوها اولا تو ڪيا، سڀ سونهارا ساڄ،
اُت ڪا معلمن حاج، جت پُورڻ وارو پاٺهين.

(٧)

ڀيڙي پراڻي، وکر پاءِ مَ وترو،
تَري ۾ تُن پيا، پاسن ۾ پاڻي،
هيءَ هَڏِ وهاڻي، ڪَڙُهه ڪالهوڻي ڏينهن ڪي.

(٨)

تَري تَن پياس، پاسنئون پاڻي وهي،
ڪوهو جهر جهونو ٿيو، لاڄُو سپ لَڙياس،
جِيلان سَڏر سُڪاڻياس، وَهي تي وَهَ سامُهِين.

(٩)

وينو تُنَ تُنيس، مَڪ ڏيهاڻي مَڪڙي،
سَنباهي، سيد چئي، مَٿي نيدوءِ نِينس،
وٿائيءَ وڏاندرا، لاڄو لڳائِينس،
آخر اهڙائينس، تہ جوڪو ٿئي نہ جهاز ڪي.

(١٠)

تُن تُنيندو آءُ، مَڪ ڏيهاڻي مَڪڙي،
سانباهي سمنڊ جي، مَنان مور مَ لاءِ،
اڄ ڪ سنجهہ صباح، اُهڙندي اَتانگهہ تڙين.

(١١)

جَرَ ۾ ڦوٽو جيئن، لهريُون لڳندي اڏَ ٿئي،
تُون پڻ آهين تيئَن، دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو.

(١٢)

اڇي سو ڏٿوءِ، جو ڪَپَرُ سوءِ ڪنن سين،
سُتي لوڪ لطيف چئي، ياد نہ ذرو ڪيوءِ،
غافل ٿي غوراب ڪي، اوڙاہ تي آندوءِ،
سو چِتر چوهي ڪان رکين، جو پراڻو پوءِ،
جهاز ضعيفن جو، پاڻيءَ ۾ پَرتوءِ،
سيد، ساٿ سندوءِ، پُر بندر پهچائِيين.

(١٣)

جُتو وَنءُ جهازَ، گڏيو غرابن سين،
پوريندي هن پارَ ڏي، سَڏر ڪٽج ساز،
اچن ٿا آواز، سِٽاڻي سمونڊ جا.

(١٤)

ڌَنگي وچ دريا، ڪي ٻُڏي ڪي اُپري،
هو جي واڍي واٽيا، سي سُوهَڻ سپ سڙيا،
معلم ماڳ نہ اڳئين، فرنگيءَ منجھ ڦِريا،
ملاح تنهنجي مڪڙيءَ، اچي چور چڙهيا،
جتي ڍِينگ ڏَريا، تتي تاريءَ تُنهنجي.

(١٥)

ڌُنگيءَ ۾ داٽا، ونءِ وجھہ وکر جا،
وير وَرنديئہ ويسرا، ويهہ مَ ويڳاٽا،
هِيَءَ ننڊ نہ چاٽان، ڪڏهن هٽنديئہ ڪُن ۾.

(١٦)

وکر وڻجارا، پاڻ پرائو چاڙهيو،
اچي لهريون لڳيون، ٻيڙيءَ ٻپارا،
جاڳو جي يارا، تہ تڙ توائي نہ ٿئي.

(١٧)

ٻيڙياتا ٻيئي، ڳالهيون تو نہ ڦبنديون،
سڄيون راتيون سُمهين، پَر سُڪاڻ ڏيئي،
صباح سپيئي، پار پُڇندءِ خبرون.

(١٨)

وَهَ تَکَ وهڪرا، جت لَنگر نہ ٺهرن،
وڏاندرَيون وَهَ سامهيون ججهي زور جُنبن،
نيڍوءَ ۾ ناناريون، وڻجارا وڃهن،
ملاح معلمن، مُون ڳري سُئي ڳالهڙي.

(١٩)

وڻجارا وينءِ، تو نہ سَرندي شاهہ ري،
مک پنهنجي مَڪڙي، چڱي ڪر چيني،
پاسَا پاڪرين جا، سمنڊ تو سيڪي،
جي لُنڊا منجھ ليڪي، وير وڙهندي تن سين.

(٢٠)

ناکوئو نگهبان، معلم مُنجي خبرون،
تَن ساري ڪنيو سمنڊ ۾، سَفر جو سامان،
لطَف ساڻ لطيف چئي، تتي لنگهيو طوفان،
سَنياري سُبحان، وجي عادَنئون اُڪتا.

(٢١)

ستا سپُ پئي، سَندي معلوم آسري،
اِئين پڻ سُمهو ناکُئا، بندر ناه پئي،
جن جي سيد لڄ کنئي، سي سپ لنگهيندا لکيون.

## وائي-١

ٻاجهين مڱا، مهرين مڱان، مهرين مڱان،
الايا هو، آءُ تو ٻاجهين مڱان،
تون مارين، تون جيارين، لطف اُٺارين لڱان،
ڏٽيءَ جا ڏوهي چوي، ڪم مڙيئي چڱان،
هت پڻ تونهين، هُت پڻ تونهين، ٻي در ڪاڏي آءُ وڃان،
ڪَتندين، ڪتي چوي، سُڻ صاحب جي سَڱان.

## وائي-٢

ساٿين ننڍا بار، وو تن پانڌين ننڍا بار،
توکي آرس اَڪرين ۾.
پاتا پاڙي وارين، پڳھ منجھ پاتار،
پتڻ ٿو پُور ڪري، آئي تنھنجڙي وار،
سڀيون راتيون سُمھين، ڪِيو منجھ خمار،
ڪ تو ڪَنين نہ سُئي، ھلڻ جي ھاڪار،
تائب ٿيو تڪڙا، پڙھو اِيءَ پچار،
ننڊ نہ ڪجي ايتري، سُڄج ادا يار،
سائينءَ مُڪين سچ ڪي، تون ڪوڙو منجھ قطار،
ڪ تو ڪَنين نہ سئي، ڪَپر جي ڪوڪار،
گھڙان ٿي ريءَ گھڙي، الاھي تو آھار،
ھوَ جو شڪ شارڪَ جو، تئان رک ستار،
ڪُل نَفسُ ذائقتُه المَوتِ، سچي اَيءَ سنپار،
شڪار تَون شھباز جو، تون تان منجھ شڪار،
يَومَ يَفِرالمرءُ من اَخِيه، جت پڄندا پار،
ترھو چِنو تار ۾، اڇج تون اوسار،
لَکَ مَڙيئي لُٽيا ھنئھين ويا ھزار،
ڏنيئي جي الله لڳ، ھوَند ٿئين پَرينءَ پارَ،
جُوٽن مٿان جُٽڪي، دُني تُنھنجي دار،
آرس اڪرين ۾، آھي تو گينوار،
جيفو آھ حديث ۾، انڌي ئي آچار،
وَٽيئہ ڪين ولھن سين، ڪَنبي پر قَھار،
سا ڪيئَن ھلي تو سين، جا پڳي ڪان پتار؟
جيئڻَ جال نہ لبھي، سُڄج، اي سنپار،
جِم وسارين ويسرا، پِتنِ جي پُلڪار.

## فصل چوٿون

(١)

سپيئي سنئين ڪرين، ڪو مَ مُنجھائين راھ،
سڄڻ جي صلاح، لائو لنگو ميڙيئَين.

(٢)

سيپئي سَنئين ڪرين، ڪيمَ مُنجهائين واٽ،
سهڪي ڪج سچا ڏٽي، سچي جا صراط،
سُپيريان جي ساٿ، لائو لنگو ميڙَئين.

(٣)

سيپئي سُبحان جي، ڪر حوالي ڪَمَ،
ٿي تحقيق تسليم ۾، لاهي غم وَهمَ،
قادرَ ساڻ ڪرم، حاصل ڪري حاج تو.

(۴)

چڱن ساڻ چڱايون، اِيئَن سيڪو هوءِ،
تو جيئَن ڪري نہ ڪوءِ، بُڇن ساڻُ ڀَلائيون.

(۵)

چڱا ڪن چڱايون، مَٺايون مَٺن،
جو وڙ جُڙي جن سين، سو وڙُ سيئي ڪن.

(٦)

مَينَ مٺي سَمرا، کُهين سڌ ڪرين،
ساٿ نباهيو نِينِ، اِيءَ پَر سَندي سڄڻين.

(٧)

وٽُ ويمي جو جي لهين، ٻي ڪار نہ ڪرين ڪا،
سَا پروڙج ڳالهڙي، وڻجارن وٽان،
موتي جن هٿان، آنديئہ گهٽي ادب سين.

(٨)

اَمُلَ آچ مَ اُن کي، جي نہ پروڙينِ مَت،
جت گڏجيئي جوهري ماڻڪ تنهين مٿ،
جنين سون سين سَٽ، تني هٽي ريءُ ريءُ رد ڪيو.

(٩)

سونا ونءُ صراف سين، پڇي چڱ بازي،
چاندي ڪيو چَلائيين، رُپو روازي،
جِت ٿِيندو ربُ قاضي، ات توريندا تجويز سين.

(١٠)
سونا ونءُ صراف سين، بازي پيچي پَڌِ.
جو چاندي کيو چلائيين، متان پويئي مَ هَڌِ.
جت ٽيِندو صرافاٽو سَڌ، اُت توريندا تجويز سين.

(١١)
سونان ونئَن صراف سيئَن لَڌو لاه مَ لَڌِ.
سودو سوئِي چڱ، جنهَن ۾ جواهر ناهه ڪي.

(١٢)
سونا ونءُ صراف سين لَڌو هڏ مَ لاهہ.
آهي تن اُونداه، جن جواهر ضايع ڪيا.

(١٣)
جُه صرافن لَڌيو، تہ تون پڻ لڌج سونَ.
قدر لهنديئہ ڪونہ، نيئي گڏينديئہ گڏونءِ سين.

(١٤)
جي نہ سُجاڻن سَچَ ڪي، ويهہُ مَ تنين وٽ.
اَمُل ڪي اڌ ڪري، پاڻان هٽندا پَٽِ.
وڃي مُهر تنين وٽِ مَٽِ، جي پارکُو پارس جا.

(١٥)
قدر وارا ڪَم ٿيا، ڪُٺا خريدار.
پاڻيٺ جي پرکٺا، ويا سي وينجهار.
عَينک پائي اکين، لهن سپ ڪنهَن سارَ.
صرافنيئون ڏار، ماڻڪ ملاحظو ٿئي.

(١٦)
اگهيو ڪائو ڪَچ، ماڻڪن موٽ ٿي.
پلئہ پايو سچ، آڇيندي لڄ مران.

(١٧)
ويا سي وينجهار، هيرو لال ونڏين جي.
تنين سندا پويان، سمهي لهنَ نہ سار.
ڪُٺين ڪَٽ لُهار، هاٽي اُنهين پيٺيئن.

(۱۸)

وَڃن مَ وينجهار، پاٽيٺ پَرکيا،
عَينڪ پايو اکئين لَهن سڀ ڪنهن سار،
موتيءَ جي مزاج جو، قَدر منجهہ ڪنارَ،
صرافئون ڏار، ماڻڪ ملاحظو ٿئي.

(۱۹)

ٿا صراف سُڄن، پاڻُ ڪوٺائن جوهري،
ماڻڪ ڪري مُٺ ۾، وَنئَن وٺي وَٽِ ٿَن،
سندسُ ئي سيد چوي، ڪهڙو قدر ڪن،
پاٽيڻيءَ پَرکن، ڪي ڪنچن گڏين ڪَچَ سين.

(۲۰)

اُمُلُ اَساري پئي، پوري پڳيئہ جت،
ڪُهُ نہ رُنئَي تِتِ، ٻئي اَڏ هٿ ڪَريَ؟

(۲۱)

اَمل اَساري پئي، پوري پڳيئہ جيئن،
ونئَن صرافن سيئن، ٻئي اَڏ هٿ ڪري.

(۲۲)

امل اَساري پئي، پوري پڳيئہ جان،
ٻئي اَڏ هٿ ڪري سري صرافن وان،
تہ سو تنهين تئان، سڄو ڪرائين سيگهہ مان.

(۲۳)

ماڻڪ مُنڍ هٿان، پيتيءَ ۾ پُرزا ٿيو،
سڄو تان سيد چئي، لهي لک سوا،
پڳي پُڄاڻان، پَدمان پري ٿيو.

(۲۴)

پڳو ميلائين مٿي ٿيو، سڄو تا سؤ لکَن،
ماڻڪ تي ملهہ وترو، جو ڏريان هيٺِ ڏٽِينَ،
سُوجهي صرافنَ، بي بها بس ڪيو.

(۲۵)

جتي ماڻڪ ماڳُ، تتي چوران ٿَڪيو،
سون تن سَپاڳُ، اَمل جن اوباهيو.

(۲۶)

چورايو اِيئن چوءِ تہ آءٌ اُهوئي آهيان،
جي اَسي اکين هوءِ، تہ لِکي کي ڪونہ لهي.

(٢٧)

چوريءَ پَهت ڳُجُهہ سين، پڌر ناهہ اَرٿُ،
پهرين پاڻ لِڪائي پوءِ لُکَائج وٿُ.

(٢٨)

پاٽَهين لوڙائو ٿين، پاٽهين دانهون ڏين،
گهر وارن جاڳائين، چورن سڌ ڪرين.

(٢٩)

پاٽهي هائو، پاٽهيءَ واهرو، پاٽهيءَ چورن گڏَ،
ڪنهن کي ڪريان سڌُ، پنهنجون هٽيو پاڻ ڏئي.

(٣٠)

جَهنگ ڪامي پَٽ ٿيو، لَٿي چوران لِڪَ،
وئي وجُودان نڪري، جيڪا دڙي دڪَ،
هڪُ سجڻ، ٻي سِڪَ، ٻئي پهٽا پاڻ ۾.

## وائي

جاڳو يارا جيڏيون، پار پرين جي، جاڳو جوشان جيڏيون،
هلندي حبيبن ڏي، ويلو وڃ نہ ڪجي،
مٿان اُهس اُري، پَتنگَ جيئَن پئجي،
عرض احوال اُن کي، چڱي پَت چئجي،
نياز ڪري نڪٽي، واحد ڏي ورجي،
آهي موت مڙني تي، گوڙيون ڪيو ٿو گجي،
اَجل اِينڊُءِ اوچتو، جو سدا ٿو سُجهي،
اَڳيان اونداهيءَ جو، سَمَرُ ساڻ ڪجي،
تان کي قُوتُ قبر جو، ڪؤڙيون آن گهرجي،
آگو عيب آنهجا، ڍڪيا ڳجهہ ٻُجهي،
جيڪي وهي وجود ۾، صاحب سو سُمجهي،
ٻجيءَ ڊاءِ ڏٽيءَ جي، جيڪو پئہ پڄي،
اَمن آهي اُن کي، جو منجهہ الله جي اجهي.

## فصل پنجون

(١)

مون تي چيئہ ڪانڌ، پُتي ياڙِ مَ مَڪڙِي،
سڙهہ پُراٽا پاند، لهريون صحيح لڳنديون.

(٢)
اڳهين اتومانءِ، تہ مَک پَنھنجي مَڪڙي،
ٻوڙ شڪ مَ پانءِ، لھريونَ صحيح لنگھنديون.

(٣)
لَھريُن ليڪو ناھ ڪو، جت ڪَپَرَ ڪُنَ ڪارا،
اُڇاڙا عميقَ جاَ، اَڇن اوپارا،
اتي اسارا، وِير وڙھنديئہ ويسرا.

(۴)
وير وڙھنديئہ ويسرا، اُتي توھ طلب،
سائر ڪنھن سبب، ڪالھ نہ وِڏءِ ڪُن ۾.

(۵)
ڪالھ وڏئين ڪُنَ ۾، جاڏا جُنگ جھاز،
تُنھنجي اَڄ ترازَ آھي آرَ اکين ۾.

(٦)
آھي آر اکين ۾، ناڪُئا ڪج نگاھ،
وڏا ٻيڙا ٻوڙيا، سائر ڏيئي ساھ،
ملاحظو ملاح، ڪج ڪو اِنھينءَ ڪُنَ جو.

(٧)
مُلاحظو مھراڻ جو، مور مَ لاءِ مناءُ،
سامُونڊي َسَپال ڪي، سمھڻ آيئي ساءِ،
جاڳي جر متاءُ، تاري وَنئن ترازَ ڪي.

(٨)
تاري وَنئن ترازَ ڪي، منجھان موج ملاح،
دانھون ڪن درياھ جون، جي اونھي جا آگاھ،
سُونھَن جي صلاح، وٺ تہ وِير لنگھي وڃين.

(٩)
سودي ڪارڻ سنبھي، ويھون وڻجارن،
ويا چين، بنگال ڏي، رکي ماڻڪ من،
آيا تَنھن اوڙاھ تي، جتي ڍنگ ڍَرن،
لَھرين جَي لپاٽ سين، ڪَا ڪڙڪاٽ ڪَن،
قاسم ڪارونڀار ۾، اڙي لڳ مَ اُن،
اُتي اُتارن، ھادي ڏرين ھَنڙا.

(١٠)
هادي ڏيندين هٿڙا، وهڻ سر ويهي،
نوحُ جنين ناکئو، ثابت ويا سيئي،
تن جي ڪشتيءَ کي، ڪيهي تِڪَ طوفان جي.

(١١)
سُونهان سُڏيون ڏين، اِن ديواني درياه جون،
ڪُوڙ اوڏائي ڪين کي، رُڳو سچ سودين،
عجز جو اڌ رات کي، وَکر وهائين،
ساٿُ نباهيو نين، ثابت انهيءَ سير مان.

(١٢)
ثابت لَنگھيا سير، لهرئين لوڏيا ڪين کي،
وجي پهتا پار کي، نرتؤن منجهان نِيرَ،
ماءِ پهتا مير، پار لنگھِيائون پاڄهہ سين.

(١٣)
تُون ويسرو وير، ساٿين سَنبت پنڌ جي،
جوڙي جُنگ جهاز کي، ڪوڙ هٽائج ڪيِرَ،
وَهي وڻجارن جي، بندر ڏانهن بَهير،
گھر تنين جي ڪِيرَ، جن لاڳيندار لنگھائيا.

(١٤)
قرقل، قوتا پارچا، اگر ۽ عنبير،
ههڙو وڻج وني ڪري، وجهہ وڻجارا ويرَ،
پُتي پاڙ مَ مڪڙي، اڳيان سائر سڄي سير،
ڪونهي اهک، عنايت چئي، جر جوڪاري نير،
گھر تنين جي ڪير، ساٿ جنين جي سڄيون.

(١٥)
قرقل، قوتا، پارچا، پاٽيت پاتائون،
ڪونيون قيمت سنديون، تر ۾ تاڪيائون،
لاڄُن منجهہ لطيف چئي، ٻيڙا ٻڌائون،
نذر نبيءَ جام جو، چڙهندي چيائون،
جي چوهي چوڙيائون، سي ٻيڙيون رکين ٻاجهہ سين.

(١٦)
قرقل، قوتا پارچا، پاتائون پُڙيون،
انهيءَ کي عنايت چئي، ڦير نہ ڪن ڦُڙيون،
جي چوهي منجهہ چُڙيون، سي ٻيڙيون رکين ٻاجهہ سين.

(١٧)

وڃي جان ويهي، جَر پلؤ پائيان،
تڙِ پيڙا گهر سُپرين، اوسه اِي پيئي،
جيئن وڏجارو سين وکرين، سرَها سپيئي،
حرمت ساڻ حبيب جي، سونگيا نہ سيئي،
پاڻهي اوءِ پيهي، کندِ کيڙائو آئيا.

(١٨)

تڙ پُوڇيان، گهر سوريا، جنين واسيا وار،
پر لنکا پري هئا، اُنهين جا پتار،
آيا سڀ عنايت چئي، اُن جي پٽن پوءِ پچار،
سمندِ شاهوڪار، سيل رکي سنجهہ آئيا.

(١٩)

وينئي جَر جهاريان، پاڻهي لاءِ پرين،
خضر پير خداءِ جو، مان موٽائي تن،
وڃي ولاتن ۾، جُڳ لنگهيا کي جَن،
جنين ڏٺا تن چيا، تہ اِجهي ٽا اچنَ،
سهسين سُرهاڻيون لائيان، تَن کي خاطر تَن،
الهيٰ عنايتِ چئي، مُحب مان ملن،
واڏايون ورَتن، کَندِ کيڙائو آئيا.

(٢٠)

مُعَلم ميڙيو خُبرون، اوريان ئي آٽين،
سا کا سُڌ نہ ڏين، جتي وَهُ ويچون کري.

(٢١)

کو کو تارُو تنهن ۾، دنيا سڀ درياھ،
هڪڙي موج مهراڻ جي، ٻيو آتشي اوڙاھ،
طالبن توڙان، موڙي چاڙهيون مکڙيون.

## وائي-١

عمر سڀ عبث، ويل وڃايم پانهنجا،
وينئي لِکيو لوڙهيان، جيکي کيو مَسُ،
اَچي اپاڳن کي، راسخ اَچي رَسُ،
حال منهنجو هھڙو جهڙو، تان تون پرين پَسُ،
قلب کارو جو ٿيو، کاتب لاهين کَسُ.

## وائي-٢

اي يا الا! ڪيان لهندينءَ سي، وَحدهُ جي وَڍِيا،
جتي وَحدهُ وَڍَ ٿئي، جيڪو مونکي ني،
سِسي ڏيان ساه سين، آءٌ تنهن پانڌيءَ کي.

## فصل ڇهون

(١)

تانگهي ۾ تاٽي، ٻڌُ پَنهنجو تُرهو،
اونهي ۾ آٽي، ڪونہ ڏيندءِ ڪو پيو.

(٢)

تارُو تريو وڃن، ننڍا وڏا واهُڙا،
ايءَ پر اَتارُن، جئن ڳرا مٿن مولهيا.

(٣)

ڪائو ڪمايوم، موتي مون نہ وٽجيا،
سيهي جو سيد چوي، وَکر وهايوم،
سودو صرافن سين، اوچتو آيوم،
ههڙو حال سندوم، توهَ تُنهنجي اُبهان.

(٤)

ٻَندر جان پئي، تہ سُڪاٽا مَ سُمهو،
ڪَپُر تو ڪُن ڪري، جيئَن ماتيءَ مَنجھ مَهي،
ايڏو سُور سَهي، ننڊ نہ ڪجي ناڪُئا.

(٥)

ڪوڙين جي ڪائو ٿئي، سمنڊ ڪين سُڪَن،
پاٽيءَ سين پيڪ ڪَيو، تيلانهن وَٽجارن،
لعلون سي لَهن، جنين سودو سَچ سين.

(٦)

ڏوري لَهہ ڏاتارُ، جِمَ وهين ويسرو،
هَڪيو هوئج هوشيار، ڪَوِڻ ڪوَنديئہ اوچتي.

(٧)

سُتين کھڙي سار، وڄَ ڪونديئہ ويسرا،
تو جيڏا تو يار، لَھرين لھوارا ڪيا.

(٨)

نَئي ۾ نندڙون ڪَن، وڄ ڪوندي ويسرا،
اُتان آسارَن، وڃي وھ واڪا ڪيو.

(٩)

سُتين سنجھيئي، وڄ ڪِوَندءِ ويسلا،
وير وري ويئي، آسارن تان اوچتي.

(١٠)

ڪِوَڻ ڪِوايو، آيئي نند اَياڳ ڪي،
جِنين پوَ نہ پانيو، ڪري تَوائي تن ڪي.

(١١)

ساموندڙي ٿو سنبھين، ساڄُو جَھل سُڪاڻ،
لڳي واءُ وڏاندرو، مُنجھائي مھراڻ،
جنھن پانيو پاڻ، ڪري توائي تن ڪي.

(١٢)

سوداگر سمنڊ جا، لاڄُو لال وٺيج،
اڇا اولا عاجَ جا، چڳَا چتائيج،
سڙھ سپيئي سقلات جا، ڪُوھا خوب ڪٽيج،
سَت سُڪان سر ڪري، ڇھ ڇڄھريون اڏيج،
ٻارھن، تيرھن، پنڌرھن، سترھن سينگاريج،
ساري سٺ سيد چئي، پوري پڄائيج،
مُلانُ معلم خبرون، پڇي پروڙيج،
"وَسَقهمُ رَبهُم شراباً طَهُورا" پاڻي پاڪ پيئيج،
جنھن ڪي سڪي سپڪو، پرين سو پسيج،
لُڙ ۾ ڪيم لُڏيج، تہ ساھڙ ساموندڙي ٿئين.

(١٣)

نڪو سُڪ نَڪتين، نہ ويساند نئين،
جيڪا اڇيئي سامھين، پانئين سا سنئين،
موڙيءَ ڪوہ مُئين، جڳَن سڄيون راتيون سمھين.

(۱۴)
اُهکي راه اللہ جي اَهکي اَهکيءَ پِٽ،
هو جي ڏيهائي ڏيه جا، تن پڻ مُنجهي مَتَ،
آچاڙان اُبتِ، گهِڙج گهاٽي نِينهَن سين.

(۱۵)
مَ کي هيج، مَ هوج، ترس مَ تاڻ جهاز کي،
چؤ کلمون محمدﷺ تي، تہ اڳيان اچيئي اوج،
سَهکُيءَ پِٽِ سبوجهہ، تُنهنجي مکي ڊکي مَکڙي.

(۱٦)
توه جي وٺ تراز، تنهن ۾ پاءِ اسباب اخلاص جو،
متان کي من لوڏئين، پَسي جُنگ جهاز،
عادتئون، عنايت چئي، تنهنجي حاصل ٿئي هاج،
ناکئا ٿي نوازُ، تہ اگهہ مڙني هيکڙو.

(۱۷)
تن ۾ تراز توه جي، گهٽو لہ گهوري،
ادب ۽ اخلاص جا، سڙهہ ٻڌج سوري،
وکر وينتين جو تنهن ۾، پاءِ توري،
تہ عادتئون اوري، تنهنجو توائي نہ ٿئي.

(۱۸)
توٽي توائي، توءِ تنهنجو آسرو،
سچڻ ڳر لائي، کيرون ڏينديس جيڏيئن.

(۱۹)
ويه تون وساري، چنڊا جي چاڻ جا،
جو لک لهريون ڏي، کر سانجاه تَنهن سمنڊ سين.

(۲۰)
سمنڊ جي سيوين، تَنين ماٽک ميڙيا،
چلرجي چوئين، تن سانکوتا ۽ سُتيون.

(۲۱)
ٻڏو جن جهاز کي، ڏٽيءَ جو ڏاڳو،
اُنهن جو عنايت چوي، سفر سَياڳو،
اکڙين اوجاڳو، وَرن لاءِ سُهاڳڻيون.

## وائي

هي جي، هوءِ جي لَڪَ، مون ماريندا لَڪَ،
يا والي، ڪَيچ نہ اوڏڙيءَ ڇڪ،
اَنت نہ ڏجي عامر کي، لوڪان ڪجي لِڪَ،
پاڻ ۾ پارين ڪري، نينهن وهائجي نِڪ.

# سر سامونڊي

## فصل پهريون

(١)
پَڳه پاسي گهار، آيل سامونڊين جي،
وجهي جِيءُ جنجَار، جِمَ وڃَني اوهري.
(٢)
پڳه پاسي پُڇ، آيل سامونڊين جي،
من ۾ ٻاري مَچ، جِمَ وڃَني اوهري.
(٣)
پڳه پاسي ويهُ، آيلَ سامونڊين جي،
تون ويسري وک ڪٽين، هو پوريندئي پرڏيه،
سمنڊ جن ساٽيه، ڪوه نہ ويين اُن سين.
(۴)
جان ايندين تان آءٌ، هٽي هٽ پڳهين،
لڳي واءُ سواءِ، سڙهہ سانباهي نہ سهي.
(۵)
ننگر جان نہ ڪٽن، ونءُ وهلي نڪري،
مچڻ ڏيه وڃن، ناڙيون پوري ناڪئا.
(٦)
ننگر ۾ ناڙيون، پڳه ڪٽي پنڌ ٿيا،
بندر بازاريون، سُڃا سامونڊين ريءَ.
(٧)
لنگرئون نيٽين مَن اوليءَ نہ اوهري،
سباجهين سيٽين، پائي ڳڻ ڳهيو هنيون.

(٨)

سي ٺي جوين ڏينهن، جڏهن سفر سڄڻ هليا،
روئان رَهن نہ سُپرين آيل ڪريان ڪيئن،
مون ڪي چاڙهي چيئن، ويو وَڻجارو اوهري.

(٩)

نہ سي تڙ اوطاق، نہ وايون وڻجارن جون،
سرتيون سامونڊين جا، اڄ پڻ چِڪيم چاڪ،
مارينم فراق، پاڙيچيون پِرين جا.

(١٠)

ويا اوهري اوءِ، مون ڪي چڏي ماڳهين،
جُڳن جا جُڳ ٿيا، تئان نہ موٽيو ڪوءِ،
گوندر ماريندوءِ، ويچاريءَ وِيَنَ جو.

(١١)

اونهي ۾ اوهري، جڏهن جي ويا،
سانداري سمونڊ جي، نهوڙي نِيا،
وجي تت پيا، جت نهايت ناهِ ڪا.

(١٢)

اونهي ۾ اوهري، جڏهن ويا جي،
موٽي ماڳ نہ آئِيا، ماءُ سامونڊي سي،
ڪارو تنين ڪي، جيڪس وَهہ وري ويو.

(١٣)

اوڙاه ويا نہ وريا، آءٌ تنهن ماري ويڻ،
ڪري سامونڊي سيڻ، جُسي جاڙ پرائيو.

(١٤)

جي وئڙم اڄ، سي ڪڏهن ايندا مان گهرين؟
پريان جي هُن پار ڏي، وجي دنگي ڏُڄ،
سامونڊيڪو ڏجهہ، ماريندم ڪڏهين.

(١٥)

اُهريا جنائين، ڏڪن تن ترائيين،
سامونڊين سائين، واءُ سڻائو وارئيين.

(١٦)

سامونڊي ساري، مَتي تڙ گذاريان،
مون کي ٿي ماري، اُنهيءَ سندي ڳالهڙي.

(١٧)

سامونڊي ساري، ماءُ منهنجو جندڙو،
بندر ويچاري، وڃي لاٿا ڏينهڙا.

(١٨)

سامونڊيءَ کو سَنگ، آهي گُوندر گاڏئون،
انگن چاڙهي اَنگ، ويو وڻجارو اوهري.

(١٩)

وڃيئي وسري شال، جو تون سودو سکيو،
اجا آئين ڪالهہ، موٽيو سفر سنَبهينِ.

(٢٠)

ڳِريو جهليو روءِ، مَتي مهري هٽڙا،
ڪوءِ سودو سَندوءِ، جو تون ڍولا سکيو.

(٢١)

اُلوڙڻ نہ ڏي، وَرُ وڏائين وَنجهہ کي،
اَچوٽڪي راتڙي، رهہ لالن مون لائي،
وڃ مَ ڦوڙائي، ايڏي سَفر سُپرين.

(٢٢)

مُون جهليندي نہ رهيا، جيڪس نِہر نينهن سندوم،
قادر شال ڪندم، ويجهي وڻجارن سين.

(٢٣)

جيڪس نِہر نينهن سَندوم، جيئن مون ييني هُن ٿيليو،
سعيو سامونڊين سين، اڳهين تان نہ ڪيوم،
وڃهڻ منجهہ هومِ، پاڻ وراڪي رس سينَ.

(٢٤)

پيڙيءَ جي پَٽن، نينهن نہ ڪجي اُن سين،
اُيا ڏنيِ ڏسن، جُہ سڙهہ ڏيئي سير ٿيا.

(٢٥)
هنيئڙو پيڙيءَ جان، ڏُتڙ پي ڏينهن ٿيا،
پُڇو تان نہ پريان، ڪَرَلاهو ٿي ڪڏهين.

(٢٦)
ٿَن جن جي تانگ، سي سڄڻ سفر هليا،
لَئج لات لطيف چوي، ڪڏهن اِيندم ڪانگ،
ڪنهن سِتاٽي سانگ، پرين پرڏيهي ڪيا.

(٢٧)
تان ڪي لَئج ڪانگ، ڪڏهين ايندا مان گهرين؟
سيٽين ڪارڻ سانگ، مون تان گهٽيئي ڪيا.

(٢٨)
سَرن سَڙيا پاند، اُتر لڳا آءُ پرين،
مون تو ڪارڻ ڪانڌَ، سَهسين سُڪائون ڪيون.

(٢٩)
سَرَ لو هيڙا ڳيئا، ڪُسَرَ نِسريا،
سي ڪِ وِسريا، ڍول همارا هٿڙا.

(٣٠)
جيڪو اچي هاڻ، تہ ڪريان روح رچنديون،
آيل، ڍولي ساڻُ، هوند ڳر لڳي ڳالهيون ڪريان.

(٣١)
آيل ڍولي ساڻ، اچي تہ جهيڙِيان،
لايئہ ڏينهنَ گهڻا، مون سين ڪيئي ٿوڙڙا.

(٣٢)
ڍوليو وئو ڏور، سي ٿي ڏينهن گذاريان،
مادر مون مَ چور، نات پڌري پوندي پرينءَ ري.

(٣٣)
لاهيندا ئي ڪن، ڳالهيون هلڻ سنديون،
ڏيندا مون ڏُکن، وَہ وِجهندا جندڙو.

(٣٤)
مون ڪي جياريوءِ، پرين جي ڳالهہ ڪري،
ڏِنو اَڄ اَڏيوءِ، هِينئڙو ڪوٽ برج جئَن.

(٣٥)
ونئن وڃي واٽ، هينئڙا ماڳ پرينءَ جو،
چُميو چُمڻ چانٺ، هوءَ جا سندي سڄڻين.

(٣٦)
آءُ جن آساري، مٿي تڙ ڳذاريان،
مون کي وساري، شال مَ وڃن اوهري.

(٣٧)
آهين آساري، مٿي تڙ ڳذارئين،
توکي وساري، سنگت سامونڊين جي.

(٣٨)
سنهين لَکِ، نَکَ سنئين، ڪَجَل پنن نيڻ،
سامونڊي مَون سيَڻ، ڪي تو ڪالهہ لنگهائيا.

(٣٩)
هي سَڄڻَ سيئي، جي مون ڪوڏ نهاريا،
ايندم جان پيهي، تہ سپ لاهيندم ڏاڪڙا.

(٤٠)
چمڪيون چوڏار، ڏچون ڏاڙيچن جون،
ماءُ سامونڊي آئيا، سهسين ڪري سينگار،
اُنهي جي پچار، ڪالهون ڪر ڪانگ ڪري.

## وائي-١

پرين جي پنڌان، مون کي جي جهليندي‌ون،
سي نہ پڄنديون،
پلي ڪري آئيو، ناتارو ڏيهان،
پڳي ڪٿ سڄي تي، لٿي جاک ڳران،
سرتيءَ سورَ پرائيا، هاٽي هن هنڌان،
تان ڪي واس وهائيان پاروچي مُلان،
تان ڪي ڏونگر ڏوريان، جان ڪڙهہ اندر ساه،
مَتيون موٽڻ سنديون، تون هڏ آچ مَ ماءُ.

## وائي-٢

تڙ نھاريان تي، منھنجا بندر ويڙا جي،
مان سڙھ سجاٽان سڄڻين،
اُپي اوسه پانئيان، ڪارڻ وڻجاري،
وڻ ٽڻ ٻڏي وانئٽيون، جر ٽر ڏيا ڏئي،
گھٽون اُڪنڊي آھيان، پريئڻ پنھنجي ڪي،
ڪٿوري سمنڊ ڪي، آٽيو آڪا ڏي،
آسائتي آھيان، الا ڪانڌ اچي.

## وائي-٣

آيل ڪريان ڪيئن، منھنجو نينھن اَپليو نہ رھي،
ويو وڻجارو نڪري، مون ڪي چاڙھي چيئن،
سامونڊين جي سنگ ڪي، رئان راتو ڏينھن،
اُڏوھيءَ جيئن ڏڪڙا، چڙھيا چوٽيءَ سينئن،
گوندر مٿي جندڙيءَ وريا ولين جيئن،
مادر پائي مُنڊيون، وڃان ھاديءَ سين.

## فصل ٻيو

(١)

جي ويا پھرئين پُور، آھيان گھوري اُن جي،
سامونڊئيڪو سُور، ماءُ ماريندم ڪڏھين.

(٢)

سامونڊين سعيو، سدائين سفر جو،
ڪو ڏيھہ چتايو، اُونھي وڃن اُھريا.

(٣)

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،
اَٿ ئي پھر اٿن، سعيو ڪنھن سفر جو.

(٤)

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،
مون بيني ئي ھليا، بندر جي تڙن،
سرتيون سور سندن، مون ماريندو جندڙي.

(۵)
اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڄڻ جون،
هلڻ هارا سپرين، رئان تان نہ رهن،
آءٌ جهليندي‌س ڪيترو، آيل سامونڊين،
پڳهہ ڇوڙي جن، وڏا پيڙا پار ۾.
(٦)
لاهيان جي نہ چِتان، الا اُن مَ وسران،
مڙهيو منجهاران، جيءُ منهنجو جن سين.
(٧)
چِتان جي نہ چُرن، الا اُن مَ وسران،
مِون من آهي تَن، مڙهيو منجهاران هينين.
(٨)
تڙين تنوارين، ماءِ سامونڊي آئيا،
مون ڪي جيارين، وايون وڻجارن جون.
(٩)
اولا ڪڻي اُوءِ، پڳهہ ڇوڙي پنڌ ٿيا،
آيل سامونڊين جي، آهي اڙانگي جوءِ،
ڪڏهن ڏسنديس روءِ، وري هن اکين سين.
(١٠)
لڳي اُتر هيرَ، سامونڊين سڙهہ سنباهيا،
ننگر ڪڻي ناڪئا، ٿيا سٽاوا سير،
هيئنڙي نت اُڪير، ڪاري ڪيڙائن جي.
(١١)
اُتر لڳي اوهريا، واهوندي ورن،
آءُ گهٽو ئي گهوريان، سودو سامونڊين،
اڱڻ جن اچن، عيد در تي اُن ڪي.
(١٢)
اڱڻ آئيا جان، تہ سرتيون مون سک ٿيا،
اَملهہ پرينءَ مٽان، ٻرڪيو ٻين ڏيان.
(١٣)
آئي اُتر مند، هنئين اُڏڪو نہ لهي،
وَٽين لاجو بند، پيهر مڪين پيڙيون.

(١۴)
لاجو ٿا لوَن، اچن سڙهہ اُپٽيا،
ڪارڻ تن پرين، ويني واٽ نهاريان.

(١۵)
سڙهہ سجاٽيو چوءِ، سامونڊي آئيا،
مانَ منهنجو هوءِ، جاني هن جهاز ۾.

(١٦)
سڙهہ ٿي سبيائون، بندر جن تڙن تي،
سڙهہ سبي ساڃا ڪري، ڪوها ڪنيائون،
بيرقون بحرن ۾، چوڙئي چڙهيائون،
لهريون لنگهيائون، لطف ساڻ لطيف چئي.

(١٧)
سڙهہ ٿي سبيائون، بندر جن تڙن تي،
ملان معلم خبرون، پُڇي پورِيائون،
سُتَڙ سوٽيائون، اوتڙ ڪنهن نہ اوليا.

(١٨)
بندر ديسان ديس، ملهہ نہ ملي وارئين،
فقيراڻي ويس، املهَ ڏين اڻ توريا.

(١٩)
پتن پوءِ پچار، اُن ڪي سڙهہ ويندا گڏيا،
اُڪنڊَ مون اَپار، شال منهنجا موٽيا.

(٢٠)
اُپيون تڙَ پوڇينِ، وَهون وڻجارن جون،
آڻيو اَڪا ڏينِ، ڪٿوري سمنڊ ڪي.

(٢١)
جنين ڪارڻ مون، ٿي تڙ پوڇارا پوڇيا،
پنيم اُميدون، سي ئي سڄڻ آئيا.

(٢٢)
وائٽيون ٿيون ورڪن، اچا سڙهہ نہ پڌرا،
سيئي ٿيون مرڪن، جنين سندا آئيا.

(٢٣)
ڪوهن سر وائٽيون، وائٽين سر ڳنڍَ،
ڪِيرين ڪِيرين ڪنڊَ، ماءِ سامونڊي آئيا.

(٢٤)
جر تڙ ڏيا ڏي، وڻ تڻ ٻڌي واڻيون،
الا ڪانڌ اچي، آسائتي آهيان.

(٢٥)
جا جَرَ جاڻون نہ ڏي، ڏِيا نہ موهي،
سَڏون ڪوہ ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جون.

## وائي-١

آئين مون کي زور مَ جهليو، جيڏيون،
آءُ هلندي هوت ڏي،
اونهي ويا اوهري، ترازون تاري،
مري رهنديس ماڳهين، سامونڊي ساري،
سور تنهنجو سپرين، مون معذور کي ماري،
هاڻ نہ جيان جيڏيون، آءُ جا ڪُنيس ڪوهياري.

## وائي-٢

ڪرهل پائي لَڄُ، ڪوهہ نہ ويئين اُن سين؟
اُجارياڻون لوليون، ڏُٺارياڻون ڏڄَ،
متان وهين ويسري، اُتي پُورل پڄ،
سيڻن ساجهر لڏيو، تون آئي نهارين اَڄ،
ڪالهہ سبيايئہ ڪنجرو، انگون پاتيئہ اڄ،
ڪير سڻندو تنهنجون، ادورايُون اڄ.

## وائي-٣

ويندي آءُ هوتن وٽ، مون وهُہ وڻجارن سين،
پڳهہ ڪڻ مَ پاتڻي، جاني مون لاءِ جهٽ،
وايون وڻجارن جون، اديون اڄ نہ هٽ،
ڳرهيان سور سفر جو، هلي پنهنجي ارٽ،
پورينديس پرينءَ ڏي، ڪانہ ڪرينديس گهٽ،
ڏيئي سڙهَہ سير ٽيا، پير نہ لاياڻون پٽ.

## فصل ٽيون

(١)
پُران ماڻَ پُڄاڻ، بندر مون ڏور ٿيا،
نہ مون هڙ نہ هنج ڪِي، جو آءُ چڻي چڙهان،
اِيهين ڪج پاڻڻي، جنهن پَر پرينءَ مڙان،
ڪارون ٿي ڪريان، تو در اُپي ناڪئا.

(٢)
هڙ ۾ ڪين هُئون، هنئين هُن نہ چاڙهيا،
سارو ڏينهن سمنڊ تي، لهي سج ويون،
جڏهين سائينءَ سبب ڪيونِ، تڏهن سنڌ ٿيا سيد چئي.

(٣)
اسان اُڏارا، آٽي اَونگ چاڙهيا،
منهن ڏيئي مون آئيا، سَمَهان سيارا،
اُپرن سيڪارا، پسيو ور پين جا.

(٤)
مون اُپي تڙ وٽ، پرينَ پڳهہ چوڙيا،
ڪا مون ۾ گهٽ، نات سڄڻ سڀاجها گهٽو.

(٥)
مون اُپي تڙ هيٺ، پرين پڳهہ چوڙيا،
ڪا مون ۾ ڏيٺ، تان سڄڻ سڀاجها گهٽو.

(٦)
مون اُپي تڙ جَهل، پرين پڳهہ چوڙيا،
ڪا مون ۾ اَل، نت سڄڻ سڀاجها گهٽو.

(٧)
مون اُپي تڙ پاس، پرين پڳهہ چوڙيا،
هو الله اُهار اوهرئا، آءٌ دم دم دعا ڪندياس،
آه نہ لاهينديا‌س، موٽي ايندا مون گهرين.

(٨)
ڪيڙائن ڪارو، سنجهيئي سارئو،
آيل اُمارو، آهين پرئين پار جو.

(٩)
كاري كيڙائو، مٿي مِٿي موتيا،
سودو ڪن نہ سون جو، وڏا وهائو،
موتي جي مهراڻ جا، تن جا طاماعو،
سامونڊي سائو، لنڪا لوٽي آئيا.

(١٠)
لنڪا لنڪا ڪن، لي لنڪا جي اوهريا،
سٽي سون لنڪا جو، سک نہ سامونڊين،
پرهہ پڳہ چوڙيا، كاري كيڙائُن،
وڏي ياڳ پِرن، جي کَهيا ڪارونيار ڏي.

(١١)
وٽجاري وري، پره پڳہ چوڙيا،
اوليون پسي اُن جون، پيئڙم ڳچ ڳري،
ويندیس ماءِ مري، ساري سامونڊين کي.

(١٢)
وٽجاري واري، پره پڳہ چوڙيا،
كيڙائو كاري، سنيوڙا سيد چئي.

(١٣)
وٽجاري وائي، سدا آهہ سفر جي،
آيلَ اِهائي، مُون مارينديِ ڳالهڙي.

(١٤)
وٽجاري جي ماءِ، وٽجارو نہ پلئين،
آيو ٻارهين ماه، پڻ ٿو سفر سنبهي.

(١٥)
وٽجاريءَ ڪانڌاءُ، مون ور ويني گهاريو،
لڳي اُتر واءُ، ڍولو هلڻ جون ڪري.

(١٦)
جي تون وٽجارو ڪانڌ، تان مون هڏ مَ لائئون لڏيون،
پرڏيہ مٿي سانگ، انئي پهر جنهن ڪيو.

(١٧)

پرڏيه پُوريائون، سامونڊين سڙه سنباهيا،
ماءُ تن ماريائون، پاٽان وجهي گوندرين.

(١٨)

ڪارو جي ڪيڙين، سيئي منهنجا سپرين،
رُئان، رهن نہ لَڪ سيئن، جَهليان جَهل نہ ڏين،
وِرهہَ وِيڌ ڪَرين، آيل سامونڊين جا.

(١٩)

ٿيا ڏياريءَ ڏينهن، سامونڊيُن سفَر جي،
مُون سر ونا جيڏيون، ڏُکن سندا مينهن،
ڪيسَ نماٽي نينهن، ڪاري ڪيڙائن جي.

(٢٠)

ڏني ڏياري، سامونڊين سڙھ سنباهيا،
وجهيو ور ونجھ ڪي، روئي وٽجاري،
ماريندي ماري، پرهَ سُور پرين جو.

(٢١)

ڏني ڏياري، سامونڊين سڙھ سنباهيا،
ان ڪي مند اُتر جي، اوچتي آئي،
وٽجارن وائي، آهي پرئين پار جي.

(٢٢)

ٿي ڏياريءَ ڏيٺِ، ڍلو هلڻ جي ڪري،
مڪيو پنهنجون مڪڙيُون، چينين چگيءَ چيٺِ،
رُئان رهن نہ سپرين، جانڪي جهليان ٻيٺِ،
مُون سين ڪري ميٺ، سجڻ سفر هليا.

## وائي-١

ائين اچي پسو، جيڏيون پيرا،
ووءِ! هي جو وه منهنجي جندڙي،
پائي وئڙا پير ۾، منجهان ڪرس ڪسو،
ڏيئي وئڙا ڏيهہ ڪي، سورن جو سَرسو،
آءٌ ڏوريندي اُن ڪي، ڏيئي تن تَسو،
ساءُ نہ آيان سور جو، هاٽي ٿيون هُسو،
متان وهو ويسريون، رڙهون تان رسو،
منداڻتي مينهن جيئن، ويرو وتار وَسو.

## وائي-٢

ڏک لاهيندم، ڏونگر! وومآءِ!
پرين جا، مون کي سپيئي،
جو پسان سو پانئيان، پريان جو پَهي،
ڏاڍي ذت جتن جي، ويئي ڏيلُ ڏهي،
آءٌ ڏوريندي ان کي، رائي رات رهي،
ڏنا وڻ کوهيار جا، ويئي اُج لهي.

# سر سهڻي

## فصل پھريون

(١)
وهَ تکَ، واھڙ تکَ، جت نينهن تکَ نرالي،
جن کي عشق عميق جو، سي خلوت خيالي،
وارئين سي والي، هينئڙو جن هٿ کيو.

(٢)
انڌيءَ وچون، کنڌيءَ وچون، تنگيان لهي نہ تک،
صورت جا ساھڙ جي، ڏيلَ پنھنجي ڏِکَ،
واھڙ تنين وِکَ، جن سانپاران سپرن.

(٣)
واھُڙ وَهن نہ وانءُ اجا وَھہ اڳي ٿيو،
گهر ويٺيون گهڙا کريو، سرتيون سنگ سنوان،
صورت جا ساھڙ جي، سا جي ڏٺي آن،
هوند نہ پليو مان، گِهڙو سيِ گهڙا کڻي.

(۴)
جيڏيون ڏٺيان جي، صورت ساھَڙ ڇام جي،
سک ٿي ستيون کينکي، کانڌن پاسي کي،
مُنهان ئي اڳي، گهِڙو سيِ گهڙا کڻي.

(۵)
ڏٺي جن هيکار، صورت ساھڙ ڇام جي،
سک ٿي ستيون کينکي، پري ساڻ پتار،
گِهڙيون گهڙنئان ڏار، کاھي پَيِيون کُنَ ۾.

(٦)
ساھڙ منهنجو سرتيون، جي ڏِسو سِپيئي،
سمهو کين سک ٿي، وَرَ پاسو ڏيئي،
مُنهان اڳيئي، گِهڙو سيِ گهڙا کڻي.

(٧)

جيڪي ڏنو مان، سو جي ڏنو جيڏيئين،
گهر وَرنين سان، هوند گهڻن گهوري ڇڏيا.

(٨)

گهڙن واريون تڙن تي، گهڙن گهٽيئي،
سپڪا چئي، آءٌ سهڻي، لئہ پرِيان پيئي،
صُباح سپيئي، پسبيون پاتار ۾.

(٩)

ڪَنڌيءَ پاس ڪلا، ڏُونهان دوست مِهار جا،
پسي دَوُرُ درياَهہ جو، دَهلج ڪيم دلا،
مچڻ ڪا ڳِلا، ساهڙُ سَمن جي ڪرِي.

(١٠)

ساجهر سَنگهارن جي، ڪنڌيءَ ڪُنَ ڏنام،
آسائبي ارواح جي، اُپِي تڙ تڪيام،
وڏي وير لڳيام، گهِڙان گهوريو جندڙو.

(١١)

پريئن پر پريت مان، ٿو ساهُڙ سڏ ڪري،
جي نہ گهڙان موٽي وڃان، تہ ڪا ساهہ سَري،
ور جان پَتِ پري، گهڙان گهوريو جندڙو.

(١٢)

ڪنڌيءَ اُپيون ڪيتريون، ”ساهڙ ساهڙ“ ڪن،
ڪنين سانگو ساه جو، ڪي ”گهوريس“ ڪيو گهڙن،
ساهڙ سندو تن، سرُ سَهائي گهڙن جي.

(١٣)

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻهون نهاري ٻنگ،
”سرَ در قدم يار فدا شد چہ بجا شد“، وصل اهوئي ونگ،
رات جَنين جو رنگ، الله سي اُڪارئين.

(١٤)

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻهون نهاري ٻنگ،
”وَاَما مَن خافَ مَقامَ رَبہ“، ايُ لنگهيائين لنگهہ،
سڪنديءَ ڪي سيد چئي، ڪين جهليندو جهنگ،
رَات جنين جو رنگ، الله سي اُڪاريئين.

(١٥)

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، چيلهہ ٻڌي چوتو،
مُنهنجو مَنُ ميهار ڪي، پار وڃي پهتو،
گوتي ۾ گوتو، مون ڪي محب ميهار جو.

(١٦)

گهڙي گهڙو هٿِ ڪري، سانگو ڇڏي ساهہ،
ويچاريءَ وڏيون ڪيون، دانهُون منجهہ درياهہ،
ٻَرُ ٻانهہ ڇڏيو، وييس سپيئي واهَ،
مدد ريءَ ميهارَ جي، غرض سڀ گناهَ،
نُوري ڪر نگاهہ، تہ ساهڙ لنگهيان سير ڪي.

(١٧)

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻوڙيائين ٻانهون،
ويچاريءَ وڏيون ڪيون، وچ درياهہ دانهون،
موٽ محب پاهون، تاڪُن تَڪي آهيان.

(١٨)

گهڙي گهَڙو هٿ ڪري، الاهي تُهار،
جنگهہ جرڪي وات ۾، سسيءَ ڪي سينسار،
ڇُوڙا پيڙا چڪ ۾، لُڙَ ۾ لڙهيس وار،
لکين ڇهتيسِ لوهٽيون، ٽيلهيون ٽرنئون ڏار،
مڙيا مڇ هزار، پاڳا ٽيندي سهڻي.

(١٩)

وٽن وينا ڪانگ، وچين ٿي ويلا ڪري،
گهڙي گهڙو هٿ ڪري، سُٽي سانجهيءَ ٻانگ،
سي ئي ڍونڊي سانگ، جتي ساهَڙُ سپرين.

(٢٠)

منهن جنهين جي مون، ڏٺو منهن ميهار جو،
آهيم ساهہ سنئون، سو ڪيئن گهڙو گهوريان.

(٢١)

گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، مر چور ٿئي چوڙو،
"طالِبُ المولئٰ مُذڪر"، اِي ٻڌندن ٻوڙو،
ڪوڙهيو ڏمُ ڪوڙو، مون ميهار مَن ۾.

(٢٢)

گهڙو ڀڳو تہ گھوريو، مر ٻيڙي ٿئي ٻانهين،
"طالِبُ المُوليٰ مُذکر"، اِيءَ پر اسانهين،
پئان مَ پاهين، مون ميهار من ۾.

(٢٣)

گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، ڀاڳان هو حجاب،
واڄٽ وڄي وجود ۾، رهيو روح رباب،
ساهڙ ريءَ ثواب، آءٌ گهڻو ئي گهوريان.

(٢٤)

گهڙو ڀڳو تان گهوريو، ڀڄي تان مَ گهڙي،
مولهاڻو محب جو، ڀڄي ٿيو ڀري،
مَٿان وير وري، ساهڙ ڏنم سڏڙا.

(٢٥)

گهڙو ڀڳو تان گهوريو، ڀڄي تان مَ گهڙي،
محبتي ميهار سين، اٿم جيءَ جڙي،
دل ۾ تنهن دوست جي، چٽکي نت چڙي،
کُڏي پيَس کُن جي، آرَن منجهہ اڙي،
موجن ڀَر مهراڻ جي، لُڏيس کين لڙي،
ساهڙ کاڻَ سڙي، لتکان لهرين وچ ۾.

(٢٦)

گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، تان کي ترُ هينئان،
ادب اکڙين کي، ڏينهاڻي ڏيان،
ميهارن ميان، سنئون سونهائين پيچرو.

(٢٧)

گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، آسرو مَ لاهيج،
"لا تَقنَطُوا من رَحمت اللّٰهِ"، تُرهي اِن تريج،
حبيباڻي هيَج، پسين منهن ميهار جو.

(٢٨)

گهڙو ڀڳو، مُنڌ مُئي، ويا وسيلا،
سار چڱيائين سير ۾، هَي رهيا حيلا،
سهڻيءَ جا سيلا، وحدت سڀ وڃائيا.

(٢٩)
گهڙو ڀڳو، مُنڌ مُئي، وسيلا وياس،
پيئي منهن مهراڻ جي، واڳن وات وڏاس،
ساهڙ سُڌ لڌياس، ثابت لنگهي سير مان.

(٣٠)
گهڙو ڀڳو، مُنڌ مُئي، وسيلا ويا،
تنهان پوءِ سُئا، سهڻيءَ سڏ ميهار جا.

(٣١)
جڏهن وسيلن، لوڙهي ڇڏي لڙ ۾،
پارارا پرينِ، تڏهين پڇي سهڻي.

(٣٢)
ڪامان، ڀَچان، ڀڄران، ٻَران ۽ ٻڙڪان،
اُڇريو پُئان آر ۾، ترسان نہ ڪنهن تڙ ڪان،
ڪاري ڪارونڀار ۾، واڳن جيئَنَ وَڙڪان،
لهرين ۾ لڙڪان، ساهڙ رسج سير ۾.

(٣٣)
توڏي پيئي تار ۾، سندڽُ نہ ڪنيايئن ساڻ،
ڪاري ڪارونڀار ۾ پيئي پڇاڙي پاڻ،
مَتو جي مهراڻ، سهڻيءَ سنڪو ڀانئيو.

(٣٤)
اُونهيءَ ۾ اڏَ ڪيو، دليلن دلو،
ساهڙ مونکي سير ۾، ڏيلج ڪيم ڏِلو،
واڳن وراڪيس وچ ۾، ڪُنن ڪيو ڪلو،
ميهارَ توريءَ ناهہ ڪو، مُون بيهُوديءَ ٻَلو،
سِگها مُحبِ ملو، تہ اُونهي منجهان اُڪرَان.

(٣٥)
ڪچو ڪم نہ آئيو، ڀُلايس ڀيلي،
ڪُڏي پيس ڪُن ۾، رُوح سندي ريلي،
واهَر ڪر ويلي، نہ تہ ساهڙ وڃان ٿي سير ۾.

(٣٦)

پاڻ مَ ڪٽج پاڻ سين، وسيلا وسار،
لُڙ لنگھائي سوھڻي، پرت وجھنديءَ پار،
سي ترت لنگھينديون تار، اُڪنڊ آڳھ جن سين.

(٣٧)

پاڻ مَ ڪٽج پاڻ سين، ريءَ وسيلي وانءُ،
مٿان سائر سھڻي، پرت ونجي پانءُ،
نينھن ڳنھندي نانءُ، ونءُ پريان جي پار ڏي.

(٣٨)

پاڻ مَ ڪٽج پاڻ سين، ريءَ وسيلي وڌ،
لالن تنين لڌ، عشق جن جي اڳ ۾.

(٣٩)

پاڻ مَ ڪٽج پاڻ سين، وسيلا وڃاءِ،
عشق ساڻ اُناءِ، پيرِ پريان جي پار ڏي.

(٤٩)

پاڻ مَ ڪٽج پاڻ سين، ريءَ وسيلي وڃ،
پيلو پيري پيچ، اُڪنڊ ڪڻ عميق ۾.

(٤١)

آڳھ عشق واريُون جڏھن ڪيا جن،
تڏھن رَسيا تِن، مھڻا مُحب ميھار جا.

(٤٢)

ڪونھي آڳھ اھڙو، جھڙي محبت من،
اُپيون اورئين پار ڏي، ڪُوڙيون ڪک پچن،
ندي تن نيڙ ٿئي، جي ريءَ تُرھي ترن،
سک رساڻي سھڻي، اصل عاشقن،
سي جھليون ڪين ڪُنن، پچن مَرُ ميھار کي.

(٤٣)

پُڇن جي ميھار کي، پڇي سي ميھار،
فَاذڪُروني اَذڪُرڪم، اِي پروڙج پار،
ترھو تنين بار، عشق جنين کي آڪرو.

(۴۴)
عشق جنين کي آکرو، ترهو متي تن،
جي ساهڙ کي سڪن، تنين جَرِ جندڙ ٿئي.

(۴۵)
ترهو آڇ مَ تن کي، جن عشق سين آگاه،
پُڇي مَس مَلاحَ، ساهڙ متي سهڻي.

(۴۶)
ساهَڙُ سا سهڻي سائِرُ پڻ سوئي،
آهي نِجوئي، ڳجه ڳجهاندر ڳالهڙي.

## وائي-۱

کهڙي منجهه حساب، هوئڻ منهنجو هوت ريءَ،
گولي ڀيچ گناهه ڪان، ڪونهي سوُل ثواب،
نہ ڪي تفاوت ۾، نہ ڪي منجهه رباب،
خُدايائي خوب ٿئي، لائين جي لعاب،
پلِيتُ ئي پاڪ ٿِئي، جُنبيو منجهه جناب،
سو نہ ڪنهن شيءِ ۾، جيڪي منجهه تُراب،
جي جَهرَڪيا جر تي، سي تان سڀ حَباب،
هاديءَ سين هُن پار ڏي، رڙهين ساڻ رڪاب،
چنبو وجهي چور جيئَن، آءُ ڇڙ عقاب،
ديد وڃايم دوست جو، هلي منجهه حجاب،
ڪسرت آهي قرب ۾، ادغا ۾ اعراب،
فنا وجهي فَمَ، ڪارن ٿيءُ ڪباب،
ڏي طهُورا تن کي، جي سڪن لاءِ شراب،
هوئڻ منهنجو هوت ري، ڪهڙي منجهه حساب،
مُنيءَ ڪيا مرض ۾، ياوَه سڀ جواب.

## وائي-۲

سچا ساهڙ مون کي تون، ونهيان واهر مون کي تون،
نيئي نيئي اول، پريان جي پار ڏي،
ڪُن جي ڪارونڀار جا، سي آءُ ڀانئيان ڀون،
نيئي نيئي اول پريان جي پار ڏي،
سَندو جيڻ آسرو، مَنان لاٿو مون،
نيئي نيئَي اول، پريان جي پار ڏي.

## فصل ڀيو

(١)

ڪَرَڳل ڪوچ ڪُن گهڻان، جت جر واڳو جٺائين،
پاڻ اُڇلي آبَ ۾، وَهَ سِر وڏائين،
لهريون لنگهيائين، لطف ساڻ لَطيف چئي.

(٢)

ڪَرَڳل ڪوچ ڪُن گهڻان، جت دڙڪو منجهہ درياهہ،
اَچيو اُتاهين گهڙي، سانگو ڪري نہ ساهہ،
ساهڙ جي صلاح، پار لنگهايَس ٻاجَهہ سين.

(٣)

دهشت ڏوم درياهہ ۾، جت هيبت هُلاچو،
ورچي ويرن وچ ۾، ڪَاڏَي ويو ڪَچو،
سَاهڙ ڄَام سچو، ساڻي ٽيندم سير ۾،
دهشت ڏُوم درياهہ ۾، جت سٽاٽا سينسار،
بيحد باگو بحر ۾، هيبت ناڪ هزار،
ساريان ڪانہ سَرير ۾، طاقت توهان ڏار،
ساهَڙ ڄام سَتار، سگهو رسج سير ۾.

(٥)

دهشت ڏوم درياهہ ۾، جت ڪڙڪا ڪُنَ ڪرين،
ٻچَل ٻانڊي ٻار ۾، لهريون لوڏا ڏين،
سَناوَرَ ساهميا، جت سيٽاهيان نہ سنڊين،
ويريون واٽ نہ ڏين، ساهڙ سيرِ لنگهائين.

(٦)

دهشت ڏُوم درياهہ ۾، جت ڪَڙڪو ڪُنُ ڪري،
توڏي تاڪُن وچ ۾، مٿان ويرَ وَري،
آءُ ساهَڙَ منهنجا سپرين، پرتئون پيَر پري،
هادي هٿ ڌري، اونهي مان اُڪارِيئين.

(٧)

دهشت ڏوم درياهہ ۾، ڪُنن جا ڪَڙڪا،
سهي ڪين سمونڊ جا، ماندي دل دَڙڪا،
ساهَڙ ڄام سُڻ ڪا، فريادي فَقير جي.

(٨)

دهشت ڏوم درياهه ۾، جت ڪُنن جو ڪَڙڪو،
ڪونهي ڪائيارن جو، تار منجهان تڙڪو،
آهيم اُنهين پار جو، دل اندر دَڙڪو،
پڄي شڪ سيد چئي، سير سندو سَٽڪو،
والي ڪر وَڙڪو، تہ ٻارِ لنگهيان ٻاجهہ سين.

(٩)

دهشت ڏوم درياهه ۾، جت لُڙ لهريون لس ليٽ،
آٽيو اوپارن ۾، ٻانڊي ٻوڙي ٻيٽ،
جت چِڪڻ جي چَپيٽ، اُت سيد سير لنگهاءِ تون.

(١٠)

دهشت ڏوم درياهه ۾، جت تکيون تَنوارون،
منهنجون مانَ ميهار کي، پهچن پُڪارون،
ساهَڙ سنپارون، لهرن لوڏي نہ مران.

(١١)

دهشت ڏوم درياهه ۾، جت جايون جانارن،
نکو سَنڌو سير جو، مَپُ نہ ملاحن،
درندا درياهه ۾، واڪا ڪيو وَرن،
سچا پيڙا ٻار ۾، هليا هيٺ وڃن،
پرزو پيدا نہ ٿئي، تختو منجهان تن،
ڪو جو قهر ڪُنن ۾، ويا ڪين ورن،
اُتي آن تارن، ساهڙ سير لنگهاءِ تون.

(١٢)

دهشت ڏُنَس درياهه ۾، جت لهريون ڪن لوڙا،
سَوين اچي سمنڊ ۾، سيٽاهيا سوڙها،
جي تارون هُئا توڙان، تن هُري پاڻيو هيڪڙو.

## وائي-١

ادا ڙي ڏوتي، آءٌ پچان تو تي،
ڪيچ رسنديس ڪيئن، ڏس مون ڏي،
نہ آءٌ سمي، نہ سومري، نہ آءٌ جت، نہ اوني،
آءٌ انهيءَ مان آهيان، جي ٻانيڻ پڙهن ٻولي،
پرت ٿينديس، پرين پچائيندس، پچاڙيندس پوني،
سنجهي ويئڙو سپرين، ساجن پچان سو تي،

سنجهي ساٿ پلاڻيو، تو پلاڻيو پوءِ ٽي،
هٿان ٽي هوت ويو، جتُ پڇين جو ٽي،
هلج هوت پنهونءَ ڏي، مَنجهان نِينهن نِکو ٽي.
آتڻ وجهي آگ ۾، منجهان جوئن جوءِ ٽي،
سنجهي ساٿ سڌاريو، پُنهونءَ پچان پوءِ ٽي،
رويو رُئان رُجن ۾، هَي هَي هٽ کوه ٽي.

## وائي-٢

کهڙو سَنگُ سياڪو، هاري مون هوتن سين،
آءٌ هيڪلي حَبَ ۾، نہ مون مٽ ، نہ ڪاڪو،
پنڌ پيادي، پَنڌُ گهڻو، نہ مون اُٺ، نہ ناقو،
چڙهي نہ سگهان چوٽئين، ڏونگر ڪونهي ڏاڪو،
پرين پچنديس پٻ ۾، وڻ وڻ وجهنديس واڪو،
هوءِ جا پڪَ پنهونءَ جي، چَٽيان تنهن چُٺاڪو.
پسڻ ڏاَران پرينءَ جي، فقير پوءِ مَ فاقو،
وِچُ مَ پوءِ وصال ۾ لک مَ پوءِ لِياڪو،
آتڻ وجهي آڳ ۾، پڇنديس پوءِ پهاڪو.

## فصل ٽيون

(١)

تَڙُ تکڻ، تار گهڙڻ، اڀءَ ڪاٽيارن ڪم،
ڏَھ ڏھ پيرا ڏينهن ۾، ڏيئي ڏوراپا ڏم،
عقل، مت، شرم، ٽيئي نينهن نهوڙيا.

(٢)

گهيڙان ڪري نہ گهور، تَڙ تکڙ ڪان نہ لهي،
جنهن کي سک ساهڙ جي، پُورن متي پُورَ،
ڪاريءَ رات ڪُنن ۾، وَهمن کي وِهلُور،
جنهن کي ساڻ پرين جا سُور، تنهن کي ندي ناه نگاه ۾.

(٣)

جئان گهڙي تئان گهيڙ، ڪَپرو پچن ڪُوڙيون،
ڏَمَ سين جسَو ظاهران، من ميهار سين ميڙُ،
سا نَدي پائين نيڙ، جنهن کي سِک ساهَڙَ جي.

(۴)

جئان وھي تئان واٽ، ڪَپرو پڇن ڪُوڙيون،
جن کي سڪ ساھڙ جي، سي گھيڙ نہ پڇن گھاٽ،
جن کي عشق جي اُساٽ، سي واھڙ پائئين وڪڙي.

(۵)

اَوتڙان تڙ ٿيو، ڪنھن جِنھن گھڙي گھيڙ،
ڏم پاسي ڏُڪندو، من ِسين مھارن ميڙ،
سا نَدي پائئي نيڙ، جنھن کي سڪَ ساھڙ جي.

(٦)

ڪنھن جنھن گھيڙ گھڙي، جڻ او تَڙان تڙ ٿيوس،
سالم ويئي سُھڻي، ڪُنن ڪين ڪيوس،
اُھي اڪڙين ۾، پريان جو پيوس،
حقان حق ٿيوس، ھُئي طالب حق جي.

(۷)

توڏي توڙائين، نينھُن نوازي سُھڻي،
ڳچيءَ ھار حبيب جو، لائق لڏائين،
سو تڙ سونائين، جيڏانھن عالم آسرو.

(۸)

ھُئي طالب حق جي، توڏي لاڪون توڙ،
نہ ملاح نہ مڪڙي، نڪي ٻڏئين نوڙ،
پاڻي پنيءَ پوڙ، سھڻيءَ ليکي سِير جو.

(۹)

پاڻي پنيءَ ھيٺ، سھڻيءَ ليکي سيرَ جو،
پيڙيو ٻڏي بيٺ، وڃي ڪُن ڪپيندي.

(۱۰)

وڃي ڪُنَ ڪپيندي، سُھڻي منجھان سڪَ،
ھڏ نہ پڳيس ھِڪَ، محبتي ميھار جي.

(۱۱)

توڏيءَ ٻي نہ تات، ميھار ئي من ۾،
جُھ پڻ پيپس رات، ھو ساھڙ ھوءَ سھڻي.

(١٢)
توڏيءَ مينا راڳ ھي، مجلس ميني تال،
گهر کي ميني کامٽي، اور انکي ميني لاچ.

(١٣)
توڏي تهائين جي، سي هتي چڙهي حرص،
ساهڙ ڏاران سُهڻي، کوٽيون کن کرس،
وڏي اِيءَ ورس، جيئن ڏم وٽ ڏينهن گذارئين.

(١٤)
توڏيءَ کي تعظيم، پين سرنيان اڳري،
اوڏي ٿي الف کي، مَن گڏيائين سين ميم،
جيلانهن ذات حليم، ملي تي ميهار کي.

(١٥)
ساري سک سبق، شريعت سندو سهڻي،
طريقتان تکو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مَرک، اُصل عاشقن کي.

(١٦)
صبر شاکرن، آهي اوطاقن ۾،
جي واصل ٿيا وصال ۾، سي ذرو ظاهر نہ کن،
وبيت واهڙ ترن، هينئڙا، جن هڄي ويا.

(١٧)
پل پل ٿي پلي، ڏَم ڏهاٽي کيترو،
پسي دور درياهَ جو، وچان کين ولِي،
کاري رات قريب ڏي، منجهان حُب هلِي،
نہ کنهن جهول جَهلِي، هُئي سمن پوري سهڻي.

(١٨)
جهول نہ جهلي سُهڻي، سائر سَٽَ سندياس،
جنهن چائي اهڙي عاجزا، سا مَرُ مَرکي ماس،
پسين جي پياس، تہ کي عشق آڻئين.

(١٩)
نکا جهول جهليس، نہ تانگهو نہ تار کي،
ڏَمَ ڏهاٽي کيترو، پر ۾ تو پليس،
تان تان جيءُ جَليس، ملي جان نہ ميهار کي.

(٢٠)

سيه سيارو، پاڻي پارو، جهڙ، جهڪ ۽ جهول،
من اندر ميهار جا، هينئڙي اڇن هول،
جيلانهن ٻڌيس ٻول، تي آڙانگان آر تران.

(٢١)

سياري سيه رات ۾، جا گهڙي وسندي مينهن،
هَلو تہ پُڇون سُهڻي، جا ڪر ڇاڻي نينهن،
جنهن ڪي راتيُون ۽ ڏينهن، ميهار ئي من ۾.

(٢٢)

سانوڻ گهڙي سيڪا، هي سَرَهي سياري،
تَنُ وڌائين تار ۾، ارواح جي آري،
محبتي ماري، ڪونهي داد درياه ۾.

(٢٣)

ٻانڌي جي پيلي ٿئين، تہ حال گُرهيان هيءُ،
سگهو ساعت نہ جندڙو، جر ري مُنهنجو جيءُ،
سانوڻ سيارو پاڻيان، وهہ پريان جي ويءُ،
پار جنين جو پيءُ، وڃڻ واجب تن تي.

(٢٤)

واهڙ پريون نہ پاءِ، تو پڻ لکيو ڏيٺو،
سدا سانوڻ ڏينهڙا هينئين نہ هونداءِ،
وهاڻي ويندءِ، اوپر اُتاهان لهي.

(٢٥)

واهڙَ وَهين مَ شال، سُڪي پيلاٽيون ٿئين!
پسان تنهنجي پيٽ ۾، لاٽا، لُوت، ليار،
جنهن تو سپ ڇمار، آسائتيون پوڙيون.

(٢٦)

ڪَڙِ ڪَڙِ ڪُن مَ وَڄ، ٻانڌي ٻوڙ مَ ٻار ۾،
مون تي جا ميهار جي، سا ڪيئن ڏُئان ڏڄ،
توءِ گهڙنديس اَڄ، جي اُبتا آر ڪرين.

(٢٧)

ادا ڙي ٻانڌي، توکي ڪڙھان ڪ پاڻ کي،
سوڌي خبر سڄڻين، تو ڪا َتڙ آندي،
تون پاتار ۾ پانڌِي، اسان پَنڌُ پرينءَ ڏي.

(٢٨)

محبتي ميھار جون، دل اَندر ڏُونھيون،
آٽيو وجھي آر ۾، لھاٽو لوھيون،
جي ساھڙ جون سُونھيون، سير سَندو تن کي.

(٢٩)

ٻانڌ مڙيئي ٻيٽ ۾، سُڪي ھُئڙا گڏ،
جڏھن ٿين ساھڙ سڏ، تڏھن لُڙھي لھوارا ٿيا.

## وائي-١

پانڌي پرينءَ جو، اي آءٌ مان کو پسان،
پنر پنيءَ اُسھو، ڏونگر ڏورڻ اسان،
مُندائتيَ مينھن جيئن، ويلو ويل ٿي وَسان.

## وائي-٢

ڪُه جاٽان ڪيڏاھين، مُنھنجو تَنُ تَتي تيڏاھين،
سائين نيٽين نينھڙو، لڳائي ويڙا،
جيڏانھن عالم آسرو، مون پڻ آه اوڏاھين،
دونھين دوست ميھار جي، ڏيئي جيئن ڏنائين،
ساري سُپرينءَ کي، رھبر رت رنائين،
دامن تيڏي چنگل ميڏا، روز قيامت تائين،
پِير اسانڏا حضرت ميِران، جُملي جي آس پُڄائين.

# فصل چوٿون

(١)

اَديون سڀ اندام، منھنجا چِڙَن چوريا،
لارن جا لَنئُن لائي، سا ڪيئَن آڇيان عام؟
لڳيسَ جنھن جي لامَ، سو دوست دلاسا منجي.

(٢)

چوڏاري ڇَڙا، ٻُرن ٻيلاين جا،
سُتي سنپارن جو، پيم ڪَن پڙاءُ،
وھڻ مون نہ وڙاءُ، سٽيو جھانءِ جھڄي ھنئون.

(٣)

ڇڙن چوري آھيان، سُک تي سُمھان ڪيئن؟
ساريان ساھڙ چام ڪي، ڏھ ڏھ پيرا ڏينھن،
ميھارَ مرڻ سينئن، نيئرُ پاتم نينھن جو.

(٤)

ڪارا ڪُن، ڪاري تڳي، ڪاريھرن ڪڙڪا،
مَئي متي مھراڻ ۾، اچن ڊُپارا دڙڪا،
ويندي ساھڙ سامھان ڏنس جھول جَھڙڪا،
ڪڙڪن جا ڪڙڪا، سُونھان ٿيئڙس سِير ۾.

(٥)

ڪڙڪن ڪِجاياس، ٻيلي پاس ٻُرن جي،
ڇڻڪن جي ڇيچ ڪيا، تن واري وھ وڏياس،
لاکو لطف الله چئي، اچي آبَ گھڙياس،
سرتيون ڪنھن سياڳ ڪي، سڪڻ آءٌ سکياس،
وسان ٿي وييياس، مليس جي ميھار ڪي.

(٦)

ڪڙڪن خوش ڪياس، محبتي ميھار جي،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، آڏي تي اُتياس،
ستي جاڳاياس، سانيِر سُپرين جي.

(٧)

جياريس سنپارَ ڪوھ ڪريندم ڳڏجي،
وير وَتار وجود ۾، پرينءَ جي پچار،
سي سڄڻ ھُونِ نہ ڏار، جي ھينئڙي ۾ حل ٿيا.

(٨)

ٻيلي پار ٻري، مون ڪي ڇڙن چوريو،
محبتي ميھار جي، سُتي شاخ چري،
مٿي جھوڪ جُھري، پونديس پاڙيچن جي.

(٩)
هُن پر سُيَم هُوءِ، ستي سنپارن جي،
چت ڇَڙن چوريو، ذوق ٿئَڙم جُوءِ،
محبت ۽ مجاز جي، بالله پييم بوءِ،
وڃي روبروءِ، ڏيکيان دوست ميهارَ کي.

(١٠)
هُن پر سُيَم هاڪ، سُتي سنپارن جي،
محبتي ميهار جي، ڇَڙن چوريا چاڪ،
اُنهيءَ جي اوطاق، وڃڻ واجب مون پيو.

(١١)
ڪيڏانهن گهنڊ ڳڙن، ڪيڏانهن اُني ويئيون،
تيڏانهن ٿيون چرن، جيڏانهن پُٽ ميهار جي.

(١٢)
سا جُوءِ مينهين نہ ٿئي، جيڏانهن منهن ميهار،
ڪپر ڪارونپار، ڪيئَن لنگهنديون ڪُنڍيون.

(١٣)
ڪٿي ٿيو ميهار، ڪٿي ٿو گهنڊ ڳڙي!
ڪٿي دونهين دوست جي، ڪٿي پَريون پارُ!
جيئن مون سپ چمار، جر ۾ جهوتون ڏنيون.

(١٤)
وڃن سين وينِي، سورَ وياڃي سهڻي،
آن ڪا ٿِي ڏيني، مينهن جي ميهار سين؟

(١٥)
پُڇيو پينگهن پاند، وينِي روءِ وُڇن سان،
ڪوهہ ڪرينديس ڪانڌ، گهڙو پڳو تان گهوريو.

(١٦)
ٻُڇيءَ پايو ٻانهن، وينِي روءِ وڇن سان،
لائيان لال لڱن کي، آئين جي ڇَرو ڪانهن،
آءٌ اوهان جي دانهن، سدا پُٽان سنَري.

(١٧)
پينگها پسيو روءِ، وڃيو وٿاڻن ۾،
دونهيءَ پاسي دوست جي، پاڻ پڇاڙيو پوءِ،
سڄڻ سانگ سندوءِ، شال اچي اورانهون ٿئي.

(١٨)
ڀيليان جت ڀڳيون، آئيون اُت وري،
ڪانھي ٻي ڳري، مينھن کي ميھارَ جي.

(١٩)
مھاران مُرڪ، پيتائين پريم کي،
تنھن مَند متوالي کي، سندي صاف سُرڪَ،
لڳيس ڪام ڪرڪ، لوھان تکي لطيف چئي.

(٢٠)
ميھاران مھي، پيتائين پريم کي،
آرڪ سرڪ سيد چئي، لڳيس ڏُوت ڏھي،
سگھي تان نہ سھي، ملي جان نہ ميھارَ کي.

(٢١)
مري تان مَ ميھارُ، وَٺاڻ ولھو مَ ٿئي،
وَڃن جي وچار جو، ونگو ٿئي مَ وار،
ساھڙ مون سينگارُ، ماٺھن ليکي مھٹو.

(٢٢)
مينھون ھن ميھار جون، الا سڀ بچن،
وڇون جي ڪيرن ۾، سدا ٿيون سونھن،
مون کي ماٺڪين، تاٽي ھنيو تار ۾.

(٢٣)
مينھون ھن ميھار جون، الا سڀ جيَن،
ڪاريون، ڪُنڍيون، ڪکيون، واراکيو وِھن،
جُھ جا جانارن جي، ٻيه ٻھ ٻھ ڪن،
اڇي ريل رھن، مون سانپارا سُپرين.

(٢٤)
چاھڪ چري، تار ترِي، آيون مٿي آر،
ڪؤڙيون ڪَرَ ڪٽنديون، سُٽي سڏ ڏرار،
مينھون ساڻ ميھار، پَرچي پار لنگھنديون.

(٢٥)
چاھڪ چري، تار تري، آئيون مٿي پيٽ،
لُڙ لنگھنديون ليٽ، ڪلمي جي قرار سين.

(٢٦)
چاهڪ چري، تار تري، آئيون مٿي ڪُنَ،
ڪؤڙين ڪَر ڪٽنديون، ساهڙ جي سَمن،
مينهون ساڻ اَمن، پرچي پار لنگهنديون.

(٢٧)
چاهڪ چري، تار تري، آئيون مٿي ڪوه،
سٽي سڏ ساهڙ جو، راضي ٿينديا روح،
مينهون ساڻ صبوح، پرچي پار لنگهنديون.

## وائي-١
مون کي ڪا مَ جهلي، پاڻُ سيڪا پَلي،
آءٌ ويندڙي نينهن اُڇلي، ويندي آءٌ پار پرين ڏي،
تَنُ وڏائين تار ۾، آڏيءَ رات اچلي،
پسي دونهيون دوست جون، جيءُ منهنجو جَلي،
ڏم ڏهاڻي ڪيترو، پر ۾ تو پلي،
ڪاري رات ڪُنن ۾ روح وڏائين رَلي،
محبتيءَ مهيار جي، ڪا سڏ مون کي سلي.

## وائي-٢
توکي منگّان جو تون آهين، پيو در ڪونہ سجاڻان،
الاهي عنايت سين، نوازين نماڻا،
انڌا ڪرين اڳ ۾، ڪوٺائين ڪاڻا.

## وائي-٣
نهين نهين ميڏي وس، وو بنا دلبر هَي دل ماندي،
سڪان ٿي سنگهار کي، باب نہ منهنجي بس،
مون کي مت ميهار جي، ڪانہ اچي بي ڪس،
درد دَسي آهيان، درد منهنجو دَس،
سُک نہ پيچي سُهڻي، ڏُک ڏُکيءَ کي ڏَس.

## فصل پنجون

(۱)

سانده سپ درياه، پَري ڪنڌي پار جي،
ڇڪي ڇوليءَ ۾ گهڙي، جتي جيءَ وڻاهہ،
پسيو ڏوهُ ڏڪي هيئون، آر متي ارَواح،
جي توهہ ٿئي توڏانهن، تہ وير وهيٽو ناه ڪي.

(۲)

سانده سپ درياه، پري ڪنڌي پار جي،
ڪني ڪماحَقهُ، آرَ متي اَرواح،
دلاسي دارين جي، سانچيو سانچي ساهُ،
جي توهُ ٿئي توڏانهن، تہ وير وهيٽو ناه ڪي.

(۳)

سڪڻ وارن سُترو، جي دهشت سان درياه،
اوڙڪ اُنهينءَ جو رهي، آرَ بنا ارواح،
ويندي ساهڙ سامهون، صدقو ڪنديون ساه،
جن ڪي حب اُنهيءَ جي آه، ساهَڙُ ساٿي تن جو.

(۴)

گهڙيا سي چَڙهيا، ايهين اٿيئي،
مئي مَتي مهراڻ ۾، پؤ ٽپو ڏيئي،
تہ ميهار مليئي، سنيوڙو سيڻاه سين.

(۵)

آڏيءَ اُڏاٽا، سرتيون سُک ميهار جا،
لنگهي سير سنوان ٿيا، ساهَڙَ سيباٽا،
ڀنيءَ تي ياٽا، پسان ماڻَ پرينءَ جا.

(٦)

آڏيءَ اُڏاٽو، هنئَڙو مون هٿن مان،
وه پئي واهڙ تري، ساهڙ سيباٽو،
ڀَيج ڀِنيءَ ياٽو، پي جو پَسي آئيو.

(۷)

لهرن لَڪَ لِباس، پاٽي پسڻ هيڪڙو،
اونهي تنهن عميق جي، واري ڇڏيو ماسَ،
جت ناه نهايت نينهن جي، ڪوءِ اُت پنهنجي خاش،
تڙن جي تلاش، لاه تہ لالن لڳ ٿئين.

(٨)
جيڏانهن چت چاهُ گهڻو، آرُ بہ اوڏانهين،
وجي وه واکا کيو، تکو تيڏانهين،
ميهار ملائين، لهرن منجهہ لطيف چئي.

(٩)
اکيون مُنهن ميهار ڏي، جن رکيون جوڙي،
ريءَ سنڌ، سيد چئي، تار گهڙن توڙي،
ٽنين کي ٻوڙي، ساهُڙ سگهي کين کي.

(١٠)
پَليان پَليو نہ رهي، نِرتئون نينهن نبار،
گهڙان گهوريو جندڙو، اٿل مون اوپار،
جنهين مَن ميهار، هلڻ تنهين حق ٿيو.

(١١)
پس پسٽا پري ٿيا، اوري سندن آرُ،
درياه ريءَ سهاڙ، ڏسڻ گهڻو ڏهلو.

(١٢)
پس پسٽا پري ٿيا، اوري آرُ سندون،
ڏسڻ گهڻو ڏهلونِ، درياه ري سهاڙ کي.

(١٣)
کاڏي وجان ووءِ، جيئن وِهڻ وَچارن مٿيو،
ڏوڏي پيچي ڏيه جا، جَرِ سر اُپيي جوءِ،
شکستي، سيد چئي، چيهانَ َکريو چوءِ،
ساهڙ سانگ سندوءِ، اچي اوراهون ٿئي.

(١٤)
سَندو ڏمَ ڏهکارَ هڏهين کونهي هن کي،
هن پاٽيءَ سين پنهنجو، پُسائي نہ سينگار،
کارڻُ مُنڌ ميهار، کاريءَ رات کُنَ ترِي.

(١٥)
لکيو جو نراڙ، سو انگ کياڙيءَ نہ ٿئي،
پاڙيو ويني پاڙ، جيکي لکيو لوح ۾.

(١٦)
قلم جنين هٿ ۾، جي واري پيو لکن،
تہ مهندان محبوبن، پُڇڻ پاهت ناهہ کو.

(١٧)

ڏمُ ڏھاڙي ڏي، سندا ميھر مھڻا،
جھليمَ ٿي جھولي ۾ پَلَي پايو سي،
مَرُ جان چاليه چئي، سنگا سپُيرين جي.

(١٨)

جيھر لوڪ جَھپُ ڪَري، ذرو جاڳ نہ ھوءِ،
اوھير اٿي اديون، پُه پريان ڏي پوءِ،
ڪچو چونم ڪوءِ، تہ مرڪ ٻانيان مھڻو.

(١٩)

ھُوءِ جا ٻري باھ، مَنَھَ مھارن جي،
آڳھ تنھن اُھاءِ، وجي ڪُنَ ڪپيندي.

(٢٠)

تہَ ڪر ڪيئن سُئي جي سير نہ گھڙي سھڻي،
ھت حياتيءَ ڏينھڙا، ھڏ ھن تان نہ ھئي،
ڇُڪي تنھن ڇَري ڪري، جو ڏنس اُن ڏُھي،
سھڻيءَ ڪي، سيد چئي، وڏو ڦُرب ڪھي،
ھنئھين ھوند مُئي، پر ٻُڏيءَ جا ٻيڙا ٿيا.

(٢١)

ڪا جا ڪُن ڪرين، ٻنيءَ پڻ جھڻ پاڻ ۾،
اڪيون تنھن آب ڪي، آڏيءَ اُڪيرينِ،
توڻي تڪون ڏينِ، تہ اُڄ اُنھيءَ ڪي نہ لھي.

(٢٢)

ڪير ڪُن، آءٌ ڪير، ڪير ڏمر سھي ڏَمَ جا؟
قضا ريءَ ڪير ڏري، مٿي پاڻيءَ پير؟
ٻينر ٻنيءَ وير، لڏو ٿي لوڙھيان.

(٢٣)

جي ٻڏان تہ ٻن، مَرُ او لڄان اُن پار ڏي،
ڪنڌيءَ مٿان سپرين، مانَ ٻر ٻر اڇي ڪن،
مُيائي سين تن، جيڪر اُٿي نڪران.

(٢٤)

لھر مڙوئي لالُ، وھن ڪٿوريان وترو،
اوٻارا عنبير جا، جَر مان اڇن جال،
ڪُنن گھڙِي ڪالھ، سڪ پريان جي سھڻي.

(٢٥)
ڪنڌيءَ جهليو ڪانهن، عاشق اُپو آهون ڪري،
تو ڪيئن ٻوڙي سُهڻي، ٻيلي منهنجي ٻانهَن،
درياه توتي دانهن، ڏينديس ڏينهن قيامر جي.
(٢٦)
جيڪي ڏِنئي تار ۾، ڪنڌيءَ سو ڪهيج،
جر وڏو جهاجهہ گهڻي، پاندُ مَ پُسائيج،
ساهڙ ساڳاهيج، تہ ثابت لنگهين سير مان.
(٢٧)
ڳؤرا ٻئي پار، هنيون حيرت ۾ پيو،
وهان تہ ويرمر پئي، نِينهن مَ پوءِ نِهار،
وڃان تہ واڪو ٿئي، پاڙي پوءِ پچار،
هُت ٿي وعدي جي وارَ هت سُوٿون ڏينمر سَرتيون.
(٢٨)
جا هَڙَ اندر جيءَ، ساهَڙ ڏني ساه کي،
سا هڙ ڇُڙي نہ ساه جي، سا هَڙَ ساهڙ سينئن،
ساهڙ ميڙ سميع، تہ سا هَڙَ ڇُڙي ساه جي.

## وائي-١

درد رانجهن دي هي ماري، الا درد رانجهن دي،
ايڪ ڪِڻ دي ويکڻ ڪارڻ، گِهن گيا دل ساري،
ڪوئي حبيب طبيب بتاوي، جو دارون دي دَردا قراري.

## وائي-٢

آتڻ ۾ ويهي، سڀ دُعا ڪريجاه جيڏيون،
ڪانهي بس بَهير ڪي، هل چل پئي پيئي،
راه مسافر سڀ ڪو، ڪونہ ڏنوسون هت ڏيهي،
ساريندا صلوات ڪي، منجهہ قبر سڀ پيهي،
ڪوناڻو ڪريم جو، ڳالهہ پُڇندو ڪيهي؟
نوازيندو نُور سين، ناقصين کي اُت نيئي،
الله هيڪ محمدﷺ برحق، شال چوان مان ايهي.

## فصل ڇهون

(١)

ساهڙ جا سينگار، مون اڻ ڏٺا اڳي هئا،
نہ ڪا ڪُن فَيَڪُون هئي، نہ ڪا ٻي پچار،
نہ ڪو سج نہ چنڊ هو، نہ ڪا ڏوڏوڪار،
ملڪنئان مهند هئي توڏيءَ جي تَنوار،
محبت ساڻُ ميهارَ لايائين لطيف چئي.

(٢)

سهڻي ڪي سينگارَ، اڻ لکيا اڳي هئا،
ڪُن فَيَڪُون ڪا نہ هئي، نہ ڪا ٻي پچار،
مَرڪي ساڻ ميهار، لنئن لايائين لطيف چئي.

(٣)

گهيڙ لنگهيو گهاري، ميثاقان ميهار ڏي،
"اَلَستُ بِرَبِّڪُم قَالُوا بَليٰ" پر اِهائي پاري،
ڏسيو ڏيکاري پرت پريان جو پيچرو.

(٤)

اَلَستُ ارواحن کي، جڏهن چيائون،
ميثاقان ميهار سين، لڏيون مون لائون،
سو موٽي ڪيئن پانهون، جو محفوظان معاف ٿيو.

(٥)

الَستُ ارواحن کي جڏهن چيائين جيئن،
قالُوا بَليٰ قلب ۾، ٿيو تفاول تيئَن،
محبتي ميهار جي، آءٌ نهوڙي نِينهن،
سَرتيون ساهڙ سينئَن، هلڻ مون حقِ ٿيو.

(٦)

اَلَستُ ارواحن کي، جڏهن امر ڪيو احد،
هو من ڪاڍو ميهار ڏي، سُهڻيءَ سڪڻ سڌ،
دلو دور درياهہ جي، ڪيو ارادي اڌ،
جَيڪي آيس ڏانهن عهد، سو پاري مُنڌ پاتار ۾.

(٧)

اَلَستُ ارواحن کي، جڏهن فرمايو فتاح،
هو من ڪاڍو ميهار ڏي، سهڻيءَ سڪڻ ساهہ،
دلو دؤر درياهہ جي، ڪيو ارادي اڌاهہ،
جيڪي آيس ڏانهن الله، سو پاري مُنڌ پاتار ۾.

(٨)
اَلَستُ ارواحن کي، جڏهن فائق فرمايو،
هو من ڪاڍو ميهار ڏي، سهڻيءَ ڪي سعيو،
دلو دور درياه جو اوڏانهين آيو،
جيڪي هاديءَ هَلايو، سو پاري مُنڌ پاتار ۾.

(٩)
اَلَستُ ارواحن کي، جڏهن جاڳايو جليل،
سنئين راه سيد چئي، سونائين سبيل،
وحدت جي واديءَ ۾، ڪي قدر قليل،
درياه جي دليل، لکين لهوارا ڪيا.

(١٠)
اَلَستُ ارواحن کي، جڏهن چيائين،
هو مَن ڪاڍو ميهار ڏي، سهڻيءَ سدائين،
جيڪي آيس اوڏانهين، سوپاري مُنڌ پاتار ۾.

(١١)
ڪامان، پَچان، پَڄران، لُڇان ۽ لوچان،
تن ۾ تؤنَس پرين جي، پيان نہ ڍاپان،
جي سمنڊ مُنهن ڪريان، تہ بہ سُرڪيائي نہ ٿئي.

(١٢)
ڪامان، پچان، نہ مران، سَڙان ساري رات،
ٻن ٻيائي وجهي، ڪر پرين جي تات،
سيخون سنديون سڄڻين، اُپرن آڌيءَ رات،
نہ ڪي هٿ نہ ساٿ، ڏيهاڙون چنگ چڙهان.

(١٣)
ڪاري رات، ڪچو گهڙو، اوڙتيہ اونداهي،
چَنڊَ نالو ناه ڪو، دريا ڏڙ لائي،
ساهَڙَ ڪارڻ سُهڻي، آڌيءَ ٿي آئي،
ايءُ ڪم الاهي، نہ تہ ڪُنن ۾ ڪير گهڙي.

(١٤)
ڪاري رات، ڪَچو گهڙو، نہ ڪا سيڻاه ساڻ،
وجهي ويرم نہ ڪري پريان ڪارڻ پاڻ،
محبت کي مهراڻ، سُکي سپ پَٽَ ٿيو.

(١٥)

ڪاري رات، ڪچو گهڙو، مٿان وسي مينهن،
هيڪو يؤ بيراه جو، پيو سانپارا سَينهن،
شال مَ ڇڄي نِينهن، گهِڙان گهوريو جِندڙو.

(١٦)

ڪاري رات ڪُنن ۾، ڪهڙو اٿئي ڪَم،
مٿان جاڳي ڏَمُ، پُڇي پاڙي واريون.

(١٧)

تون جنهين جي آهئين، تِنهن سين چن مَ سَڱ،
پري پرائي پُرڪَ سينَ، وجي اڙَايُئي انگ،
جتي جاڳندو ڏَمُ، تت ڪنڌ مٿانهون نہ ڪٽين.

(١٨)

ڏَمَ ڪُٽنئي ڏِينهن، وينو جي وللين،
مڇڻ مارڳ لائيا، هڏن مٿي هيئن،
قَول پڃيينديس ڪيئن، جي ٻڌم پيلائين سان.

(١٩)

اورار نہ پرار، ويچاري وَهہ وچ ۾،
سُڪي ڏنيءَ سپرين، پيو مڙوئي تار،
تون گهڙ ڪيم نهار، ٻڏندن سين ٻاجهون ڪري.

(٢٠)

هُن پار، نہ هِن پار، ويچاري وَہ وچ ۾،
نيُچ نهاري نہ گهڙي، تنهن ۾ پيس تُنَ،
الَا سَاڻ اَمن، آرا ڪنهن اُڪارئين.

(٢١)

سهسين سائر ٻوڙيون، مُنڌ ٻوڙيو مهراڻ،
وَہَ وڃايو پاڻُ، هٽي ڪنڌ ڪَپَن سين.

(٢٢)

سهسين سائر گجن، توءِ سهج نہ مَٽي سهڻي،
تہ ڪي نينهن ڇجن، پر تهين پرين جي.

(٢٣)
سُپيريان جي تُرهي، ٻُڏين هَٿُ مَ لاءِ،
صباح تو چونداءِ، اسان تو اُڪاريو.

(٢٤)
سُپيريان جي تُرهي، ٻُڏن توءِ مَ لڳ،
جي پانئين پرينءَ مڙان، تہ پُور اُبتي وَڳ،
پاءِ تيڏاهين پڳ، ناه جيڏاهين نِجهرو.

(٢٥)
سُڪيءَ جي سانباھ ۾، جڏهن ٻُڏيون جي،
ساهَڙُ تنهين کي، پيلي ٻنهيءَ ڪنڌيئين.

(٢٦)
سُڪي جي سانباه ۾، ٻڏين توءِ ٻُڏ،
ڪک ڪانڊيرا ڪانيون، ميڙي ٻڌ مَ مَڏُ،
نہ ڪو ساهَڙُ سڌ، نہ ڪا سڄڻي سُهڻي.

(٢٧)
سُڪيءَ ٻڏن جي، ساهَڙُ ساٽي تن جو،
لهرن سر لطيف چئي، ڪُلهن چاڙهيو ني،
جي پڇن پنڌ پري، تن اُماٽي اوڏو ڪري.

## وائي-١

جيڏيون آءُ تان نہ چوندي او،
ڏک ڏوراپو، سيڻن کي، مچ او،
سڱا وجن سُپرين، منت موتين مانَ،
پينر پيٽي حُج جي، ڪوهياري سين ڪانَ،
سو تون صاحب آهين، جو نہ پيرائين پانَ،
سوالي سَمَگَئا، داتا ڏيئي دان.

## وائي-٢

ڪا جا ڳالھ هئي، سا جا لوڪ سئي،
ٻاروچي جي من ۾ لا،
سر سَگر پر پيچري، تون جا لوڪ سئي،
سَسئيءَ سگر پٽئين، ڪير چوندو مُئي؟
پنڌ ڪريندي پرينءَ ڏي، ڪڏهن ڪانہ ڪُهي،
آن ڪا ڏني اوٺيا، ڪيرن پاس ڪُهي.

## وائي-٣

جان جاڳان تان نهين وي، نال ڏولڻ دي،
اُس اُجاڳڻ مئن جي ڪريان،
جس بيداري مين مني،
خواب خلوت پانئان، اس ڪاتي من ڪني وي.

## فصل ستون

(١)

تڙ نہ گهڙي تورُ، مَن ڪاڏو ميهار ڏي،
ڏاڍو دور درياه جو، سڪڻ وڏو سورُ،
من ۾ موج ميهارَ جي، پهتس پريان جو پورُ،
پيلي ٻنهي ڪنڌئين، نت نهاري نورُ،
منجهان جَرَ ضرور، ڪچي کي ڪو مَ ٿئي.

(٢)

ٻوڙين چاڙهين مُون ڏٽي، ٻئي جو دعويٰ رسي نہ دمُ،
هن منهنجي حال جو، ميهر تي معلم،
رکُ پيلي جو پِرمُ جو اَوتڙ پيو اجهور ۾.

(٣)

دائم جا درياه ۾، سا مَڇي ڪني ڪوه،
آهس ايء اندوه، پاٽي ڪٿي تہ پيان.

(٤)

ڪانڌي ڪَنگ ٿياس، وَهڻ جنازو سُهڻي،
ٻگها جي ٻيٽن جا، ڪلها تن ڏناس،
اکين مَلڪَ ڏناس، توءِ مَنَ ڪاڏو ميهار ڏي.

(٥)

اُيو تڙ ميهارُ، ملاحن سڏ ڪري،
آءُ پڻ وجهان هٿڙا، آئين پڻ وجهو چار،
گهوريو ڪارونيار، مان ملنئون سپُرين.

(٦)

ميهارُ ملاحن کي، اُيو آچي آچِ،
آءُ پڻ وجهان هٿڙا، آئين پڻ وجهو رچ،
ڪنڌيءَ کُنَ کُٽچ، ماںَ هون سلامَت سپُرين.

(٧)

ميهار ملاحن کي، اُپيو ڪري سَڏَ،
ادا انهيءَ پار جا، موڙي اچو مَڏَ،
وٺا جي وَه گڏ، هلو تہ ڏوريون اُن کي.

(٨)

جتي پيرَ پرَن، پريون پون پَواريون،
تانگهہ نہ لڌي تُئين، مَپُ نہ ماٿيڙن،
ڪنڌيءَ اُيا ڪيترا، سيڻاهيا سَنگنَ،
تون ڪيئن تن تڙن، اچو اساري گهڙين.

(٩)

پريون پرينءَ پر، پس جي پار پونديون،
آٿيو وجهي آرَ ۾، وڻ جي پَونس وَر،
سانباهي سمنڊ جي، قطب چئي ڪا ڪر،
تو پانيو آءُ گهرِ، تان آهين آرَ اکين ۾.

(١٠)

پريون پر درياه، پس جي پار پون ٿيون،
ٻڌ توڪّل جو تُرهو، آهر ساڻ الله،
جن جي ساهڙ ساڻ صلاح، سي ڪين ٻڏنديون ڪڏهين.

(١١)

سانپيارن سَڏَ ڪيو، اُيا چونم آءُ،
هڪ تکوئي تار وهي، پيو لُڙ لهريون واءُ،
ساٿي جن الله، ٻُجهان سي نہ ٻُڏنديون.

(١٢)

سانپيارن سَڏَ ڪيو، اُيا چونم اچ،
هڪ تکوئي تار وهي، پيو ڪمينيءَ ڪَچ،
ساٿي جَنهِين سچ، ٻُجهان سي نہ ٻُڏنديون.

(١٣)

هاري حق رکيج، سانپياران ساهڙ جو،
خواب خيال خطرا، تن کي ترڪ ڏئيج،
اندر آئينو ڪري، پرين سو پَسيج،
انهيءَ راه رَميج، تہ مُشاهدو ماڻئين.

(۱۴)
هاري رکج حق، سانپاران ساهڙ جو،
خوابَ، خيال، خطرا، تنهي ڏيج ترَڪ،
ڪريئين غَير غَرق، تہ مُشاهدو ماڻيئين.

(۱۵)
سانپارا سيئي، تَنُ جن جو طالبو،
مَنُ پريان نيئي، پَڳهيو پاڻ ڳري.

(۱٦)
سانپاران سندان، وَڻ پسيو وهسي هنئون،
چَنا مَنهَن مينهون، وَهيان وَٽاٽان،
اکڙين عنات چئي، لايو لَنئن سيٽان،
ڪڙهان ٽي ڪيٽانِ، جيئن گهڻون اُڪندي آهيان.

(۱۷)
لَيا ڏنم لارَ، سانپاران ساهڙ جا،
هنئون هت نہ وندري، ڏاراڙنئون ڏار،
منهنجو َمَنُ ميهارَ، پَڳهيو پاڻ ڳري.

(۱۸)
گهڙي ۽ گهوري، مٿان پريںءَ جندڙو،
محبت جا مهراڻ ۾، تسو ٽي توري،
ڏمَ وڌو ڏوري، نہ تہ ڪُنن ۾ ڪير گهڙي.

(۱۹)
ٻارنهن ڪُن، ٻٽيهہ تڙ، تڙ تڙ مٿي تانگ،
عشق جنين جو سانگ، ٻُجهان سي نہ ٻُڏنديون.

(۲۰)
ٻارنهن ڪُنَ، ٻٽيهہ تڙ، تڙ تڙ تي پَٽُون،
اُٿيو آڌيءَ رات ۾، سُهڻي ڏئي سَٽُون،
چِڏيو ڪير ڪنٹُون، لُڏي لهرين وچ ۾.

(۲۱)
ٻارنهن ڪُن، ٻٽيهہ تڙ، تڙ تڙ مٿي تُوت،
عشق جنين جو قُوت، ٻُجهان سي نہ ٻُڏنديون.

(٢٢)

ٻارنهن کُنَ، ڀِنيهه تڙ تڙ اُتي جُوءِ،
هِڪڙي رهي پوءِ، پيون مڙيئي لنگهيون.

## وائي-١

ويجهي وندُر جن وٽن، اي اوڏي آيس جان،
پريان جي پيچرن،
جي تو اوڏا ڀانئيا، سي ڏوَنگر ڏور ڏسن،
مدي نہ هُيَن مَنَ ۾، ڪيچان ڪوهہ اچن،
مَرڻ منهنجي ڪي ڪيو، هي پَهُ ٻاروچن،
سُونهن سَنگر پِنيئين مَنهَن معذورن،
وُندر وائي جا وهي، مونکي سا نہ سَلن،
آٽي ٻڌا اونئين، موتي ڪي مَيَن،
لاتائون لطيف چئي، لڏون ڀِرِ لَڳَنِ.

## وائي-٢

اکيون پيرِ ڪري، ويجي، وو ويجي،
سپيريان جي ڳالهڙي، ڪنهن سان ڪين ڪجي،
لِڪائي لوڪ کان، ڳوٺان ڳجهڙي نجي،
محبتي ميهار جو، سور نہ ڪنهن سَلِجي.

## وائي-٣

لڙڪي لَنئُن نہ سڄاتو، راند ڀانيائين راز کي،
انڌو اُلوهيت کان، آهي اِيءُ اُماتو،
صباحَ سو نہ شمار ۾، ليکيان جو اڄ لاٿو،
پيپَس ڪاڻ ڪريم سين، ٿِيسُ نمُرودي ناتو.

## فصل اٺون

(١)

ٻُڏندي ٻُوڙَن کي، کي هاتڪَ هَٿ وجهن،
پسو لڄ لطيف چئي، ڪيڏي کي ککن،
توٽي ڪنڌيءَ ڪن، ناتَ ساٿن وڃن سير ۾.

(٢)

ڪچي ڪاني ڪانهَن، ٻُڏا ڪڍي ٻارَ مان،
يا لنگهائي لطيف چئي، يا ڏُريان ڪري دانهَن،
ڪَما حَقہُ ڪکن جي، آهي ڳالھ آگاہ،
يا ڏين ٻُڏن ٻانهن، نات ساٽن وڃن سير ۾.

(٣)

جان ڪي ڪنڌيءَ ڪانهَن، تان تاڻي ٻڌج تُرهو،
هٿ پريان جي هٿ ۾، ٻئي ڪي ڏج مَ ٻانهن؟
سندي ڪَپرَ دانهن، ڪِ تو ڪَنين نہ سُئي؟

(٤)

هاواڻا هُلن، ڪَپر ڪارونپار جا،
لهريون لُڙ لطيف چئي، پيلي تي پُلن،
جي ڪچي ساڻ ڪَهَن، آگا تن اوپائيين.

(٥)

آهين هت اَمانَ، ٻَڌ ترهو تار جو،
لهرين لُڙَ لطيف چئي، جهليا جُنگ جوان،
اونهي تَڙ آگهاٽيا آڏِي پائي آڻ،
جي پيا مُنهن مَهراڻ، تن ٻانڌين ٻيٺ نہ اُڇهي.

(٦)

ڪچو ڪان ڪنپار، اوٻي ڳِٽيو اُٽيين،
ڪ تو ڪَنين نہ سُئي، پيلي تي پُلڪارَ؟
لوڙَهيا لک لطيف چئي، ڪؤڙين ڪارونپار،
اُڪارئين آڏارُ، آرَ اڪئين وارئين.

(٧)

ڪچي ساڻ ڪَهي، پڪو پُڇي نہ سهڻي،
لنگهيو لُڙ لطيف چئي، وچارن وَهي،
سا ڪئَن نينهُن نهي، جنهن ڪي نينهن نِڌو ڪٽي.

(٨)

اونهي ۾ اوهري، ڪَهي ڪَچي ساڻ،
سُپَڪ جو سيد چئي، پُڇي نہ پَرياڻُ،
عشق واريون عبداللطيف چئي، سَڏُ نہ ڪٽڻ ساڻ،
جنهين پاسي پاڻ، سي اؤتڙان ئي اُڪتيون.

(٩)
انگ پَسي رنگ ڪيو، ڪو جو دور دلي،
ہر ہر پيلي نہ ٿيو، ڪچو منجھ ڪلي،
تڙان ٿي تار گهڻون، تُنهنجي بحَر بلي،
سو ميهار ملي، آهيان جنهن جي آسَري.

(١٠)
انگ لڳي رنگ بتليو، ڪو جو داغ دلي،
مُون تان سهي نہ ڪيو، منجھان چوھ چلي،
اَللهُ وَڪِيلُ الغافِلِين، تريو وجان ٿي تار ۾، سندي بَحر بلي،
اُھو ميَهر شال ملي، جو سنپوڙو سيڻاھ سان.

(١١)
پانيم نہ پيلو، مون ڪي داءَ ڏتاريو،
اٽڪي متي اُسري، ڏنو روح ريلو،
تيلاهين ويلو، پيم واهڙ وچ ۾.

(١٢)
ڪديا جي ڪُلال، سي پسي خالَ خوش ٿي،
پاڻي چِتَ پسائيا، داءَ نہ جهلي ڏمالَ،
سُپَڪ ڀِانيا سهڻيءَ، جوين جي جمالَ،
اٽڪي جا احوال، معلوم ٿيا مَهراڻ ۾.

(١٣)
ڪاري رات ڪچو گهڙو، نہ ڪا آڏيءَ اڏ،
ساهڙ سُڄ سڏ، فريادين فقير جيون.

(١٤)
ڪچو تان ڪوھ، پَڪو نظر پرين،
ساهڙ منهنجو سُپرين، ڏم ڏني ئي ڏوھ،
جي چُتو جي چوھ، تہ پوريندیس پار مَٿي.

(١٥)
اَڪو تان ڪوھ، ڪچو آيم ڪَم،
جيءَ جن جا جم، پڪا سي پُڄنديون.

(١٦)
پڪا رچ ڪنڀار جا، پڪي نهائين،
مون ڪي تِيانئين، پيلو ئي ڀاڳيَ پيو.

(١٧)

ڪَچي نہ ڪَٿُ جهليو، پيلو پيو پُري،
سار ڇڏيائين سير ۾، ڪا ٻاھُن ڪي ٻُري،
لٿي لهريون ويئيون، چوڏاري چري،
هِينئڙي منجهہ هُري، ماهيت ملڪ الموت جي.

(١٨)

ڪَچي ڪَٿُ نہ جهليو، پيلو پيو پَڃي،
ماهيت مَلڪ الموت جي، منجهہ وجود وڃي،
ساهڙ ڪي سڌ، اَٽڪي جي احوال جي.

(١٩)

ڪَچي ڪَٿ نہ جهليو، پيلو سهي نہ پَرُ،
هٿين، پيرين، آگرئين، ٻانهُن ڇڏيو ٻَرُ،
ساهَڙ سگهو وَرُ، پيئَس مُنهنِ مَهراڻَ جي.

(٢٠)

ڪچو ڪاءُ ڪُنڀارَ جو، چٽايُم چَئي،
آٽي رکيم آبَ تي، مٿي ڪُن ڪهي،
لهريُن منجهہ لطيف چئي، پرزا ٿيو پئي،
سُپڪ هو سهي، پر ڪرم ڪٽي ڪچو ڪيو.

(٢١)

جت پَڪو پُرزا ٿئي، تت ڪچو ڪندو ڪيئن،
هتُ حقيقت هِيئَن، هِتِ ٿَي نالا ڳنهي نِينهن جا.

(٢٢)

پيلِي پُلائي، پَسي چِٽ چَري ٿي،
ٻَر ٻَر ٻُڏي سهڻي، ويرن ۾ وائي،
ڪچي ڪيرائي، لعل لهرين وچ ۾.

(٢٣)

پَڪو ڪٽج پاڻ سين، چڱو چٽائي،
ڪَچو ڏيج ڪُلال کي، مُنهن تي موٽائي،
سو سڻ هنئين سيڻ سهڻي، جيڪي فائق فرمائي،
موجون مُنجهائي، مارينيئي مهراڻ جو.

(٢۴)

ڪو جو وريو واءُ، جيئن ٻَر ٻانهُن ڇڏيو،
اڳي ان ترڙانءِ، اونداهيائي اُڪران.

(٢۵)

هڻندي ٿَڪم هَٿَ، هينئڙي حُجون ڇڏيون،
لڪ لهرين گڏيون مؤجون وريون مَٿَ،
نِيم ڪُن ڦُوٽَ، پُر پِلَيرا سپرين.

(٢٦)

هنيڙي حُجون ڇڏيون، ڦُوَٽَ رهيم ڪانہ،
مون تي موتّج مون پرين، ساھڙ جامَ سُڄاڻَ،
آهيان گهڻو اڄاڻ، پُر پِلَيرا سپرين.

(٢٧)

پُر پِلَيرا سپرين، پَلا ۾ بي راھ،
توريءَ تاري ناھ ڪا، والي توريءَ واھ،
ساهڙ جي صلاح، تن کي ڪڍي تار مان.

(٢٨)

تن کي ڪڍي تار مان، صُلح ساهڙ جو،
اُت آڏو اچي ڪين ڪي، پيليپو ٻئي جو،
ميهار ڪج مُنهنجو، ڪو اوڪَرَ اِنهينءَ آر مان.

(٢٩)

جي تُون طالبُ ترڄي، تہ ڪچو ڪَنيئي ڪوھ،
ڏيئين ڏهاڙي ڏَمَر ڪي، آڏيءَ رات اندوھ،
ڏِيل تماري ڏوھ، جا وَرُ ڇڏيو واهڙ ترِين.

## وائي-١

مَ پاڙيچيءَ سارَ آءُ جا ويندڙي وٽ وڇار،
ڏُمُر مَ جاڳي لو،
مون کي موليٰ ميڙئين، ڪُندن جي قطار،
ٻُرن ٻيلاين جا، سانياران سنيارَ،
وچ مَ پوءِ وصال کي، سباجها ستارَ،
گهر گهر گلا جا وَهي، پاڙي پَنڌ پچار،
منهن چڙهيو مهٽا ڏنا، مونکي ڪالھ ڪنيار،
آڻي ڪيرا ڪوڙيا، سنياران سنگهار،
آءٌ تي لکيو لوڙهيان، خلق وڃن خار،
تاڪِن تَڪي آهيان، سگهو رسُ سَهاڙَ.

## وائي-٢

وينٖي ڪين وساري، محبت وڏڙي ماري،
ديواني يار وو! مستاني! دلبرُ جاني ٿو جياري،
جنهن کي سڪ ساهڙ جي، سا گهايل گهر نہ گهاري،
ڏم ڏُهيلو ڏکيو، سَر ۾ سوٽا ماري،
ٻيلي پاس ٻرن جي، تن گهڙڪن وڏيس ڳاري،
ٻيلي ٻنهي ڪَنڌئين، مُحبُ مينهون ٿو چاري،
هوءِ هونگارون ڀَوَن پُڪارون، تڙ تڙ دوست تنواري،
هُوءِ جا پڪ پِريم کي، آهيان تَنهن آساري.

## فصل نائون

(١)

جَر تڙِ تک تنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪَڙي،
سپيئي شئي ٿيا، سوريءَ سزاوار،
هَمَه منصور هزار، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهيان.

(٢)

سَيَٽ پچار پرينءَ جي، سَيَٽ هوتَ حُضور،
مُلڪَ مڙيوئي منصور، ڪُهي ڪُهندين ڪيترا؟

(٣)

چُونم جي هيڪار، مَ وَنءُ موٽي سُنهڻي.
دونهينءَ پاسي دوست جي، گهاريان سڀ جمار،
ٻانڌيٽان ٻيهار، هوندَ نہ لِڱين لائيان.

(٤)

جان کي گهَران مَ وڃ، نات موٽ مَ سُنهڻي،
ٻيون ٻيري ٻڃ، هيڪڙائي هٿ ڪري.

(٥)

مرج وٽ ميهار، متان موٽين سُهڻي،
ساهڙ جا سينگار، متان ڏَمَ ڏيکارئين.

(٦)

جي تو بيت ٻانئيا، سي آيتون آهين،
نِيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

(۷)

جي قيامَ مڙن، تہ ڪَرَ اوڏا سُپرين،
تهان پوءِ سُڄَڻ، واڌايون وصالَ جون.

(۸)

وڃان ڪين وري، هُوند ريءَ ڇئي رهي رهان،
دونهينءَ پاسي دوست جي، ماڳهين پئي مري،
صورت نہ سُونهن ڪا، ڪيسَ چٽ چَري،
وصالان فراق جي، سُڄيَ ڳالهہ ڳري،
تيلاهين تَري، مُنهن ڪٽيو موٽيو وڃان.

(۹)

آءٌ ڪ نہ ڄاڻان اِئين، تہ ڄَر گهڙي جوکو ٿئي،
قضا جا ڪريم جي، تنهن ڪان ڪَنَڌ ڪڍيو ڪيئن؟
هڪ لکئي ڀئي نِينهن، آٽي اوليس اولَ ۾.

(۱۰)

ڪاتيءَ نہ ڪانهَن، نہ ڪو ڏوهہ قلم جو،
اَنگ اُتيئي لکيو، جتي نہ رسي ڀانهَن،
ڪنهن کي ڏيان دانهَن، جنئن قضا قلم وَهائيو.

(۱۱)

تڙن جا طعنا، سُهڪا ڏينم سرتيون،
دريا ديوانا، سڻ حقيقت حال جي.

(۱۲)

تران لئي طعني، مٿان وَهَ واڪا ڪيو،
آٽي وڏيس آر ۾، دَريا ديواني،
قلم جي ڪاني، آٽي اوليس اولَ ۾.

(۱۳)

طعني لئي تران، مٿي وَهَ واڪا ڪيو،
مون کي سِڪ ساهڙ جي، مر مُحبت منجهہ مران،
وڃان ڪئن وران، ڪنڌيءَ منهنجو ڪارٽي.

(۱۴)

تران تان مران، وران تان وَهہ وترو،
هينئڙي ۾ هوتن جا، اَچي گهورَ گهَٽا،
پَسيو پاڙي واريون، ڏسيو ڏوهَ ڏَران،
وڃان ڪئن وران، ڪنڌيءَ منهنجو ڪارٽي.

(۱۵)

نہ ڪو سنڌو سُورَ جو، نہ ڪو سندو سڪ،
عدد ناہ عشق، پُڄاڻي پاڻ لهي.

(۱٦)

عدد ناہ عشق جو، سڻي ٿيءُ ساڻي،
ڪانهي پڄاڻي، مَهَندان منڌَ ميهار جي.

(۱۷)

سڪ تنهنجي سپرين، جڻَن تران تڻَن تار،
تُونئين رهيو روح ۾، تونهين اَڪنئن ٻهار،
پرين تُنهنجي پار، مون واجهائيندي ورہ ٿيا.

(۱۸)

سڪَ تُنهنجي سپرين، پيري هَنيس پُون،
مَتان لاٿو مُون، سندو جيڻ آسرو.

(۱۹)

سڪ تُنهنجي سپرين، ڪَچي ۾ ڪوري،
سگهان نہ چوري، ڏاڍو نَيئر نينهن جو.

(۲۰)

سڪ تَنهنجي سپرين، اندر آهي اَجهل،
ٻَڙهڪيو ٻاهر نڪري، ڪوري ڪانئي ڪل،
ريءَ سيراهيءَ سَلَ، مون ڪي ڏنا سڄڻين.

(۲۱)

سڪ تنهنجي سُپرين اندر ٿي اَجهاڳ،
مَنجهہ پَريائين ماڳ، پَلٽيو پاريون ڪري.

(۲۲)

ڪي تران ڪي تار مون، ڪي سگهان ڪي سَگهہ،
آڏو ڏيج مَ لَڳ، مون هيڪليءَ ولها.

(۲۳)

سڪَ سڪندين لاہ، وڇوڙيا ميڙِ پرين،
ايڏي سَگهہ سچا ڏَٽي، توئي ڪي جُڳاءِ،
تَنُ جنهين جو طالبو، مهر تنين ڪي پاءِ،
ميڙائي جو ماءُ، ڪانگ لَوَندو ڪڏهين؟

(٢٤)
ڏٺي ٽيم ڏينهن، ڪوه ڇاڻان ڪهڙا پرين؟
نينڻَ پرجي نينهَن پلٽيا پاريون ڪري.

(٢٥)
ڏٺي ڏينهن ٽيام، ڪوه ڇاڻان ڪهڙا پرين؟
وَلِين جڳَن وريام، گوندرَ غَم پرِيَن جا.

(٢٦)
ڏٺي ڏينهن ٽيام ڪوه ڇاڻان ڪهڙا پرين؟
سهَسين سڄ اُلُهي، واجهائيندي ويام،
ٿَن ريءَ سال پيام، جَن ري ساعت نہ سهان.

(٢٧)
گهر نہ، وَر نہ، وَٽَ ڪا، آهم مَن ميهارُ،
اِن اوسيڙي اُٿيان، سنجهي ڪري سينگار،
پرين تُنهنجو پار، پسان مانَ پَر ڪنهين.

## وائي-١

آيل امڙ ٿي جيان، جي سارينم سپرين،
گهڙو پڳو تان گهوريو، تان ڪيَ تَر هنيان،
ادب اڪڙين ڪي، ڏيهاڻي ڏِيان،
سنئون سُونهائم پيچرو، ميهارن ميان،
ساهڙ مٿان صدقو، ڏهين ڏَمَ ڏيان،
ماڻَڪ مٿان هيڪڙي، اُملَ اَٺ ڏيان.

## وائي-٢

وجي سا رات وهاڻي، ريءَ پَسڻ پرينءَ جي،
ههڙا اوڏا سپرين، تو ڪيئَن ننڊ رهاڻي.

## وائي-٣

هوئج هوشيار، خبردار، ترَڪَڻ آهي تڙ ۾،
ڪڏون ڪوبا چڪ چڪنديون، ڪي نَيئي نهار،
آڏيءَ سي اُڪڙنديون، اکيون جن ڪَپار،
مون سئو ملاحن ڪان، تڙ اڙانگا تار،
هوتَ هلندين ڪٽيو، وهَڻَ منڌَ وسار،
ڪُه آتڻ، بَن جيڏيون، ڏيراڻيون ڏُٺار،
پَکو ڪڄ پاڻ سين، پرين تنهنجو پارِ

ويندي واڻاڻن کي، پڻيءَ ڪيمَ پَچار،
پوندئين مُنهن ميهار جي، ڏَمَ وٽ ڏينَهن مَ گهار،
ساهڙ کي سڻ سُهڻي، ٻپَچلَ آڏي ٻارَ،
تار ترنديئن، لُڙ لنگهنديئَن، عشق جي آڏارَ،
پانڊُ مَ ڇڏ پرينءَ جو، پهين جي پاتار،
ٿيندءِ سڌ ساهڙ جو، توڏي ٿي تيار.

## وائي-۴

مدد ٿي ميهار يارَ، ساهڙ سير ۾،
اونهان ڪُنَ اتانگهه تڙ، اولي هَڻ آڏارَ،
ڏينهن ڏُهلا ڏم سين، آهيان آهيان ڏار،
ٻپَچلَ ٻانڊي ٻار ڪري، اُتِ اُبتا آر،
ٽَتي گهڙي سُهڻي، آڳهَ ريءَ آڏار،
ڪَاري راتَ ڪچو گهڙو، توڏيءَ کي تنوار،
سنپُوڙو سيڻاهه سين، سگهو رَسُ سَنگهار،
اوراران آهون ڪريان، پهچان شال پرار،
سٽيو جهانءِ جهِٻي هنيون، الله تو آهار،
تار ترنديَس، پرِيَن پَسنديَس، ونديَس وٽ وَچار،
پوريندِيَس پارَ مَٽي، سَهَسين جي سينسارَ،
گولي گهاگهائي گهِڙي، جڳن ٿا جانار.

# ابيات مُتفرقہ

(۱)

ساهڙ ڏاران سُهڻي، آڏوتي آهي،
ڪُنڍيون جو ڪاهي، پاسي تَنهين پاڪ ٿئي.

(۲)

ساهڙ ڏاران سُهڻي، نِسوري ناپاڪَ،
نِجاسَتَ ناه ڪري، اُنهيِءَ جي اوطاقَ،
هوءِ جي ڪير پياڪ، پاسي تِنهين پاڪَ ٿئي.

(۳)

ساهڙ ڏاران سُهڻي، هئي جُنبي جوءِ،
هن پاڻيءَ سين پنهنجو، مُور نہ مٿو ڌوءِ،
جَي پرينءَ پاسي هوءِ، تہ ڪَرَ توڏيءَ تڙُ ڪيو.

(۴)
ساهڙ ڏاران سُهڻي، هيءَ تان جهڪي زال،
توڏيءَ تپ شُروع ٿيو، هَي هيٺيءَ جي حال،
جڏي رِيءَ جَمالَ، اگهي ٿي آهون ڪري.

(۵)
ساهڙ ڏاران سهڻي، آهي ۾ آزار،
ڏَمَ پاسي ۾ ڏُکندو، صحت وٺ سنگهارَ،
توڏيءَ سندي تَنَ جي، دوا ۾ ديدار،
جي پسي مُنهن ميهار، تہ سگهائي سَگهي ٿئي.

(٦)
متان گهڙين سهڻي، اَڄ درياه ۾ دَمُ،
ڪاريءَ رَات ڪُنن ۾، کهڙو اٿيئي ڪم،
متان جاڳي ڏمُ، پڇي پاڙي واريون.

(۷)
پُڇي پاڙي وارئين، ڪوه ڪريندو ڏم،
ڪاريءَ رات ڪُنن ۾، آهي ڪاٽيارن ڪم،
هيءَ هڏو ۽ چم، گهوريو مُحب ميهار تان.

(۸)
جان جان هُئي جِيئري، ورچي نہ ويني،
وجي پُون پيني، سڪندي کي سجڻين.

(۹)
جان جان هُئي جِيئري، ويني نہ ويساند،
لڙي لهرنِ پاندِ، مُيائي ميهار ڏي.

(۱۰)
وَرُ اُونداهي راتڙي، ڪوءِ چانڊوڻي چانڊا،
اوري مهاران، مُنهُن مَ پسان ڪو پيو.

(۱۱)
سدا پڇ مَ سُهڻي، اونداهي اڌ رات،
پِريان ڏي پريات، ونءُ ڏيناري ڏينهن کي.

(۱۲)
سائِرَ ٻوڙي سُهڻي، نہ ٻوري نہ ڍنڍ،
اڪين مَنجهہ اُڪنڊَ، مُيائي ميهار ڏي.

(۱۳)
ڏيهاڻي ڏمر ڪري، مُحبت مٿي مُون،
تنهن کي اڇي تون، پريم ڪوه نہ پلئين؟
(۱۴)
ساهڙ سُڪي ۾ ٿيو، پاڻيءَ منجهہ پُنو،
سندو ڪچ ڪُنو، تار تَرندو ڪيترو؟
(۱۵)
سانوڻ لهريون، تڙ واري، تر وار،
مون سين گهٽا اپار، پلي تان پال ڪيا!
(۱٦)
نہ مون ناناڻيان ڪتيو، نہ ڪي ڏاڏاڻيان،
پرينءَ جي پاران، وڏا مون سين وڙ ٿيا.

## وائي-۱

منهنجون سپيئي آيل ماءِ، مَنَ مرادون پُنيون،
جهڙي پريان ڳالهڙي، تهڙي ٻي نہ ڪاءِ،
ڪجي تان ڪوڏُ ٿئي، سُڄي تان سيپاءِ،
ويهُ داتا جي در تي، شُڪر تنهن جُڳاءِ،
ڪانهي حد حمد جي، تہ ڪريان لالن لاءِ،
ڳڻيو ڳڻيان ڪيتريون، وڏيون وڏاياءِ،
سو مون هٿان نہ ٿئي، جيڪي تون جڳاءِ،
تو سَڄيون، تو سَنديون، سڪن توهين ساءِ،
اُڃ تُنهنجي اُڃيون، لوچَن َ توهين لاءِ،
دل دانهن ريءَ نہ رهي، مون کي ماٺ جُڳاءِ،

## وائي-۲

جان جاڳان، تان نهين نال سڄڻ دي،
اس جاڳڻ ڪنون سمهڻ چڱيرا، جس جاڳڻ مَين لُٽي وي،
خواب خلوت پائئيان، اس بيداري مين مُٺي وي،
جان جاڳان، تان جاني گيو، اس ڪاتي مَين ڪُٺي وي،

# سر سارنگ

## فصل پھريون

(١)

آگمئو آهي، لَڳہ پَسُ لطيف چَئي،
وٺو مينهن وڏ ڦُڙو، ڪڍو ڏَڻ ڪاهي،
چَنَ چِڏي، پَٽِ پَئو، سَمر سنباهي،
وهو مَ لاهي، آسرو الله مان.

(٢)

آگمَ ڪيا الله، لَڳہ پَسُ لطيف چَئي،
پَلرَ جي پالوٺ سين، پَٺَن جهليا پاه،
واحد وڏا ئي ڪيا، مَٿيَ گسن گاهَ،
سانگين وريا ساهَ، اُٺن آب آگُوندِرو.

(٣)

آگمَ ايَ نہ انگَ، جهڙو پَسڻ پرينءَ جو،
سيٽن ريءَ سيد چئي، رُوحَ نہ رچن رنگَ،
سَهَسينَ ٿيا سارنگ، جاني آيو جُوءِ ۾.

(٤)

جاني آيو جُوءِ ۾، ٿيو قَلبَ قرار،
وَهلو وچان ئي ويو، ڪري غم گُذار،
نظارو نروار، پَي پَسايو پانهنجو.

(٥)

اُبُون ڪَڪَرَ ڪَڊِڙيُون، اُتر ڏي آهين،
ڪَري آگمَ آئيون، تہ مُند نہ مٺائين،
مٺان لوڪ لطيف چئي، گُوندَرَ گنوائين،
پَلرَ پيارنِ، اُجيَنِ آب آگُوندِرو.

(٦)

چَنَ چِڏي پوءِ پَن نئي پَر اڏِمَ نِجهرو،
ڪانڌ سويري نہ ڪيئہ، پکي جي پَرن،
جُهڙ ڏنو مُون اُڀ ۾، وچون ڪن وَرَن،
سانوڻ جي سَمَن، مٿان ڍول ڍِلو وهين.

(٧)

اڄ پڻ اُتر پار ڏي، تاڙي ڪي تنوار،
هارين هرَ سنباهيا، سَرها ٿيا سنگهار،
اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

(٨)

اڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪَڪريون ڪاريُون،
وسي ٿو وڏڦڙو، ٿهڪن ٿيون ٿاريون،
لَٿين لک لطيف چئي، ڏايون ٿاساريون،
پڇنديون پَٿاريون، وري وٺاڻ آيون.

(٩)

اَڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪَڪَرَ ٿو ڪري،
وسايو واٽڙين تي، ٿو خالق ڪَنڌَ پري،
پاساريان پَري، سانگ مَ وڃ سُپرين.

(١٠)

اَڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪارا ڪَڪَرَ ڪيسَ،
وڄون وَسَڻَ آئيون، ڪري لعل لِبيسَ،
پرين جي پرديس، مُون ڪي مِينهن ميڙيا.

(١١)

اَڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪَڪَرَ ڪي چوٽي،
مُندائتي مينهن جي، ڪِوَڻ نہ ڪوٽي،
آءُ لالن موٽي، گهوريا رُسَڻَ ڏِينهڙا.

(١٢)

اڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪَڪَر ٿو ڪري،
روضي پاڪ رسولﷺ جي، پَلٽيو پَٽَ پري،
وڄُن ساڻ وري، تہ سَنگهارن سُک ٿئي.

(١٣)

اڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪَڪَرَ ڪيائين،
مُندائتن مينهن جي، رُت نہ روڪيائين،
پَلرَ پلٽيائين، گهٽا سانگين سُکَ ٿيا.

(١۴)
اَڄ پڻ اُميدون، آگمَ سنديون اُپَ ۾،
ساوڻَ پَسي سرتيون، سڄڻ ساريو مون،
آءٌ آسائتي آهيان، ماڻَ پيچائي پُون،
گهُر تہ گهُرجين تون، مُند مڙيئيَ مينهن جي.

(١۵)
وسي تڏهن وَسَ، مُند مڙيئي مينهن جي،
ڪَڻُن ڪيتا ڇڏيا، جي مِڙيون ٿي مَسَ،
گابا مٿي گَسَ، ڏُکَ نہ ڪندا ڏٻرا.

(١٦)
وَسَڻ اکڙين جيئن جي، هُوند سکين مينهن،
تہ هُوند راتو ڏينهن، بَس بُوندنئون نہ ڪرين.

(١٧)
وڄون وسڻ آئيون سارنگ سينگاري،
اُڀيا لَکَ لطيف چئي، پَلَرُ پياري،
وڄڙين واري، ڪِٽي ڪعبي تي ڪَرَ نائيا.

(١٨)
گام گندي گنج، ابر ۾ اُهاءُ ٿيو،
پَسي پَر پرينَ جي، ڏور ٿيا سڀ ڏنج،
شال وسندو سنج، عاشق تي اوهيرا ڪري.

(١٩)
اُنو اوهيرا ڪري، عاشق مٿي اڄ،
ڏُور ڏُڪار ڀڄ، مينهن مُنهن ڏيکاريو.

(٢٠)
ڪَڪَر منجهہ ڪپار جُهڙُ نيٽنيون نہ لهي،
جهڙا منهنجا سپرين، تهڙا مينگهہ مَلار،
ڪَڻ اکيون، ڪلُ يار، وَڄنَ سُورَ سَنڌا ڪيو.

(٢١)
جُهڙُ نيٽنئون نہ لهي، ڪَڪَر هُون نہ هُون،
ساريو سپرين کي، لُڙکَ ڳلن سين پُون،
سي مر رويو رون، جن مسافر سپرين.

(٢٢)

اڳڻ تازي، ٻهَر ڪُنڊيُون، پَڪا پَٽ سُونهَن،
سُرهي سيج، پَاسي پرين، مَرُ ٿا مينهن وسن،
اسان ۽ پرين، شال هُونِ برابر ڏينهڙا.

(٢٣)

اُتران ٿي آئيو، تنهن ڪَڪَر لاتم ڪَسُ،
وٺو مينهن وڏ ڦڙو، ڪيو جوراني جَسُ،
نيڻ ٿِمندا پَسُ، وَسُ تہ ورن سپرين.

(٢٤)

اُتران ٿي آئيون، ڪري هڪل هوءِ،
پِري ٿَلَ ٿَرائِيون، جوڙيِ هَليون جُوءِ،
اڇي روبروءِ، اُٺيون روضي تان رسول جي.

(٢٥)

روضي تان رسول جي، ڪيو وڄُڙين وارو،
پِريائون پِيرَ پئي، نظر سين نارو،
هادي! پِرَ حڪم سين، هيءُ ٿَڙ تاسيارو،
نرمل نظارو، پِي پَسايو پانهنجو.

(٢٦)

پِي پَسايو پانهنجو، نظارو ناگاهَ،
لَٿو ڪَٽ قُلوب تان، ٿي وَُر وهَڻَ واهَ،
اُميدون اَرواحَ، پِي پَسندي پُنيون.

(٢٧)

بر وٺا، ٿر وٺا، وٺيُون ترايون،
پرهہ جا پَٽن تي، ڪَن ولوڙا وايون،
مَڪڻ پِرين هَٿڙا، سنگهاريون سايون،
ساري ڏُهَن سامهيون، ٻولاهيون رايون،
ٻانهِيون ۽ ٻايُون، پڪي سُونهن پانهنجي.

(٢٨)

بر وٺا، ٿر وٺا، وٺو جيسر ميرُ،
آگم ڪري آئيُون، پائُر پِري پِيرَ،
لاٿائون لطيف چئي، واندَين مٿان وير،
سَرها ڪيائون سير، سرهيُون سينگاريون ٿيون.

(٢٩)

بَر وٺا، ٿر وٺا، وٺي ڪڇ ڪنار،
پوڄارڙيءَ پٽن تي، ڏِسُ نايائون نار،
سڀاجهي ستار، لاٿا ڏُرتَ ڏيھ تان.

(٣٠)

مَڪي مٿان موٽيون، اُنيُون تي عرفات،
روضي پاڪ رسول جي، رنگ ڪيائون رات،
وچڙيُون پريات، موٽي مصر آيئُون.

(٣١)

ڪيائون ميران سندو مُجرو، جَهرڪيون ۾ جيلانَ،
جتي غوث بھاؤالدين، اُت مَرڪيون ۾ مُلتان،
ڪَنوي خُراسان، سُڪَ وسايُون سنڌڙي.

(٣٢)

لار لئيندي وڄڙا، چيھي پير رتاسَ،
ڪڙيُون ڪُھنبي ورنيُون، موتي مُنهن ڳتاس،
پسي مينگھہ ميون چوي، جوهر جال جڙياس،
جُهومڪَ بَستر پاس، وسي مينهن پسائيا.

(٣٣)

ڪانڌَ مَ وڪڻ ڪُنڊيُون، ڌَنُّ سيوئي ڏار،
اَپريُون سيريَون پانهنجيون، سسيون سڀ سنيار،
بَن چڱڏي چَن پئي، وڃي وَلھارَن وار،
تہ اچي اڳٿان بھار، سَرلا ڪنڍيُون سَڌَڙا.

(٣٤)

سارنگ ڪي سعيو، توڪي سعيو نہ ٿئي؟
ڳري تو ڳمان ۾، آيو ڪي آيو،
هارين لاءِ هرجاءِ ۾، هادي هلايو،
مٿان ايئن پانيو، تہ بادلَ آهي بَس ڪئي.

(٣٥)

سارنگ سارَ لهيج، الله لَڳ اُجين جي،
پاٽي پوچ پٽن ۾، اَرزان اَن ڪريج،
وطن وَسائيج، تہ سنگهارن سُک ٿئي.

(۳۶)
سارنگ سائي سٽَ، جهڙي لالي لاک جي،
اِئن سي اُڀن اَنگيا، جئن سي چُنيءَ چٽَ،
بَرسيو پاسي پٽَ، پريائين ڪُنَ ڪراڙَ جا.

(۳۷)
سارنگ ڪي سارين، ماڻهو، مرگهه، مينهيون،
آڙيون اَبَر آسري، تاڙا تَنوارين،
سپون جي سمنڊ ۾، نئين سچ نِهارين،
پَلَر پيارين، تہ سنگهارن، سَڪ ٿئي.

(۳۸)
سارنگ سينگاري، وچون وسڻ آئيون،
مون ڪي ڪوڻ خوش ڪيو، جا ڪڪر ۾ ڪاري،
جُهڙن جهُونگاري، لاٿم ڪٽُ قُلوب تان.

## وائي

منهنجي سيد سار لهندو، مون کي آهي اُميد الله ۾،
سجدي پئي سُپرين، زاريون زور ڪريندو،
اُمتَ ڪارڻ احمد، اُت نرمَل پاڪ نيندو،
سُورَ ڏڪاءُ ٿيندو، اکيون سڀ سج ڪيڏندو،
ميڙو ٿيندو مؤمنين، اُت محمدؐ مير ملَندو،
نفسا نفسي سڀ ڪو ڪري، داتا در دوڙندو،
مهلت ڏيندس مولو، اُت بَديون بخشائيندو.

## فصل ٻيو

(۱)
پري پٽ تي آئيو، سارنگ سهج منجهاءِ،
ڪڙيون ڪَتڻ هار جيئن، وچون اُتر واءِ،
سُرها سبزا ٿيا، ڏامڻ ڏِٻَ ڪيا،
پهري پَٽنئان، پريائين ڪُنَ ڪراڙَ جا.

(۲)
پريائين ڪن ڪراڙ جا، وٺو واريا‌سو،
ڪوريتيءَ ڪِوَڻ ڪيو، چڱو چوماسو،
ماڪاٽيءَ تانَ موتيو، ڏيئي ٻَٻَ پاسو،
خالق ڪيو خاصو، چيهو چُڪيءَ ڪنڌئين.

(٣)

چيهو چڪيءَ ڪنڌئين، ڪيائين گڙنگ تي گَل،
هَڏا ڪُتيان هَليو، پيري تَرايُون تل،
آندائون آب اُجَل، متي باغ بهار ڪري.

(٤)

اَڄ رَسيلا رنگ، بادل ڪڍيا برجن سين،
ساز سارنگيون سُرندا، وڄائي برجَنگ،
صُراحيون سارنگ، پَلٽيون رات پڌامَ تي.

(٥)

مينها ۽ نِينهان، ٻئي اَڪَرَ هيڪَڙي،
جي وسڻ جا ويس ڪَري، تہ ڪَڪَر ڪن ڪيهان،
بادلُ تي بيهان، جي آگمر اچڻ جا ڪرين.

(٦)

بادلَ تُمر پي ڪَرُو، ڪنڪ جت مڙن،
تَنگ پيَچَن، تَرڪَش پُسَن، سَجڻَ چِت پوَنِ.

(٧)

ڪُڪڪَن ڪانڌُ چت ڪيو، جُهڙُ پَسيو جهجَن،
ورَ ري واندِن اَڏيا، پَڪا سي مَ پُسَن،
اُتر ڊاهي اُن جَا، تہ ڪنهن ڪي ڪارون ڪَن،
وارثُ وري تن، اچي شال اولو ڪري.

(٨)

ڪڪن ڪانڌ چِٻ ڪيو، جُهڙ پسيو جُهڙ ڪَن،
سُٽيو رَڙ رعدَ جي، ڪَليُون ٽيون ڪَنبن،
ڪَليون ڪِين ڪُڇَن، ويچاريون وَرَنِ ري.

وائي

ڪَرُ مَرُ ڪامي پَچي، آءٌ ويندي دَر دوستن جي،
جياتين ڏُجَنَ تَڪيو، سَجڻُ تَيائين اچي،
نُور اپايو نينهن جا، دَر پِلي جي نَچي.

## فصل ٽيون

(١)
گنيرَ گت سکن، چَلڻ جي چاهَ پئي،
هندو حيرت ۾ پيا، لالي کي لَبن،
چمکن چوڏس چنڊ جئَن، وڄڙيون ٽيون وَهسَن،
لوچن ٿا لطيف چئي، پَسَڻ لئہ پرين،
قيصر قريبن، سنباهي ساڻ کنيا.

(٢)
مُند ٿي، مَنڊَلَ وَڄيا، کي اوهيڙن اوکَ،
چاچر ٿي چَنن ۾، مينهون چَرَن موکَ،
سَرَهيون ٿيون سنگهاريون، پُويو پائن طوق،
ميها، ڇيڙ، ڦنگيون، جت ٿين سپيئي ٿوکَ،
لاهئين مٿان لوک، ڏولائي جا ڏينهڙا.

(٣)
مند ٿي، منڊل وڄيا، تاڙي کئي ٽنوارَ،
هارين هَرَ سنباهيا، سَرَها ٿيا سَنگهار،
اڄ منهنجي يار، وَسڻ جا ويس کيا.

(۴)
مند ٿي منڊل وڄيا، آيو جُهڙُ جهاتي،
هک اَرزان اَن ٿيو، پيو مکڻ منجھ ماٽي،
کلمي سين کاٽي، لاٿم کسُ قُلوب تان.

(۵)
مند ٿي منڊل وڄيا، موٽي آيو مينهُن،
لال پرين لکمير چئي، ساريم سارو ڏينهُن،
جن سين لايو نيڻن نِينهُن، سي پرين پيهي گهر آئيا.

(٦)
گنگُوءَ جيائين گوڙ کري، کاهيائين کاهُوجيءَ ڏانهن،
وٺو مينهن وَڏ ڦُڙو، سري پرياڻِين ساه،
ڏيئي پَٽن پاه، پريائين کُنَ کراڙ جا.

(٧)
ڏيئي ريچ رائڪ کي، ڪيائين لوتڙيءَ تي لَلَ،
ڏلهي چِڙيائين ڏَر کي، پاٽي پريائين پَلَ،
آندائين آب اُچَلَ، موڪل ٿي مينهن کي.

(٨)
مُون جُهڙُ ڏنو اُڀ ۾، ڍوليا لَڏ مَ لاھ،
اڄن آب اڪئين ڪيو، وِڄُون اُتر واءِ،
ڇَنَ ڇڏي پَٽ پاءِ، اَڏ اُتاهين پڪڙا.

(٩)
مُحبَ مُنهنجا سُپرين، آٽيئي الله،
توکي ساريو ساھُ، اُڪنڊيو آھُون ڪري.

(١٠)
وَسُ بادلَ وَسُ، تو وَسندي وس ٿئي،
اُڃائيون عنات چوي، رات ٿَنهين کي رَسُ،
نينِّ تِمندا پَسُ، وَس تہ وَرَنِ سُپرين.

(١١)
لوچڻ گهرجي اَجڪو، جهولو سَهي نہ سيُ،
سٽائج سَوڙَ کي، حال مُنهنجو هيءُ،
اگڻ آئيو ٿيُ، تہ ڍوليا ڪنهن ڍنگ ٿيان.

(١٢)
ڪانڌ تُنهنجي پاندَ ري، سنجهي سيءَ مَران،
ڪامَل ڪپاهن ۾، پيئي ٿار ٿران،
تاريءَ تنهن ٿَران، جئن ورُ وهاٽيءَ وريو.

(١٣)
ڪانڌَ تُنهنجي پاند ري، سيءَ مَران سڀ رات،
ڪاملَ ڪپاهن ۾، نہ جَهپَ اَچيئي جهات،
اڄين جي پريات، تہ آءٌ سيُ نہ ساريان.

(١٤)
پاڇاڙئان پئي، ٿيو آڳاڙئان اڳرو،
ڇُڪَسَ سڀ ڇئي، تڏهن موليٰ مينهن وسائيا.

(١٥)
آگم ڪيو اچن، سجڻ سانوڻ مينهن جئن،
پاسي تن وسن، جي سڀ ڇماندَرُ سڪيا.

(١٦)
مينڊو مينهن پسائيو، سري ٿو سيلو،
ٻَڪي پيهي آئيو، رحمت جو ريلو،
ساڃن سويلو، پيچ ٻنيءَ گهَر آئيو.

## وائي-٢

اَکيون مينگهہ مَلارَ،
صورت تُنهنجي سڀ جڳ موهيو،
سجدو فيلَ في الحال ڪيو،
پَسي مُطلبَ نُورُ نرارَ،
ڄاپڻ وقت ڄام جي، ڪريا ڪوٽ ڪُفارَ،
آگي آسمان جو، توکي ڪاريو سَيرُ سَتارَ،
وَلَسَوفَ يُعطيڪَ رَبڪَ فَعرضيٰ، توسين قادرَ ڪيا قرارَ،
قادر پاڻ قَسم ڪيو، خاڪ قدمن جو ڪرتارَ،
آهين ڪَرَمَ ڪريم جا، اَحمدﷺ ساڻ اَپارَ،
اُڪنڊيا جي اَبَر کي، سرها ٿيا سَنگهارَ،
موڪل ٿي مينهن کي، دوستَ هٿان دلدارَ.

## فصل چوٿون

(١)
ٿانور اُتي پَسُ، ڏيههَ ڪوندي وڄڙي،
تنين ڪارڻِ وَسُ، جن ورَ متَيِ پائر َڪيا.

(٢)
ڏونگها آڇ مَ تن کي، ڪاسا جنين نہ ڪمُ،
پنندي پرڏيهہ ۾، تن سوڍين ٿئي شرم،
اُتڻ گهٽي ادب سين، ڳالهائين نَرم،
قادر ڪر ڪرم، تہ اُن جي وطن ۾ وَسَ ٿئي.

(٣)
اوچِنَ گهرجي آجکو، پُکو نہ پيئَمُ،
دوست پچاڻان دمُ، جا رهي سا رَنَ ٿئي.

(٤)
سچڻَ ساوڻ مينهن جيئن، جُهڙِکن پاسي جهوکَ،
ڏيندا پاه پَٽن کي، منجهان مينهَن موکَ،
لَس پيارين لوکَ، آگمَ کيو اکين سين.

(٥)
اڄ پڻ اُتر پار ڏي، کَکَر ٿو کري،
وَسيو سي پري، جي ڏَرَ ڏِينهَن کانئيا.

(٦)
اُتران ٿي آئيو، تنهن ککر لاٿم کَسُ،
وٺو مينهُن وَڏَ ڦُڙو، کيو جوداني جَسُ،
کيسَر چٽي قلات، رات تَنهين کي رس،
نيڻَ ٺمندا پَسُ، وسُ تہ وَرَن سُپرين.

(٧)
واهُنديان وڄ ٿي، کُڙيو ڏهُن کنيات،
کُنڊيون کاهي گس کريو، وڄون کريو واٽ،
سنگهارن سُک ٿيو، لٿي اُڄ اُسات،
جُهڙ ڦڙ ڏيئي جهاٽ، پُسائيندين پٽيون.

(٨)
کانڌَ مَ کهڙ کوڙ، مون جُهڙ ڏٺو اُپ ۾،
سٽائون ساوڻ جون، جُوٽيجو چٽي جوڙ،
لاَٿم گوندَر گوڙ، مون کي کِوَڻِ خوش کيو.

(٩)
سچو صاف نہ اُيري، سَرلي وچان سچ،
مُنهن چڙهيو ماٺهن کي، وڏايون وڄ،
هِيڙا کَپ مَ کُڄِ، سگها ملندءِ سُپرين.

(١٠)
ڍَٽ ڍُري پَٽ پيبون، پاسي پارکر،
سيپيئي پريا سَرَ، پلَر جي پالوٽ سين.

(۱۱)
ڏَٺ ڏُري پَٽ پيُون، آيُون عمرڪوٽ،
پُساَيائين پُلر سين، سُڪا پَٽَ جي سوٽ،
چنچل ڏِيئي چوٽ، سپ سامارو سَر ڪيو.

(۱۲)
ڏِٺ ڏُري پَٽ پيُون، آيُون ڪاهي ڪاماري،
وناَ پَٽَ پُراڻ جا، ونيُون ساماري،
ڪَکر ۾ ڪاري، وچڙين پسو ويس ڪيا.

(۱۳)
ڏِٺ ڏِري پَٽِ پيبون، ٿيا وَلهارين ويءَ،
شمَس قمر نہ پاڙيان، سيڻن جي شبَيهہ،
جي جاني اندر جيءَ، سي پرين پيهي گهر آئيا.

(۱۴)
ڏِٺ ڏَري پَٽ پيبون، وڄن ڪيو واڄو،
پکو پنهنجي پرينءَ لئہ، سبي کر ساڄو،
سَڄڻ سپاجهو، پيچ پنيءَ گهر آئيو.

(۱۵)
ڏِٺ ڏِري پَٽَ پيبون، وڄن ڪَيا وَرن،
اُونهين ٿي عيسو چوي، چاچر سيڪا چَڻَ،
جي مُحبَ اندر مَنَ، سي پرين پيهي گهر آئيا.

(۱٦)
ڏِٺ ڏِري پَٽِ پيبون، وڄن ڪيا ڏَرمَ،
واحد وڏائي ڪيا، ڪُنڊن ساڻ ڪَرمَ،
سنگهارن شرم، رک منجهان سُپرين.

(۱۷)
وَسي ساري رات، صبح جو ساهہ ڪٽي،
مَجهيئي مينُهن پرينءَ جو، جي تن ۾ هُويئي تات،
تہ وهاٽي پَرِيات، هوندَ بادلُ بس ئي نہ ڪَري.

(١٨)

موتي مانڊاڻن جي، واري ڪيائين وارَ،
وچون وَسڻ آئيون، چوڏس ۽ چوڌارَ،
ڪي اُتي ويئيون استنبول ڏي، ڪن ميجيا مغرب پارَ،
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقنديُن سار،
ڪي رمي ويون روم تي، ڪي ڪابل، ڪي قنڌارَ،
ڪي دهلي، ڪي دکن، ڪي گڙن مٿي گِرنار،
ڪنهين جُنبي جيسلمير تان، ڏنا بيڪانير بُڪارَ،
ڪَنهين ڀُڄ ڀڄائيو، ڪنهين ڍٽ مٿي ڍارَ،
ڪن اچي عمرڪوٽ تان، وَسايا وَلهارَ،
سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سُڪارَ،
دوستَ تون دلدارَ، عالم سڀ آباد ڪرين.

(١٩)

موتي مانڊاڻن جي، پري ڪيائين پيچَ،
وچون وَسڻ آئيون، سارنگ چڙهيو سيج،
تنهن نوريون نوازيون، ڏيئي ڏوٽا ڏيج،
ٻج ڪٽي پٽ هليا، هاري منجهان هيج،
راضي منجهان ريجَ، عالم سڀ آباد ٿيو.

(٢٠)

موتي مانڊاڻن جي، جُڙي ڪيائين جوڙَ،
وچون وسڻ آئيون، ٻه ٻه ٻڌائون ٻوڙَ،
اَنن جا عالم ۾، لکين ٿيا ڪوڙَ،
سارنگ لاٿي سوڙهه، سانده سهائو ٿيو.

(٢١)

موتي مونڊاڻن جا، پري ڪيائون پر،
وچون وَسڻ آئيون، ڪوڏان ڪٽي ڪَرَ،
مينهون پاڻ مُراديون، ٿڏا چَرَن ٿَرَ،
وڏي اوھ آئيون، پُنيءَ لائي قَرَ،
ساري اَچيو سامهيون، ڏين سنجهي ڪِيرَ سَجَرَ،
ساڻ واندِن وَر، پَريون پَرچَڻ جون ڪيون.

(٢٢)

حڪم ٿيو بادل کي، تہ سارنگ ساٿَ ڪجن،
وڃون وَسڻ آئيون، تہ تہ مينھَن ٿِمنَ،
جَن مھانگو لھي ميڙيو، سي ٿا ھَٽ ھٽن،
پنجن منجھان پنڌرھن ٿيا، اِئن ٿا وَرق وَرن،
ڏُڪاريا ڏيہ مان، شال مُوڌي سڀ مَرَن،
وري وڏيءَ وس جون، ڪيون ڳالھيون ڳنوارن،
سيد چوي سَپِن، آہ توہ تُنھنجيءَ آسرو.

(٢٣)

اندر جُھڙ جھور وَھي، ٻاھر ڪَڪَرُ نہ ڪوءِ،
وَسائيندي وڄڙَي، حُب جنھين کي ھوءِ،
لالن جنھين لوءِ، تن اوڪاڙين نہ اَڪيون.

(٢٤)

اَندر جُھڙ جھور وھي، ٻَھر بَرسي بُوندَ اَپارَ،
وٽ جنھِين جي يارَ، سي اوڪاڙين نہ اڪيون.

(٢٥)

آگھمجي آئيون، اُتران ڪَري اُور،
جي پَرين ھُئڙا ڏُور، سي مون کي مينھَن ميڙيا.

(٢٦)

سَرلي سُونَھن جي، ڪرڪَٽَ سَڄَڻَ سپرين،
جي وانڍيون وَرَن ري، تن کي مينھَن سَڄڻَ ميڙيا.

(٢٧)

مُند ٿي مَندلَ وڄيا، ڪوڙين سڄڻَ ساري،
وَڏَ ڦُڙي واڪو ڪيو، اُتو اوتاري،
ڪَڙڪو ڪَن ڪُنديون، مھريُن ماري،
گنگھر اڄ گھاري، وارو ڏيندي وڄڙي.

(٢٨)

وَسُ بادلَ وَسُ، تو وَسندي وَس ٿئي،
تو پيئڪا مُون ساھُرا، ڪِوَڻ ڀَلايو رَسُ،
تِنھينَ ڀاڳين وَسُ، جن وَرَ مَٿائي ڀائَر ڪيا.

### وائي-١

آئي مُندَ مَلارَ، آءُ کُھنبا کنديَس کپڙا،
وَسڻِ جا ويس کيا، اَڄ مُنھنجي يارَ،
لارَ لئيندي وَڇڙا، ڀَنڙس ڀَنيا وارَ،
ڀَکي آءُ پرينءَ جي، لَھہ تون سَيدَ سارَ.

### وائي-٢

ملجانِ ملجان چوري چوري،
اسانَ نون سَجڻَ سانول ملجان،
بادلُ بَرسي وڄڙي چمڪي، بوند پَڙي ٽوري ٽوري،
صاحَب دانا بي نشانا، مَين تيڏي گھوري گھوري.

# سر ڪيڏارو

## فصل پهريون

(۱)
ڏِنو مُحَرمُ ماهُ، سَونڪو شهزادن ٿيو،
ڇاڻي هيڪ الله، پاڻَ وَٽنديون جو ڪري.
(۲)
ڏِنو محرم ماه، سونڪو شهزادن ٿيو،
مڪي مديني، ماڻهئين، رُنو مٿي راهَ،
تَنهن واحد ڪي واهَ، جو حڪمَ هھڙائي ڪري.
(۳)
محرم موٽي آئيو، آيا تان نہ اِمام،
مديني جا ڄامَ، مولىٰ مون ڪي ميڙئين.
(۴)
ميرَ مدينئان نڪري، ڏيرا ڏنائون،
ڪانيءَ، پاٽيءَ، گاهَ ڪي، ماٿهو مڪائون،
چڙهندي چيائون، تہ ٿيندي ويڙه وڏاندِري.
(۵)
ميرَ مدينئان نڪري، رڙهيا مٿي رَند،
گهوڙا تن گهوٽَن جا، َپڙيا مٿي پَنڌَ،
جتي رهيا راتڙي، سي سُونهارا هَنڌَ،
ڪُلها ڪرنگهَر ڪَنڌَ، جُهرَن جُونجهارن جا.
(٦)
ميرَ مدينئان نڪري، آيا نہ موٽي،
ڪارا رگج ِڪپڙا، اَدا نيروٽي،
آءٌ تن لوٽي، جي مير مسافر رانئيا.
(۷)
سختي شهادَتَ جي، مَلارُ مڙوئي،
ذرو ناه يَزيدَ جو، آثار اُهوئي،
ڪُسَڻ جو هو ڪوئي، اَصلِ اِمامن سين.

(٨)
سختي شهادت جي، مڙوئي ملار،
ذرو ناه يزيد کي، عشق جو آثارُ،
ڪسڻ جو قرار، اصل اِمامن سين.
(٩)
سختي شهادت جي، سُڻ شاديءَ جو ڏِينهن،
ذرو ناه يزيد کي، اِي نِسوروئي نِينهن،
مَرگ اُنو مينهن، عليءَ جي اولاد تان.
(١٠)
سختي شهادت جي، نسوروئي نازُ،
ڪي رندَ پروڙين رازُ، قضيي ڪَربلا جو.

وائي
ميندي لاوَڻ ڏي، جِيئين شاهَ، ميندي لاوڻ ڏي،
قاسَم شاه سيج وڃاوڻ ڏي،
ميندي تيڏي رنگ رنگيلي، چوٽا لعلَ گلالَ،
ماءُ پيءُ ڏِنئي سهِرا، خبر نِماڻيندي نالِ.

## فصل ٻيو

(١)
جهيڙو لاه يزيد، عليءَ جي اولادَ سين،
سا نہ پَسندَين عيد، جا هوندي ميرَ حُسينَ سين.
(٢)
جَنهين جهيڙيو ڪالهہ، عليءَ جي اولاد سين،
هَئَي تنهين جي حالَ، جي جماعتي يزيد جا.
(٣)
جنهين جهيڙو اڄ، عليءَ جي اولاد سين،
پئي تَنهِين ڪان پُڄ، جي جماعتي يزيد جا.
(٤)
ڪلي ويرَ ڪٽڪ ۾، هَئي جي حَسَنُ هو،
تہ پيڙو پنهنجي پاءُ سين، هوند پتنگ جئن پيو،
آهي ڪير ٻيو، جو ڪري هَلان مير حسين تي.
(٥)
ڪلي وير ڪٽڪ ۾، سائُو سپ نہ هُون،
پِڙ تي سي ئي پونِ، موٽڻ جَنهِين مِهڻو.

(٦)
ڪلي ويرَ ڪٽڪ ۾، پاڪَرَ جو پائي،
اچا اُن ڪي جيئڻ جو، آسانگو آهي،
سُورهِيہ سوچائي، جو رَڳوئي رڻ گهڙي.
(٧)
حسن ناھ حُسين وٽ، پيلي نہ پانهون،
ساٽيہ شهزادن جو، آهي آڳاهُون،
يزيد جُلاهُون، تيلان ڪري تَڪڙيون.
(٨)
حسن مير حسين جي، سُئي جنگ جهانَ،
اُڏاڻا اُور ڪَري، ڪارين پکين ڪانَ،
پيءُ ڏاڏاڻا پانَ، سيد سڀ مَلهائيا.
(٩)
حسن مير حسين کي، رُنو تِن تولَن،
گهَر ماٺُهئين، جهنگ مرونئين، ۽ اُپن ۾ ملڪن،
پکين پانُ پچاڙيوَ، تہ لڏيو هوتَ وڃن،
الله شهزادن، سوپون ڏِئين سچا ڏٽي.
(١٠)
حسن مير حسين جو، جن نہ هنئڙي جارُ،
خالقُ رب جَبار، ڪِين مَرهيندو تِن کي.
(١١)
پاوَنگ اُپو پڙ ۾، هَٽي هزارين هُول،
جوهَرَ ۽ جڙاءَ سين، ڪاملَ سر ڪنگول،
رَتو رَتَ رتول، مولهيو مير َحسين جو.

وائي
داغ سيني پَر غَم ڪا، هي ماتم ڪا ياعلي،
جهنڊا ڦِڙا اٿيا، خبر لي آئيا، سُوز ڪَرو شاھ قاسمِ ڪا.

## فصل ٽيون

(١)
ڪوپا ڪلي ڪوڏيا، راوَتَ ڪين رهَن،
سائُوئن َسر فدا ڪيا، اَڳيان اِمامن،
"يُجاهدُونَ في سَبيل اللهِ"، ڪُم اِهوئي ڪَن،
حورُونَ هار ٻڌن، سِهرا شهيدن کي.

(٢)
ڪُوپا ڪلي ڪوڏيا، سائُو سلحدارَ،
هڪ پيائر، پيا پيائتيا، ٿيان جاني جگر يار،
آرَڙ ۾ احسان سين، صُوبا ٿيا سَردار،
حُورن ٻَڌا هار، سهرا شهيدن ڪي.

(٣)
ڪاملَ ڪربلا ۾، اَهلبيت آئيا،
ماري مصرين سين، تن ڪافَر ڪَنبايا،
سچ ڪ بيبيءَ چايا، ههڙا سُوره سُپرين.

(٤)
ڪاملَ ڪربلا ۾، آئيا سَيد شيرَ،
ماري مصرين سين، ڏُونڊَ ڪيائون ڍير،
دَهَليا اُتِ دليرَ، پَسي حَملو مير حسين جو.

(٥)
ڪاملَ ڪربلا ۾، آئيا جُنگ جُوانَ،
ڌرتي ڌُبي لرزي، ٿرٿليا آسمانَ،
ڪَره هئي ڪانہ، هو نظارو نينهَن جو.

(٦)
ڪاملَ ڪربلا ۾، آئيا اَڄ اَمير،
ويهي ويرين سامُهان، تکا هنيائون تير،
هئي ائين تقديرَ، اَصَل اِمامن سين.

(٧)
ڪاملَ ڪربلا ۾، آيا پاڻَ پيهي،
پَه ڪيائون پاڻ ۾، مُقابل ويهي،
قضا هيءَ ڪيهي، هي هي ٿي حُسين سين.

(٨)
دوستَ ڪُهائي دادُلا، مُحب مارائي،
خاصن خَليلن ڪي، سختيَون سَهائي،
اللهُ الصمَدُ بيَ نيازُ، سا ڪري، جا چاهي،
اِنهي منجهہ آهي، ڪا اُونهي ڳالهہ اِسرارَ جي.

(٩)
ڪانڌ ڪلارين ڪپڙين، وَرَ وناهيو آءُ،
جت سانگين جي سَٽ وَهي، اُت وک وَڌنڌي پاءِ،
ٽَان ٽان پؤ مَ لاهہ، جَان جان نُوڏَين نہ ڇڙهين.

(١٠)

جمهنديون اَچن، جهوليون جُهونجارن جون،
پايو پُڪ ٻُهار جا، اُن جون وَهون واڪا ڪن،
پِتين، پار ڪڍن، رِڻُ گجيو، راڙو ٿيو.

(١١)

ڏنو ڪالهہ ڪَنهين، جُهونجهارڪو جهڳڙو،
هاٿين هَڏَ مُچَائيا، ريلو رَتَ نئين،
پانئينِ سا سنئين، جيان جي جوکو ٿئي.

(١٢)

پڳو آءٌ نہ چوان، ماريو سين وسهان،
ڪانڌَ مُنهَن ۾ ڏَڪڙا، سيڪيندي سُونهان،
تہ پڻ لَڄ مَران، جي هُونس پُٺِ ۾.

وائي

اَڄ نہ آيو امام، واويلا، مومنا، ماتامُ، واويلا،
اَن نہ پاڻي اُن کي، نہ ڪو وَنڙن مينهُن،
هئا سَتاڻيءَ جنگ ۾، نَوَ راتيون ڏہ ڏينهَن،
دُلدُل گهوڙو شاهَ جو، مٿس لالَ پَلاڻي،
شيرُ شهزادي لڏيو سيد سيج نماڻي.

## فصل چوٿون

(١)

ڪا جا ڍري ڍُنگري، ڪو جو وريو واءُ،
عليءَ شير وياءَ، رڻ ۾ پيُنِ راتڙي.

(٢)

مَرُ مرينَ، آءُ روئين، موتي آءُ مَ ڪانڌ،
ڪَچن وڏا پانڌَ، جئَڻَ ٿورا ڏينهڙا.

(٣)

مَرُ مرين، آءُ روئين، موتي ڪانڌ مَ آءُ،
مَچڻ تو پئاءُ، ڪَچا ڪَنم جيڏيون.

(٤)

گهوڙن ۽ گهوٽن، جئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن واهي رِڻ جا.

(۵)

جَنتَ سندين جُوءِ، فائِقَ هليا فِردوسَ ڏي،
فاني ٿيا في الله ۾، هُوءِ سين ٿيا هوءِ،
رب ڏيکارئين رُوءِ، اُنهن جي احسان سين.

(٦)

ڪاري ڪَڪَرَ هيٺ، مُون جهڙينديِ چِڏيا،
ڪارا ڪُندَ هٿن ۾، اَڙَلَ وَڇيرا هيٺ،
تي تَنهين سين ڏيٺِ، موٽُڻ جَنهين ميهَڻو.

(۷)

بهادُر گڏيا بهادُرين، ڪَڙڪَ ڪِلَول ڪن،
وجهَن ڏَڙَ ڏَڙَن تي، هاڪاريو هَٽَن،
ڪَرِن ڪَنڌَ نَچنِ، رنُ گجيو، راڙو ٿيو.

(۸)

هُئي هدايتَ حُر کي، ازل ۾ اصلان،
چڙهي آئيو جنگ تي، هلي هُن پاران،
ايندي ڇپائين اِمام کي، گهوريُس ان مٿان،
”لايَڪلِفُ اللّٰهُ نَفساً اِلا وُسعَهَا“، جيڪا پُڇنديم سا،
گهوٽ بہ لڳا گهاءَ، سو پڻ شيرُ شهيد ٿيو.

(۹)

حُرُ هلي آئيو، مانجهي مَردانو،
آهي عاشق آگ جو، پَتنگ پَروانو،
مانَ راضي ٿئي رسول رب جو، نبيﷺ تو نانو،
هيءُ سِرُ سَمانو، گهوٽ مٿان ئي گهوريان.

## وائي

واويلا ڪيو ملڪن رڻ ماتامَ!
هئي هئي، شاه ِ حُسينَ سڏاريو!
ڪربلا جي پڙ ۾ خيما کوڙيائون،
جيڪا تقدير رب جي، لکيو لوڙيائون،
ڪربلا جي پڙ ۾، آيا اَمير،
جُهڙَ وَرائي جَهليا، طَرَفَ سندي تقريرَ،
پسي سختي مير حسين جي، رُنو نَبيُن زارون زار،
مَلڪَ فلَڪَ ڏرتي ڏُبي، آئي عَرش مٿان اَوچنگارَ،
”فرزند عليءَ جا ڏُادلا“، چيو بيبيءَ فاطمه،
”خون چڪيندَيس، ڪين ڇڏيندَيس، جاني آن جو ڏينهن قيامت،
فرزند عليءَ جا دادلا، مون تان ڪوڏِ نپائيا،
بيبيءَ بَتوله جَنتَ خاتُونءَ، پار ڪڍي ڳِر لائيا.

## فصل پنجون

(۱)

ڏاڙهيءَ رَتَ رتياس، ڏند تہ ڏاڙهونءَ ڳُلَ جيئَن،
چوڏهينءَ ماهَ چنڊ جيئن، پڙ ۾ پاڳڙياس،
ميڙي ۾ مُحَمدﷺ جي، مَر مَرڪي ماس،
تنهن سُوريھ کي شاباس، جو مٿي پِڙ پُرزا ٿئي.

(۲)

ڏاڙهيءَ رَت رتياس، ڏندَ تہ موتيءَ ڳُتيا،
چوڏهينءَ ماه چنڊ جيئن، پڙ ۾ پيشانياس،
اَللهُ نُور السماوات والارض، جَلوو زميناسَ،
”سيمَاهُم في وُجُوههم“، منَهُن ۾ مڻ ڳُتياس،
ڪَرا ڪربلا جَا، مادر ٿي ميڙياس،
قتَن تان رت قڙا، عليءَ ٿي اُگهياس،
مڙئي معاف ڪياس، خالق بدلي خون جي.

(۳)

ڪوفين قهر ڪيو، ٿيا جماعتي يزيد سين،
پليتن کي پڙ ۾، ورنه ور پيو،
سَڏر هون سهو، شيرُ شهادت رسيو.

(۴)

ڪوفي ڪربلا ۾، پاڻي نہ پيارين،
اُتي عَليءَ شاھ ڪي، شهزادا سارين،
نڪريو نھارين، چَڙھ ميرَ محمد عربيﷺ.

(۵)

ڪوفين ڪاغذ لکيو، وچ وجهي اَللهَ،
اَسين تابع تُنهنجا، تون اَسان جو شاھ،
هيڪر هيڏي آءُ، تہ تخت تابيني تُنهنجي.

(۶)

پرہَ پَکي آئيو، ڪربلا مان کَهي،
تنهن روضي پاس رسول جي، اچي هاڪ هنئي،
ڏَئيم رُڪَ رئي، چڙھ مير محمد عربيﷺ.

(۷)

پره پکي آيو، صُبح سَوارو،
روضي پاس رسول جي، هنيائين هاڪارو،
مانجهين ڪيو مارو، چڙهہ مير محمد عربيﷺ.

(۸)

پره پَکي آئيو، ڪربلا مان ڪالهہ،
آہ آلودو رت ۾، هي منجهان حال،
گهوٽ وَناهِيا ڪالهہ، پيلي مير حسين جا.

(۹)

ڪربلا ۾ ڪُوڪ، ساجهر شهزادنَ جي،
عالم جا ملوڪَ، رڪ روهي جهليا.

(۱۰)

ڪربلا ڪڪوري، دُلدُل رتا پيرِ،
سَٿون ڏيندي شير، مٿان سَج مُرڪيو.

(۱۱)

چار تراريون چيلهہ سين، ٻڌي ٻہ پاڳون،
اڳين جون آڳون، ڪونئر ڪِلي ۾ موڪيون.

وائي

چلو يارو مسلمانو، ڪافر ماريا ھيء حسين ڪُون،
نور ڪا پيالا، خدا دي پر پلايا ھي،
جنان دي گھوڙي پيڙي، تنان دي مالدي جھيڙي،
ھي وچي ٿيا خاڪ سين پيڙي،
جنان دي لڪ تي ھيري،
سدا مُک پاڻَ دي پِيڙي،
ھي اُنھان ڪون ڪا گئي ڪيڙي.

## فصل چھون

(١)

ڪونئر، ڪلي جا ڪوڏيا، جانکي تائين جيءُ،
مٿان اڙن اسري، رُڪَ پيالو پيءُ،
ڳاھُ ڳِجھن ٿيءُ، ويني جن وره ٿيا.

(٢)

پاڪ جنھين جا پير، ڪٿان ھيٺ نہ ڪوڙيا،
ٽنگ ٽرَارن تچيا، چٽيو پون چڳير،
ڍوندِ تنھِين جا ڍير، ڳجھڙين ڳري لائيا.

(٣)

ڇپرَ جئن پھُون، تيئَن رڻ ڳجھن چانئيو،
وَنڪا وَنڪن ڳڏيا، ڊوڙيو ڏين ڊھُون،
مَھايَن وَھون، نِير مھانگو ڪنديون.

(٤)

ڳجھون ڳوٺ نہ ھُون، وتن ڪلي جُون ڪوڏيون،
حسنَ مير حُسينَ ڪي، لَميو لائون ڏين،
ڪُتا اکوڙين، چوٽا ڇُوڙيِرن جا.

(٥)

ڳجھڙين ڳارو، راتو ڏينھان رڻ ۾،
پُٽيو پُچن پاڻ ۾، ڪنھن مُنھن ڪيڏارو،
ڪائِن ڪڳ مارو، ڪانئرُ پيو ڪِنو ٿئي.

(٦)

ڳائو ڳجھ نہ ڪاءِ، ميھي ماسَ نہ ھيرئِين،
تنھين لئہ واجھاءِ، ڪلنگيون جن ڪپار ۾.

(٧)
اکيون ڪڍ مَ ڳجھڙي، تارا تون مَ ڪاءُ،
پيو نہ پسين پٽ ۾، ريڪڙ يارو راءُ،
جيري جنهن جوان جي، لَڳا نَوَ سَوَ نَوَ گھاءَ،
رات جنهن جي ماءُ، روئي پرنيو رب کي.
(٨)
ڪَنيَ ڪسنئي ڳجھڙي، لِڱين پوئي واءُ،
اَميرن مٺانءُ، جنهن تو ڦُلين ڇانئون نہ ڪيون.
(٩)
ڳجھن ويني ڳاريا، ڏَنجا ڏک گھٽا،
تنگي لٿين توڻ جي، سوره ساماٽا،
ڪندا راماٽا، ڪونئر ڪلي جا ڪوڏيا.
(١٠)
سوره، مرين سوپ ڪي، تہ دل جا وهم وسار،
هڻ ڀالا، وڙهہ ڀاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار،
مٿان تيغ ترار، مار تہ متارو ٿئين.
(١١)
هٽڻ، هڪلڻ، ٻيلي سارڻ، مانجھيان اِيءَ مَرَڪ،
وجھن تان نہ فرق، رُک وَهنديءَ راند ۾.
(١٢)
گھوڙو گھوٽ پلاڻيو، مٿس زين ڏري،
علي شير ڀُٽن کي، اُڀو سَڏَ ڪري،
قضا ڪيئن ٽَري، اَمرَ اِلاهي آئيو.
(١٣)
آيا اُجارين، تيغون تراريون تيورا،
سانگيون سائُن هٿ ۾، ڪُلهنئون نہ لاهين،
اپائي آهينِ، مهائي مرڻ تي.
(١٢)
ڀَڄي آئين ڀَڄٽا، لڄايئہ مون يارَ،
وينيون ڪن ڪوارَ، مُنهَن مٿاهان جن جا.
(١٥)
منهن مٿاهان جن جا، سي پٽيون ڪڍن پارَ،
جيڏيون هِنَ جھونجھار، سي اُجاري اَڇا ڪيا.

(١٦)
پَچي آئين پَچتا، لڄايئہ مون سينءَ،
وينيون وجهن وينءَ، منهن مٿاهان جن جا.

(١٧)
چنڊَ وهاڻيءَ چڙهيا، مَل مدينئان ميرَ،
اُن سينَ طَبل بازَ تَبُرون، ڪُندَ ڪٿارا ڪَير،
عليءَ پُٽَ اَمير، ڪندا راڙو رُڪ سين.

(١٨)
چنڊ وهاڻيءَ چڙهيا، مل مدينئان چام،
اُن سين طبل باز تبرون، نيزا ۽ نيشان،
عليءَ پٽ امامَ، ڪندا راڙو رڪ سين.

(١٩)
وهاڻيءَ چڙهيا، مل مدينئان گهوٽ،
اُن سين طبل باز تبرون، ڪُند ڪٿارا ڪوٽ،
عليءَ پٽ اَموٽ، ڪندا راڙو رڪ سين.

وائي

امامن جو ڪريو ماتام، شهيدن جو ڪريو ماتام،
روئي روئي رت سين، اَڪيون ڇو نہ ڀريو؟
جيڪي امامن سين ٿيو، سو تان پاڻ ڏٺيءَ پيدا ڪيو.

# سُر سَسُئِي

## فصل پهريون

(١)

اَول آخر آه، هلڻ منهنجو هوت ڏي،
پورهيو سندو پورهيتين، والي ڪِيم وڃاءِ،
ٿَڪيءَ ٿورو لاءِ، جيئن جيئري ملي جت کي.

(٢)

ڏري ۽ ڏاري، سٿَ سورن جي سسئي،
پيبائي پنهونءَ ڏي، نرملَ نهاري،
لالن جي لطيف چئي، سُونهن سَتي ساري،
پريتڻو پاري، مارڳ ۾ منڌ مُئي.

(٣)

جي سجهائي سڪ، تہ پڻ سڪي سسئي،
پيتائين پنهونءَ کي، هڏِ نہ َپڳيس هڪ،
اِن تڙ منجهان تِڪَ، ڏني پاڻ اُجَ ٿئي.

(٤)

پسي جهاجهہ جمال جي، جنهين پيتي پڪَ،
اپر اڳانجهو ٿيو، سور اُنهيَن کي سَڪ،
هڏِّ نہ پڳين هڪ، سدا َسائَر سير ۾.

(٥)

مَحبت جن جي من ۾، تن تشنگي تار،
پي پيالو اُڃ جو، اُڃ سين اُڃ اُٿِيار،
پنهون پاڻ پيار، تہ اُڃ سين اُڃ اُجهائِيان.

(٦)

محبت سندو من ۾، پُر پيالو جَن،
پيڻ پرچاءُ ناهہ ڪو، ڪنهن جنهن ڏاه ڏَيَن،
جنهن نهايت ناه ڪا، تنهين سُڃا سڄ وڃنَ،
تيلان اُڃ مرن، سدا سائِر سير ۾.

(٧)
سدا سائِر سير ۾، اَندر لهي نہ اُڃ،
پسڻ جو پرينءَ جو، سو سپوئي سُڃ،
تنهن لاءِ مران اُڃ، سدا سائر سير ۾.

(٨)
ساڄن ڪارڻ سُڃ، مر قبولي سسئي،
اندر جنهِين اُڃ، پاڻي اُڃيو اُن ڪي.

(٩)
پاڻيءَ مٿي جهوپڙا، مورک اُڃ مرن،
ساهان اوڏو سپرين، لوچي تان نہ لهن،
دم نہ سڃاڻن، دانهون ڪن مُنَن جيئن.

(١٠)
سسئيءَ ڪين سمجهيو، اوري آريءَ ساڻُ،
ڪري پيڪ پنهون سين، پاڌاريائين پاڻ،
ڄٽ وڃايو ڄاڻ، ٻانڀڻ ٻاروچن سين.

(١١)
لڳي ڪوسو واءُ، لوڪ مڙوئي لَهسيو،
اپن منجهان آئيو، هَي هيءَ جو هڳاءُ،
طَيرن تنواريو، پنهونءَ پڇاڻاءُ،
رسيو سُور شَبان ڪي، وحوشن وٺاءُ،
مروئن موت قبوليو، اَپر ٍ اَفسوساءُ،
ٻَرَ پڻ ڪن پڪاءُ، اُڪنديا آريءَ لئہ گهڻو.

(١٢)
مَهند مُحتاجي ڪري، پنيءَ پير ڪٽيج،
ڪُٻيلياٽي ڪيچ ڏي، حُج مَ هلائيج،
اوڏي عزازيل کي، ويجهي تان مَ وڃيج،
نا اُميدي نيج، تہ اوڏي ٿئين اُميد کي.

(١٣)
مهند محتاجي ڪري، حُج وڃائي هَل،
عذر خواهيون، عاجزيون، سسئي ڪنهن مَ سَل،
ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو، لنُؤ ري ڪونهي لَل،
اِيءَ پلائيءَ جو پَل جئن پاسي ٿئڻ پاڻ ڪان.

(۱۴)

جن نا اُميدي نُورُ، اُميدي اَونداهہ اُن کي.
صبوح جو سُور، جن سَريو تن سُک ٿيو.

(۱۵)

ويھُ مَ منڌَ ڀنڀور ۾، ڪر ڪو واڪو وَسُ،
ليڙن جو لطيف چئي، ڏونگر ڏينديئي ڏسُ،
ڀَنهون اُتي ڀَسُ، سَرَ ڀِر هلي سَسئي.

(۱۶)

ويھُ مَ مَنڌَ ڀنڀور ۾، ڪر ڪو واڪو وَسُ،
ٻانهي ٻاروچن جي، گولي چڙ مَ گَسُ،
ڏورڻَ منجهان ڏَسُ، پونديئي هوت پنهونءَ جو.

(۱۷)

ويھ مَ مُنڌَ ڀنڀور ۾، هاڙهي هڏ مَ هل،
ڪوڙي ڪج مَ ڪڌهين، سچي ڳالهہ مَ سَل،
جانب لئہ مَ جلِ، سو وسار مَ سسئي.

(۱۸)

سُکين ٿِي مَ سَنري، ڀَسي ڏک مَ ڏَرُ،
پٽي ڪر مَ پانهنجو، گهوريو اَڏ مَ گهرُ،
ماري هَڏُ مَ مَر، مَڃُڻ جِيءُ جيارئِين.

(۱۹)

سکين ٿئي نہ سنري، ڏکين تان نہ ڏَري،
اوري هڏ نہ اُڀي، پري تا نہ پَري،
سرتيون ٿو نہ سري، ٻنهين ريءَ ٻانيڻ کي.

(۲۰)

نا اُميديءَ جي نجهري، ڀيهي ڀَسُ اللهُ،
چِٽو رباني راهہَ، مُرادن مخفي ڪيو.

## وائي

همسون ساٿ گيا هيء، همسو سَيل ڪيا هيء،
جو ڪجهہ ڪرنا ڪر هيا،
کهي کهيو قافلو
زنکون زود بيا هي،
مرد زن جنهن مات ڪيا، لکٽا لوک ليا هي.

## فصل ٻيو

(١)

ڀسي ڏونگر ڏاهَ، جِمَ هلڻ ۾ هيٺِي ٿئين،
مَجازياٽيون موتيون، سٽي پنڌَ پچار،
پوئي پائج پرينءَ لَي، حقيقت جا هار،
سگهي لهندئي سار، آريچا، عنات چئي.

(٢)

متان ڪي ماندي ٿئين، اڳيان وندُر ٿيندئي وس،
اوٺين جا عنات چئي، ڏونگر ڏيندُئي ڏَس،
سندي چانگن چَسَ، پيرَ ٿَرندئي پٻَ ۾.

(٣)

جي تُون ڏسي سَره ٿيئن، مين لنگهيا مَسَ،
تڻ تنين ڪي ناهہ ڪو، لَڪ مڙيئي لَسَ،
چانگن سندي چَسَ، پيرَ ٿرندئي پٻَ ۾.

(٤)

مانياٽيان مَٿي ويا، ليڙن لنگهيو لَسَ،
وٺي وَرُ واٽ ٿيا، پنهون چام پهسَ،
هو وڏيائي وَسَ، ٻاروچو ڀنيور ۾.

(٥)

ڇِپَرُ ڇِمَر ڀانئيان، ڪانيُو ۽ ڪارو،
ڀَنڌ وجهنديس پاڻ تي، سرتيُون سوارو،
وجڻ مُون وارو، ڪِين وهنديَس وچ ۾.

(٦)

پسي ڏونگر ڏاهہ، جِمَ هلڻ ۾ هيٺي وهين،
لانچي لڪ لطيف چئي، ڪيچين ڀنيءَ ڪاهہ،
پڇي پورج سسئي، بلوچاڻي باهہ،
اِن وڙائتي ور جي، آسَرَ هڏ مَ لاهہ،
جو اکنئون اوڏو آهہ، سو پرين پرانهون مَ چؤ.

(٧)

هتان ڪٽي هُت، جن رکيو سي رَسيون،
ساڄن سُونهَن سرت، وکان ئي ويجهو گهٽو.

(٨)

جيڪس ياد ڪياس، وڃي وَرَ وٽڪار ۾،
جُلد جَريدي پنڌ ۾، اُديون اَڄ ٿياس،
وڃي ڪيچ پُنياس، ٻاروچاڻيءَ ٻاجَهہ سين.

(۹)
واقف نہ وٹڪار جي، باري سُڄن ٻرَ،
وَرُ وسيلا سپرين، ٿڪيس ڏوري ٿر،
لهج لعل لطيف چئي، ڪانڌ مُئي جي ڪر،
ولهي ڪري ور، مَڃڻ مارڳ ڇڏئين.

(۱۰)
واقف نہ وٹڪار جي، اڳ نہ ڏيہ ڏٺوم،
ڏونگر ڏوراپن سين، ڪاتيءَ ري ڪٺوم،
جيلان مُحب مٺوم، تيلان ڇُلون ڪريان ڇپرين.

(۱۱)
واقف نہ وٹڪار جي، پاٽي ڪنيم نہ پاءُ،
جبل جلدايون ڪري، تِڪَ ڏيڪاري تاءُ،
لڳن لُڪون لطيف چئي، معذورن مٿانءُ،
اتي اوڏو آءُ، جت هوتَ هيڪلي آهيان.

(۱۲)
واقف نہ وٹڪار جي، جت جبل جوراٽو،
اُتي عبداللطيف چئي، سُڃي سفر سَٿاٽو،
ڦهروئي پاٽو، سَڦرو ڪرين ساٿ ڪي.

(۱۳)
واقف جي وٹڪار جا، وَئن تنين جي سَڌِ،
ساٿين سان سيد چوي، لڏو لڏي گڏِ،
نيئَي نماٽي نجهرو، اوٺين پاسي اُڏِ،
سُڪ پنهور جا ڇڏِ، تہ ڪاهي رسين ڪيچ ڪي.

(۱۴)
وڏا وڻ وٹڪار جا، جت چِٽُون چانگارين،
منزلون مَين جيون، معذور کي مارين،
واڳون شل وارين، هوت سلامت سپرَين.

(۱۵)
وڏا وڻ وٹڪار جا، ڇبُون جت ڇيهان،
منزل ڏُور مَن تنها، اُت ٻوليون ڪَن ٻيهان،
رائي پير رتُ ڪيا، لڳي لُڪَ ڏِيَنهان،
لَکن جون ليهان، لوڙيان لالُ لطيف چئي.

(١٦)
وڏا وڻ وڻڪار جا، جت جائو جَمرَ جَرَ،
ڪوسا تپن ڪَڪرا، ٻي دم دم تپي ڏر،
ويچاريءَ ڏئي ور، پيير نہ لهي پرينءَ جو.

(١٧)
وڏا وڻ وڻڪار جا، جت نانگ سڄن نيلا،
اُتي عبداللطيف چئي، ڪيا هيڪلن حيلا،
جت ڪڙم نہ قبيلا، اُت رَسج رهبَر راه ۾.

(١٨)
ويچاريءَ وڻڪارُ، اڳ نہ ڏٺو هو ڪڏهين،
مهر نہ هئي ماڻهئين، هو سڀ هندوڪار،
جتَ ڪيائين يار، سورن ڪارڻ سرتيُون.

(١٩)
سونهان چائِين سُڌ نہ پئين، سُسئي پُڇ مَ سي،
متان توئي ڪي مُنجهائِين مارڳ ۾.

وائي
هوءِ جي هليا هوت سونهارا،
مون نہ وهيٽا، پنهونءَ سڱيٽا،
سسئي پڇي ساٿ جا، اوطاقون اوتارا،
آن ڪي ويندا گڏيا، آرياڻي اهَپارا؟
ٽليو ٽونَر هليون، مَيَن سر موچارا،
مون ڪي نيندا پاڻ سين، ڪاملَ ڪر اُجارا.

## فصل ٽيون

(١)
پنهون چڙهيو پوءِ، جانبِ جبل ڳولئين،
تيلانهَين تَنگُون ڪَرئين، جيلانهين تون جوءِ،
ساڄن سُڄ نهارئين، ڏکي ڏوهُ ڪيوءِ،
هاڙهي هوت نہ هوءِ، وري پڇ وينن ڪي.

(٢)

وري پڇ وينن کي، موٽي پُڇ پانهين،
عَبث آڳانهين، وڃيو کُوکين ڪانڌ کي.

(٣)

وري پڇ وينن کي، سندا پار پنهونءَ،
ويهي ڪر ورونهَن، کُپِر کُوک مَ ڪانڌ کي.

(٤)

وري پڇ وينن کي، سندا پنهونءَ پارَ،
ساڄن سڀ ڄمار، ڏکي ڏورج ڏيلَ ۾.

(٥)

ڏُکي ڏورج ڏيل ۾، پنهون پاڻ ڪري،
پريت ڪِيم پري، حب ۾ ڳولج هوت کي.

(٦)

ڪونهي اُت ڪوهيارُ، جت تو پوري پائيو،
پنڌ مَ ڪر پهاڙ ڏيَ، وُجود ئي وٽڪار،
ڏاريان پائج ڏار، پڇ پريان ڪر پاڻ تون.

(٧)

سپيئي ساري سسئي، گهر ڪنڊون تون گهور،
وڃي ڏُور مَ ڏور، دران منجهه دوست ٿيو.

(٨)

دران ۾ دوست ٿيو، موٽي پُڇ پاهين،
عبث آڳاهين، وڃيو کُوکين ڪانڌ کي.

(٩)

ووڙيَم سڀ وٿاڻ، يار ڪارڻ جت جي،
"وَاللهُ بِکُلِّ شيءِ مُحيط"، اي آرياڻي اُهجاڻ،
سڀ ۾ پنهون پاڻَ، ٻيو ناهه ٻروچ ريءَ.

(١٠)

جان پيهي ڏٺم پاڻ ۾، ڪري روح رهاڻ،
تان نَ ڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نہ ڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سَسئي تان سُور هوا.

(١١)
پر گھران پاسو ڪري، پچ پريان ڪر پاڻُ،
سو تان توئي ساڻ، جنهن لاءِ جَفائون ڪرين.

(١٢)
سوئي ڪٽيو ساڻُ سوئي ڏورين سسئي،
ڪڏهن ڪنهن نہ ڪيو، جُلڻ منجهان چاڻ،
پچ پريان ڪر پاڻ، تہ تون تئائين لهين.

(١٣)
جو تون ڏورئين ڏور، سو سدائين آهہ ساڻ تو،
لالن لئہ لطيف چئي، منجهہ ئي تي معذور،
منجهان پنءُ پروڙ، تہ تو منجهہ آهيس تَڪيو.

(١٤)
وجين چو وڻڪار، هت نہ ڳولين هوت کي،
لِکو ڪين لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي پار،
تِي سَتي، ٻڌ سَندرو، پرت پنهونءَ سين پار،
نانئي نينڻَ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.

(١٥)
ڪُوڙيون پچن ڪيچ، هوت نہ پچن هتهين،
جن پنهونءَ سين پيچ، تن پيرين پنڌ وسَاريو.

(١٦)
هل هنئين سان هوت ڏي، پيرين پنڌ وسار،
قاصداڻي ڪار، ڪين رساڻي ڪيچ کيَ.

(١٧)
هل هنئين سان هوت ڏي، پيرين ڪر مَ پنڌ،
رائي پچ مَ رَندُ، رڙہ روحاني سسئي.

(١٨)
هل هنئين سين هوت ڏي، چپر هڏ مَ چل،
آرياڻي امل، ڪايا ۾ ڪانڌ ٿيو.

(١٩)
هل هنئين سين هوت ڏي، چپر چل مَ تون،
منجهان لڏو مون، ڪوهيارو ڪيچ ڏٽي.

(٢٠)
هل هنئين سين هوت ڏي، سسي ڪڻ مَ ساڻُ،
جنهين پانيو پاڻ، سي آرياڻيان اوري رهيون.

(٢١)
ڪجي جيئن ڪيچين لئہ، تيئن تان ڪين ڪيوءِ،
وِجائي وڏوءِ، وک نہ ڪَنيئہ هڪڙي.

(٢٢)
ڪَئي پنڌ پُڇا تو، ڪيچين ڪارڻ ڪيئن؟
بي خود هلج بر ۾، آءُ ٿو چوان ايئن،
سِڪڻ ساڃن سيئن، متان مُني ڇڏئين.

(٢٣)
متان مُني ڇڏئين، پريتڙو پاٽا،
ڇاين جئن ڇاٽان، تون پڻ هوئج تن جئن.

(٢٤)
متان مُني ڇڏئين، پاٽان پريتڙو،
ڪٿوريءَ ڪٽو، مَڙهي مڙهج مُنهن ۾.

## وائي

غفلت يارُ گنوايو، ٻڙي جيڏيون،
ڪيئن ڪريان آءٌ، ڪوه ٿيو،
ستيس تان ساٿ ويو، اُٿيس تان ڏک آئيو،
پڇان پوءِ پنهون کي، عبث تان ان ڪائيو،
هوتَ هلندي جا ڪئي، سا مون ڳالهہ سٽائيو،
پاسي ۾ پرتِ جي، آٽي اُٺ جُهڪائيو،
هِن وِلهي جي وهانوَ تي، واڄٽَ سڀ وڄائيو.

## فصل چوٿون

(١)
هيُج نہ هوندو جن، سي ڪيئن وندُر ويندِيون؟
وِهو وچ رهن، سهسين سَڏنَ واريون.

(٢)
سَدائتي سڀ ڪا، بک نہ باسي ڪا،
جيهي تيهيءَ ذات جي، جُنبش ڪانهي جاءِ،
مون سين هلي ساءِ، جا جِيءُ مِنو نہ ڪري.

(٣)
ڪيچ نہ جُنبڻَ جاءِ، نہ ڪا هلي هوت ڏي،
مون سين هلي ساءِ، جا جيءُ منو نہ ڪري.

(٤)
آتڻ ۾ پرياڻُ، هو سپني جيڏئين،
مون سپاڳيءَ ساڻ، ڪير چُلندي چپرين؟

(٥)
سُکن واري سَڏَ، متان ڪا مون سان ڪري،
اندر جنهِين اڏ، ڏونگر سي ڏوريندين.

(٦)
ڏونگر نہ ڏوري، سڪڻ جون سڏون ڪري،
ويني گهر گهوري، مٿان پرينءَ جندڙو.

(٧)
وريتيون ورو، آءٌ نہ ورندي وَرَ ري،
جاڏي هن جبل جو، تانگهينديس ترو،
جتن ساڻ ذرو، نينهُن نبيرڻ نہ ٿئي.

(٨)
وجو سپ وري، ائين جي ورن واريون،
ڦوڙائي فراق جي، سڄي ڳالهہ ڳري،
ٻُنيان جن ٻَري، ڏونگر سي ڏوريندين.

(٩)
وجو سپ موتي، اَئين جي ورن واريون،
ڪانہ هلندي ڪيچ ڏي، ڪريو مَ ڪوتي،
ڪڍيم ڪاڇوتي، وڌم جوڳ جتن لئہ.

(١٠)
ائين جي ورن واريون، سرتيون سَڌڙيون،
آرياڻي پنهونءَ جي، ٻول نہ ٻڌڙيون،
جي لڪئي لَڌَڙيون، ڏونگر سي ڏوريندين.

(١١)
دُڪائيندي دُونهڙا، منڌ مياڻي وچ،
پريتڻو مَ پيچُ، ساٿ چڙندو لڪئين.

(١٢)
اڄ ملينديس ماءُ، ڏاڄا کنديس کپڙا،
جيجا جوڳياڻي ٿيان، مون کي جهلَ مَ پاءِ،
هوت ٻروچي لاءِ، ڪَنين ڪَنرَ پائيان.

(١٣)
عناتا اُتاهين، جاني جَڙي ٻَنڌُ،
آهي گهڻو اَهُکو، فقيريءَ جو فنڌ،
چڪين تہ چريو ٿئين، ميخاني جو مَنڌُ،
ڪين ڪڍيندو ڪنڌ، منجهان سگ، سيد چئي.

(١٤)
مون کي پانئي پاڄَ، ڏير ڏوراڻا هليا،
اڳيان اٿي اُن جي، خوب نہ پکمَ ڪاڄَ،
ميڙي آپ سرتيون، نہ کي ڳايم ڳاڇ،
سا مون هٿان نہ ٿي، جيڪا رسم راڄ،
آيل آءٌ اڪاڄ، ٻول ٻروچي وترو.

(١٥)
نماڻيءَ جي نجهري، روئڻ ۽ راڙو،
ڪُنل جي قلب ۾، قرب جو ڪاڙهو،
هوتن لئہ هاڙهو، سڀ رڳينديس رت سين.

(١٦)
تو جو ٻولُ ٻروچ، ويهي ڪيو وڻڪار ۾،
سوئي پارج هوت، ولهي مون معذورِ سين.

(١٧)
پهرين تون پاريج، پاڻ پوءِ پنهونءَ تي،
ٻول مَ وساريج، هو جو ڪيوءِ هوت سين.

(١٧)
توسين ٻولَ ٻهون، ساڃن سهسين جي ڪري،
ڪنديںءَ توءِ ڪَهَون، جي نالو ڳيڙُءِ نينهن جو.

(١٩)
سُٽي ٻولَ سندان، جم سُمهين سسئي،
ڪنديںءَ ڪوه ڪيٽان، ڄَه سي اُنِ اورانگهيا.

(٢٠)
سچ اُلٽي سسئي، رَت وَرنو روءِ،
پَهي نہ پاندي کو، جنهن کَر پُڇي لوءِ،
موڙهي وجي توءِ، موتڻ جي ڪانَ ڪَري.
(٢١)
ڇلان منجهہ مَ نہ چاڪَ، پُران پُونم پرڪٽا،
متان ڪا مُنڌ ڪري، موتڻ جَي مذاق،
چِت سندو مون چاڪ، هاڙهي هڏ هٽي ڪيو.
(٢٢)
پيرين پَئي پرڪٽا، راهہ ۾ گهٽو رُنوم،
پاراتو پرينءَ ڪي، تَپي تان نہ ڏنوم،
ڇُڪيءَ ٿي چيوم، سواهرو سڄڻين.
(٢٣)
ڇُڪيءَ ڪي چئي، ڪا جاڳائي جيڏيون،
وئيڙو ساٿ وَهي، تو ننڊائي نہ لهي.
(٢٤)
ڇُڪس سپ چئي، ماٺهو شهر ڀنڀور جا،
سا موٽي ڪين مُئي، جنهن جو جانب جتَ وٺي
ويا.
(٢٥)
موٽڻ جا مذَڪورَ، جان ڪي چيَس جيڏئين،
پريت پهرئين پُورَ، نيئي پهچائي پنهونءَ ڪي.
(٢٦)
موٽڻ جي مصلحت، مون ڪي ڏيومَ جيڏيون،
نهاريندِيس نڪري، آرياڻي اَلبت،
ڪنديَس اوڪ، ايوب چئي، لڪن ڏيئي لت،
سرتيون شريڪت، آءُ ڪيئن آگن سين ڪريان.

(٢٧)
موٽي مران مَ ماءِ، موٽڻ ڪان اڳي مران،
لُچي لالن لاءِ، شال پونديَس پير تي.

### وائي

معلوم حالُ حبيبَ، مونکي درد قديمي وو،
آلودي آزار سان، تو لئہ ٿيس طبيب،
شادي ڏئين صحت جي، غمي لاهئين غريب،
آهيان ٿي آهون ڪريان، نعرو منجهہ نصيب،
ڪاهل آهيان ڪُوڙي، رَسي لاهہ رَقيب،
حاذق آهئين هن جو، اچين شال عجيب،
دوا آهئين دل َجي، پُڇ پُڇ رهيس طبيب،
الله عبداللطيف کي، ڪوري لاءِ قريب.

## فصل پنجون

(١)

پَٻجي جان پنيور ڪان، ڏونگر ڏوريو مون،
ڪاهي رَسيس ڪيچ کي، جتي پاڻ پنهون،
سڀ آهئين تون، قضا ڪندين ڪن سين؟

(٢)

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روحَ رهاڻَ،
تہ نہ ڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نہ ڪا ڪيچين ڪاڻَ،
پنهون ٿيس پاڻَ، سسئي تان سُورَ هُئا.

(٣)

جيئڻ ڪارڻ جيڏيون، ڏيرن ڏنم ڏُکُ،
پڳِيَس جان پنيور ڪان، تان سُور ميڙيئي سُک،
لٿي مون تان لُک، پنهون ٿيس پاڻهين.

(٤)

پنهون ٿيس پاڻهين، ويو سسئيءَ جو شَرَمُ،
هيڪليون هلن جي، پَٻجي تن پَرَمُ،
جو ونڌُرَ ۾ وَرَمُ، سو سودو سَرُيس هتهين.

(٥)

پنهون ٿيس پاڻهين، ويو سسئي جو سينگار،
"من عَرَفَ نَفسہُ فَقَدَ عَرَفَ رَبہُ"، اِهوئي آچار،
جو ونڌر ۾ واپار، سو سودو سريس هتهين.

(٦)

پنهونءَ ٽيس پاڙهين، ويئي سسئيءَ جي سُونهَن،
"خَلَقَ آدَمَ عَلَيٰ صَورتَه"، ائن وڻن منجهہ ورونهن،
چريءَ منجهان چونهن، ڪٽي هوت هنج ڪيو.

(٧)

ويئي سونهن سسئيءَ جي، پنهون ٽيس پاڻَ،
سيني جي سيد چئي، آهي ات اُماڻَ،
پنيور جا پاڻَ، آڏا عجيبن ڪي.

(٨)

وهَمَ ورساياس، نا تہ پنهون آءُ پاڻ هئي،
پاڻُ وڃايم پانهنجو، پئي پريان جي پاس،
رتي علم نہ راس، ڏاران پَسڻ پرينءَ جي.

(٩)

اِيءُ پاڻُ نہ ٿئي پاڻ ڪان، پاڻان ٿئي نہ پاڻ،
"وَالقدر خَيره وشَره منَ الله تعاليٰ"، اِي جاڻي ڏسج جاڻ،
سچوَ سو پريانَ، جو لکيو لوح قلم ۾.

(١٠)

ڪافُون ڪاهيندياس، موٽان تان ڪر ميهڻو،
ٻانهي ٻاروچن جي، سک نہ ساهيندياس،
"اَلفَراقُ اَشد من الموت"، هتي نہ هونديياس،
آس نہ لاهيندياس، جٺري جَتُ ڏِسي مَران.

(١١)

جئڻ جَتَ ڏارا معذور جو مَس ٿئي،
چَانگن سر چڙهي ويا، ساٿي سَوارا،
اکيون اوتارا، پَسيو رُونِ پنهونءَ جا.

(١٢)

هيڪر هوئڻ ڇڏ، تہ اوڏي ٿئين عجيب ڪي،
"مَارايتَ شيئاً اِلاَ واراَيتَ الله"، نيئي اجها اوڏانهين اَڏ،
تہ هوتُ توهين ڪان هَڏِ، پرين پاسي نہ ٿئي.

(١٣)

هوتُ تُنهنجي هنج ۾، پُڇين ڪوه پيهي؟
"وفي اَنفُسکُم اَفَلاَ تُبصرُون"، سوجهي ڪر سهي،
ڪڏهن ڪانہ وَهي، هوتُ ڳولڻَ هٿ تي.

(١۴)
هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوه پَريانءُ،
"وَنَحنُ اَقرُب اِليهِ مِن حَبلِ الورِيد"، تُنهنجو توئي ساڻ،
پنهنجو آهي پاڻُ، آڏو عجيبن ڪي.

(١۵)
ووڙيم سڀ وڻاڻَ، يار ڪارڻ جَتَ جي،
"اللّٰهُ بكُلِ شيءٍ مُحيطُ"، اِيءَ آرياڻيءَ اُهڃاڻ،
سڀ ۾ پنهون پاڻَ، ڪينهي پيو ٻروچ ري.

(١٦)
ڄاڻي سُڃاڻي، وهان ڪئن ماٺ ڪري،
اندر آڳ عشق جي، اَپر اُڏاڻي،
"اَلعِشقُ نَارَ اللّٰهِ المؤقدَه"، ڳُوري جئَن ڪاڻي،
آهيَ آرياڻي، پيو سرتيون سُڃي ڪينڪي.

(١٧)
ڪَڏَ پنهون ڏي ڪاهي، ڄاڻيءَ روح ڇريو ڪئو،
اُتي ويئي اَوڏهين، سُتي پڻ ساهي،
"العِشقُ حِجَاب بينَ العاشِقِ والمعشُوق"، لاشڪ تي لاهي،
آرياڻي آهي، پيو سرتيون سڃي ڪينڪي.

(١٨)
پيئڙ آءُ پوري، مون سڳ سڃاڻي نہ ڪيو،
ڏيندا مون ڏير ويا، جهجڻ ۽ جهوري،
لڳي جن لوري، ڏونگرَ سي ڏوريندون.

(١٩)
اديون آءُ اَڃاڻ، مون سڳ سڃاڻي نہ ڪيو،
هوند نہ سَنيم هيتري، ڪوهياري جي ڪاڻ،
رتيءَ جي رهاڻ، جيءُ اَڙايُم جَتَ سين.

وائي

اَهُڪيءَ آڳهُ آهي، مون ڪي تان نہ ڇڏيندو تڪَ ۾،
پُڇي پوءِ پين ڪي، لڪن ۾ لڏَ لاهي،
آرِي اُڳهاڙن ڪي، پنهون ڄام پَراهي.

## فصل ڇهون

(١)
جَڏائيءَ جو جامُ، ڏنائون ڏُکيءَ کي،
مَنگل منهنجي من ۾، ٻاريو هوت حمام،
اَرکِ ٿيو آرام، ڪاڪُلَ ڀِسي ڪانڌَ جو.

(٢)
دردَ نہ لهي دارونئين، زُلفَ زورُ ڏنوم،
ڪاڪل ڪالهہ ڏٺوم، رُخساري تي روپ سين.

(٣)
ٻَنيو جو ٻنيور ۾، ڪامل ڏٺم ڪالهہ،
هَي تنهين جي حال، زُلفَ جي زافُ ڪيا.

(٤)
ڀَريندي ٿي ڀاڻُ ويو، زلف ڪيسَ زافُ،
سندو ڪاڪلَ ڪاف، ماري معذورن کي.

(٥)
هاڻ نہ جيئان جيڏيون، زلفَ زاف ڪياس،
ڪاڪلَ آءٌ ڪُٺياس، ٻنيو جو ٻنيور ۾.

(٦)
ڪاڪل ڪُٺي جا، ڪفن تنهن ڪين ٿيو،
مَنجهہ شهادَتَ سا، لڌي ءِ لاڏَ ڪري.

(٧)
ڏکا ڏونگر جامَ، مَ ڪَر معذورن تي،
توکي لڄ، لطيف چئي، آهي سندي عام،
مار مَ چئي معذور کي، وهيان ڪانڌ ڪلام،
ڀَرچج پيادن سين، الله لڱ عَلام،
جا نوازي آنهنجي نام، سا هوتَ مَ ڇڏج هيڪلي.

(٨)
ڏَمر ڏونگر جامَ، سکَر ڀاڻَ شريڪَ سين،
ڪيهي ڪلفت تنهن سين، جا گولي آنهنجي گام،
وَرج ويِرَ وَريام، منهنجو اڄڻ آن ٻُري.

(٩)
ڏُکا ڏونگر لاهہ، آءٌ اڳي مئُي آهيان،
آرياڻي سين آهِ، ذاتي سڱ ضعيف جو.

(١٠)
پيرِ پٽان ئي ڪُونئرا، ڏونگر متي ڏي،
ڦٽيا ڦٽَ فقير جا، سيرون ٽيڙا سي،
جهڙي تهڙي حال سين، پڙي پنهون ڏي،
وجي مان وَري، ٻانهيءَ ٻَنڌڻ جنهن سين.

(١١)
پيرَ پٽان ئي ڪُنئرا، ڏونگر متي ڏي،
پاڻُ نہ پَسي ڦَٽيو، ڪَڙهي ڪيچين ڪي،
هاڙهو هوتَ پَري، ڪوه ڄاٽان ڪئن لنگهيا.

(١٢)
سَمهٽان ساڙو، جيڏيون جيڏو ئي ٽيو،
پرينءَ جو پاڙو، مون سين ننڊ نبيريو.

وائي
مون انڌيءَ ڏي ايندا، هوت سلامت سُپرين،
پلئہ لاتي پنهنجي، نيءَ ڪي اُت نيندا،
سگ نہ ڪندا سُڪ سين، سُورَ سَگيٽا ٽيندا،
رکي ڳُل ڳلن تي، نينهن نياپو ڏيندا،
پَريت نيندا پاڻ سين، ڇوري تان نہ ڇڏيندا.

## فصل ستون

(١)
ڏُور مَ ڏيه ويو، پير تُنهنجي پرين جو،
وهڻَ واتڙين تي، ڪيچين ري ڪيهو،
وندُر جو ويو، سو الله واري آڻئين.

(٢)
وندر جي وڃن، سي مر ٻَڌن سَندرا،
ٻيون ڪوه ٻڌن، ڇوڙي جي ڇڏينديون.

(٣)
ڏيہُ ڏيهاڻي ڏُور، پَرڏيهاڻي پَري ٿيا،
سيٽن ڪارڻ سسئي، پيئي پراهين پُور،
تون وڃين هوتَ حُضور، منهنجو جئڻ جيلانهين ٿئي.

(۴)
هيڪانڊيءَ هوئي، اُٿي رات رَوان ٿيا،
ساهَ سَڀِي ۾ سُورَ جي، پنهون ويو پوئي،
ره قضا دم ڪوئي، تہ هيڪر هيڪاندي ٿيان.

(۵)
هڏ نہ ساهُ سُڏِير، دل درماندي دوست ريءَ،
پائي ويا پرت جو، زوراور زنجير،
جيءُ جُسو جاگير، هاٽي مِلڪ هوت جي.

(٦)
عمر سڀ عشق سين، پنهون جي پُڇن،
ريس ريزاليون تن سين، ڪجاڙي ڪي ڪن؟
مارَڳ جي مَرَن، وڏو طالع تن جو.

(۷)
وڏو طالع تو، جئن لڳيئن پيہ پنهونءَ جي،
سسئيءَ اِن سٿُون ڪي، رويو رويو رو،
ويني هٿ مَ هو، هلين تہ هوت لهين.

(۸)
وينين ناهَ وراڪو، سُتين ڪونهي سَنگ،
هوت هلندين ڪَٿيو، جن انگن چاڙهيو انگ،
باسي پيئي پَنگ، رڙهي َ جامَ رَسيون.

(۹)
ويني وَر نہ پون، سُتي ملن نہ سُپرين،
سي مَرُ رويو رُون، جن مَسافر سپرين.

(۱۰)
پر ۾ پيہ پنهونءَ جو، ڪَڙي ۽ ڪَڙهي،
سڪ بڏائين سَندرو، جانب لئہ جڙي،
لَڪن سر، لطيف چوي، مُنڌ جهيڙي ۽ جهَڙي،
پٽيءَ تان نہ پڙي، جي عمر سڀ ايئن ڪَري.

(۱۱)
ڪ ڪي ڪَڙيان پيہَ، ڪ ڪَڙهان ڪيچ ڏٽين لئہ،
اي َ ڏُنءُ ڏيئي ڏيرَ، پاٽا پَراهان ويا.

(١٢)
ڳَڙپڻ پيرَ سندان، ڳَڙهہ پڻ ڪيچ ڏٽين لئہ،
انهيءَ پر اُتان، پونديڻءَ منڌ پهاڙ ۾.

(١٣)
سُورن سجهائي، چيلهہ ٻَڌيو چوٽئين چڙهي،
سگ پَريان جي سسئي، ميڙي ملائي،
لڏائين َ لطيف چئي، لالن ليلائي،
ٻانيڻ ٻاڏائي، حبئان واريو هوت کي.

(١٤)
رائي ڪِي رَنجورَ، توءِ تَڪر تاڪيو چڙهي،
لانچي لَڪَ لطيف چئي، هلي ڏانهن حُضور،
رهيا سپ رُجن ۾، سسئي جا سالُورَ،
ساڄن ميڙيس سُورَ، سُک نہ ميڙيُس سپرين.

(١٥)
منجهان پَئن پَروڙِ سپ مَ پُڇِج سسئي،
ويهي وڏي ڍِڳَ مان، ڏُٽي وجهج ڏوڙ،
تہ تون ماٽئين َ مُوڙ جي پَندِ اهائي پارئين.

(١٦)
لُڇي ڪين ڪُڇي، آتي مُڏ اَندوهَ ۾،
پَر ۾ پير پُڇي، لالن جو لطيف چئي.

(١٧)
ٻَريائي تہ ٻار، ڦُوڪَ تہ لڳي انبرين،
هتي جي هئڻ َ جون، وتون سپ وسار،
سموري سرڪار، نيئي رکج ناه ۾.

(١٨)
قد ٻَڌي تون ڪينَ، پهچندئن پنهونءَ سين،
جئن سينو ساهئين سسئي، تئين تَهَوارون تين،
مني تي مسڪين، همت هوت وجائيو.

(١٩)
ٻَلر لڳو ٻاڻُ، پَسو جوءِ جرا تي،
سا مَنڌ مري نہ جئي، پيئي پَچاڙي پاڻ،
سسئي سُورن ساڻ، سَنيُوڙي سيد چئي.

وائي

لوچِداوي بلوچ دا، ميرا من لوچدا،
پير اُنو سَڏيندي، سگِر پَٽيان دَي،
الله مِلاوي، پنهون ڪيچ دا.

## فصل اٺون

(١)

اَڏر نڌر اَيِري، اسَونهين آهيان،
لُڙڪ لعَلَ، لطيف چئي، وَرَلي وَهايان،
هيجان هَنجون حب ۾، هوتن لئہ هاريان،
جانب ضعيفيءَ سين، پنهون پَهايان،
پِيهان پَچايان، جي مان نيو پاڻ سين.

(٢)

اَڏر نڌَر اَيِري، سَڌَر ٿي سَچي،
سُپَڪ ٿي سيد چئي، پهڻ منجهہ پچي،
مَعذور ڪي مارو ڪيو، اولاٽن اچي،
منجهان راهہ رچي، ٿِئڙي لالَ لِطيف چئي.

(٣)

اَڏر نِڌر اَيِري، اَسونهين آءٌ،
چِيٽا چور چُنجُن ۾، بر ۾ بلائون،
مِوٺ پنهون پانهون، متان محبَ مري رهان.

(۴)

اَڏر نڌر اِيِري، آهيان اسونهين،
پَرڏيهي پرين ڪيا، مرڻ لاءِ مُونهين،
سسئيءَ ڪي سيد چئي، تَنگن ۾ تَونهين،
هاري ڪيئَن هُونهين، ريءَ سمر سَڏون ڪرئين؟

(۵)

اَڏر نڌر اِيِري، اوڳي اوائي،
ڪينَ ٿَهاري ٿَڪرين، ساٿس سڳائي،
لاڳاپن لطيف چئي، منڌ رائي رهائي،
جَلڻ جڏائي، آري لاهہ اصيل تان.

(٦)

آڌر نڌر اَيري، غمن کوماڻي،
سا ڪئن وهي ويسري، جا گهائي گهوماڻي،
پيئي پيش پنهونءَ جي، اُسن ۾ آڻي،
جا لُڪن لُوساڻي، سا سيج چڙهندي سسئي.

(٧)

آڌر نڌر اَيري، ويچاري نہ وَري،
لالن ڏَي لطيف چئي، پري پير پري،
ڪميٽي ڪري، ڪارُون ڪيچ ڏٽين ڪي.

(٨)

آڌر نڌر اَيري، ڏُکي ڏوائي،
ڏسي پَهَڻَ پَٻ جا، سڙي ٽي سائي،
پنهون پروائي، ڪج ويچاريءَ جي واٽ ۾.

(٩)

اچي عزرائيل، سُتي جاڳائي سسئي،
ٽي ڊوڙائي، دليل، تہ پنهونءَ ماٽهو موڪليو.

(١٠)

مُنڪرَ ۽ نَڪيرَ ڪي، جڏهن ڏنائين،
اڳيان اُٽي اُن ڪي، پنهون پڇيائين،
ادا اِئائين، ڪو ويو ساٿ سڄڻ جو؟

(١١)

سي اڳ نہ ڏنم ڪڏهين، هي جي ڏنم هير،
ٻَنيوليس ٻَرَن ۾، پسي پيندين پير،
آءٌ ترسان هو تڪڙا، پَٽَ نہ ڪوڙين پيرَ،
آءٌ آرياڻي اُسري، اچي ٽي سويلي ويرَ،
کهي جا کُوير، سا ڪنهن پر رساٽين ڪيچ ڪي.

(١٢)

هي جي اچن ٻہ جَٽا، اونچا الاهي،
سا پار لنگهائين سائين، اونهي جا اوتڙ گهڙي.

(١٣)
پاياڻي تي پور، پُني ڪيچين ڪَرا،
رائو مڙيوئي رت سين، ڪارڻ ڪانڌ ڪَڪور،
لانچي لڪ لطيف چئي، اُتي ڏونگرَ ڏورَ،
جَت وجي تو زور، اُپڙ تہ اوڏي ٿئينَ.

(١٤)
پَئي تي پيمال، سا منڌ مري نہ جئي،
بري هن پنپور سين، هَڏِ نہ ڳرهي حال،
لالن جَو لطيف چئي، وساري نہ وصال،
پيري ڪجاه پال، هيءَ ڏاهِ ڏوريندي ڪيترو.

(١٥)
جُتَ پٽي پہُ جهنگ، هاڙهي پچ مَ هوت کي،
سُور سبيلي سسئي، لڪ تنهين سين لنگهہ،
تہ سپريان جي سنگ، منڌ ميڙائو تو ٿئي.

(١٦)
ٽڪائي ٽر ٽيلهہ، چڙهہ چُڪيائي چوٽئين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پَوَ ميڙيئي پيل،
اُتي رائو ريل، وينن تان واري وري.

(١٧)
هيءُ گسي، هيءُ گس، هي پَهڻ، هي پيچرو،
ويچاريءَ وڏو ڪيو، ويندن پُنيءَ وس،
ليڙن جو لطيف چئي، ڏونگر اٿيئي ڏَس،
جڳ ۾ رهُيس جس، سَگر تي سردار جي.

(١٨)
ڪر ڪو واڪو وس، وهُ مَ مُنڌ پنپور ۾،
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، َپير پنهونءَ جو پَس،
ڏورڻ منجهان ڏَسُ، پوندُئي هوت پنهونءَ جو.

(١٩)
سيڻن ڪارڻ سسئي، وجڻ ڪجي وَسُ،
جم ورچي چڏئين، سندو ڳنگن گس،
ڏوتي ڏيندئي ڏسُ، اڳيان ٻاروچن جو.

(٢٠)

هَلُ تہ هيڪاندي ٿئين، ويهي وجهہ مَ ويرَ،
دل ۾ آڻ مَ ڏور تُون، ڦرڻ سندو ڦير،
توڙي لهين نہ پير، تہ پڻ راحت رڻ ۾.

وائي

هوت سي هلڻ هارا، وو جيڏيون،
ڪيئن ڪريان آءٌ اُن سين؟
ڪوءِ پلنگ، ٻَن ماڙيون، ڪئڻ سي ٿئڙم ڪارا،
سُونهن سپرين جا، آتڻ وٽ اوتارا،
آهيان پَرتِ پنهونءَ جي، ڪنديَس ڪنر ڪارا،
پيرَ مَ ڇڏج پرينءَ جو، هَيڪَي هَٿَ اسارا،
ڪيچين ڪَرَه پَلاڻيا، مَيا ٿئڙم مارا،
ويتو ڏئڻ ڏکيءَ کي، پنهون ڄام پوچارا،
پَسيو آسڻ ان جا، روئندا سي نيڻ ويچارا،
وڃن جَت جڏي ڪيو، جي ورونهن وارا،
انڌِن آسرو آهين، موتج مُنهن موچارا.

## فصل نائون

(١)

ويہ مَ وساري، پچا ڪر مَ پنڌ جي،
نرمل نِهاري، هلندِن تان هٿِ ڪيو.

(٢)

اوجهڙ اَسُونهن، ڏيہ گهٽوئي ڏوريو،
سَبُر ريءَ سوَنهَن، پهتي ڪانہ پنڌ ڪري.

(٣)

واءَ وڃاءِ مَ سو، پُني جنهن پنڌ ڪريان،
چِٽا چِپَر پرينءَ جو، پير پَرنيا تو،
بَر بورائو جو، سو لڳي متان لَتئين.

(۴)

واءَ وجايُم ڪالهہ، پُنيءَ جنهن پنڌ ڪريان،
وچڻ مُون وانئي پيو، هوتن ڪارڻ حالَ،
جبل ڏوريان جالَ ڪارڻ پير پنهونءَ جي.

(۵)

ڪُهج مَ، اُجها ڪيہ، گرد پَس گنگن جي،
ڏکي منجهان ڏيہ، نِڪر نانهن ڪُلهي ڪري.

(٦)

ڏور مَ تون ڏوريج، صبر ڪر مَ سسئي.
پرڻ چڏج پيرن سين، وهڻ وساريج،
سکن جا سيد چئي، لاڳاپا لاهيج،
هِنئين ساڻ هليج، تہ پنڌ پاسي پَر نِبري.

(۷)

ويَنِيس وکَ نہ اُپڙي، تون آرياڻي آءُ،
چڪيءَ توسين چاہ، پاسي پر پيئي رڙهي.

(۸)

ڪُهي جا ڪنيائين، تنهين وک ويجهي ڪئي،
چڪي چِنائين، پنڌ مِڙوئي پَبَ جو.

(۹)

سَو ڪوہ ڪري سپ ڪا، تون ڪُهي ڪٽج وکَ،
تاٽج منجهان تِک، تہ پنڌ پاسي پر نِبري.

(۱۰)

ويو جاڳائي جَتُ، ويري تنهن ولات جو،
سندو سُورن خط، ڏنم هوتَ هٿن سين.

(۱۱)

ڏهلا مون ڏينهن ٿيا، پييم چامَ چيون،
ڪري پنڌ پهاڙ ڏي، ٽئڙم روح رَيُون،
لُچيو ٿيان لطيف چئي، ڪارڻ دوستَ دَيُون،
ڀانيان لَڪَ ليون، جي سُور پَريان جا ساڻ مون.

(١٢)

هيڪليائي هاڻ، پُوريندي‌َس پنهونءَ ڏي،
ڪنديَس ڪوهيارل سين، رچي روحُ رهاڻ،
رُلي چُلي ڇپرين، ڪنهن پر لاهيان ڪاڻَ،
آهيان گهٽو اَڃاڻ، پر سور پِريان جا ساڻ مون.

(١٣)

هيڪليائي هيلَ، پُوريندي‌َس پنهونءَ ڏي،
آڏا ڏونگر لَڪيون، سُوريون سُڄَن سيلَ،
تہ ڪر پيلين پيلَ، جي سُور پريان جا ساڻ مون.

(١٤)

دوست ڏنائين دليين، ورچي تان نہ وهي،
لانچي لَڪَ لطيف چئي، پهڻن منجهہ پَهي،
سندي نينهن نهي، ڪي سرفراز سسئي.

(١٥)

آيس ڪي اوڏي، وٽا وايُون نہ ڪريو،
لڪَن جا لوڏي، سا مُنڌ جِيئندي ڪيترو!

## وائي

وجي وجي ٿيندي‌َس ويجهي،
پَسڻ ڪارڻ پرينءَ جي،
آڏو ڏونگر لَڪيون، موتَج محب مجيجي،
پُڇان ٿي پَنوهارَ تو، پَيرَ آهيان بِي جي،
نَمُ گهُرجي نِينهن جو، آهيان آءٌ اُروجي،
جا نہ هلندي هوت ڏي، پيءُ تنهين جو پاجي.

## فصل ڏهون

(١)

آءُ اورانهون سُپرين، وج مَ اڳاهُون،
ٿَڪي ڪٽي ٿَرن ۾، ٻاڪاريون ٻانهُون،
درد جون دانهُون، ماريندئيون موٺُ تون.

(٢)

آءُ اورانهون سپرين، وچ مَ پئي پَري،
مون ڏِني، مون وسهو، ورچي تان نہ وَري،
ڏاران مُنهن مَري، ڏُکيءَ جي ڏيکارئين.

(٣)

آءُ اورانهون سپرين، آري الله لڳ،
ساه تُنهنجي سڳ، اُڪَنڊيو آهون ڪري.

(٤)

آءُ اورانهون سپرين، آري لڳ الله،
ساريو توکي ساهہَ اُڪَنڊيو آهُون ڪري.

(٥)

آءُ اورانهون سپرين، الله لڳ آري،
پُٽان بيڪاري، پارس رسج پَبِ ۾،

(٦)

آءُ اورانهون سپرين، پري وچ مَ پيءُ،
موٽ مرنديَس چيرين، تون جيارو جيءُ،
هوت مَ چڏج هيءُ، پنهون پيادي پنڌ ۾.

(٧)

آءُ اورانهون سپرين، ڏُکيءَ ڏيج مَ ڏاگهہ،
وَتُ چڏي مون واگهہ، آريءَ وئين عشق جو.

(٨)

آءُ اوراهون سپرين، ڏُکيءَ ڏاگهہ مَ ڏيج،
پيهي گهرِ پڇيج، تہ هوت هلاڪت نہ ٿئي.

(٩)

مَچَڻ وَرَ وسارئين، آري لڳ الله،
توکي ساري ساه، اُڪنڊيو آهون ڪري.

(١٠)

مچڻ وَر وَسارئين، صبر نہ ساريان،
توکي نِهاريان، آءُ منهنجا سپرين.

(١١)

هٿان هَڏِ نہ چڏيان، صبر شڪرانو،
ذَوقُ زمانو، مون وَر ويو وسري.

(١٢)

صبر ۽ شُڪر ڪي، ڪاڏي آءُ ڪندي،
آهيان جنهن سندي، سو تہ گهُرجي ساڻ مُون.

(١٣)

صبر ۽ شڪر ڪي، وٺي آءٌ ويني،
ڏُکيءَ سين ڏيني، ڪا ڪج اچي ڪڏهين.

(١٤)

صبر ۽ شڪر ڪي، هٿ ڪيو مون هاڻ،
پريمَ اچي پاڻ، پٽيءَ ڪي پُڇج تون.

(١٥)

ناهہ جميعت جان ڪي، هوتَ پڄاڻان هت،
پنهونءَ جي پرِت، ساءُ چکايُم سِڪ جَو.

(١٦)

ناہ جميعت جان ڪي، هوت پڄاڻان هاڻ،
الله سيئي آڻ، جن ساءُ چکايم سڪ جو.

(١٧)

ناہ جميعت جان ڪي، پنهونءَ پڄاڻان،
سي مون سيباڻا، جن ساءُ چکايم سڪ جو.

(١٨)

ناهہ جميعت جان ڪي، هوت پڄاڻا هيرَ،
ساجن ڪارڻ سيرَ، ووڙينديس وندر جا.

وائي

کهڙي ويلي اَڄ لڳيان، مَين ڇو ڄاڻان وي لوڪَ،
گهاءُ مِنان دا چُٽندا جو نانهين، ظاهر ڪيتا تن اڱيان.

## فصل يارهون

(١)

ڪن تي ڪيچين ڪُڇيو، ڪُڇ مِتان ڪُڇَن،
اِشارتون اُن جون، سُڪُوتان سُڄنَ،
وٺان ويهيِ تن، سُڻ تہ سوز پِرائيين.

(٢)

سڻ تہ سوز پرائيين، آءُ چپائون اَڃ،
ٻولي ٻي نہ سڪيا، ٻاٽا چوندئي ٻَڃ،
واڇي وٺ مَ وَڄ، ٻڌ تہ ٻيائي لَهي.

(٣)

ٻڌ تہ ٻيائي لهي، آءٌ اِت نہ آهہ،
ڪُڇَڻَ ڪنڍي لاهہ، ڪن تي ڪيڇِين ڪُڇيو.

(٤)

ڪن تي ڪيڇين ڪُڇيو، ڪُڇ مَ ڪُڇيائون،
رهي نہ رتيءَ جيتري، اُنين وٺ آءٌ،
وِڍي وڌائون، هُو جو وڻ هُئڻ جو.

(٥)

ڪڏهين ٽيجي واتُ، ڪڏهين پئجي ڪن تي،
ڪڏهن ٽيجي ٻڪرو، ڪڏهن ٽيجي ڪاتُ.

(٦)

ڪتارو ۽ ڪوسُ، اَڳڻ آريءَ ڄام جي،
ديَتَ آهي دوس، مارڳ ۾ مُين جي.

(٧)

ڪامون مُڇيجاهُ، گهٽيون گهُرجن اوٺيا،
هي وَڻ نہ لهنداهُ، هُو وڻ اوڏانهين گهٽا.

(٨)

اڪيون لٿَ اوراٿيون، ڪنهن پر ڪَريان پيرُ،
لٿ لاهيندو ڪيرُ، مون جيهيءَ مَعذُورِ ڪان.

(٩)

اَڪِيون آريءَ ڄام جون، اَنڌيءَ سين آهين،
هو جي وڻ وندُرَ جا، سي مون سُونهائين،
ڏسيو ڏيکارين، پيشاني پنهونءَ جي.

(١٠)

اڪيون آريءَ ڄام جون، آهين اَنڌيءَ ساڻ،
پسي ڪنديون پاڻ، پيشاني پنهونءَ جي.

(١١)

سَڏ مَ ڪَر سڏن ري، هَلڻ ري مَ هَلُ،
جَلڻ ري مَ جَلُ، رُوئڻ ري متان روئين.

(١٢)

لڳندي لڪن سين، آءُ جي مَران اِئين،
ماءُ منهنجي نينهن، تہ ڪر لائون لَڏيون.

## وائي

دَردَ مُئي جي جا دارُون، اي دوست!
موٽُ سپاجها سُپرين،
مون لڳيون، مون وسهو، محبت جون مارُون،
مائٽنئان مون سين گهٽا، ڪُسڻَ ڪيا ڪارُون.
سڪنَ مون سين، ڪين ڪيو، سورن لڌم سارون،
منهنجيون شهر پنپور ۾، پلپل پون پچارون،
اديون عبداللطيف چئي، لڳيم تن اندر تارون.

## اَبيات مُتَفَرِقَہ

(١)

اُتيو ءِ اُتياڪ، ڪالهوڪو ڪاڏي ڳيو،
ويو جاڳائي جيڏيون، بره هيءَ بيباڪ،
چُرڦُر ڪاري چاڪ، سُورُ سُمهاري ڪينڪي.

(٢)

سَنڌيون سُور ڪَرين، هَڏَ پڻ ڏُکن هوت لئہ،
پرين جي پاڻ ڏنا، سي سُتي سُک نہ ڏين،
جي ماٽهن کي مارين، تن سُورن کي سَڏَ ڪريان.

(٣)

صَدا وڏيم سُور جي، اڳيان ڪوهياري،
جو نِجَس نِگهاري، سو پنهون وڏم پانَد ۾.

(٤)

جان ساماٽِئين سسئي، تان ويس وَرَن جو ڪَر،
لاهي لڄ لطيف چئي، تيُ بيگارَياٽي بَر،
تہ ويندهين پوئي وَر، اڳيان هوت حُضورَ ۾.

(۵)

سسئي کي سڌ ٿيو، اسان اولاڻو،
پنڌ نہ پُڄاڻو، اَڻ ڪوٺي ڪانہ ڪري.

(٦)

پسو پَرائن، سُورن آڏي سسئي،
پرايا پنهنجن، وڏا ويچاريءَ تي.

(٧)

مُنڌ نہ منجهان تَن، پَسي لَڪ لُڏن جي،
جا پر ڪاھوڙين، سا پَر سکي سسئي.

(٨)

مُنڌَ مَ مَنهن ويہ، اُپي اسر اُس ۾،
تو سي ئي سَيڻ ڪيا، ڏُور جنهين جو ڏيہ،
پاڙي پاڙي پيہُ، وَتُ پُڇندي پِرينءَ کي.

(٩)

پيلي ناہ پنهور ۾، تنهن سسئي جو سهي،
ڏمر ڏيرن من ۾، ڪندا اي کَهي،
لنگهائي لطيف چئي، ڪٽج جام کُهي،
هيءَ مَعذور هڏ مئي، تون ڪانڌ مَ وڃج ڪيڏهين.

(١٠)

اولاڪن اَچي، معذور کي مارو ڪيو،
متان ور وسارئين، منجهان کُرَ ڪچي،
لاهي لاڳاپا لَنگهہ تون، سيڻن ڏانهن سَچي،
منجهان راہ رَچي، ٿيندينءَ لعل لطيف چئي.

## وائي-١

مون کي تان جهل مَ پايو، جيڏيون
آءُ هلندي هوت ڏي،
هيُ جو بار پنهور جو، لوڻيءَ تان سِيُ لاهيو،
آهي عاجزن تي، پسڻَ سندو سعيو،
ڪين وهنديَس ڪُنڊ ۾، نہ مون پيُ نہ مايو،
وهاري َ وطن ۾، شُهديءَ کي مَ سڪايو،
کُنل کَجائن ۾، چاڙهي هي هَلايو،
منهنجو پنڌ پنهونءَ ڏي، ريبي تان مَ رَهايو.

## وائي-٢

ڳالهيون هوت ٻاروچي ساڻ،
منهنجي جيءَ جون جيڏيون، جيڏيون،
چُلي پيئيَس ڇپرين، سَگ تُنهنجي ساڻ،
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، پُرزا ڪَنديس پاڻ،
رُلي چُلي ڇپرين، ڄامَ وڃايم ڄاڻُ،
هٿان هڏ نہ ڇڏيان، سندو نينهن نڌاڻ،
نصيبُ ڪر نہ سونهينءَ ڪي، پنهونءَ اُتَ وٺاڻ.

## وائي-٣

ٻاروچا ٻاجهائي، مون ڪي نيندا پاڻ سين،
ساٿ سلامت آئيو، ورتي اي واڏائي،
پير لڏائين پرينءَ جو، لَڪن سر لِيلائي،
مِلي سا محمود چئي، وَر ڪي هِئَن واجهائي.

## وائي-٤

پَلڪ نہ رهي دل توري،
وَوُ ميان صاحب خان بلوچا وو،
اُتَ چاريندِيَس اُن جا، مٿان ٿَڪر ٿوري،
ڏيندِيَس ماه مروئَن ڪي، مٿان ڪُلهن ڪوري،
ڏُک لاهيندِيَس ڏيل جا، ساڻ عجيبن اوري،
ڪانگ ڪِينمر ڪيچ جا، ماس چُنجُن ساڻ چوري،
آرياڻي عبداللطيف چئي، سارَ لهندم سوري.

## وائي-٥

ڪرها مَ ڪاهيو، ميان ڪيچيا،
آءُ آرياڻيءَ عرض چوندي،
ڪري هوتَ هلڻ جي، لوڻيءَ ڪي مَ لڄايو،
وسيلو ولهيءَ جو، آڳاندو ائين آهيو،
پاسي ۾ پريت جي، جهيڪي اُتَ جُهڪايو،
ولهيءَ جي وهاڻ ۾ واڃڻ سڀ وڃايو،
اُگهاڙن آتڻَ ۾، پنهنجو پاڻ پراهيو،
سائينءَ ڪارڻ سُپرين، صورتَ ڪي مَ سڪايو،
ساڪن ٿي شهر جا، معذور ڪي مرڪايو،
پنهونءَ چام، پرٿ سين، ويهي سُورَ وراهيو،
لاهي بار پنيور ۾، ويندو گهوٽُ وناهيو،
پنهون چاچيڙن ڪي، رڏي ڪيڻَ ڪارايو،
پرٿائي پنهونءَ ڪي، نيڪيٽيءَ نڪڙايو،
ٻيلي ٿي ٻانپڻ سين، ڏُکيءَ ڏيجَ ڏيڪاريو،
اَديون عبداللطيف چوي، سڄڻ ڪي ساراهيو.

## ٿيه اکري

الف-

الفون اکر هيڪڙو، سسئيءَ ڪيو صحي،
هلي هوت پنهونءَ ڏي، قافلن منجهه ڪَهي،
رائي رات رهي، ڀَسي مان پنهونءَ کي.

ب-

ٻيئون بارَ ڪٽي ويا، ساٿي سَوارا،
ڇڏي نماڻي ننڊ ۾، ڪڙڪيا ڪوهيارا،
ڏوٻڻ اُن ڏاران، ڪاڙهو َٿيو قِيام جو.

ت-

ٽيئون طَلب تن جي، اندر روح رهي،
سسئيءَ جو سيد چئي، ويا ڏِيل ڏَهي،
پُڇي روز پهي، اَديون آريجن جا.

ث_

ثيبون سجڻ لنگهيا، بُرو ڪري باري،
هوءِ ڪاهي رسيا ڪيچ کي، هيءَ پير ڪري پاري،
وَسائي واري، اوڏي تي اُميد کي.

ج_

جيمون جالَ جَتَن، ماريو معذورين کي،
انگڙيارو وَڍيو، هنئيون مُون هوتن،
ڦوڙائي ڦَٽَن، اندرُ مُون اَڌ ڪيو.

ح_

حيبئون حال حلال، آءٌ تي ڏونگر ڏوريان،
ويو مون ولهيءَ جو، جئري جيءَ جمالُ،
ڪري هوتَ حلالُ، ڪُهي ڪَمَيٽي هليا.

خ_

خيمئون سُتييَس خواب ۾، ڪري منَ مُدامَ،
پاسي منجهه پنهونءَ جي، اندر ڪيم آرام،
سُورن جو سرانجام، صبح وَسايُم سر تي.

د_

دالئون دل ڦُري ويا، نِماٽيءَ جو نڪٽين،
عشق آريءَ جام جو، چِت ۾ پئو چري،
هنئين نتِ هري، لالائي لالن جي.

ذ_

ذالون زار و زار، آءٌ تي رُئان رَتَ ڦڙا،
اچي پيئي اوچتي، محب مارو مار،
ڏکيءَ کي ڏيکار، پرين پيشاني پانهنجي.

ر_

ريئن راضي تي، پانُ پُلائي پانهنجو،
ساه مَٽان ئي صدقي، جانبَ منهنجو جيُ،
توري پوئي سِيُ، هيڪليءَ کي حَب ۾.

ز_

زيبون ٿيس زَوال، آءُ منهنجا سپرين،
بري هن ينيور ۾، ههڙا ٿيڙَم حال،
ڦوڙائي جا فال، وجهيو واٽ نهاريان.

س-
سينون سياڪو، ڪنديس ڪوهيارل سين،
ڳڏجڻ سَندو ڳس ۾، آهم اولاڪو،
ووءِ ووءِ جو راڪو، ساڻ مَ ٿيو سيد چئي.

ش-
شينون ڪڍي ساه، ويا وٺان مون نڪري،
پورهيت چڙهي پٽ ۾، نيرَ ڪيائون نہ نگاه،
سنجهي ڪيائون صلاح، منيءَ جي مرڻ جي.

ص-
صادؤن ساه پساه، سُج ۾ ٿيو سوگهو،
لَڳم ٻاڻ ٻروچ جو، ويس پاڻ وَساءُ،
ڳنگن جي ڪساءُ، آيم بُوءِ بهار جي.

ض-
ضادؤن منجهہ برن، وَڻَ ڪٿوريءَ واسيا،
ٻاڪاريو ٻانهُون ڪٽي، ٿَڪي منجهہ ٿَرن،
ڳوڙها سر ڳلن، هَي هَي ڪيو ٿو هاريان.

ط-
طيئون طالُع تن جو، جي هيڪانديون سين هوتَ،
تن سالُور سقلاتَ جا، پيچي چڱا پوت،
جبلين ڏنيم جهوتَ، اهڙن اونيڙَن لئہ.

ظ-
ظيئون اَڄ زبان، ڪيچي ڪري هليا،
ڇُلي پَيس ڇپرين، ڪاري لَڳمَ ڪان،
نِسَت سين نِڌان، جيڏيون جَتَ ڪري ويا.

ع-
عينئون شال اچن، سي بوتا نهي پارَ،
سونهون جو ساٿ جو، ڏسان شَال اکين،
وندُر واتِڙيُن، دلاسا دلگير ڪي.

غ-
غينئون غفلت ڇڏ، ڇن سياڪو سسئي،
نجهرو نا اُميديءَ جو، اوڏانهين نيئي اڏِ،
تَہ هاڙهي ڏٽي هَڏ، ڇوري ڇَڏئي ڪينڪي.

ف_

فيؤن تو قاتي قَلب لاءِ قريبَ جي.
مُدامي مجلس کي، اندر مُون آتي،
جهنگل ۾ جهاتي، پيڙي تيان پتار سين.

ق_

قافؤن قُرب ساڻ، ماري ويا مُنڌَ کي،
ٻانهي ٻاروچن لاءِ، پيئي پَچاڙِي پاڻُ،
جُلان پوندُمِ جاڻ، اهڙن اوتيڙَن جو.

ڪ_

ڪافؤن ڪريان ڪيئن، هنيون هوت هٽي ويا،
ويو ٻاروچو نڪري، چت مُون چاڙهي چيئن،
هوتن ڏاران هيئَن، ڏُهلا مون ڏينهن ٿيا.

ل_

لامؤن آءُ لعت، چيڙي وڏيَس چيرين،
چوريءَ چانگا چريا، ڳنگن ڪي نہ ڳُفت،
نِيمَ سُور سُرت، اگهي تي آهون ڪريان.

م_

ميمؤن تيو مهندار، ٻاروچو پيلين جو،
سيني جو سيد چئي، سُونهون تيو سردار،
مُلڪ جو مدار، مون کي موليٰ ميڙيئَن.

ن_

نونؤن لڳو نينهن، ٻانيڻ ٻروچ سين،
راتين روئي رتَ ڦڙا، مُنڌ ڏولائو ڏينهن،
محبت سندا مينهن، ويچاريءَ وسائيا.

و_

واوؤن واءُ وصالي وار، آرامي اَندرَ جو،
چانگي سر چَڙهي ويو، ٻاروچو ٻي پار،
وِلهي تي وَٽڪار، سچو باغ پنهور جو.

ھ_

هيىؤن لئہ هيڪاند، اگهي تي آهون ڪري،
برهَ آه بلوچ جي، پيڙي ڪيَس باند،
ڪمان اچي نہ ڪاندِ، پَسڻ ڏاران پرينءَ جي.

الف_

الفؤن اولاڻو، جيجان تن جَتَن جو،
لنگھي پَبُ پَري ٿيا، ڪيائون پرڏيہ ۾ پاڻو،
ساجن سيباڻو، ويچاريءَ وجود ۾.

ي_

ييؤن يا خدا، والي ور وطن تي،
تہ گڏجي گوندرَ لاهيان، مَن جي سڀ مُدعا،
جانبَ ٿئي مَ جدا، سدائين سيد چئي.

# سُر معذوري

## فصل پهريون

(۱)
هلندي هوتَ پنهونءَ ڏي، ڪُهجَن ڪي ڪوتيون،
پاهَڻ تن پَٽ ٿئي، جي لئہ لالن لوٽيون،
سڀ سَهيليون سڪ ڪي، چنجهون ۽ چوٽيون،
ٻانپڙ ٿي ٻوٽيون، تہ ڪتا ڪينئي ڪيچ جا.

(۲)
ڪتا ڪينئي ڪيچ جا، سندا جي پنهونءَ،
آگهين هوند اَسونهن، جي جانارن ياد پئين.

(۳)
تن پيئي جانارن ياد، جي پاڙهيل پنهونءَ ڄام جا،
سندي لالن لاڏ، ميان پوءِ منڌ تي.

(۴)
جاڳايَس جَنبورَ، ڪُتي قريبن جي،
ٻَهي پؤنڪي اٿيو، ڳِهڏي منجهان ڳهورَ،
سڀ لاهيندو سُور، ڳِري هن غريب تان.

(۵)
نڪي آهيون ڇهڙا، نڪي آهيون چورَ،
هانگاما ۽ هور، ڪتا ڪرئين ڪِن تي؟

(۶)
ڪتو چئي قريب جا، آهيون ساڏ سَهي،
پهرين بات ٻَهي، پُڇيون پوءِ پانڌين ڪي.

(۷)
جي پاريَل پنهونءَ ڄامَ جا، سَسئيءَ پُڇن سي،
وَڏيو ويني ڏي، ڪايا ڪيچ ڪُتن ڪي.

(٨)
جَنين سندو آهئين، سي چونئي هَڙ،
تہ ڪُتا قريبن سين، دَعويٰ پئي مَ دڙ،
وڏئي جنين وَڙ، وَريو عاقي ٿئين اُن سين.

(٩)
ڪُتا قريبن سين، پيري ٻڌُ مَ بيٺِ،
جنين سندو آهئين سي جي چَونئي هيٺِ،
جن ڏيکاريئي ڏيٺ، وَريو عاقي ٿئي اُن سين.

(١٠)
جنين سندو آهئين، سي جي چَونئي هٺ،
تہ ڪُتا قريبن سين، پيري ٻڌم بٺ،
هُو جي چوَنئي ڦِٺِ، تہ ڪانيارو ٿئين ڪُڙم ۾.

(١١)
ڪُتا قريبن سين کهڙو ڪرين ڪوڏ،
اُوءِ جي چونئي ٻوڏ، تہ دَران تُون دُور ٿئين.

(١٢)
ڪُهين، تان آپ ڪُھُ، ڏسين مَ چوهڙيان،
سندا آهڙيان، آءُ نہ سهندي هٿڙا.

(١٣)
ڪتو طالب ڍُونڍِ جو، اسين ڪتي ڪِيڙَ،
ڇُهتي آهي ڇيڙَ ڪارايل ڪَن ۾.

(١٤)
ڪتو ڪُرتي هڏيون، جوان مرد جگر ڪاءِ،
"اَلدُنيا جيفة و طالبها ڪِلاب"، ايءَ هنئينَ سين لاءِ.

(١٥)
جُ يار ڏنائون يارَ جو، پُٺيءَ پيرَ ڪڙين،
قِريا نہ فَرمان ڪان، اُنهيءَ ۾ آهين،
ڏَسي نہ ڏاڙهِين، شبان جي سگ ڪي.

(١٦)
سگيان سينڍاريا، ٻَچيا تي ٻهن،
قِريا نہ فرمان ڪان، ملهُ نہ موتيڙن،
ڪونهي ڏوه ڪُتن، ڏاڪاريا ڏاڙهين تا.

(۱۷)
ڏَکا ڏونگر جا مرون، مَر ٿا مون تي ڪن،
پوندا ڪينَ پَريتِ تي، جنهن جا سَڏَر ٿا سُجن،
سڳائيءَ جي سيد چئي، آهي سڏ سپين،
هوند نہ هتِ ٿَرن، قرابت ڪم ڪُيو.

(۱۸)
ڪم قرابت جن جي، هتي آيم هيئَن،
رفاقَت راکن جي، پهتيسَ پاهَڙ سيئَن،
ماٺهو ملاحظو تن جو، ڪيچ نہ ڪندا ڪيئَن،
ذات نسوريائي نيئَن، پر سَڏَرَ سين سَڱ ٿيو.

(۱۹)
سڏَرَ سين سَڱ ڪري، پَرڪنديِن پياس،
ڪير برهمڻ ڪن جي، ڪيرُ چاٽي ڪيٽاس؟
هُوندَ نہ سنڌَ سياس، هَن برئين ڪيسَ پڌري.

(۲۰)
تو سڱ ساهہَ ڪٽڻ سين، جيڻ گوشي جاءِ،
مَرڻَ مون سين آءُ، تہ پُنيءَ تو پير ڪَڙيان.

(۲۱)
جو اڳيان آريچن ڪي، سو جبل مار جُڪ،
توٽي لَڪِين لَڪ، تہ بہ سپ لنگهينديَس سڪَ سين.

(۲۲)
پَپِرَ اوتارا ڪري، سينڌي ٿي مروئَن،
جيڪي چَيس جيڏئين، سو نہ ڪيائين ڪَن،
معذور مَرَڻُ مَنِ، ڪيچين لئہ قبول ڪيو.

وائي

خوبي منجهہ خِفَت، اي دوست دقَتَ،
آهي عبداللطيف ڪَي،
مدَح مون ڪان نہ ٿئي، سَندڙي سُورَ صفت،
هجي ڪريان هيجَ سين، مطالع محبت،
حُزن هوت پنهونءَ جو، رڳيائي راحَتَ،
پريان جي پستان جو، فاقوئي فَرحَتَ.

بيت

چيڙ اوتارا ڪري، ماڻيائين مزا،
پَرِٿ ڪي پَٻَن ۾، ڪاريو پنڌ قضا،
مٿان جانِ جَزا، لاٿائون لطيف چئي.

## فصل ٻيو

(١)

ڏُڪيءَ ڏَمَرُ ناه، ٻُڪيءَ ڪِلَ نہ اُڀِي،
اُڳهاڙيءَ وهانءَ، ويچاريءَ وِسري.

(٢)

اديُون وَرُ اُگهاڙَ، وهانءُ جنهن وساريو،
جيڏيون ڇڏي جاڙَ، سَپِ نَنگيون ٿي نِڪرو.

(٣)

سپ ننگيون ٿي نڪرو، لالچ ڇڏي لوپَ،
سُپيريان سين سوپَ، ننڊون ڪندي نہ ٿئي.

(٤)

سپ ننگيون ٿي نڪرو، پَرهَڻَ ڇڏي پوءِ،
مَهند مڙنئان هوءِ، ڪَهي جا ڪِينَ ڪٽي،

(٥)

ڪَهي جا ڪِينَ ڪٽي، پرينءَ پهتي سا،
وِهي ويڙهجيَ جا، وَصلُ تَنهن وڃائيو.

(٦)

وصل تنهن وڃائيو، سينڌِ سُرمي سيئن،
سالوٽي لِيلان جيئَن، مَٽيو جنهن مٺ ڪيو.

(٧)

هُونڊئان هوت پَري، اوڏو آه اڻ هُوند کي،
ساڃن تن سَري، ”لا“ سين لَڏِين جي.

(٨)

لائي خنجر ”لا“ جو، هَي خَچَرَ ڪي هَڻُ،
سَڌِن جون سيد چئي، وٺون سپ وڪڻ،
پيرَ پروڙي ڪڻ، تہ هلڻ ۾ هوري وَهين.

(٩)

هَورن هاڙهو لنگهيو، ٿيءُ جَريدي جوءِ،
هُوندِ جنهن کي هوءِ، هوتُ نہ هوندو تن کي.

(١٠)
هورين هاڙهو لنگهيو، مني مُوسٽ ڇڏِ،
"لا" سين اُتي لَڏِ، "ڪينَ" رساٽي ڪيچ ڪي.

(١١)
هورين هاڙهو لنگهيو، ڳوريون پاسي ڳوٺَ،
ڪيچ تنهين کي ڪوٺَ، "ڪِينَ" جنهين جي ڪڇ ۾.

(١٢)
هورين هاڙهو لنگهيو، ڳوريون ٿيون ڳمَن،
هاجي تنهن هَڄَن، ڏاران سِڪ سيد چئيَ.

(١٣)
نڪا هت نہ هُت ڪا، ڳؤريءَ سندي ڳالهہ،
ڪِين پَهتي ماَلِ، حال پهتي هوت کي.

## وائي

هل هوتن ڪارڻ حال، شال سڄر ٿِيندئَن ساٿ جي،
پير پنهنجي پرينءَ لئہ، ڪوَڏَ رتائِين ڪالهہ،
ڇڙهندي سر چوٽئين، لڳن ڪيڙس لالَ،
جي پانئِين جَتَن جي، ويجهي ٿيان وصالَ،
پري پَبَ وَرَن ۾، وجهج ڪا وڙالَ،
ڪيچان آيو َقافلو، مٿي مَيَن مال،
ايندئي بوءِ بوتن جي، تون جهلِج پب پيالَ،
جتي جمازن ڪي، جبلَ ٿين جنجال،
پُڇي پيادن کي، اُت آرياٽي احوال،
اَديون عبداللطيف چئي، سَڄڻُ ملندُمِ شال.

## فصل ٽيون

(١)
هلندي هاڙهو مَٽي، ڪَرڻُ ڪوهَ پيام،
اَرڏيا آريءَ ڄام ري، ڳوندر ڳذريام،
لڪيون لڪ لطيف چئي، اورانگهڻ آيامَ،
پُرڻُ پنهونءَ پُٺ ۾، اِيءُ سَعادَتَ سَنديام،
مٿس ڪمَ وڏام، وهان تان نہ وَس پيو.

(٢)

هلندي هاڙهو مٽي ڏکَن منهنجا ڏوهَ،
هوءِ اوچڻ سر اُنن تي، هيءَ پَنڌ پڇاڙي پوءِ،
ليڙن ري لطيف چئي، کيڻَن ڪرينديَس ڪوهَ،
اڳيان رائو سڄي روهَ، وهان تان نہ پيو.

(٣)

هلندي هاڙهو مٽي، سسي ڏينديس ساهُ،
لِڱن تان، لطيف چئي، پاري نِيم باهُ،
ڪندو ٻاجهہ الله، وهان تان نہ وَس پيو.

(٤)

هلندي هاڙهو مٽي، گسان تان مَ گسان،
لَڪن تان لطيف چئي، رڙهي ماڻَ رَسان،
پنهون شال پَسان، وهان تان نہ وس پيو.

(٥)

ڀائي حالَ هلي ويا، ڪنهن کي سُورَ سَلان،
ڪٽيو لڄ، لطيف چئي، لَڪن منجهہ لُڇان،
پانڌي ڪيرُ پُڇان، وهان تان نہ وس پيو.

(٦)

وَڏو ڪيمَ وَٽا، اُونچا ڏونگر مَ ٽيو،
ٽِمو مَ نيٽا، تہ پيرِ نِهاريان پرينءَ جو.

(٧)

وارو مُون وَٽاهُ، ڪا سُڌ سونهپ جي نہ ڏِيو؟
اِيءَ اِهائي ڳالهڙي، شُجَرَ سُٽيجاهُ،
چوٽي چاڙهيجاهُ، تہ موڙهيءَ ڪو مُنهُن ٿئي.

(٨)

وارو مون وَٽراهَ، ڪا سڌ سونهپ جي نہ ڏئين؟
وجهي وَراڪن ۾، مَعذور کي مَ مُنجهاءِ،
مَنجهان پاڻَ پيادين، هادي ٿي هَلاءِ،
پريان کي پهچاءِ، تہ لڳي لوڻو نہ ٿئين.

(٩)

وارو مون وَڻڪارَ، ڪا سڌ سونهپ جي نہ ڏئين؟
آهي اَڻ سُونهن جي، مٿي تو مَيارَ،
وڙهيا ويراڳِنَ سين، لَڪَن جا لِيارَ،
ڪريان تي ڪُوار، ڪندن ڪانڊيرن جي.

(١٠)

ڪَندا مُون پيرن ۾، توٽي لَڪَ لڳن،
آڱر آڳوٺي نہ مڙي، چِڀون پير چنن،
ويندي ڏانهن پرينَ، جُتي ذات نہ پائيان.

(١١)

جُتيون سي پائينديون، جنهين پيرَ پرين،
لاٿيون سڀ پَرين، سسئي سپيرين ڪي.

وائي

جيڏيون جا جَڙ لائي، جيءَ جَتَن سين جيڏيون!
سامُون سَرتيون سيباٽيام، تنهن جيَڻ جالَ ڪيام،
مَهارن جي مَيَن جون، سنجهي هَٿ هُيام،
صُبح سُتي سڪُ ۾، ويسلي ويام،
هڪل هوت پنهونءَ جي، سَڱر منجهہ سُيامَ،
ڏوريندي ۾ ڏونگرين، ٿوهَرَ ٿوپَ ٿِيامَ،
ڪوڙين پال پنهونءَ جا، گنجي منجهہ گهَريامَ،
سُتي سَڱَرَ پَٽئين، سگهَڙي سارَ لَڌيام،
ڪيهونءُ ڪوهَن پَٽئين، ڪُوڪُون جَمارَنَ،
هوتاڻي هٿَ ڪٽي، پنهون پيادن،
ڏکون ٻُکون ڏاڪِڙا، ڪارڻ جي ڪيامَ،
موتي ماءُ پنيور ۾، اڱڻ سي آيامَ.

## فصل چوٿون

(١)

مَري جيءُ تہ ماڻئين، جانب جو جَمالُ،
ٿئين هُوندَ حلال، جي پَند اِهائي پاڙئين.

(٢)

مَرُ تہ موچاري ٿئين، اَجلان اڳي اڄ،
جانکي تان هئين جيئري، منڌ پنيوران پڄ،
پنهونءَ ساڻ پهچ، تَہ ملک الموت ماٺئين.

(٣)

مر تَہ موچاري ٿئين، جئڻ آڏو جتَ،
هاري کر همت، تہ ڏيئي دَمَ دوست لَهين.

(٤)

مر تہ موچاري ٿئين، ويهي وجهہ مَ ويرُ،
دل ۾ آڻ مَ دور، تون قُرَڻُ سندو قيرُ،
توڙي لَهين نہ پيرُ، توءِ راحَتَ آه رڙهڻَ ۾.

(٥)

مر تہ موچاري ٿئين، ويهي جيءُ مَ جوءِ،
منڌ مَرڻان پوءِ، پهچندِئينءَ پنهونءَ کي.

(٦)

اَجلان اڳي سسئي، مُنڌ جئريائي مَرُ،
ڏوليان تنهن مَ ڏَرُ، جنهن رُوحُ وڃايو راه ۾.

(٧)

مَرڻا اڳي جي مُوا، سي مَري ٿين نہ ماتُ،
هوندا سي حيات، جِيڻان اڳي جي جِيا.

(٨)

جيڻان اڳي جي جيا، جڳ جڳ سي جين،
اوءِ موتي ڪينَ مَرن، مَرڻان اڳي جي مُوا.

(٩)

اُونچو اُتاهون گهڻو، جيَڻَ کي جبل،
مَرَڻُ مون سين هَلُ، تہ پُنيءَ تو پنڌ ڪريان.

(١٠)

تو سَگَ ساهَ گهڻن سين، جيَڻَ گوشي جاءُ،
مَرَڻَ مون سين آءُ، تہ پُنيءَ تو پنڌ ڪريان.

(١١)
تو ساماڻي سسئي، مَرَڻ ڪيو مُردار،
ڪپَر سين ڪوهيارُ، لوڻي تو لڄائيو.

(١٢)
وڏا طالع تن جا، جي مارڳ منجهہ مرن،
پيون ڇا کي ڪَن، ڪُوڙي دعوا دوست سين.

(١٣)
سَڏُ سُڄاڻي پرينءَ جو، واڪي جي نہ وَرن،
ڪُڄاڙي کي ڪَن، ڪوڙي دعويٰ دوست سين.

(١٤)
مُئي جي مارڳ ۾، ڇپَر ڇلي جي،
تہ قَدرُ ڪيڇين ڪي، پورو تنهنجي پَنڌ جو.

(١٥)
مَرين جي ويرين، تہ کهڙو ٿورو سڄڻين،
تو جَهڙين ٿيرين، در ٻاروچي ڪيترين.

(١٦)
پَر ۾ پَڇي پرين کي، مَري نہ ڄاتوءِ،
"متوا" مُنڌ نہ سوءِ، ڪَنڌُ ڪُڄاڙيان ڪاٽئين.

وائي
توڏَن تان نہ تنواريو، منهنجو لالن واريو،
الله ڪارڻ ميان اوٺيا!
شرَفُ لهي سسئي، ڪُنل کي ڪم ڪاريو،
مينديءَ مور ملير جا، چانگن کي سپ چاريو.

## فصل پنجون

(١)
هٿين پيرين مونڙئين، هلج ساڻ هنئين،
عشق آريءَ ڄام جو، نباهي نئِين،
جان جان ٿي جيئن، تان پاڙج ڪو مَ پنهونءَ سين.

(٢)
هٿين پيرين مونڙئين، کَهجِ پَر ڪَپار،
متان چوري ڇڏئين، پريَنٽيَ پَڇار،
توکي سَنَدَ سسئي، سندي لنئو لغَارَ،
جي هونئي هوتَ هزار، تہ بہ پاڙج ڪو مَ پنهونءَ سين.

(۳)
هٿين پيرين مونڙئين کهج پر قدامَ،
وچ وسيلو ناهہ ڪو، اوري آريءَ ڄامَ،
هنئين لاهي هام، پاڙڄ ڪو مَ پنهونءَ سين.

(۴)
هٿين پرين مونڙئين، پري ڪج پَرَڪ،
قدمَ ڪيچ ڏٽين ڏي پاءِ وڏندي وڪَ،
جي هونئي هوتن لَڪَ، تہ بہ پاڙڄ ڪو مَ پنهونءَ سَين.

(۵)
هٿين پيرين مونڙئين سرج ساهَ پَساهَ،
هوتُ گڏيئي حُب ۾، رَهَبر مٿي راهہ،
جان جان ساٿئي ساهہ، تان پارج ڪو مَ پنهونءَ سين.

(٦)
اڳهين انگ سندوم، وهي جيڏان ويو،
ڪهڙو ڏوهہ ڏيون، سو منهن آئيو ساٿِئين.

(۷)
جَڙَ جا هنيم جَتَ، تنهن ڳجهيءَ ڳاهيم جندڙو،
آٽي اندر ڪوڙيا، ڪوهياري ڪروت،
سُورن ساڙي آهيان، سڪان ڪي صحتَ،
اندر ريلا رَتَ، ٻاهر ٻاڦَ نہ نڪري.

(۸)
تَتيءَ تڏيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل وهڻ جي،
آسَرَ هڏ مَ لاهَہ، ڇِنڻ ڳنڍڻ اُنِ جو.

(۹)
تڏيءَ ٿَڪي نہ وهي، تَتيءَ ڪري تاڻَ،
وڏائين وٽڪار ۾َ، سسئي پاڻُ سڪاڻَ،
پڇي پَهہ پکين کي، پيئي منڌ پَرياڻَ،
ڏِنَس ڏيهہ وٹن جا، تن الله لَڱ اُهجاڻَ،
مانَ پَرچي پاڻ، اَچي آرياٽي وري.

(۱۰)
توٽي ولاڙون ڪرئين، توٽي هلين وڪَ،
لِکئي منجهان لِک، ذرو ضايع نہ ٿئي.

(١١)
لِکيو جو نِراڙ، سو انگ ڪياڙيءَ نہ ٿئي،
پاڙيو وينيَ پاڙ، جيڪي لالن لِکيو لوح ۾.

(١٢)
جتي جيتريون، لکيو لوح قلم ۾،
تِتي تيتريون، گهڙيون گهارڻُ آئيون.

(١٣)
ڪيائين ڪيچين لئي، جُسو جَلاوتَ،
ڇڏي پيئي ڇپرين هادي سڀ حُجت،
هُئي نماڻي نِست، پنڌ وڏائين پاڻ تي.

(١٤)
ڏُکيءَ ڏورڻ پاڻ تي، ويچاريءَ وڌو،
ڏيل جنهن جو ڏُک سين، سَيو ئي سَڏو،
هُئڙس اڳ لِڏو، پوءِ ٿي ڪري پنڌڙا.

(١٥)
پنڌ نہ پنڌن جيترو، ڪيئن سُجندي ڪيہ،
جيڪر ڪريان ريهہ، پر چوندا مُنڌَ چري ٿي.

(١٦)
چُونم مَرَ چَري ٿي، پر جي سَڌَ سُٹين،
مَرُ مُونهِين ڪي ڏين، ماٺهو اچيو ميهٽا.

(١٧)
ماٺهو ڏيئي ميهٽا، مون ڪي ڪندا ڪوهہ،
جي چوڙيم چوهہ، تہ پِٽون ٿينديس پير تي.

وائي
ويهہ م واٹ ورچي هوا الله ميان،
جٽن ڪَهندئن، تٽن لهندِئن ووا
ڪنهين اچي ڪا ڪَهي، ڪنهين اچي ڪا چٽي،
امل پانيان اُن ڪي، ساجن مون ڪي جا چٽي،
پير پٽان ئي ڪنٹرا رائي ڪيس رَچي،
مُنهن ڪر معذورن ڏي، پنهون جامَ پَرچي،
مون ڪي تنهينَ ماريو، جَٽَن جا چٽي،
وندَرَ واٽڙين تي، ڪانڌي ٿيندمَ ڪيچي.

## فصل ڇهون

(١)

جَهلي تان نہ رَهان، ڏاران پَسڻ پرينءَ جي،
اَپَر عاجز آهيان، لالُن جان نہ لهَان،
فردا مون ڦِٽي ڪئي، وعدي ڏي نہ وَهان،
صَباح سِيئَن نہ سَهان، خواهہ ميڙئين خواهہ مارئين.

(٢)

صَبح سيئَن سُورَ، سَهي ڪَر سرتيُون،
گهٽيان رَهن نہ گهٽ ۾، پيغامن جا پُور،
مَيائي مَنظُور، هير هلنديس هوت ڏي.

(٣)

هينئر هلنديس هوت ڏي، پيون وجهي پَن،
جيرو جان فِدا ڪريان، مَٿن تن پَرين،
آيا اَڄ گهُرجن، فَردا مون ڦِٽي ڪَئي.

(٤)

فردا مُنتَ ڦِٽي ڪئي، نقد ڪنيو نار،
هيءَ جا واڳ ولهيءَ جي، ويرَمَ ڏي مَ وار،
جانڪي مُنيءَ مار، جانڪي ميڙ مُنيءَ کي.

(٥)

مُني تي مدعا گهري، مَوت ٿيو موجود،
اڄين تہ اڄ ڪريان، صُباح جو سُجود،
جانڪي ني وُجود، جانڪِي ميڙ مُنيءَ کي،

(٦)

جانڪي ميڙ مُنيءَ کي، جانڪي مُنيءَ مار،
جيرو ڀنهي ڪنڌئين، ڀنهي پارين ڀار،
ڏکيءَ کي ڏيکار، هيڪر هوت اکين سينءَ.

(٧)

ڏکي تي ڏڏورَ، لَهَسي لَنؤ پنهونءَ جي،
ڏيئي آڳ اَتورَ، سيِ نہ ساڙي سسئي.

(٨)

ڏکي ڏِکَ وسار، سيج ڦِٽي ڪر سسئي،
پَٽين پير نهار، تہ آرياڻي اُتان لهين.

(٩)
ڏُکي ڏُک مٿي ڪر، وانءُ چَپَر پيهي،
گڏبئي ڏيهي، سُوڏيون ڏيندئي خبرون.

(١٠)
ڏُکي ڏيهاٽيءَ، مُنيءَ مٿي هٿڙا،
تنهن پَر نہ ڪاٽي، جنهن پَر جڙي جيڏئين.

(١١)
ڏِسڻ ڏُکان اَڳرو، سسئي آڻ مَ شڪ،
ٿيُ ٻانهي ٻِرَ اوئيُون، لُڏُ مَ پسي لَڪ،
وَرُ پنهونءَ سين پَلڪ، ڪوءِ ٻارهن ماهہ ٻين سين.

(١٢)
هر دم هوتَ پنهونءَ جو، ڏسڻ ڀانئج ڏک،
وَرُ پنهون سان پَلَڪَ، ٻَن ٻارهن ورهہ ٻين سين.

(١٣)
ٿورَ وَيرمي ٿيُ، وجڻ ويرم نہ سَهي،
ڏيئي مرجَ ڏونگرين، جئن ڪارڻ جيُ،
هَڏُ نہ هوندو هيُ، ڪَر ساهہَ پريان تان صدَقو.

(١٤)
ڏکيءَ سنديون ڏونگرين، آڏيءَ آهون پون،
ڏاريءَ جو ڏونگر ڪي، سو ڪي چيو چُونن،
آريءَ جي افسوس ۾، ماٺهو مرون رُونَ،
اِن پَر سيئي هون، هِنئڙا جن هَڄي ويا.

(١٥)
ڏُکيءَ سنديون ڏونگرين، پَسو پٿُون پون،
مُئي پُڄاٽا مُنڌ کي، روجهون رُجنَ ۾ رَوَن،
پِٽا اِيهين چُون، تہ مُئيءَ اسان کي ماريو.

(١٦)
ڏُکيءَ سنديون ڏونگرين، اوچنگارون اَچن،
هٽي سانگ سسئيءَ کي، کلو ڪيو کيچين،
جي هٿان هَوت مَرَن، هوت تِنهين جي هنج ۾.

(۱۷)

ڏُکيُ سنديون ڏونگرين، وَڻَ ٽِڻَ وايون ڪن،
وٽان ويهي جن، وڍيءَ سي واڍوڙيا.

(۱۸)

وڍيءَ سي واڍوڙيا، رت نہ ڏِٺو جن،
مَوتُ قبوليو تن، ڏٺو جن ڏُکيءَ کي.

(۱۹)

ڪنهن جنهن ڏُکان ڏي، پاراپا کي پانڌئين،
سُورَ پريائين سي، ڳالهہ ڪيائين جن سين.

(۲۰)

وڻ وڍيائين وڍ سين، ڪو جو وڍيءَ وڍ،
ڏک ڏکيءَ کي ڏيڍ، جن ڏِٺي سي ڏُکيا ٿيا.

(۲۱)

ڪو جو وَڍيءَ وَڍ، جڳَن ور وَڍيائين وَڍَ سين،
ڏک ڏکي کي ڏَيڍ، جن ڏِٺي سي ڏُکيا ٿيا.

(۲۲)

وَڍي ٿي وايُون ڪري، ڪُنل ڪُوڪاري،
هن پَن پنهنجا ساريا، هي هَنجون هَڏِن لَئي هاري.

(۲۳)

ڏُکي توءِ ڏُکار، توڙي وَسڻَ مينهڙا،
صاحب هَٿ سُڪار، هِن وَسِ آهين َ هٿڙا.

(۲۴)

ڏُکي توءِ ڏڪار، جي سيڻن ڏيهہ سُڪاريو،
ٻاروچاڻو ٻار، سيوئي سُواءِ سين.

وائي

هوتَ هاڙهي ڏاري هُوندا، وانءُ وَهيلي ساٿ سين،
جتي پنڌ نہ پيچرو، سُونهان وچن روندا،
اَسُونهن عنايت چئي، پهٽين پير پوندا.

## فصل ستون

(١)

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي، ٿورا ڏِينهن ٿيا،
راتيون روزَ ويا، عَبَثُ آريءَ چام ري.

(٢)

آءُ نہ گڏي پرينءَ کي، سهسين سج ويا،
هَلڻَ ويرَ هِئان، ديکي شال دم ڏيان.

(٣)

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي، تون ٿو لهين سج،
آءُ جي ڏيئين سَنيها، نيئي پريان ڏج،
وجي کيچ چئج، تہ ويچاري وَاٽ مئي.

(٤)

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي، پويون ٿيون پساھ،
سکان ٿي سَکرات ۾، رويو پُڇان راھ،
شال مَ وڃيم ساھ، ڏاران پسڻ پرينءَ جي.

(٥)

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي، عمر تان ويئي،
ڏُکيءَ ڏينهن وڃائيا، سرتيون سپيئي،
پيريءَ ۾ پيئي، اکيون آريءَ ڏي کٽي.

(٦)

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي، جوين ويو جاڙَ،
آڏا آريچن کي، چاڙهيکا ءِ چاڙھ،
مون مُنيءَ کان نہ ٿئي، وَڏپڻ منجھ ولاڙ،
عمر سيِ آواڙ، وييم ٿي واکا کريَان.

(٧)

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي، هيُ پڻ ڏينهن ويو،
نهوڙي ناپُن سين مونکي نِينهن نيو،
مُني مَوت ٿيو، بوءِ بوءِ کندي پنڌ ۾.

(٨)

آءُ نہ گڏي پرينءَ کي، آيو عزرائيل،
جو راڻي سين جيڏيون، نَہ کو قال نہ قيل،
آيو مَوت دليل، ماريندو مُراد ڪان.

(٩)

آءُ نہ گڏي پرينءَ کي، مٿان آيو مَوت،
واجهائيندي وَرهہ ٿيا هَڏ نہ گڏيم هوت،
جيڪس ٿينديَس فوت، فنا هن فراقَ ۾.

(١٠)

آءُ نہ گڏي پرينءَ کي، ڪاري ٿي قِيام،
هٿن هاج ڦٿي ڪئي، نيٹن ننڊ حرام،
ڪُنيس تنهن ڪِمام، هوتَ هلندي جو ڪيو.

(١١)

هي جي اچن ٻہ ڄَٹا، اُونچا اِلاهي،
وَ نَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ، ائين اتائين،
تون پار لنگهائين سائين، اَسَونهين اوتَڙ گهڙي.

(١٢)

ولاڙيو وٽين چڙهي، ڳِجهُن ٿيندي ڳاهہ،
سَسئي سُوريءَ چاڙهيو، پريان لئي پساهہ،
هوءِ مِرون هِي ماهہ، ڪين ڪميٽيءَ رکيو.

(١٣)

ولاڙيو وٽين چڙهي، رئي پَسيو ٿي روءِ،
وچان جو وچ پوءِ، سو ڪنهن پَر کَهي لاهيان.

(١٤)

ولاڙيو وٽين چَڙهي، اُونچن مٿي اَڄ،
لالڻ ڪارڻ لَڄ، باسيائين بردار جي.

(١٥)

ولاڙيو وٽين چڙهي، ڏيو پَٽيلي لانگَ،
سسئي مور ٻچن جئيڻ، ٿاريءَ ٿاريءَ چانگ،
ڪانڌي ٿينديس ڪانگ، هوءِ جي روجهہ رُجن جا.

(١٦)
ولاڙيو وٽين چڙھي، ڪي جو ڏنائين،
مَوت بہ ماريائين، پاڻ تنھنجي پُٺ ۾.

(١٧)
ولاڙيو وٽين چڙھي، پَسو سَگھہ سَندياس،
آڏيءَ وجيو آڪڙي، نہ ڪو پيُ نہ ماس،
سو ئي سو سيٽاس، پَري پڙاڏا ڪري.

(١٨)
ولاڙيو وٽين چڙھي، ڏاڍو ڏوري ڏُور،
سُپيريان جي سُور، پري پڙاڏا ڪري.

(١٩)
پري پڙاڏا ڪَري، اوري نہ آھي،
ڪَمتر ڪا ڪاھي، پھچي ھن پِتيءَ کي.

(٢٠)
رُجن ۾ رَڙ تي، ڪَرَ ڪووَل جي ڪُوڪَ،
ولَولَوَ ۽ ووڪ، ايءَ تان آھ عشق جي.

(٢١)
رجن ۾ رڙ تي، ڪر چتونءَ جي چانگھار،
اي عشق جا اُبڪارَ نعرو آھي نينھن جو.

(٢٢)
رجن ۾ رڙ تي، جَھڙِي ڪَري جوءِ،
ايءَ نہ عورت ھوءِ، ايءَ تان آھ عشق جي.

(٢٣)
رجن ۾ رڙ تي، ڪَرَ ڪُرڪي ڪونج،
نعرو منجھ نِڪونج، ايءَ تان آھ عشق جي.

(٢٤)
رجن ۾ رڙ تي، ڪَرَ سارنگي ساز،
ايءُ عشق جو آواز، ماٺھو رکن مُنڌ تي.

## وائي-١

تن منَ منجهہ تَنوارَ هو يارَ! سدا آهي سِک جي وو،
تنءَ چٽڪَن چِتَ ۾، جئَن سا گهَنڊيءَ لار،
لڳي اُڄ اَکين کي، سِگهو موٽ ستار،
پَسان ڪين پريتَڻو، ڪاڏي پرت پچارَ،
بنڌياٽي پنيور ۾، آهيان اَوهان ڏارَ،
مون کي ڇڏ مَ ڇپرين، آرياڻي آڏار،
ڏيان خيز خِزان ۾، بيتو منجهہ بهارَ،
مضر تان مون کي ڪيا، حڪيمن هزار،
دوا آهين دل جي، وارو واقِفڪارَ،
آڻي ڏي عَلِيل کي، مَعجونُون موچار،
آهي عبداللطيف کي، تُنهنجي پئي پچار.

## وائي-٢

هيءَ گهايلَ هَڏَ گهوري، ڪيچي مون نہ سڳِيٽا،
عشقَ آريءَ ڄام جي، هيءَ جُهونڙي هَڏَ جهوري،
رهي جَا رُجن ۾، سا ڇپر ڇڏيوم ڇوري،
آديون آريچن لَئي، ڏونگر ٿيندِيَس ڏوري.

# سُر ديسي

## فصل پهريون

(١)
مُنيس جَهل مُهارَ، کُنيس ڪاهہ مَ ڪَرهو،
مون نماڻيءَ جي نِجهري، پيرو ڪج پِتار،
ساجَن توهان ڏارَ، ڏِنم ڏينهن قِيام جو.

(٢)
ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، تِنهي ڏِنم ڏُک،
سي سپ پانيمَ سُکَ، هيڪاندِ ڪارڻ هوت جي.

(٣)
ڏاگهن ڏيرن، ڏونگرن، ڏُکن آءٌ ڏِڏي،
پُڇان پير پنهونءَ جو، وجهان وکَ وَڏي،
لِکئي آءُ لَڏي، نہ تہ پَٽن ڪيرَ پَنَڌ ڪري.

(٤)
ڏاگها ڪيم ڏور، اجا آرياڻي اڳي ٿيو،
موڙي مَجَر ٿاريون، چانگا ٿا چرو،
اُن تان حَرف هَرو، مُورائين معاف ٿيو.

(٥)
اڱڻ مٿي اوپرا، جڏهن ڏاگها ڏِٺئي ڏينهَن،
وٺي سَڙڪَ ٍ سسئي، ويهہ وهاڻي سِئين،
چوٽيءَ سين چانگن کي، جڙ زنجيرن جيئن،
تہ هوت تنهنجو هِيئن، هُوند پنهَون نِيائون نہ پاڻَ سين.

(٦)
اڱڻ مٿي اوپرا جڏهن ڏاگها ڏينهن ڏٺاءِ،
کُنجون جي قفلن جون، تنهن کنهن لَل لِڪاءِ،
سُپاڻي سنڌياءِ، ٿئي سارُوڻي سسئي.

(٧)
اڱڻ مٿي اوپرا، جڏهن ڏٺئي اُٺَ،
ڏايئي نہ ڏاگهن کي، اوڳي ساڻ اڳٺ،
تہ هُوندَ نہ تُنهنجي هَٺَ، سُورَ پرايا سسئي.

(٨)
اڱڻ مٿي اوپرا، جڏھن ڏٺئي توڏا،
ونگيئي نہ وارن سين، تن گورن جا گوڏا،
تہ لَڪَن جا لوڏا، ھوند نہ سنئي سسئي.

(٩)
ڏاگھَنئون ڏيرن، جي آندا برد پنهور ۾،
ھَٽي چيلھ چَرا ڪيا، وھُ پئي وھڙن،
ڪُڙيءَ ڪُڙڪو اُن جو، ھوند سُتي سُئو سپن،
ڏاندن سان، سيد چئي، ڪي پيادئون پھچن؟
جن جو پير نہ لڳو پٽ سين، تن آيم ساڻ اُٺن،
ڳُنگن ۽ جُنگن، مُنڌَ اَسُونھِين ميڙئين.

(١٠)
اڳي اُٺَ رڙن، مون پيري ماٿ ٿي،
ٻَلاٽيندي پاڻ ۾، ڪُڇيو ڪِينَ ڪُنَن،
ڪا جا مامَ مُنن، ھن پڻ ھُئي ھُن سين.

(١١)
ڇا جي ڏِنگا ڏيرَ، مَنھنجو ڏينھن ڏنگو مَ ٿئي،
اُٺن ۽ اونٺڙن جي، ڇا وھيٽو وير،
ھيءَ ڪميٽي ڪير، جا امرَ ڪي آڏي ٿِري.

(١٢)
ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪھڙا پرين،
لَڏيو لاڏوٽا ڪيو، پنھنجي ديس وڃن،
پڇاڻان پرينَ، ڪجي بس پنهوَر ڪان.

(١٣)
ڏُريان ئي ڏاريان، مِٺ مُئي جا نہ ٿيا،
مَدي ڏيرن مَنَ ۾، ڪِليو ڪِينڪاريان،
صُبُوح ٿي ساريان، تہ اُٺَ نہ اوطاقن ۾.

(١٤)
اُٺَ مَ اوري آڻ، ڏاگھن ڏَڏي آھيان،
ھَٽي ھَٿ ھَيَن ڪَي، ٻَري نيئي ٻَلاڻِ،
ھوت منھنجو ھاڻ، پنھونءَ نِيائون پاڻ سين.

(١٥)

جَتَ نہ پيائي رتَ، ڏاريان ڏارئين ڏيھہ جا،
آءٌ سُتي هُو هليا، پلاٽي پربت،
اکين جي آهَتَ، کٽي ڇُلايس ڇپرين.

(١٦)

اٿم سُک سرتيون، جتن جا جيڏيون،
پانڌ نہ ڇڏيان پرينءَ جو، جي هوت کري هيڏيون،
مُون کميٽيءَ کيڏيون، اُميدون اَصيل سين.

(١٧)

کُهہ ياراٽو جَتن جو، کُهہ ٻانهي، کُهہ ٻروچ،
مون کي چائي لوچ، پاڻ پيهي ويا ڇَپرين.

(١٨)

کُهہ پنهون، کُهہ پريتٽو، کُهہ هاڙهو، ٻَن هوت،
مادر مُون موت، پَسڻ کان پرائيو.

(١٩)

جتا شال جِيو جيو ٿا جاڙُون کريو،
ٻانڀڻ کي ٻِروچ ري، پيلي ناھ پيو،
ڇِنڻ تان نہ پيو، هيءُ سَگ نہ ڇِنڻَ جهڙو.

(٢٠)

جتن جا جيلان، ٿي ساٿ پچائي سسئي،
آيَسَ آري ڄام جا، ٽڙ توڏا تيلان،
اُن کي ناکَيليون نَکن ۾، ڏهريُون ڏليلاَ،
سِر هَٽيون سيلا، لايو نِيحُن نندَون کرين.

(٢١)

جتن کج جَتن جو، آيا ڪ ايندا،
وڻي پنهون پاڻَ سين، وٺان توَ ويندا،
دَم نہ دَميندا، سڏاريندا ساٽيھہ ڏي.

(٢٢)

جَتَ هڏهين هُت، مون هِت هينئڙي ۾ حُل ٿيا،
ڇَنگل جنهين ڇوڪرا، راحت تَنهين جي رت،
گنگن جِيُ گفُت، ڇيڙي وڏيَس ڇپرين.

(٢٣)

جَتَن وڏَيَس جار، نا تہ هُيس نماڻي نِڪَٽي،
ٿِيڙا َ پاڻ قرار ِ َ مون مَن گڏي گُوندرين.

(٢۴)

جي ڄاڻان جَتَن، پوءِ پَٿاندڙ هيترو،
آءٌ ڪِيئَن مِلا تِن، سرتيون سور پرائيان.

(٢۵)

هي جي آيا هير، سي مون اڱ نہ ڏٿا ڪڏهين،
آءٌ ٽَرسان هُو تَڪڙا، پَٽِ نہ لاهين پير،
پنيولَيَس بَرن ۾، پَسي پيندينَ َ پير،
آءُ آرياڻيءَ اُسري، ٿي واهر جي وير،
هيءَ ڪميڻي ڪير، تون پارس رسج پَٻَ ۾.

(٢٦)

جَتن يارانو، ڪيچين مون سين ڪونہ ڪيو،
نالي سُيَس هوت جي، مٿم ٻارانو،
تيلاهِين طعنو، ڏيندا مون ڏيرَ ويا.

(٢٧)

گورا وڃن گامَ، ڏيرن سندي ڏيهہ تي،
توڏن جو ٿَڙَ پيڙ ۾، ٽَريون ترڪن ٽَان مَ،
اوٺَيڙا آرامَ، لنگهي پَٻ پَري ٿيا.

(٢٨)

گُئُسَر ٿئي مَ گُس، پَٽي پوءِ مَ پرينءَ تي،
جنهن سر ساڃن سُپرين، تنهن اُتَ مَ لڳي اُس،
پنهون پَاڪَ پرس، هوت نہ ڪجن هيڏيون.

(٢٩)

اُس مَ لڳي اوٺئين، ليڙن لُڪَ مَ لَڳ،
الله آريچن جي، ڪوسو واءُ مَ وڳ،
جَتَ جهجا ۾ جڳ، منهنجي پرت پنهونءَ سين.

(٣٠)

لڏيندي لِباسُ، جتن جيڏو ئي ڪيو،
اچي آري ڄام جو، وڻ وڻ منجهان واسُ،
مرون ڪِينم ماسُ، هڏ هلندا هوتَ ڏي.

(٣١)
اُٺَ ويري، اوٺارَ ويري، ويري ٽئٽرَم ڏيرَ،
چوٿون ويري واءُ ٿيو، جنھن لٽيا پنھونءَ پيرَ،
پنجون ويري سج ٿيو، جنھن اُلھي ڪئي اَويرَ،
ڇھون ويري ڇپر ٿيو، جنھن سَنوان ڪيا نہ سَير،
سَتون ويري چنڊ ٿيو، ڪڙيو نہ وڏيءَ ويرَ،
واھيري جي ويرَ، ڇلون ڪريان ڇپرين.

وائي
ڏاگھن ڏيرن ساڻ، ڪَرھَن ڪيچين ساڻ،
متان ڪا بي لَنئو لائي!
آءٌ سُتي، ھُو ھَليا، ويڙا ڪَرھَلَ ڪاھي،
آسَڻ اڳيان اُن جي، ٻَرَ ٻر ڪيو ٻاڏائي،
ڇَتر ڏيئي ڇت ڪي، ويڙا ھوت ڇُپائي،
جيڪا ھُينَ مَن ۾، ويڙا پنھنجي پُڄائي،
اديون عبداللطيف چئي، ايندم واڳ وَرائي.

## فصل ٻيو

(١)
اڄ پڻ وَسائي اونئين، مٿي مارڳ ماڪ،
پنھون نيائون پاڻ سين، تاڙيون ڀَڃي طاق،
"ھَيھاتَ ھَيھَاتَ لِمَا تُو عَدُونَ"، سُجي ٿي اوطاق،
ڇُڪيءَ چوري چاڪَ، ھاڙِي ھوتَ ھلي ويا.

(٢)
مڙي منڊ ڏي آئيون، ساھيڙيون سَھجان،
"السفر قطعة منَ النار"، ھاري موٺُ ھتان،
سَڳَ "صِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ"، جو اٿيئي تان اڳيان،
سي ڪيچي نِيندئي ڪئان، جئن تُنھنجو نينھن نفاق سين.

(٣)

جَڏان ”ڪُنْ فَيڪُون“ چَئي، نيو آرياڻي ارواحُ،
انگ اڳهين لکيو منهنجو ميثاقان،
”مَن طَلَبَ شَيئاً وجَدوجَد“، اُتو عليءَ شاهہ،
اِجا اِنَ حَدِيثَ جو، مون آسرو آهہ،
پنهونءَ جي پَيغام تان، منهنجو موت مُباحَ،
سَرتيون دعا ڪجاهہ، تہ ميڙائو مون ٿئي.

(٤)

سَپا سياهي، آهي آري ڄام ري،
ڪڏهن پَسي ڪا نہ ڪا، ريءَ لالن لالائي،
دود دل تان دُور ڪري، ڪَر ساجنَ صفائي،
”مَن لاَشَيخَ لَه ُ فَشَيَخهُ الشَيطَان“، اِن ري اونداهي،
هُوءِ جا هَلي هيڪلي، سا گَيرب گمائي،
”بلاَشَيخَ مَن يَمشيِ فِي لَطَرِيقِ ڪَمَن يَمشِي فِي لبَحر بلاسَفيئَنۃ“، اهڙي لوائي،
تَنهن ري توائي، ڪوڙين ٿِينَ ڪيتريون.

(٥)

بَر وڏو، بار گهڻو، ويجهو نہ وٽڪار،
ليڙن جو لطيف چئي، ڪنيو مُنڌَ مَدار،
وَٽندن تہ وَڙ ڪندا، نہ تہ اڳيَن جي اختيار،
ڪاڏي ٿيو ڪوهيار، ڪاڏي ٿي هَٿ ڪٽي.

(٦)

ڪيڙي ڪيچاين، گورا گس هَلائيا،
لڙيو ڇَڙهيو چوٽيئَن، ڪَريو ڪوهہ ڪرنَ،
سُونهن جي سردار سين، سي توڏا مَ تڙجن،
لُطف َساڻ، لطيف چئي، لنگهيو بَر بوتنَ،
تن ڪهڙو غم گنگن، هوت حمايتي جن جو.

(٧)

جاڳائي جَتَن، گورا گس هلائيا،
پهتي ريءَ پهاڙ ۾، اُت ۾ اڳتجن،
لَتاڙي، لطيف چئي، لنگهيو بر بوتن،
تن ڪهڙي چِڪ چانگن، هوت حمايتي جن جو.

(٨)
پنيءَ تا پَرين، ساٿين سنڌ ھٿن ۾،
ليڙن جو لطيف چئي، مون کي مُنجھ نہ ڏين،
ھوت پنھون تا نين، اسونھينءَ جو اَڄکو.

(٩)
اوڳارين نہ آنرا، ٻڌا چرن ٻور،
ليڙن کي لطيف چئي، موٽڻ جو مذکور،
مَيَن کي مامور، آھي اڄ تڻ اڳئين پنڌ جي.

(١٠)
ويني ٻُڪي ٻاڦ، جھولي جُھٽڪ جُھني کي،
آيمَ تن اُتن سين، جن جا پيرَ ڏڏا ڏڙ داڦ،
لَنگھيا لَڪَ لطيف چئي، توڏا تڙٻنگ طاف،
کير لنگھينديءَ قاف، اِيءَ بَر برھمڻ باسيو.

(١١)
ھَي ھَي کيو ھاءِ، تي پاڻ ھَٽي سِر پاھٽين،
لڏائين لطيف چئي، جَتَڻ سندي جاءِ،
شڪر بار سنداءِ، جيئن سقانيءَ ساٿ مِڙين.

(١٢)
دَوڪَ دَھليا جت، گورا ھلڻ نہ گس ۾،
چَوسال ئي نہ چَلٽا، تي تَنگ نھاري تت،
سوڌي اُنھين، سيد چئي، پوءِ پانچاريَن پرَت،
اِن اَڙانگي پنڌ جي، ڪا نيشَن پوءِ نرت،
سسئي وڏي ست، جا اھڙيءَ پر پنڌ ڪري.

(١٣)
پڻ تا پَلاٽينَ، اوني اڄ اُپڪڙا،
پَھہ پارسيون پاڻ ۾، ڏير ڏھاٽي ڏين،
ھوت پنھون تا نِيَن، ٻاروچي ٻولي ڪيو.

(١٤)
پڻ تا پلاٽين، اوني گھٽو اُبھَرا،
ھوءَ جي ھلڻ سنديون، ڳاھُون ڳالھائين،
مون کي تا مارين، سجڻ سانباھي ڪيو.

## وائي

لالڻ آئيو پيهي، ويڙا سورَ سپيئي،
جيس جيس وو جيڏيون، مَنھنجو لالن آيو پيهي،
ڳالهيونَ كنديَس ڳجهيون، مُنهن مقابل ويهي،
كٿوريءَ بار پَري، آيو ڏونگر ڏيهي،
سَركشي سَردار سين، مون كمينيءَ كيهي،
هئي شكستي سسئي، راز پنهونءَ جي ريهي،
اديون عبداللطيف چئي، سَڄڻ آيَم سيئي.

# فصل ٽيون

(١)

الله كارڻ اوٺيا، كَرها مَ كاهيو،
جانبَ جَڏي جيءَ جو، آڳانڊو آهيو،
لاڳاپو لاهيو، مَتان منهنجو سپرين.

(٢)

الله كارڻ اوٺيا، ليڙا نيو مَ لُرَ،
نِيو نماڻي پاڻ سين، ٻانهي جَهلي ٻرُ،
مون كي ماري منجهه ٿي، سَندي هوتن هُرَ،
كچو لايان كُرَ، كيچان اوري جي وَران.

(٣)

كيچان اوري كيتريون، مَعذوريُون ميون،
واٽون ويهه ٿيون، كُهه چاٽان كَيهي ويا؟

(٤)

كيچان اوري كٿهين، ونُ نہ ويساهين،
كميني كيچين لَئي، پُورج پَراهين،
تاٽج تيڏاهين، وارج كام وَرَڻَ جي.

(٥)

الله اچن اُوءِ، جن آئي من سرهو ٿئي،
پَسان مانَ پَر كنهين جَتَن سَندي جُوءِ،
لنگهي لَكَ لطيف چئي، سُٽيان هوتن هُوءِ،
گولي ٿيان گل ٻُوءِ، جي سُڃاڻان ساٿَ ڏٽي.

(٦)

ڪيچان آيو قافلو، ساٿَ ڏٺي سَرواڻ،
وارَ وِڍي واڳون ڪريان، پوئان هُوند پَلاڻ،
جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سِٿا ساٿ جي.

(٧)

ڪيچان آيو قافلو، رات موچاري روءِ،
بوتي ۽ بلوچ جي رڙهي پسان روءِ،
لنگهي لڪ لطيف چئي، سُٽيان هوتن هوءِ،
گولي ٿيان گل بُوءِ، جي مون نيو پاڻ سين.

(٨)

ڪيچان آيو قافلو، پَليرو پائئيان،
پَٽي جا پيرن جي، لنگن کي لائيان،
چَنبيلي چائيان، جي مون نيو پاڻ سان.

(٩)

ڪيچان آيو قافلو، طرح موچاريءَ توڏ،
سينگاريائون سيد چئي، ڪَرَها منجهان ڪوڏ،
لَکُ لهي ٿي لوڏ، جِيجان تن جَتَنِ جي.

(١٠)

ڪيچان آيو قافلو، چامن سندو چامر،
پسنديئي پنهون کي، اکين ڪيو آرامر،
ناٿرَ چايان نامرُ، جي مون نِيو پاڻ سين.

(١١)

ڪَيچان آيو قافلو، جُنگ سُونهاريءَ جوڙَ،
تڙيارا توڏن کي، ڳچيءَ سُونهن موڙَ،
دَولَت چايان دَوڙَ، جي مون نِيو پاڻ سين.

(١٢)

جُهوڙا جن جُهلن ۾، هيري لَکَ هزار،
لڳا واٽ وٽن َجا، پنهون کي پالار،
آن کي ويندا گڏيا، اهڙيءَ سٿَ سوار،
لنگهي ڪالهہ قطار، تون اوني اڄ نِهارئين.

(١٣)
مزمانن مَهَري، آٽي جهوڪيا جهوڪَ ۾،
چائي چَنبن ۾ ويا، جيئن باز سَٽي بَحري،
ڪوهيارو ڦَهري، ويو نِهوڙي نندَ ۾.

(١٤)
ڪيچي ڪالهه ڪَهي ويا، آيون آڌيءَ رات،
جاڳان تان جيڪي ٿيو، وهاڻيءَ پرڀات،
ڦوڙائو فقير ڪي، ڏنو جتَنَ سندي ذات،
رَفِيعُ الدَرُجَاتِ، پَرمَل پنهونءَ ميڙئين.

(١٥)
مون پانيو مون وَٽَ، هميشه هوندا پرين،
ڪُهي ڪميٽيءَ هليا، ڪا نہ ڪيائون گهٽ،
ويڙهو ڏيئي ويڪرو، پهري ويا پٽ،
ساهه جن جي سَٽِ، وکيم ٿي وٽڪار ۾.

(١٦)
مون پانيو مزمان، هميشه هوندا پرين،
ڪُهي ڪميٽيءَ هليا، ڪَهل ڪيائون ڪانَ،
ڏيئي ويا ڏاهه ڪي، سُورن جا سامان،
جورو رات جُوانَ، جيڏيون جَتَ ڪري ويا.

(١٧)
مُون پانيان مهمانَ، جڪس پَهر پنهونءَ جي،
آڌيءَ رات اُٿي ويا، ڏيئي تنگن تاڻ،
بي غرضا بلوچ ٿيا، سسئي سين سَرواڻ،
ڪاهي رسيا ڪيچ ڪي، ڏاگهن لاهي ڏاڻ،
ولها ٿيا وَٿاڻ، ساٿين ري سيد چئي.

(١٨)
پانيان جي جَتن، پوءِ پٽاندر ايترو،
ڏيئي پانهن سِرَن، آءٌ ڪِيئن سمهان سيج تي.

(١٩)
جڏهن پيچ پنيءَ، تڏهن اونين اُٺَ پلاٽيا،
سُڌ لڏيندي ساٿَ جي، ڏيرن ڪان ڏني،
مهارُون مَيَن جيون، ويا چوڙائي چِني،
اديون ڳالهِ انهي، چرپُر لائي چت ۾.

(٢٠)
ساٿيئڙن سوير، آٽي اُٺَ جهڪائيا،
هئَن نہ ڀانيم جيڏيون، تہ ڏاڍي ڪَندا ڏير،
اُٺَيس آءٌ اوير، ڪري سُڄ سَنجهي ويا.

(٢١)
اڄ مليندِيس ماءُ، ڏاڍا ڪنديس ڪپڙا،
هوتَ ڳوهياري لاءِ، ڪِنين ڪنر پائِيان.

(٢٢)
ڪُنر ڪَڪان ڪپڙا، لُڇي پَر لَڪَن،
پيئي نہ ياد جَتن، چِڏي وئڙس ڇپرينَ.

(٢٣)
ڀانيم جي سَرواڻ، چُلائِيندمَ ڇپرين،
تہ ڪانيم هُوند ڀَلاڻَ، اُٺ ڳَڏايم ان جا.

(٢٤)
ڪاڏي مُنهن مَڪرانَ جو، ڪاڏي ڪَيچ ٿيو،
ڀهڙو ساٿ ڀنڀور تان، ڪڏهين ڪونہ پيو،
ڪَوهيارو ڪام هٽي، چوري چِتُ ويو،
جِنهين جَتُ نِيو، تن اُنن گهوريَ آهيان.

(٢٥)
ڪاڏي منهن مڪرانَ جو، ڪاڏي پَريون پار،
ليڙن جو لطيف چئي، سونهون ٿيو سَردار،
جو مُلڪ جو مهَندار، سو موليٰ مون کي ميڙئين.

(٢٦)
برهہ مَٽايس بَر، نہ تہ سُکي ڪيرَ سَڏون ڪري،
گهٽو ڏوريائين ڏک سين، ڏيرن لئي ڏونگر،
وَري آيس وَرُ، سَفر مُئيءَ جا ساب پيا.

(٢٧)

ور ۾ ڪونهي ور، ڏيرن ور ڏور ڪِيو،
نهاريندي‍َس نڪري، ٻوٽن ڪارڻ ٻَر،
آڏو ٿَڪر ٿَرُ، متان روهہ رَتيون ٿئين.

(٢٨)

وَرَ وَراڪا وچ ۾، لڪين آڏا لَڪَ،
هُو جي آڏا حَقَ، سي ڪندا ڪوهہ ڪُني ڪي.

وائي

هوتَ نہ پانيم هِينئن، آءٌ جا ماري سَڄڻَ تُنهنجي نِينهَن،
وو ڇڏي تون ڪو ڇپَر ويندين!
لُڪون لڳن ڪوسيون، ڏاڍا تَپن ڏينهنَ،
عشقَ آريءَ چامر جي، ڪَيس نماڻي نينهن،
جُهنگاريندي جهنگ ۾، ڏوٿين ڏنڙي ڏينهن،
اُن جا َ ڇڏي ڇپرين، ڪيچ رَسندي ڪيئَن،
ولهيءَ هت وسائيا، سندا محبت مينهَن،
اَديون عبدَاللَطيف چئي، مَنَ پهچان سِيٽن سيئَن.

## فصل چوٿون

(١)

وارو مُون وَٽراهہ، ڪا سُڌ سُونهپ جي نَہ ڏئين،
واري وراڪن ۾، معذور ڪي مَ مُنجهاءِ،
منجهئين پهڻ پيادين، هادي ٿي هَلاءِ،
پريان ڪي پُهچاءِ، لڳي لوٺو نہ ٿيان.

(٢)

وارو مُون وٽڪار، ڪا سُڌ سُونهپ جي نہ ڏئين،
وڙهيا ويراڳن سين، لڪن جا ليارَ،
آهي اسونهئين جي، مٿي تو مَيارَ،
ڪري ٿي ڪُوار، ڪنڊن ڪانڊيرن جا.

(٣)

ڪَنڊا مُون پيرن ۾، توٽي لَک لڳن،
آڳر آگوٺي نہ ملي، ڇپُون پير ڇنن،
ويندي ڏانهن پرينَ، جُتيِ ذاتَ نہ پائيان.

(۴)

جُتي سي پائيندئُون، جَنين پيرَ پرين،
لاٿيون سَڀ پرين، سسئي سُپرين لاءِ.

(۵)

وارو وَرُ وني ويا، آري جا اَظلام،
آندائون آريءَ جا، پنهونءَ ڏي پيغام،
پهه ڪيائون پاڻ ۾، مُنهان مَخفي مامَ،
سَنيوڙا ساٿ ڪٽي، ويساهي وَريامَ،
ڪاڪيون رات قيامَ، جيڏيون جَتَ ڪري ويا.

(٦)

وارو وني ويا جابَر ڪري زور،
بيدي ٿيو پنيور، حشر ڪري هليا.

(٧)

وارو ور وني ويا، ڪري ڏيرَ ڏمر،
هاٽي ٿيو حشر، پُنا قولَ قيامَ جا.

(٨)

وارو ور وني ويا، ڪري ڏيرَ ڏورو،
ساجنَ ريءَ سَرتيون، آتڻ اَڏورو،
نِيءَ سين نِسورو، حشر ڪري هليا.

(٩)

وارو ور وني ويا، جوري سين جابرَ،
صبر ڪِئَنَ صابر، اچي عجيبن ري؟

(١٠)

وارو ور وني وَيا، ڏاڙهيءَ پنيا ڏيرَ،
ڏينديَس ڏاڍين ڏونگرين، اُنهين لئي اُلير،
ڪيچ پُهچي ڪيرَ، وجڻ سينِ وسُ ڪريان.

(١١)

سَنجهي مُون نہ سنياليو، تہ اوني ڪندا اِيئن،
ڪُهي ڪميٽي ڪيئن، جَڏي رات جَتَن ڪي.

(١٢)

سنجهي مون نہ سنياليو، صبح ماريَس سُورَ،
جتن لاءِ ضرور، گهٽا گهاريَم ڏِينهڙا.

(۱۳)
سنجهي مون نہ سنڀاليو، صبح ساريَم سُورَ،
آڏي رات اُڏَميو، ڏين پَلٽيو َ پُور،
جتن لاءِ ضرور، مادَر ماري آهيان.

(۱۴)
سنجهي مون نہ سنڀاليو، ماريَس سُورَ صبوح،
نيڻَ هيرائي نِنڊِ سين، جَتن لنگهي جُوءِ،
هاجو ڪري ِهُوءِ، آڏيءَ رات اُٿي ويا.

(۱۵)
آڏيءَ اوءِ اُٿي ويا، ڪَرَ رکيائون ڪيچَ،
ٻاروچاڻي ٻيچ، مُنهنجو من منجهائيو.

(۱۶)
جَڏيءَ وٺ جالي، مان الله ڪارڻ لڪَ سيئن،
آهي آريءَ ڄام جي، هٿ هُت حَوالي،
عيَبَ مون ۾ آڳرا، َ نرمَل نڪالي،
پرٿياڻي پالي، ڪامل نيندو ڪيچ ڏي.

(۱۷)
پَريٿن پالياس، ٻانڀڻ ٻيٺي آهيان،
حُسنَ هوتَ پنهونءَ جي، ماري مَوتِ وڌياس،
جان ڪي تان جينداس، پِيَس وَر وِصالَ جَي.

(۱۸)
پَريٿَن جي پاڙي، جاڙَ گذاريم جيڏيون،
جنهين مون کي ماريو، سُورن سين ساري،
ارادي آٽي، سانگين سين سَگ ڪيو.

(۱۹)
اسين پاڻ پَرٿ، پورهيت پنهونءَ ڄام جا،
هوت ڪٿوريءَ هيرئون، مون ۾ صابُڻَ چِٽَ،
آتڻ ۾ اُڪَٿَ، ڪانڌَ شَلَ ڪنهين جي مَ ڪري.

(۲۰)
آءُ تان اهڙياءِ، جا ٻانهين ڪي ٻائي چوان،
مون ڪميڻيءَ لاءِ، پنهونءَ تي پرت ٿيو.

(٢١)
گڏيو ڏوہين ڏوءِ، پنھونءَ پارچو ھٿ ۾،
اُتي آريءَ ڄام جو، قاصد آيس ڪوءِ،
ايءُ ڪاملَ ڪم نہ سَندوءِ، جئن پَھس پَچاڙئين پوتئين.

(٢٢)
نہ ڪو ڪيڄ پنھورَ، نہ ڪو مائٽ مُنڌ جو،
ھورُ مڙوئي ھن ڪي، ھوتن ڪونھي ھور،
زاري ڏاران زور، ھلي ڪونہ حبيب سين.

(٢٣)
ڇوري ندوري، نہ ڪو مائٽ مُنڌَ جو،
سَوين ھلن ساٿ ۾، ڪَمي ۽ ڪوري،
آءٌ آھيان اُن ۾، لنگھي ۽ لوري،
لنگھائين لطيف چئي، ٿَرَن جا ٿوري،
آھيان آزوري، تُنھنجي زوري جبل لنگھيان.

(٢٤)
آيل ٻاروچن جو، رويو پيچان راھ،
واري وَسي واٽ ويئي، مٿان موريو گاھ،
مروئن ڪريان منٿون، ڪِينَ نہ منھنجو ماھ،
ھيڪلينَ حبيب چئي، پيلي آھ الله،
جي سرتيُون وجي ساھ، تہ ٿيان حوالي ھوت جي.

(٢٥)
ھوتن ڪاڻ ھُئي، پاڙھي پيم پنھونءَ سين،
ٻانھي ٻاروچن جي، سگِر منجھ سُئي،
ساموٿي ڪيئن مُئي، جنھن جو ھِنيو ھوت ھٽي ويا.

وائي

ڇا ڪي ٿا ڪَرھ قطاريو، مون نماڻي تان ڪِينَ ڇيو،
الله ڪارڻ اوٺيا ائين واڳ وٺي ور واريو،
رھو رات پنھور ۾، ڪا گھڙي ھت گھاريو،
سڪي جنھن سگ ڪيو، تنھن معذور کي ائين مَ ماريو،
سائينءَ ڪارڻ سُپرين، دوستَ درسن ڪاريو،
موڙي مَجرَ ٽاريون، چانگن کي اَئين چاريو،
اُپري عبداللطيف ڏي، واڳ وَھنيلَ اَئين واريو.

## فصل پنجون

(١)

جنَّن سو هَرَڻ هماءُ، سَرگردان سَنسار ۾،
هُو پکِ نہ ڏري پَٽئين، هيُ ڏڙَ سر ڏري نہ ساھ،
جيڪس تن وٽانءَ، سسئي سُورَ پرائيا.

(٢)

رات ڏٺائين روجَھہ پانئي ڪي اوٺي آئيا،
پريتَّي پرين جي، سڪڻَ ڪي سَڀوجَھہ،
هُئي گھٽوَ اَبوجھہَ، سُورَن سُنهائي سسئي.

(٣)

روجھہ ڏٺائين رات، هوت ڳوليندي حب ۾،
ڪيچين جي ڪَڙي ٿي، توءِ تنهين جي تات،
ٻاروچاٽي ذات، منان مُئيَ نہ وسري.

(٤)

جبل ۾ جانار، سَرَھہ گڏبَئي سسئي،
پنيءَ پوءَ پواري، ٻانپڻ جي ٻاڪار،
هَوتاٽي هيڪارَ، موليٰ مون کي ميڙئين.

(٥)

سَرَھہ گڏبَئي سسئيءَ، سوڙهيءَ منجھہ سَهي،
طرح پڇندئي تڪڙي، ٻاروچا ٻَئي،
آٽي ڏيندَئي هٿ ۾، ڪتابتَ ڪَهي،
پنهنجي پانڙَ هٿن سين، واڇيندئن وَهي،
سَمَرُ جن سَهي، تَن ڪونهي اَھک عنايت چئي.

(٦)

سمر جنهين نہ ساڻ، هوت حمايتي تن جو،
ڪري ڇَيج ڇپر ۾، پنهون ايندو پاڻَ،
ٿيندي ريجھہ رهاڻ، لحظي منجھہ لطيف چئي.

(٧)

اڳ نہ ڪَسيو ڪرهو، هيڪ ڪَچو ٻي ڪاھ،
واٽان پاسي ورچي، گورا پاسي گاھہَ،
ڪُٽيندئي ڪامُن سين، ريهُون ڪندي راھہَ،
اُت ڪانهي ٻي ڪا واھ، وَاڳون ڏٽين هَٿ ۾.

(٨)

ڪَچو پَڪو ڪرهو، ڪَهہَ ٿِينديائي ڪانَ،
سُونهون جو ساٿن جو، مُهت لهندو مانَ،
هتي جا هاوانَ، هِتَ اَهڪي ناهہ عنات چئي.

(٩)

پَسي سي سَرَهي ٿي، جن مَيَن لنگهيا مَسَ،
تڙُ تنهين کي ناهہ ڪو، لَڪَ مڙيئي لَسَ،
حُبَ جَنهن کي هوت جي، وندرَ تنهن کي وَسَ،
سَنديءَ چانگن چَسَ، پيرَ ٿرَندَئي پَٻَ ۾.

(١٠)

سسئيءَ لنگهيو سو، مَردَ جنهن مات ڪيا،
جبل وڏو جو، نوڙِ مڙوئي نِينهَن کي.

(١١)

جبل ماري جک، جو آڏو آريچن کي،
توڙي لَڪَن لک، سپ لنگهينديَس سک سين.

(١٢)

جبل جيڏوئي، جو آڏو آريچَن کي،
وٺي وَرُ واٽ ٿيا، برُفتَ بروهي،
رُجن ۾ روئي، پَسان شالَ پَنهونءَ کي.

(١٣)

جبل سُڄن جالَ، آڏا آريچن کي،
هاڙهي ڏانهن هٿ کٽيو، ڇَپَر مڙان شال،
ڪيچي ويڙا ڪالهہ، تي ٿي ڏونگر ڏوريان.

(١٤)

ڇَپَر ڇِمَر پانيان، ڪانپو ۽ ڪارو،
پَٻ وجهنديَس پُٺ تي، صُبُح سوارو،
وڃُڻ مون وارو، ڪين وَهنديَس وچ ۾.

(١٥)

ڇپر ۽ ڇمر، ٿا لَڳهہ لڳن پاڻ ۾،
ڏاڍا ڏونگر ڪَرڪرا ويڌ ونگايون وَرَ،
آءٌ پيادي پَٽئين، َ نماٽي نَڌَرَ،
سوڙهي جت سَڳر، اُت ٻاتاڙيءَ ٻيلي ٿئين.

وائي

هنيَڙو ٿو هُن ساري، منهنجو ساهہ سيد کي ٿو ساري،
جَيڏيون آءٌ هلندي، ويندي هوت ڏي،
هوتڻ هلڻُ من ۾، کيرَ گهَڙي هت گهاري،
آسَرَ پِري آهيان، مانَ واحد آڻين واري،
پنڌ اڙانگا پٽئين، مون کي کوهيارو ٿوَ کاري،
سچو سُخن سُپَرين، مانَ پُنهل پنهنجو پاري،
ڄيرو اندر ڄِندڙي، ويو ٻاروچو ٻاري،
وڏا کم کريم تي، هنَ ويچاريءَ واري،
اَديون عبداللطيف چئي، وَهندُم کِينَ وساري.

## فصل ڇهون

(١)

آڏ ترِڇا آهڙا، ڏونگر کي ڏاکا،
کِيَم آهہ عجيبَ کي، سک مَنجهان ساکا،
پيئي هٿيکي هوتَ کي، کُوک وڃي کَن کا،
منهنجو وَس واکا، ٻڌڻ کم ٻروچَ جو.

(٢)

آڏ ترڇا آهڙا، ڏونگر کي ڏاکا،
وني وَر واٽ ٿيا، بَر ڇڙهي باڪا،
ڦَٽيا پيرَ فقير جا، چڙهندي چَڙهاڪا،
هُينَ جيءُ اندر جا کا، ويا پُڄائي پانهنجي.

(٣)

آڏ ترڇا آهڙا، ڏاکا ڏونگر کي،
هوءِ جي وَر وندَرَ جا، ماريندا مون کي،
هاڙهو هيٺيءَ کي، لنگهائج لطيف چئي.

(٤)

آڏ ترڇا آهڙا، وندر وراکا وَرَ،
حُب جنهن کي هوت جي، سا ڏوريندي ڏونگرَ،
پهچائين پرَوَرَ، لطف ساڻ لطيف چئي.

(٥)
آڏ ترڇا آھڙا، وندر وراڪا واڪَ،
اُجھايَس اُنن جي، قوڙائي فِراق،
پنھون پَرمل پاڪ، واحد لَڳِ وريج تون.

(٦)
آڏ ترڇا آھڙا، ونگا وَرَ واٽن،
جيرا جِگر بُڪيون، آريءَ لَئي آتَن،
ڪشي ڪَنواٽن، سَنپوڙا سيد چئي.

(٧)
ڪوڏر نہ ڪاتي، جنھن سين ٽڪر ٽاڪيان،
جيڪو جبل لنگھيان، سو هَيبَتَ جو هَاٿي،
پرين جا پاتي، سا جَڙ جِيئري نہ لھي.

(٨)
ڪرڙا ڏونگر، ڪَھ گھٽي، جت بَرپٽَ سُجن بَيبان،
ڏاھن ڏاھپ وسري، ٿيا حَريفَ ئي حيران،
سسئيءَ لنگھيو سيد چئي، محبت سين مَيدان،
جنھن جو آرياڻي اڳواڻ، تنھن کي ڪانھي ڪاڪَ ڀِھيرُ.

(٩)
ڪرڙا ڏونگر، ڪھ گھٽي، جت واٽن تي واري،
آڏا لَڪ لطيف چئي، بَرَ سُجن باري،
جا منزلن ماري، سا قادرِ ڪيچ رسائين.

(١٠)
ڪرڙا ڏونگر، ڪھ گھٽي، جَت جبلَ گوناگون،
ليڙن جون لطيف چئي، ٽَنگ ٽَنوارون پون،
جن ڏٺو پير پنھونءَ جو، سي نہ رُون نہ چونُ،
هُوندن مٿي هونِ، لاڳاپا هنَ لوڪ جا.

(١١)
ڪرڙا ڏونگر، ڪھ گھٽي، جت ماٿر مٿاھين،
سُجن ٿا سيد چئي، اُت مِرونَ مَھائين،
آرياڻي آھِين، مَنھَ مَعَذورن جي.

(۱۲)
ڪرڙا ڏونگر، ڪَهہ گهڻي، جت ويا روڏا رنگائي،
ساڱاپي سيڻن جي، تي وندر واجهائي،
رهيس رَس لطيف چئي، تنهن ڪَميَنيءَ ڪاهي،
آرياڻي آهي، مجَهہ معذورن جي.

(۱۳)
ڪرڙا ڏونگر، ڪهہ گهڻي، جت رِڻ تتَو رائو،
تتر ٿئي مَ تن کي، ڏونگر ۾ ڏائو،
جڏهن ڄام پنهون ڄائو، تڏهن ٿي وَسَ وڻڪار ۾.

(۱۴)
ڪرڙا ڏونگر ڪهہ گهڻي، جت مينهن وَسن ماڪُون،
سڄَن ٿيون سيد چئي، هاڙهي جون هاڪون،
جت اَنڌيون اَوطاقون، تِت ڪاهي رسج ڪارَڻي.

(۱۵)
جاڳي جاڳي سسئي، جان هيجان هٿَ وڌاءِ،
تان سُڃي سيج پرينءَ ري، پنهون پٿَر ناهہ،
اُتي ائين چياءِ، تہَ گهوڙا گهر نہ سُپرين!

(۱٦)
سڪي جان سُتياس، تان سڪ سُمهڻ نہ ڏي،
جاڳي سُتيَس جن لئي، سيَ آيا تان نہ اُٿياس،
پيئرُ آءُ پُلياس، نہ تہ سڪ سمهڻ ڇا لڳي.

(۱۷)
ماڻڪ مِٽ سَندوم، اونداهيءَ ۾ سوجهرو،
حَشرَ ويلَ حسابَ ۾، ڇڏي نہ ويندوم،
ساريو سَڏ ڪندوم، ڪوهيارو ڪيچَ ڌڻي.

وائي

ونديس ڪيچ ڪهي، سيڻن سان سَهي،
وو پيئرا آءٌ جيندَيَس تان نہ جَتَن ري،
وهان ڪيئن ماَٺ ڪري، هيڏو سور سَهي،
هَيڏي شَهر پنيور ۾، ساريان ڪونہ سَهي،
اڳيان آريءَ ڄام جو، سُڃي سات سَهي،
صُبوح ڏونگر ڏوريان، ڪنهن پر رات رَهي.

## فصل ستون

(١)

پيہَر پناٹن سين، ٻوليءَ جي نہ ٻُجهن،
آءٌ سنڌي پڙ نہ سمجهان، هُو پارسيون پُڇن،
مُون پَڻَ ملا تن، سرتيون سُور پرائيو.

(٢)

بُرو قازا بات جن جي، ٽانگو روان شيشي،
ڏِين پارسيون پاڻ ۾، اَيزا بليشي،
ليڙا رات لطيف چئي، نڏائون نَيشي،
پنهون پَرويشي، ڪج پيادِن جي پنڌ ۾.

(٣)

بُرو بگِيردَ بامَ بَليخا، مون پروڙِي مامَ،
ٽوءُ دئي ٽوءُ مان خشتگان، ڪٿئون ڇُلي ڇپرَ جي لام،
اچي پيئي تِنهين سام، دراھ ڪن جي.

(٤)

جيڪر روان روش، مَروشي محبوب ڏي،
مَنا گُشي مَولدَئي ديوان پنهونءَ دوش،
ٽوءُ گوڪي مَنين گوشُ، سُٽي مان سگهي ٽيان.

(٥)

قازا قيريائون، مَهارُون مَيَن جون،
مَروشي جبل روون، وائي واريائون،
مون ڪي مارِيائون، ٻاروچي ٻوليءَ ڪري.

(٦)

قازا ڏيرَ قگهين ويا، هُئا جو راٽا جَتَ،
اَيد اَندو اَيگوا، هُن پلاٽيا پَربتَ،
ماٿهو ڏِينمر مَتَ، آءٌ لچ بلوچيون نشتگان.

(٧)

داسا داڪا داري، هنداري هُئام،
هرداسا هن حال جي، هتي هوتَ ڏنام،
پَذيري اَيندام، پائي پَيچ پريت جو.

(٨)

ايشان ايشان ڪن، واچڙ جي وائي،
سُٽي هُل هودي جو، مڙياس ميائي،
منَ رَبکَ ومَن نَبِيُکَ وَمَا دِينکَ، اِيءَ پروڙيان وائي،
هيءَ جا ٻوليَ جَنڙين، سمجهيم نہ سائي،
قضا جا ڪريم جي، اِنهي پَر آئي،
سسئي جا سائين، پنهونءَ رسج پَٻ ۾.

(٩)

برو بگيرد بي، ٿا ڏين پارسيون پاڙ ۾،
مون لوڏان ئي لکيا، تہ هاجو ڪندا هي،
ماريندا مون کي، پنهون نيندا پاڙ سين.

(١٠)

پنهونُ ساڙ پريت جو، ڪو پيئڙم پيچ،
ڪنديس ڪَشالا قاف جا، هاڙهو پانيان هيچ،
ڪاهي مَٽنديس ڪيچ، ديرو دوست پنهونءَ جو.

(١١)

پنهونءَ سين پريت جو، ڪو جو پيچ پيوم،
پَنيي هن پنپور ۾، وهڻ وهہ ٿيوم،
مٿيون موَٽڻ سنديون، ڪاڪيون ڪيمَ ڏيوم،
سرتيون ساهہ سندوم، ٿيو حوالي هوت جيَ.

(١٢)

ڪُڄاڙيا ڪاهي، سُتر اُن سينگاريا،
ٿِليون، ٿونر هلويُون، ويا چيريُون چمڪائي،
لَنگهيا لَڪ لطيف چئي، ويا ڪَرهَل ڪُڏائي،
ٻانپڻ کي ٻروچ جو، آسرو آهي،
واڳون ورائي، ڦيرين مانَ فقير تي.

(١٣)

ڏانجهن تي ڏانجها، ڏنائون ڏُکيءَ کي،
لَڳِيَس نائڪ نينهَن جي، ڪُڙ اندر ڪا جا،
ٿَرن ۾ ٿاجا، ڪَري مُنڌ مروئن سين.

(١٤)

ڪو منهن ڪُنل آئيو، وَس نہ وَيچاري،
هوت تُنهنجي هٿ ر، پهچي نہ پاري،
اچين جي آري، تہ پاند پُڄي لَڪ لنگهيان.

(١٥)
ڪو منهن ڪنل آئيو، ناهہ ويچاريءَ وَس،
هوتَ تُنهنجي هٿ ري، گولي ٿئي نہ گس،
ڏُکَ ڏُکيءَ کي ڏَس، تہ موڙهيءَ ڪو مُنهن ٿئي.

(١٦)
ڪڏهن تان پاجهہ پئي ساڄن مُنج سلامر،
سک تُنهنجي سُپرين، ڪيو تَن تمامر،
هَٿين هاج وهہ ٿي، نيٽين ننڊ حرامر،
دوست نہ سَهان دامر، تون وندر ٿو وَيلا ڪرين.

(١٧)
آئي بُوءِ پنپور کي، سُرهي مَنجهان ساٿَ،
پٽيان بازارن ۾، لاهي جَت جَباتَ،
سنديءَ هوت حماتَ، ڪيچ پهتو قافلو.

(١٨)
بَرَ مڙوئي بُوءِ، ڇپرَ ڇاٺُون مُڪيون،
ٻهہ ٻهہ ٿي پنپور ۾، هنڌ مڙيئي هُوءِ،
راٽِين وري رُوءِ، گوندرَ لٿا گولئين.

(١٩)
جڏهن پيئي ڇَٽَ، ڇپر هوت پنهونءَ جي،
پَرَ هي وينا پَٽَ، گوندَر لٿا گولئين.

(٢٠)
جڏهن پيئي بانَس، ڇپر هوت پنهونءَ جي،
اَديون آريچن جا، وٽن مُڪا واس،
آيل پُني آسَ، پنهون آيو ڪيچ ۾.

(٢١)
آيل اوطاقُون، ڪَري ڪيچي هليا،
سُڪيون نہ سيٽن جون، ماڳن تان ماڪُون،
نسوريو نائڪون، سَڄي هليا سُورَ جون.

(٢٢)
جَتَن سان جانڪون، سرتيون مون سڱ ٿيو،
ڪَري ڪوهيارو ويو، تن ڇني تانڪُون،
آءٌ پڻ تڏهانڪُون، اڏ ڏُکوئي آهيان.

(٢٣)
متان ڪا ٻڙي، ٻولَ ٻاروچي وهسي،
ھُوندَ نہ سُتيَس سرتيون، ويهي رهيَس وري،
جَتَ پنهنجي جُوءِ ۾، گهارين ماڻَ گهڙي،
ڪيچن آءُ نہ ڪَڙي، ڪنهن ڏُکيءَ ڏاوَڻَ ڏائيو.

(٢٤)
ڏيرن ڏوهہ نہ جيڏيون، ماءُ مڙوئي مون،
آءٌ اَسونهين اوءِ سُونهان، پرين پيلا پريُون،
اصل آريءَ ڄام جو، پاندَ نہ پُڄتو سون،
جنهن جو تُون هين تُون، سي پيادئون پهچائيين.

(٢٥)
اديون آءٌ نہ تيئن، جيئَن پريتَڻو پريَن سين،
ٻڌي سُتيس نَہ سوگهو چلور ڇاتيءَ سيئَن،
ڪيچي ڪاهي ڪَرها، مونهان وڃن ڪيئَن؟
ڏوهہ منهنجي ڏينهَن، پنهونءَ ڪي ڪامَ ڇئي.

(٢٦)
وَرَ مَ وساريج، آهيان تُنهنجي آسري،
ڏاڍو ڏونگر جو سُڄي، سو لُطفَ سان لنگهائيج،
آسري اُنهين وير تون، آريءَ ڄام اچيج،
نماڻيءَ ڪي نورُ سين، لالن لڏائيج،
ظُلَمتَ جا زمين جي، سا نِرملَ نُور ڪريج،
ڪاملِ ڪَن ڪريج، فَريادِيون فقير جون.

## وائي-١

لَڳڙي آهي لَغارَ، وو يارَا! لونءَ لونءَ مَ لالَن جي،
سَندَ سَندَ ۾ ساڄن جي،
آءٌ سُتي، هو هليا، سَنجهي ٽيڙا سَوار،
جيڪي اورڻ پرينءَ سين، جيڪي پرينءَ پَچارَ
ڪوءِ سي جيَڻ ڏِينهڙا، پرينئان ڏار،
لڳي آهي، نہ لهي، سندي عشق پچار،
گهٽو اُڪنڊي آهيان، تن جَتَن سندي جنسارَ
گڏي وينديَس گس ۾، ڪاڪيون ساڻَ قطار،
ميخون محبت سنديون، هنئڙي منجهہ هزار،
ڪانگن قطارون ڪيون، ڇڪي ڪي چوڏار،
آءٌ نماڻي نِڪٽي، دَمج تون دِلدارَ.

## وائي-۲

هوتَن بنا ني ميان، دردَ فراق ني ميان،
پنهوَنءَ َسائينءَ جيڏيون، اَلو اَلو ماري آهيان،
اَديون آريچن جي، آءُ نهوڙيَسَ نفاق،
ڏونگر ڏوريو نہ ٿئي، مون ولهيءَ کان واڪ.

## وائي-۳

تن پريَن کي اُڪنڊي آءُ، لَڪ لنگهيائون، ڏيرَ قراريا ڏيهہ ۾،
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، ٻانيڻِ اُڃلي ٻانهون،
باسي حويَس پريت جي، ٻانيڻَ ڏيءَ نہ آءُ.

## وائي-۴

چوري چڱ مَ چيرين، ٻاروچَلَ ٻانهي،
جانبَ جهڙو جَڳ ۾، ناهي ڪو ثاني،
پُنهل نِيو پاڻ سان، پورهيتِ پرٽياڻي،
پورهيو ڪنديَس پرَ جو، پرينديَس پاڻي،
هوت مَ چڱ هيڪليَ، هيءَ جا وندُر وڪاڻي،
اديون عبداللطيف چئي، ايندُم آرياڻي.

# سُر ڪوهياري

## فصل پهريون

(١)

لَيلَ نہ جاڳئين لڪ سيئَن، ڪُلي نومَ ڪياءِ،
قُم ٿي پهچ قَريبَ کي، اِجلس تو نہ جُڳاءِ،
مُٺي مهمانن سين، ويهي رات وهاڻءِ،
جيلان نِنڊ ڪياءِ، تيلان روزِ رهَين ٿي راهَہ ۾.

(٢)

ليل نہ جاڳئين لڪ سيئَن، شام سٽُيئن سپ رات،
اوڳي اونيڙَن جا، ٿي پَهہ پُڇين پرڀات،
ٿيُ سَڳر تن جي ساٿِ، تہ پوري ڪنهن ڀال مڙين.

(٣)

ليل نہ جاڳئين لڪ سيئَن، سُتيئَن رات سَڀي،
هٿان هوتاٽِيَن جون، ويون خُرزينون کَڀي،
پَوري تون نہ َپڀي، سبب ڪنهن ساٿِ مڙين؟

(٤)

اِجلس ڪَري اُٿيا، ٿَنواريو توڏَن،
نوم نوازي اُن کي، مَرَحبا موڏن،
رڙهي رَس روڏنَ، ”اَليَومَ سِيرُوا“ سسئي.

(٥)

غافِل غَلتَ ڇوڙ، تون ڪِيئن اَٽاسي اوجهرين،
ڇُپاتا چڙهي ويا، وِجي پهتا توڙِ،
نيٽين ننڊ اُڪوڙ، جِم وَرن ۾ واڪا ڪَرين.

(٦)

ننڊَ ويرياٽي هوءِ، جيڏيون جمَ سُمهو،
مَتان مُون جيئَن، پوءِ ورن ۾ واَڪا ڪريو.

(٧)

سَنجهي رهين سُمهي، غافِل منجهہ گهرَن،
ليڙن جو لطيف چئي، ڪرڳل سُوئي نہ ڪَن،
سي ڪِيئَن مُحب مِڙن، جي سَنجهي رهن سُمهيَ.

(٨)

الوڙا اڪين، آيم ننڊ اَياڳ کي،
هاٽي هنَ پنهور ۾، گهَاريان ڪارڻ ڪن،
اديون اَونيڙَن، هِنئين سان هاجو ڪيو.

(٩)

جڏهن سُتيون جي، پٿر پير ڏکها ڪري،
تڏهن تنهِين کي، ساٿَ سُتي ئي ڇڏيو.

(١٠)

سُتيئَن پير ڏکها ڪري، وڏي جاڙَ ڪياءِ،
دَر پِرَ اُپيئَن دوست جي، تہ سرپر توءِ سُٽياءِ،
اصل آريءَ چام جي، سَڳي تَون نہ سياءِ،
پنهونءَ سين پياءِ، ته نِياڳي ننڊون ڪَرين؟

(١١)

اي ڪم ڪميٽين، جڻَن سُمهن پير ڏکها ڪري،
لوچين چو نہ لطيف چئي، هاري لَئي هوتَن،
ننڊان نِياڳين کي، اويالا اچن،
سي پنهون ڪوهہ پُڇن، جي سنجهي رهن سمهي.

(١٢)

سُتيئَن سَواري، مُنهُن ويڙهي مُئَن جئَن،
ڏِنئي نہ ڏيرن جا، ڇوڏاري چاري،
تيلان ويچاري، ساٿَ سُتي ئي لڏيو.

(١٣)

سُتين سَنجهي ئي، مُنهن ويڙهي مُئَن جئَن،
اوجاڳا اکين کي، جاتئَي نہ ڏيئي،
هٿان تو پيئي، ته ڪچو ڪيچينَ ڪرين.

(١٤)

اوجاڳا اَجاڻ، ڪِيئي نہ ڪميٽين جئَن،
اساري اهڙيءَ پَر، پِيئي ڪچين سين ڪاڻ،
ٻانهي چايو پاڻ، ته سَڄيون راتيون سُمهين.

(۱۵)

نندڙون ڪيئَن ڪجن، هاري مُنڌَ محمود چئي،
تَو سي ئي سيڻَ ڪيا ڀِهہ اوڇتا جن،
ڪڏهين ڪِينَ سَڄن، ويسرَيون وَرَن سين.

### وائي

گلا ڪامَ ڪري، لکيو تان نہ ٽري،
پڙي جيڏيون منهنجي ووا شهر ڀنڀور ۾،
جو سينگار سَرتئين، سو مون ناهہ ڳري،
جهڙي تهڙي حال سين، وڃان ڀيرَ ڀري،
جنهن وڻ هينئان هليا، سَڄڻ سانگ ڪري،
لامُون تنهن وڻ سنديون، لوڏيان لايان ڳري،
قضا جا ڪريم جي، ڪنهن تان ڪينَ ٽَري،
جيڪي لکيو لوح قلم ۾، پاڙيان سو پڙي،
اديون عبداللطيف چئي، ڪل قادر ڪَرم ڪري.

## فصل ٻيو

(۱)

ڏونگر تون ڏاڍو، ڏاڍا ڏاڍايون ڪرين،
مَون تنَ اندر تِئَن وَهين، جئن وڻ وڍي واڍو،
ڪرم جو ڪاڍو، نا تہ پٿر ڪير پنڌ ڪري.

(۲)

ڏونگر ڏک سنداءِ، پرينءَ ڳڏجان تہ چوان،
پنيءَ ٽئين پورائون، ٻيا ونگا وَرَ سَنداءِ،
ڇڳي ڪانہ ڪياءِ، پير وڃايئي پرينءَ جو.

(۳)

ڏونگر ڏَس پريَن جو، قاف نہ ڏئين ڪو،
قطاريا ڪالهہ ويا، توڏا وٿان تو،
هوت مُئي جو هو، ساڄن اُنهيءَ جي ساٿ ۾؟

(۴)

ڏونگر ڏس پرين جو، قاف نہ ڏئين ڪلَ،
قطاريا ڪالهہ ويا، توڏا توهين جهل،
سُٽي هوت هڪل، مانَ ٻُڌي ٻاروچو وري.

(٥)
ڏونگر ڏوراپو، پهريون چونديس پرينءَ کي،
تہ پهڻَ پير پٿون ڪيا، تَريون چنيون تو،
رحم نہ پيئي روح ۾، قدر منهنجو ڪو،
واڪو ڪنديَس وو، مون سين جبل ٿو جاڙون ڪري.

(٦)
ڏونگر مون مَ ڏُکوءِ، آءُ اڳ ڏکوئي آهيان،
تيلانهين تون تنگ ڪرين، جيلانهين آءُ جوءِ،
ساريان ڪو نہ سُکوءِ، سُورَ گهٽي ئي سَنيِران.

(٧)
ڏونگر ڏُکوين کي، دلاسا ڏجن،
گهڻو پُڇجي تن کي، جن وٽان هوتَ وڃن،
تون ڪِيئن سَندا تن، پَهڻَ پير ڏُکوئين؟

(٨)
ڏونگر ڏُک پئي، مون توسين ڳالهہ ڪئي،
پاٽا آءُ مُئي، سور سُٽائي پرينءَ جو.

(٩)
ڏونگر مون سين رو، ڪڍي پار پَنهونءَ جا،
سڄڻ هوم هيڪڙو، ويو ڦوڙائي سو،
ڪنهن کي ڏَيان ڏوهہ، مون سين ارادي اَئن ڪيو.

(١٠)
ڏونگر ڏُکوئيون، تو ۾ اورڻَ آئيون،
جي اچن ڦوڙائيون، ڏجن دلاسا تن کي.

(١١)
ڏونگرَ ڏُکوين کي، ڳل نہ سُکا ڳوڙها،
هوءِ جي پهڻ پَبَ جا، سي پيچي ٿيا پورا،
گوندر جا گهوڙا، وڃن جان جدا ڪيو.

(١٢)
ڏونگر ڏهاٽي، پاڻ مٿان گهوريان،
تو منجهہ رِهاٽي، سدا ٻاروچن جي.

(١٣)
ڪي جي ڪڍيا پارَ، ڏُکيءَ ڏونگر پاڻ ۾،
سُٽي سا تنوار، مِرون پيا مامري.

(١۴)
ڏونگر ڀُونيَن ڪيرَ، سڄڻَ ميخون ڏونگرين،
ھھڙا سيڻ سُڌيرَ، ڪين لهندئِن ڪي پيا.

(١۵)
ٻَئي وينا رُون، ڏُکي ڏونگر پاڙ ۾،
ڪنهن ڪي ڪينَ چون، مَنجهن جو پريتڙو.

(١٦)
اڄ پڻ وينو روءِ، ڏکي ڏُونگر پاڙ ۾،
ڪوهياريءَ جو ڪوءِ، اچي سُور اُڌميو.

(١٧)
ڏونگر تہ ٻيلي، ڏِڄي ٻن ٻيلين ري،
ڪانہ ڇُلندي ڇپرين، ساٿس سَهيلي،
چوٽيون چنبيلي، جڏَن تڏَن جهاڳي اُڪتي.

(١٨)
ٽَپي ڪندي ڪوهہ، ڏونگرَ ڏکوين ڪي،
تون جي پهڻَ پَٻَ جو، تہ لڳ منهنجا لوهہ،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهہ، اَمر مون سين ائَين ڪيو.

(١٩)
جڏَن جڏَن ڪَڪَر اُڀ ۾، تڏَن تڏَن ڏونگر ڏيٺ،
مون تان تَنهين هيٺ، پيير نهاريو پرينءَ جو.

(٢٠)
اِئين رهيسَ راهہ ۾، اُونهن ئي هَٿَ هٿي،
ويا خيالَ ڪٿي، ماءُ منهنجو جندڙو.

(٢١)
ماءُ منهنجو جندڙو، ڪنيو خيالن،
ڪُوڙَنَ ڪَذابن، ڏاگهن ڏَڏي آهيان.

(٢٢)
ٻڙي تہ ٻيلي گهٽا، سائي پُڇي سُک،
رفاقَتَ رُجن ۾، ڏونگر ڪاري ڏک،
آريءَ جو اَهک، مون رهنما راهہ ٿيو.

وائي

آھيان جن سندي، ڙي! اڙي ميان!
مون ڪي سي نہ ڇڏيندا ھوتا!
پَھائيندَيس پنھونءَ ڪي، آءٌ ٻچيءَ پائي گَندي،
ويٺي آھيان واٽ تي، آھيان آسروندي،
پرين پُڄاڻان ھتھين، آءٌ رتي تان نہ رھندي.
ڪرم ساڻ ڪريمَ جي، (لطف ساڻ لطيف چئي)،
آءٌ پرينءَ مِلندي.

## فصل ٽيون

(١)

رويو ويٺي راڳ، اَمڙَ اوريان نِجھرو،
لاٿو ڏيھ وٽن سَان، مون لاڳاپو ۽ لاڳ،
ڏونگر سي ڏورينديون، جن اندر ٻري آڳ،
ھوتاڻي ھِن ماڳ، مون ڪي ڇڏ مَ ڇپرين.

(٢)

مون ڪي ڇڏ مَ ڇپرين، ھت ھوتاڻي ھاڻ،
اوڏي مُنڏ اُٺَن ڪي، الله ڪارڻ آڻ،
پورھيو ڪنديس پاڻ، اڳيان آريچن جي.

(٣)

مون ڪي ڇڏ مَ ڇپرين، ھوتاڻي ھن ھنڌ،
توسين پونديَس پنڌ، ڏينديس باھ پنپور ڪي.

(٤)

مون ڪي ڇڏ مَ ڇپرين، حاذَق ھوتاڻي،
توئي لئي ڪاڻي، ڏُکي ڏوري ڏونگرين.

(٥)

مون ڪي ڇڏيائون ڇپرين، پوءِ رَھايَس پاڻَ،
جي پلايون پاڻَ، تن ڪي رس رَسيلا راھ ۾.

(٦)

سُتي پون ڇِرڪ، آيلِ ٻاروچن جا،
وَھَم وھاڻي ور ري، ڪَوھياري ڪڙڪَ،
ڏڙ ڏُوڙِيو تنھن ڏَکَ، جڏيءَ جِيَڻ نہ ٿئي.

(٧)

ستي پون چرڪ، آيل پاروچن جا،
پنهونءَ جي پيڪان جون، راسيُون مَنجهان رُڪَ،
هَنيَم هوتَ ڪرڪَ، لوچان لوهه نه نِڪري.

(٨)

جيهي جي تيهي، ته به پانهي پاروچن جي،
حُجت هوت پنهونءَ سين، مون ڪميڻيءَ ڪيهي،
اصل آريءَ ڄام جي، پلئه آءٌ پيئي،
هُوءَ جا پائِين پيرَ ۾، تنهن جُتيءَ نه جيهي،
وساري ويهي، تن ڪيچين کي ڪيئَن رهان؟

(٩)

هُئي جي نه هُئي، ته پانهي پاروچن جي،
اُنَ سگ مُقابل سسئي، سَندين تي سُئي،
هُن تان لڄَ لُئي، هن جو هلڻ هوتَ ڏي.

(١٠)

گولي بَندي ڏاههِ، زَر خَريدي ڄتَن جي،
اَڄ پڻ عنايت چئي، هَٿ آرياڻي آهه،
سو مون سَڏُ سُهاءِ، جئن پانهي ڪوٺين پاڄهه سين.

(١١)

ڪَنيزَڪَ ڪيچين جي، پانهي پانهوتي،
پئي پاروچي هٿ ۾، ڇُگن سر چوٽي،
پانيڻ ڪي موتي، پاٺهي پُڇندو پب ڏٽي.

(١٢)

ڪنيزڪ ڪيچين جي، پانهوتي پانهي،
سي ڪئن وڃن وسري، جي جيءَ اندر جاني،
اڱڻ اَماني، شال َ ڪيچين جي ڪامَ ٿئي.

وائي

مون کي نيندا سانُ، پاروچا پاڄهه پَئي،
ڏيندا مُون ڏُکيءَ کي، الله لڳ اُهڃاڻ،
”لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللهِ“، پريَن چيو پاڻ،
”اِنَّ اللهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا“، سچو اي پَرياڻ،
اَديون عبداللطيف چئي، اهڙو آهي اڳواڻ.

# فصل چوٿون

(١)
ڳائو نہ وائو، اَديون آريچن جو،
لنگهي پَبَ پري ٿيا، ڇڏي رِڻ رائو،
ڏيئي ڦوڙائو ويا، ويچاريءَ سُپرين.

(٢)
ڳائي نہ وائي، اَديون آريچن جي،
ڪَنهن پَر ڪَهي لنگهيان، جبلَ جهاجهائي،
جيڪس واجهائي، هاڻي مَرنديَس هوت لئي.

(٣)
هلڻ سَهان نہ هوت جو، ڪوءِ وڃڻ وائي،
ڪڙيا پئد خرزيون، ڪشين ۾ ڪيچائي،
اسباب عنات چئي، اُن جا سُونهن رڪيائي،
ڏسڻ ڏونگريَن جو، تن ڪي تسلائي،
مارِ مَ مُون مائي، تہ روئي هوت رَهائيان.

(٤)
هلڻ سهان نہ هوت جو، وڃڻ آءٌ گهوريان،
هُون هميشہ هتهَين، تہ ڏونگر ڪوهہ ڏوريان؟
اڪين سان اوريان، پسان شال پنهونءَ کي.

(٥)
هلڻ سهان نہ هوت جو، وڃڻ مُون نہ وَس،
الله آريچن جي، گولي ميڙئين گس،
پرين پَنهوارَ پُڇان تو، ڏونگريا مون ڏَس،
اڪين جي آرَسِ، مُنڌ جيهائي جوڙ ڪي.

(٦)
هلڻ سهان نہ هوت جو، وڃڻَ مَ واريو،
رهو رات ڀنڀور ۾، ڪا گهڙي هت گهاريو،
معذور مَ ماريو، سِڪي جنهن سڳ ڪيو.

(٧)
مون ڪي جنهن ماريو، آنڪي گڏيا سي،
تَن ۾ طاق ناهہ ڪا، اَدا اُنهين ري،
سُورَ سٿُم تي، جيلان ڳالهہ ڳري ٿي.

(٨)

مُون کي جنهين ماريو، سُڄاتَم سيئي،
پنهونءَ پيڪا پَڄَنديا، ٻلن تان ٻيئي،
ويڄَنئا وَيئي، ٿـِي وهيٽي سَڄَٽين.

(٩)

مون کي جنهين ماريو، سُڄاتم پاٽان،
لوهو لڳن ناهہ کي، سَنڌَ مڙيئي ساٽا،
دارونءَ جا داٽا، ڏِنَم هوتَ هٿن سين.

(١٠)

پَرتوو پنهونءَ جو، کَي چائين، کي اُسَ،
قَِريباٽي ڪسَ، آهي کَرَ ٻکَرڙي.

(١١)

پرتوو پنهونءَ جو، سَهائي سياهہ،
مُنهن ڏيئي مون آئيو، رنگا رنگي راهہ،
ڀَهرين ڏيندا پاهہ، پوءِ رڱيندا رڱ ۾.

(١٢)

پرتوو پنهونءَ جو، جُهڙَ جڳَن جهالا ڏي،
آءُ تنهن آريءَ کي، ونيو راهہ رئان گهڻو.

(١٣)

پرتوو پنهونءَ جو، رڱيائي راحت،
ڀانيان ڏينهُن ڀَوارَئون، ساڃَن لاءِ صحت،
مِني مصيبت آهي، آريءَ ڄام جي.

وائي

ٻاروچي ساڻ! ٻڙَي اي جيڏيون! هيڪر ٿيان هيڪاندي،
چڙهي نہ سگهان چوٽئين، يار بنا دل ماندي،
پهچائج پنهونءَ کي، هي پيادڙي پاندي،
پينر هن پنيور ۾، آءٌ اِرادي آندي،
پورهيت پنهونءَ ڄام جي، باندن جي باندي،
ڪرم ساڻ ڪريم جي، ڪيچي ٿِيندم ڪانڌي.

## فصل پنجون

(١)
ريءَ قَريبَن قُوت ڪيو، آءٌ ويني ورھ چَران،
اِن عذابان اڳهين، مادر چو نہ مَران؟
اَديون جو نہ اوھان، سو مان سُور سَرتيون.

(٢)
ري قريبن قوت ڪيو، ورھ چران ويني،
ٻانيڻ ڪي ٻروچ ري، ٿي ڏُکن سين ڏيني،
توَ پُڄاڻا سُپرين، آءُ سُورن سانپيتي،
جا مرضن مَروتي، سا سَرتيون ڪِيئَن سگهي ٿئي؟

(٣)
سَرتيون ڪيئَن سگهي ٿئي، ويڙهي جا وِرهَن؟
چت جنهن جو چُور ڪيو، ڏُکويو َ ڏُکَن،
پُڄاڻان پرينَ، اديون اگهي آهيان.

(٤)
اديون اگهي آهيان، پرينءَ پڄاڻا،
سي ڪوهيارا ڪيڻ ويا، ساڄن سياڻا،
جي سسئي سيباڻاَ، سي وجي ڪيچ قراريا.

(٥)
حقيقت هن حال جي، ظاهر ڪريان ذري،
لڳي ماٺَ مروئن ڪي، ڏونگر پون ڏَري،
وجن وڻ ٻري، اوپر اُپري ڪينَ ڪي.

(٦)
حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان زبان،
لڳي ماٺ مروئن ڪي، رَسي سُور شبانَ،
ٽاڪر ٽڪي ڪانَ، جبل سيَ جَلي وڃي.

(٧)
جي حب نہ هلڻ سگهِيا، جَڏا ميڙ جليلَ،
لنگهائي لطيف چئي، نِجن ڪيچ قليلَ،
وساري وسيلَ، متان مارڳ ڇڏئين.

(٨)

ساريان ٿي سَبيلَ، پُر تقصيرون پاڻ ڏي،
متان مونکي ڇڏئين، آريءَ جام اصيل،
وَرُ ولهن جا وسيل، رَس رهبر راهہ ۾.

(٩)

اچيو اَچيو چون، وهہ ويا تہ گهوريا،
سَرتن سانگ سُکن سان، مون جئَن رت نہ رُوَن،
او مَرُ وينيون هُوَن، مون سانگا تو سُورَ ٿيا.

(١٠)

سرتيون سور اتن، جئَن کوهہ ٿيون پٿر پَون،
گهاءُ نہ لڳن گهَٽ جو، ريا مان ٿيو رَون،
ڇيتاريو نہ چَون، پارَ پنهنجي پرينءَ تان.

(١١)

جَڙ جا هنيم جَت، تنهن کُجهيءَ ڳاريم جندڙو،
اندر ريلا رت، ٻاهَر ٻاڦ نہ نکري.

(١٢)

پسيو ذرا ٿئي، ٻلَر لڳس ٻاڻُ؟
سا مُنڌ مري نہ جئي، پيئي پچاڙي پاڻ،
سسئي سُورن ساڻَ، سَنيوڙي سيد چئي.

(١٣)

کڏهن ڏِنيم کا نہ کا، سرتيُون سراهي،
ڏِهاٽي ڏيرن ۾، وَڃڻ جي وائي،
جي نہ آءٌ ڄائي، تہ عيب نہ لڳو هوند اوٺئين.

(١٤)

تو اڳ نہ سيون کڏهين، هاڪُون هاڙهي جُون،
کيچان اوري کيتريون، معذوريون ميون،
واتون ويهہ ٿيون، کوهہ ڄاٽان کهڙي ويا.

(١٥)

واٺن سهي ويا، وَر منجهاني واسيا،
اِهڙا هوت هئا، سُڃَ کيائون سُرهي.

(١٦)
اَڻ ڏٺيوئيون ڏُکن جي، ڪوهہ ڏٺيون پَٿر پَون،
ناهہ اوراتو اُن کي، ڏٺيون لوڪَ رياڻون رَون،
پَنَڌ پيڙيون هونَ، پار تنهين جا پڌرا.

وائي
توڙي نين نہ نِين، آلو ميان! آءُ اُنهين جي آهيان،
زورو هن ضعيف سين، ڪاملَ ڪوهہ ڪَرين؟
جَتَ پنهنجي جُوءِ ۾، جانب مانَ جَتِين،
پڪ پَدمَنئان اڳري، سُرڪي مانَ سڄين،
ٻَانهي ٻاروچا پنهنجي، سَگُر مانَ سڄين،
پيرين آءُ نہ پُڄڻي، ڪَرهَل هوءِ نہ جهلين،
اديون عبداللطيف چئي، نِينهُن نِباهيو نين.

## فصل ڇهون

(١)
ڪنهن پر رُئان پرينءَ کي، روئي نہ ڄاڻان،
مٿي ڪيو پُٽان، هنجن هاڻا هٿڙا.

(٢)
ڪنهن پر رُئان پرينءَ کي، اندر ناهہ اُساٽ،
لوهوڪا لَکن تي، ويري مٿي واٽ،
ڇپر ۾ ڇُونڇَاٽ، ڏِنَم ڏُکوين جا.

(٣)
ڪنهن پر رُئان پرينءَ کي، پچڻَ ناهہ پچار،
اندر ٿي آهون ڪري، ڪاٽي منجهہ خُمار،
گريبيءَ جي گُفتارَ، ٻي پت ٻاروچن ۾.

(٤)
ڪنهن پر رُئان پرين کي، پارُ نہ ڄاڻان پنڌ،
ڪيچين ڪارڻ ڪنڌ، نايو ٿي نَعرو هڻان.

(٥)
ڪنهن پر رُئان پرينءَ کي، پار نہ ڄاڻان پير،
پَنڌ مون پيڙو ٿيو، سورن لاءِ سير،
آريءَ لئي اُلير، رقص ياڳي رَنَ جي.

(٦)
ڪنھن پر رُئان پرينءَ کي، رُئن مون رياءُ،
ٻَرن ۾ ٻڪاءُ، ٻيءَ پَتِ ٻُڌم جيڏيون.

(٧)
سُڄَ وَسندي تن کي، جوش جَلايا جي،
طالبَ جي تحقيق جا، نِينھُن تنھين وٽ ني،
ٽيڏي پَسي ٽي، ھُو تان َآھي ھيڪڙو.

(٨)
ٻيون ڏيئي ٻين کي، ھلج پاسي ھيڪَ،
وَرُ نہ سَھي ويڪَ، تون ٽيڏي ٽِيايون ڪرين.

(٩)
اچا تون اَواٽ، واٽان پاسي ويسَري،
سُونھي ٽي سواٽ، تہ منجھان دل دُک لھي.

(١٠)
ٻانھين پَسي پٻ، متان ڪا مُنڌَ ڏئين،
اڳيان َڪؤم ڪٻ، اِي قالي آڏو ڪيچ ڪي.

(١١)
ڏاڍي لُڪَ لَڪَن جي، پَٽَن ٻوءِ پَچاءُ،
ڇپر ڪوسو واءُ، ھَريا تو نيڻَ ڪيا.

(١٢)
ڇِنَن توءِ مَ ڇن، پاءِ اُميري اُن سين،
جِي َھوءِ اُوڳُڻَ ڏيَنئي سسئي، تہ تون ڳُڻَ ڏيئي ڳِنھ،
پُنيءَ لڳي پن، ھَن سُنھاري سَڱَ کي.

(١٣)
منزل دُور من تنھا، جت ڪن ٻوليُون پاپيھان؟
نہ ڪا پھر نہ پيچرو، نہ سُجھن کي ڪينھان،
لکيءَ جون لِيھان، ٽي ٽوريان لعل لطيف چئي.

## وائي-١

زاري سا زاري! اَلو! پِلو! ڪوهياري ساڻ،
آءٌ جا ڪنديَس زاري!
ڪيَن جيان ٿي جيڏيون، سُورَ پريان جي آءُ ماري،
اُتَ گنگائي هليا، بوتَا هُئَڙَن باري،
ڪري ڪوهيارو هليو، مون سين قِيامت ڪاري.
مانَ ورمَن وچ ۾، اولاڻي آريءَ،
هندوئن جئَن هولي ڪري، مون ڏوڙ مٿي تان واري،
لالنَ لڳ لطيف چئي، واجهائي ٿي ويچاري.

## وائي-٢

جنهنجي آهيان ڏونگر ڏوري، تنهن ڪوهياري کي کهل پئي،
آءٌ گهوري تنهن گهوٽ جي، ماٿهو چونم پوري،
نيو نماڻي پاڻ سين، چپر چڏيوم چوري،
روئي رڳينديَس رت سين، ساڻ ڇُڻاڪن چوري،
اَديون آريچن جو لَهه لڳو مون لوري،
ڪشي ڪانَ ڪمانَ مان، لائي ويڙا لوري،
نالائق سان لطيف چئي، قادر ڪَرمَ ڪندو ڙي.

# سُر حُسيني

## فصل پهريون

(١)
تان کي ڳوري چل، جان لاڙائُو سج ٿيو،
هاڙهي ڏاري هل، وڃي ڪيچين جو ٿيو.

(٢)
لَڙُ مَ لاڙائو ٿيو، گُهتون گوهيون ڇڏ،
لاهہ مَ لَڏو لَڏ، تہ ڳاڙهي سج ڳالهہ مڙين.

(٣)
لڙ مَ لاڙائو ٿيو، هَلي ڪر همت،
سج سامهون مُنهن ۾، متان ڪرئين ڪَٿَ،
سُپيريان جي سَٿَ، ڳاڙهي سج ڳالهہ مڙين.

(۴)
لڙ مَ لاڙائو ٿيو، وَرَ ڇُوندبيندي وڃ،
آهي اڃ اهڃ، هاڙهي هلندين جو.

(۵)
اُلهي سَج اوير ڪِي، ڏنائين ڏونگر،
سسئيءَ کي سيد چئي، سُورن جو سمرَ،
ڪنل رکيو ڪَر، ويچاريءَ وٽڪار تي.

(٦)
اُلهي سج اَويرَ، مَ ڪر معذورن تي،
پَسي مران پيرَ، ڏونگر ٻاروچن جا.

(٧)
ويو ٻاروچو نڪري، هاٽي ڪريان ڪيئَن،
سج اُلٿي سِيئَن، سَٿون ڏيندِيَس سُج ۾.

(٨)
ويني مون ويو، لڙي سج لَڪن تان،
آءُ ڏوريندي ڪيترو، پهٽن پيرُ پيو،
سُورَن ساڻ سهو، اڃي ٿِيم جيڏيون.

(٩)
سَرتيون سڄي سُڄ، متان ڪا مون سين هلي،
پاڻي ناهہ، پنڌ گهڻو، اڳيان رائو رُڳي رُڄ،
متان مري اُڃ، ڪا ڏئي پاراتو پرينءَ کي.

(١٠)
ويو سڄ وڻن تان، راسيون رَتائين،
مون کي ماريائين، آيل اونداهي ڪري.

(١١)
ويو سڄ وڻن تان، راسين ڏيئي رڳ،
جنهن سان منهنجو سَڱ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

(١٢)
پَٽي نہ پيرون، اوڏيءَ ڇَڪَ نہ ڇَميا،
پويون هيءَ پيرون، نينهُن نِباهي هليا.

(١٣)
مَري ٽيندِيَس مُڇ، جَتَن ڪارڻ جيڏيون،
ڪَري ڪوهيارو سُڄ، ويو ڇُلائي ڇپرين.

(١٤)
ڏِنم ڏونگريا، گهوري هُيسَ جن جي،
مُون لوڏائيي لڪيا، اهڙا ٻاروچا،
آيل ڪوهيارا، مُون ڪرَ لاهُو آئيا.

(١٥)
سُيئي ڪا تَنوارَ ڪي هُئين تي هٿَ ڪٽين،
سوين رُليون سسئيون، هوتاڻن هزار،
ٻاروچاڻا ٻارَ، توڙان تَرسُ نہ سکيا.

(١٦)
سيئي پُڇ مَ سسئي، منجهان پَونئَن پَروڙ،
ويهي وڏي ڍِڳ مان، ڏٽي وجهج ڏُوڙ،
تہ ڪر ماڻين موڙ، جي پند اهائي پارئين.

وائي

جي هُوندَ ڏٺائون، وو جيڏيون! حال منهنجو هھڙو جهڙو،
چڙهي نہ سگهان چوٽئين، مارڳ مٿاهون،
ڏکيءَ سَندي ڏيج ۾، ڏونگر ڏٺائون،
ويندي کيون وٽن سين، سسئي سُکائون،
پنهون وٺي پاڻ سين، اچان جي آءٌ،
ڏينديَس شاخ سپ کنهن، وڻ وڻ واچائون،
ھ ينئڙو ڏندڻ پاڙ جئن، چِکي چِنائون،
هَينئڙو ڏارهونءُ گل جئن، رِيهي رَتائُون،
هوءِ جي پهڻ پَبَ، جا، سي مَٽيا مُکائون،
هُون سلامت سُپرين، گهوري سا آءٌ،
سو جي سُئوم کَنن سان، پَهہ جو کيائون،
ٻانهون پيلَ نہ لاهيان پنهل کي آءُ،
آيا عبداللطيف چئي، پُنيون مَنَ جون مدعائون.

## فصل ٻيو

(١)

کي ڏَرَ تَني ماءُ، کي ڄَرَ سَندين سَڄٽين،
هَلي ۽ واجهاءِ، ٻنهيءَ ڄيرن وِچ ۾.

(٢)

مٿيا مٿي مَڇ، ٻَريم ٻاروچن جو،
جيکي ڇيو جيڏئين، سو سيوئي سَڄُ،
مون کي طعنا تي ڏئين، جئن نہ پروڙئين سَڄ،
اَمڙِ اوري اڇ، تہ سِتَ سُٽايئين سُورَ جي.

(٣)

مٿي منجهان مينهُن، پَسو پاٽيءَ جئن وهي،
مون ڀانيو نِينهن، ڄيپون ڄيري سَنديون.

(٤)

مَنجهان منهنجي رُوح، جيءَ وڃي ساڄَن وسري،
تہ لڳي مر لُوهہ تر ٻاٻيهو ٿي مَران.

(۵)

لڳي مون کي لُوھ ورھ واتون لائيُون،
راز جنھين سين رُوح، سو کوھيارو ڪيچ ويو.

(٦)

ٽِمَن نيڻَ رَتُ وھي، ڇُئاڪا ڪيو،
مون کي ڏنءُ ڏيو، اَئين ٽا وجو اونيا.

(٧)

امڙ ڪوءِ گھروءَ، مونھان وڃي سائڙو،
مُون جي تان نہ ٻريو، ھينئڙو ڏئي وٽ جئَن.

(٨)

امڙ وڃي آڻ، ڇَرخو آتَڻَ وچ مان،
ڪَتيم جنھين ڪاڻ، سو کوھيارو ڪيچ ويو.

(٩)

امڙ ڪڻ وڇان، چرخو ڇيھاڙيُون ڪري،
مَڃُڻ ھوتَ ڄِتان، مون پِريندي وسري.

(١٠)

پَھي ڪا مَ پڃاءِ، امڙ منھنجي آسري،
ڏيئي لت چرخيِ کي، پُوٽيون پاٽيءَ پاءِ،
ڪُنم جنھين لاءِ، سو کوھيارو ڪيچ ويو.

(١١)

پَھي ڪا مَ پڃاءِ، امڙ منھنجي آسري،
ڏيئي کي کَتاءِ، مون کي نينھَن نھوڙيو.

(١٢)

ڪوءِ کَتڻ ٻن ڪپاھ، ڪوءِ آتَڻ ٻن جيڏيُون،
ساڄن منھنجو ساھ، ھاڃي منجھ ھَٽي ويو.

(١٣)

آتَڻ چونم ڪَت، تاٽيان تَند نہ نڪري،
پاٽان روئي رَت، چرخو مون ڇِڪَ ڪيو.

(١٤)

نئون نِينھن لڳوس، ڳري ءِ ڳالھيون ڪري،
اوريندي اَرَٿ سين، پنھون ياد پيوس،
پھو پَٽ ڪِريوس، ھُو ھِت اوڏانھين رھيو.

(١٥)
ڪوءِ هاڙهو ٻَن هوت، پنهون ٻَن پريتڙو،
مادر مون موت، پَسڻان پرِائيو.

(١٦)
ڪوءِ ٻولي ٻن ٻروچ، گهوري ذات ڄَتَن جي،
مون کي ڇَڏي لوچ، پيهي ويا ڇَپرين.

(١٧)
جئَن جئَن تَپي ڏِينهن، تئَن تئَن تاٽي پنڌ ۾،
ڪو اڳانجهو نينهن، ٻانپڻَ ٻاروچن سين.

(١٨)
جئَن جئَن ڀِڄي رات، تئَن تئَن تاٽي پنڌ ۾،
ڀوري ٻي َنہ تات، جيڪا سا ڄَتَن جي.

(١٩)
نَڪو ليڪوئي ٿيو، نڪو تتو ڏِينهن،
تِهان اوري نِينهن، ڇِنو آتڻَ وارئِين.

(٢٠)
جان جئين تان جَل، ڪانهي جاءِ جَلڻَ ري،
ٽَڏيءَ تَتيءَ هَل، ڪانهي ويل وِهڻ جي.

(٢١)
تتيءَ ٽَڏيءَ ڪاھ، ڪانهي ويل وِهڻ جي،
متان ٿئي اونداھ، پير نہ لهين پرينءَ جو.

وائي
شاديءَ جو سينگار، آيل مَرڪُ منهنجو مون پرين،
آهي گِهه ڳِچيءَ جو، ڏي هالورا َهارُ،
آهي اُگهاڙن َ کي، جانبَ جو جنسارُ،
آهئين ڪاڄ ٻُکين جو، تان تون طعام تيارَ،
اَعليٰ اُوچو عيد ۾، دوستاڻو ديدار،
حُسنَ هوتَ پنهونءَ جي، ڪَڪوريو ڪوهيارُ،
سُجَ ڪيائين سُرهي، واسيائين وڻڪارَ،
ڇپر ڇِتون مُڪيون، عطر ٿيو آوار،
ڪوڙين ٿيا ڪيترا، نالي تان نثار،
سَدا صَلابَتَ جي، گولي گرفَتار،
گهوريان گهر گهٽيءَ تان، اَچي جئان آڌار.

## فصل ٽيون

(١)

ڪو ڳُهمندي گهور، آيم ٻاروچن جو،
ڇڏيندي‌س پنهور، هنئون هِت نه وندري.

(٢)

پنهوران ٻاهر ٿي، مون جي سَڌَ ڪيا،
سي جي هوتَ سُئا، تہ هوند نہ وِيڙو نِڪري.

(٣)

مون ڪيئي ڪيا سَڌَ، پنهوران ٻاهر ٿي،
پر ٻاروچاڻيءَ لڌَ، لڪَ سويرو لنگهيا.

(٤)

پنهور جن سُکن، مونکي ساٿانَ ڪاريو،
هاڻي ساڻ ڏُکن، تان کي ڏونگر ڏوريان.

(٥)

پِيَنُ پنهوران، پَچو تان اُبهو،
اڳِي اِن ماڳان، سَرتين سُور پَرائيا.

(٦)

پينر هن پنهور ۾، دوزخ جو دُونهون،
سَوارو سُونهون، پُڇِي پورج سسئي.

(٧)

پينر هن پنهور ۾، گهايل ٿي گهاريان،
سَڄَڻ جي سانگ ويا، سيئي ٿي ساريان،
سي ڪيئَن وساريان، جي وٽان مون واڻ ٿيا.

(٨)

پنهوران اُجاڙ، سَرتيون سَکَر پانئيان،
مون سين تنهن پهاڙ، ڏُکان هَڏُ نه ڏورَيو.

(٩)

اُجاڙان پنهور، سَرتيون سکر پانئيان،
آرياڻيءَ اتور، ڏنم جِت اکين سان.

(١٠)
لڳي لاڳاپي، پوري مُنڌ پنهور جي،
پرين وڃائي تي، ڏکي ڏوري ڏونگرين.

(١١)
کُلهي ڦاٽو ڪنجرو، مٿو اُگهاڙو،
منهنجو ڪُجاڙو، پيئَر هِن پنهور ۾.

(١٢)
پُليو سڀ پنهور، جو پُنيءَ هوت نہ هليو،
شهر سُڃاتو ڪينَ ڪي، آرياڻي اَتور،
ماڻيو تنهين مورُ، ديکيو جنهين دل سين.

(١٣)
جنهين ديکيو دل سين، پنيءَ سي پيبون،
تَہ پڻ ٿي وييون، جي پنهونءَ پاڻ لڪائيو.

(١٤)
برو هو پنهور، جو آرياڻي اُجاريو،
لاٿو سڀ لوڪ تان، هاڙهي ڏٽيءَ هورُ،
چوريُون چُرَڻ سکيُون، پنهون ڪيائون پورُ،
آيو سو اتور، جَنهن ڏکيون ڏِکَ وِهارَيون.

(١٥)
ڏُکن پُنيان سکُ، سگها ٿينديُ سسئي،
پير مَ ڇڏج پرينءَ جو توٽي لُکون لَکَ،
ڏورج پاسي ڏُک، تہ پوي ٻاجهہ ٻروچ کي.

وائي
لڳو مَنجهہ لَکن، آيل تازو پيرُ پنهونءَ جو،
نہ ڪنهن واءَ وڃائيو، جهوريو تان نہ جهکن،
کهہ کٿُوريان اڳري، هاٿي جا هوتن،
بورائو بَرن جو، رڙهيو منجهہ رَندن،
لُطفَ ساڻ لطيف چئَي، ڪندو وَڙ ولهَينَ.

## فصل چوٿون

(١)
لَڄايا مُونهان، ساڄُهر تي سيڻَ ويا،
پيئَن پنيوران، سُڌ منهنجيءَ ذات جي.

(٢)
هُيس جي آءٌ، ٻانهي ٻاروچن جي،
هوندَ نہ ڇڏيائون، ڏُکيءَ کي ڏُکن ۾.

(٣)
آءٌ جي هُيَس هڏُ، اَديون آريچن جو،
ساٿَ لَڏيندي سَڏ، هوند کوهيارا ڪَرين مُون.

(٤)
هُيَس جي سياءِ، تہ ڪَيم ڏُکَ ڏيرن تي،
ادب وچان اُن سين، ڳالهہ نہ ڪيمَ ڪاءِ،
ذات منهنجي ماءِ، ڪچو تي ڪيچين کي.

(٥)
اوٺَين اُمارو، مون جَهليندي نہ رهيا،
ساٿين سَوارو، ڪيو ڪيڄُ اکين ۾.

(٦)
ساٿي توءِ هلن، پٿَر جي وارَ ڪريان،
جيڪس ٻاروچن، ڪو ڏٺو عَيبُ اکيَن سين.

(٧)
ساٿين سيئَن نہ جاڳي، پوءِ ڪُڄاڙيان روءِ؟
اِيءَ پَر ڪير هوءِ، جئن هو سانگي، تون سُمهَين.

(٨)
ساٿي نہ پَسان سي، جي هُئَم هنئين ٺُوٺيُون،
هاٺي ڪِنهين جي وڃيو، اگڻ اُپيان؟

(٩)
آن کي ساٿي ڏِٺَ، جي مون ويڙهہ وڃائِيا؟
رُئان رَتُ مَجِٺَ، هاٺي تن پريَنَ کي.

(١٠)

مون سَڏيندي سَڏڙا، ساٿي سَڏَ نہ ڏين،
ولهيءَ جي وٿاڻ تي، توڏ نہ تَنوارين،
هَيڏا هاچا ٿِينَ، بري هِنَ پنپور ۾.

(١١)

ڪهان تان ڪيچان پَري، وهان تان مُون وَٽ،
پُلي ڏوريم پُون، عَبَٿُ آريءَ ڄام کي.

(١٢)

ڪَهان تان ڪيچان پَري، وهان تان سرَ هيٺ،
ٻاروچي سين ڏيٺ، جيڏيوَن جيهي َپر ٿي.

وائي

هوتَ هوتَ اي هوتا، ڏيَنديس ماهہ مروئن کي،
آءُ جرا جيُ ڪَري،
ڏيئي باهہ پنپور کي، آءٌ آيَس َتو ڳري،
آرياڻي پنهونءَ ري، مون کي سَرتيون تان نہ سَري،
جندڙي پايون جان ۾، ڏکيءَ ڏکَ ڏَري،
آءٌ اوراهون سُپرين، وڄ مَ پيءَ پَري،
مُون ڏِني مُون وسهو، ورچي تان نہ وَري،
ڏکيءَ جي ڏيکاَرئين، ڏاران مُنهن مَري،
پيالي پريَن جيَ، موهيس ميٺُ ڪَري،
آريءَ جيَ عشق جي، مون کي اَندر آڳ ٻَري،
توکي توءِ نہ چڏيان، جي وڃان پُون ٿَري،
ڏِڙ وجهنديَس ڏُوڙ ۾، مٿو ڏار ڏَري،
هلڻ َسٽي َهوت جو، ڏکي پسَ ڏَري،
پرِين ڪٽج پانهِجيون، اکيون ٻاَجهہ پَري.

## فصل پنجون

(١)

لَيڙِن لَنگهي لَسَ، مانباٽيان مٿي ٿيا،
وني وَرُ واٽ ٿيا، پنهون چامَ پَهَسَ،
هُئا وڏي وَسَ، ٻاروچا پنپور ۾.

(٢)

وڏي وس هئا، ٻاروچا ٻنڀور ۾،
وڃي ڏُور پيا، پُنيءَ سانگين سُپرين.

(٣)

سانڍِ پنهنجي ساهہ، نا تہ ٻانهين تي ٻُورا ڪريان،
واڳيون جي وَرَنَ سين، تن سَرتين سيج سُهاءِ،
مون کي طَعنا تي ڏئين، مون جئن مُنئَن نہ ماءِ،
آريءَ جي آڪاهہ، رُلايَس روهَن ۾.

(٤)

ماءُ وهاٽو وار، ڪُڻُ پٽراٽي پانَهنجي،
جيڪيَ ڏنئي ڏيج ۾، سو سپوئي سار،
وڃان تي وٽڪار، ڏِنم پيرُ پنهونءَ جوَ.

(٥)

ڇپُون ڇپرَ ڪَٺَ، پهَڻَ پٽراٽيون پانئيان،
جِتي رهان راتڙي، تتي مرون مون مٿَ،
سَيٽن جي سَهَٽَ، ڏونگر ڏولي مون تيو.

(٦)

ڏِني سڪَ سسئي کي، ٻيلياٽي ٻروچَ،
لوڪ وِڃَان ئي لوچَ، نيئي پهچائي پنهونءَ کي.

(٧)

مُسافَر نئون ماءِ، ورهہ وهايم وترو،
اڇي تِيَم اوچتي، تن سَانگينَ جي ساَجاءِ،
جيجان جَهل مَ پاءِ، هنئون هوتَ هَٽي ويا.

(٨)

ڪيئَن آڙايئي پاندُ، پلو پَرَڏيهيَن سين؟
متيُون موڙهيئي سسئي، ڪَيئي ڪوهيارو ڪانڌُ،
رُلي پانيئي راند، ٻانيڻ عشق ٻروچ جو.

(٩)

منهنجو پاڙيچن، ڪَچو ڪونہ ڍَڪيو،
پاسي چَڙهي پَنهونءَ جي، ذات سَلتي جن،
تيلان ٻاروچن، نِذرَ چَڏي ننڍَ ۾.

(١٠)

حُسينيءَ جي هاڪَ، مادر ماري آهيان،
ڏيهان ڏورڻ ڏُک سين، راتيان چِکَن چاڪ،
ٻڄان پِرِ فِراق، متان پوئِم پرِينءَ سين.

(١١)

جيڪي فِراقان، سو وصالان نہ ٿِئي،
اچي اوطاقانِ، مون کي پرين پِري ڪيو.

(١٢)

ڦري آءٌ فِراق، مون کي وصالان وُڃ پيو،
جي ٿي چِڪيِم چاڪَ، سي پرِيَنءَ گڏجي پُوريا.

وائي

پنهون پريشانُ، هَي هَي حال مُنهنجو،
ٻَرَ ٻرِ نَہ ڪو خان نہ مان،
مون کي بک بوتن جي، ناقي پانيان نان،
شهر صحرا پانئيان، مون ليکي ميدانَ،
رُئان ٿي رُجن ۾، آريءَ لئي عريان،
پٽيان مُنهن پَسڻَ لئي، هتي ٿي حيران،
آهي آريءَ چام جو، مون کَي ڪاري ڪان،
ديوانيءَ کي دل ۾، سُورَن جو سامان،
وجهج پک پينار تي، پريم ڪائي پان،
ڪڏهن ڏيندو ڪيچ ۾، مُنيءَ جو مڪان،
آهئين عبداللطيف کي، آڳيان تون اڳوان.

## فصل ڇهون

(١)

آيا آسَ ٿِيام، ٻاروچا پنهوَرَ ۾،
پَسي پهر پنهونءَ جي، نهن سيئن نيڻَ نرِيام،
گوندر وسرِيام، سُکن شاخون مُکيون.

(٢)

ڏيکاريس ڏُکن، گوندر گَس پريَن جو،
سُونهائي سَورَن، کي هيڪاندي هوت سين.

(٣)
ڪنهين ڪنهين ماڻهئين، گوندر وڏي وَٽ،
ٻَڏيَ گوڏَ گَرُٽ، ساٿو ڪجي سُور جو.

(٤)
سُور مَ ڏي ڏونَّ، آءٌ آهيان اڳهين ڪاهري،
جا پَر پاڻيءَ لُونَّ، سا پَر منهنجي جندڙي.

(٥)
سورَ مَ وجيجاهہ، سَڄڻ جئن سانگَ ويا،
پرينءَ پُڄاڻاءِ، آءٌ اوهان سين اوريان.

(٦)
سُورَن سانگهارو، ڪڏهن تان ڪونہ ڪَيو،
آيَل اوپارو، ٻائڙ وڏو ٻوڙَ وَهي.

(٧)
سانگهارو سُورَن، ڪڏهين تان ڪونہ ڏنو،
ٻائِڙ ٻوڙ وهَن، ڪالهوڻيان اڄ گهڻان.

(٨)
سُور نہ ساڱاهين، ڏِين اُڌما اوچتا،
مون ڪي مونِ پريَن جا، اَٽميا آهين،
لڄون جي لاهينَ، سيئي ٿيم سامهَان.

(٩)
سُورَن لَڌو سَڄُهہ، پاڻهين پيهي آئيا،
ڪنهن ڪي ڏيان مُنجهہ، مَر ٿا چِڻڪَن چت ۾.

(١٠)
سُورَ مَ متج ساءُ، نہ وڪني آهيان،
وجج مَ ويلَ ڪنهين ورَهہ مون وٿانءُ،
تون پڻ تڏهن جاءُ، جڏهنَ ٿيان هيڪانديَ هوت سين.

(١١)
سُور مَ ڪَنهين ڏِک، مَچُڻ چپ ڪي چَر اَچي،
هَڏَ ڪَرَنگهرَ مِکَ، مر مَنجهيئي محُو ٿئين.

(١٢)

سُور بہ پيتون پِت، ھي چٽڪيو ڪي پيو،
پريتڻي پريَن جي، ماءِ منجھايَم مَت،
پِينر پليءَ پَتِ، لڳم باڻ برو ڇَ جو.

(١٣)

لڳم باڻ بروچ جو، ڪرھا ٿيا قذاق،
اَھڪي جا اٿن ڪي، سا مَين پوءِ مَ ماڪَ،
اڪرِين خوراڪ، پَسڻ پرڏيھين جو.

(١٤)

لڳم باڻ بروچ جو، اَمڙِ پل مَ مون،
سپ رڱينديس رَتُ سين، ڪيچان اوري پُون،
مادر مٺان مون، ڪانگ لمندا ڪڏھين.

(١٥)

ڏک لڳو، ڏونگر پريو، پيٺرَ ڪاٽي پُون،
منان لاٿو مون، سَندو جيَڻ آسرو.

(١٦)

ڏکيون ڏيھان، جيڪس لڏي وييون،
ھاٽي ڪن مُلا، پُڇان پرين، خبرون.

(١٧)

ڏکيون جان نہ مڙن، تان تان پَنَڻ نہ ٿئي،
پٽڻ واريون پَڏريون، ڳاڙھا ڳُل سَندن،
پيون ھنئين ھٽ ھٽن، رئنديون رَئڻ واريون.

(١٨)

سور وراھيان سَرتيون، جي وراھيا وجن،
پيون ڪَوہ پُجھن، جن سَندا، تن سامھان.

(١٩)

پيڙي پيڙي پنڊ، سورائتي سَندرو،
ڪيچ آڳاھون پنڌُ، مٺان لَڪَن سين لڳي مَرين.

(٢٠)

پيڙي پڏ پيھارَ سورائتي سندرو،
ڏونگر توھان ڏار، ڪانہ ڏوريندي ڏکَ سين.

### وائي

ڪوهياري ڪا ماريندي ماءِ، جا مَنَ اندر ڳالهڙي،
چڙهان ڏونگر چوٽئين، سپيريان جي ساءِ،
نهاريندي‌َس نڪري، هاڙهو هوتن لاءِ،
پانڌيڙا پير پَري، پريان سين پهچاءِ،
موليٰ مون کي ميڙئين، سَنديءَ جانب جاءِ،
هوتَ هلن آءُ وهان، تہ ڪا اِئن جُڳاءِ،
سسئي جي سَري کي، اوڏانهين اوٺاءِ،
پيرانديءَ پنهونءَ جي، منهنجو لوڙهہ لَٽاءِ.

## فصل ستون

(۱)

پُڇن سي پَسن، جڏهن تڏهن پرينءَ کي،
ڏوريندڙيون ڏِسن، اگڻ عجيبن جا.

(۲)

پڇيوءِ تان پُور، نا تہ پُڇڻ هوءِ مَ پرينءَ کي،
ڏوريندين ڪان ڏُور، پرين پرانهون ڪينڪي.

(۳)

ڏوريان ڏوريان مَ لهان، شالَ مَ ملان هوتَ،
مَنَ اندر جا لوچ، مَچڻ ملڻ سان ماني ٿئي.

(۴)

ڏوريان ڏوريان مَ لهان، ساٿي ڪالهوٺا،
لاهي لاڏوٺا، سفر ڪنهن سانگ ويا.

(۵)

آءُ ڏوريئين شال مَ لهئين، پرين هئين پَري،
هَڏ نہ ساهَ سَري، تن تسلي نہ ٿئي.

(۶)

آءُ ڏوريئين شال مَ لَهئين، تَنَ مَ ملين تون،
لونءَ لونءَ منجهان مون، لوچَ تُنهنجي نہ لهي.

(٧)
آءٌ ڏوريئين شال مَ لهئين، ساڄَنَ مڄ سوال،
سڪَ تُنهنجيءَ سپرين، ڪيم جان زَوال،
وَهاڻي وصالُ، اُتيان آرامي ڪري.

(٨)
چڙيم حُجَ هلڻ جي، ڇَڪيم چاڙهيڪا،
اَديون آڙيڪا، هِينئڙي پيم هوت سين.

(٩)
چڙيم حُج هلڻ جي، چاڙِهيڪن چڙهي،
آڙيڪن اڙي، پيپسن هوت پنهونءَ سين.

(١٠)
چڙيم حج هلڻ جي، چاڙهيڪا چڪيام،
آرياڻيءَ جي آسري، ڏونگر ڏينهن لڱام،
پيچ پرين سندامِ، وينيس وکَ نہ اُپڙي.

(١١)
وينيس وک نہ اُپڙي، اَڄ آرياڻِيءَ آءُ،
چڪيءَ توسين چاھ، پاسي پڙ پيئي رڙهي.

(١٢)
جيڪا ڪندي نينهن، مون جئن ٻاروچن سين،
سڪڻ سارو ڏينهن، چڙهڻ چاڙهيڪن تي.

(١٣)
جيڪا ڪندي سنگ، مون جئن ٻاروچن سين،
انگن چاڙهي اَنگ، رئندي سا رت ڦڙا.

(١٤)
جيڪا ڏيندي منجھ، مون جئن ٻاروچن کي،
مٿان ڳلن هنج ڪين لاهيندي ڪڏهين.

وائي
منهنجي حُجت ناهي واٽ، ڪانهي واٽ،
جيجان تن جَتَن سين،
ڪنديس ڪيچ ڏٽين لاءِ، لڪن ۾ لولاٽ،
تازو پير پنهونءَ جو، لُڙيو منجهہ لُڙاٽ،
ماريو ڪِيم مُنيءَ ڪي، ڪيچي ڪاهي ڪنواٽ،
نهاريندِيس نڪري، ڳوڙهن پريو ڳاٽ،
ڏنم ڏُکوين جا، چپر ۾ چونچاٽ،
اديون عبداللطيف چئي، لعل ڏنائين لاٽ.

## فصل اٺون

(١)
آتڻ اورانگهي ويا، آءٌ تي مران ماءِ،
پٺون ٿيڻديس پير تي، هَي هَي ڪري هاءِ،
جيڻ مون نہ جُڳاءِ، پرين تان پاسو ڪيو.

(٢)
آتڻ اورانگهي ويا، اڱڻ مون افسوس،
ديوانيءَ سين دوس، ساٿي آهي سچ ۾.

(٣)
آتڻ اورانگهي ويا، پُنيءَ توڏن تاڻ،
ويهُ مَ منڊ پنيور ۾، هُن پُڄندئن هاڻ،
رائي مَنجهہ رهاڻ، هَل تہ ٿئي هوت سين.

(٤)
آتڻ اورانگهي ويا، ڪري ڪميني ڪيئن؟
هاڻ گهرجي هيئن، تہ ڏجي باھ پنيور کي.

(٥)
آتڻ اورانگهي ويا، پاري چڙهي پوءِ،
آريچا اُنن تي، هيءَ تان جڏي جوءِ،
ڪي هلي ڪي هٿ ڪٽي، ڪي رڙهي ڪي روءِ،
ڪو پنهونءَ کي چوءِ، تہ مُنيءَ ماتم آئيو.

(٦)
ڄاٽي سُڄاٽي، مون کي ڇڏي هليا،
اديون آريچن لئہ آءٌ کوري جئن ڪاٽي،
پاهڻ ۾ پاٽي، هاريون هارڻ آئيو.

(٧)
ڄاٽي سڄاٽي، مون کي ڇڏي هليا،
آءٌ ڪئن ڇڏيان پانهنجو، اديون آرياٽي؟
پريم جو پاٽي، سو ڪيچين ڪم نہ آئيو.

(٨)
ڄاٽي جي ڄاتوم، تہ پوندو فلق فراق سين،
تہ اکر ارادت جو، ڏريائين ڏوتوم،
پوءِ تان ڪونہ ڪيوم، هوند ڪشالو ڪيچ ڏي.

(٩)
وارو وڃن ٿا، سيڻ تنهنجا سسئي،
ههڙا ٻاروچا، ڪين لهندئن کي پيا.

(١٠)
واري ورائي، تو پنهنجا نہ ڪيا،
پوري رنجائي، هوند نہ پيئين هيتري.

(١١)
جئان واري وڳ، اوٺي ٿيا ڇلنگيون،
مٿي تنهن مارڳ، پئي پرزا نہ ٿئين؟

(١٢)
ڏُکائيندي ڏونهڙا، منڌ سيٽاٽي وڃ،
پرياڻو مَ پيچ، ساٿُ چڙهندو لڪئين.

(١٣)
ڇيچ مَ قطاران، ساٿ چڙهندو لڪئين،
مَچڻ ٿئين پُٺان، وَڳ واٽ ئي نہ لهين.

(١٤)
ڪا جا ڪيائون، وائي واري ونگڙي،
آيل تنهن آءٌ، ٻوليءَ ٻاتاڙي ڪئي.

(١٥)
وائي واري ونگڙي، ٻولي ٻي نہ ڪن،
الله ڪيچ ڏٽين، مون سين پوءِ مَ مامرو.

(١٦)
ڪا جا آندي ڪيچئين، وٽڪاران وائي،
سٽي مون سائي، نيٽين ننڊ وهُ ٿي.

(١٧)
پُڇيوءِ جان ٻروچ، تان پاسي ڪر پرهيز ڪي،
جنهين ڏنو هوتُ، تنهين دين سڀ دور ڪيا.

(١٨)
هلو ۽ ملهو، ڏک مَ پَسو ڏوٿيا،
سونهون جو ساٿ جو، سو مون هوت سَلو،
ان پڻ ٿئي پلو، آءٌ بہ گڏجان پرينءَ کي.

وائي
مون کي ڇپر تان مَ ڇڏيجاهه، ٻاروچا پلئہ لڳي آهيان،
ڇوري ڇني آهيان، نينهن نباهي نيجاهُ،
ڇوري ڇڏي ڇپرين، آئين ڪيچي ڪيم وڃيجاهُ،
پنهون منهنجو آن سين، آءُ ساٿ سلامت نيجاهه،
ڇوري ڇني آهيان، مون کي لنگهڻ ڇوڙائيجاهه،
مون تان وڙ وڃائيو، اَئين پنهنجو وَڙُ ڪجاهه،
جوڳيڪو ويس ڪري، سگهڙي سار ليهجاهه،
آرياڻي عبداللطيف چئي، مون تي وهلو ور ڪريجاهه.

## فصل نائون

(١)
ڪاتيءَ تان نہ ڪنهين، من وجهلڻ وڍيو،
ماريس سور تنهين، جو نہ جِياري جيڏيون.

(٢)
ڪاتي تان نہ ڪنو، ماءُ منهنجو جِندڙو،
جنهين ماءُ منو، سي جت نہ پسان جوءِ ۾.

(٣)
جيءُ منهنجو جن، اَنگڙيارو وڍيو،
پڄاڻا پرين، سبان سڄو نہ ٿئي.

(٤)
اڇيو مر اڇن، ٻاروچا پنيور ۾،
پُنيءَ لڳي جن، ڪميٽي ماڙهو ٿي.

(٥)

رو وسائي راند، پَهُه پروڙج ساٿ جا،
هوتن سين هيڪاندِ، هيم ته تي ڏينهڙا.

(٦)

روئڻ ۾ راڙو، مون نماڻي جي نجهري،
ڪنل ڪي قلب ۾، قرب جو ڪاڙهو،
هوتن لئه هاڙهو، رجائيندِيس رت سين.

(٧)

روئي ڪنديئن ڪوه، هاڻي ڪو هوت وري؟
جيڏيون جيڏوئي ڪيو، ساڻس سيڻ ستوه،
ڊوهي اٺيان ڊوه، متان ڪا مون سين ڪري.

(٨)

رُئان ته راند، ڪلان تان ڪامي هنئون،
اکڙيون ويساندِ، پرينءَ گڏجي ڪنديون.

(٩)

اکڙين ڪي نه ڪيو، رت نه رنائون،
اُيي ڏنائون، قوڙائيا سپرين.

(١٠)

ڪاڻيون لوڻيون اکيون، ڪُنيون ڪين ڪُڇن،
مُنيون ماٺ نه ڪن، هنيون رهن نه هوت ري.

(١١)

وَسي وساڻيون، رتو روئي پرينءَ ڪي،
پيون ڪٽن پَبَ ڏي، نظر نماڻيون،
سي ڪي پيلياڻيون، جن ويندو هوت نه واريو.

(١٢)

وسي وسي مينهن، جئن لٽي وييس ڪيهه،
توءِ پريان جي ڏيهه، پيئي پڇي خبرون.

(١٣)

ڪاڻيءَ مَ ڪانئيو، مُنيءَ مگرَ مَ ڏيو،
هيڪر اُجهانئيو، ڏيئي ٻرِ لهار جئن.

(۱۴)

ڪاٽي ڪيرن هيٺ، ويني روءِ رت ڦڙا،
ڪا مون ٿيندي ڏيٺ، پيهر پاروچن سين؟

(۱۵)

پنهونءَ پيرڙيون، گهر گهمندي جي ڏنيون،
سي مون سيرڙيون، نت نهارڻ پيئيون.

(۱٦)

ميس مَر مَران، سُيس وڃ سَرتئين،
اديون آريچن جي، سورن مَنجهہ سڙان،
پورهيت ٿي پران، پاڙي پنهونءَ ڄام جي.

(۱۷)

ماريو جي معذور، تہ هيڪارهين هُور لَهي،
ساڄن اُنهنجي سور، ڪين جيان ٿي ڪيچيا.

(۱۸)

نہ ڪي ٿي جيان، نہ ڪي مُئي آهيان،
ساڄن ساهُ ڏيان، توکي ساريو سپرين.

(۱۹)

تون جي ڪالهہ مُئي، تہ ڪالهہ ئي گڏئن پرينءَ کي،
ڪڏهن ڪانہ سُئي، تہ ڪا سگهي گڏي سَڄڻين.

(۲۰)

اڳي پوءِ مَران، مر مَران مارڳ ۾،
مٿي پوءِ پريان، خون منهنجو جيڏيون.

(۲۱)

مَرُ مَٿا ڏيئي، پنهونءَ ڪارڻ پَٻَ ۾،
تہ سَرتيون سپيئي، واڪاٽينئي وينيون.

(۲۲)

سُتيءَ تان نہ سياءَ، جي ڪوهيارا ڪيچ جا،
انگن چڙهيو آءُ، جان نالو ڳيڙئي نينهن جو.

(١٣)
مٿان جيءُ جتن، گهوريو گهوري سسئي،
پاڙي جي پنهونءَ جا، ڪارون ڪري تن،
ڪيچ مٿان ڪا ڪن، ٻي شڪري ٻنڀور جي.

وائي
شال هاڙهي پوءِ پچار، پيئي تنوار،
ڪميڻيءَ جي ڪيچ ۾،
اُٺَ چاريندي اُن جا، ميا جهلي مَهار،
اَڙيا آهين انگن ۾، ويچاريءَ جا وارَ،
سسئي ميڙئين ساٿ ڪي، شرم سانڍَ ستار،
ڪميڻيءَ جو ڪيچ ۾، ڪونهي ڏٺيان ڏار،
مين جي مگيل چئي، ڪاڏي ويئي قطار؟

## فصل ڏهون

(١)
واڪيو واڪيو وڪ، پاٻوهيو پير ڪٽي،
سي نہ چڙهنديون ڏِکَ، موڙي پير مرن جي.

(٢)
وجهہ وڏندي وکَ، مَچڻ لک لڪائيين،
ڏُک تنهين کي ڏِکَ، حُبَ جنهين کي هوت جي.

(٣)
واڪو هَڏَ مَ لاھ، سَڏن مٿي سڏڙا،
مانَ تُنهنجي ڪاءِ، سَگِرَ ۾ سار ٿئي.

(٤)
سڏن پُٺيءَ سڏڙا، واڪو منجهہ وٽين،
سَڄڻ پِنڌِ گهٽي، مان ڪوهيارو ڪوک سٽي.

(٥)
ڪوهيارو ٿي ڪاٽُ، مُيون مارڻ آئيو،
هوءِ مرهوت حيات، آءُ مُيائي گهوري.

(٦)
وهين ءِ ويلا ڪرين، پُڇين ٿي پانڌي،
هاري هيڪاندي، ڪنهن پَر ٿيندئن هوت سين؟

(٧)
وهين ۾ ويلا ڪرين، ايءُ نہ اُڪَندَ آه،
سي لاڳاپا سپ لاه، اوريان اُپارين جيَ.

(٨)
وهين ۾ ويلا ڪرين، سَڏين سانگاتُو،
هاري آپاتُو، تو سين سُونهن نہ سسئي.

(٩)
پاڙي ناه پروڙ، تہ ڪا رات رنجائي گذري،
ٻانيڻ ٻاروچن جي، گهائي وڌي گهور،
هڪ سسئي پيا سورَ، ويا پِتيندا پاڻ ۾.

(١٠)
پاڙيچيءَ روئي، چاڪ منهنجا چوريا،
پگهر وجهنديس پرينءَ جو، ڏَکَن ۾ ڌوئي،
ساڄن سيوئي، ساه اوهان تان صدقو.

(١١)
اڄ نہ مون قرار، ڏِٺم سونچو ساٿ ۾،
نَهي وينا بار، مٿي ساٽيهہ سپرين.
(١٢)
ڪيا ويچاريءَ وس، ڪارڻ ڪوهياري گهٽا،
گهٽو پُڇي پانڌئين، سَندا ڏيرَن ڏسَ،
لَمو ڏوري لَسَ، سُتي سگِر پَٽِئين.

(١٣)
ڪا ڪجاهُ وَر، ڪميٽيءَ تي ڪيچيا،
آءٌ اوهان جي آهيان، ٻندي ٻي سَمَر،
اچي ڪوهيارا ڪر، دلاسو دلگير کي.

(١٤)
تان ڪا وَر ڪجاهُ ڪميٽيءَ تي ڪيچيا،
آءُ اوهان جي آهيان، ٻانهي ٻروچاه،
دلاسي دوساه، متان مون کي ڇڏيو.

(١٥)
هوءَ جي سور سُڄن، سي مون پيينگهي ۾ پرائيا،
سانديياس سُکن، سُورن ڪارڻ سرتيون.

(١٦)

سرجي تان سُورَ، ساماٽي تان سُکَ ويا،
اِهي ٻئي پُورَ، نماٽيءَ نَصيبُ ٿيا.

(١٧)

مُونهان مهند ٿيا، سورن ٻڌو سندرو،
هلو تہ ڏوريون هوت کي، وندر جي ويا،
کنديَس کين پيا، هوت مٿائي اڳيان.

(١٨)

پڻ وهاٽيس رات، هلي هاڙهي سامهين،
پنهونءَ جا پرِيات، اُپي پُڇي پيهڙا.

(١٩)

نہ کا تات نہ توت کا، نہ کا تات ٿَنوار،
کانهي پرت پَچارَ لنئون ويچاريءَ لڳيو.

(٢٠)

کينهي طالب تات جا، نہ تہ آهي تات تيار،
ڏوريان پيو ڏکار، گهوريندڙ کٽي ويا.

(٢١)

جيکي طالب تات جا، تات بہ تنهين وٽ،
هڏهين کانهي هَٽِ، گهور تہ گهران ئي لهين.

(٢٢)

کنهن جنهن نِينهن لڳا، جي مون واجهائيندي نہ ورو،
جيکي مُئي کندا، سو جانَب کريو جِيئري.

(٢٣)

کنهن جنهن نِينهن نهوڙيا جيئن رويو کن راڙو،
کيچين لئہ کاڙهو، روئي کندا رج ۾.

(٢۴)

متان ٿئين ملور، کِين آڳاهون آهيان،
ڏِسڻ ۾ کَرَ ڏور، حد ٻنهين جي هيکڙي.

(٢۵)

آن جي ڏنا هون، الله کارڻ ڳالھ کريو،
نيڻَ منهنجا رُون، راتو ڏينهان اُن کي.

(٢٦)
اجا رات رتوم، ڪوڏ ڪوھياري ڪَنجرو،
پينر پچايوم، سپاٽي سورن سين.

(٢٧)
سَرتين سھَج منجھانءُ، تي ڪوڏ ورھايا ڪپڙا،
تڏھن منھنجيءَ ماءُ، تي پھڻ آڇيا پبَ جا.

(٢٨)
ڪڏھن ڪڏھن جيڏيون، ڪر پَھ اڇيو پوءِ،
سو پڻ سارو ھوءِ، ھو جو ساهَ سرير ۾.

(٢٩)
ڪجي جئن ڪيچين لئہ، تئن تان ڪين ڪيوءِ،
ويجھائي وڏوءِ، وِڪَ نہ ڪنيئي ھيڪڙي.

وائي

وجي وجي وينڙي تِتي، جتي پيرِ سڄاتائين پرينءَ جو،
پير سڄاتائين پرينءَ جو، منجھان نينھن نرتي،
ھوءِ ويا وَٽڪارَ ڏي، ھن پوريءَ پانيا ھتي،
جنھن چيڙي وڏيس چپرين، سو ڪوھيارو ڪٿي؟
اَما ليمان، ڦاروھان، ڳاڳا راڳا جتي،
مري رھنديس ماڳھين، نہ تہ ھادي اچ ھتي،
مون ڪي چڏي ھليا، ڪا پين متي پتي؟
لڪن منجھ لطيف چئي، ملي سا سَرَ تي.

فصل يارھون

(١)
سُپريان جي ڳالھڙي، رُڳو رَنجائو،
ڏونگر ڏولائو، ڏيندا مون ڏير ويا.

(٢)
آريءَ اُتن جئن، ائن تان اوٺين نہ ڪيو،
ڪيچ پُڄندئن ڪئن، اھڙن اَباجھن سين؟

(٣)
جئن اُتن آريءَ چامَ، ائن تان اوٺين نہ ڪيو،
ٻڙڪي ٻاھر نڪتي، گاڏر منجھان گامَ،
ساھ ڏنائين سامَ، سُتي سَڳر پَٽِئين.

(۴)
لَڪيُون آن پر لِڪَ، ڪي ڪوھيارا ورميا؟
جنھين سَنديءَ سڪَ، رُنمَ رات رَت ڦڙا.

(۵)
لَڪيون آن لڳا، ڪي پَلوَ پانڊِيئڙن جا؟
توھان گھٽيرو ماءِ، روندا اوءِ رت ڦُڙا.

(٦)
ڪو جو لڳس ڪان، ڪيچين جي قُربَ جو،
تي نماٽي نيشانُ، چِڏي سانگو ساهَ جو.

(٧)
ڏوتين چِيس ڏُور، ڪيچ آڳاھون پَنڌُ ٿيو،
پاٽا چڙھي پورَ، وڪَ وڏائين ورِتري.

(٨)
ڏوتيا ڪر اونِين جو، مون ڪي اُھڃ ڏيو،
سچ ڪِ ساٿَ نِيو، پنھونءَ منھنجو پاڻ سين؟

(٩)
ڪو جو اُنس مينھن، آريءَ جي اُڪير جو،
ٻاروچاڻو نينھن، منان ماٺو نہ ٿئي.

(١٠)
جيڏيون ڏسو ڪيچ، جو ڏيھ ٻاروچن جو،
پنھونءَ وڌم پيچ، نسورو ئي نينھن جو.

(١١)
سسئيءَ جي سريءَ سان، ڪيچ ڏٽي ڪانڏي،
پَسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، منڌ هُئي ماندي،
لَڳَن تان لطيف چئي، آرياڻيءَ آندي،
پنھونءَ پيراندي، نماڻيءَ نصيب ٿِئي.

(١٢)
گھوڙِن هَنئي سپ ڪا، اُنن هَنئي آنءُ،
جا نينھن ڳنھندي نانءُ، سا مون جئن پوندي مامري.

(۱۳)

لڪڙياريون آڳريون، ٻاروچاڻو ٻير،
اچي ٻَسو جيڏيون، تازو پنهونءَ پير،
ويچاري سين وير، جتن جيڏو ئي ڪيو.

(۱۴)

لڇڻ نہ لاھين، گوندر هن غريب تان،
ٻَر ۾ ٻچائين، جيجان جوش جتن جا.

(۱۵)

پاڻهي ايندئي هوت، تون پڻ تج اڳيري،
متان چوءِ بلوچ، ڪميڻيءَ مان ڪي نہ ٿيو.

(۱۶)

ڪمينن هٿان، ٿين مورائين مَديون،
تون ڪرِ پاڻ وَڙان، موٺ سَپاجها سپرين.

(۱۷)

نہ ڪي ٿيان سگ ۾، نہ ڪي سگيڻي،
آهيان ڪميڻي، ذات بلوچيءَ نہ جڙان.

(۱۸)

ڪيچ مَ خبر هوءِ، هن منهنجيءَ ذات جي،
متان پنهونءَ پوءِ، لَڄ منهنجي لوءَ ۾.

(۱۹)

لَٿو ڪم ڪيچين جو، ڇڏي هليا مون،
الله آهِين تُون، هوتَن تان هيڏي ڪئي.

(۲۰)

سو سکن ساٿي ڏيان، سر پڻ ڏيرن سٺ،
جي مون مڙي مٺِ، تہ ورَہ وهائيان هيڪڙو.

(۲۱)

ڏک سُکن جي سُونهن، گهوريا سُک ڏکن ري،
جنهين جي ورونهن، سڄڻ آئيو مان گهرين.

(۲۲)

سو سُکن ڏيئي، وره وهايم هيڪڙو،
مون ڪي تنهن نيئي، پير ڏيکاريو پرينءَ جو.

(٢٣)
حُسيني حُسين لئہ، ٻيٻيءَ پاڻ چئي،
تهان پوءِ ٿئي، خبر ٻيءَ خَلق کي.

## وائي-١

منهنجو ساهُ وير سيٽان، آيل!
اوهان ڪئَن ڀنڀور ۾؟
مون کي ويا نہ وسري، نينهن ڀريا نيٽان،
سو ڪئن هنئڙو جهليان، جهڄي جو ڪيٽان،
مادر پايو منڊيون، ڪوڪي وَرُ ڪيٽان،
اديون عبداللطيف چئي، وڃي مان مڙان.

## وائي-٢

وسان تي وياس،
آيَل لڳم ٻاڻ ٻروچ جو،
ٻُرزا ٻَٻَ وَرَن ۾، پٿون تي پيياس،
تہ پڻ ڪاڍو ڪيچ ڏي، توٽي ماءُ مُياس،
پاڻُ وڃايُم پيرَ تي، چِتي آءٌ چِٽياس،
آيم اَنڌي لوڪ سان، مُٺي آءُ مُٺياس،
هيڏي شهر ڀنڀور ۾، نڪو ٻيءُ نہ ماس،
پيمِ وڇ وصال ۾، سنجهي آءُ سُتياس.

## وائي-٣

تہ ڪو هوتُ سڄڻ نيندا هو ڏيرا،
ڪل نہ پيم ڪا،
ڪُهي ڪميٽيءَ هليا، ٻانيڻ ڪري ٻيرا،
پسان شال اکين سين، دوست سندا ديرا،
سيڻن ساجُهر لَڏيو، پوءِ تي پُڇين پيرا؟
ڏانَّ وجهي ڏاگهن کي، ونگيَئي نہ تنهين ويرا،
ٻَڙڪن ٿا ٻانيڻ جا، جيءَ اندر جيرا.

فصل ٻارهون

(١)
ڏِٺان جي ٻروچ، مون جيئن هوت اکين سين،
مون کي ڇيان لوچ، پاٽان پينيون ڇپرين.

(٢)
هوتُ نہ ڏِنائون، ڏوهُ نہ ڏيان جيڏئين،
مون جئن رُنائون، هوند متي کيو هٿڙا.

(٣)
جيکس ڏنو جيڏئين، ٻاروچو ٻيءَ روءِ،
سنجهي ۽ صبوح، هُوندَ نہ ويڙن وسري.

(٤)
ٻاروچو ٻيءَ پيت، جيکس ڏنو جيڏئين،
مون جئن موڙهين مت، پسندي ئي پنهونءَ کي.

(٥)
آن جي ڏني جيڏيون، پنهونءَ جي پاٻوه،
سَنجهي ۽ صبوح، سورن تي سَجَڪيون.

(٦)
جي هُيان هوت پنهونءَ سين، مون جئن ملاقات،
ٻانهنِ وجهي وات، هُوند رِيهون کيان رجن ۾.

(٧)
جي تو ڳالهائي، ماءَ ٻاروچا پُڇيا،
اُنهِين جي وائي، هُوندُ نہ ويئي وِسري.

(٨)
اڄ مَعذور هُئان، الله چڱي مَ ٿيان،
رِڙهان ۽ رُئان، پُنيءَ سَڱر ساٿ جي.

(٩)
جي ڏونگر مون ۾ ڏُکَ، سي پَڌر پون مَ پرينءَ ري،
وهڻ مون وھ ٿيو، کير ساڏيندي سُکَ،
هُيَم هوتَن سين چُڪَ، سَجو سَگ نہ ساريان.

(١٠)
پيُون سپ سَڳِيڙِيون سَرتيون، مون چُڪَ سين چاءَ،
اَندَر آهيم ڳالهڙي، کوهياري جي ڪاءَ،
لگم ذرو واءَ، سجو سگ نہ ساريان.

(۱۱)
سڪي مُون سَڱ ڪيو، لڪي وڇان لوڪ،
متان مون ڪي ڇڏئين، هتي هُتي هوت،
نالي تو بلوچ، سُيَس ِ منجهہ سرتين.

(۱۲)
مَنڌ مائٽياٽي اُن جي، هتي جي نہ هئي،
ان سڱ مقابل سسئي، سندين ٿي سُئي،
بيگانا ٿيا ڇڏيائون، ڪيرين پاس ڪُهي،
جي ويس ماءَ مُهي، تہ پڻ ڪاڏو ڪيچ ڏي.

(۱۳)
هڪ پاهَڻ، پيا پٿيون، ٿيا جبل جت جاڏا،
اڳيان اسونهين ڪي، ٿا تونگ سڄن تاڏا،
جي مُنيءَ مُنهن آڏا، سي ٿارج لَڪَ لطيف چئي.

(۱۴)
لَڪ چڙهيو رڻ روءِ، ڪري سباجها سڏڙا،
ايندن پيچي خبرون، ويندن پيرين پوءِ،
ڏيرن ۽ ڏاگهن جو، مونکي ڏس ڏيوءِ،
مُونهان ساٿ ويوءِ، پٽي ڏونگر ڏوريان.

(۱۵)
پٽي ڏونگر ڏوريان، ڪيچين لاءِ ڪڙيو،
پهاڙن پَبَ جي، وجان چوٽيءَ سئن چڙهيو،
ڪري ساجن سوگهو، سندم جيءُ جڙيو،
لڪن تان لڙيو، پير نهاريان پرينءَ جو.

(۱٦)
ساٿين ڪريو سڏڙا، لڪ چڙهيو رڻ روءِ،
هينڙو ڪڇيءَ تند جئن، ڇڇيو ڇڇيو پوءِ،
ڪو ڳنڍيندڙ هوءِ، تہ پرت پراڻي نہ ٿئي.

(۱۷)
ساجن ڪري سڏڙا، لَڪ چڙهيو لٿڪي،
ويندس هوت پنهونءَ ڏي، پاند وٺيو پٽڪي،
مَران تا مان لهان، سر ساجن تان صدقي،
سا اوري ڪيئن اٽڪي، جنهن جو جانب جت وٺي ويا.

(١٨)

ڪيچين ڪارڻ ڪيترا، وندر وَر ڏنام،
ٻاروچا ٻاجهہ پريا، جي گوشي ۾ گڏيام،
تہ چيتاري چيام، هوند عرض نينهن جا ان ڪي.

(١٩)

ووءِ ووءِ ڪندي وَتُ، مَچڻ ووءِ وسارئين،
پاٽي هار مَ پڌرو، روءُ منجهان ئي رتُ،
صبرَ وڏو سَتُ، سگها ميڙي سپرين.

(٢٠)

ووءِ ووءِ وڏوڙا، ووءِ ووءِ وجن نڱيا،
مون سانگياٽيءَ جا سپرين، سَچ ڪ سنيِوڙا،
لاٿم نہ توڙا، ماءُ اوسيڙو اَن جو.

(٢١)

ووءِ ووءِ پڻ ويئي، رنن ڪارڻ جا هُئي،
پنهونءَ ڪي پيئي، رُئندي ڪير رت ڦڙا؟

(٢٢)

گهوڙا گهٽيءَ پون، ووءِ ووءِ وجن نڱيا،
مادر مٿان مون، ڪانگ لوندا ڪڏهين.

(٢٣)

ماٺ مارينديئي پرينءَ جي، مچڻ روئين رَتُ،
چوري يَڄِ مَ سَتُ، همتَ هوت وڃائيو.

(٢٤)

سَرتيون سيوئي ٿيو، اندر آرياٽي،
ويئي پَسان پاڻ ۾، ڏونگر ڏينهاٽي،
هُيس هوتن هاٽي، سي ڪيچي گڏيم ڪَهہ ۾.

(٢٥)

جَڙَ جيري جن سين، مُئي پڻ سين تن،
جي هِتَ نہ هوت پَسن، سي ڪنهن پر ڪيچ پَسنديون؟

(٢٦)

سسئيءَ ڪي سَڏَ ٿيو، اسان اولاٽو،
پنڌُ نہ پڇاٽو، اَنَّ ڪوٺي ڪانہ ڪري.

(٢٧)

جئن جئن جَهلي جڳ، تئن تئن مون تاڪيد ٿئي،
ڳهريو تو ڳالهيون ڪري، وهسي پٽو وَڳ،
لوڪُ لَتاڙي ننڊ ۾، پُنيءَ لالن لڳ،
آرياٽيءَ اورڳ، پنيوران ٻهر ٿي.

(٢٨)

اوجهڙ وٽان آنءُ، پيون سڀ سَگر ساٽ جي،
جا نينهن ڳنهندي نانءُ، سا مون جئن پوندي مامري.

(٢٩)

ماڳهين جي مُئي، تہ هوند نہ پيئي مامري،
ڇڏيو جي ڪُهي، تہ هيڪاري هو رُلهي.

(٣٠)

نہ ڪي روئڻ واريون، نہ ڪي اوسارين،
مونهين ڪي مارين، مونهين سندا ڏُکڙا.

(٣١)

ٻڏو ڪنهن ٻنڏاڻ، هينئڙو هوتاڻيءَ سين،
ڪا جا پيپس ڪاڻ، نيبريانس نہ نبري.

(٣٢)

ڪوه ڄاڻان ڪوه ٿيو، ڪيڏانهن ٿي وڃان؟
هٿ، ڪَرايون، آڱُريون، موڙيو سڀ پَڃان،
ٻين گهر گهڃا، مون هاريءَ هوت وڃائيو.

(٣٣)

ڇان ڪ آيس آڳاهين، تان اُتهين اُپي آهيان،
پرتِ پَراهِين، هاٽي مَرانَ مَ جِيان.

(٣٤)

سَرتيون سور پرين جو، سڄڻ ۾ شامل،
ڪوهيارو ڪاملُ، مون ڪي ڏُک ڏيکاريو.

(٣٥)

ڏونگر ڏنا نوڻ، مون پارڪو پڇيا،
هيڪليون هلن جي، سي تاڪن سَندي تُوڻ،
اِيءَ اهڪي پُوڻ، سُونهن ريءَ نہ سٽري.

(٣٦)

لڪين لوڙائو، سهسين آهن سُڄ ۾،
بَر ۾ بورائو، ڪڻ پيادي پاڻ سين.

(٣٧)

ٻاروچا ٻيا گهٽا، منهنجو پنهون سر سين،
ڇانگي تي چڙهي ڪري، ڪندو وَر ولهن،
مٿي معذورن، هوت ڏَريندو هٿڙا.

(٣٨)
ٻاروچا ٻيا گھٽا، منھنجو اڄھو آرياڻي،
ڇُونڊي رَڪيم چت ۾، ساڃن سُڃاڻي،
جا وندر وڪاڻي، تَنھنجو موٽُڻ ڪو مَس ٿِئي.

(٣٩)
هُوءَ جا گھوري گھوٽَ جي، تنھن ڪي چري ڇُوٽ،
اُگھاڙِيون آتَڻ ۾، هوتَ پُڄاڻا هُونَ،
پَرا تنھين پون، ڏنو جن اکين سين.

(٤٠)
ڏِٺَم اُتَ اکين سين، ماڻَ ٻاروچا هُون،
جنھين ڏاران پون، موريسر اکين ۾.

(٤١)
سڄڻ ڏٺو جن، موٽڻ تن ميھڻو،
اِيءَ مرڪ مَعذورنِ، جڻن مَرَن پريان جي پير تي.

(٤٢)
صَدا وڏيم سور جي، اڳيان ڪوھياري،
جو نجَسَ نِڪالي، سو پنھونءَ وجھو پاڻ ۾.

(٤٣)
ور لکن جي لوڏ، گھوريا سُکَ پنيور جا،
اَمَرِ جي تون آچئين، سي ڪَم نہ اَچن ڪوڏَ،
هِنئين منھنجي هوڏَ، ٻَڌي ٻاروچن سين.

(٤٤)
ڪو جو آيس ڪوڏُ، ٻاروچاڻيءَ ذات سين،
جي هُو چونِس ٻوڏُ، تہ جيءَ سَٽائي جڳ ۾.

(٤٥)
پَلي ڪري ٿِيوم، هيءُ سگُ ٻاروچن سين،
وجي ڪيچ ڏِنوم، پُني لڳي جن جي.

(٤٦)
ڪيئن آڙائِئي پاند، پلئہ پرڏيھين سين؟
متيون موڙهيئي سسئي، ڪري ڪوھيارو ڪانڌ،
رُلي پانيئي راند، ٻانيڻ عشق ٻروچ جو.

(٤٧)
اديون ڪا ايندي، ڇپر مون سڳ ٿيو؟
لاهينديَس لڱن ڪي، مليران ميندي،
وندر آءٌ ويندي، آري ڄام اَجهو ڪري.
(٤٨)
سسئي سرواڻن سان، ڪهڙو لهہ لڳوءِ،
ڪ جَتَن جڙون هنيئي، ڪ پاڻهيءَ نينهن لڳوءِ،
ڏاڏي پوٽو ڏيهہ ۾، ڏُکي ڪونہ ڏٺوءِ،
ڪِلي جو ڪنيوءِ، سو متان ور وسارئين.
(٤٩)
وَڃڻ تو واري، پرڻ پنهونءَ پُٺِ ۾،
ڪَرَہَ ڪوهياري، سُتي تو سڀ ويا.
(٥٠)
پيلي ناه پنيور ۾، تنهن سسئيءَ جو سَهي،
ڏَمَر ڏيرن مَنَ ۾، ڪندا اَئن ڪَهي،
لنگهائي لطيف چئي، ڪٽج ڄامَ ڪُهي،
هي مَعذور هڏ مئي، تون ڪانڌَ مَ وڃج ڪيڏهين.
(٥١)
مون ڪي نہ ٿا نين، جتَ ملڪ پانهنجي،
جي گهگهيرن گڏين، تہ پين ڪان پيٽو ڪريان.
(٥٢)
اڳي اِئن هُياس، جيئن پنهونءَ ڏوتم ڪپڙا،
هاڻي اِئن ٿِياس، جئن جت نہ نِينم پاڻ سين.
(٥٣)
سُورَن سانَڍِياس، پُورَن پالي آهيان،
سُکن جي سيد چئي، پُکي نہ پيياس،
جيڪس آءٌ هُياس، گري گوندر وَل جي.
(٥٤)
مُٺ مُٺ سُورن سڀ ڪنهن، مون وٺ وٺاٽان،
پَريون ڪيون پٽان، ويا وهائو نِڪري.
(٥٥)
ڪوهيارو ڪيٽان، ڪيڻ وڃي ڪاڏي وڃان؟
مُون پانيو سيٽان، ڇپر ڪنديَس پَنڌڙا.

(٥٦)

ڪوهيارو ڪاري، پَنڌَ اڙانگا پٽئين،
سي ڏيھہ ڏيکاري، جي اڳ نہ ڏٺا ڪڏهين.

(٥٧)

ڏکوين اُهڃاڻ، ڪُلهي ڦاٽو ڪَنجرو،
وڃن ڳوندَرَ ڳڏيون، لوڪَ نہ آڇين پاڻُ،
سُورن اسان ساڻُ، ننڊي ئي نِينهَن ڪيو.

(٥٨)

ڪُلهي ڦاٽو ڪَنجرو، مٿو اگهاڙو،
منهنجو ڪُڇاڙو، پينر هِن پنهور ۾.

(٥٩)

پنهوران ٻَهر ٿي، اَمَڙ مون اُماڻ،
مَڇڻ ڪا رهاڻ، مون تو موٽي مس ٿئي.

(٦٠)

ڪُتي لئہ ڪاٽي، رکيئي پرتِ پنهونءَ سين،
سهيو سکيو جندڙو، وڌئي ڇيري ۾ ڇاٽي،
هاجو هوتاٽي، تو سين صُباحَ ڪندا سسئي.

(٦١)

ڇپن ڇنيا پير، هَلي هَلي ماءِ،
ڪوهياري جي ڪاءِ، ڳنهيو پُٽان ڳالهڙي.

(٦٢)

نينهن مَ نالو ڳنھہ، پريتڻي پير پيا،
سُورن ساڻ مَ ڇِن، ورَهُ وهائج وترو.

(٦٣)

سَڇڻَ ڏٺو جن، تن ڳڇيءَ سَر ڳھہ ڪيو،
پيون ڪوہ پُڇهن، قدر ڪيميا ان جو.

(٦٤)

هاري هنئون مَ لوڏِ، سُکن پوندئن سسئي،
ڪوهيارو تو ڪوڏِ، اچي ڪره قطاريو.

(٦٥)

جَسُ جفا ريءَ نہ ٿئي، جفا وارين جَسُ،
سُتين ساٿ وڃائيو، ڳولي ڇڏ مَ ڳَسُ،
ليڙن جو لطيف چئي، ڏونگر ڏيندئي ڏَسُ،
پنهون اچي پُس، سِر پر هلي سسئي.

وائي

كارُون وَسَ كيامِ، رڙيِ هَي هَي وو لَڏي ڏور ويامِ،
منهنجو هوتُ نہ َموٽيو، وو كارون وس كَيامَ،
ٻَنڌڻَ ٻاروچن جا، پينگهي منجهہ پيامِ،
كئين قاصد كيچ ڏي، محبن لاءِ مكامِ،
سدا سپيرين جا، سانڍڻ سور پيامَ،
هوت هَلنديءَ جي كيا، نہ سي سڌ سيامِ،
اَديون عبداللطيف چئي، آرياڻي ايندامِ.

# سُر سورٺ

## فصل پهريون

(۱)

الله جي آسَ ڪَري، هَليو هئائِين،
چارڻ ٻَڏا چَنگ ڪي، جُهوڙا ۽ جهائِين،
ڏولي راءِ ڏياچَ جي، ڏُوران ڏٺائين،
وينتيون واحدَ دَر، تَنهن ويرَ ڪيائين،
سَٻاجها سائَين، راَءِ ريجهائِين راڳ سين.

(۲)

الله جي آس ڪري، چارڻ چوريو چنگ،
مرُون جي جهنگل جا، ڪن رهاٽيون رنگ،
ٻِيَجل سندو ٻنگ، خالق خالي مَ ڪرين.

(۳)

پَرديسان پَنڌُ ڪَري، هَلي آيو هت،
جاجڪَ اُپو جِت، سرَ جون صَدائون هَٽي.

(۴)

پرديسان پنڌَ ڪري، هلي آيو هو،
اُونچو تون عَرش تي، آءٌ پورو مَٿي پُون،
ڪِيئَن تُسندين تون، هيُ سَر سوالي مگڻو.

(۵)

پرديسان پنڌ ڪري، آيس آڳاهينءَ ماءِ،
جي وهاٽيءَ ويَر مَ ٿئي، تہ مون هنئر ئي هَلاءِ،
سُونهارا سَورَٺِ وَرَ، ڳالهہ هنئِينَ سين لاهہ،
سو مَگڻهارُ مَلهاءِ، جو وچاَن ويرِيُن آئيو.

(٦)

جو وچان ويرين آئيو، سو مگڻو مَ موٽاءِ،
جا جيءَ اندر جي ڳالهڙي، سا پاڙ پليءَ مون پاءِ،
جو گهُران سو گهوري ڏي مگڻهار ملهاءِ،
اٿم آس اِهاءِ، تہ وِجَي ڏيڪاريان ڏيهہ ۾.

(٧)
پرديسان پنڌ ڪري، هَلي آيو هيءُ،
مالُ نہ مگّي مڱڻو، جَاجڪ گهُري جيءُ،
وَڍِ، وَهلو ٿيءُ، ساعَتَ صَبرُ نہ سَهَان.
(٨)
پرديسان پنڌ ڪري، سُٽي آيس شان،
مڱان ڪهڙيءَ مت سين، نسورو نادان،
سو ڪو ڏِيارينم ڏانُ، جو طمع کيَ تَرڪ ڪَري.
(٩)
الله جي آسَ ڪري، آيس آڳاهون،
مٿي ري مَسَ رڪان، پير رکي پاهون،
داتا سڻ دانهون، جي ڪريان ڪوڏ ڪپار جي.
(١٠)
الله جي آس ڪري، هلي آيس هير،
هاتڪ تو حضور ۾، پرتو پيري پير،
وير لَڳاءِ مَ وير، وڍي ڏي تہ وڃان وچان.
(١١)
الله جي آس ڪري، پيجل ڪئي پاڪار،
لا اله الاالله محمد رسُول الله، ڪئين تندن منجهہ تنوار،
ماڙيءَ ۾ ملوڪ ڪي، سيباٽي سَردار،
جيڪي خلقيو خلقٽهار، سو مڙ ڏنائين مڱڻي.
(١٢)
مَحل مندر ماڙيون، اَملُ جت ٻَرن،
رڙهيو راءِ ڏياچ کي، ڪوڙين ڪُورَنَش ڪن،
تُون سردار سين، اسين تابع تنهنجا.
(١٣)
تو دَر آيسُ راڄيا، ڀڄڙو وٺي حالُ،
اونائيج عَليلَ جو، سڀاجها سوال،
اگڻ مٿي آنهنجي، کهي کي قوال،
پِلا ڪَري پالُ، امنُ ڏيو اُن کي.
(١٤)
تو در آيس راڄيا، پيا دَر ڪَري دُور،
سائل تو سين هَٽي، هردم آن حضُور،
پيو نہ گهري مُور، اَمُن ڏِيو اُن کي.

(١٥)

تو در آيس راڄيا، جاجڪ وٺي جيءُ،
ڪنا ”نار حاميه“ هاڻ بچائج هَيءُ،
والِي ڏِياريئي ويَءُ، جت آهي ”جَنات عَدنِ“.

(١٦)

تو در آيس راڄيا، پيا دَر ڏيئي ٻن،
ڪَهان جو ڪماچ سين، سو سُڻ سباجهي ڪَن،
جا مَڱ منهنجي مَن، سا تو تي معلوم سڀ ڪا.

(١٧)

پيا دَرَ ڏيئي ٻيَن ڪي، آيُس تُنهنجي دَر،
سُونهارا سورٺَ وَرَ، ڪا منهنجي ڪَرَ،
پِلا پيري پَر، پالهو پانڌُ پينار جو.

(١٨)

درباني در ڪول، آءٌ پرديسي مڱڻو،
پيا گهرندا دول، آءٌ سوالي سِرَ جو.

(١٩)

ماڙِيءَ وٽ ملوڪ جي، چارڻ چوريو چنگ،
مَردَ پيا اُت مامري، ريڏا پسي رنگ،
پيجل لڌو ٻنگ، راجا تي راضي ٿيو.

(٢٠)

ميين سين مڱڻي، ڪي ڪا جا ڳالهہ ڳُجهي،
سا ٻاين، دائين، ٻانهين، سو جي تان نہ سُجهي،
پيا وير وساس ۾، عاقل ويا اُجهي،
ڪوڙين جي ڪريم ري، ويئي مَت مُنجهي،
هڪ پيجل تي ٻُجهي، ٻي خبر هئي ڪنگهار ڪي.

(٢١)

ڪوڙين ڪيرتيا آئيا، مانجهي مٽيادار،
جن ڳڙهان ٻهر ڳائيو، سُهجان سڀ چمار،
هن تنبيري جي تندُ جي، اُت پهرئين هئي پچار،
آءُ مٿاهون مڱڻا، چڙهي دُر دُئار،
توڪي گهوٽ گهرائيو، خلوت لاءِ ڪنگهار،
اَلتَحِيَّاتُ للهِ وَالصَّلَوٰةُ وَالطَيبَاتُ، اِيءَ ڪلي ڪيائين ڪِيڪار،
اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيهَا النَّبِيُّ وَرَحمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتهُ، پروڙج پچار،
سُئو ۾ سنسار، تہ مُلڪ ڏنائين مڱڻن.

(۲۲)
سرَ جي هئائين هليو، چارڻ چتائي،
سَو مال نہ وني مگڻو، تہ ماڻڪ موتائي،
تہ در آيَس تي، جيئن تُون نانهن نہ سکيو.

(۲۳)
ڪنجهي ڪيرت ڪينرو، ساز ڪيائين سرُ،
وَيهي تنهن وڏاڻ سين، پاڻ ڪي جا پر،
پيجل ڪي پر پر، وڏائين ڪرڻ ڪَپار ۾.

(۲۴)
چارڻ ٻول ٻيو، گهُريئي سو گهوريان،
گهُر سورٺ سين نہ پڙي، جان تند برابر توريان،
ڳجهي آهيم ڳالهڙي اوري آءُ نہ اوريان،
ڪلهَنيون ڪوريانَ، ڪ جاجڪ جُسي ساڻ ڏيئين.

(۲۵)
جو تعلق رکي تند سين، سو مُون پليءَ پاءِ،
سُڻ تُون ڪريان ڳالهڙي، آيُس آڳانهين جاءِ،
سُڻ سُنهارا سورٺِ ورَ، ڳالهہ هئين سين لاءِ،
هيءَ هينئر ئي لاهہ، وڃ تہَ ويرمَ نہ ٿئي.

(۲۶)
تند برابر توريان، جي سؤ سرن پائي،
تان اُتل اوڏانهين ٿئي، جيڏانهن ٻيجل ٻُرائي،
هي سڪڻو هَڏ آهي، سر ۾ سچڻَ ناهہ ڪي.

(۲۷)
ڪَتي سَر ڪتار سين ٿهرايائين ۾ تارَ،
سورٺ سرتين ڪي چوي، مُنيس مگڻهار،
ڪيو قهر قهار، جنهن راڻيون سڀ رُئاريُون.

(۲۸)
رتُ سرڪي نگيو، مهدان سورٺ سَٺَ،
ڏڙُ ڏُٻي پيو پٽ تي، مٿو مٿان ڪَٺَ،
آيو سو البت، راڻيون جنهن رُئاريون.

(۲۹)
ڪتي سر ڪتار سين، ٿهراياِئين ۾ تار،
ڪوڙين آيا ڪيترا، حاڪم حڪم دار،
سوين سوالي آئيا، بابُو بيکن دار،
سڀ ڏڪمکيا ڏاتار، سُٽي ڏان ڏياچ جو.

(٣٠)
آءُ مڱڻا مَڱڻا، چَڙهي ۾ چوڏولَ،
توکي گھوٽ گھرائيو، راجا ۾ رتول،
ٻيجَلَ توسين ٻولَ، وھاٽي وَڍِڻَ جي.

(٣١)
کي جو ٻيجل ٻوليو، ٻنيءَ ويھي ٻانَ،
راجا رَتولن ۾، سيباٽو سُلطانَ،
آءُ مڱڻا مَڱڻا، مُقابل مَيدانَ،
گھوريان لَک، لطيف چئي، تنھنجي قَدَمنَ تا قُربان،
مڱو ھيءُ مھمان، هَلي آءُ تہ هُتِ ڏيانءِ.

(٣٢)
ريءَ مَصلحَتَ مڱڻا، قَصر کينَ اَچن،
نُور تَجلو نُور سين، نَميو نيڻ پَسن،
خيمي ۾ کنگھارَ جي، چانڊُوٽا چمکن،
لڏائين لطيف چئي، سَندا ڏانَّ ڏِسينَ،
تيلان مُلک ڏٽين، مڃيو مڱڻھار کي.

(٣٣)
ڏنو جو ڏياچ، سو سورٺ سُرھو نہ کيو،
کَنبي ويا کيرتي، کوماٽا کُماچ،
جا وندر وائي واچ، تنھن موھيو مڱڻھار کي.

(٣٤)
چارڻ منھنجي چنگ ۾، توحيد جي تار،
وَحدہٗ لاشريک لہ، تندُن اِيءَ تنوار،
مُون کي تنھين وارَ فکر کٽي فنا کيو.

(٣٥)
ماڙيءَ هيٺ ملوک جي، کا جا کيائين کوکُ،
راڄا جي رنگ محل ۾، هنڌ هنڌ پيئي هوکُ،
مڱو ڏي مَلوکَ، تہ ڏيکاريان آءُ ڏيھَ ۾.

(٣٦)
نرتي تَندُ نِياز سين، ٻيجلَ ٻرائي،
"اَلْاِنْسَانِ سِرِّیْ وَاَنَاسِرَّہٗ"، ورني اِيءَ وائي،
راجا رتولن ۾، اَمُل اونائي،
کوناياڻين کوٽ ۾، ٻارڻ ٻاجھائي،
راجا راڳائي، ھر دوئي ھيکَ ٿِيا.

(۳۷)

نِرتي تند نياز سين، ٻُرائي ٻيجل،
رَاجا رتولن ۾، اونائي اَمُلَ،
رازُ ڪيائين راءَ سين، ڪنهن موچاري مَهَل،
”اَنا اَحمَدُ بَلا مِيمَ“ چئي، سَينَ هَنئي سائل،
ڪنهن ڪنهن پيئي ڪل، تہ هَر دوئي هيڪ ٿيا.

(۳۸)

ڪنهين ڪنهين ماڙهئين، پيئي ڪَلَ ڪائي،
رَسياَ جي رمز ڪي، تن پارسي پائي،
”اَلاِنسَانِ سِرِیٌ وَاَنَاسِرَّهٗ“، وَرتي اِيءَ وائي،
راجا راڳائي، هَر دوئي هيڪ ٿيا.

(۳۹)

راجا رنگ مَحلَ ۾، جاجڪ سر زمينَ،
جا هَنيائين هٿن سين، سا سُئي َبالا بين،
جت اچن نہ اُڙدا بيگيون، اُت ڪوٺايون امَينَ،
تَازَي ڏيوس تَڪڙا، جوهَرَ پائي زِين،
پيو مَڱي ڪِينَ، ڏاران سِر سيد چئي.

(۴۰)

راجا رنگ محل ۾، ٻهر ٻارڻُ ٻاڪاري،
تَندُ تُنهنجي مَڱڻا، چَت وڏو چاري،
اَڳيون ٻَيٽُ، عناتُ چئي، وَهلو َ ڏي واري،
هي سِرُ سينگاري، پاڻ پَلئي تو پائيان.

(۴۱)

آءٌ سوالي سرَ جو، آيُس آڳاهون،
مٿي ري مَس َ رڪان، پير ڪٽي پانهون،
داتا سُڻ دانهون، جي ڪريان ڪوڏ ڪپار جي.

(۴۲)

سُٽي رُون رُون راز جي، گڏي اُٿيو گهوٽ،
جهل تہ جواهر تو ڏيان، چنگ برابر چوٽ،
طويلا تازين جا، مون ڪان جهلي موٽ،
تان هِن ڪنبايو ڪوٽ، حيلو ڪري هٿن سين.

(۴۳)
ڪاجا تندُ تنبيل جي، سُتي سئائين،
ملهي آيو مڱڻين مٿي، پَر ۾ پڇيائين،
تان ڪنڌ ڏانھن ڪيائين، اشارو آڳر جو.

(۴۴)
محلين آيو مڱڻو، پريان پيري پير،
ڏيڏيءَ تي ڏاتار جي، سري لڌائين سير،
ڪيئن چڙيدارن چڏيو، هُئي ڪيڏي وير،
آءُ تو پچان هير، ڇا جُڙيو ڪي مڱڻين.

وائي
الوداعُ، وو الوداع، جانيان ڪِيڙئي جُدا، سورٺ اوساري،
هڻ تند تون طريق جي، واڄٽُ سڀ واري،
سورٺ سَرتين وچ ۾، اُڀي اوساري،
هيءُ جو آيو مڱڻو، سو متارا ماري،
دوستَ دوسَتَنِئان دُور ڪيو، تو ڏيا ڏيکاري.

## فصل پيو

(۱)
پاڻ پهلي رات جو، ڳُڙه پاسي ڳايو،
تيو غُلغُلو گِرنارَ ۾، تہ ڪو عطائي آيو،
سالِڪَ سازَ سُرود سين، ڪي جو ڪمايو،
نازي ڏيوس تڪڙا، زينت زور پايو،
ٻيجل ٻولايو، تہ سرَ سوالي آهيان.

(۲)
ٻيجل ڪي ٻيءَ رات ۾، سَڏايو سُلطانَ،
اڳي ڪونہ آئيو، پير تُنهنجي پانَ،
جانئان جي جُدا ڪيو، طرَحَ تُنبي جي تانَ،
مونَ وٽ مال مَتاعَ جي، ڪَمي آهي ڪانَ،
تو دس ڏِيان مڱڻا، رُوح رُچندا دانَ،
مِيان مَهربانَ، چوري چَنگ چئج ڪي.

(۳)
راجا ڪي ٽيءَ رات ۾، ٻڌايو ٻيجل،
سَهسين هُئا سَنسارَ ۾، ٻيا پڻ داتا دل،
آيُس مَنَ اُجلَ، تيلاهِين تو ڳري.

(۴)

چارَنِ چوٿينءَ رات ۾، آءٌ نچ آئين جيءُ،
تنهنجو قَدمُ پَدَمَ نہ پاڙِيان، جي تون ٿِئين جَميع،
دانَ دلوچان دل وٽيا، وَٺي راضي ٿيءُ،
هنئر اٿيئي هيءُ، صُبح سَوايو ڏيانءِ.

(۵)

پَلٽيو پنجينءَ رات ۾ رپُو سون سَبيلَ،
پَلنگَ پَٽراٽِيون، پالڪيون، نَوَ لَکَ ناٽي نيلَ،
داتا وٺان نہ دان ۾، وَنُئن قيرائي فِيل،
آکِيُم جو اَصِيلَ، سو سِرُ ڏي تہ سُرهو ٿِئين.

(٦)

ڇهينءَ رات ڇڪائيو سالِڪ سَوري سازُ،
ڳاڻائين ڳِڙهہ گرنار ۾، ڪري آڳهہ ساڻ آوازُ،
صلح جو سيد چئي، راجا تو سين رازُ،
سُپاٽي سَرَفرازُ ميون ڪندو مَگٽي.

(٧)

پائي پَٽ ڪَٽا، مَون تان مُور نہ مڱيا،
تازي طوَيلن ۾، گهوڙا گهر گهٽا،
هاٿيءَ ڪارڻ هيڪڙي، آءٌ ڪا ٽَند هٽان،
جا مٿي تو مَٽِيا، تنهن سر جو آهيان سيڪڙو.

(٨)

سر مڱي، سر گهُري، سر ري ٿئي نہ صَلاحَ،
غَريبنئون نَہ گذري، تُو ماري ميرَ مَلاحَ،
نايو نوابن جا، سوريو ڪِڍي ساهہ،
خالق سَنجهہ صُباحَ، ڪونہ ڇڏيندو ڪٿهين.

(٩)

موتي مڱٽهار، شال مَ اَچين ڪڏهين!
اَنئي پهر عظيم جو، ڪُنڊو منجهہ ڪَپارَ،
جنهن تو سِپ ڄمار، هَنيا ڇَتَ پَٽن سين.

(١٠)

سرَ سرَن پائي، جي ٽَند برابر تورِيان،
اُتَل اوَڏانهين ٿئي، جيڏانهن پيچل پُرائي،
سِڪٽو هَڏ آهي، سرَ ۾ سَجَڻ ناهِ ڪي.

(١١)
پاسَنگ جنهن پيش ڪيو، تنهن ڏنو ڪينَ ڏياچُ،
مٿو نيئي ماچ، وڃي ڏور ڏک ٿيو.

(١٢)
ڏنو ڪين ڏياچَ، ته سائِلَ سڪائي،
مُنهن تي موٽائي، مٿو هَنيس ۡ مڱڻي.

(١٣)
محَلين آيو مڱڻو، ساڙُ ڪٽي سرندُو،
سرَ جي صدا سُرَ ۾، گهُورَ هٽي گهُرندو،
مَٿي ري مَلُوڪ جي، چارڻُ نہ چُرندَو،
جُهوناڳڙهہ جهُرندو، پُوندي جهانء جهَروڪ ۾.

(١٤)
محلين آيو مڱڻو، ڪٽي ساڙُ سري،
لڳي تَندُ تَنبيرَ جي، پيا ڪوٽ ڪِري،
هَنڌين ماڳين هُوءِ ٿي، تنهنجي پيجلَ دانهن پُري،
سسي تَنهن سلطان ڪان، اَچي گهوٽ گهُري،
جَهوناڳڙهہ جُهري، پُوندي جهانءِ جهروڪ ۾.

(١٥)
سو جيءُ مڱڻهارَ مَ هوءِ، جو تو مَٿي سرَ سَٽو ڪيو،
جو مُون مُلهہ مُور نہ سَپَجي، تان جي سو گهُريوءِ،
تہ جڳان جَڳَ ڏِنوءِ، ڏُونگهو ڏاتارن ڪي.

(١٦)
مَٿو مَٿان ئي گهوريان، مَٿو تو مٿان،
سو مون ٿئي نہ مٿان، جنهن تون لائق مڱڻا.

(١٧)
مٿو مٿان ئي گهوريان، مٿو تو مٿان،
هَڏو هيءَ هَٿِ ڪري، جاجَڪَ وَهلو جاءِ،
تو سين انيراءِ، جِمَ واچا ۾ ولهو ٿِئين.

(١٨)
ڪا جا ڳالهہ ڳري، پيجَليا ٻَڌاءِ مون،
پيٺين جٺَن گرنار ۾، تَندُن تان ڪري،
ڪ تو پَنڌُ پَري، ڪ مڱ جَهلِيندي مڱڻا؟

(١٩)

مگّ نہ جهليان مُورهين، نہ مون پنڌ پري،
ڳنهي آيُس ڳالَهڙي، ڳجهي تو ڳري،
سا سَمجُهہ سورٺ وَرَ، ويندسُ ڪينَ وَري،
پَريان پيرَ پِري، تو لَئي آئيو آهيان.

(٢٠)

مگّ نہ لسي مگّڻو، نہ ملڪ نہ مال،
ڏاتِرئون ڏُور تئي، ڪا جا ڪٽيس ڳالهہ!
آهي اِن خيال، تہ ڏيني تيان ڏاتار سين.

(٢١)

ڏاتار ۽ مگّڻي ڪونہ وسيلو وچ،
سائي تال تندن جي، سا ئي چارڻ چتِ،
هتي جي هُت، تہ ڳالهہ مِڙيائي هڪڙي.

(٢٢)

ڳجُهہ پنهنجي ڳجَهہ سين، رند رَساڻي لاءِ،
اَجل اُپو آهہ، پُنيءَ تو پَلاڻيو.

(٢٣)

مڱو هُئائين هليو، چارڻ چتائي،
سو ماڙي هيٺ ملوڪ جي، وينو وَجائي،
راجا تنهن راضي ڪيو، پيجل پُرائي،
ڏيوس دانُ دل گهريا، پلؤ ۾ پائي،
سر ڏانهن ڪَنيائين سمو چئي اکيون اُنائي،
جَو مُنهنجي مَنِ آهي، سو سرُ وڍي سلطانَ ڏي.

(٢٤)

چارڻ ٻولج ڪي پيو، گهُريئي سو گهوريان،
ڳر سورٺ نہ پِڙي، جي تَندن سين توريان،
ڳجهي آهيم ڳالَهڙي، آءُ اوري تان اوريان،
ڪُلهنئون ڪَوريَان، ڪ جاجَڪ جُسي سين ڏِيان؟

(٢٥)

چارڻ چَنگ ٻنگ لهي، وَڄايو وَڏانُ،
سِرَ تان هَڏِ آسانُ، پَر مَگّڻهار مڻي وَهي.

وائي

گھُونَگھٽُ کول ڪڙي، آيا يارَ! بَنچي والا يارَ!
هو سيلي والاَ يارَ! سانُون ظَلَبَ ملڻَ دي،
ڦُلين پيري جهجهري، تارين پَرِيَ رات،
شاهہ حسين فقيرالله دا، فقر الله دي ڏاتَ،
دستِ تيڏي وچ سون دِيان ڪَنگِڻيان، چوڙا لپيٽي والَ.

## فصل ٽيون

(۱)

سَرديءَ سالِمُ نہ رَهان، گرميءَ ٿيان گدازُ،
اَمن ڏيج اَمان تون، سائل هَٽي سازُ،
ربابيءَ ڪي راز، خالص ڏي خَلِيلَ جو.

(۲)

سرديءَ سالم نہ رهان، ڪوسي سهان ڪان،
اَمن ڏيج اَمان تون، دُور ڪري ٻيا دان،
پاندپ ڪايي پانَ، وجهج پِڪَ پينارَ تي.

(۳)

ٿيئي پرچيا پاڻ ۾، تَندُ، ڪٽارو ڪَنڌ،
تَنهن جهوئَي ناهہ ڪي، جو تو چارڻ ڪيو پَنڌُ،
اِيءُ شُڪر الحمد، جو مٿو گهريوءِ مڱڻا.

(۴)

مر تہ آئين مڱڻان، مامر پَروُڙي مُون،
جيڪا ڳالهہ ڳالهائِيين، سا سڀ سمجهي سون،
تنهن ۾ تُسج تون، جيڪي پويئي پَٽَ ۾.

(۵)

چارڻ چَنگَ ڪُلهي ڪري، رَمي رهيو رات،
سدا جي، سيد چئي، وائي ڪيائين وات،
ڏيهہ ڏنائين ڏات، مئين مڱڻهارَ ڪيَ.

(۶)

چارڻ چنگ ڪلهي تي، پيرَ پَري پاتا،
سدا جي سيد چئي، وائي ڪيائين واتا،
تنهن تي راءُ راضي ٿيو، دل وڏيءَ داتا،
مُرڪي مر ماتا، روڙي راءِ ڏياچ جي.

(٧)

چارڻ تُنھنجي چنگ جو عجب آھيم اِي،
ھٽين اُپيو ھٽن سين، جيرو رَکيو جيُ،
رات منھنجو ريُ، ڪاتيو َ تو ڪماچ سَين.

(٨)

جاجڪُ جھوناڳڙھ ۾، ڪو عطائي آيو،
تنھن ڪامل ڪَڍي ڪِينرو، ويھي وَڄايو،
شھرُ سڄو ئي سُر َ سان، تَندن تَپايو،
دايون دَر مانديُون ٿيون، ٻائن ٻاڏايو،
چارڻ ٿي چايو، تہ ماري آھي مڱڻو.

(٩)

جاجڪَ تو جُھارُ، ڏھ ڀيرا ڏياچ ڏِئي،
جنھن ۾ مالُ نہ مرئي جيترو، تنھن تون طَمعدار،
جي اچيئي ڪَم ڪَپارُ، تہ وِيھ ڀيرا ودي ڏينئين.

(١٠)

مٿي اُتي منھنجي، جي ڳَوڙين هُون ڪَپارَ،
تہ واريو واريو وڍيان، سسيءَ ڪي سَو وارَ،
تہ پڻَ تَند تَنوارَ، تُنھنَجي مَٿاھِين مڱڻا.

(١١)

ٻيلي ٻئي پار، جان مون نيٽين ھَٽي نِھاريا،
چوري رَکِيَم چِتَ ۾، ڏِسن جا َ ڏاتارَ،
ھي سِر تھانَ ڏار، ٻيجل ڪَنھن نہ ٻوليو.

(١٢)

پَسي پاٽُ پَر ٿيو، سَندو جادَم جُود،
مڱ وھاٽيءَ مَڱڻا، مٿو ھنئر موجُودُ،
بلڪَ َآھي بُودُ، ناقصي َ نابُودَ ۾.

(١٣)

مَرُ تہ آئين مڱڻا، چڱو ڪيو تو ڪم،
خوش ٿي چوڙ خوشيءَ سين، لاھي غم وھم،
جو ھي ھڏو ۽ چَم، تنھن سر ڏني شرم ٿئي.

(۱۴)

ڪَنجهي ڪيرَتِ ڪِينرو، واڄو ولاتي،
هَنئي تند حَضورَ ۾، تَنهن پارسَ پيراتي،
ڏِسندي ئي ڏياچ کي، ظاهرَ ٿيو ذاتي،
ڪَڍي تَنهن ڪاتي، وِڌو ڪرٽُ ڪَپار ۾.

وائي

مَٿو ۾ ڪِيڪارَ يارَ، ڏاڻ ڏيندو سئين مڱٽا،
جاجڪَ جهوناڳڙهہ ۾، هَلُ تہ ٿيون يار،
متان ڪا منهنجي ڪَرئين، گلا جي گُفتارَ،
مٿي اُتي منهنجي، جي هُوَن سِرَ هزارَ،
هَرَ هَرَ وَڍِيان هيڪڙو، تُنهنجيءَ تَند تَنوار،
لڄندي ٿو لاهيان، ڪينهي مَنجهہ ڪپار،
اَديون عبداللطيف چئي، لَڳيس لَنؤ لَغار.

## فصل چوٿون

(۱)

تانُ نہ آهي تَند جو، رُون رُون ڪري رازَ،
هَٽندڙَ سَندا هَٿڙا، سپ ڪو چئي سازُ،
سَٿَ ڏيئي شهبازُ، ٿِيءُ تہ ٿوڪُ پرائِيين.

(۲)

تَند تُماريءَ تانُ، ڪَهيو سو قبولُ پيو،
سرُ تہ آهي سَٿ ۾، پَرَ پيو ڪي مڱج دانُ،
خَاڪ متي ڪا بَانُ، ڪاٺِيان پوءِ ڪجُهہ نَهِين.

(۳)

گل چِنو گرنار جو، پَنَڻ ٿيون پنِين،
سَهسين سورٺ جهڙيون، اُپيون اوسارين،
چوٽا چارَڻَ هٿ ۾، سرُ سينگاريو ڏِين،
نارِيُون ناز ڪَرِينِ، راڄا راتَ رمِ ڳيوَ.

(۴)

ساري رات صاحب کي، ڳڙهہ پرَ ڳاياءِين،
اُنَس ماڻِڪَ مينهن جئَن، هَٿِ نہ چِتائين،
تي لائق لڌائين، هو مِيراثي مڱٽو.

(۵)
جي ميراثي مڱڻا، آءُ پڻ منجهان تن،
ڪي ڪَهہ منهنجي ڪَن، حرض منجهاران اُن جي.

(٦)
جو تو ڏيڻ ڏياچ، لاهيو اِي سر سيڪو ڏي،
ڪي نانه جهڙو ني، جو سَندَ ٿِئي سُوالئين.

(٧)
گُل چنوَ گِرنار جو، ڏٻڪي ويا دُئار،
ٻايُون دايون ٻانهيون، ٻٽيو ڪڍن پار،
ٻئي رهيا پٽ ۾، سورٺ جا سينگار،
راڻين ۾ راڙو ٿيو، ٻٽن پئي پچار،
ههڙا راءِ ڪنگهار، ڪين ٿيندا ڪڏهين.

(٨)
گل چنو گرنار جو ڏٻڪي ويا دئار،
سهسين سورٺ جهڙيون، ٻٽيو ڪڍن پارَ
ڪوڙين سندو ڪارٽي، آرين جو آڌار،
وسيلو ولهين، جو سيني جو سردار،
اهڙو راءُ ڪنگهار، ڪڏهن ٿيندو ڪونہ پيو.

(٩)
راجا رات رم ڳيو، جُهوناڳڙهہ جهوري،
ڏنو سرُ ڏياچ، تنهن ڪُلهن تا ڪوري،
وٺ مَٿو تون مڱڻا، تندن سين توري،
جو ڳهُريئي سو جُڙيئي، هاڻ مَ پؤ هوري،
پُڇاڻ نہ توڙي، جيئن تو پير پرتيون پائيا.

(١٠)
سورٺ مُئي سُڪُ ٿيو، خيما ڪَنيا ڪَنگهارَ
نَہ ڪو راڳُ، نہ رُوپ ڪو، نہ ڪا تند تنوار،
تهان پوءِ مڱڻهار، ڏِنو سر ڏياچ ڪي.

(١١)
سورٺ مُئي سک ٿيو، خيما هنيا ڪنگهار،
ٿيو راڳ ۽ روپ سو، لڳي تندَ تنوارَ
سو ڏِٺين ٻٽين پارَ، ٻسو راجا راضي ٿيو.

(١٢)
راجا راضي ٿيو، تنهن ڏنا وڏا ڏانَ،
موٽي كاريا مڱڻي، طرح تُنبي کي تانَ،
مون وَٽ مال متاع جي، ڪَمي آهي ڪانَ،
ڪارڻ رب رَحمانَ، سرُ وَڍِي سُلطان ڏي.

(١٣)
وُڍِ سرُ، تي سَرهو، مُڪي مَ ڳاءُ،
جاجَڪَ تو مَٿانءُ، مُلڪ مڙيوئي گهوريان.

(١٤)
مٿي اُتي مُنهنجي، هَوا سرَن سَوَ هزار،
تہ تُنهنجي ساڻُ تنوارَ، هر هَرَ وَڍِيمِ هيڪڙو.

(١٥)
ڏيَڻَ گهڻو ڏهلو، سسي ڏيَڻ سک،
سو تان ڏياچَ ڏک، جو تعلق رکي تَند سين.

(١٦)
جو تعلق تند سين، سو کي پَلَئہ پاءِ،
مون کي مَ موٽاءِ، اَڳاهون آئيو.

## وائي-١

ڪينو مين آڪان ٻولِڪي، اَڙي اَڙي گهايلِ!
ڪيتي مَين سُول سَڄڻ دي،
چندِ جو چڙهيا ڪُل عالم ديکَي، رانجُهو لڌم ڳولِڪي،
مين رانجهن دي، رانجهن ميڏا، ڪيڙا گهتڙيم گهولِڪي.

## وائي-٢

ڪينو آکان، ڪوئي نہ بتاوي بات،
هيُ واتڙو لوکو! ني اپني صاحب دي!
چارڻ تينون امل ڏيوان، چوڙ مٿي دي بات،
چارڻ آيا چنگ بجايا، جاجڪ سائي ذات،
چارڻ آيا چنگ برايا، ڪري هٿ ۾ ڪات،
چارڻ آيا، سرِ ڪاٽ ليجايا، ڪوءِ وي چارڻ کي ذات.

# سُر بيراگ هندي

## فصل پهريون

(١)
پک نهين، پاوَر نهين، پهچ نهين، بي دور،
اُڏر نہ سَگهان سکيان ڙي، مَران سُور پسوڙ.
(٢)
پَر هووَنُ تہ اُڏر ملان، مُجِهہ نِت نِت ماري پيڙَ،
جِيون جِيون ساڄنَ سَنيِران، تِيون تِيون لاگن تيِرَ.
(٣)
سَڄَن بِڇليا، دن هُئا، رَين پڙي ظُلمات،
کهو تو قيامت دور هَيءَ جا پئي آئي ساٿَ.
(٤)
سَڄڻ بڇلن ڦِر ملَڻُ کيا جانَون کَب هوءِ؟
لوک مَرنا ايک هَي، مُجِهہ نِت نِتَ مرنا هوءِ.
(٥)
ساڄن گئي، دو دن ڀئي، مينَ جانُون ورس پچاس،
ڀولي پوڇي پنڊتا، دن مين کِتلي ماس.
(٦)
ساڄن ساڄن کر رَهي، چَلي نہ ساڄن ساٿ،
دکان کارڻ هو رَهي، مَرگ نہ ميري هاٿ.
(٧)
ساڄن آئيا هم سُڻيا، کيا لي چَلُون ساٿ؟
سيس اُتاري پئي ڏرون، مُجِهہ ميري ايهہ بسرات.
(٨)
ساڄن آئيا هم سُڻيا، کَيسي جڳت کَرون،
ٿال ڀَري سَچ موتيان، اُوپر نينَ ڌَرُون.
(٩)
سڄن تُم مَت بساريئي، هَم لاگي تيري پانءِ،
همَ جَيسي تم بهتُ بساريئي، تم جَيسي هم کانهہ؟

(١٠)

سولَ بهانا، دُک دِولِيا، بره همارا ليک،
آءُ ساجن تم ديک، هي همارا جيونا.

(١١)

گرو _ گوبند دونو کڙي، مَين کس کي لاگون پانءُ؟
هم بلهاري اُس گروکي، جس گوبند بتايا نانءُ.

(١٢)

گرو گوبند ڏُوهين کڙي، پاگين لگان مين کانه؟
مين واري تِس گرو کي، جس ني گوبند ملايا مانه.

(١٣)

ليدي، پَر لاگي نَهين، ڦُوک بانسلي مانه،
گرو بيچارا کِيا کَري، چُوک چاکري مانه.

(١٤)

کاتي لاگي کَرم کي، کس کُون کهي نہ جاءِ،
جيئن گونگي نو سَپنا پيا، تِئن پچت پچت تن مانه.

(١٥)

کالُو کال تب مَٽئي، جب صقلي کي گهر جاءِ،
اَنجن کا منجن کريئي، کل مين کُرُنڊ لگاءِ،
مانجئي اِس تن کون، مت مورچا پڙجاءِ.

(١٦)

چمار کي گهَر چندن گيا، نِت نِت ٽانگي چام،
چندن بيچارا کيا کري، جب پڙا نيچ سين کام.

(١٧)

صاحب تيري صاحبي، گهٽ گهٽ ري سماءِ،
جيون ميندي کي هاٿ مين لالي لڳي هر جاءِ.

(١٨)

ساجن ڏاڳا پريم کا، مت باني ڇيتراءِ،
ٽُوٽي پيڇون سانديئي، گانٺ بيچ رهجاءِ.

(١٩)

اَري کبيرا ٻاهر ديک، لائيي انتر تو يي نام،
کام کيا هَيءَ لوک سين، جو بڙي ڏري سين
کام.

(٢٠)
آهہ ڪُرون، تان جَر جَلي، مُشڪ ڪرون، تان جيءُ،
ڪو هووي سخي رَبَ ڪا، جو مُجھہ آڻي ملاوي ايءُ.
(٢١)
آهہ ڪرون تو جڳ جلي، اَور چُپڪي لاڳي گھاءُ،
ايسي ڪَٺن سنيهہ سين، نِت نِت ڪَرون اُپاھہ.
(٢٢)
پيُ پيُ ڪر نہ پَپيھا، پيُ ڪا نام نہ لي،
مِتا ڪو وادي هووي برھہ ڪا، جو پيُ سُٽئي جيُ دي.
(٢٣)
برھہ بُرا مَت ڪو ڪهي، برھہ هَي سُلطان،
جس گھٽِ برھہ نسپَجي، او گھٽ هَي مَستان.

وائي
آڻ ملاوي ڪو، ماڪون ري پيا،
جيوي جاني دائم قائم، دوست اسانڏا موري جِيا.

## فصل پيو
(١)
اُس مرني تُون ڪيا روئيي، جو گھر اَپڻي جاءِ،
رووي تہ بنڌي آپ ڪُون، جو هاٿِ هَاٿ بڪاھہ.
(٢)
جس مرني سين جڳ ڏري، وہ مَرڻ ميرا آنند،
ڪَب مَرئيي، ڪب پائِيي، پُورڻ پَرمانندُ.
(٣)
مَرڻ هي آسان، مُجھہ ڪون انديشا اَورُ،
پيُ سين پهتا جو نهين، ڪيا بينِي نُورُ؟
(٤)
مَرنا مَرنا هَر ڪو ڪَهي، مَري نہ جاني ڪوءِ،
ايڪ وار ايسا مرئيي، جو ڦِر نہ مَرنا هوءِ.
(٥)
نَينا تُم نينين بَسو، دُور تہ هينئڙي مانھہ،
ساجن بِڇليا جو ڪهي، َپريت جانت نانھہ.

(٦)
ساجن ميرا ايک هي، دُوجا ڪَرُون نہ ڪوءِ،
دوجا سان تَب ڪرون، جَب ڪَل دُوجي هوءِ.
(٧)
اِيءَ ڪاھُو ڪي ريت، جئن ساجن بڇليا نہ مليا،
ويکو ڪانون ڪي پريت، جڳ ڦٽا، ساريُ مُئا.
(٨)
حد حد چَليا هَرڪوءِ، بيحد چليا نہ ڪوءِ،
بيحد ڪي ميدان ۾، ڪڙا ڪبيرا روءِ.
(٩)
ڪَوا سڀ تن ڪائيي، چُن چُن ڪائيي ماس،
دو نينا مَت ڪائيي، جن سين پِيا ملن ڪي آس.
(١٠)
سڏارو تو سڏ ڪرو، بيٺا اَلک سيباءِ،
زبان هماري ڪاٽ لو، هم ڪا پي ڪر جاءِ.
(١١)
سَمَن ڳِنڙي ڏُول ڪي، رهي پَوَن سين قول،
دو گهڙي ڪا ديکنا، آخر ڏَول ڪا ڏول.
(١٢)
ساجن هماري پاس هَي، مين ڍُونڍُون ديس بديس،
ساجن بسي سرير ۾، ڍَونڍُون مارکر ميس.
(١٣)
ساجن هماري پاس رهي، دن ٿوڙي دَس بيس،
ايک ايک لاک برس ڪا، اَيسي هون دِن تيس.
(١٤)
ساجن پريت لگاءِ ڪر، هرگز دُور نہ جاءِ،
تيري دشمن دُور هون، تيري دُور بلاءِ.
(١٥)
ساجن پريتِ لگاءِ ڪر، ڦر تُون دُور نہ جاءِ،
بَسو هماريَ نَگري، هم بن تُم هيءَ ڪاءِ.
(١٦)
ساجن ايسي پريتَ ڪرو، جَيسي ڪَکَ مسيت،
لاتين ساٽ لتاڙيئي، ڇوڙين ناھ پريت.

(١٧)
ساجن ايسي پريت ڪرو، جيسي ورڪَ ڪرين،
آپ جَلين سر ڌُوپ ڪي، اَوران ڇانوَ ڪَرين.

(١٨)
ڪبيرا ڪَل جُڳ پڙا، ساڌُو بني نا ڪوءِ،
ڳامين ڪروڙين مَسخري، تن ڪي پُوجا ڪوءِ.

(١٩)
ڪال سجن ڪي بانھہ پر، ڪيو ڪيسي نہ بھي گانوَ،
ڊرتي ڊَرتي ڊَر رهي، جُون ترور ڪي ڇانوَ.

(٢٠)
ديانت ڪو سڀ دُک هي، اديانت ڪو هَي راج،
برون سين ڪيا بولنا، جن پيٽ پَرن سين ڪاج.

(٢١)
سائي صُورت عَين ڪي، سائي صورت غَين،
سَمن نُقطا دُور ڪر تو وہ عَين ڪي عَين.

(٢٢)
سڀ جڳ باندا ڪاچي ڌاڳي، ڪوئي و ِرَلا ڇُوٽا،
اَوَجھڙ چليا سو گام پهتا، راھ چَليآ سو لُوٽا.

(٢٣)
پريتَمَ پريت لڳائڪي، ديسان دُور نہ جاءُ،
رَہ هماري نگري مين، مَين مانگُونَ تُم ڪاءُ.

(٢٤)
ساڌُو ڪي سنگت ڀلي، ڪوءِ مورک ڪا اِخلاصُ،
ساڌو ماري، گن ڪري، دل ۾ رکي تپاس.

(٢٥)
ساچي جَڳ راچي نهين، جونا مني نہ رام،
ڪَهو ڪبيرا ڪيسا بنون، دونون پياري ڪام.

(٢٦)
ڪبيرا يي جڳ جاتا هي، جانسون راھ ڀُلا گيسوار،
هَر سين پوڄا آرسون، ڪاج سُون هوشيار.

(٢٧)
کبير کبير کيا ڪَرو، سوجهو آپ سَرير،
آسا تِرشنا بَس ڪرو، تم هَي داس ڪبير.
(٢٨)
ڪِپِي ڪسونَ ڪو نہ رهي، گل سجنَ کي بانئِ،
ڏُلتي ڏُلَتي ڏُل رَهي،َ جئن ترور کي ڇانئِ.

(٢٩)
جس منڊل مين ساڌو نهين هَرکي ڀڳت نانه،
او منڊل مَسواڻ هي، ڀوت وَسي اُس مانه.

(٣٠)
ساڌُو چَليا، نڳ رهيا، نڳ ڀي چَلڻهارُ،
آئي اُسي کي وارَ، جو ساچي ڪون جوتا کهي.

(٣١)
نڳ چَلي ٺاکر چلي، چلي نڳّڻهارَ
آئي تِهان کي وار، جو ساچي ڪون جوتا کهي.

(٣٢)
سَپَنا تُمَ جوتا هَي، جوتا سارا انيڪ،
جَب سوئُون تب دو جني، جب اُٺون، تب ايڪ.

(٣٣)
سَپَنا تُم سُلطان هو، اُتم تيري ذات،
سو کوهين ساجن بَسي، مُجِهه آڻ ملاوين راتِ.

(٣٤)
تن مهي مَن ماٽکي، هَم تُو بلوڙنهار،
مکن ڪبيرا کا گيا، ڇاڇَ پيئي سَنسار.

(٣٥)
نانڪ ڏنڏا نت نَيا، سُک نهين دن رات،
کوڙي حرص هَوَا نهين مٽتي، نہ ڪُجَهه هاٿَ نہ ساٿ.

(٣٦)
سانچ برابر تَپ نهين، جوٽ برابر پاپ،
نانڪ جس هَرديَ سچ بسي، اُس کي هردي آپ.
(٣٧)
نا ڪُجهه ليا دُنيا ني، نا ڪُجهه ڪَڍ ديا،
دوهي گئي اي نانڪا، هٿون سنگ گيا.

(۳۸)
تُلسي طلب نہ ڇوڙيئي، موتُ رزق سڀ هاٿ،
ڪيا جڳت سي رُوننا، قلم اُسي ڪي هاٿ.

(۳۹)
تُم چلو هَم آوتي، ڪيسي ڪٽو ڪَٽ،
تيرا ڪاغذ بانچَيا، ميرا ڪاغذ هَٽِ.

(۴۰)
تُم داتا هَم مانگتي، هَم مَورک مَت نهين،
ميري توڙي تُم گندو، تُم مت ميرَي ڇِين.

(۴۱)
جلتي جلتي جل رهي، جلتي جلي نہ جاءِ،
اگن دو دي جَل بُجهي، جلڪي دَو دي گِت جاءِ.

(۴۲)
گيا جوبن مانُ، جِتي سڀ جڳ موهيا،
سوئي تير ڪمان، مارا پَرَ لاگي نهين.

(۴۳)
اَٺ پهر، چَوسٺَ گهڙي، لوهو برست نَينَ،
سمن بڙيچي پريم ڪي، جب لاگي تب چينَ.

(۴۴)
ڪاغذ نهين، ڪ مَس نهين، ڪ ديس تُماري ريت؟
لِکڻ ڪَنون آرَس پِيا، ڪِ ڪتڪا پئي پريت؟

(۴۵)
ڏرتي سڀ ڪاغذ ڪَون، ليکڻ ڪرون وڻراهہ،
سارا سمنڊ مَس ڪرون، تان ايک گن لکيا نہ جاءِ.

## وائي-۱

راهہ مسافران، وي واٽ مُسافران، لُٽيا، وو ميان!
دور گيان دي خبر نہ ڪائي، پُڇ پُڇ جو ويندا تُون، مَين هٽيان.
ڪوئي آوي، خبر سناوي، لک لکنديان مين چٽيان.

## وائي-٢

اوي نَهين رَهندي يار، نهين رهندي، سَجن نال اَٽڪي،
وو نهين رهندي،
لُٽ ڇُٽي نُون در ويراڳن هوئي، ڳُل وچ پاوَن هو پٽڪي،
ويڪو معشوقان دي، ويڪو محبوبان دي هو لٽڪي.

## وائي-٣

جوڳي ڪس ڪا نہ ميت، سامي ڪِس ڪا نہ مِيت،
جان تيريَ، يار جان تيري،
نا ڪا هوسين ما، نا ڪو پي، اور نا ڪا هوسين پريت،
بره لائي ري گيا، اِس مَنڊل مين ڪائي َريت،
جس سَنگ چَلي، اُس ڪون جَلي، انا سجن موري پيت،
اَنا سجن ميري پاتي گلي، ناٿ نميا ڪوئي نيت.

## فصل ٽيون

(١)

دادُو دعويٰ ڇوڙ دي، نہ هووي خَيري ڪا خيرُ،
نہ ڪسي ڪي دوستي، نہ ڪسي ڪا وَير.

(٢)

دادو دعويٰ ڇوڙ دي، بن دعويٰ دن ڪاٽ،
ڪِتني سَودي ڪر گئي، اِس پاساري ڪَي هاٽِ.

(٣)

ساڌو مليا، تو هَر مليا، انتر رَهي نہ ريکَ،
رام ڌُهائي سچ َ ڪَهون ساڌو آپ انيڪُ.

(٤)

ڪَنَن ڪَسوٽي پَيُ ڪي، جوتا ٽِڪيا نہ ڪوءِ،
جو جِيتا ئي مرَ رهي، سَتمُک پاوي سوءِ.

(٥)

ساڌُ سَڏاوَڻ ڪَنن هَي، مَت ڪو ساڌُ سَڏاءِ،
ساڌ تب َسَڏائيي، جب جيتا ئي مَر جاءِ.

(٦)

جس بن ڪا ساجن پکي، اُس ڪا ٿيون مينَ ساک،
ساجن پيا جو هووي، بَن بَن ٿيون مين لاک.

(٧)
سکيا پر سمجها نهين، متيا مَنَ ڪي موهہ،
ايهہ پارَس پگ پهتا سهي، رهيا لوهہ ڪا لوهہ.

(٨)
بانُ جهروڪي گر پڙا، ڦر نہ جهروڪي جاءِ،
سجن مَن سين اُتَر گيا، گر پاس بسي تو ڪيا.

(٩)
سجن ملا پِي، بهُوتُ، نالي ملي انيڪ،
جس ديکي ڇاتي ٺَري، سو لاکن مين پي ايڪ.

(١٠)
ڪاهُوڪي ڪُڇ بس نهين، ڏوري پريم ڪي هاٿ،
جُون جُون ناچي باندرا، بازيگر ڪي ساٿ.

(١١)
مانگ ڪر لي پسيو ڪرٿا، پُول بڙي سنگ مُوڇ،
رام نام جانتي بن، بِچ داڙهي دو مُوڇ.

(١٢)
ڏَن ڏَن مڙهي ساڌُو ڪي، جس مين اُنت بَينت رام،
جو مانگي ڪَر پيلا، جو هينگ بتاوي ڪام.

(١٣)
نہ من هلي، نہ مالا هلي، نہ مُک سي بولي رام،
اَنتر ڪي گهٽ لگ رهي، تو ڪيا بڪني سي ڪام.

(١٤)
گرُو مري تہ هَم مَران، نات ميري مري بلاءِ،
هم اُسي ڪا بالڪا، جو مَري نہ مُرنا جاءِ.

(١٥)
بُلُبل رووي رَين دن، ڪَهان پَئي گُلزار،
اُن ڪون قِيَامت آج هَي، جن ڪون بڇلي يار.

(١٦)
ڪون سُني، ڪس نون ڪَهون، موري ٺَن ڪَي بات،
موري تن اندَر بچون، ايڪ ڪَروٽَ آوت جات.

(١٧)
تيري تو نيَنا بسي، دُور تهيري مانهہ،
سجن بڇڙيا جو ڪهي، پريت جانَت ناهہ.

(١٨)
جِس ديکي پاپ نہ رهي، سوئي بسي سرير،
سَوئي سجن ديکئي، جو تن طاقت مَن ڌِير.

(١٩)
لااله کر آرسي الاالله سي ديک،
مَحمدؐ صورت ربَ کي، اُس مين ميم نہ ميک.

(٢٠)
کاغذ ٿورا نينهن گهڻا، مس سي لکا نہ جاءِ،
چاگر مين کا پاني، کاگر مين نہ سماءِ.

(٢١)
کايا کُون کاغذ کرُون ليکن کرُون ايک انگ،
دو نينان کي مسُ کَرون هرگز لکي نہ سنگ.

(٢٢)
پاس نہ بينو پار کي، انگ نہ لاڳو پان،
تو پُوڇون پنڊتا، کس پر گيو پران.

(٢٣)
جَل ٿوڙا نينهن گهڻا، لڳا پريم کا ٻان،
تُم پي تُم پي کر، رهي اُس پر گيا پران.

وائي
درد نہ جاني کوئي، لوکَ بيگانا،
گهايل کي گت گهايل جاني، اور نہ جاني کوئي،
گهايل جب ماهر مليا، رام سنگت رَس سوئي،
ماري جو مينَ کي، هي صاحب تين سوئي،
آلا ٿٿ فراق جا، ڏک ڦٽا کر ڏوئي.

# اَبيات مثنوي

”ڪَيفَ مَدالظل“ نقش اولياست،
ڪو دليل نور خورشيد خداست.
بين ڪ اِسرافيل وقتند اوليا،
مرده راز ايشَان حيات است ونُما،
اوليا را در درون نَغمهاست،
طالبان را زان حياتِ بي بهاست.
نغمهائيِ اندرونَ اوليا،
او گُلوبند ڪ ايَ اَجزائِ لا.
اوليا را خواب ملڪست اي فلان،
همچو آن اَصحاب ڪهف اندر جهان.
اوليا اصحاب ِ ڪهفند اي غُنُود.
در قيام و در نقلب هم رقُودَ.
اوليا را هست قُدرت از الله،
تير جَستہ بازِ گردانند ز راه،
دست را مَسُپارِ جز در دستِ پير،
حق شده ست آن دست اورا دَستگير.
دست تو از اهِلِ آن بيعَت شودَ.
ڪ ”يُدالله فوقَ اَيدِيهم“ بُودَ.
مَثنوي ما دڪان وحَدتَ است،
غيرَ واحد هر چہ بيني، آن بتُ اَستَ.
مثنوي المعنوي المولوي،
هستَ قرآن در زبانِ پَهلوي،
اندرين وادي مرو بي َ اَين دليل،
”لا اُحب الآفِلِين“ گو چون خليل.
روزَ سايہ آفتابي را بياب،
دامن شہ شمس تَبريزي بتَاب،
خودَ غرض زين آب جان اولياست،
گو غُسُول تيرگِهائي شماست،
آب خِضر از جوئ نطُق اوليا،
مي خوريم، اَي تشنئہ غاَفل بيا.
اَي فلان مارا بہ همت ياد دار،
تا شويم از اوليا پايان ڪار.

آن خيالاتي ڪہ دام اولياست،
عَڪس مهرويانِ بُستانِ خداست.
اَبلهان تَعظِيمِ مسَجدِ مي ڪنند،
در جفائِ اهلِ دل جد مي ڪنند.
مسجدي ڪاندرون اولياست،
سجده گاهہ جملہ آنَ جائي خداست.
اوليا اطفال حقند اَي پسر،
در حضور و غيب آگه با خبر.
گفت اَطفال مَنَد اِين اوليا،
در غريبي فَرد از ڪارُ و ڪيا.
رُتبہ انسان بدست اوليا،
سُفيہ خون حيوان شناسشَ اَي ڪيا.
جانهاي اين دلق پوشان منند،
صد هزار اندر هزار و يڪ تنند.
اوليا اهل دعا خود ديڪرند،
گه همي دوزند و گاهي مي درند.
قوم ديگر مي شناسم ز اوليا،
ڪہ دَهن شان بستہ باشد از دعا.
هر ڪہَ خواهد هم نشيني با خدا،
ڪو نشيند در حضور اوليا.
جون شوي دور از حضور اوليا،
در حقيقت گشتئہ دور أز خدا،
يڪ زمانہ صحبت با اوليا،
بهتر از صد سال بودنِ در تقيٰ.
از حديثِ اوليا نرمِ و دُرشت،
تن مِ پوشان، زانڪہ دينت راست پُشت.
ناز خندان باغ را خندان ڪُند،
صحبت مردانت از مَردانَ ڪند.
گر تو سنگ سخره مَرمَر شوي،
چون به صاحب دل رسي، گوهر شوي،
مهر پاڪان درميان جان شان،
دل مده اِلا بَمهَر دل خوشان،
رو غذائي دل بده از همدلي،
رو بجو اِقبال را از مقُبلي.
دست زن در ذيل صاحبِ دَولتي،

تا ز اِنعامش بيا بي رفعتي.
نور حق ظاهر بُودَ اندر ولي،
نيک بين باشي، اگر اهلِ دلي.
گر ولي زهري خُوردَ. نوشِي شود،
وز خورد طالِب سيه هوشِي شود.
ناقۂ جسم وَلي را بنده باش،
تا شوي با روح صالح خواجہ تاش،
چونکہ بي رنگي اسير رنگ شد.
موسي با موسي اندر جنگ شد.
چون بہ بيرنگي رسي کان داشتي،
موسي و فرعون دارد آشتي،
علم اهلِ دل نہ از مکتب بود،
بلکَ ازَ تلقين خاصۂ رب بود.
بي کتاب و بيَ حساب و بي اَديب،
اوليا را حق کند علمي نصيب.
اين نمي بيني کہ قرب اوليا،
صد کرامت دارد و کارو کيا؟
مثنويَ ما دُکان وحدت است.
وحدت اندر وحدت اندر وحدت است.
رحمت الله بر جنازه مولوي!
داد قرآن را لباس پهلوي.
من چه گويم وصف آن عالي جناب،
نيست پيغمبر ولَي دارد کتاب.
اِنتي اَبصرت في النوم الرسُول،
في يَدَيه المَثنوي وَهُوَ يَقولُ:
”صَنفَ الکتبُ الکثيرُ المعنوي،
لَيسَ فِيها کالکتَاب المثنَوَي،“
بنالد بلبلِ مسکين، کہ از گلزار دور افتد،
قيامت آن َزمان باشد، کہ يار از يار دور افتد،
دل بدست آور، کہ حج اکبر ست،
از هزاران کعبہ يک دلَ بهتر ست!
کعبہ بنگاه خليل آزرست،
دل گزرگاهَ جليلِ اکبرست،
هزار بار بشويمَ دهن ز مَشک و گلاب،
هنوز نام تو گفتن کمال بي ادبي است.

وائي

مَلِڪا ذڪر تو گويم، ڪہ تہ پاڪي و خدائي،
نروم من بجز آن رہ، ڪہ تو آن رہ بنمائي،
تو خداوند يَميني، تو خداوند بَساري،
تو خداوند زميني، تو خداوند سَمائي.
همہ در ڪار تو پُويم، هم از فضل تو جَويم،
همہ توحيد تو گويم، ڪہ بتوحيد سَزائي.
تون زن و جفت نجوئي، تو خور و خُفت نخواهي،
احدا بي زن جُفتي، ملڪا ڪامر روائي.
نہ نيازت بہ ولادت، نہَ بفرزندبتو حاجت،
تو جليل الجبروتي، تو اَمير الامرائِي،
تو حَليمي، تو ڪَريمي، تو سَميعي، تو بصيري،
تو مُعزي، تو مذلي، مَلڪُ العرش عُلائي.
تو ڪَبيري، تو خبيري، تو لَطيفي، تو رحيمي،
تو غفوري، تو ڪَريمي، تو بَشايان ثنائي.
همہ عزِي و جَلالي، همہ ذوقي و ڪَمالِي،
همہ نوري و سروري، نہ ترا چون وَچرائي.
نہ ز خاڪي، نہ ز بادي، نہ ز آبي، نہ ز آتش،
نہ مڪاني، نہ منازل، نہ نشيني، نہ بپائي.
نہ سپهري، نہ ڪَواڪب، نہَ نَجومي، نہ دَقائق،
ڪہ منم باهمہ پَر عيب، تو از عيب جدائِي،
نہ ترا خفتن و خوردن، نہ ترا شرڪت شاهي،
نہ ترا صورتِ رنگين، نہ ترا عيب و خطائي.
همہ را غيب َتو داني، همہ را عيب تو پوشي،
همہ ر رزق رساني، ڪہ تو با جود و عطائي.
”اَحَدَ ليسَ ڪمثلي، صَمَداليَسَ لي ضدي،
لمن المُلڪ“ تو گُفتي ڪہ سزاوار خدَائَي.
تو بدي، خلق نبوده، نہ بود، نيز تو باشي،
نہ توان وصف تو گفتن، ڪہ تو در وصف نيائي.
نتوان شرح تو گفتن، ڪہ تو در فهم نہ گُنجي،
نہ تو بخوري ونو خسپي، بڪاهي، نہ فزائي.
لب و دندان سنائي همہ توحيد تو گويند،
تو مرا ز آتشِ دوزخ زڪرم باز رهائي.

# سُر هير رانجهو

## فصل پهريون

(١)
رانجهَنَ والا زهر پيالا، ڳجهڙي آيم پاڇي،
ماءُ پي ڪَنُون چوري پيتُم، ڪِيتُم روحُ راضي،
دل دي قَضا دل جاني، تون ڪِيا جاني قاضي؟

(٢)
سُڻ وي سَگ، مَين سگ تيڏي، تون سگ ميڏي، دلبر دي دَر دا،
کائندي طعامُ، سَٽندي لُقمان، تيکُون پاڪ نظر دا،
اُن لقمان وچون هڪ لقما ڏيوين، تان ٿِيوي قُوتُ قبر دا.

(٣)
دَردَ وندان دي دَرَ تي، مَين ڪَک گلِي دا ٿيوان،
لڳي واءُ، تَہ مَين اُڏر، چُلهہ وچ چاءِ سَٽيوان،
ميري محبوب ڪَرين ارانيي، هُو ڦُوکِين تہ مين جِيوان.

(٤)
چولي ميلي، صابُنَ ٿولا، ڪتلي ململ ڌووان؟
سيني اندر داغُ رانجهن دا، جيوين ديکان، تيوين رووان.

(٥)
مَرديان رانجهن مُر ويسان، مُڙ هيرَ سڏيسي کهنُون؟
تيرا شوقُ نال منجهيان دي چيٽڪُ لايا مَينوُن،
ڳلي اَسانڏي آءَ ميانَ سجَنا، ول وَل تاءِ نہ مَينُون،
تو جيها رانجها مينون، اور نہ ڪوئي، مين جيهيان لَک تينُون.

(٦)
تَنُ پي ٽُڪڙا، مَنُ پي ٽُڪڙا، جئن دَرزيان ديان لِيڙان،
اُن ليڙان وچون ڪفني سبيسان، جُلسان نَاَل فقيران،
تو جيها رانجها اور نہ ڪوئي، مين جيهانِ لَک هِيران.

(٧)
رانجهن مَيڏا هوءِ بحري يا شڪرا، تہ مَين بَن بَن طَعما ٿيوان،
ڪري ڪلاچا ليجاوي، مينُون ڪاوي، تَہ مين جِيوان.

(٨)

داغُ دَرُوني سوزُ ماهي دا، گھن قبر وچ ويسان،
ڪيڙي دي مَين موُل نہَ هوسان، جَي وچ دوزخ سَڙسان،
مَنڪر تي نَڪير دي، اڳيون، حرف اَهوئي پڙهسان،
شاهُ رانجُهو مَينُون آڻ ملائو، جو شاهَ آکيا سو ڪَرسان،
رخصت ٻاجُهون يار رانجَهو دي، وِچ جنت دي نہ وڙسان.

(٩)

چُوتي چوٽين مَڪ نہ دلبرَ، ڇوڙ تہ هوون سادي،
ڏون نينان دي ويڪڻَ ڪيتي، وسيهر نانگ ورادي،
جي ٻِني، سي پن ڇِتَي، جيَ ڪَڙي سي ڪاڌي.

(١٠)

ڪٿ اَسان، ڪٿ يار اسانڏا، ڪٿ ياراندي وَستي؟
رانَجها ڪَسڻَ ڪيڙا ڏَسڻُ، ويک جَتاندي مَستي،
ساري جڳ وِچ هڪ دوست ڪِيتوسون، لوڪ تنانُون خَستي.

(١١)

اَسان لوڪاندي ڪاڻ نہ ڪائي، لوڪ اسان نُون وڳي،
ٻڪري وانگر آپ کُهايو سي، بيقدراندي اَڳي،
ڪَڍ ڪتاب، قاضي ڪول مسئلا، عشق شرع ڪيا لَڳي؟

(١٢)

قاضي ڪَڍ نہ ڪاتي، ڏي نہ دڙڪا، مَين کُسڻ قبول ڪريسان،
ماهي ڪيتي مَوت قبوليا، ڪيڙي مَول نہ ويسان،
جي رانجُهو ميَنون سڏ ڪَريسي، تہ مين کُنِيائي سَڏ ڏيسان.

(١٣)

چندِ مُبارڪ تناڪُون ڪيهي يار جناندي رنَي،
ڳلي کُوچي قرن نماٽا، ڏون نَيناندي کُني،
سَجڻُ سانوڻ مينهن جُيون ڪيا چاٽان ڪِٿ اُتي؟

(١٤)

لِک ڪتابَ تَيڪُون ڏيوان، جي دلبر نُون پهچائِين،
جيوَين آکان، تيوين آکين، ويندي پَل نہ لاوين،
ڳل وچ ڪپڙا، شَيرين زَباني، دست پيران تي پائَين،
تہ مين سر صحيح غلام تُساڏا، دلدي مهر نہ لاهين.

(١٥)
الف الله، تي ميم مُحمدُ ﷺ، عين علي ڪر جانا،
عرشان لٿا چار ڪتابان، پڙهيا مسلمانان،
وچ تنان دي زيران زبران، مين ڪهڙا حرف سُڃاڻان؟
قلم رباني دا لِکئيا ڪوئي ميٽي، مين مَرديَ تنهندي ڄاڻان.

(١٦)
هڪ جو سَنهڻا پيا دلدا ڏاڍا، ٿيجي بي پروائي،
آه ڪيان تان جڳ ملي، ڪُوڪان دادُ نہ پائي.

(١٧)
ڪالي وال، لطيفان والي، اڳيان ٻَرن مَشعلان،
نَڪ ديان نوڪان، ڏيون چوڪان، وَلوَل ڪُهن ڪنگالاَن.

(١٨)
عشقَ ڪَنُون تي ٿولَ پرايم، سِڪڻ، سُورَ ٿيا سُمهان،
وَتڻ ڪَنون ٻاٻَل پلي، ڪَٿَڻَ ڪَنُون امان،
جي مَين ڄاڻان، عشقِ ڏُهيلا، تہ نندڙِيائي مر وَڃان.
(١٩)
حاڪم ٿيوان، حڪم ڇَلاوان، عشق اِجاري پاوان،
جو ڪوئي عشق نہ ڄاڻي، سو سڀ قتل ڪراوان.

(٢٠)
درد وندان دي بني تَتي، ٻالَڻ والي ٿولي،
نَنڍي لاڪر نينهُن لايو سين، چڻنگ پَئي وچ چولي،
بخِشين بَخشَڻَ والا، نِينهَن لايو سون ويسَرَ پولي.

## وائي-١
سَمجهہ نہ لايا نينهُن، ماهي ڙي، مين سَمجهہ نہ لايا،
رات انڌاري، حاڪمَ ڏاڍا، جُهڙِ ڦُڙِ وَسندا مينهُن،
ڇَلان تہ پيچي چولڙا، وَلان تہ ٿُٽي نينهُن،
سيني اندر َداغَ رانجهو دا، ٻيلي گجَندا شَينهن.

## وائي-٢
وو رانجها هيرَ بيراڳڻ هوئي،
راجهن مَٽي جو لِعل َبوڇڻ، هير مٽي جا لوئي،
جنهن تڙِ رانجهن منجهان چاري، ڪو تڙ سونهائيمِ سوئي.

# سُر بَروُو سنڌي

## فصل پهريون

(۱)

ڇاڪي وڃيو ڇو، ڀيلي رهين ڀين جو،
وٽ ڪَنجَڪَ ڪريم جي، جَڳَ جو والي جو،
سهڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سين.

(۲)

دلبر دنيا دار، ٻنهي اٿر هيڪڙو،
هُن کي حاڪيماڻي هٿ ۾، هيءُ صورت جو سينگار،
اِيءُ عشق جو آچار، جو دانهَہُ ديوانا ڪري.

(۳)

جئين سا ڪاني ڪانهن، لُوسندي لاٽيُون ڪري،
اڇي پيئي اوچتي، درد پريان جي دانهن،
ويچ ڏٺيين ڇو ٻانهن؟ سُور هيئن کي سامهون!

(۴)

وڃڻ دَر دوستن جي، هَر هَر هوڙائي،
پاڙي ڏانَهن پرين جي، اُجهہ مَ اَوائي،
اَلَڙُ ٽي مَ آڇ تون، واٽهڙن وائي،
لائيندي لطيف چئي، سوران سرهائي،
ڳجهو ڳالهائي، پرت ونجي پاڻ ۾.

(۵)

سَڏُ تنهنجا سپرين، آءُ ٽي سُڃاڻان،
توکي ڏسيو سپرين، دعويٰ ڪن گهڻا،
آءُ ٽو هي هٿان، تہ تُون ڪنهن جو ٽيندين سپرين.

(٦)

ساهہَ وني وئين سپرين، ڪري قزاقي،
دلبر دل ڪسي وئين يار ٽئين ياڪي،
جَاڙ مُونَ ضعيف سين، تو جانب ڏس جاڪي،
هت بت رهيو باقي، تُون ساهہُ وني وئين سپرين.

(٧)

ٻَرَ وَس ٿيمَ ٻريانُ، ٻرين وَس نہ پانهنجي،
لڳي ـَـڪين، لطيف چئي، ڇَپَرُ ڇاتيءَ سانُ،
ٻرين ڏيکاري پانُ، خوش ڪَري ويا خواب ۾.

(٨)

اچين جي هيڪار، مُون سارينديءَ سپرين،
پيرين ڏريان پنبڙيون، هنڌ وڇايان وار،
ساجن سڀ ڇمارَ، هُوند گولي ٿي گذاريان.

(٩)

مُون سارينديءَ سپرين اچين جي تون هاڻ،
ڪريان رُوح رهاڻ، لکن منجهہ لطيف چئي.

(١٠)

الله ڪارڻ لِک سئين مانَ جڏي جالي؟
عيب مُون ۾ اڳرا، مان نِرمل نڪالي،
آهيان آريءَ ڄام جي، هٿ هُٿ حوالي،
ٻرين سا پالي، ڪامُل نيَندو ڪيچ ڏي.

(١١)

ڪَرين ٿي ڪوڙن سين ريءَ سعيي ساڃاهہ،
تہ سيکيو سيکين هٿڙا، ڪَرَ اُجهائين باهہ.

(١٢)

ڏرتي ڏونَهہ جئَن، سر ٻر سُپيرين ڏي،
لڳو آهہ لطيف چئي، تَنُ ٻريان ڏي تئَن،
حاصل ٿئي هئَن، قَرينو قَريبَ جو.

(١٣)

لڳيءَ جو لطيف چئي، نڪو قالُ نہ قيلُ،
لِڪئي لامُون ڪوڙيُون، نيڻين وَهائي نيرَ،
هنئَڙا ٿِي سُڏيرُ ڪالهہ قَريبن لڏيو.

(١٤)

ٻلي ڪيئي ٻلا ٻرين، هيئَن نہ مُناسب هوءِ،
لائي ڇِتُ ڇَريو ڪَري، پانُ ڪَڍي وئين پوءِ،
توٽي حُبَ نہ هوءِ، تہ بہ هوتَ نہ ڪجنَ هيڏيون.

(١٥)

پَلي ڪيئي پَلا پرين، هيءَ نہ شانُ سندوءِ،
پهرين لَايو پريت تون، ڪيئن پُڇين ٿو پوءِ،
قادر شال ڪندوءِ، ميڙو هن مسڪين سين.

(١٦)

پلي ڪيئي پلا پرين، اي نہ ڄاتو سُون،
تہ ڪو دوست دل وٺي، پيري هٽندم پُون،
جي معلوم هو مُجڪون، تہ ارڏو ٿيان عجيب ڪي.

(١٧)

پلي ڪيئي پلا پرين، مُون نہ ڄاتو اِئين،
هنئون هيرائي هَٿِ ڪري، توڪي ڏيان ڪيئَن؟
سَا سڪ سلان ڪِيئن، جنهن اَندر آهيرا ڪيا؟

(١٨)

اڄ پڻ اَڪڙِينَ، سَڄڻَ پنهنجا ساريا،
ڳُلن تان ڳوڙهن جون، بُونَدون بَس نہ ڪَن،
سندي سڪَ پريَنِ، لوڪَ ڏِٺي ئَي نہ لَهي.

(١٩)

ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏُور بہ اوڏا سپرين،
ڪي سنيرجن نہ َڪڏهين، ڪي نہ وسرن مُور،
جئَن مينهن ڪَنُڌيءَ پُور، تئَن دوست وراڳو دل سين.

(٢٠)

ڪوٺي ڪُنائون، اڄ پڻ اَڪڙيَن سان،
ماسُ وراهي هَليا، ڪرنگلُ ڇَڏيائون،
”وَ تَوَاصَوۡا بِالۡحَقِّ ۙ۬ وَ تَوَاصَوۡا بِالصَّبۡرِ“، اِئين اُتيائون،
مُئي مارِيائون ڪِلي گهائيو سَڄَٽين.

(٢١)

ماڙهو گهُرَن مال، آءٌ سپ ڏينهَن گهران سُپرين،
دُنيا تنهن َدوست تان، فدا ڪريان في الحالَ،
ڪيو نامُ نهالُ، مون ڪي محبوبن جي.

(٢٢)

هيرائي هَٿَ ڪيو، هنئَڙو حبيبن،
ٻَڌي ڪڇيءَ ٽَند ۾، سَلهاڙيو سيٽَن،
جُہ وڏا پيچ پريَنِ، تہ هِنئَڙو هَٿيڪو ٿيو.

(٢٣)
صورَت گهڻو سنهڻا، تاڻا سندن ٿُوهہ،
ريلو ڏئي روحَ، جو ڪائي سو ڪامِي مَري.

(٢٤)
صورتَ سنديَن سالَ، پاڻ مُصاحبَ سُپرين،
مَوليٰ ڏِنَنَ مُنهن ۾، نُوري َنيڻُ نهالَ،
سَندي خواب خِيالَ، مُون مُنُ مستانو ڪيو.

(٢٥)
جڏهان ڪر جاني، سڄڻ سانگ سڌاريا،
راتيان راحت ناهہ ڪا، ڏينهان حيراني،
آءُ پنهنجي پرينءَ تان، ڪوڙين قرباني،
رضا رباني، نہ تہ ڪريان وسُ وصال ڪي.

(٢٦)
جڏهان ڪر ٿيام، سانجاهہ سپيرين سين،
تڏهان ڪر تَر جيترو، ويرُ نہ وسريام،
اندر روحِ رَهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري.

(٢٧)
هوڏ ڇڏي هوڏي، جي مان گهر اچين سپرين،
ڳالهيون ڳجهہ اندر جون، تَنَ گهريُون تو ڏي،
جي وِهين گڏُ گوڏي، تہ دَور سُڻاينءِ دل جا.

(٢٨)
ڪڏهن طاقيون ڏِين، ڪڏهن ڪُلن دَرَ دوستن جا،
ڪڏهن اچان، اَچڻ نہ لَهان، ڪڏهن ڪوٺيو نين،
ڪڏهن سڪان سَڏ ڪي، ڪڏهن ڳجهاندر ڳرهينَ،
اَهڙا ئي آهين، صاحب منهنجا سُپرين.

(٢٩)
ڪڏهن دَر ڪُشادا دلبر سندا، ڪڏهن پُوريو ڏينَ،
ڪڏهن وجان وجي نہ سگهان، ڪڏهن سڏ ڪَرين،
ڪڏهن ڪُڇن ڪينَ ڪي، ڪڏهن ٻاجهہ پريا ٻولين،
ڪڏهن قول ڪَرينَ، ڪڏهن حرف نہ ڪُڇن هيڪڙو.

(۳۰)
ڪڏھن ڪونہ ٿيوم، آثارو تنھن عشق جو،
محبوبن منٿون ڪَري، سڪَڻُ سيکاريوم،
تِھان پوءِ ٿيوم، پَسَڻ پرينَ جو.

(۳۱)
تون صاحبزادو سپرين، آءٌ نسورو نوڪَرُ،
بيحد ڪريان بندگي، ھٿ ٻڌي حاضُرُ،
چِن ڇڏينديس ڪينَ ڪي، دوستَ اوھان جو دَرُ،
مون تان مِھرَ نظَر، پرين لاھ مَ پانھنجو.

وائي
ھوتُ نَينان جو دلبندُ، پَلو جيڏيون،
ھيڏي ھوڏي سپرين، ڪاڏي واريان ڪَنڌُ،
چڙھي ڏاڍين ڏونگرين، راھ پُڇايان رندُ،
ساڄن سَيَنئان سُھٹو، سائينءَ جو سوگندُ،
اديون عبداللطيف چئي، ميڙيندُم صَمد.

## فصل ٻيو

(۱)
جانب تون جيڏو، آھين شانَ شعُورَ سين،
مون تي ڪَر مُنھنجا پرين توھ تُسي تيڏو،
ايءُ ڪاملَ ڪم ڪيڏو، جئَن نوازِيم نگاھ سين.

(۲)
جانَب منھنجي جيءَ ۾، تو جي طمع پوءِ،
وٹ ڪاتي، وَڍِ اڱڙا، ادب ڪَر مَ ڪوءِ،
پانيان پالُ سَندوءِ، جي ساڄن سَنئون نِھارئين.

(۳)
جانب اِيئَن نہ جُڳاءِ، جيئن ماريو موٽيو نہ پُڇين،
رَتي رَتَ نہ سنجري سڪَ تُنھنجي ساءِ،
اسان توھين لاءِ، تي پر ۾ پوڄائون ڪيون.

(۴)
جڏھن پوي ياد، صحبت سپرين جي،
فريادون فرياد، ناڪھ وڃن نِڳيو.

(۵)
ڪَڙو مَنجھ ڪَڙي، جيئن لُھار لَپيٽيو،
منھنجو جِي جڙي، سُپِيَرِيان سوڳھو ڪيو.

(٦)
ناز منجھاران نڪري، جڏھن پرين ڪري ٿو پَنڌُ،
پُون پُڻ "بسم الله" چئي، راھ ڇُمي ٿي رَند،
اُپيون گھٽيَ ادَب سين، وٺي حُورون حَيرت ھنڌ،
سائينءَ جو سوڳندُ، ساڄن سَپِنئان سھڻو.

(۷)
ناز منجھان نڱيو، ڏَڙُ سر پيہ ڌري،
ڪورنشون ڪريِم ڪي ٿو قَمَرُ سڄ ڪري،
ڏُرئون ھَنڌِ، ھلال چئي، موھيا جانب جي ڌري،
پيو پَڙلاءُ پَري، مُلڪ ۾ محبوب جي.

(۸)
ساڄن سپاھي، آءٌ اوھان جو آھيان،
اڄان ويل سيڪنھين، وڃان واجھائي،
لالن تو لائي، ڪينڪاريُم ڪَرن ڪي.

(۹)
بَروي جي باني، ڪنھن ڪان سڪئين سپرين؟
آٽي ڏيندئي ھٿ ۾، مس، قلم، ڪاني،
حرف پُڇندَئي ھيڪڙو، ظاھر زباني،
تن اڳيان جاني، ڪھڙي ڪندي ڳالھڙي؟

(۱۰)
فاني ني فاني، دنيا دمُ نہ ھيڪڙو،
لَٽي لوڙھ لَتن سين، جوڙيندئي جاني،
ڪوڏر ۽ ڪاني، آھي سر سپ ڪنھين.

(۱۱)
پَر پَنجوءِ ويھي، ڪھڙي ڪندين ڳالھڙي؟
ڄاڃي ماڃي موٽيا، وَرُ ونيءَ ڏيئي،
خبر نہ پيئي، تہ ڏيج ڏنائون ڪيترو.

(۱۲)

نَينَ سقيلا سُپرين، پَنورَ پرُون پالا،
چڪيا ڦَٽَ فراق جا، اندرَ ۾ آلا،
يارُ ميڙين يا الله، جنهن جيءَ صحبت ڪاڻ سڪي هنئون.

(۱۳)

اڄ پڻ اڪڙين، سڄڻ پنهنجا ساريا،
ڳِلن تان ڳوڙهن جُون، بُوندون بس نہ ڪن،
سنڌي سِڪُ پرين، لوڪ ڏني نہ لهي.

(۱۴)

وينو ڏسان راھ، اڄ پڻ آيا ڪين ڪي،
ساجن لاءِ سڪي گھٽو، مَنهنجو ساريو ساھُ،
آٽين شال الله، تہ اڱڻ ٿِينم اُجَرا.

(۱۵)

اڄ پڻ اڪڙيون، ساريو رُون سڄڻ ڪي،
جانب جي جمال ڏانهن، تاٽين ٿيون تڪڙيون،
جي وهم پريان وڪڙيون، تن اُڃ اڪڙين ڪي نہ لهي.

(۱٦)

اڄ پڻ ڪيا اڪين، ابر جيئَن آگمَ،
ڳوڙهن ڪيو ڳِلن ڪي، ناليءَ پاٽي نَمَ،
بوندن بس ئي ڪا نہ ڪا، دوست پُڄاٽا دَمَ،
حبيباٽا َ هَمَ، ساڙيندا سرير ڪي.

(۱۷)

اڄ پڻ اَنگيم اَنگ، هٿان حبيبن جي،
جا پَر ساٿي سَنگ، سا پَر سُورن سان ٿِئي.

(۱۸)

اڄ پڻ جڙيم جوڙَ، دوست پيهي در آئيو،
سَڪن وني ڏُکن ڪي، محڪُم ڏني موڙَ،
جا پَرِ ڪَٿيءَ ڪوڙَ، سا پَر سُورن سين ٿئي.

## وائي-١

مَولو ڪندو ماڙِ، منهنجي الله ڪندو ماڙِ،
هادي ڏيئي هٿڙا، اچي چڪڻ مان چاڙهِ،
ڪشتي ڪمينن جي، اَلله لَڳ اُڪارَ،
هُو ويري واٽ جو، سائين نيئي ساڙِ،
ڪرم ساڻ ڪريم جي سڀ لنگهيندا پار،
الله، عبداللطيف ڪي، ڏاتَر ڏيھ ڏيڪارِ.

## وائي-٢

هاڻ ايندو الله، منهنجو سڄڻ سائين،
آڳر لائي اَنڌيون، وڃي وَسنھ ۾ وڃهندو،
نماڻيءَ جو نجُهرو، پاسَي پاڻَ اَڏيندو،
مٿان لَڪَن سانَٽِڙو، صحيح سلامت نيندو،
مَهند ٿيندو مصطفيٰ ﷺ، پُنيءَ لوڪ لنگهيندو،
اچي عبداللطيف ڪي، دوست دلاسا ڏيندو.

## فصل ٽيون

(١)

عشق اهڙي ذات جو مانجهي مُنجهائي مَيَن ڪي،
ڏيهان ڏورين ڏونگرين، روئَڻ سِڄيائي رات،
اُتي ويني تات، ميان محبوبن جي.

(٢)

جنهن جي ڏَٽيان ڏارُ، پيٽي ناھ پنيور ۾،
ڪميني جي ڪانھ ڪي، ساڻ لَڏيندي سارَ،
آءُ عالم جا سردار، وارج واڳ ولهي تي.

(٣)

يارُ سُڏائي سيڪو، جاني ساڻ زَبان،
ڪم پئي اُن جي ڪَل پوي، سوڙهي وقت سُبحان،
دليان دوست ڪونھ ڪو، يڪدل منجھ زمان،
اَهڪي جي آڏو اچي، جانب منجھ جهان،
لرزي جنهن لسان، اُو ڪم جو آهي ڪين ڪي.

(۴)
يارُ سڏائي سڀڪو جاني زَباني،
آهي آساني، ڪم پئي ٿي ڪَل پوي.

(۵)
آدميُن اِخلاصُ، مَٿائي مانو ڪيو،
ڪونہَ ڪائي ڪنهن جو، سندو ماڙهوءَ ماسُ،
دلبَر هن دنيا ۾ وڃي، رهندو واسُ،
پيو سڀِ لوڪ لِباسُ، ڪو هڪَدل هوندو هيڪڙو.

(٦)
شڪر گڏياسون سُپرين، جئري جاني يارَ،
وينِي جن جي وَٽَ ۾، ڪَوڙين ٿيا قرار،
ڏٺي ڪَر مَ ڏار، پاڙو تن پرينَ سين.

(۷)
ڪوڙي ڪَنُ مَ سُپرين، ڪَنيئي تان ڪوڙِ،
اَهل اَڪڙين جي، نيئي نباهج توڙِ،
مون ۾ عيبن ڪوڙِ، تون پاڻ سجاڻج سُپرين.

(۸)
جڏهان ڪر جاني، سَڄڻ سانگ سڌاريو،
راتيان راحَتَ ناهہ ڪا، ڏِينهانَ حَيراني،
آءٌ پنهنجي پرينءَ تان، ٿيان ڪوڙين قُرباني،
رضا رَباني، نا تہ ڪريان وَسَ وصال ڪي.

(۹)
دل جو دلبر هڪڙو، گهٽا تا نہَ ڪجن،
دل ڏجي تنهن هڪڙي، توٽي سَوَ سڪن،
سي چَلوِلا چئجن، جي دَر دَر لائين دوَستي.

(۱۰)
منهنجي مَدائِن جي، ڪَل پريان پيئي،
ڪڏهن ڪوسا نہ ٿيا، ڏوراپو ڏيئي،
ساڄن سيپيئي، ڍَڪِيَم ڍولَ ڍولائيون.

(١١)

ڏاتَرَ مون ڏيکاريو هوتن جو حُضُورُ،
پرين پَرچڻ جو ڪيو، موتائي مَذڪُورُ،
اِيَ دوَستن جي دستور، جئن چِنان چنن ڪينَ ڪي.

(١٢)

ڪئان سڪِئين سُپرين، ڪاسائِڪي ڪار؟
تڪي ڪاتي هٿ ڪَري، مُڏيءَ سين مَ مارَ،
چِوري چاڪ نِهار، سورن سانگِهيڙا ڪيا.

## وائي-١

سجڻَ ٻاروچي جي ذات، دلَبر ٻاروچي جي ذات،
اُٺَ گُنگائي هليا، وائي ڪن نہ وات،
آئون ستي هو هليا، مون ڪي ڪري مات،
جاني جَتَ وٺي ويا، روهَہ ۾ پيين رات،
ڪهي ڪميني هليا، اديون آڌيءَ رات،
اٺن گهٽوَ اچِليو، رائو سڄيائي رات،
ملان محبوبن ڪي، وهاٽيءَ پرڀات،
اَديون، عبداللطيف چئي، ڏاتر ڏيندو ڏات.

## وائي-٢

وٺان وچ مَ مُون، منهنجو تُونهين تُون، ڪونہ سٽي تا ڪو ٻيو،
مُون تڏهان ڪر منجهين، جڏهن ڪُن فَيڪُون،
اُهڪيءَ رسج اَحمدﷺ، اگيان سوڙهي پُون،
رس مُحمدُﷺ ڪارٽي، جتي هونگ نہ هُون،
آڳهہ هن اُمَت جو، آهين تونهين تون،
ڏج ڪاَ لَبَ لطيف ڪي، ظَهُورا مان تون.

## وائي-٣

هاڻ ايندو! هاڻ ايندو! منهنجو سڄڻ سائين هاڻ ايندو؟

آڱر لائي انڊيُون، وَسئين نيئي وڃهندو،
ڏيئي ورُ ولهيُن کي، ڪاملُ ڪرم ڪريندو،
شمع ٻاري شب ۾، نِرملَ نُور سڏِيندو،
نماڻيءَ جو نجهرو، پَاسي پاڻ اڏِيندو،
مٿان لڳن ساٿڙو، صحيح سلامت نيندو،
هادي جهلي هٿڙا، چڪڻ مان چاڙهيندو،
آگو ٿي اُمت جو، هادي هٿ جهليندو،
احمدﷺ ڪارڻ عاصيين داڙو ٿي دريندو،
پنيءَ لائيندو پانهنجي، چوريون تان نہ چڏيندو،
مهند ٿيندو مصطفيٰﷺ، پنيءَ لوڪ لنگهيندو.

# سُر مومل راڻو

## فصل پهريون

(۱)
موٽ مُئيءَ جا ولَها، لالَ ورائي لانگ،
ڏيا تيل قيل جا، ٻاريم تائين ٻانگ،
سهسين پچيم سانگ، جي سوڍو اچي مان گهرين.

(۲)
ويني ٻاريا ٻانگ سينءَ، ڪوڙين اچ قنديل،
هيءِ هيءِ هنجون هاريان، منجهان سڪَ سبيلِ،
متان مون ڪي چڏين، جاني لڳ جليلَ،
آهر تو اصيلَ، ويني ڪانگ اُڏائِيان.

(۳)
شمع ٻاريندي شَبَ، پرَه باڪُون ڪڍيون.
موٽ مَران تي مَينڌرا، راڻا ڪارڻ ربَ،
تُنهنجي تات طَلب، ڪانگ اُڏايم ڪاڪ جا.

(۴)
اپي اُپاريم، نکَٽَ سڀ نئي ويا،
هڪ مَيو، ٻيو مَينڌرو، سڄي رات سارِيام،
ڳوڙها ڳل ڳاڙِيامِ، سُورج شاخون ڪڍيون.
(۵)
ڏيا تيلَ ڦُليلَ جا، ٻاريَم تائين ٻانگ،
ڍوليو ڍَٽ رَهائيو، ڪنهَن سَتاٽي سانگَ،
چانگي چڙهي آءُ تون، لَعلَ وَرائي لانگ،
ڪَوڙين پتيين ڪانگ، اڏايمِ اَچيج تون.

(٦)
وَٽ سوريندي وَلها، ويو تيل ٻَري،
موٽ مسافر سُپرين، چانگي تي چَڙهي،
راٽي لاءِ رڙي، ويئي وهامي راتڙي.

(٧)
ڳَتين ڳَرَ موڙيا، تيڙُو اُيا تيئي،
راڻو رات نہ آئيو، ويلَ ٽري ويئي،
ڳُه سا ڪاٽي راتڙي، جا پرين رَيءَ پيئي،
مون کي ڏنءُ ڏيئي، وجي ڍَوليوَ ڍِٽ قَراريو.

(٨)
ڪنهن جنهن پُور پچائيون، جيئَن اکيُون آبُ نہ ڪن،
راڻي جي رهاڻ ري، وڏوڙيون وتن،
سي مُنيون ڪيئَن ميجن، سُوڍي سوريءَ چاڙهيون.

(٩)
ڪا جا راڻي مَنَ ۾، جيئَن نہ ٿو نينهن ڳڏي،
مَنَهَ ڇَنا ماڙيون، نيو اوڏانَهين اَڏي،
پينرُ ياڳ وڏي، راڻو ايندو راج ۾.

(١٠)
سوڍي ڏاران سَرتيون ٿيو پٽن ۾ پَنگ،
اُباڻجي اڄ ويو، راڻا تو َ ري رنگ،
هنئين سان هاجو ٿيو، پيو اوسيڙي انگ،
مَون توهين سين سَنگ، پُڇايو پچان پَهي.

(١١)
ڍِاٽي گهٽا اَچن، من سوڍي ونگسيو،
ڪا جا لائي مَينڌري، لالي ڪيَ لِڳن،
راڻو اَڪڙِيَن، وساريان نہ وسري.

(١٢)
راڻو ڪا رات ڪري، ويو ڳالهہ ڳجهي،
تنهن سان مَنُ مُنجهي، منهنجو پيو مامري.

(١٣)
راڻو ڪا رات ويو، ڳجهي ڳالهہ ڪَري،
سوڍي ريءَ سَرتيون، هڏ نہ ساهُ سَري،
وجيِ مانَ وَري، آسائتي آهيان.

(١٤)
سوڍي سُتي لوءِ، ڪا جا مون سين ڳالهہ ڪي،
سا جي پڌر پوءِ، تہ سَرتيون ڪا نہ سُمهي.

(١٥)

ڪَرَها ڪاڪَ چَڙهي، ونئَن وٽائون نِڪري،
لَڏوڻِيان، لطيف چئي، آيو ڪونہ وَري،
گهٽا اُت گهڙِي، وُڳ وساري هليا.

(١٦)

راڻا تُنهنجي راھ تي، ڏِهَاڙي ڏيڪان،
راڻي جي رهاڻِ جون، روح اندر ريڪان،
محبت جون ميخان، توسين لالَ لَپيٽيون.

(١٧)

آءٌ راڻا راحَتَ، ڏاج ڏرتيءَ جا ڏٽي،
سڪن ٿيون سُهاڳڻيون، سوڍا تنهنجي سَٽَ،
مون تان لاھ مَ هَٿَ، ڪاملَ ڏٽي ڪاڪ جا.

(١٨)

راڻي ريبارو، توڏي مُڪو تَڪڙو،
لڏوڻِيا، لطيف چئي، ماڻڪ موچارو،
صُبح سَوارو، ڪاڪ گهڙندو ڪَرَهو.

(١٩)

راڻو رَب راضي ڪري، مانَ وَرائي واڳ،
چندن سين چَڪ ڪيو، مُومَلُ لِنبي ماڳ،
سوڍي جي سُهاڳ، ڍَڏُ مڙيوئي ڍَڪيو.

(٢٠)

مَئي ۽ مينڌري، ڏني تيئڙم ڏينهن،
هاڻي ڪريان ڪِيئَن، ويني ڳوڙها ڳاڙيان.

## وائي-١

مَيو تون موٽاءِ، مون رئندي رات وهاءِ سائينءَ ڪارڻ سُپرين.
گهَرَ مهارا گهوريا، سرهو مون نہ سهاءِ،
ڪاڪِيان وڃُڻ ڪيڏهين، راڻا تو نہ رهاءِ،
سَنَمِ ساهڙين جا، طعنا توهين لاءِ،
سوڍا سُڪياڻي ٿيان، پيرَ پَرَچي پاءِ،
آسائتيءَ ڪي، عبداللطيف چئي، مَوليٰ محب ملاءِ.

## وائي-٢

ساٿيئڙا ابا! پانڌي پرينءَ، سنيھو نيئي نيئي ڏيجا،
ڪالھ ڦُلاريا گُلڙا، سي اڄ سُڪا مٿي سيجا،
جان آن پيرو نہ ڪيو، تان مُون مُئي سُٽيجا.

## فصل پيو

(١)

جھڙا گل گلاب جا، تھڙا مٿن ويس،
چوٽا تيل چَنبيليا، ھا ھا ھُو ھَميش،
پسيو سُونھن سيد چئي، نينھَن اچن نيش،
لالَنَ جي لبيسَ، آتڻ اَڪر نہ اُڇھي.

(٢)

جھڙا پانن پن، تھڙيون شالون مٿن سائيون،
عطر ۽ عنبير سين، تازا ڪيائون تَن،
مَڙھيا گھٽو مشڪ سين، چوٽا ساڻ چندَنَ،
سونُھن رپي سونَ سين، سندا ڪامڻ ڪَن،
ڪيائين لعل، لطيف چئي، وڏا ويسَ وَرَنَ،
منجھ مُرڪيس مَنَ، سوڍي سين سگُ ٿيو.

(٣)

سون وَرنيُون سوڍيُون رُپي رانديون ڪن،
اَگر اوطاقن ۾، ڪَٿُوري ڪَٿُن،
اوتيائون عنبير جا، مٿي طاق تڙن،
باتَن پيلھون پَڏيون، پَسيو سُونھن سَڙن،
ٿيا لاھوتي، لطيف چئي، پَسڻ لاءِ پرينَ،
اِجھي ٿا اچن، ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙيَ.

(٤)

جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، تن لَھي نہ لالي،
ڪڙي ڪَيفَ خُماريا، مَي پِي مَوالي،
ڪري حاصل ھليا، ڪِيفيتَ ڪَمالي،
وَتَن وصالي، لُڏُوٽيا لوڏي ٿيا.

(٥)
لڏوٽيا لوڏي ٿيا، وتن منجهہ وصال،
اڄ ارتو اکئين، ڪاڪ پيتائون ڪالهہ،
ويئي ويچارن وسري، صُباحَ جي سنڀال،
پرينءَ ڪان پاسي ٿيا، مامُوئن مثال،
جانب جي جَمالَ، رڱي پَس ريٽو ڪيا.

(٦)
رَڇي جي ريٽو ٿيا، ڪين اُباٽجن اوءِ،
ڪنيَ نہ ڪاري تنهن کي، جو هالاري هوءِ،
توٽي ڏوبي ڏوءِ، تہ بہ لالي تنهن َنہ لهي.

(٧)
ڪتيون ڪَپار آئيون لُڏاٽيان لڙِي،
سو راڻو رات نہ آئيو، جنهن سين هُيَم جيءَ جَڙي،
سوڍي لاءِ سڙي، وئي وهامي راتڙي.

(٨)
جنهن تَڙِ ڏوڙُون ڏُون، چيٓا چندَنَ چڪ ڪيو،
اچن پَونَر پنيوليا، پاٽيءَ تَنهين پُون،
راولَ رَتو رُون، ڪو وهہ لڳوَ واسئين.

(٩)
جت رانيائين راڻن کي، چندن چڪ ڪري،
هاٽي اُنهين پيٽِئين، ورهہ وَراڪا ڏي،
سوڍو سُڄَ ڪري، مومَل ماڻي هليو.

(١٠)
رُوءَ راڻي جي ناهہ ڪو، سوڍو سوائي،
لڏوٽيان، لطيف چئي، لالي تنهن لائي،
ڪانهي ٻي وائي، ٿيو مڙوئي مينڏرو.

(١١)
روءِ راڻي جي ناهہ ڪو، سوڍو سيني سُونُهن،
لاٿائين لطيف چئي، مٿان دلين دُونهَن،
ڪانهي ٻي ورونهن، ٿيو مڙوئيَ مَينڏرو.

(١٢)

روءَ راڻي جي ناھ کي، سوڍا پيا بہ سُڄاڻَ،
نسوريائي نِينھن جي، ڪشيائين ڪمانَ،
چڙھي ويا چوھ ۾، دعوائون ديوانَ،
ٻي رهيائي ڪان، ٿيو مڙوئي مينڌرو.

(١٣)

ڪاڪ چڙھيائون ڪُنڍَ تي، پاڻان ويا پِئي،
لوڏيرن، لطيف چئي، سوڍو ڪيو سَهي،
مومل ماڳ رَھي، ٿيو مڙوئي مَينڌرو.

(١٤)

ڪاڪ چڙھيائون ڪنڌ تي، پاڻان ويا پَري،
تن ڪي ناتر ڪوھ ڪري، جي لڌوڻيان لنگھي ويا.

(١٥)

جان جان ناھ نصيب ۾، مومل مينڌرو،
پُوندوءِ جَم پاھين ورين، منجھان پرت پَرو،
راڻي لئي مَ رو، ويھ طعني سينَ واڳجي.

(١٦)

مومل ناھ مينڌرو، جان جان منجھ نصيبَ،
مون ڪي مون حبيب، طعنو ئي تُنھنجو.

(١٧)

آءٌ طعني سوڌي تُنھنجي، تون طعنو ئي مون،
سوڪي سريو سُون، جو سَرتيون ڪنھن نہ سَريو.

(١٨)

سُٽي طعنو تُنھنجو، حال وڃايم حق،
لڪين لوڏي آئيا، سوڍي لاٿم شڪ،
ڏِنم ڪاڪ ڪَھڪَ، سگھو موٽج سُپرين.

(١٩)

سگھو موٽجِ سپرين، ڪرھل ڪي ڪاھي،
سَوڍا سُور تُنھنجو، اندر ۾ آھي،
تنھن ھئين سين ھاجو ڪيو، مَنَ پيو مُنجھائي،
سوڍا سجائي، مون ڪي وئين تُون مينڌرا.

وائي

نيئي نيئي ڏيج، اي اَدا، اَدا ساٿي، پرينءَ سَنيَهڙو،
پيرين وجهي هٿڙا، زاريُون َزورُ ڪَريج،
ڪاڪ ڪُوماٽا گُلڙا، سُڪا مٿي سيج،
تولئي هَنجون هاريان، هي جي مَنجهان هَيج،
جڏَن تو پيرو نہ ڪيو، تڏَن مون مُئي سُٽيج،
نماٽي جي نجهري، پيهي پيهي پُڇيج،
اوڪيءَ عبداللطَيف چئي، اچي آڌر ڏيج.

## فصل ٽيون

(۱)

راڻي جي رهاڻ مان، ڪو آديسي آيو،
چوڏهينءَ ماهہ چَنڊِ جئَن، ڪيو سامي سَهائو،
لٿو اونڌائو، جوڳيءَ سندي جوت سان.

(۲)

راڻي جي رهاڻ مان، ڪو آيو آديسي،
خستُوريءَ خوشبوءِ سين، تنهن ولايت سڀ واسي،
سوڍو سَناسي، اُتاهين ٿي آئيو.

(۳)

ڪالهہ گڏيو سون ڪاپڙي، جهڙو ماهَ مُنير،
فَيض فراق فقُير، جوڳي جاڳائي ويو.

(۴)

ڪالهہ گڏيوسون ڪاپڙي، بابُو بيڪاري،
ساميءَ سيلو سر تي، مالها موچاري،
ڏيئي ڏيڪاري، َ ڦٽي دل فقير ويو.

(۵)

ڪالهہ گڏيوسون ڪاپڙي، پَهَر سج ڪان پوءِ،
پسيو سُونهَن ساميءَ جي، رتَ وَرنو روءِ،
سو مُنهِن مومل جي پوءِ، موتڻ تنَهن مَس ٿِئي.

(٦)

ڪالهہ گڏيوسون ڪاپڙي، بابُو بانَ بَري،
سائي شال ڪُلهن ۾، ساميءَ سونَ سَري،
خبر ڏي ڪَري، ڪا مومل جي مَجاز جِي.

(٧)

ڪالھ گڏيوسون ڪاپڙي، بابو رنگ پِيَوتُ،
سريو سون سڪَوت، جوڳِيءَ سندي ذات ڪان.

(٨)

بيڪاري ڪي بَر ۾، ويو ڪَيف چڙهي،
ڳالهيون ڪندي ڪاڪ جون، ڳوڙها پَيس ڳڙي،
ڪا جا اَنگ آڙي، جئَن جُتا ڦٽَ جُڙي پيا.

(٩)

سچ سُپاٽي جا ڪري، ساميءَ سائي روءِ،
اَچي تي عطر جي، مَنجهان مڪَتَ بُوءِ،
سا ڏيڪارئون جوءِ، جئَن لاهُوتي لالُ ٿيو.

(١٠)

سچ سپاٽي جا ڪري، ساميءَ سا وَنڪَ،
سَهي نہ سَگهان ساعت سيئَن، تَنهنجي راسن جي رونق،
ڪ رتائين لاڪ ۾، ڪَ ڏنائين پانَن پڪ،
سنَديءَ سوڍِل سڪَ، ڪَپِرَ ڪُورون جَهليون.

(١١)

پرھ جيئَن پيدا ٿيو، ڪي سامي ڪي سُجِ،
مٿس رَتو مولهيو جيئَن سا ڪکر وَجِ،
ڪنهين ڏاءَ مَ ڏِجِ، ڪَريُون ويهي ڏي خبرون.

(١٢)

آءٌ اُتانهين آئيو، جت ٻئي جي ناھ مَجال،
مُومل جي ماڙِيءَ ڪَي، طرح طرح جا تال،
لڪُ مارايو لعلَ، موتيو اچان مَينڌرا.

(١٣)

ڪاڪيان قاصد آئيو، راڻي پاس رمي،
چڙهيو محمد مصطفيٰ ﷺ دوست دَمُ دَمي،
اڳيان خوف نہ خطرو، نہ ڪو غَمر غمي،
ڪونہ پيو ڪَرمَي، جيڏو تو جهان ۾.

(۱۴)
تُون ڪيان اچين ڪاپڙي، موٽيو ڪيئن ماري،
آءٌ اُتانهون ٿو اچان، جت مَومل موچاري،
ڪنڌيءَ ڪاڪ ڪڪورِيا، چندن چوڌاري،
سوڍا شڪاري، ناتر گهٽا نمائيا.

(۱۵)
سپيني سمن ڪاڪ تي، راڻن حميرن،
هُتان آيو ڪون ڪو، هِتان لَڪ وَڃن،
ويندي ويچارن، اوڏانهن عذر نہ ڪيو.

(۱۶)
ڪاهي آيا ڪاڪ تي، ڏٺائون نا تر،
گهوٽن وسريا گهر، گهُور پهريائين گهائيا.

(۱۷)
تون جا ٻائي ٻانهيءَ واري، ڪهڙو تنهنجو نامُ،
ائين جتي اُبنا، سو گجر سندو گام،
ڪهڙو اَٿان ڪام، هت لکين خان کپي ويا.

(۱۸)
آءٌ ٻانهي ٻايُون ٻيون، تڙ مڙيئي تار،
لکين لوڏا نينهڙا، هت هاڻ نهار،
پيا نہ پسين پَٽَ ۾، ڪنڌيءَ ڪاڪ ڪَپار،
تو جيڏا تو يار، مَومل موهي جهليا.

(۱۹)
جوڳيءَ جاڳائي، ماري وڏو مامري،
لَنوُ لڏوٽي ڪنڌئين، اَميو آهي،
وجو جي ڪاهي، تہ نِڪون پَسو نينهن جون.

(۲۰)
جوڳيءَ تي جڙاءُ، نسورو ئي نينهَن جو،
پتنگ جڻَن پيدا ٿيو، سامي سَڄَ ورناءُ،
آيو ڪَاڪَ تڙاءُ، ڪُنئارن ڪَڪوريو.

(۲۱)
آءُ لانگوٽيا لعلَ، ڪنهن پر ڏٺئي گجريُون،
آب ارتو اَڪئين، لڙُڪ وَهائين لال،
ڏٺئي جي جمال، سامي ڪوه نہ سلائيين.

(٢٢)
گُجُر ڪي گجميلَ جون تارَن ۾ تَبَرون،
هٽي حاڪمن ڪي، زورَ پَريون زَبرون،
ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون، پَسو پَرڏيهين جون.

(٢٣)
متان منجهين رهين، اوڏو اُن مَ ٿِيءُ،
ڏي وراڪاَ وچ ۾، وهُ گاڏائون ويءُ،
جو پانيئي پيُ، سو َ لڙ لهوارو وهي.

(٢٤)
جوڳي جرڪيو تيئَن، جيئَن اونداهيءَ ۾ آڳِ،
لايائين لطيف چئي، مٿي لڪن لاڳِ،
اهو ڪنهن سياڳِ، ڪوس ڏهاٽي ڪاڪ ۾.

(٢٥)
پيرو پيچ مَ ڪاپڙي، لاهي وهہ مَ لاڳِ،
تا مُون هينئڙو ماڳِ، جي تون جَاني جُوءِ ۾.

(٢٦)
گجر گاروڙين، اچيو اوڏي اُبهي،
مٿان پيئي تن، ٻڏا ٻانَّ هين جي.

(٢٧)
گجر گهٽا گهائيا، پاٽا لَڳِس گهاءُ،
مَينڌري ملاءُ، لڳِس ڪانءُ ڪَپار ۾.

(٢٨)
مومل ڪي مجاز جا، اکين ۾ الماسُ،
نہ ڪا عامُ نہ خاصُ، جي ويا سي وڍيا.

(٢٩)
مومل ڪي مجاز جا، اکين ۾ اَنبُورَ،
هٽي حاڪمن ڪي، پٽ نهاري پُور،
گهوٽ پهرينءَ گهُورَ، جَي وياَ سي وڍيا.

(٣٠)
مومل ماري ميرَ، آهيڙيَن ڪي اَڪري،
سوڍي گهٽا سجهائيا، پڙهيا پَنڊتَ پيرَ،
هٽي تن ڪي نِيرَ، مَٽيُون جن مٿَن َ ۾.

(۳۱)
مٽيا جن مٽن ۾، تن تکي هنيس تير،
سرها شڪاري ٿيا، اُپيا مَرکن مير،
پاٽان ٿيسُ اُکير، لڳيس ناوڪ نينهن جَي.

(۳۲)
ڪاهي آيا ڪاڪ تي، پَسندا مُومل،
ڪنين ريکون رتيون، ڪنين ڪارا ڳل،
مڙيا رامَل، اُت دانَهَ گهٽا دهوڙيا.

(۳۳)
پوري جا پري، سيٽن سلامت آئيا،
تنين کي ڦِري، ڪلي تنهن ڪيڪاريو.

(۳۴)
اَچا پيرو هيڪڙو، پسَبي مومل،
وٺي ويندي پاڻ سين، ڏيندئي نہ موڪل،
هت ويهُن ٿي وڃائيا، طرحن سين طَبَلَ،
جن کي هُيون ڪَلنگيون ۾ ڪَلَ، سي ويا ڪنبندا ڪاڪ ڏي.

(۳۵)
چڙهيا چارئي يار، سوڍا شڪاري،
فڪر سان ڦِتي ڪئي، سوڍي سوپاري،
ويا ڪاهيندا ڪاڪ ڏي، جت مومل موچاري،
موٽيا نہ ماري، ڪَونرَ لَتاڙي ڪاڪ جا.

وائي
راڻا جي رجبوتَ، مومل صحي پَسندا،
پڙهيا، پنڊت، پيرَ، توٽي ميرَ مَرَندا،
مجيَ رضا رَب جي، هئان سڀ هلندا،
ڪَلمي ساڻ لڏائين هادي هن هنڌان،
سهکي سَڪرات ڪرين، والي وير وداعَ،
اُهکي وير اچيج تون، اتي احمدا،
متان چڏئين مَڱٽا، مهندا مُرشدا،
"ڪُل نَفس ذَائقۃُ الموت" سچي اِيءَ صدا،
اصل لِکيو اَنگ ۾، ٿيندو تان بہ ادا،
اديون عبداللطيف، چئي، فائِق فضل ڪندا.

## فصل چوٿون

(۱)

سگ ڪري سين سينهنَ، ڪنڌ مَ ڦيرج ڪيڏهين،
رَمج راڻي پٽ ۾، نِرتون منجهان نينهَن،
ائين مَ وَسج عامر تي، جيئن مومل وسن مينهن،
سندي حشر ڏِينهن، سوڍو سارينديِئن گهڻو.

(۲)

وٺيو وڃج واٽ، ڪَنڌَ مَ ڦيرج ڪيڏهين،
لوڙي ڦير لَپاٽ، متان لڳنديئي لطيف چئي.

(۳)

ڪنڌمَ ڦرج ڪيڏهين، وٺيو وڃج راهه،
اڄ ڪ سَنجهه صُباح، نيئي ڌرينديَئي ڌوڙ ۾.

(۴)

جا پُون پيرين مون، سا پُون متي سجَڻين،
ڏَڱ لَتبا ڌوڙ ۾، اُپي ڏناسون،
ڏِينهن مڙيئي ڏُون، اُتي لوچ لطيف چئي.

(۵)

لڏيو لَطيفن، ڀَلاڙي ڀَنڌ پيا،
هٿان حبيبن، ڪڏهين ڪونہ ڏڪوئيو.

(۶)

راڻو ڀانيو راند، وڃيو پيا وَرَ رانئين؟
وَرُ وڏوڙيو اِينهئين، جيئَن پَرُ پُڄتوئي پاند،
هئي ڀڳي هيڪاند، سَوڍو سارينديِنءَ گهڻو.

(۷)

راڻا رُسڻ ڇڏِ، وار ڪرهو ڪاڪ تي،
حُب هئين سين گڏ، تہ وڃن سُور سنديون ڪري.

(۸)

راڻو رات رسي ويو، ماريس تنهن مذڪور،
جانب جُدائي جا، پَل پَل پَون پُور،
وهُڻ مُون وهُ ٿِيو، وڃان ٿي وهلور،
اَندر آڳيون لائيُون، سوڍا تنهنجي سور،
طعنا ڏينم تور، آءُ تہ پرچون پاڻ ۾.

(٩)

رُس مَ رُسڻ گھوريو، پَلُ مَ پري وانئن،
پريم پسي ڳالھيُون، مديُون مُون هٿان،
ڪميڻين ڪناءِ، تِين مُورائين منيُون.

(١٠)

رُسُ مَ رسڻ گھوريو، اُتُ اوراھون آڻ،
ليڙي جو لطيف چئي، تنگ سوارو تاڻ،
شرمنديُون سپين پَرين، پُنيءَ لائج پاڻ،
اچي مُشڪ ماڻ، تہ سوڍا سڪياڻي ٿيان.

(١١)

رُس مَ رُسڻ گھوريو، پَرچ مَ واڻ پَري،
ماريَس ڦَٽَ فراق جي، جھَتَ جي ذري،
لالنَ جي لطيف چئي، سُونهائي سَري،
آيس تو ٻري، تہ سوڍا سڪياڻي ٿيان.

(١٢)

رُس مَ رسڻ گھوريو، راڻا ڇڏ رياءُ،
ميٽ مَدايُون، موٽُ تون، ڪري نرت نياءُ،
لالن جو لطيف چئي، ڪونهي سونهن سياءُ،
اَوڳڻ ڏِڪي آءُ، تہ سوڍا سڪياڻي ٿيان.

(١٣)

رُس مَ، رسڻ گھوريو، ڇڏ راڻا ريڏائي،
منهنجي ميٽ ميندرا، عاقِل اَڱلائي،
لپيٽج، لطيف چئي، ڪامَل ڪچائي،
ڪَر معاف مَدائي، تہ سوڍا سڪياڻي ٿيان.

(١٤)

ڪاڪ ڪَڙهي، وڻ ويا، جَلي منهنجي جان،
رکي ڪام ڪٽڪيو، ماريَس تنهن گمانَ،
هَڏِ نہ جيان هاڻ، سِگھو موٽج سُپرين.

(١٥)

ڪاڪ ڪڙهي، وڻ ويا ٻريا محل ماڳ،
سوڍِي جي سَرتيون، وڏيَس وھ ويراڳ،
سُورن لايا سانگ، سگھو موٽج سپرين.

(١٦)
ڪاڪ ڪڙهي، وڻ ويا، ٻريا رَنگ رتول،
تو پچاڻا سپرين، هنئڙي اچن هَول،
جي مون سين ڪَيئي قَول، سي سگها پاڙج سپرين.

(١٧)
ڪاڪ ڪڙهي وڻ ويا، لُوڻو لُڏاڻو،
تو پچاڻا سپرين، آتَڻ اُجهاڻو،
مُين سين ماڻو، مناسب نہ ميندرا.

(١٨)
ڪاڪ وٽن سٽان، اوٺين گهٽو اوَراڳي،
هُئا گُڻ گهٽا، راڻا تي روندا ويا.

(١٩)
ڪاڪ نہ جَهليا ڪاپَڙي، موهيا نہ مَحلَن،
ٻائِن ۽ ٻانهن جي، ٻنڌڻَ ڪين ٻَجهن،
لکين لاهوتين، اهڙيون اوريان ڇڏيونَ.

(٢٠)
اهڙيون اوريان ڇڏي ويا، لاهوتي لَڪَ،
پايو پٽين وينيون، ڪاڪ ڏَجاڻيون ڪَڪَ،
پيئي اِئين پَرک، تہ سوڍيُون سجهائي ويا.

(٢١)
ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪَنهن نہ مالَ
جي ڇورين ڏنا ڇال، تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا.

(٢٢)
ويجها ويا ڪاڪ ڪي، پَسي وڻ وريا،
کهڙي ٽول ٽريا، نہ تہ هُوءَ مومل هُو ماڙيُون.

(٢٣)
ويجها ويا نہ ڪاڪ ڪي، پاٽان ويا پَئي،
لوڊيڙن لطيف چئي، سوڍو ڪيو سهي،
مُومل ماڳ رهي، ٽيا مقابل مَيندري.

وائي

تان تون ويهہ سَنبَهي ساڻي، ميان، پانڌي ميان،
ڪاڪ هَلبو ڪڏهين،
لڪين لڏوڻيان مڻي، مڻي واڻ ويا ڻي ميان،
جنهن کي پچان سو چوي، آيو ڪونہ اُئان ڻي ميان،
ڪوناڻو ڪريم جو آيو، پَهي پَريان ڻي ميان،
حڪم ڏيندي هٿ ۾، هاڻي هَل هئان ڻي ميان،
اديون عبداللطيف چئي، پَرين پاس پران ڻي ميان.

## فصل پنجون

(١)

نہ وارث نہ وَلهو، نہ سَڱ نہ سياڪو،
تو پچاڻا سپرين آيم اَولاڪو،
پانڌيا پاراپو، ڏجانءِ ڏاڻيءَ ڏول ڪي.

(٢)

ڏجانءِ ڏاڻي ڏول ڪي، سنيهو ساري،
مون کي ڦَٽَ فِراق جو، ميندرا ماري،
اچين جي واري، ڪرهو ڪمينيءَ تي.

(٣)

ڪرهو ڪمينيءَ تي، سوڍا وار سُجانَ،
ڪُهہ ڪريان ڪاڪ ڪي، توهين ڏي تاڻ،
لاهي غَيرَ گمانَ، اَڱڻِ آءُ اُڪندئين.

(۴)

اَڱڻ آءُ اُڪندئين، پَرچي پيارا،
پلڪ پراهون نہ سهين، جيءَ جا جيارا،
نينهن جا نظارا، سُج تہ مانَ سُور لهي.

(۵)

سج تہ مانَ سور لهي، اکيون پيري پاڄهہ،
راڻي جي رهاڻ کي وينُي وجهان واڄهہ،
سُوڍا لهي ساڄ، پَسُ توشُڪون تڪيا.

(٦)
پس توشڪون تڪيا، سيئي وهاڻا،
پسيو پَر پڇي هنئون، جي حبيبن هاڻا،
هڪَ ڏُونگها ڏاڍاڻا، پيو موٽيو تان نہ مينڌرو.

(٧)
ڪري موٽ مينڌرو، جي لڌوٽيان لالَ،
گهرُ مڙوئي گهوريان، هوند پنهنجو حالَ،
راڻي ڏاران راڄ ۾، مون نہ گهُرجي مالَ،
سوڍي ڪي سوال، ڪريان ٿي قرب جو.

(٨)
سوڍا سور سُڪائيون، اکيون آبُ نہ ڪن،
راڻي جي رهاڻِ ڪي، ورروٽيُون وڃن،
سي ڪيئن مينڌرا مَڃِنَ، جي سوڍا سوريءَ چاڙهيُون؟

(٩)
مومل ويٺي مينڌرا، سدائين ساري،
وليون واس ورنيون، چانگي ڪي چاري،
جڏهن تڏهن سپرين، ايندم اوتاري،
سوڍي سين ساري، ڳالهيون ڪندس ڳُجهہ جون.

(١٠)
مومل ويٺي مَينڌري، ساري سَڌ ڪري،
پاڻي پُڙين گاڏئون، ڍاٽيءَ لاءِ ڌري،
ڪوسا ٿڌا ڪيترا، مٿي ڪاڪ ڪري،
لڳين جي ڳري، تو سوڍا سڪياڻي ٿيان.

(١١)
راڻا پَسان نہ راڄ ۾، مٿي جَن مٽي،
ڪَهہ ڇاڻان ڪيڏانهن ويا، ڌروڙين ڌٽي،
اُتر لڳن آڪرا، ڇاٻا پين ڇٽي،
ڪَتون تن ڪٽي، نئي لڏاڻين لاٺُيون.

(١٢)
ايندا ويندا اڙيا، هيئن ڏيسارو هوا،
گاروڙين گس ڪيا، ڪاهي ڪاڪ وڃا،
مُومل ڪي ويا، ياڻا وڃهي وَپري.

(۱۳)
نڪتَ سڀ نئي ويا، آيو نہ اوٺي،
سوڍي جي ساءِ پئي، ڳر لايَم ڳوٺي،
آءٌ تنهن لڏاٽي لوٺي، پسان جو پرين ري.

(۱۴)
پرھ لڪايا پارُ، موٽ سگھو تُون مينڌرا،
ڏوليا ڏٺ ڪنڌين ۾، ساڃو ٿي سوار،
پيرو ڪُج پتار، نماڻيءَ جي نجھري.

(۱۵)
توبهَ ڪيم تن ڪان، جڳ جنهن گناھ،
روز نهاريان نڪٽي راڻا تُنهنجو راھ،
پرچي لَڳ الله، موٽ ميان تُون مينڌرا.

(۱۶)
سڪي هنيون سڌ ڪري، راڻل جي رهاڻ،
سَو موَٽائي مينڌرو، الله اگڻ آڻ،
تہ مُون پوءِ نہ ڪاڻ، صباحُ وچ سرتين.

(۱۷)
جڙ گھوڙا، پڙ گھوٽيا، تڙ جون تڪون ڪَن،
نَوُ جٽيون ناتر سين، پاٽياروُن پُڇن،
هن گام نالو کھڙو، هي گھَر سندا ڪَن،
هيءُ گامَ مڙوئي گوجرو، جت رانوڙيون رهن،
ڏھ ڏھ پيرا ڏينهن ۾، خُون ڪِلندي ڪَن،
سمهون وچ م تن، اڳيان راڻا ٿو رڻ وهي.

(۱۸)
جَڙ گھوڙا، پڙ گھوٽيا، آيا ڪاڪ کَهي،
محل جي مُومل جي، سوڍي ڪيا سهي،
راڻي رات رهي، گوندر لاٿا گجرئين.

(۱۹)
گُل بدن جُيون گجريُون، اِرَم اوڍيائون،
چوٽا تيلِ قليل مان، واسينگ ويڙهيائون،
انهيءَ پَر، عنات چئي، راڻو رانيائون،
سو موٽي ڪيئَن پانُهون، جي گُل گُجر ڪي گڏيو.

(٢٠)

سوڍا تَنهنجي سُور، اَندر آڳِيُون لائِيُون،
راڻا رهاڻِن جا، مارينم مَذڪور،
طعنا ڏِيَنئين تُور، آءُ تہ پرچون پاڻ ۾.

(٢١)

راڻا رهاڻِيُون، سوڍا ويني ساريان،
سَهسين سجَ الَٿا، راتيون وهاڻِيون،
ڪوڙيون مونَ ڪاڻيون، ڍولا ڍَڪي آءُ تون.

(٢٢)

مون گهرَ اچي جي ٿئي، ميندڙو مهمانَ،
آڻي جهوڪيان آگ ۾، ڇيري وجهان ڇانُ،
تاڻي تَنُورَن ۾، پيري هَٿان ڀانَ،
پيڪن سوڍو ڀانُ، گهُر ٿڙ گهوريان پرينءَ تان.

(٢٣)

اچ نہ ڳالهائون، هُون ڏِيهاڻي نِجهري،
ڀَسو ڀهہ پيونِ، اتڻ سُجو ان ري.

(٢٤)

اچ نہ ڀَسان سي، اَتڻ ڪِتم جن سين،
هاڻي تِنهين ڪي، ڪنڌيءَ ڪاڪ نهاريان.

(٢٥)

تون ڍاتي، تُون ڍَٽ ڌڻي، تون راڻو، تُون راءُ،
مُومَل محتاجيُون ڪري، عاجزيون اڳيانءُ،
تو جي قَول ڪيا، سي سگهو پاڙج سپرين.

(٢٦)

تون ڍاتي ڍَٽ ڌڻي، ڍوليا تُنهنجو ڍَٽُ،
پائي تُراڙي توريان، تہ مُلڪ نہ تُنهنجو مَٽُ،
لاهي ڪسر ڪَٽُ، اچي ڪوڙ قَناتون ڪاڪ ۾.

(٢٧)

ڪوڙي قناتون ڪاڪ ۾، راڻا ويهہ رهي،
ماڻهو جي محلات جا، سوڍا ڪج سَهي،
ويندَيئي ڳالهہ وَهي، وِڪَر پُوندين وَلها.

(٢٨)

آڳُون ڏاڱُون، سرڪنڊ شاخون، جت چوڪا چنڊَن ڪونرَ،
مَيي سپئي ماڙيا، جت نہ پرن پَونرَ،
ڪُنئاريون ۽ ڪَونرَ، ڪاهہ پَسون ڪَاڪ ۾.

(٢٩)

هلو هلو ڪاڪ تڙِ، جتي نيهَن اُڇل،
نَہ ڪا جَهل نہ پلَ، سِپڪوَ پَسي پرينءَ کي.

(٣٠)

هلو هلو ڪاڪ تڙ، جتي نِينهن پچار،
ڪانهي ٻي تنوار، سِپڪَا پسي پرين کي.

(٣١)

هلو هلو ڪاڪ تڙ، جتي گهرجي نِينهُن،
نہ ڪا رات نہ ڏينهُن، سِپ ڪَو پَسيَ پرينءَ کي.

(٣٢)

هلو هلو ڪاڪ تڙِ، چَرُو جتَ چڙهَن،
ڪوڙين رنگِ رَچَن، پَان واريونَ پِڪ سين.

(٣٣)

چانگا چَڪي نہ ايئين، جئين تُون رڻ پسيون رالون ڪرين،
تاڻي نيندئي تڪڙو، مَيا مُومل سيئن،
تڏهن ڪنَدين ڪيئَن، جڏهن تاڙيِ ايندَيئي طاق ڪي؟

وائي

ڪي جو ڪاڪ تڙاءِ، چانگي چرهو چَڪيو،
ڪَرَهو سَرَهو ڏيهہ ۾، نہ تنهن ڊپ نہ ڊاءُ،
پاهُ پرائي آئيو، لاليءَ لڊوڻيان،
ڪَرَهي ڪانيتا رتا، نائي ناڪيلا،
وڳ واسيائين پانهنجو، سِپيئي سُراهيا،
تون ڏاتي ڏَتَ ڏٽي، راڻو تون راءُ،
مومل محتاجيون ڪري، عاجزيون اڳيان،
آءُ تون، عبداللطيف چئي، موٽي هِن مهلا.

## فصل ڇهون

(١)

ڪين ساڱاهيم سُپرين، جاڙُون ڪيم جت،
سوڍا مون کي تِت، موٽي مُنهن ۾ آئيون.

(٢)

ڪين ساڳاھيم سُپرين جاڙون ڪيم جال،
سوڍا مون کي ڪالهہ، موٽي آيون مُنهن ۾.

(٣)

ڪين ساڳاھيُم سپرين، جاڙون ڪيم جي،
سوڍا مون ڳي سي، موٽي آئيون مُنهن ۾.

(٤)

خاموشي خبر جي، مومل ٽي مَٽَ،
صبر ٽيو سُپت، منهنجي حق ميندرا.

(٥)

سوڍا صبر تُنهنجو مومل مت ٽيو،
تو جو ڪالهہ ڪيو، تنهن مَديون ميٽي ڇڏيون.

(٦)

تو ۾ ٻَڌيَس تي، جي منهن ۾ مديون نہ ڏئين،
ڍولا ڍَڪيَئي جي، سي متان عيب اُپٽئين.

(٧)

جي منهن ۾ مديون نہ ڏئين، تو ۾ تي ٻڌياس،
سوڍا اِن سُهاڳ کي، ويٺي واجهاياس،
ڍولي ڍڪياس، ڏيئي پاندُ پناهہ جو.

(٨)

ڏيئي پاند پناهہ جو، ڪِيم ڍَڪ ڍولي،
ڏسيو ڏوھَ اکين سين، نہ ٻاجهہ پريو ٻولي،
ڪوڙَ ڪانيارين جا، سي خاوند نہ کولي،
راڻو نہ رولي، جي مديون ڏسي ميندرو.

(٩)

ڪَثافت جا ڪاڪ جي، سا مَينڌري مٺيام،
اوڳڻ عيب سندام، سڀ ڍولي ڍَڪي ڇڏيا.

(١٠)

راڻا هُيَس ريُ، تو سائينءَ مون سونُ ڪيو،
منهنجي مداين جو، حال اٿيئي هي،
ڍوليا ڍَڪَڻُ ٿيُ، ڪامل ڪَچاينَ جو.

(١١)

ڍولي ڍڪي آهيان، هُيس اُگهاڙي،
ڏيئي لِڪ لاڙي، ڪکر ڪيائم ڪاڪ جو.

(١٢)
ڏولي ڏَکي آهيان، هيس اُگھاڙي اڳ،
جوڙي وچان جڳ، ککر کيائم کاک جو.

(١٣)
ڏولي ڏکي آهيان، هيس اُگھاڙي آنءُ،
رکي پنهنجو نانءُ، ککر کيائم کاک جو.

(١٤)
ککر کيائم کاک جو، ڏيئي لاڙي لک،
هاٺي مٿي ڏِک، چڙهيو ٿي چاڳ کريان.

(١٥)
سوڍا صبر تُنهنجو مَرکُ لَڄايَن،
چُپ سين جي چَوَن، ادب کجي اُن جو.

(١٦)
سوڍا صبر تنهنجو، لڄاين مرک،
نہ کچَڻَ سين نَکَ، ريءَ رُکَ راڻي وڍيو.

(١٧)
سوڍا صبر تنهنجو، سيني سيکاري،
مومل جي واري، کهہ چاڻان کئن ٿيو.

(١٨)
سوڍا صبر تنهنجو، سيکاري سَهسَ،
پُڇي مَنجهان پُهسَ، مون کي نصيب نيئي جهليو.

(١٩)
سوڍا صبر تنهنجو، مون کي نصيحت،
ريلا کنديَس رَتَ، ميندَرا تو مهندان.

(٢٠)
سوڍا صبرَ تنهنجي، ماڙُهو کي مومل،
کُپر منجهان کِلَ، پيبيَم پرين تنهنجي.

(٢١)
سوڍا صبر تنهنجو، بي عقلن عقل.
آهي انگُ اَمُل، ماٺ تُنهنجي ميندَرا.

(٢٢)
سوڍا صبر تنهنجو، بي عقل آٽي بار،
سندي صبر ساز، توبهہ کاريمَ تَکڙي.

(٢٣)

سوڍا شرمائيون، پسيو عجيب اڳيان،
نَڪ نرجائيون، هُيون منهنجي حق ۾.

(٢٤)

موٽي آيو مُنهن ۾، سوڍا شرم جن،
سي لَڄايون لُڇن، پَسيو عيب اڳيان.

(٢٥)

اديون آتڻ واريون، نِرجا نَڪَ ٿيا،
وڍيا تان نہ ويا، پاٽا ِموريا مُنهن ۾.

(٢٦)

موري مُنهَن وڏا ٿيا، وڍيان تان نہ وڃن،
اديون اٽاسين، تن ڪوجهن کي ڪئن ڪريان؟

(٢٧)

جنهين سندي منهن ۾، نيهانئيُون نَڪَن،
تِنئاَن وڍيو هيڪڙو، تہ کهڙو ٿورو تن؟

وائي

ميندرا مون کي، راڻا جم وساري ڇڏئين،
مون کي طعنا تنهنجا، ڏِيهہ مڙوئِي ڏي،
راڻي ٿي ريس ڪي، ڪَرسين ڪِليمِ جي.

## فصل ستون

(١)

ڍَٽَ مَ وڃ ڍولَ، ڪانياري ڪاڪ ڪَري،
آءٌ اڳهين آهيان، ٻڌي تُنهنجي ٻولَ،
توکي ساري سُپرين، رُنَم منجهہ رَتولَ،
ٽِڪاٽا ۽ ٽولَ، وسَهہ مون وهُ ٿيا.

(٢)

لڏوٽيان لطيف چئي، ڪٿون ڪنيائون،
وجي ڪَاڪ ڪنڌين ۾، لَڏون لاٿائون،
ڇڏي حيلا هليا، مومل ماٽيائون،
پيرو پَڳائون، آسڻ آرامي ٿيا.

(٣)

پيرو پَيَج مَ ڪاپڙي، لاهي ويهہ مَ لاڳُ،
تان مون هنئڙو ماڳ، جان تُون جوڳي جُوءِ ۾.

(۴)

سوڍي سر نيو، هٿ ڪَرنگهر سکڻو،
راڻي جي رهاڻ ڪي، سڪي ساهہ پيو،
پَسان ڪي نَہ پيو، تو ريءَ اَکڙيَن سين.

(۵)

سوڍي منهنجي ساهہ سين، جيڏيون جئَن ڪيو،
ڪڙي مون ڪاڪ تي، آتڻ وسريو،
پسان ڪي نہ پيو، تو ريءَ اَکڙين سين.

(٦)

سوڍي ستي پوءِ، ڪا جا مون سين ڳالهہ ڪئي،
سا جي پَڌَر پوءِ، تہ سرتيون سُمهي ڪانہ ڪا.

(۷)

جيڏيون منهنجي جيءَ سين، راڻي رِڻُ ڪيو،
قَلبُ ڪاڪ ڪنڌين ۾، پُرزا ٿي پيو،
ٻُجهان ٻهر ويو، هَنئون هنڌ نہ اَڳئين.

(۸)

راڻي رڻ ڪيو، جيڏيون منهنجي جيءَ سين،
مَنُ مينڌري وڍيو، ڏُٻي ڏَڙَ پيو،
ٻجهان ٻهر ويو، هنئون هنڌ نَہ هيڪڙي.

(۹)

راڻو ڪا راتِ ويو، ڳجهي ڳالهہ ڪَري،
سوڍي ري سَرتيون، هَڏِ نہ ساهہ سَري،
وجي مانَ وري، آسائِتي آهيان.

(۱۰)

راڻا نہ چاڻا، ڪئن وڏوڙئين وَلها،
پيپئي کهہ ڪتن تي، ٿيا پلنگ پُراڻا،
جايون، گُلَ جَباتَ، وَنَّ تو ريءَ ڪوماڻا،
ڏريان ئي ڏونرا ٿيا، وَرَ ري وهاڻا،
مينڌرا ماڻا، تو ريءَ ڪنديَس ڪَن سين؟

(۱۱)

راڻا نہ چاڻان ڪئن وڏوڙئين ولها،
اچي ڪاڪ ڪنڌين ۾، پرچي ڏي پاڻا،
سوڍل سياڻا، ڳجهہ ڳرهيان ڳالهڙيُون.

(١٢)
چانگو جني پليو، ميو اڳ مُيو،
ذات ڏٽينيُون سکيو، ڪَرھو ريءَ ريو،
جنھن پر ملان پيوَ، تنھن نھايت ناھہ ڪا.

(١٣)
ميان ميندرا موٽُ، بخش ڪر بُچائيون،
تون گھڻن سندو گھوٽُ، مَون ورُ تُونھين ھيڪڙو.

(١٤)
ڪَرھَا ڪارڻ ڪاھہ، توکي ڏٽين ڏاريو،
ساري ڏيج، سيد چئي، لُڏاٽي تان لاھُ،
مُقابلو مومل سين، ٿيندو سَنجھہ صباحَ،
سوڍي جي صلاح، ڪَونر چَرندين ڪَاڪ جا.

(١٥)
نندِو تان ڪوھہ، پر وکين آھي وتَرو،
وڃيو ڪاڪ ڪنڌين ۾، پَھَس پکيءَ جئن پوءِ،
اُن کر سندو ڪوءِ، مَيو مانڊو نہ ٿئي.

(١٦)
راڻو پانئيو راند، وڃيو ڪيئَن پيا وَرَ رانئيين؟
وَرَ وڏوَڙِيو اينھين، جيئن پَرَ پُڄتوءِ پاند،
ھَي پڳيئي ھيڪاند، سوڍو سارينَدِئن گھڻو.

(١٧)
ڪيڏانھن ڪاھيان ڪرھو، چِتاٽو چوڏار،
لڪَن ڪيو لِڪ سئين چَڪر چونريءَ ڍار،
سھسين سامي آئيا، بابو بيکن ڏار،
کن خيما کَٿُون جوڙيون، ڪي سھسين ڪن سينگار،
ڪنين دين دنيا ڇوڙيو، ڪي نانگا لُنگن دار،
پوءِ گھوڙا ۽ سُوار، پئي پيون ۾ سڀ پُڪا ٿيا.

(١٨)
ڪيڏانھن ڪاھيان ڪَرھو، چَوڏِس چتاٽو؟
منجھھين ڪاڪ ڪڪوري، مَنجھھَين لڏُاٽو،
راڻو ۽ راڻو، ريءَ راڻي پيو ناھہ ڪو.

(١٩)
ڪيڏانھن ڪاھيان ڪرھو، چٽاڻو چوڌار؟
منجھھين ڪاڪ ڪَڪوري، منجھھين باغ بھارَ
ڪانھي ٻي ٽَنوار، ٽيو مڙيوئي ميندرو.

(٢٠)
لونئيس لڏاڻي، پَسان جو پَرينءَ ري،
جيڏيون جيھائي ڪئي، رات رُسي راڻي،
ھلبو ھاڻي، وِيرا ڪاڪ وِھُ ٿي.

(٢١)
لوڏي لَڪَ اچن، رُوءِ راڻي جي ناه ڪو،
ھڪ اڪيون ٻيا اڳرا، پَر ۾ ٿا پُڇن،
سي ڪئن ميندرا مَڃن، تو سوڍا سُوريءَ چاڙھيون.

(٢٢)
حال قربان، مال قربان گھوريان لُڏاڻو،
فدا ٿيءُ فقير جو، شل رُسي مَ راڻو،
مُين سين ماڻو، مناسب نہ ميندرا.

(٢٣)
جي ھوا ڪوڏا ڪاڪ جا، سُتا سي سونھن،
لُڏوٽيان لطيف چئي، لَڏيو لوڏيڙَن،
سي موٽي مس اَچن، جي آتڻِ آرامي ٿيا.

(٢٤)
راڻي سندو روح ۾، پَسو پڳھ پيوم،
پيڙي جئن ٻڌي ويو سوڍو ساھ سَندَومَ،
وھڻ وھُ ٿيومِ، جاڳيو ٿي جَرُ ھاريان.

(٢٥)
جي ڪنڌيءَ ڪاڪَ ڪَڪوريا، تن باغنئان بَس،
سوڍي ريءَ سرتيون، ڪاڪ نہ اچي ڪَس،
راڻي پائي رس، تَنُ پيڙيءَ جيئن تاڻيَو.

(٢٦)
ڪين ساڱاھيُم سُپرين، جاڙون ڪَيم جالَ
سوڍا مون ڪَي ڪَالھ، موٽي مُنھَن ۾ آئيون.

(٢٧)

سَهسين جٿان سکن، تٿان مومل موٽڻ لکيو،
سي هِنئين جاڙ جِين، جي ڪُوڙي ڪاغذ آئيون.

(٢٨)

راڻا تنهنجي راهہَ تي ويني ريليان رَوءِ،
دوست دلاسو نہ ڏئين، جاني جيڏو جَو،
توٽي سوڍِن سَوَ، تہ بہ ماڙ منهنجي مينڌرو.

(٢٩)

توکي معلوم منهنجي، سوڍا سڀائي،
اڳانڊو ارواح کي، آهين اهي ئي،
وهَڪ مُون ويئي، پچايو پچان پِئي.

(٣٠)

ويني نت نهاريان، راڻا تنهنجو راهہ،
موٽائي ماڳن ۾، آڻيندئي الله،
سوڍا تو ڳَر ساهہُ، نہ تہ راڻا گهٽا راڄ ۾.

(٣١)

جڳ جئنهين چوءِ، سوڍا تئن نہ سکيو،
راڻو تِئن نہ روءِ، ڳوڙهو جئن ڳل ڳڙي.

(٣٢)

جئن ايندي موٽئين مينڌرا، وڏي جاڙ ڪياءِ،
ورڻو نہ هئين وَلها، هوند جتي مون جاڳاءَ،
ستي جي ساڃاءِ، سوڍا سگهيائي ٽئي.

(٣٣)

نئون نياپو آئيو، راڻي مُلا رات،
لڌيسون لطيف چئي، ڪنان ڏاتر ڏات،
کهڙي پُڇين ذات، جي آيا سي اگهيا.

(٣٤)

ڪڪوري ڪَاڪَ، راڻا هيءَ ڀانءِ ۾ رَتُ،
سوڍا ايءَ شربت، نسورو ئي نينهَن جو.

(٣٥)

ڏاتي گهٽا اڇن، روءَ راڻي جي ناهہ ڪو،
تنهن سوڍي ري سرير ۾، پيا ڏُونهن ڏُکن،
ڏاتي اڪڙين، ويل نہ ڪنهن وساريو.

(٣٦)

ويروتار وصال ۾، گهُورن گهايا جي،
تن ڪاڪ اوريائين چڙهي، وڃي پيا پري،
تن کي ناتر ڪين ڪري، مُومل سِڪي جن کي.

## وائي-١

ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان، مون کي سوڍو سَجَهہ نہ ڏي،
اڇن آتڻ واريون، مون کي طعنا ڏينم تي،
پَٽر وار وڇائِيان، آءُ ويجهي راڻي کي،
ڪارايان ڪير وليون، آئون چاريان چانگي کي،
راڻو تِي رُسي ويو جئن ڪرسين ڪليُم ٿي.
مهٽا تنهنجا مينڌرا، مون کي ڏيهہ سڄو ئي ڏي.

## وائي-٢

جتي راڄ رهن، سي ٿَرَ سُک وَسن،
آءٌ تنهن جبل مٿڙان گهوري،
آما، ليما، ڦل ڦارُوها، جت ڪنڊٺار ڪلن،
ٻاروچاڻيون ٻانهيون، کهڙيءَ چال چلن،
مٿن پوتا پَٽَ جا، گهگها ساڻ گُلن،
سونَهن سُپيرين جا، پَڪا مَنجهہ پَٽن،
جِئان ويهي اُٺيا، هنئڙو تن هنڏن،
جَتي رهن سپرين، پٽيون سي ٻڪن.

## وائي-٣

ڏور وڃيو ڏينهن لائي، تنهن کي ڪا ورائي، ڙي!
جيڏيون منهنجي راڻل کي، ڪو رحم پوي،
ميڙ مُنجهان ٿي ميندري، مانَ ميڙ م موٽائي،
ميڙ مڃايان ميندري، پاند ڳچيءَ ۾ پائي،
قتيلَ مينهن فراق جا، ويني وسائي،
لڏوٽيان لطيف چئي، پَير مُئي ڏي پائي،
سوڍا سِر پڻ گهوريان، آءُ ڪرهو ڪاڪ ورائي.

# سُر ڪاھوڙي

## فصل پھريون

(۱)

ڪاھوڙين خَفي ڪان، سوجھي لڌو سُبحان،
عاشقُ اھڙين اکرين، لنگھيا لامڪان،
ھُوءِ ۾ گڏجي ھُوءِ ٿيا، بابُو سي پريان،
سيپوئي سبحان، آيو نظر اُن جي.

(۲)

مون سي ڏٺا ماءَ، جن ڏٺو پرينءَ ڪي،
ڪري نہ سگھان ڪاءَ، اُنھين سندي ڳالھڙي.

(۳)

مون سي ڏٺا ماءِ، جنھين ڏٺو پرينءَ ڪي،
رھي اڇجي راتڙي، تنَ جُنگن سندي جاءِ،
تِنھِين جي ساڃاءِ، تُرھو ٿئي تار ۾.

(۴)

وييون ٻَپ پَئي، ڪيرون ڪاھوڙين جون،
آءٌ تن ڏوتِين جون، پُڇان پيرَ پھي،
رُجن رات رھي، جنھين ڏونگر ڏوريا.

(۵)

پاران پُڇي آءُ، خبر ڪاھوڙَين جي،
ڏوتين ڏونگرانءُ، ڪنھن پر ڏوريو ڏٺَ ڪي.

(٦)

تون ھَڏِ ڪچاڙيا، سنجھي سعيو نہ ڪرين؟
سَوارا سَندِ ڪٽي، ڪاھوڙي ويا،
آٽيندين ڪٽان، ڏٺُ ڏوراٽي ڏيھ جو؟

(۷)

ڏيھ ڏيھائي ناھ، جتي پيرَ نہ پکيان،
تنين ڪاھوڙيان، ور ڏيئي ونَّ چُونڊيا.

(٨)

هوءِ ڏوٿي، هوءِ ڏينهنَ، هوءِ ڏونگر، هوءِ لڪيون،
ڪنهن جنهن لڏا نينهن، پُٺا لُوسَن لُڪ ۾.

(٩)

ڏوٿي سا ڏورين، جا جُوءِ سئي نہ ٻُڌي،
پاسا مٿي پاھٽين، ڪاھوڙي ڪوڙين،
ويا اُت ووڙين، جِت نِهايت ناھ ڪا.

(١٠)

ڪاھوڙي ڪجن، پَسيو پَورهيتَ ويسرا،
سي ڏوٿيڙا ڏور ويا، رُجن جي رَهن،
ڪاملُ آهي تنَ، مون پريان جي ڳالهڙي.

(١١)

پٽڪيان پوٽن، دَلُڻ گڏيو ڌوڙ ۾،
ڳالهيون ڳهلي لوڪ سين، پَڌر پئي نہ ڪن،
ڪامل آهي تن، مون پريان جي ڳالهڙي.

(١٢)

تان ونئَن ويهي آءٌ، اڳُٽ ڪاھوڙين جي،
جوش ڏنائون جيءَ کي، لڪائي لوڪانءُ،
ڏوٿين ڪنهن ڏکُانءُ سُمهي سک نہ ماٽيو.

(١٣)

ڪ ڪي ڪاھوڙي، ڇپر ۾ سڏ ٿيو،
اڳِيَ ئي سُئي، اُنهين سندي ڳالهڙي.

(١٤)

ڏُٿ نہ ڪُٿو ڏوٿيين، جيڪي ڏٿ ڪرين،
اُهيڃاٽيون عالم جيون، اوريائين آٽين،
تنهان پرين ڏسين، پريان سندي ڳالهڙي.

(١٥)

ڏُٿ گھٽائي ڪن، ان اورانهين ڏيھ جو،
سندا ڪاھوڙين، پَري سُڄَن پيچرا.

(١٦)
جي ڪو ڏٺ ڪَري، تہ ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو،
ڇپرُ ڪين ڏي، سوڪڙيون سُتنَ ڪي.

(١٧)
مون ڪاهوڙي لَکِيا، گهُرين نہ گهارين،
واحد لڳ ولهُن ۾، رويو جر هارين،
گوندر گذارينَ، جُہ ڏوٽي ڏٺ گڏ ٿيا.

(١٨)
هلو تہ هلُون ڏِٺ ڪي، اُٿيو اُٿيو ڪن،
پاٽي پوٺڙين ۾، ڪَندُر سر ڪُلهن،
ڏونرا ڏور سُجهن، وئي وهامَي راتڙي.

(١٩)
مُون ڪاهوڙي لکِيا، مُوڙها ۾ ماتام،
ڪيائون قيام، جو ڏوٽي ڏِٺَ گڏ ٿيا.

(٢٠)
مُون ڪاهوڙي لکيا، آين نہ آرام،
ڪيائون تن تمام، جو ڏوٽي ڏِٺ گڏ ٿيا.

(٢١)
مون ڪاهوڙي لکيا، ويهي نہ ويرم ڪن،
ڏينهن ٿٽي ۾ ڏونگرين، ڪارڻ قُوت ڪَهن،
جهنگل ۾ جَهٽڪَن، جو ڏوٽي ڏٺ گڏ ٿيا.

(٢٢)
مون ڪاهوڙي لکيا، سُمهن ڪين پئي،
سمر ڪيائون سُڄ جو، ڏوري ڏٺ لَهي،
ويا اُت وهي، جت نهايت ناهہ ڪا.

(٢٣)
رائو رڃ رهُون، جت نينهان نڪٽي،
لڳيو ڪين لڪَن سين، ڇڄيو ٿين ڇِهُون،
تان ڪا سارَ لَهُون، هوتَ ڪمينيءَ سپرين.

(۲۴)
ڪاهوڙين ڪٽي، ساجُهر ٻڌا سَندرا،
ڏوريندي ۾ ڏونگرين، ڪيائون پاڻُ پٽي،
ڏُکن ڏيلُ هٽي، ڇيھ لڏائون ڇپرين.

(۲۵)
ماءُ ڪاهوڙي هليا، دُونهان دکائي،
ويئڙا وسائي، ڏوٽي ڏونگر وٽ ۾.

(۲٦)
ماءُ ڪاهوڙي هليا، دکائي دونهان،
ڇِپر جا سُونهان، ڏوٽين ڏُٺُ ڇِتائيو.

(۲۷)
ڪٽن نہ ڪرڪاڻ پنڌ پراهين هليا،
ڏوٽيڙا ڪنهن ڏٺ ڪي، جُنبيا ڏُنهن جابانَ،
ڪاهوڙين اُهڃاڻ، اَنگ نہ سجي اڳڙي.

(۲۸)
ڪَرڪَٽا لاهي، سُک نہ سُتا ڪڏهين،
اوسيڙو آهي، ڪاهوڙيَن اِنهيءَ پنڌ جو.

(۲۹)
سُڪا مُنهن سندن، پيرين پراٽا ڪيٽرا،
سا جُوءِ ڏوري آئيا، سونُهان جت مُنجهَن،
ڳجها ڳجهيون ڪن، تِهان پراهين پنڌ جون.

(۳۰)
سُڪا سَنڊ ڪَڇن ۾، ڪرڪٽا پيرين،
ٿِمندي نيٽين، آن ڪي ڪاهوڙي ڳڏيا.

(۳۱)
سُڪا مُنهن سندن، ڪَرڪٽا پيرين،
وهاٽي ويرين، اُنُ تُنُ هُين اڳ جي.

وائي

وسائيندڙي مينهَن، مان ملان ڪي سَڄڻين،
آءٌ ملندي پرينءَ ڪي، راتيون ڏوري ڏينهن،
مون ڪي پرين ميڙِئين، روجهڙيون ميڙِئين مينهَن،
اَڪين آڳَرَ لائيا، ڪَرَ مُندائتا مينهن،
مادرَ موٽي نہ وهان، جان مون پريان سين نَينهن،
اَديون عبداللطيفَ چئي، ويندِيَس ساجن سيئن.

## فصل پهريون

(١)

پيو جَن پَرو، گَنجي ڏونگر گام جو،
ڇڏي ڪيٿ ڪرو، لوچي لاهوتي ٿيا.

(٢)

پيئي جن پَرَڪَ، گنجي ڏونگر گام جي،
واري سِپ وَرَق، لوچي لاهوتي ٿيا.

(٣)

پيئي جن پٽي، گنجي ڏونگر گام جي،
ڇڏي نندِ گهٽي، لوچي لاهوتي ٿيا.

(٤)

پيئي جنهين بُوءِ، گنجي ڏونگر گام جي،
ڏوري سا جُوءِ، لوچي لاهوتي ٿيا.

(٥)

پيئي جن باس، گنجي ڏونگر گام جي،
ڇڏي سڀ لباسَ، لوچي لاهوتي ٿيا.

(٦)

پيئي جنين سُڌِ، گنجي ڏونگر گام جي،
بي سڀ ڇڏي بُڌِ، لوچي لاهوتي ٿيا.

(٧)

پيئي جن پرُوڙ، گنجي ڏونگر گام جي،
ڇڏي سي ضرورَ، لوچي لاهوتي ٿيا.

(٨)
گنجو ڏونگر گامِ، پيھي جن پَروڙيو،
ڪَري تَن تمامُ، لوچي لاھوتي ٿيا.
(٩)
ڪھڙو اٿيئي ڪامُ، گنجي ڏونگر گام ۾؟
پَسي تنھن پاھڻَ کي، اچي نہ آرامِ،
متان ڏونگر ڏورئين، اُجھين کُھ عَوامِ،
ھرا ڪري حرامَ، ڪام َتہ ڪاھوڙي ٿِئين.

(١٠)
پيرِ پروڙي پاءِ، گنجي ۾ گُنَ گھَٽا،
ڪاھوڙي ڪرا ويا، نہ ڪا اوڏي ماءِ،
جنھين ڏِٺي جاءِ، تنھين موٽڻ ميھڻو.

(١١)
جنبش جيڏانھن تيڏانھن، پھر ئي ڪا نہ ڪا،
جي ڪَنڌيءَ ڏٺائين، سي ڪُڻ ڪاھوڙين لنگھيا.

(١٢)
ڏيھ ڏيھائي ناھ، جتي پيرِ نہ پَڪيان،
تتي ڪاھوڙيان، وَرَ ڏيئي وڻ چونڊيا.

(١٣)
جت نہ پڪيءَ پيرُ، تت تِمڪي باھڙي،
پيو پاريندو ڪير، ڪاھَوڙَڪي ڪيرَ ري؟

وائي
آءٌ جيھائي ذات، ھوا! تون پاڻ سُجاڻج سُپرين،
اوئيُون آريءَ ڄام جون، پَريان سَڄائي رات،
ٻانھي ڪوڙين ٻاجھ سين، تہ ڪَر لَڌِيَم ڏات،
تانَ ڪي ڏونگَر ڏوريان، جان نہ وھاميَ رات،
ڪنديَس عرض الله کي، سياڻَي پرڀات،
اَديون عبداللطيف چئي، منھنجي محبن سان مصلات.

# فصل ٽيون

(۱)

اچي پيا آٿ ۾، واٽ وڄائي جن،
اوءِ ٻصير ٻرَن ۾، اَنڌا ٿيو اُين،
ڪَنن اَڌيون تاڙيون، گنگن جئن گھمن،
فراقيءَ فرمان جو، آھي ٻَرُ ٻوڙن،
لنگھا ٿيا لاھوت کي، سُتا پيا سڪن،
ڪَپت ڪاھوڙين، آھہ اٿي پئي نہ َ لهي.

(۲)

ڏسي ڏوري ڏونگرين، واٽ وڃائي جن،
ڪُرندان کي پروڙيو، رَند نہ پسي رڙھن،
پيئي دارَ دَيُون ڪيو، پيرت تان نہ پُڇن،
ڏوڙ پريان لئي ڏار ڪيو، ويچارا واجهن،
خبر ڪاھوڙين، آھي لک لاھوت جي.

(۳)

ويجھو وڃ مَ واٽ کي، ڪَھج ڏَنھَن ڪُواٽ،
اُجهي مَنجهان آٽ، اويسيَ ٿي آءُ تون.

(۴)

ڪپيريءَ ۾ پير، ڪنھين پاتو پيرئين،
جيان منجهڻ ماڙھئين، سَڄڻَ ٿيان ئي سيرَ،
اُن پَونءَ سندو پير، ڪوڙن منجهان ڪو لَهي.

(۵)

ڪُپيريا پري ٿيا، اَبڏي ٻڌائون،
اُنهين کي آءُ، هِنئر ڏسي آئيو.

(٦)

سُونهپَ ۾ سَپَ گھٽا، مَنجھَنُ ماکي ھوءِ،
پرو تنهِين پوءِ، جو اُجهي پئي اُن تان.

(۷)

ڏوري ڏوري ڏيھہ، ماءَ ڪاھوڙي آئيا،
مين پيري ڪيھَ، جاٽا ڪنهن پارَ جي.

(۸)

سانيرَ ٻڌي بيٺ، جَنين ڏونگر ڏوريا،
تن ڪاھوڙين کِهُ هيٺ، وڃي پاسا ڪوڙيا.

(٩)
ڏنا ڏونگر نُون، جانُ مون پاڙيسي پُڇيا،
تان هيڪليون هَلَن جي، سي تاڪن سندي تُون،
اِن پُون سندي پُون، ڪوڙَن منجهان ڪو لَهي.

(١٠)
جَهنگل هليا، سي نہ پُليا، راهہ هليا ڦُرجن،
اُوجهڙ سي نہ پَون، ڀيئي جنهين چِڏيون.

(١١)
جَهنگ ڪامي پَٽُ ٿيو، ڀڳي چوران لَڪَ،
سيڪَڙُو ۽ سِڪَ، ٻَئي گَڏيا پاڻَ ۾.

(١٢)
جهنگلُ آهيڙين ڪي، پَنَڌُ ڪيو روءِ،
نہ ڪُتا، نہ ڪوڙڪيون، چڙهيو اُپو چوءِ،
هاٽي هِنهان پوءِ، لڳي لونو نہ ٿئي.

(١٣)
جهنگل آهيڙين ڪي، پنڌ ڪيو روندو،
نہ ڪتا، نہ ڪوڙڪيون، چڙهيو اُپو چوندو،
هَڏهِين نہ هُوندو، اِنهان پوءِ عالم ۾.

(١٤)
نہ ڪتا نہ ڪُوڪارَ نہ سي سَڏ شڪارئين،
پِٽيو ڪٽي پار، جهنگل آهيڙين ڪي.

(١٥)
وَرُ سا سُجي ويڙهہ، جنهن ۾ سجڻ هيڪَڙو،
سو ماڳوئي ڦير، جِتي ڪوڙ ڪماڙ هئين.

(١٦)
ور سا ڪاري رات، جنهن ۾ راهہ گم ٿئي،
نہ ڪا هَنَ جي تات، هيءُ پڻ وجي وسري.

(١٧)
ڪاري رات، اڇو ڏينهن، اي صفتان نَورُ،
جِتي پرينءَ حضورَ، تِتي رنگ نہ رُوپ ڪو.

(١٨)

تحقيقَ جي تون پيري، متي ريءَ ڪٽيج،
ٻانھُون ٻيئي لاھي ڏيئي، ڪُشتي ڪمائِيج،
جا حاج ھٿن ري نہ ٿئي، سا ٺونٺو ٿي ڪَريج،
ٽنگئان ٽاري سنڌئان ساري، ڄنگھن ريءَ ڄليج،
ھڪل حقيقت جي، ٻوڙو ٿي ٻُڌيج،
اَنڌو ٿي پسيج، مُشاھدو محبوب جو.

(١٩)

وائي وجيم شالَ، ڪنن سان ڪيمَ سُڻيان،
ڀِلو ڪري ڀالَ، تہ اکين سين انڌو ٿيان.

(٢٠)

ڏونگرين ڏسجن، اڄ بہ رُيون اُنِ جون،
ڏوٿيڙا ڏَٿ ڪي، آراڙا َ اڇن،
خيما ڪاھوڙين، اڄ نہ اُنھين پيٽئين.

(٢١)

ڏونگر نہ ڏوٿي، ڏونگرُ سُڃو ئي ڏوٿين ري،
پُڇان پَرو ٿي ڪ، ڏُوٿي ڏُٿ اڇٽا؟

(٢٢)

ڪاھوڙي ڪَرا، سُوڌي خبر پڪٽين،
سوجھي جن ڪيا، متي اگڻ آھِرا.

## وائي-١

سياڪو سيٽان، ڀوري تو ڀاڻِ سجاٽي نہ ڪيو،
مَوتيو ماڳ نِھارئين، ڪھڙي مُنھن ڪيٽان؟
ھوند نہ پيئين َھيتري، ويئين جي سيٽان،
مُڃ پَسي ڪِئن موتيئن، سڙيئين، نہ لئي سيٽان،
واري جئن ورجي ھنئون، ڪرڪي لئي ڪِيٽان،
آتڻ َمنھنجا اگرا ڪالھون پوءِ ڪيٽان،
ڇپرِ ڪنديَسِ پنڌڙا، مون ڀانيو سيٽان.

## وائي-٢

جاڳِي اکڙِين، تو اوجاڳو نہ ڪيو،
اکَڙِيُون پريَن کي، تہ تہ ڪيو ٿمن،
جي سنجهي ئي سُتيون، سي مَرُ سُور سهن،
تون اناسي اَوجهرينءَ، هوءِ تا هوتَ هلن،
تون سنجهي ئِي ستيئن، تي پلاٽيو پرين،
جن کي آرس اکئين، سي ڪيئن پرين پسن،
جن نيڻ هيرايا ننڊ سين، سي ڪيئن محب ملن،
جيلانهن ستيس ننڊ ۾، هاجو ڪيو هوتن،
سي سيج وڇائي ستيون، سي مر رت روئن،
اَديون عبداللطيف چئي ملان سين محبن.

# سُر رامڪلي

## فصل پهريون

(١)

نوري ۽ ناري، جوڳيڙا جهانَ ۾،
ٻِري جن ٻاري، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(٢)

جوڳيڙا جهان ۾، هئا منجهہ حَمامِ،
آرا مان ارڳِ ٿيا، اوڏا نہ آرامَ،
ڪيائون قِيامَ، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(٣)

لَڪين ڪيا لسانَ سين، لاهوتين لوڙا،
گهوڙا ڙڃي گهوڙا، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(٤)

ڪنهن جنهن ڪينر ڪڍيو، مون ڪي پيچي پِت،
هُو جي هُوا هت، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(٥)

ڳوليان ۽ ڳنڌيان، ويا ويراڳي نڪري،
صحبت جا سَنديان، آءٌ نہ جيندي اُنَ ري.

(٦)

مَران، مٿو پٽيان، نِهاريان نيٽَان،
سخن جي سَندانِ، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(٧)

وارو ويراڳِيَن ڪي، ويل ۾َ وساريج،
قَدَم ڪاپَڙين جا، ليلائي لَهيج،
پيَرت پَسيو پُٽ جي، وجڻ ڪي وجَيج،
راتو ڏِينهن رِڙهيج، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(٨)

قدم ڪاپڙين جا، لڳا ۾ لاهوت،
جنهين سين ياقوت، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(٩)
واڄٽَ ويراڳين جا، مون وٺ وڏي وَٽُ،
سُون سيوئي سڱيون، پَسي ڪينَ مَڪَٽ،
ويساهي ويلُ ڪَنهين، پُورَب ويندو پَٽُ،
هَلُ ڪنيائون هَٽُ، آءُ نہ جيندي اُن ري.

(١٠)
واڄٽ ويراڳين جا، مون وٺ وڏو مالُ،
مقالان مهند ٿيا، ڪونهي وَتِن قال،
حاصل جِنهين حالُ، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(١١)
هئي هئي ڪيو هٽ هٽان، جوڳي ويڙا جاٽَ،
پيهي ويڙا پاٽَ، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(١٢)
سُتيءَ سيج هُياس، مون کي آه اُٿاريو،
جِنهين جاڳاياس، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(١٣)
جي ڪي مون کي ني، پگھ پائي پاڻ ڏي،
پَھ پَروڙِيم پَٽَ جا، مَنجهان ڪِينَرَ کي،
هاٽي جي هنئي، آءُ نہ جيندي اَن ري.

(١٤)
جيڪي مون کي تاڻ، پڳھ پاڻ ڏي،
تو جي هَنيان هاڻِ، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(١٥)
جي ڪي مون کي نِيو، پڳھ پائي پاڻ سين،
قوت منهنجو ڪاپڙي، سڳين منجھ سھو،
ڪا ڦري ڦُوڪَ ڏيو، آءٌ نہ جَيندي اُن رَي.

(١٦)
سُوڌو سڳڙيَن سين کي جو کهيائون،
هُو جي هَنيائُون، آءُ نہ جيندي اُن ري.

(١٧)
صُبح سڳڙيُون ڪٽي ويا، وڃائي پاڻ،
اهڙي اُو اهچاڻ، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(١٨)

صبح سڳڙيون ڪٽي ويا، دڪائي دور،
ٿيا ڏينارِيا ڏور، آءٌ نہ جيندي ان ري.

(١٩)

صبح سڳڙيون ڪٽي ويا، وڃائي وير،
ڏوريان، ڏوريان نہ لهان، تن بيراڳين بهير،
جن آسڻَ مَنجَهہ عنبير، آءُ نہ جيندي اُن رَي.

(٢٠)

ميڙيو ياڻ پريُون ڪيو، جوڳي جَلائِين،
سامي سگڙين سين، خوديءَ کي ڪائينَ،
هُو جي تار تڳائِين، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(٢١)

پَسيو آسَڻَ اُن جا، اَڇي نہ آرامُ،
ڪِينَرَ ڪُني آهيان، تنهين جي تمامَ،
مون کي ٿيو ماتامُ، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(٢٢)

پَسيو آسڻ اُن جا، ادهُا اچن،
ڪِينَرَ ڪاپڙين جا، صَبح تان نہ سڄن،
جي راڙهي منجهہ رهن، آءٌ نہ جيندي اَن ري.

(٢٣)

آسڻ وٹ آهون ڪريان، وس نہ منهنجي وات،
لڳم لاهوتين جو، ڪينر منجهان ڪاتَ،
هلڻ کي هَيهات، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(٢٤)

پَسيو آسڻ اُن جا، ٻانَهن وڃهان واتَ،
هو جي کَهيا ڏَنهن قلات، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(٢٥)

وُٽن ويني آهيان، ڏِسيو ڪينَ ڏِسان،
جنهين جهوئي ناهہ کي، سا ڪا سُونهَن سنديانَ،
پسيو ڪَين پَسان، آءٌ نہ جيندي اُن ريَ.

(٢٦)
بابُو بيڪاري ٿيا، اڄَ نہ آسڻ وَٽِ،
خودي ڪان ئي هليا، پير نہ لائي پَٽِ،
هيهي جِنهين هٽِ، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(٢٧)
بابو بيڪاري ٿيا، پَچي چڙ‌ھيائون پاڻ،
نسوروئي نِينهَن جو، نانگن وٽ نڏان،
سَرڪَنڊ جِنهين سانُ، آءٌ نہ جيندي اُن رَي.

(٢٨)
بابو بيڪاري ٿيا، آسڻ وٽ نہ اڄ،
نسوروئي نينهن جو، سامي ڪن سَهُجِ،
هنئڙا تِنهين سين هُجِ، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(٢٩)
نانگا نانيءَ هليا، سامي سپيئي،
وِهَڪَ مون ويئي، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(٣٠)
نانگا نانيءَ هليا، ويچارا ويا،
ڪينَر ڪاپڙين جا، صبح تان نہ سُئا،
هو جي هِت هئا، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(٣١)
نانگا نانيءَ هليا، چيلهيا چيلهہ ٻَڌن،
هُو جي هُت هَلن، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(٣٢)
نانگا نانيءَ هليا، هنگلاجان هَلي،
ديکي تن دوارڪا مَهيسين مَلهي،
آڳهہ جن علي، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(٣٣)
جُسي سندو جوڳ ري، مون نہ گهُرجي ماهُ،
سامي منهنجو ساهُ، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(٣٤)
ڪالهوڪو ڪاڏي گيو، سندو جوڳين جوش؟
پَسي تنهين پَٽ کي، هَڏ نہ رهيو هوش،
آسڻ منجهہ افسوس، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(٣٥)
نہ ڪي ڪٽن پاڻ سين، نہ ڪو ساٽن پاڻُ،
اهڙو جن اُهڃاڻُ، آءٌ نہ جيندي اُن ري.
(٣٦)
پاڙهين وينا پاڻ سين، نہ ڪو ساٽن پاڻ،
اهڙا جن اُهڃاڻ، آءٌ نہ جيندي اُن ري،
(٣٧)
پاڙهي وينا پاڻ سين، پَر ۾ پَرياڻين،
سامي سفر هليا، آسڻ اُجهائِين،
وڃڻ وڃائِين، آءٌ نہ جيندي اُن ريَ.
(٣٨)
پاڙهين وينا پاڻ سين، پر ۾ پرياڻين،
هُو جي هَلڻ سنديون ڳالهيون ڳالهائين،
وڃڻَ وڃائِين، آءٌ نہ جيندي اُن ري.
(٣٩)
ويراڳين وَرَنَ، ڏسُڻ گهٽو ڏهلا،
هڪ ٻولڻُ ٻوڙن سين، پيو سندا فانين فَن،
ڪي گهُرجن ڪن، آءٌ نہ جيندي اُن ري.
(٤٠)
مٿَ نہ معذُورين جا، جوڳِي جاڻ نہ نين،
اِنهي ۾ آهين، آءٌ نہ جيندي اُن ري.
(٤١)
نانگا نانِيءَ هليا، سڱيون ساڻ ڪٽي،
آيل آديسين جي، هئين حُب گهٽي،
جنين منهن مَٽي، آءٌ نہ جيندي اُن ري.
(٤٢)
نانگا نانِيءَ هليا سَنبهي سناسي،
آيل آديسين ري آءُ هت اُداسي،
جي پُورب پرواسي، آءٌ نہ جيندَيِ اُن ري.
(٤٣)
نانگا نانيءِ هليا، ها منهنجي حالَ،
هُو جي کهيا ڪالهہ، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

(۴۴)
نانگا نانيءَ هليا، لوڪان ڪري لِڪَ،
ويئي مون وهڪ، آءٌ نہ جيندي اُن ري.
(۴۵)
نانگا نانيءِ هليا، ويراڳي ويا،
هوءِ جي هت هُوا، آءٌ نہ جيندي اُن ري.
(۴۶)
سَترُ سگُرين سين، لحظي لاتائون،
ڪيتَرَ ڪُني آهيان، اُنهن جي آءٌ،
مون کي ماريائون، آءٌ نہ جيندي اُن ري.
(۴۷)
پسيو آسڻ اُن جا، اوچنگارون اَچن،
پاٽان وڏَيس پَٽَ تي، لاهي لاهوتين،
جي راڙي منجهہ رهن، آءٌ نہ جيندي اُن ريَ.
(۴۸)
نسورئي ناہ جو، نانگن هٿ نڏان،
سَرڪنڊ جنهينَ ساڻ، آءٌ نہ جيندي اُن رَي.
(۴۹)
جُزو وُڃايو جوڳئين، ڪُلَ سين آهن ڪَمَ،
آسڻ جن عَدم، آءٌ نہ جيندي اُن ري.
(۵۰)
وڃائي واٽ ٿيام، جوڳي جُڳاٽي،
هئا جي هاٽِي، آءٌ نہ جيندي اُن ري.

وائي
سَندڙيان سگڙي، ڳالھ ڳجهڙي، مون ماريندي ڪڏهين،
جا وڃائِين جتڙا، نہ تنهن نڙ جهڙي،
مُرليءَ کي جَنهن ماٽُ ڪيو، نہ تنهن تُل تنبڙي،
تاريو جنهن توڏيءَ کي، نہ سو گهنڊ نہ گهنڊڙي،
ڏاريو جنهن ڏياچ کي، تَندئان تنهن تڪڙي،
نہ سري نہ سِنڌ ڪا، نہ ڪا هند هَهڙي،
ڪوڙين واڄٽ ڪيترا، لکين لانءِ هٽندَڙي،
ڪوڙي ڪلاٿن کي، محبت وارن منڙي،
مناٺِيان مني گهٽو، چوندا جن چڪڙي،

وَانءُ اوناءِ اُن ڪي، وَيھُ مَ ڪَنُّ وِڪڙي،
بيخود بابو سي ٿيا، ٻرندي، جن ٻَڏڙي،
جا ساراھيل سُبحان جي، تنھن واڪاڻ ڪِھَڙي،
سَھسَين سرودن ڪي، پاٽان پوءِ وجھنَدڙي،
گھانڊار مرون موھيا، ھيءَ ماڙھو مُھندَڙي،
اھي عبداللطيف چئي، مَئا جِيارِيندڙي.

## فصل ٻيو

(۱)

ڪيُم ڪاپڙيَن جي، پھرئين ڏينھن پَرُوڙَ،
سَگھا ساعَتَ نہ ھيڪَڙِي، چارَئي پَھرَ چُورَ،
سدائين سيد چئي، ھون سَنياسي مِ سُورَ،
جوڳي ساڻ ضرور، لِڪا پِٽَنِ لوڪ مِ.

(۲)

ويھي ويراڳين جو، ٻئي ڏينھن ٻُڌم حالَ،
اُن جا ڏاڍا ڏوڙِ پُڪَلِيا، جاڳوتاَ زَوالُ،
تَن جاٽي جَتائون ڇِڏيون، چوتا چڳيءَ چال،
ويچارا وُجودَ جي، ڪنھن سان ڪن نہ ڳالھ،
نانگا ٿيا نِھالُ، لڪا پِٽن لوڪ مِ.

(۳)

ٽئي ڏينھن تمڪائين، دُونھويون دائرن مِ،
ميڙيو ڪَرڙَ ڪاٺيون، جوڳي جَلائِين،
سنديون ڪَامڻ خبرون، آديسَين آھين،
ڳجھ نہ ڳالھائِين، لڪا پِٽن لوڪ مَ.

(۴)

چوٿين ڏِينھن چَوگانَ مِ، ڪنھن جنھن پَھ پيا،
وَھَم پريان جي وِڌيا، تن مِ ڪُوڙَ ڪھا؟
اندر آديسَين ڪي، اچن جوش جَھا،
سامي سونُ ٿيا، لڪا پِٽن لوڪ مِ.

(۵)

ڪنهن جنهن پور پَچائيا، پنجين ڏينهن پَئي،
اندر آديسين ڪي، سورن شاخ ڪئي،
محبت جي مَيدان ۾، لاشڪَ ٿيا لهي،
تن ڪي ساري رات، سيد چئي، گُوندر ساڻ گئي،
ڪريو سيڻَ سَهي، لڪا پٽن لوڪ ۾.

(٦)

پَيا ڪنهن پرياڻَ ۾ ڇهين ڏينهن ڇِٽي،
اندر آديسين ڪي ڏُريان ئي ڏٽي،
ٻري ٻاجهارا ڪيا، ڪانئي خاڪ ڪني،
پنيو پَنجَ ڪٽي، لڪا پٽن لوڪ ۾.

(٧)

سَتين ڏينهن سيد چئي، ڏاڍا ڏوتائون،
اُپِي الک سامُهون، ٻانهُون ٻڌائون،
وڏي ڪنهن ولاتَ جا، اُهَجِ آندائون،
روح پنهنجو رام سين، پر ۾ پَرتائون،
ڪنيو ڪدائون، لڪا پٽنَ لوڪ ۾.

(٨)

اَٺين ڏينهن اُپِي ويا، جوڳي جاءِ ٻجاءِ،
سا پَر سامي سڪيا، جا پَر جوڳُ جُڳاءِ،
ويرَوتار وجُود ۾ اُن ڪي رَام رهيو ئي آهہ،
ڪنهن جنهن ڪمائيءَ لاءِ، لڪا پٽن لوڪ ۾.

(٩)

نوِئين ڏينهن نيٽان، اوجاڳي اُجاريا،
سڀاجهي ٻاجهہ ڪئي، سُجاٽي سيٽان،
جتي نظر ناٿ جو، اُتي اوتاران،
اِهي اُهجاٽان، لڪا پٽن لوڪ ۾.

(١٠)

ڏهين ڏينهن ڏکَ ٿيا، پرين پاٻوهيا پَسُ،
وَرَقَ جي وصال جا، سي واري ڪيائون وَس،
لڏائون، لطيف چئِي، سندو گروءَ گس،
جوڳي ڪٽيو جَس، لڪا پٽن لوڪ ۾.

(١١)

يارهين ڏينهن ڪَرَمُ، وريو ويراڳين جو،
جوڳين جاتائون پَنيون، هَلي ويا حَرَم،
دائُم جَهليو دمِ، لڪا پُٽن لوڪ ۾.

(١٢)

ٻارهَين ڏينهن ٻَئي، مَنَ مرادون پَنيو،
جوڳِي اِن جاتا ڪي، تي سڪيا سپيئي،
سَمانا سي ئي، جي گُر گڏجي آئيا.

(١٣)

ٽَين سڪ سيد چئي، تيرهين ڏينهن تمام،
گنگا لوڀي گودڙيا، جر پيتائون جام،
ڪهيو تي ڪلام، لڪا پُٽن لوڪ ۾.

(١٤)

چوڏهين ڏينهن چلي ويا، جوڳِي مٿي جُوءِ،
اُتي آديسين جي، لڳي سَين صَبوح،
راول انهيءَ روءِ، لڪا پٽن لوڪ ۾.

(١٥)

پهہ ۾ پندرهين ڏينهن، ٿا سامي ڪن سدا،
ڪري آيا ڪاپڙي، منجها گام گدا،
انهيءَ ٻول ٻڌا، لِڪا پُٽن لوڪ ۾.

(١٦)

سامي سورهين ڏينهن، ڪا ٻولي ڳاهين،
چوٽا چاڙهيو چيلهہ سين، سناسي ساهَين،
ڪين قنديل ڪڇ مان، لاهوتي لاهين،
اهڙيءَ پَر آهين، لِڪا پُٽن لوڪ ۾.

(١٧)

سترهين ڏينهن سنياسُيُون، سامين ستائون،
ڪَڙا ڪچڪَولن ۾، ڳولي ڳِتيائون،
اُتي آديسي هليا، جوڙي جڙيائون،
سڪَ نہ سَلتائون، لِڪا پَٽن لوڪ ۾.

(۱۸)

ارڙهين ڏينهن اٿي ويا، ڏاڳن کي ڏوئي،
سامي سُک نہ سنپريا، ڪرتَ ڪِڍي ڪوئي،
اتن سُور سُماع جو، جڳت ۾ جوئي،
ڪنهن سين اورين ڪينَ کي، سناسي سوئي،
لنگهائين لطيف چئي، رات سڄي روئي،
سامي صُبحوئي، لڪا پُٽن لوڪ ۾.

(۱۹)

اوڻيهين ڏينهن اَمر ۾، آديسي آهين،
سي لک لکي مان ڪاپڙي، ڪيئن لاهوتي لاهين،
نکي اڏين نجهرا، نکي کي ڊاهَين،
وينا وراهين، لِڪا پُٽن لوڪ ۾.

(۲۰)

الله ايڪيهين ڏينهن تي، ويراڳي واري،
ڪڏهن ايندا ڪاپڙي، گنگا گِرناري،
لَڪا لاهُوتين کي، ڪنهن ڏُک ڏيکاري،
اِهڙا آچاري، لِڪا پُٽن لوڪ ۾.

(۲۱)

ٻاويهين ڏينهن کو ٻاڻ لڳو آديسين اچي،
ڪنهن تان ڪَيف ڪکوريا، منجهان مچ مچي،
لانگوٽيا لعل ٿيا، انهي پَر پچِي،
هلي ويا هنگلاج ڏي، راول رات رَچي،
لَهيو سڌ سچي، لِڪا پُٽن لوڪ ۾.

(۲۲)

ٽيويهين ڏينهن تمائيو، نانگا اچن نيڻ،
ڪين وسارين ڪاپڙي، جي سباجها سيڻ،
جهڃيو جهيٽي جهينڻَ لڪا پٽن لوڪ ۾.

(۲۳)

چوويهين ڏينهن چلڻ جي، کي ويراڳين وائي،
هتائين هُلُ ڪري، سريا سي ساٿين،
آديسي اُڪير ۾، لعل پريان لائي،
سامي سوائي، لڪا پُٽن لوڪ ۾.

(٢۴)

پنجويھين پُوربين کي، آڻيندو الله،
ونگي وليُن ويڙهيو، ساڻ سناسين ساھہ،
اچي آب اکين ۾، اُڪُنديو ارواح،
سڪَ تنھن ساميءَ ڏانھن، لِڪا پِٽن لوڪ ۾.

(٢۵)

ويراڳي وارن کي، ڇَويھين ڇوڙين،
لايو خاڪ لڱن کي، جتائون جوڙين،
سنگيون نيو سُج ۾، ڪاھوڙي ڪوڙِين،
وَيتر ٿا ووڙِين، لڪا پِٽن لوڪ ۾.

(٢٦)

ستاويھين سر تي پيوڳي وجھن پاڻ،
لائي لڱن کي ھليا، پتوڙيائون پاڻ،
کِدائون ۽ گودڙيون، سدا سامين ساڻ،
اُتي ڇاتو ڇاڻ، لِڪا پِٽن لوڪ ۾.

(٢٧)

اٺاويھئين اُن ۾، سندي پنڌ پچار،
سامَين ساز سنوان ڪيا، تَندَ وڄائين تارَ،
ڪَن مدائي ڪا نہ ڪا، موچاري مَٽيار،
پاڻ پليندي‌ءَ ڪان پلي، ڌريان ٿين ڏار،
اھڙيءُ ساک سچار، لڪا پِٽن لوڪ ۾.

(٢٨)

اوڻٽيھيئن آئيا، سناسي سرتاج،
حاصل حسينين جي، ھيءَ سپ ٿيندي حاج،
پسڻ ڪارڻ پريَنءَ جي وينا وجھن واجھہ،
ساڏو ٿيو سماج، لِڪا پِٽن لوڪ ۾.

(٢٩)

ٽيھينءَ پُوريءَ پرينءَ سين، مر ٿئي موجود،
وڃيو اُت ويراڳ ۾، سامي ڪن سجود،
لاطمع لاھوت ۾، وڃائين وجود،
سک منجھاران سود، لوچي لوڙي آئيا.

(۳۰)

سَنگ سواتا ڪاپڙي، متا مُوءَ ٿيان،
ڪوٺي ڪنهن نہ پڇيا، تہ ڪي اندر اندوهيا؟
جيڪا ڇماران، سا سَپ گذري گوندرين.

(۳۱)

گوندر گذاريو ڪاپڙي، پڌر وجن نہ پاڻ،
تن آيل آديسين جي، رُئان ڪاڻ رهاڻ،
هت نہ پسجن هاڻ، ويا ويراڳي نَڪري.

وائي

ڪُلَپِتَي آئِيا، هو ماءُ! آءُ هلندي اُن سين،
حرص هُوا جيءَ جن جا، سُڪين تان نہ سَڏائيا،
تَن تڪيا تاڪي ڇڏيا، جي ايهيءَ ورَونهَن وَڏائيا،
توشڪون ۽ تڪيا، وهاٽا جن وراهيا،
هلو تہ پَسون تن کي، جن لُنگ لاهوتِين لائِيا،
اَديون، عبداللطيف چئي، اَڳڻ مونَ آئيا.

## فصل ٽيون

(۱)

ڪنهن جنهن سناسي سُورَ، جي منجهہ وهلور وتن،
سناسي ڪنهن سور، وهلوريا وتن،
اَنئي پِهرَ اَلکَ جو، ڪو وَڏِ ويراڳين،
سدائين صاحب پِر، تا ڪاپڙي ڪَنبن،
جي راتو ڏينهن رَمَن، هَلو تڪيا پسو تن جا.

(۲)

ڪنهن جنهن سناسي سُورَ، جي وتن ۾ وهَلُورُ،
ٻهر ٻولي ٻي قري، گُهٽَ ۾ گهايل گهورَ،
چت جن جا چُور، هلو تڪيا پسون تن جا.

(۳)

سدائين سفر ۾، رَمن متي راهہ،
پُرَن پورب پنڌ ڏي، مَنجهہ موالي ماهہ،
جن اَلک سين آگاهہَ، هلو تڪيا پسون تَن جا.

(۴)
نڪر ناهہ ڪُلهي ڪَري، هُوندَن جيئن مَ هو،
توکي ويسَ وڃائيو، ويسُ وڃايو تو،
سامي آهي سو، جنهن پاڻُ وڃائي پوءِ ڪيو.

(۵)
نڪر ناهہ ڪلهي ڪري، هو مَ هوندن جيئن،
لاهوتي، لطيف چئي، هُون نہ آديسي ائين،
سي ڪاپڙي ڪيئن، جي ڏارين تعلق تر جيترو؟

(٦)
ڪَن ڪٽ، ڪاپَٽ، ڪاپَڙي، ڪنوٽِيا، ڪَنَ چير،
سدا وهن سامهان، عاشق اُتر هيرَ،
ٽَسا ڏَيئي ٽَن کي، ساڙيائون سرِيرَ،
جي فنا ٿيا فقير، هلو تڪيا پسون تَن جا.

(۷)
ڪَن ڪَٽ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪَن جي ڪٽائِين،
لاهوتي، لطيف چئي، ماڳ نہ مَٽائِين،
جي خوديءَ کي کائئين، هلو تڪيا پسون تن جا.

(۸)
ڪن ڪٽ ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪنوٽيا، ڪَن ڪَٽَ،
دونهان جن دُکائيا، هَلي مٿي هَٽَ،
خاڪ جن جي ڪَٽَ، هلو تڪيا پسون تن جا.

(۹)
ڪن ڪٽ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، لانگوٽيا لالَ،
لاهوتي، لطيف چئي، ڪنهن نہ موهيا مالَ،
ههڙا جنهين حالَ، هلو تڪيا پسون تن جا.

(۱۰)
ڪن ڪٽ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪنوٽيا، ڪَنَ ڍار،
هلن جي هنگلاج ڏي، بابُو چڙهي بارَ،
جي ڪين قبولڻهارَ، هلو تڪيا پسون تن جا.

(١١)

تڪيا پسون تن جا، هلي منجهان حالَ،
ڪوڙين ڪَنوتِين جا، پيَنرُ پانيان پالَ،
سامِيَن جي سنپالَ، منهنجو چِت چگو ڪيو.

(١٢)

تڪِّيا تاڪيائون، ويا رَمندا رام ڏي،
ڪِجان، خبر نہ لهان، تن آديسين آءٌ،
ڪنهن ڪُوڙ ڪنيائون، ڪاڏي ويا ڪاپڙي؟

(١٣)

سامي ڪامي پرينءَ لئي، ڪُسي ٿيا ڪباب،
جهڙو ڏَسن ڏَوهہ ڪي، تهڙو تن ثواب،
اوتين ارتَي گاڏئون، منهنجا اکين آب،
سندوَ ذات جواب، تون ڪَئُن پُڇين تن ڪي؟

(١٤)

سامين سڱ ڪلهن تي، سَنڱ مڙوئي سُورُ،
ڪَهندا وَيا ڪابل ڏي، ڪو جو پيڙُن پُورَ،
مڙهيءَ جو مذڪور، ڪلهہ ڪندا ويا ڪاپڙي.

(١٥)

سامين سَمَرُ سُورَ، گوندرَ گبَرين ۾،
جڙي پڌائون جانِ ۾، پيغامن جا پُور،
آديسي اَسُورَ، وڃائي واٽ ٿيا.

(١٦)

سامي مڙهي سندياءَ، سامهين مون سيلَهہ ٿي،
سا تان ڪُہ اڏياءِ، جان نانگا وڃين نِڪري.

وائي

جنهن جي مُنَ ۾ مالا، جوڳي سوئي،
جنهن جي منهَن ۾ مُندا، سامي سوئي،
پيناسَونُ مڙَهي ۾ اَلااللهُ، سَت گروءَ جي سَنگا.

## فصل چوٿون

(١)

جي پانئين جوڳي ٿيان، تا سڱ سپيئي چِڏ،
اوڏو ٿي الف ڪي، مَنُ ميم سين گڏ،
هتان لاهوتي لڏ، تہ گُر ڪي گڏجين ڪاپڙي.

(٢)
جي پائئين جوڳي ٿيان، تا سڱا سيلي ڇڏ،
ڏوهنيون ڏور ٿي، مور مَ مڙهي اڏ،
سپيريان جي سَڏِ، نانگا وانءُ نڱيو.

(٣)
جي پائئين جوڳي ٿيان، تا وڃ جڳ ڇڏي،
”يَهْدِى اللهُ لِنُوْرِهٖ مَنْ يَّشَآءُ“ صاحبُ سڀ سڏي،
لاهوتي لطيف چئي، ويا لعل لڏي،
هَي هَي هِنَ هڏي، همہ ڪي حيران ڪيو.

(٤)
جي پائئين جوڳي ٿيان، تا مورڪ منجهين مَرُ،
تَن ڪڏي، مَنُ حُجرو، گهورج پنهنجو گهرُ،
در تي پُورج دَرُ، ڳولا ڪَج مَ ڳوٺ ۾.

(٥)
جي پائئين جوڳي ٿيان، تا مڙهي ٻاري مَرُ،
منجهين تيرٿ تڪيا، منجهين گُروءَ جو گهرُ،
منجهين ٻابُو ٻڪيا، منجهين نارڻ سُر،
بستي ڏور مَ ٻَر، تُون خود آهين تڪيو.

(٦)
جي پائئين جوڳي ٿيان، تا وڃائي ڇڏ وجود،
محبت سندو منجهين، دل ۾ دُکائج دود،
اُلفت رک الک سين، اندر ۾ افزود،
وحدت ڪي وجود ۾، نانگا ڪر نمود،
نفي ڪر تون نفس ڪي، ذلت ڏيئي زود،
ٿي خفي سين خوشنود، تہ نانگا رسين ناٿ ڪي.

(٧)
جي پائئين جوڳي ٿيان، تا ويهي ڳول وجود،
اُتي الک سامهون، سامي ڪر سجود،
خلوت ڪر خفي سين، ٿي نفيءَ ۾ نابود،
پُرج پُورب پار ڏي، ٻابُو ڇڏي ٻُود،
نانگا نفس پانهنجو، ڪر رضا سان ربود،
تَن ڪي ڏيئي تَسيا، اُلفت سان آلود،
لڏي تُون لاهوت ۾، ڪر ويراڳي وِرُود،
غِبي ڇڏ غنود، تہ راول رسين رب ڪي.

(٨)
جي ڀانئين جوڳِي ٿيان، تہ سڳ سيپيئي ڇِن،
وڃي دَر دوستن جي، نانگا ڪِيم نَنُ،
پَٽِ تنهِيَن جي پَن، جن ٻُجهي نہ ٻُجهيو.
(٩)
جي ڀانئين جوڳِي ٿيان، تہ سڳ سيپيئي ٽوڙِ،
جي ڇايا نہ ڇاپندا، جيءُ تنهين سين جوڙِ،
تہ تون پهچين توڙِ، محبت جي مَيدان ۾.
(١٠)
جي ڀانئين جوڳِي ٿيان، تہ هُوندَن جيئن مَ هو،
توکي ويسَ وڄائيو، ويسُ وڃايو تو،
سامي آهي سو، جنهين پاڻُ وڃائي پُوريو.
(١١)
جي ڀانئين جوڳِي ٿيان، تہ پَر ڪَلمي جي پار،
پنجن ساڻ پُورو رهہ، تون آيا ٿيهہ مَ ٽار،
تڏهن ڏاڍا ڏار، جڏهن راهہ سڃاڻين رب جيَ.
(١٢)
جي ڀانئين جوڳِي ٿيان، تہ دل ۾ ديڳ چاڙهہ،
جيرا، جگر، ٻُڪيُونَ، قِرِڙَ قورڻي ٻار،
تہ قادر تنهنجي ڪار، خاطِي خالي نہ ڪَريَ.
(١٣)
جي ڀانئين جوڳِي ٿيان، تہ وڃي وحدت ويهہ،
اونهون مُلڪ الله جو، ڪنهن ڇُلي ڏٺو نہ ڇيهہ،
ماٺ مڙهيءَ جي پيهہ، تہ ويني ئي ويرناٿ ٿئين.
(١٤)
جي ڀانئين جوڳِي ٿيان، تہ سڳِي سالَ وڃاءِ،
مالها ڦيرج من ۾، ڏَڙَ ڪي ڏوڙ مَ لاءِ،
غلام تون گودڙي، صبر جي سباءِ،
تہ سامڙيا سندياءِ گَرَ وٽ گلا نہ ٿئي.
(١٥)
جي ڀانئين جوڳِي ٿيان، تہ پَر گُروءَ جي پار،
هوائون هنگلاج ڏي، ويندي سڀ وسار،
نانگا ناٿ نِهار، سامي ڏي سڪ سَين.

(١٦)
ڪن پٽ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڳَلَ پَٽَ ڳاڙهيءَ روءِ،
پنڌ جنهين جو پورب ڏِي، مُشڪَ ڪٿوريءَ بوءِ،
هنڌ جنهِين جا هوءِ، ڪينهين ڪالهہ ڪٽي ويا.
(١٧)
ڪينهين ڪالهہ ڪٽي ويا، ڪاملَ ڪنهين قبلي،
جوڳي ويا جُوءِ تي، سامي سارِيَمَ سَي،
هنڌ جنهين جا هي، ڪينهين ڪالهہ َڪٽي ويا.
(١٨)
ڪينهين ڪالهہ ڪٽي ويا، پورب ٿين پنڌ،
هَلي پَسو هنڌ، ڪينهين ڪالهہ ڪٽي ويا.
(١٩)
ڪينهين ڪالهہ ڪٽي ويا، نَر پسو نانگا،
ڏيل اڳيان ٿا سچن، گهٽ گهيڙَ اَٽانگا،
سي سي ٿين سانگا، جيئن ڪينهين ڪالهہ ڪٽي ويا.
(٢٠)
جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ طمع ڇڏ تمام،
گولا جي گولن جا، تن جو ٿي غلام،
صبر جي شمشير سان، ڪر ڪِيني کي قتلام،
تہ نانگا تنهنجو نام، لکجي لاهوتن ۾.
(٢١)
جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ ترڪ طمع کي ڪَر،
وڃي وهم وَجُودَ جا، خاصي ڏيان ڏَر،
تہ ڪنهن پهچين پَر، لکجين لاهوت ۾.
(٢٢)
جي پانئين جوڳي ٿيان، تا ترڪ طمع کي ڏي،
نانگا وڃي ناٿَ جي، تائب ٿي تڏي،
ويراڳي وجود کي، لاشڪ ڇَڏِ لڏي،
جو اجايُون اڏي، پَري پُوربُ اُن ڪان.
(٢٣)
جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ ٿيءُ گروءَ جي گس،
ڏُکَ پاڻ کي ڏس، هنگلاج هلڻ جو.

(٢٤)

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ من پُوري مَنجھہ مار،
دائما ڏُونهين دل ۾، من سين مالها وار،
سَهہ سيڪا سار، آڳي جي ادب سين.

(٢٥)

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ ڪين پيالو پيُ،
ناھ نهاري هٿَ ڪَري، آءٌ اِت نہ ٿيُ،
تہ سندو وحدت ويُ، طالِب توڙان ماڻئين.

(٢٦)

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ مُنهن ۾ مُندا پاءِ،
ڪنينَ ڪينَ وجائيو، جن ۾ ڪوڙين ڪَکَر وڏاءِ،
ڇڏ چادَر، ٻَڌ چمڙا، جُتي تو نہ جُڳاءِ،
تہ ساميڙا سَندياءِ، گُر وٽ گِلا نہ ٿئي.

(٢٧)

جوڳين جَوڳ جَڳاءِ، جُو پڻ سُونهي جوڳئين،
جوڳيان سنديءَ جان ۾، ڳجھہ ڳجهاندَرُ آھ،
هاءِ مُونهِين ڪي واءِ، جا آءٌ جوڳُ نہ سڪي.

(٢٨)

جوڳ نہ جوڳو تون، ڪَرين پَچارُون جوڳ جون،
هڪڙو پنڌ پريَن جو، ٻي تُنهنجي پونُ،
سامي سيڻن ڏُونهُن، رُئندا ئي رت ويا.

(٢٩)

جوڳي هُون جيران، پائي جوڳ مَ جيءُ،
هاريا هنَ ڪَنن سين، سُڻ سنهيو ايءُ،
وڃائي وُجُود کي، پاڻان پاسي ٿِيءُ،
هَڏ هِن ڪونهي هيءَ، آسارو آءٌ ڇئي.

(٣٠)

جا جياري جوڳئين، سا ماڙُهن مصيبت،
سامي سُور صحتَ، جي پوربيا پَروڙئين.

(٣١)

جوڳي تنهنجي جوڳ ۾، ڳالھ گھرجي ڳچ،
وڏيو، چيريو، ڇڇريو، پَر ۾ اُيو پَچ،
سوئي ٻارج مَچ، جيئن ٻاهر ٻاڦ نہ نِڪري.

(٣٢)

جيڪي جوڳي ٿيءُ، نا تہ نرڄا ونئن نِڪري،
تان ڪُوهہُ ڪن ڪپائيين، جان نہ سَهسين سيءُ،
ٻيج پراهون ٿيءُ، متان ٻيا لڄائين.

(٣٣)

جوڳي ٿين نہ يارَ، ڪنهين سان قريب ٿي،
مون ملاقات اَن سين، جن پورب جي پچار،
اَٿ ئي پهر اُن جي، آهہ ناني ڏانهن نهارَ،
لائي ويا، لطيف چئي، اندر منجهہ اُپار،
سامين ساڻ ستارَ، لاهوتي لالُ ٿيا.

(٣٤)

مُون پوربي پُڇيا، جوڳي جاڙ ڪري،
هَيُون جن ڳري، سُڏيون سنديُون سڄڻين.

(٣٥)

چيلهہ چَڪَر، ڳَل سگِيون، مَٿن مُنگٽ موڙ،
جوڳي اهڙيءَ جوڙ، مُون ويسريءَ وڃائيا.

(٣٦)

جوڳي هوا جت، سو ماڳون نهاريان،
مڙهيُون پُوري مَتَ، مانَ وسريو ڪيَ لَهانُ.

(٣٧)

ڪٽي ڪِدائُون هليا جوڳي جيڏانهين،
آءٌ پڻ اوڏانهين، تن ڪي تندَون پائيان.

(٣٨)

گولا جي گراهہ جا، جُوٺا سي جوڳي،
قِتَلَ سي ڦوڳي، جن شڪَرَ سانڍيا.

(٣٩)

جندا هومَ جوڳ ري، جندا جوڳ مَ پاءِ،
ڪُوڙي ڪج مَ ڪڍهين، سَچي ڪامَ سَلاءِ،
پَهچَڻُ پاريندا ءِ، متان رامُ رَسائين.

(٤٠)

ڪن ڪورائي ڪاپڙي، جندا ٿيءُ مَ جوءِ،
سَر سَپاهين وکيا، سوڪ نہ سامي سوءِ،
جيڪي پُڇين، َ پُڇ سو، گنگا نين نہ گوءِ،
وڃ لاهوتي لوءِ، عجزُ ڪي آڏو ڪَري.

(۴١)
ڪن ڪورائي ڪاپڙي، جندا تَيُ جوانُ،
ڪاهہ تہ لڳي ئي ڪانُ، نانگن هٿان نِينهُن جو.
(۴٢)
نسورو ئي نِينهن جو، دل ۾ دُونهون پاءِ،
آٽي آڳ عِشق جي، ٻاري جان جَلاءِ،
جِندا تن جاڳاءِ، جن سان آتش آبُ ٿِئي.
(۴٣)
ڪَنَ ڪُورائيين ڪاپڙي، اي زنانو جوڳ،
سامي سجاڻ تو پيو، هيڪ ڏهي، پيو دوڳ،
جنهن وڻ پيانيو قوڳُ، رام تنهين ڪي ريبيو.
(۴۴)
هو جي ڪَن ڪپار جا، سوڏو سي نہ سُٽين،
اندرِ جي آهين، سڻ سنِيهو اُن سين.
(۴۵)
هي ڪنَ گاڏها وڪٽي، ڪَنَ ڪي پيا ڳنهَيج،
تِنهين ساڻ سُٽيج، سُپيريان جي ڳالهڙي.
(۴٦)
سپيريان جي ڳالهہ ڪي، سامي ڪي سمجهہ،
نانگا تون نانيءَ ڏي، آديسي مَ اُجهہ،
ويهي تُون وجود مان، ڳولي لهج ڳُجهہ،
ٻيءَ ڏانهن هڏ مَ ٻجهہ، الڪُ اُتي ئيَ ڪاپڙي.

## وائي-١

ويہ مَ ويسري، اي تان، ڪي جاڳي اور الله سين،
محبتَ جي ميدان ۾ سچي ڳالهہ ڳري،
پيون ان اوسيڙي آڏيءَ اٿين، تون تان ڍانگ ڍَري،
سُتي ساجن نہ ملي، اهي اِيءَ ڪري،
سي پڻ روندا رت ويا، مڙيا جي مَري،
ويئي ميرائي، مَن تان، سپ ڪا ڳالهہ سري،
لطف تيو لطيف چئي، ور ڏي دل وري.

## وائي-٢

راوَلُ رهي نہ رات، جيڏيون! منهنجو راول رهي نہ رات،
ڪوهہ ڪَريندُيُس ڪانڌ ري، وهاڻي پرڀات،
مٽَ نہ معذورين جا، ڪا جا جوڳي ذات،
لڳم لاهوتين جو، منجهان ڪِينر ڪات.

## فصل پنجون

(١)

مونا طَورسينا، سندا سناسين،
سجدي ۾، سيد چئي، گوڏا گودڙين،
"فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى"، تَا نانگا ائين نمن،
"كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ"، باقي ڪين بچن،
"اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ"،
تَا اهڙيءَ پر پرن،
"خَرَّ مُوْسٰى صَعِقًا"، جوڳي جُنگ جلن،
"مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغٰى"، اهڙيءَ روش رَوَن،
مُشاهدو محبوب جو اُتي آديسين،
"بِيْ يُبْصِرُ وَبِيْ يَسْمَعُ"، بي وصال وهَن،
"بِيْ يَمْشِيْ بِيْ يَنْطِقُ"، تَا اهڙيءَ چال چَلن،
سيد چئي سندن، ڪَلَ پُڇين تون ڪهڙي؟

(٢)

مونا طور سينا، سندا سناسين،
پورب ڪنيو نہ پاڙسين بعد بيراڳين،
ردا آهي راز جي: اوچڻ آديسين،
قرب ڪاپڙين، ننهن چوٽيءَ سيئن ڍڪيو.

(٣)

مونا طورسينا سندا سناسين،
"طالبُ الموليٰ مُذڪَر"، ايءَ ڪلام ڪيائون ڪن،
سکن ڪي سِپين پريَن، ٻُجهي ڏنائون ٻنَ،
الف آديسين، چوري رکيو چتَ ۾.

(۴)
مونا جن محرابُ، جُسو جامعَ تن جو،
قبلہ نُما قَلبُ ڪري، تَن ڪي ڪيائون طواف،
تحقيق جي تڪبير چئي، جسما ڪيائون جواب،
تن ڪھڙو ڏوھُ حساب، جن ھينئڙي ھادي حَلُ ٿيو.

(۵)
مُنھن محراب پرينءَ جو، جامع سڀ جھان،
قَرھيءَ تان فُرقانَ جي، ڪاٿيائون قُرآن،
اُڏامي اُت ويو، عقل ۽ عرفان،
سيوئي سُبَحانُ، ڪيڏانھن ڪري نِيتيان.

(٦)
پايو مُنھن مونن ۾، وينا ئي وھسن،
جوڳي جاتا ڪن، آيا اُلوهِيَتَ ۾.

(۷)
آيا الوھيت ۾، لاھوت لنگھيو جن،
مَنجھان تن جُسَن، حرف نہ سڄي ھيڪڙو.

(۸)
منجَھہ محبت مَچ، ٻھر ڏُوڏا ڏوڙ سين،
ڇڏيائون چر لَھي، ڪُوڙ، ڪَلڪڙ ڪَچُ،
اوڳڻ اوڏا نہ ٿيا، ڳڻ ڪيائون ڳچ،
جئَن سڙن، تئَن سَچ، جئَن سڙن، تئَن سَنرا.

(۹)
ڇڏ جاڳوتا جوڳئين، ڏُونھين ڪيمَ ڌُڪاءِ،
"وَاذْكُرْ رَّبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ"، اندر آڳ جلاءِ،
جن ڪي سڄڻ جي ساڃاھ، تن ڪي ڪِينان منو ڪي نہ پيو.

(۱۰)
جوڳي ڪنڌ ڪپاءِ، ڪَنَ ڪپائڻ ھَير ڪي،
صحبت تنھنجي، سيد چئي، سامُين وَٽ سَماءِ،
"يَهْدِى اللهُ لِنُوْرِهٖ مَنْ يَّشَاءُ"، ائين اُنھن لئي آھ،
اِي تنھين جي جاءَ، جن ٻئي جڳ ڇڏيا.

(١١)
جوڳي جَڳَ ڇڏي، پريا پورب پنڌ ڏي،
لاهوتي، لطيف چئي، هليا لعل لڏي،
”وَاللّٰهُ يَدۡعُوۡٓا اِلٰى دَارِ السَّلٰمِ“، صاحب سين سَڏي،
هئي هئي هن هڏي، هَمَه کي حيران ڪيو.
(١٢)
ڪيهي ڪامَ ڪاپڙي ٿا، اهڙي رَوش رَوَن؟
نہ ڪا دل دوزخ ڏي، نہ کي بهشت گهرن،
نہ ڪو ڪم ڪُفار سين، نہ ڪا مسلماني مَن،
اُيا ائين چَوَن، تہ پرين ڪجو پانهنجوَ.
(١٣)
سامي چئجي اُن کي، جو کُهي سڳو ياءُ،
ڏئي طلاق جوءِ کي، سُمهي وٺ ماءُ،
اِن پر اُٿي آءُ، تہ سچو سامي تون ٿئين.
(١٤)
جوڳيڙا پاڙي، ڪَر نَہ هُوا ڪڏهين،
ويا مڙهہ تاري، ڪالهہ وَڃائي سڳيون.
(١٥)
راهہ شريعت هليا، تفڪر طَريقون،
حال حقيقت رسيا، معرفت ماڳون،
ناسُوتُ، مَلَڪَوتُ، جَبرُوت، ايءُ انعام لڏون،
پَسُ لاهوتُ لنگهيون، َهاهُوت متي هليا.
(١٦)
نڱيا ناسوتان، مَٽيائون ملڪوت ڏي،
جوڳي جبروتان، وڃائي واٽ ٿيا.
(١٧)
جن اُجهيو، تن نہ ٻجهيو، ويٺي گڏين ويرُ،
ڏوري ڏٺائون ڏک سين، پاڻ مُنجهان ئي پير،
لٿو تن لطيف چئي، جُسي جو زنجير،
ڪين ڏٺو هو ڪاپڙئين ڪابل ۽ ڪشمير،
سچ جنهين جو سِير، تُن گرو ويٺي ئي گڏيو.
(١٨)
نا اُميدي آجڪو اوچِڻ آديسيَن،
سدا سُک وَسَن، طالِبَ اوءِ تقدير تي.

(١٩)
نا اُميدي آجڪو اوچڻ آديسن،
ڪڏھين تازيءَ پُٺ تي، ڪڏھين ھيٺ ھَلن،
ساميڙا سمنڊ ۾، تُنبي جئن تَرَن،
جيَ واڳونءَ وات وجن، تہ ڪُسن ڪِچن ڪينَ ڪي.

(٢٠)
لالَ ڪي لالُ ٿيا، لالُ لنگھيو جن،
عدم جي اوڙاھ تي، ڪيا آسڻ آڏوتئين،
گردانيو گنگن، گرداب جي گِيان سين.

(٢١)
ولھُون، ويلا، واوَ، جوڳين جھليا جان ۾،
اَجھو ريءَ الله، ڪونھي ڪاپڙين جو.

(٢٢)
نا مُرادي نجھرو، عدم اوتارون،
رضا راج سندونِ مُور نہ مڱن ڪي پيو.

(٢٣)
کھڙي پُڇين ڪَالھ، ڪَر نہ ڪا اَڄ صُباحَ،
ونئن تنھين سين واڳيو، جيڪي پَسين مَنجھ پَساھ،
رمِ رَباني راھُ، متي حال ھوشيار ٿي.

(٢٤)
ڪٽيو تڪَبر تَڪيا، حيلا ڪيو ھلَن،
مُوڙھا تا نہ لَھن، لَمي راھ لطيف چئي.

وائي
تن ڳَٽَن ڳِھر وَڃائي ھو مائي، جوڳين مون سين جي ڪيا،
ڪَري مَوج ڪاپڙي، گُروءَ وٽ گَدائي،
اشارتون اُن جون، وانءَ ڪَپي تون ڪائي،
نندِ تنھن ڪي ناھ ٿي، جا آديسن اُنائي،
آھي اِن ڳَالھ جي، راوَلَ ايءَ رَبائي،
ھيڪائي ھڪُ ٿيان، ٻڌن ڪانہ ٻيائي.
اڪين آرس ڇڏيو، دل ۾ ناھ دَغائي،
اِنَّ اللهَ وِترٌ يُحِبُّ الْوِتَرَ، اي اُنھين لئي آئي،
ريجھائي رَمُوز سين، ڪاھوڙيَن ڪانئي،
الله، عبداللطيف چئي، مون سان صاحبَ ڪَر سٽائي.

## فصل ڇهون

(١)
ڪنهن جنهن ڪُنا ڪاتَ، جتَن سامي مور نہ سنرا،
ڏينهان ڏُکي ڏيل ۾، سُور سڄائي رات،
سندي جوڳيان ذات، جيجان هوءَ جڏارئين.

(٢)
روح ۾ رَهين رام، ٻهر ٻولين ڪي ٻيو،
پيالو پُر ڪري، جوپ پيتائون جام،
تهان پوءِ تمام، تن تڪيا تاڪي ڇڏيا.

(٣)
رام رهين ۾ روح، ٻهر ٻولين ڪي ٻيو،
سدائين سفر ۾، مٿا ٿِين موءَ،
سامَين جا صبوحَ، ساريان گهٽو سيد چئي.

(٤)
مٿا موءَ ٿِيان، سدا سوئيتا ڪاپڙي،
ڪوني ڪنهن نہ پڇيا، نہ ڪي اندر اندوهيان،
جيڪا چماران، سا مَنجهہ گوندَرَ گڏري.

(٥)
ويني جنهن ورهہ ٿيا، مٿي سين ميري،
اکيون جنهن جون الڪ ڏي، پون ڏي نہ پيري،
ڪاراٽيان ڪکا ٿيا، چرٽيا چيري،
لُڙڪ لالُ، لطيف چئي، ڪنبي ۽ ڪيري،
نينهُن نہ نِبيري، سورَ چرندي سنرو.

(٦)
ويني جن ورهہ ٿيا، مٿي ميري ساڻُ،
ڪاراٽيان ڪَکا ٿيا، چيري وجهي چاڻَ،
خوديءَ کان خلاص ٿيا، پُٺ تي وجهي پاڻَ،
سي ڪئَن ٻهر هٽن ٻاڻَ، جن گڏيو گُر گروان ۾؟

(٧)
نانگن ڪين نمائيو، ناٿ نَمايو نِينَهن،
مڙهن اُنا مِينهنَ، جوڳيان سنديءَ ذاتَ ڪي.

(٨)
نہ ڪي نمن ناٿ کي، ناٿُ نہ نمائين،
جاتا ڪن نہ جوڳ کي، جوڳ نہ جھارين،
آديسي آٽين، اُھڃاڻيون الماس جون.

(٩)
ٻتا ڇر ڇراٽيا مُنھن ڪانيا سيئي،
مَاين منگن بکيا، نہ ڪا لڄَ نہ ليھہَ،
بابو بيڪاري ٿيا، نہ ڪو پُٽ نہ ڪو ڌيءُ،
پسو جلايا جيءَ، ويراڳين ويراڳ سين.

(١٠)
ڇر ڇراٽين جندڙا، صُورت ساڙين سيءُ،
اُپَين گھٽي ادب ۾، عادت سندين اِيءُ،
جوڳين پنھنجا جيءَ، الله ڪارڻ لوڙيا.

(١١)
هَر هَرَ ڪن هرنامُ، ڏُون ڏينھاٽي ڏوتيا،
جن نہ ريجھايو رام، ناٿُ نہ نمي تن کي.

(١٢)
هر هر ڪن اُميسُ، ڏون ڏينھاٽي ڏوتيا،
جن نہ ماري ميسَ، ناٿ نہ نمي تن کي.

(١٣)
گھنڊن پاسي گھنڊ، گڏ گذارين گودڙيا،
پَليتيءَ ڪان پانھنَجا، پاڪ رکيائون پنڌَ،
نانگا ڪن نہ نِندَ، وڃن رَوندا رام ڏي.

(١٤)
تھڙا ڪَڙڇ ڪڪرا، جھڙا جائن ڦُل،
تن سامين جي سُڌَ مَران، جن جي گودڙين ۾ گل،
اندر ملان مُل، ٻھر ڪوجھا ڪاپڙي.

(١٥)
ياد ڳرو ڪن گودڙيا، پَرِ بازار ٻينا،
پڙھن سُور سُبحان جي، پيٽ تنھن ٻينا،
جيلانھن مُنھَن مينا، تيلانھن نشا چاڙھيائون نينھَن جا.

(١٦)

ريگڙيارا رميا، لوئيس لانگوٽِين،
منهنجو جيءُ جَلائيو اندر آديسن،
هَي هَي مَنجها هٿن، وڃائي واٽ ٿيا.

وائي

تن اکين آءُ اڙائي، ٻڙي جيڏيون، ڳنهن دَر ڏيان دانهڙي،
ڦڪيون ڏيئي ڦَڪيُون، ويڄن آءٌ ورچائي،
حُسن هوتَ پُنهونءَ جي، تنهن لاليءَ آءُ لچائي،
اُلَفتَ ڳَر مَ اُن سين، قُرب جا ڳَڙائي،
صحبت سُپرينَ جي، مٺي آھ مٺائي،
الله عبداللطيف سين، وَحدت وَٽ ورهائي.

## فصل ستون

(١)

قُوتَ ڳَڙايا ڪاپڙي، طعام نہ طامائو،
سَين هَنيائون سج ۾، پَھَر نہ پينائُو،
اوسَرَ آسائو، اُٿي گوندر گڏيا.

(٢)

قوت ڳڙايا ڪاپڙي، طعامَ نہ طمعدارَ،
سين هنيائون سج ۾، جوڳي ڪنهن نہ يارَ،
اوسر جي آڌار، اُٿي گوندر گڏيا.

(٣)

قوت ڳڙايا ڪاپڙي، ٻُڪ چکيائون ٻوءِ،
ويا نيرانا نِڪري، جوڳي منجهان جُوءِ،
اَوسر آجا اوءِ، اُٿي گوندر گڏيا.

(٤)

پَنن ڪين پَٽُ ڪَٽي، گھُرن ڪينَ گھُران،
مهيسي مخلوق جي، اُپين دُور دران،
پُڇڻ توءِ شراع، جي اندر عدالت اُن جي.

(٥)

پنن جو پٽ ڪٽي، سو جي سُڃاڻن،
تَہ بَر ۾ بيکَ لهن، پَھَر نہ پِنن ڪاپڙي.

(٦)
اَسُڪُ جن اويَر، سي سانجهيءَ رهن سمهي،
لاهوتي، لطيف چئي، آڏيءَ ڏين اُلير،
اُتيو لوڪُ پسي پيا، سامي متي سير،
ڪيڏاهين ڪندا پيرَ، مڙوئي متو ٿيو.

(٧)
وچين وينا هُون، سانجهيءَ رهن سمهي،
مَهيسي مُنهن پاَنهنجو، ڏاران ڏوڙ نہ ڏونِ،
وهاٽيءَ واٽن تي، پاسا ڪوڙيون پَونِ،
ڪنهن ڪي ائين نہ چَونِ، تہ آديسي آهيونِ.

(٨)
وچينءُ وينا رهن، سانجهيءَ رهن سمهي،
بُڪَ مَرندي بکيا، ڪنهن ڪان ڪين گهُرن،
پيٽَ نہ هيرياٰون پانهنجا، چوري سَاڻ چَسن،
ڦَڪي فقيرن، ماڳيان پِني ماٺ جيَ.

(٩)
نہ ڪي هيٺ نہ بيٺ، نہ ڪي گبرين ۾،
رام ڪيائون ڏيٺ، وجن ڪينر ڪُلهي ڪيو.

(١٠)
ڪَشي چيلهہ ڪَشن، ڏِيلَ ڪيائون ڏٌبرا،
پيٽ نہ هيريائون پانهنجا، چوري ساڻ چسن،
اهڙيءَ راهہ رسن، ڪاپڙي ڪابول ڏي.

(١١)
ڪشي چيلهہ ڪشا، ڏيلِ ڪيائون ڏبرا،
لاهوتي لطيف چئي، تَنَ ڪي ڏين تَسيا،
گروءَ جي گسان، پاسي ڪن نہ پاڻ ڪي.

(١٢)
ڪشي ساڻ ڪشي، ڏيل ڪيائون ڏبرا،
پيٽ نہ هيريائون پنهنجو، چوري ساڻ چَسي،
ويراڳين وسي، رام سدائين روح ۾.

(١٣)

آديسيءَ آديسُ، هتان ڪري هليا،
ڪاپڙين قَلب ۾، ڪَيو ڏوراٽو ڏيسُ،
ويراڳي نئون ويس، راولَ ڍڪي رَميا.

(١٤)

آديسين ادب، آهي آڪڙيَن ۾،
تن جو حَسَبُ نَسَبُ ناهہ ڪي، نہ اما نہ اَبِ،
سامَين ڪي سپين پرين، روح ۾ رهيو ربَ،
ريءَ لانگوٽيءَ لبُ، پاڇي ڪن نہ پاڻ ڪي.

(١٥)

لانگوٽي لاهي، وانءَ ويراڳين سامُهون،
ٻڌ سوُرن جوِ سَندرو، مَنجها سڪَ ساهي،
اُنهين وٽ آهي، اوچڻ ڳالَهہَ اُگهاڙ جي.

(١٦)

لُنگَ ڪڍيائون لانگ، موتي ڪن نہ مسحو،
اسلامان اڳي هُئي، سا سٽائون ٻانگ،
سامي ڇڏي سانگُ، گڏيا گورڪناٿ ڪي.

(١٧)

ويراڳي واڳي، ڏِين ڏهاٽي ڏيل ڪي،
راول رتو مولهئيَن، سامي سُهاڳي،
لوُن جنهِين سين لاڳي، جوڳي پَسان تہ جيان.

(١٨)

ويراڳي واري، الله اڱڻ آٽئين،
ڏُڪَ لاهينديس ڏيل مان، تُهَن جئَن تاَري،
ايندمَ اُوتاري، ڪِينءَ جون ڏيندَم خبرون.

(١٩)

ارتو اکين مان وَهي، متي ڳلن ڳاڙ،
ڪوري ڪنن وچ ۾، قچ ڏنائون قاڙ،
هَٽي تَوبهہ تاڙ، نانگا نسورا ٿيا.

(٢٠)

لاهوتي، لطيف چئي، سُڌَ نہ ڪٽن ساڻ،
ايءَ آديسيَن اُهجاڻ جِئن تعلق ڇڏيائون تڪيا.

(٢١)
ڄَرَ ڄَراٽِين اگھڙا، ڪوڙِي ڪانئِين ڪَلَ،
ماءُ مارِيندَم اُن جا، اَڏيا ماڳَ مَحَلَ،
ڪيائون ڪا نہ ڪَهلَ، اديون عبداللطيف چئي.

(٢٢)
پُوڄا ڪر مَ پاڻَ ڪي، ڪوءِ راولَ ٻَن رُجات،
لِباسان، لطيف چئي، پل ويراڳِي واتَ،
مَنُ ماري ڪر مات، تہ تِيرٿُ پسين تڪئي.

(٢٣)
پوڄا ڪَر مَ پاڻَ ڪي، پَل پوڄا ڪان پاڻَ،
ڄاٽي چِڏي ڄاڻُ، پُرج پورب پنڌ ڏي.

(٢٤)
پوڄا ڪَر مَ پاڻَ ڪي، جوڳِي رکج جوڳَ،
خَلق خادمَ جئن ڪَرين، ايُ راول وڏو روڳُ،
ڀَڳِن ڪَونهَي ڀوڳُ، نانگا وجن ناگِيا.

(٢٥)
پُوڄا ڪَر مَ پاڻَ ڪي، سمجھ تون سامي،
تِي سُورن سينَ سنرو، ويهُہ مَ وسامي،
خطر ڇَڏِ خامي، تہ نانگا رسين ناٿَ کي.

وائي
مڙِيَئُون موڪل، ڪالهہ ڪندا ويا ڪاپڙي،
ڪَڏهن اُتر سامهان، ڪڏهن ڏُونهين جهَلُ،
هُن سيڪيندي هٿڙا، مون ڳاڙِيندي ڳلَ،
ڄر ڄراٽِين ڄندڙا، ڪوري ڪانين ڪل،
چيري چندن ڪاٺ جئن، سُورَ ڏنائم سل،
بابو ڪن نہ بڪيا، نڪا وَلنَ وَلَ،
الله عبداللطيف چَئي، ايندم شالَ اَملَ.

## فصل اٺون

(١)
رهيا اَٿيئي رات، صُبح ويندئي صابري،
لُئن لُئن منجهہ، لطيف چئي، ڪر تنهين جي تَات،
سندي جوڳيان ذات، ٻي پيري پاڳ مِڙي.

(۲)
اڱڻ آهين اڄ، صبح ويندئي صابري،
ڪَج ڪو ڪاپڙين مان، روح رُچندو رَڄ،
پير تنهي جا پُڄ، متان سڪين سناسين کي.
(۳)
تان کي ساڻن اور، جان آهين اوطاقن ۾،
ڏهہ ڏهہ پيرا ڏِينهن ۾، پاڻُ مٿائن گهور،
ويا جي هِنگلور، تہ ڪَرم ملندَئي ڪاپڙيَ.
(۴)
تان کي وَٽن ويهُ، جان آهَين اوطاقن ۾،
سامي سفر هليا، ڏُور چَتائي ڏيهہ،
ڇڏي سُکُ ساٿيهُ، مٿي گنگا گجيا.
(۵)
تان کي وٽن وَڃُ، جان آهين اوطاقن ۾،
سامي سفر هليا، رائو چتائي رُڃ،
اهڙيءَ جن اُهڃ، سي ڪَرم ملندَئي ڪاپڙي.
(٦)
تان کي وٽن آءُ، جان آهين اوطاقن ۾،
ويو تن نہ وسري، لاهُوتيڪو لاءُ،
فَنا ۾ فِراق جوَ، سامَين چَکيو ساءُ،
وَٽان تو ويندءُ، ڪاپڙي ڪابول ڏي.
(۷)
اڄ نہ اوطاقن ۾ جاڳر جوڳيڙن جو،
ساري سناسين کي، رئندين تان رو،
پَسُ پارئان تو، لاهوتي لَڏي ويا.
(۸)
اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارينَ،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.
(۹)
اڄ نہ اوطاقن ۾، سندي جوڳين جوڙَ،
ساري سناسين کي، ڪامي ٽِپُسَ ڪوڙَ،
مَن جِنهين سان موڙَ، سي لاهوتي لڏي ويا.

(١٠)

اڄ نہ اوطاقن ۾، سندي جوڳين ذات،
ساري سناسين ڪي، رُنم ساري رات،
مون تَنَ جنھين جي تاتِ، سي َلاھوتي لڏي ويا.

(١١)

اڄ نہ اوطاقن ۾، تازا پٿَرَ ڪَکَ،
آديسي اُٿي ويا، پيئي اُڏامي رَکَ،
سامي ڪَٽي سَنکُ، وڃائي واٽ ٿيا.

(١٢)

اڄ نہ اوطاقن ۾، ڪَرَڱَلَ ڪِينَ روئُن،
نہ اُھي آديسي اَسُڪا، جن سين مڙھيون سَونھَن،
مَڙھ پُورِيائون ماٿ ٿي، واڄٽ ڪين وڄن،
ويا نانگا سي نِڪري، پھر نہ پُورَيين،
ساريو سناسين ڪي، اولاڪا اچن،
لاڄُون لاھوتَيِنِ، جوڙي ڏنيُون جِيءَ ڪي.

(١٣)

اڄ نہ اوطاقن ۾، دُونھين، ڌُنڌُ نہ لاٽ،
ويا ويراڳي نڪري، جَت چڪائي چاٽ،
آءُ ماريس تِنھين ماٺ، جَيجان جوڳِيَڙنِ جي.

(١٤)

جيا سُون جوڙ ٿي جوڳي ڏٺو سون،
مُلا تنھين مُون، حاصل ڪي حال ڪيو.

(١٥)

جيا سُون جوڙ ٿي، جوڳِيءَ لاٿوَ جاڙ،
سندو پُورَبُ پار، آچِيائين ايندن ڪي.

(١٦)

جيا سُون جوڙ ٿي، جوڳي ڏٺو جان،
سگُ ھو جنھين سان، سامي سو ساﭙيٽيو.

(١٧)

جيا سون جوڙ ٿي، نانگو ڏٺو سون نت،
ﭼُونچو ھو چِٽُ، ڪُلي سو باغ ٿيو.

(١٨)
هو جي هُئا هت، تہ مَٽن هُوند حق ٿيو،
مٽيُون مورَتَ مِت، مان وسريُون ڪي لهان.

(١٩)
هي جي هئا هاڻِ، تہ مٽن هوند حق ٿيو،
پيهي ويا پاڻ، اڏيا مَڙهَہ مارين مون.

وائي
ڪاپڙي ڪَنَ چيرَ، ويا ويراڳي نِڪري،
دل هٽي ويا دَلق سين، ڦورو هُئڙا فقيرَ،
هٽي ويا حلم سَان، سگهيون منجھہ سَريرَ.

## فصل نائون

(١)
ٻُڪَ وڏائون ٻَڪري، جوڳي ڪندا جُجَ،
طلب نَہ رکن طعَام جي، اوتيو پين اُجَ،
لاهوتين، لطيف چئي، مَنُ ماري ڪَيو مُجَ،
سامي جهاڳي سُجَ، وَسيئَن ڪي ويجها ٿيا.

(٢)
نہ گندا، نہ گبرا، نہ لانگوٽي لِڪ،
جيڏانهن پرين وِڪَ، تيڏانهن صاحب سامُهون.

(٣)
نہ گندا نہ گبري، نہ لانگوٽي لِيڙَ،
جيڏانهن ڪرين پيڙَ، تيڏانهن صاحب سامهون.

(٤)
نہ گندا، نہ گودڙي، نہ لانگوٽي لِڪُ،
جيڏانهن پرين وک، تيڏانهن صاحب سامهون.

(٥)
نہ گندا، نَہ گبري، نہ لانگوٽي لينگ،
پُنگا جنهين پينگ، صاحب تِنهين سامهون.

(٦)
جئن ٿا پُڇن اَن کي، تئن جي پُڇن پَنڌُ،
تہ رڙهي لڏائون رندُ، لَٿين لُڪَ لطيف چئي.

(٧)

جئن تا پَچن اَن ڪي، تئن جي پُڇن الله،
تہ رهي لڏائون راهہ، لٿين لڪ لطيف چئي.

(٨)

نہ گندا، نہ گبري، نہ ڪَچ ڪاچوتي،
سامين ٻاري سُڄَ، ۾ بابُن باهوتي،
جوڳي جَبرُوتي، وَڃائي واٽ ٿيا.

(٩)

ڪَچين ڪاچوتي، نانگن ٻڌي نِينهَن جي،
جهڙا آيا جَڳ ۾، تهڙا ويا موٽي،
اُنهين جي چوٽي، پورب ٿيندي پڌري.

(١٠)

سپيريءَ سيد چئي، جئن تا پچن اَن،
تن ڪاپڙي، ڪونهي ڪَن، جوڳي چائين جاڙَ تا.

(١١)

جا براد بُتن جي، سا اُڃ بُکَ آديسين،
روزا رندَ رڪن، عيد نہ اوڏا ڪاپڙي.

(١٢)

جنهن سَناسيءَ سانديو، گندي ۾ گراهُ،
اُنهي ڪان الله، اجا آڳاهون ٿيو.

(١٣)

وينو پُڇين پر، ڪر ڪا هنئار هلڻَ جي،
اڄ آديسي مر، صُباحَ مَرندو سيڪو.

(١٤)

رامَڪلي دُکيا ڪَهي، سُکيا ڪهي نہ ڪوءِ،
ڪو متي، ڪو مائٽيءَ، ڪو روچيءَ ڪي روءِ،
رامڪلي ڪهي سوءِ، جنهن جي ياٻَ وچ دک هوءِ.

(١٥)

پَريندهي پير ٿيا، چڏي گنجو گامَ،
گروءَ سندي گس ۾، جن ڪيا تَنَ تمامُ،
ويهي ڪيو نہ وچ ۾، تن آديسَين آرامُ،
راهہ ۾ گڏين رامُ، پنڌان ڄُتا ڪاپڙي.

(١٦)
اکيون آلو ماهہ، سَدا سناسَين جُون،
واري نيڻَ نِندَ، جاڳي جهَليا جوڳيئين.

(١٧)
اَڌ لڳيُون آهين، آيل آديسيَن جُون،
ويهي وِهائينَ، ڪا قضاني راتڙي.

(١٨)
اجا سي آهين، سزا وارَ سگين جا،
وينا وڃائينَ، جي سناسيَ سُٺئين.

(١٩)
نسوريائي ناهہ جي، دل ۾ دونهين دُکاءِ،
آٽي آڳ عَشق جي، لاهوتي تَن لاءِ،
جِندا تئن جاڳاءِ، جئن آتشيان آب ٿئي.

(٢٠)
مَرَڻُ مُسلم جن، واحد تن نہ وسري،
مٿي سگر ڪاپڙي، ڪا نانگا ننڊ نہ ڪن،
نيڻ سدائين تن، اوجاڳن اُجاريا.

(٢١)
جو ڪُنڊِ سَنڌ سامُهون، پِرت تنهين سين پار،
نينهَن نہ نبهي جنهن جو، تَنهن سين تون م تنوار،
هَڏِ مَ واٽ وسار، ٿيءُ نرالو نبري.

(٢٢)
پُوري پئي رَهہ، اُپٽي اُجهہ مَ ڪاپڙي،
اُلا جي عشق جا، سي تون سَهيو سَهہ،
پڇ پاڻ کي پهہ، هينگلاج هلڻ جو.

(٢٣)
جوڳي ويا جامير، جان مڙهنيان مُنهَن پائيان،
پيا پوڇيندي ڪير، ڏُوڏاٽي ڏوپ ڏري.

(٢٤)
ڏورڻُ گهٽو ڏاڪڙو، ڏورج مَ ريءَ ڏِئي،
تان تان هوئج حُجري، جان سين يارُ جئي،
جڏهن پاسي پاڻَ ٿئي، تڏهن چڱ تَڪيو.

(٢٥)

ڏور مَ ڏيان ڏار، ڏورڻ گهٽو ڏاڪڙو،
ڪوڙين لک هَزار، ان اُونداهيءَ انڌا ڪيا.

(٢٦)

تو جو ڏِيو پانئيو، سا سورج سَهائي،
اَنڌن اونداهي، جي رات وهامي ڏِينهُن ٿيو.

(٢٧)

ناٿَ جنَهين ننڌِ، تت پڻ نَہ نهاريو جوڳئين،
ڪي ڪَوَيسا هئا ڪَاپڙي، پريا پَراهين پَنڌِ،
هُو هَنهين هَنڌ، ٿي هُوهِين ويا هنگلاج ڏي.

(٢٨)

ناٿ جنهين نِنڌِ، تت پڻ نهاريو جوڳئين،
سي سويسا هَئا ڪاپڙي، پُريا پراهين پنڌ،
هُو هُئو هِنَ هَنڌ، هُن هنگلاجان هَٿ ڪيو.

(٢٩)

سامي تون سلُوڪ ڪي، هٿان هَڏَ مَ ڇڏَ،
لڏيندن سين لڏِ، تہ رَهين تون راڄ ڪَري.

(٣٠)

ويندن ڪي ويڪَ ٿي، هوندن ڪونهي هَنڌُ،
”مِّنْ لَّهٗ الْمَوْلٰى فَلَهُ الْكُلِّ“، اي پروڙج پَنڌُ.

(٣١)

عاشقَ شهَرَ فقير دَر دَر هٽن سَينَ،
”مِّنْ عَرَّفَ اللهُ اكَلِ لِسَانَہٗ“. اهڙائي امينَ،
جتي پَسي ڪِينَ، تتي ڪن تڪَيو.

(٣٢)

گُذَر گئي گُذرانُ، ڪينَ قبولج ڪاپڙي،
علي جو مَيدان، سَڪرُ سناسَين ڪي.

(٣٣)

وينا ڌوڙ ڌٽي، عليءَ جي ميدان ۾،
ترڪُ ڪيائون تڪيا، پريون پنڌ سُٽي،
ڪندي ڪوھ دُني، طعنا ڏيئي تن ڪي.

(٣٤)
لَنگهہ لاهُوتيا ڪاپڙي، دونهين ڪا مَ دُکاءِ،
اوري ڪَر مَ آسرو، پَري پيرُ مَ پاءِ،
جنَهين جي جاءِ نہ ماءُ، وانءِ تنهِين سين واڳيو.

(٣٥)
ڇڏ جاڳوتا جوڳئين، دُونهيون ڪَيمَ دُکاءِ،
"وَاذْكُرْ رَّبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ" اَندر آگ جَلاءِ،
جن سجڻ جي ساجاءِ، تن ڪِينان مَنو ڪِينَ ڪي.

(٣٦)
ينيءَ پَڙڪَ ڪن، باهيون بيراڳِيَن جون،
هلو تہ سيڪيون هٿڙا، مٿي تن مَچن،
مُلا سناسين، مون جڙ لڳي جان ۾.

(٣٧)
هُو جي ٿيا هر ڪيسَ، تن لڳي ڪِين لِباسَ سين،
وتن ولهي ويس، لاهُوتي لطيف چئي.

(٣٨)
بُک اُنهين جي بکيا، ڏُوڙ اُنهين جو ڏُوپ،
ڪيائونَ سوئي روپ، جئان لوڪَ لَڄ ٿئي.

(٣٩)
سڳيون، سيليون، گبريون ايءُ پڻ ڪُوڙي ڪَٽ،
بابُو عادت بڇڙي جئن هليو وجي هَٽ،
تيرٿ توئي وٽِ، تُون پُڇين گس گنگا جا.

(٤٠)
سڱيون سيليُون، گبريون، ٿيئي ٿولَ ٿَڳو،
پَٽُ هَٽي پَٽَ سين پيڙي تن پَڳو،
لاهوتُ جن لڳو، سي ُمَڙهيان مُورِ نہ نڱيا.

(٤١)
گندي ۽ گراهہ، جن سناسَين سانڍيو،
انهن ڪان الله، اڃا اڳاهُونَ ٿيو.

(٤٢)
ڪوءِ گودڙ، بَن گبريُون، نيئي ڪدائون ڪانءِ،
جيڏانهن جوڳ وَيو، نيڻ تيڏانهين نانءِ،
پٽو ايهين پانءِ، تہ سڱيون شُومَت ُهٽن جون.

(۴۳)
ڪَنُّ گودڙ، ٻن گبريَون، ڪانءِ ڪِدائُون،
جندا وڃي جوڳ سين، لهج ڪي لَائُون،
اِئين ڪُهہ اُتائون، سڳيون شومت هٿن جون؟

(۴۴)
نڱن گهٽا نڱيائيا، تُون نڱن ڪي ٻہ نڱاءِ،
اُتي آڏيءَ رات ڪي، پنهنجو تَن پچاءِ،
لاهوتي مَ لَڄاءِ، نانگا تون ناموس ڪي.

(۴۵)
ڪي جي سڳا سُور جا، ويئي وتيائون،
پُويو پوتائون، ساڃا ڪيو سڱين ۾.

(۴۶)
جا گُر ڏِني گودَڙِي، سا مون ڪي تي مَرُڪ،
چيلا ماري چَرَخُ، اوڍي ويهہ ادب سين.

(۴۷)
جا گُر ڏني گودڙِي، سا تئي لاهيندي لَڄ،
سندا تنهن سَهَج، چيلو چوندو ڪيترا؟

(۴۸)
جا گُر ڏني گودڙِي، سا مون گهٽي سُهاءِ،
نيئي رساٽي ماءِ، اوڍِئين جي ادب سين.

(۴۹)
اَندر رلا رَليُون، ٻَهر پَٽولا،
اِنهيءَ پَر ڪاپڙي، گڏهہ َ جا گولا.

(۵۰)
ٻهر رلا رليون، اندر پٽولا،
انهيءَ پر ڪاپڙي، خدا جا گولا.

(۵۱)
گل گل پَسي گودڙيا، گهٽا مَ پائيج،
سوئي سجاٽيج، هي هو آهي هيڪڙو.

(۵۲)
پَٽَ چِڏيائون پَٽَ ۾، ڏندَ چِڏيائون ڏِسَ،
آلائشان اڳي ٿيا، موتيءَ ٿين نہ مسُ،
هي چِڏيائون حِسُ، وڃي ڪالهہ ڪُلُ ٿيا.

(۵۳)
دل ڏوتائين ڏک سين، ڏاڳا هڏ نہ ڏوءِ،
لاهوتي لطيف چئي رُوحان اندر روءِ،
ڪونہ ڏٺوسين ڪوءِ، سناسي سُور ري.

(۵۴)
ٻولي ٻُجهارَتَ، جوڳيان سنديءَ ذات جي،
ڏورڻ گهٽو ڏاکڙو، هلڻ ۾ حيرت،
عجب عبادت، پهہ پروڙڻ اُنِ جو.

(۵۵)
جنهن ڪارڻ جوڳي ٿيا، جان جان سو نہ پَسَن،
تان تان سناسَين، وَرهہ وهامي راتڙي.

(۵۶)
نہ ڪِلن، نہ ڪِينَ ڪي، نہ ڪَي ڳالهائِين،
ڪنهنَ جنهن ۾ آهين، سا پر پروڙڻ ڏاکڙو.

(۵۷)
محبت جي مَيدان ۾، ڪامي خاڪ ٿيا،
تمام ٿي طالب چئي، وحدت منجهہ ويا،
جنم موچارو جوڳئين، ڏکيا مهَندِ ڏِها،
ساريان ڪون سياءُ، سَندن هنَ سنسَار ۾.

(۵۸)
راتيان رجهَن رام سين، ڏينهان ڪن سَنان،
جوڳي سي اَنان، وٺون جن ورهائيون.

(۵۹)
ڪي جي ڏٺائون، ڏهَڪجي ڏُور ٿيا،
وهڪُ نہ ڪيائون، اُپِيڪُ عيب اُن جو.

(٦٠)
نَہ ڪي طعامُ تنبڙين ۾، نَہ ڪي گبريَن،
مون پڻ مُلا تن، حاصل هي حال ڪَيو.

(٦١)
دَلُقُ ڊِڪائج دل ڪي، لائج ڪو مَ لِباسُ،
پُوري ڪائج پانهنجو، مَڙهيان اندر ماسُ،
نہ ويراڳي تو واسُ، بَر ۾ بوُيون موڪلي.

(٦٢)
جتي عرش نہ اُپ، ڪو، ذرو ناہ زمين،
نہ ڪو سورج چنڊ جو، پتو اُت پَسين،
نہ ڪي تارا ڪتيون، نہ ڪي جِسم جنينَ،
اُني آديسن جي، قَدم ري پِيو ڪين،
ملي ٿيا مسڪين، رام ريجھائي راز سين.

(٦٣)
جتي عرش نہ اُپ ڪو، زمين ناھ ذرو،
نہ ڪو چاڙھائو چنڊ جو، نہ ڪو سِجَ سَرو،
اُتي آديسين جو، لڳو دَنگُ دَرو،
پَري پيين پَرو، ناٿ ڏٺائون نانھِن ۾.

## وائي-١

پانڌي ڪا پريان جي، ڪَر ڪا ڳالھڙي،
ڏيئي باھِ پنيور کي، جَتَن سين آءُ جاندي،
حڪايَتَ ٻَهوتن جي، ادا َ تو ڪا آندي؟
مون کي پيتم پاھيو، خَمر جي آءٌ خواندي،
سا پرَتيئَي سُپرين، الستَ جا آندي،
ڪڏھن ٿينديَس ڪيچَ ۾، ھوتن سين ھيڪاندي؟
پَسَڻَ ڏاران پِرينءَ جي، مُني ھي پَسُ ماندي.

## وائي-٢

ڪوئي ڏونگرُ ڏوريان، ڪوئي جبلُ جھاڳيان،
پھچان وو ميان! شال پرينءَ کي،
لڳڙي پير پرين جي، آءُ جا ڏُونگر ڏوريان.

(بيت)
ڀڳو پيريان نہ پري، چرخي لَڳڙي ڪا،
وادِي ونگو وٽيو، ڪو ماءُ منھنجي لاءِ،
ڀڳو پيرَيان نہ پري، چرخو ڏئي نہ چَسَ،
ماءِ ڪتائيندِئن ڪيترو، من ڪي ماري نہ مَسَ.

## وائي-٣

دليان دُور نہ ڪيجي، پيالي والَڙي سا ڳالھڙي،
رانجھن وَالا زھر پيالا، شربت ڪري پِيجي.

(بيت)
ڪيي ڪَرو قيري، ڪَملا! ڳَلي ميري،
ڪيون نهين آئندا، ڪيون نهين جائندا،
مَين عَاجز بَندي نماڻي تيري،
شاه حسين فقيرالله دا، هو رهيا خاڪ ڪي ڍيري.

## ٽيه اکري

(١)
الف_ الفَا الڪُ من ۾ ڪيو ڪاپڙين،
حرف ڏاران هيڪڙي، ٻيو ڪين ٻُجهن،
فرضُ "فنا فِي الله" جو عَينُ عبادت اُن،
"قل هوالله احَدُ" ٿا، منجهان پرَت پڙهن،
سعادت سارين، گُرَ ڪي گُڏيَا ڪاپڙي.

(٢)
ب_ ٻيئيون برتَنُ ناهہ جو، ڪدا تان نہ ڪٽن،
نہ ڳُلو بَند، نہ گودڙي، نہ ڏاڳو ڏڙڪينَ،
چَڪَرُ چَمڙا چيلهہ تي، ڀڳڙ ڪين ٻَڌن،
"تَرڪُ الدنيا واجبُ"، اها عادت عارفَن،
ٻيون ڏيئي ٻن، گُر ڪي گُڏيا ڪاپڙي.

(٣)
ت_ تيئيون توشو تونڙ جو، ڏريان نہ ڏارين،
ڏُکيا سَکيا ڏِينهڙا، گُهٽَ اندر گهاڙين،
تَوَڪلُ ڪيائون تَرَهو، ٻي وائي نہ وارين،
"قُل هو الرحمٰن آمنابه" اُتي اختيارين،
پر چڱي پارِين، گُر ڪي گُڏيا ڪاپڙي.

(٤)
ث_ ثيئيون ثابت سندرو، تن جوڳيڙَن جڙئو،
حرف سُجاڻي هيڪڙو، منجهان پرت پڙهيو،
"لامُقصُودَ فِي الدارين الاهُوَ" انُ گهَٽ ۾ گهاٽ گهڙيو،
لاهوتيَن لطيف چئي، اندر اَلفُ اڙيو،
جن من ۾ محب مڙهيو، سي گُر ڪي گُڏيا ڪاپڙي.

(٥)

ج_ جيمئون جوڳيڙن جي، جان نِهاري سون جُوءِ،
تان عقل اُت اوچو ٿيو، ھُو ھَليَا مٿي ھُوءِ،
”الحَب للّٰه والبغضُ للّٰه“، خاصي سندين خوءِ،
وجي روبروءَ، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(٦)

ح_ حيبون حال پرائيو، تن آديسَين احوالُ،
ناھ ڪيائون نَفَس ڪي، منجھان زهَد زَوالُ،
”لَنَ تنالُوا البرُ حتيٰ تُنفِقوا مماتُحبون“ پاڙ ڪيائون پئمالُ،
لڏائون لطيف چئيَ، جانَب جو جَمالُ،
نانگا ٿيا نهالُ، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(٧)

خ_ خيبون خَشيتَ خُوف ۾، ڪيائون ڪيني ڪي قتل عام،
ڏٺي ڏاءِ الله جي، ڪوجھو ڪن نہ ڪامُ،
آئي اُن جي باب ۾، آيت ھيءَ انعامُ،
”ان الذِين يَخشون ربھم بالغيَب لَھُم مَغفَرۃ“، پرورَ جا پيغامَ،
خطرا لاھي خام، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(٨)

د_ دالئون ڏُونھون درد جو، دل ۾ دُکائِين،
آٽيو آڳ عشق جي، چَقمَق چھٽائِين،
جيءَ پنھنجو جوش ۾، پَل پَل پَچائِين،
”العشقُ نارُ الله اذقع“، ٿا ماتمُ مَچائِينَ،
خطرا سڀ ڪانئين، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(٩)

ذ_ ذالئون ذڪُر ذات جو، وير نہ وسارين،
سَنياسي سُبحان ڪي، سدائين سارين،
تَسبيحَ جي ترار سين، مُلحدَ ڪي مارين،
جُزاؤُھم عند رَبھم جَناتُ عَدن“ چڱي پَر پارين،
صاحب سنياريِنَ، گر ڪيَ گڏيا ڪاپڙي.

(١٠)
ر_ ريبون راضي روَح ۾، متي رب رضاءَ،
مچيائون محبت سين، قادر جي قضاءَ،
همه سين هيڪُ ٿيا، تن نانگن ناھ نزاعُ،
"رَضي اللهُ عَنهُمُ وَ رضُوا عَنه". جوڳين ايءَ جزاءَ،
ڏيئي ساھ سزاءَ، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(١١)
ز_ زيئون زهد زاُهد ۾، پختا ٿيا پڇي،
ڪڍي ڇڏيائون قَلبَ مان، ڪوجهي ڳالھ ڪچي،
بينا عبادت ۾، مانجهي مرد مَچي،
"وَما خَلقتُ الجنَ والانَس الا لِيُعبدونَ". سَٽيو سَڏ سَچي،
اڪنڊ ساڻ اچي، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(١٢)
س_ سينئون سهجئون سيج تي، سامي نہ سُمهن،
نيٽين ننڊ نہ اُن کي، خوشيءَ خوابُ نہ ڪن،
جانب سندي جيءَ ۾، ورونهن ويراڳين،
"النوم علي المحب حرام". اي ڪلام ڪيائون ڪن،
"النومُ اُختُ المَوت". اِي مام رَکن مَن،
اِهڙن اُهياڻن، گُرَ ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(١٣)
ش_ شينئون شريعت جا، تابعَ ٿيا تمام،
تن کي طريقت جو، منَ ۾ مچ مدامُ،
هليا حقيقت سامهان، معرفت مَقامُ،
اِنَ الذِينَ آمَنَوا وَ عمَلُوالصالِحات" سُٽي آيو تن آرام،
جَنت پيتائون جامُ، گُر ڪَي گڏيا ڪاپڙي.

(١٤)
ص_ صادَون صبر سکيا، ڏُريان ئي ڏٽي،
اُبنا انهين ڳالھ تي، حُزن مَنجھ هٽي،
"اِنمَا يُوَفي الصابرون اجرَهُم". سرها ٿيا سُٽي،
پلئيءَ پت پٽي، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(١٥)

ض_ ضادَون ضلالت ڪان، پاڻان ويا پري،
منجهه مراقبي محو ٿيا، ڪامل قَلَبَ ڪري،
مالها بوئي من جي، پڙهن ورد وري،
"فَلَهُم اَجُرُ غَيرُ ممنُونُ"، سامين سچ سري،
ڏٺيءَ دل ڏري، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(١٦)

ط_ طيبون طالبَن ڪي، ڪو جو پَهه پيو،
پرين پُڇن پاڻ ۾، پيون ٻَن ڏيو،
فرض "فنا في اللهُ" جو، اُنهين عين ٿيو،
"طلَبَ اللهُ ڪل فَريضًا" نانگن ايءَ نهو،
سجاڻي سهو، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(١٧)

ظ_ ظيبون ظاهرَ ذَوق سين، پنج ئي ڪُن پُورا،
هلن واٽ سَماءَ ۾، ڳاڙي ڳُل ڳوڙها،
سناسي سيد چئي، پُوربَ ۾ پُورا،
"هُوَ اللهُ الواحد القهارُ"، ساميءَ منجهه سُورا،
ٿي چاڪَن سَين چُورا، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(١٨)

ع_ عينا عارفَن جي، آهي ڳالهه عجيبَ،
پاڻهين گهائِين گهٽ ڪي، پاڻهين تن طبيب،
وتَنَ واٽ وچٽري، ڪيو نرتَ نَجيب،
"الايمَانُ بينَ الخَوف ولرجَاءَ"، هلنَ ات حَبِيبَ،
ٿيا قادر ڪي قريبَ، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(١٩)

غ_ غينا غُربَتَ جِندڙي، سدا سناسيَن،
ڊچيو ڍاءَ الله جيِ، پورب منجهه پڇنَ،
"اِنَ اللهُ هُوَ الرزاقُ"، سامين سَڏ سُڃن،
جوڳي جنگ جلن، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(۲۰)

ف_ فيبون فڪرَ فِراق ۾، آديسي آھين،
سڳا، سيلون، گبريون جوڳي جَلائين،
"اِن الذِينَ فَتنوالمؤمنيُن"، سناسي ساھين،
سنگت سَنوارِين، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(۲۱)

ق_ قافون قَرابَتَ ڪُڙم ڪان، ڇني ڇڏيائون،
لاھُوت ۽ جَبرُوتَ جا، اُھڄ آنڌائون،
مَلَڪُوت ۽ ناسوت ۾، گھڙي گھاريائون،
"فَيصَرُڪَ اليومَ حَديد" اِيھين اُتائون،
سَڳُرُ ساريائون، گُر ڪَي گڏيا ڪاپڙي.

(۲۲)

ڪ_ ڪافون ڪري ڪرنشُون، ٻڌي اُيا ٻانھون،
اُيي اَلڪُ سامُھون، رَتو رُنائون،
سناسين، سيد چئي، مليون مدعائون،
"ولسَوفَ يُعطيڪ ربُڪ فَتَرضيٰ"، چٽو چيائون،
لائق لَڏائون، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(۲۳)

ل_ لامون سي لاھُوتَ ۾، سَدا سَيرَ ڪَرين،
علَم حلم جا اُتھين، اڇئو پھ پُورينَ،
لڏيو لامڪان ۾، عشرت سين اورينَ،
"وَاللهُ عليٰ ڪُلِ شيءِ قدير"، ڇِپن ڪي چورَين،
ساميڙا سورين، گُر ڪَي گڏيا ڪاپڙيَ.

(۲۴)

م_ ميمئون ملڻ حق جو، اصل آديسين،
جوڳيڙا جھان ۾، اھڙي چال چَلن،
لاھوتي لطيف چئي، منجھان حُب ھَلن،
"اِن الله يُحب المُحسنين"، خوشيان خواب نہ ڪن،
وردُ ويراڳيَن، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(٢٥)

ن_ نونون نانيءَ هليا، سامي سپيئي،
اُڪنڊ ۾ آديس جي، وهڪ تن ويئي،
سناسي سڪڻ ۾، اَوتين آرتو ئي،
"لاتتحرڪ ذرة الاباذن اَللهُ" وسرين مڙوئي،
راوَلَ رت روئي، گُرَ ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(٢٦)

و_ واوون ورق وصال جو، ويراڳي وارين،
وريُن واءِ وصال جو، اُڪنڊ ۾ آهين،
سناسي سيدَ چئي، لوڪ نہ لُڪائين،
"والله غالبُ عليٰ امره"، پَر چڱي پارين،
لاهوتي لَڏين، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(٢٧)

ھ_ هيبون حرف حساب جو، پسڻ تين پَري،
وجي وحدانيت ۾، هَلن پيرَ پَري،
ڳجھ اندر جون ڳالهيون، ڪنهن سين ڪينَ ڪَري،
"لايَفوت وَلاَيمُوتُ"، سامين ڪَينَ سَري،
ڪڙو مُنجھ ڪڙي، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(٢٨)

الف_ الفا آديسين ڪي، سدا سورَ چڙهن،
اندر تن آديس جا، محبت مَچ ٻَرن،
اُلفت عزيزي ناھ ڪا، نہ ڪي جَنگ هلن،
"اَللهُ لَطيفُ بعباده" آيت ايءَ پڙهن،
سناسي سهڙن، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(٢٩)

ل_ لامون لڏي هليا، جوڳي مان جاين،
وٺن واٽ وڇڙي، ڪنهن ڪي ڪينَ چَون،
مَنجا، مَهرا، مڙهيون، سي پُڻ ڪيو پانئين،
"والقَدر خيره وشره منَ الله تعاليٰ" انهين اُهَجاڻن،
ساميڙاَ سَنڪَنِ، گُر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

(٣٠)

يِ- ٻيئيون ٻَرڪُ مڪان ۾، هلن اُپَ سرا،
سامي سفَر هليا، ڏُوراٽي ڏيها،
اُهَڃ آنڊائون اهڙا، جن منجھ ناهي ڏاءُ،
”فَاذْڪُروني اَذڪَرڪُم“، ساميڙا ساراءَ،
جوڳي ويڙا جاءِ، گر ڪي گڏيا ڪاپڙي.

# سُر رِپ

## فصل پهريون

(۱)
گوندر ڪيو غرق، ماءَ منهنجو جندڙو،
ڏکوين مَرڪَ، مٿي سگر پنڌڙو!

(۲)
گوندرَ گڏياس، صحَت نيڙيَم سڄڻين،
مادر مارياس، قوڙائي پرينءَ جي.

(۳)
گوندر هَٿَ نہ پيرِ، وره منجههين وَهٽو،
ڪڙ ۾ قطارون ڪري، سُورن لايا سير،
مون جئَن گهاري ڪير، هيڪلي ريءَ سَڄڻين.

(۴)
اُني جئَن مورن، اويڙَ وَلهارَن ۾،
سا پر گوندر ڪن، جُ قوڙائو سڄڻين.

(۵)
لائي جو ويا، سو منجههين ٿو مُچ ٻري،
سو اُجهامي ڪئان، جنهن سوريندل سپرين.

(٦)
ڪُهَڻ نہ ڪچائي، سُور نہ سانديڻ سٿرا،
اجا تہ آئي، ڏيل منهنجي ڏُکَ سين.

(۷)
جيئَن سو تئيءَ تَرو، ڪامي ڪوري وچ ۾،
مون کي ڏنو سَڄڻين، مَنجهان سڪَ سرو،
وَرُ جهيٽو اِيءَ پرو، مَ قوڙائو سڄڻين.

(۸)
اُيريَم انگورَ، ستي سُپيرين جا،
ڪايو ڪايو سور، لُچيو لوچيو اُٿيان.

(٩)
ڳِرن ۾ ڳِرهيج، روئيءَ ڪج مَ پڌرا،
تان سُوران ئي سَهيج، جان لاهيندڙ ڪو لَهين.

(١٠)
ڳِره مَ ڳِجهو روءُ، پڌر وجھ مَ پرينءَ ري،
سورن سِيرَ هوءِ، هنئيڙا ڪم ڪنن جئَن.

(١١)
لاھ مَ پَچاران، سُڪ مَ سُمَهُ جندڙا،
ڪرَ جهوري ڪيٽان، ڪالهوٽيان اڄ گهٽي.

(١٢)
جهڄي جهانءِ ڪري، ماٺ نہ اچي مون هنئين،
سَڄَڻَ سي ساري، هو جنهين جو هيرئون.

(١٣)
جهوري جهڄَڻ جهانءِ، مون جنهين جي نہ لَهي،
آيل اِئينَ مَ يانءُ، ڪي آءُ جَيندي اُن ري.

(١٤)
جاءِ نہ سجو ڏينهن، هنئڙو اوتي وڳ جئن،
مون پريان سين نِينهُنَ، چِنَڻَ ڪارڻ نہ ڪَيو.

(١٥)
لاهيان جي نہ چِتان، الله اُن نہ وسران،
مڙهيو منجهاران، جِيءُ منهنجو جن سين.

(١٦)
پَل پَل نو پلياس، پَلڪَ نہ رهي پرينءَ ري،
جنهن جهوريءَ ڪان جهلياس، جهڄيو تنهن جهوريءَ پوي.

(١٧)
توٽي جاني جُدا ٿئي، سُوڏو سوال پڇنَ،
سَندا جي پرين، سانڊي ڪجن سُوڪڙِي.

(١٨)
سُڪي جئين سانٺون ٿئي، ڳالهيون مَنَ منجهان،
ڪنهن کي حالُ سلان، مر ٿِيون چِڻڪن چِت ۾.

(١٩)
هريو هٿ ٽيوم، ڳل وهاڻو پُسيو،
سڄڻ ياد پيوم، سُپاڻي صبوح جو.

(٢٠)
ڪَڪَرَ منجھ ڪپار، جُھڙُ نيٽنئون نہ لھي،
اڄ منھنجي چت ۾، اُنا َپرين اَپارَ،
آءُ سڄڻ، لھ ِسارَ، ورھ ويڙھي آھيان.

(٢١)
رون مَنجھيئي مينھُن، ڪَوھ ڪريندس ڪَڪَرين،
سِر او سارو ڏينھُن، مون پريان جو نہ لھي.

(٢٢)
سُتي سنپريوم، ڪو ڳڻ ٻاروچن جو،
ڪنڌِ وهاڻو پنو، هريو هٿ ٽِيوم،
سڄڻُ ياد پيوم، جاڙَ جِيان ٿي جيڏيون.

(٢٣)
سَڄڻَ سَنپرِيامِ، پيبمَ ڪَرُ ڪپار ۾،
جھڙي تھڙي حَال سين، پرين نہ وسريامِ،
هَريا هَٿَ ٽيامِ، نَيَٽئون نِير وَهي.

(٢٤)
سَنپريو جيان، ڳالھيون پريم تُنھنجون،
ڳُڻ ڪيترا ڳٽيان، ٽورن مٿو ناھ ڪو.

(٢٥)
جُ سي سَنپرجَن، سَہ جنھين سين اوريان،
لُنئَن لُنئَن هيٺ وَڄَن، رڳون ربابن جئن.

(٢٦)
چتر رهي نہ چت، سورين صبرُ نہ ڪري،
سڄڻ ساري نت، ويڳاڻو ٿيو وڃلي.

(٢٧)
چِترَ رَھي نہ چِٽُ، وَٽين واڳيو نہ رهي،
رَئيءَ لتجي نِتُ، هنئڙو واتِ ورکَ جِئَن.

(٢٨)

چوري چوري چِٽُ، جان نئِينءُ وهاٽيءَ نِڪَران،
نِيهُن گهرائيِ نتَ، پريَان سندَي پير ۾.

(٢٩)

چيتاريان چُٽڪان، سنپاريان سهي،
اندرِ رُوحَ رَهي، مون کي صورت سُپيرينَ.

(٣٠)

چيتاريان چٽڪن، وساريان نہ وسَري،
وير ورتار ڏُکُن، سَجڻَ پيچُو هڏُ جِئَن.

(٣١)

چيتاري چونڊياس، ڳالهيون سڀ کي سڄٽَين،
جُہ مقابل تِياس تہ سڀ وجنم وِسري.

وائي

جو نَوازي ڏڏ، آسر لاھ مَ اُن جي،
ويهُہ داتا جي در تي، لنگها لاهي لَڏ.
اوڏايان اوڏو گهٽو، ڪوڙا ڪرئين سڏ.
اگلن کي اوڏو وهي، گندا ڪري گَڏ.
ڪَهڙا جَڏَ جَڏوئيين، جُود مَهندان جَڏ؟
اڳيان عجيبن جي، مشڪل ٻڌُ مڏِ.
آدمُ تيانئين خَلقيو، هوءِ جا ڪجي مَنجهان ڪڏ.
اُوليءَ ۾ عبداللطيف چئي، ساجن ڏيندو سَڏ.

## فصل ٻيو

(١)

سجڻ نہ سان پيٽ، ڳجهہ ڳرهيان ڪن سين،
ڳالهيُون انهيءَ ريٽ، سَلا ٻڌي موريُون.

(٢)

ڳالهيون پيٽ ورن ۾، وڌي وڻ تيون،
پَرسين مون نہ ڪيون، گوشي پرينءَ نہ گڏيا.

(٣)

ويو ٻاروچو نڪري، اڱڻ چاڙهي انگ،
روئي ڏنو رنگ، ويچاري وڻن کي.

(۴)
جتي نينهان نڪٽي، رائو رَجَ رَهُون،
لڳي پير لڪَن سين، چڄي ٿيا چُهَون،
تان ڪا سار لهون، هُوتَ ڪميٽي سپرين.

(۵)
ٻاهر لڳهہ نہ ڪو، اندر جهور جهڙ وهي،
وسائيندي وڄڙي، حُب جنهين کي هوءِ،
لالن جنين لوءِ، سي اوڳاٽين نہ اکيون.

(٦)
مُون تان لاهہ مَ سپرين، اکين جا آگم،
ڪري ملار مينهن جئن، وسي لاهہ وَهَم،
تو ڏني مون غَمَ، ڏينهن جا ڏوَر ٿيا.

(۷)
هينئڙو پرين ڪڏهين، ڏک نہ ڏکويو،
سُکن جا پيو تا ڦوڙايو سڄڻ.

(۸)
نيڻَ نہ ننڊون ڪَن، پڳو آرس اکئين،
اُجهاميو ٻَرَن، توکي ساريو سپرين.

(۹)
سَنئين نہ سيٽان، ناهہ اُبتي اُن سين،
وِڄ سهي ويٽان، تو نہ سَرندي تن ري.

(۱۰)
گوني ۽ گوني، پرين پَٽائي گَجَ جئَن،
جي مَن مجوني، سي ڪئَن وجن وِسري.

(۱۱)
اندر اَندريون، جئَن سي وانجهيءَ لٺ ۾،
مون تَن تيٽَريُوَنَ، تہ ڪئن ملبو سَڄَٽين.

(۱۲)
جئَن سي ڪُوهيءَ نار، وَهن وارَيءَ گاڏئان،
هنئڙو پريان ڏار، نِبيريانس نہ نِبري.

(١٣)

سَبرَ سيءُ پيو، نہ مون سوڙ نہ گبَرو،
نہ مون ڪانڌ نہ قُوتُ ڪي، جوڀنُ وهي ويو،
تنهين حالُ ڪهو، نڌر جنهين نجهرا؟

(١۴)

اُتَر اوتُون ڏي، نہ مون سوڙ نہ گبرو،
چارئي چُني پوتَ، مون ريڙهيندي رات ڳَئي.

(١۵)

نينهُن نهائِينءِ جان، ڏَکيو ڪوهہ نہ ڏَکئين؟
ڄَر ڄيري چِڙي، تہ ڪئَن پچندا ٿانءِ؟
سندي ڪُنڀاران، ڪَن ڪَريجا ڳالهڙي.

(١٦)

نينهن نهائينءَ جئَن، ڏکَيو ڪوهہ نہ ڏکئين؟
ڄر ڄيري چِڙي، تہ رَڄ پچندا ڪئَن؟
تون پڻ ڪريج تِئَن، جئَن ڪنڀار ڪرن ڪَمَ سين.

(١٧)

نهائينءَ ڪان نينهُن، سڱُ منجهان سپرين،
سڙي سارو ڏِينهُن، ٻاهَر ٻاڦ نہ نڪري.

(١٨)

نيڻ نهائينءُ جان، سُتي لوڪ ڏِکيا،
اُجهاميو ٻَران، توکي سارِيو سُپرين.

(١٩)

ڪي جو ڪُنڀارَن، مٽيءَ پائي مَنيو،
تنهن مان تَر جيتري، جي پئي خبر ڪَرن،
هي تان هُونَدَ مَرَن، هُنِ اگڻِ اوراتو تِئيَ.

## وائي-١

جي سيٽائي سڱُ، تي ٿي ڏونگر ڏوريان،
ويو ٻاروچو نِڪري، انگن چاڙهي انگُ،
اُتَ مَ پلاٽِيو اونِيا، تان ڪو ڏَميو ڏَمُ،
گهٽو آهيم آسرو، سرهو سيد سڱُ،
ميڙي ميندِيءَ گُلڙا، رات رَتائون رنگُ،
ٻانهي ٻاروچن جي، پُنيءَ لَڳڙي وچ،
مون ان سين نہ ڪيو، ڇِنَڻ ڪارڻ سَڱ،
جان ڪوهيارو ڪيچ ۾، تان مون پيئي نہ پَنگُ.

## وائي-٢

سرتيون سڪڙيُون سارِيان پيرُ پانهنجو، جاڳو اڪڙيون،
توبهہ آهي تن ڪان، جي هٿان مون ٿيون،
لَلاٽيءَ جي لوءَ ۾، ساري رات سُيون،
مون ڪي ڏئين نہ مُنهن ۾، جي مون ڪالهہ ڪيون،
ڳالهيون پريم تُنهنجون، وڏي وَنَّ ٿيون،
گوشي پرين نہ گڏيا، ڪَر سين مون نہ ڪيون،
مون پنهنجي پرين سي، ڳجهيون ڳالهڙيون،
منهنجا ڪم ڪَريم تي، ٻيا ڪن ٻيون،
حُسن راهو مَنَ جو، منهنجو آہ ميون،
هَندِ نہ اُهي هيڪڙي، ميمڻ جو هنئون،
ڪوهہ ڪبو تن ڪي، جنهين منجَهہ ڪَيون،
ارتو اوتَڻ سڪيون، عادت اڪڙيون،
الله، عبداللطيف چئي، صاحب ڪج سَنيون.

## وائي-٣

هاڙهو ڳاڙهو هوت، ڪيچي ڪالهہ لنگهي ويا،
سڪ ٻاروچي نہ لهي، مٿي تائين موت،
لَنگهيندي لڪن ۾ پاٽان ٿِيَس پوت،
متان مون ڪي ڇڏئين، هت هوتاڻَي هوت،
ڏينديَس ڏاڍئين ڏونگرين، تَوهِين ڪارڻ جهوتَ.

## وائي-٤

جئري زيارت، جي مانَ هوء پريَن سين،
سَدّر منهنجا سُپرين، مون تان لاهہ مَ هَٿَ،
موليٰ مون ڪي ميڙئين، سُپيريان جي سَٿَ،
ڇَنڊيان ڪِهہ اڪين سين، پيرين وجهان هَٿَ،
ڏُوران ڏنم سُپرين، هُيم جنهين جي سڪ،
اَديون عبداللطيف چئي، مجيائون مِنٿَ.

## وائي-٥

نيئي پريان کي ڏيج، تان کو نينهن نياپو،
ڪڏهن ڪيو مون ڪونہ ڪو، سيڻ سياڪو،
اٿم گهٽو ان جو، اندر اولاڪو،
ڪڏهين مڪائون ڪونہ ڪو، ڏکيا ڏوراپو،
وجي ڏِجا مُئي جو، پانڌيا پاراپو.

## وائي-٦

ڏيھ وڻ ٿيا مئيءِ ڪان ڏور، جاني! اَلو!
هلڻ سُٽي هوت جو، مُئين نہ معذور،
ڪيچين ڪرھ پلاڻيا، آٽي اُٺَ اَسُور،
تو ڪيئَن ويڙو وسري، ساجن کهڙي سُور.

# سُـر ليلان چَنيسـر

## فصل پهريون

(١)
داغ تُنهنجو داسَڙا، جيري مٿي جن،
تون ڪٿَن مٿان تن، چنسر چِٽُ ڪٽين؟

(٢)
داغ تنهنجو دائما، ماري معذورين،
سائينءُ ڪارڻ سپرين، وِجھ مَ ڏُورين،
آءٌ تو حضُورين، مَٽيو وجهان مچ ۾.

(٣)
مٽيو وجهان مچ ۾، هائيءَ هٽان هار،
پِري جي پِتار، تہ ميريائي ماڻَ لَهان.

(٤)
مٽيو وجهان مٿيءَ ۾، هائيءَ هٽي هارَ،
صُحبي سُڪُ سيد چئي، ڪَرئين ڪوهہ قرار؟
راجا ريساٽو گهٽو، سَٺاٽو سردار،
چوڏس چَنيسر چام جو، ڏيهان ڏيهہ ڏهڪارَ،
ٺاڪُرُ اڪئين ٺارُ، مٽئي تي ٿي مَٺئين؟

(٥)
جو تو مٽيو پائنيو، سو اصل ڪُوڙو ڪچ،
هن ڏِتاري هار ڪي، سو پِي پائنين مَ سُچ،
هاڻ تي ڳالهيُون ڪري ڳچ، اڳيان حرف لهنديئَن هيڪڙو.

(٦)
مَٽئي مٿي موهجي، ڇَريو چِٽُ ٿيو،
هارُ گهٽي هوڏ مان، ڪُچاڙو سَريوءِ،
اڳهين انگ لکيوءِ، پوءِ آيوءِ ڏئون ڏهاڳ جو.

(٧)
مٽيو هار هٽي، پلنگ سر پٿون ڪريان،
ويو چِٽُ ڪٽي، وينڌَر يارو وَلَهو.

(٨)

مٽئي تي موھجي، موڙهي ڪيئي مرَڪ،
چئي چنيسر ڄام سين، وڏو تو فَرَقُ،
وري ويو وَرَقُ، آيئي ڏنءِ ڏُهاڳ جو.

(٩)

مٽئي مٺي جي هُئا، تن چٽن ڦيريُم چِتُ،
هار ڪَٺنديَس هوڏَ ۾، نيِبهُ ٿيندمَ نِتُ،
ڪُونروءَ جو ڪِرت، مونهان مٺاهونَ ٿيو.

(١٠)

مُٽيو ناھ مٽيو، جو تون پَسي هارَ هرڪِئَن،
اَصل آهي اَڳهين، سَنديون ڪُوڙ ڪَٽِيون،
اِن گهوڙن هَنئيَ گهٽيون، دوسنئان دور ڪيون.

(١١)

چانڪ هار ڪَٺنديس هوڏ ۾، پيو ڏھُ ٻہ لهنديس ڏات،
وهاٽيءَ پرپات، مَنڊي اُپينِ تون مامرو.

(١٢)

مَٽئي تي موھجي، هاري ڳيڙئي هارُ،
ڪوڙين ڪيا ڪيترا، انهين خَر خوار،
پري ويو پَتارُ، آيئہ ڏئون ڏُهاڳ جو.

(١٣)

سوئي وَرَڻ ويريين، سا ئي انگن لوڏ،
ڪا ٻڌندي هوڏ، آءٌ ٿي ڪانڌ ڪسوٽيءَ چاڙهيان.

(١٤)

جيڪي چئين ٿي هير، تنهنجي اٿين پٽي جي اڳ چيئي،
تہ خُون سپيئي بخشيا، مَنَ ۾ آٽِي مهير،
هلڻ جهڙا ڪٽيئي پير، تهڙا موٽي آيي مُنهن ۾.

(١٥)

اصل هوا ليلان جا، مٺي ماڙيءَ ماڳ،
چئي چنيسر چاڙهين، لڪين ڏيئي لاڳ،
پيپون ڪنبن راٽيُون، سوپيون منجھ سهاڳ،
چِت چوڙيائين چاڳ، تِت آيس ڏنءُ ڏُهاڳ جو.

(١٦)

تان ڪا وائي وار، دلاسي جي داسڙا،
تون منهنجو وَلَهو، آءُ تو ۾ طمعدار،
ڏَکي ڍولَ گُذار، لَڄَ منهنجي لوڪ ۾.

(١٧)

هِنئي ڦِٽو ڪر هار، سون ڦُلن سين ڪَنجرو،
ڪوءِ سَو اهندڙ پَٽَ جو، جنهن مان وڏ وڙون واپار،
ڪَيڙئي جو ڪارُون ڪري، سوڍيءَ جو سينگار،
تون مُنڌ مُني بيمار، جو ٻَچيءَ جو ٻُهٽو ڪرين.

(١٨)

هلي هار هئو، ٿيم بهانو بوچ جو،
ورَ ٿو ولهيُون ڪري، ڏوٻاسا ڏيو،
هٿان مون پيو، ڪَمين نہ ڪانديلا سپرين.

(١٩)

ڍولا ڍيل مَ مون، ڪانڌ ڪميني آهيان،
سِڪ تُنهنجي سُپرين، پيري وڌيَس پُون،
مون وَرُ تونهين تُون، وَر وهُون ڪيتريون.

(٢٠)

تو ور وهون ڪيتريون، مون وَر تون وريَج،
سو-پيي اِنَ سُهاڳَ ڪي پوري پَرُ مَ ڏيج،
پرتا پير پَريج، مَلهائج مِسڪين ڪي.

(٢١)

ڍولا ڪُڄاڙيان، ٻولائيو ٻوڏُ چئين؟
آءٌ تو پيرانڊِيان، ڪَرَ موڙيو وَرُ اُٿِيان.

(٢٢)

آهين سُونهون ساٿ جو، هِتي هُتي تُون،
گناهُ نہ بخشين مُون، تُون ڏٽيم آهِين داسڙو.

(٢٣)

پينر پريو داسڙو، چنيسر چئي،
هي جو ڏنپ ڏهاڳ جو سگهان ڪينَ سهي،
مون ڪان پَئي، ڪمين نہ ڪانديلا سپرينءَ.

(٢۴)
هيبت ڪانہ هُياس، تہ ڪا دل متيندو داسڙو،
پرينءُ ري پريشان ٿي، جڏهن هَٿان ڪالھ وياس،
سُور پرايائين سيد چئي، پوءِ ٿي ڪلَ پياس،
ڪُوڙ‌ت هارَ ڪياس، ٿي چري چنيسر ڄام ري.

(٢۵)
سُٹو ساهڙيون سرتيُون، وَرُ نہ منهنجي وَس،
دعوا پهرين دَس، پڇيو ٿو پورا ڪري.

(٢٦)
جي وارو نہ ڏئي، تہ پڻ منهنجو وَلَهو،
آءُ تنهن آسري، ويني ولهون گهاريان.

(٢٧)
توٽي ئي مڏئي، تہ پُڻ منهنجو ولهو،
آءٌ تنهن پلي ڪي، پاڻ پرٽيان ڪيترو.

(٢٨)
هُيَس داني درگاهَ جي، پيو درجو هوم واءُ،
چانڪ ڪلي چڙهنديس ڪَٽَ تي، ريجهائينديس راءِ،
ڪُونروءَ، جهڙيُون ڪيتريون، دايُون در مهنداءِ،
پوءِ اهڙو ئي الله، جنهن ڪِلندي ڪان ور ڪسيو.

(٢٩)
تو ڪوني تو ڊوهي، تو ڊِڪي ڪيس ڏار،
پئي رهيا پٽَ ۾، سوييءَ جا سينگار،
مٽئي مُنيس جيڏيون، هائيءَ وڏيَس هار،
دوستنيون دُور ڪيس، هن ڪوڙي اوڳڻ هار،
آهيان عيبَ دار، سڪان ٿي سُهاڳ ڪي.

(٣٠)
تُون ڪوڻين، تُون ڊوهين، ڏئين تون ڏُهاڳ،
دوست تُنهنجو داسڙا، دل اندر مُون داڳُ،
پانيان سپ سُهاڳ، جي مون ڪي وَرُ وهارئين.

(٣١)
جي مون ڪي وَر وهاريين، متي هٿ ڏيئي،
تہ پاڙي ۾ پيئي، هوند ڪانڏ ڪميٽي گهاريان.

(٣٢)

لِيلان حيلا چَڏِ، جي تون صحبي سکَئين،
پائي پاندُ ڳچيءَ ۾، پاڻُ غريبي گڏِ،
هَڏِ نہ چونديءِ لَڏِ، جي کارُون آڻِئين کانڌ کي.

(٣٣)

جي کارون آڻئين کانڌ کي، تہ روئي ريجهائيج،
ليلان لِيلائيج، اتيئي ماڳُ مِنَت جو.

(٣٤)

جي ليلائي نہ لَهين، تہ پڻ ليلائيج،
آسَر مَ لاهيج سَجڻ پاجهيندڙ گهڻو.

(٣٥)

لکڻُ کيمَ لِکيج، جنَّن مُوراهين ناهہ مُون،
مون کَي مَلهائيج، وارو ڏَيئي وَلَها.

(٣٦)

چنيسر سين چاڳ، متان کا مُنڌَ کري،
جان مون پوءِ پروڙيو، تہ هيُ نہ ماڻي ماڳُ،
ڏمريو ڏهاڳُ، سگهو ڏِئي سُهاڳِڻيئين.

(٣٧)

چنيسر سين چاءُ، متان کن کا منڌ ري،
کانڌ کنهين جو نہ وٽي، ڳِيرَبُ ۾ گاءُ،
جي ڙِڙي ڙورڙياءُ، تہ دوسَ دَسائي داسڙو.

(٣٨)

ڏهاڳان سُهاڳڻيون، کهڙي ڏوهہ کَنبن؟
جئن جئن پاڻُ پَسَن، وَرُ وڏوڻو ايَهِين.

(٣٩)

ڏُهاڳان سُهاڳڻيون، سيئي کنبن،
کوهہ چاڻان کي کن، وارو ڏيندو ولهو.

(٤٠)

ڏُبريون ڏهاڳڻيون، ميرا مُنهن سندان،
ويهي ورَ سيڻان، کانڌ نہ اوريو کڏهين.

(٤١)

کانڌ کميڻي آهيان، هلايان نہ حجت،
چنيسر جي چت، هوند کَٽ نہ لايان کڏهين.

(۴۲)
گھوريو سو سُھاڳ، جنھن ۾ پسين پاڻ کي،
ڏوري لَھ ڏھاڳُ، جنھن ڪرلاھُو داسڙو.
(۴۳)
اوڳڻ ڪَري اپارَ، تو دَر آيس داسڙا،
جٺن تو رُسَڻَ سَندي روحَ ۾، تنَن مون پيٺي ناھ پتارَ،
سائينءَ لڳ سَتارُ، َميٽ مَدايُون منھنجون.
(۴۴)
نہ ڪي هو ٻانھُن ۾، نہ ڪي ڳر هئوم،
نہ سينڌ نہ سُرمو، نہ سينگارُ َ ڪَيوم،
تيلانِھَين ڪانڌُ سندوم، رکو ئي رَءِ ڪٽيَ.
(۴۵)
سونا ڪَر ڪَنن ۾، ڳچيءَ ڳانا هار،
ٻانھوتا ٻانھن ۾، سينڌَ سٽيا وار،
تيلانھِين پِيَ پچار، ڪانڌَ منھنجي ڇڏيئہ.
(۴٦)
پوچا ڏنم پيرَ، ڍَڪَڻَ مٿي ڍولَ جا،
مون پانيو تنھن وير، ڪوجھي ڪندو پريتڙي.

(۴۷)
ٽڙڪي پَاسي ٽوڪ، ترڪي تَڪَبَرَ پئي،
اڇيو اڇيو اڱلي، چئي ليلان کي لوڪ،
اَندر اُوپالن سين، ساڙي ڪيائنُس سوڪ،
ٻالاپڻ جو ٻوڪ، ويو ويچاريءَ وسري.

(۴۸)
وَر وسري تہ ڪوھ، پر وَرَ نہ وسريوس،
ڪون چوندو ڪڏھين، تہ ڪو اَڳڻ اُنداھوس.
(۴۹)
جيڪي ڪم سندم، جوتا ڏنا جيڏئين،
ڪِلن سپ مٿانم، ساھيڙيون ۽ سرتيون.

(٥٠)
هُئين تہ گھڻو هوشيار، ڳَل ۾ هُيئي ڪانڌ جي،
تو پانيو موچاري ٿيان، ڳچيءَ پائي هار،
ڪانڌ ڪوڙيءَ جو نہ وٺي، سَئين پٽين سينگار،
وهَم لهي وينجهار، دليون پرڪي داسڙو.

(٥١)
سُهاڳ پڻ سنپران، ڏهاڳ پڻ ڏنوم،
هن اپاڳي حال ڪي، ڪٽي هٿين هار ڇنوم،
ٿنهان پوءِ پيوم، قدر ڪانيارين جو.

(٥٢)
ڏنئي جي ڏهاڳ، جي مون وَرَ وهارئين،
مون ڪي تُنهنجو سپرين، سپوئي سُهاڳ،
اَجهو ۽ تون آڳ، وڏو آهينم ولها.

(٥٣)
هائي وجهان هن هارَ کي، منجهان ڪار ڪٽي،
ڦِتائي ڦتو ڪريان، هٿن ساڻ هٽي،
توسين چام تٽي، اڳليون سپ اوڇون ٿيون.

(٥٤)
جيڪر پانيان ايئَن، تہ ڪا دل متيندو داسڙو،
تہ سور لڳندي سيئَن، هوند هٿين هارُ نہ جهليان.

(٥٥)
تو در آيس داسڙا، اوگڻ ڪري اُپار،
جي تُون رُسڻ سڪيين، تہ پيٽي مون ناهِ پتار،
اونڌا شال اَچار، ڪانڌُ ڪنهن سين نہ ڪري.

(٥٦)
ڳوڙهن ڳاٽُ پيري، جان آيس اڳوٽيءَ هيرَ،
تا نہ آتڻ نہ جيڏيون، پلنگين نہ ڏسان پير،
هاڻ ڪمندي ڪير، جيئَن سرتين سانگ سڏاريو.

(٥٧)
ٻي متان ڪا ورسي، ڪارا پسي ڪيس،
ڊول پراهي تن ڪي، ولها جني ويس،
راٽيون نہ پسي لبيس، دليُون پرڪي داسڙو.

(٥٨)
جان مُون پوءِ پروڙيو، تہ اِيُ وڏوڙيو واپار،
هاڻ ڪڻ هيءَ پنهنجو هار، واري ڏي مُون ولهو.

(٥٩)
ڪِلي هار هٿ ڪيئي، ٿي سرهي سانجهيءَ وير،
خبر نہ پيئي تهير، ڪا پرهہ ٿيندي پڌري.
(٦٠)
هي جي ڏوڻ ڏنجاٽيون، الله ڪيم اچن،
منهن تي مِنيُون چٽيون، پرپٺ گلاَئون ڪن،
تنين ڪاپاتين، جيڏيون مون سين جاڙ ڪئي.
(٦١)
چانڪ چڙهيندس ڪٽ تي، ريجهائيندس راءِ،
اهڙو ئي الله، جو پورهيتون پيش ڪري.
(٦٢)
تو جو پانيو هارُ، سو سورن جو سڳڙو،
چنيسر چت ڪٽي پيو، پورهيتِ جو پار،
اَوٽت جو آچار، ڪانڌ ڪنهن سينَ مَ ڪري.
(٦٣)
ڏاهي هيس ڏيهہ ۾، سرتين منجهس سُڄاڻ،
ڪا جا پيم ڪاڻ، جئَن مُنهن مٽاهون نہ ڪٽان.
(٦٤)
سي ڪيئَن ڪاپائتيون، هارُ جنين جي هَٿِ،
ڏنين نہ ڏوڻ ڏنجاٽين، پيشانيءَ جي پَٽ،
مُني مُوڙهييءَ مَتِ، جيئَن دوست وڃايئي داسڙو.
(٦٥)
هيئَن ڪريو، هونئَن ڪرين هيءَ ڪنهن آچين گتَ،
وَرَ وسُوڙي آهيان پسي تُنهنجي پَٽ،
مون ڪي آئي مت، پيُون ڪنبنديون ڪيتريُون.
(٦٦)
تاسري تيل پيو، ڪو سو چڙهيو چلُهہ،
ڪني هَي جي ملُهہ، آءٌ ليلان جا وَلَها.
(٦٧)
الله ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ئي ڏک ڏسن،
مون سين مون پَرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.
(٦٨)
جڏهن جر هاريو ٿي جڪري، رنئي ڏئڙي ڊار،
ڊولي تڏهن ڊولئين، صحبي ٿِيئي نہ سار،
چنيسر ڀتار، حيلو ڪيو هار جو.

(٦٩)

او ڏمريو ڏِسَ، حيلو هَنئين هار جو،
سُٽيو سپ سرتيون، اِيءُ وَرَ نہ ڪنهن وَس،
دعويٰ پهرئين ڏَس، پَڇيو ٿو پورا ڪري.

(٧٠)

ڪوڙِين تُنهنجون ڪامڻيون، تون ڪوڙين سندو ڪانڌُ،
مون کي ڇَڏ مَ داسڙا، تہ وڃان نہ وڻواند،
مون ٻَڇيءَ ۾ پاندُ، تو چنيسر هٿَ ۾.

(٧١)

چنيسر چورنگ، ٻرنگو لوڪ پيو،
تنهن سين ڇِنئو سڱ، وڃيو هار هَٿَ ڇُهين.

(٧٢)

چنيسر جي چت ۾، ڪي جو اڳ هئو،
تهان پوءِ ٿيو، مٽئي سندو مامرو.

(٧٣)

سوري ساٿاريا، پَڪو سَهو ورلائو،
چنيسر ڪانڌا، تان مون هئَن نہ پانئيو.

(٧٤)

ڏسي ڏَنپ ڏهاڳ جو، ڊوليا آءُ ڊائي،
ڪانڌ نہ ڪوٺي ڪڍهين، ٻر ٻر ٻاجهائي،
پائي پاند ٻَڇيءَ ۾، اڱڻ تو آئي،
وارين نہ وائي، ڪا دلاسي جي داسڙا.

(٧٥)

نانو نماڻين جو، مَڪَر ڊول ڊلو،
ڪونهي ڪميڻن جو، بگر تو بَلو،
تُنهنجو نام نِلو، وٺيو ويٺي آهيان.

(٧٦)

وڏيري هُياس، ميڙو مون گهر سرتئين،
هٿ ڇُهڻ هار جي، ڪڙي ڪانڌ ٿياس،
ڊولي ڊيلياس، آيمُ ڏئون ڏُهاڳ جو.

(٧٧)
وڏيري هياس، چنيسر جي راڄ ۾،
ڌُهلين دمامين نُقرين، پَر ۾ پُڇياس،
ڍولي ڍيلياس، تيس ڏهاڳڻ ڏيهہ ۾.

(٧٨)
هيس هندورن ۾، پيم ڪانہ پَرُوڙ،
مٽئي سندي مامري، ڪوجهي وڌيَس ڪوڙ،
سامهان تيس سور، ويو وَلٽي وَلَهو.

(٧٩)
سِپيئي سهاڳڻيون، سِين ڳچيءَ هارَ،
پَسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، سهسين ڪن سينگار،
ڍولَ تِنهين ڍار، هيڻانهيون هلن جي.

(٨٠)
سِپيئي سهاڳڻيون، سِيني ڳچيءَ هَس،
پسڻ ڪارڻ پرين جي، وڏا ڪيائون وَس،
ڍول تنهين جي گَس، هيڻانهون هلن جي.

(٨١)
سِپيئي سهاڳڻيون، سِيني مُنهَن جَڙاءُ،
سپ ڪنهن پانيو پاڻ کي تہ ايندو مون گهر راءُ،
بيٺو تن درانءُ، جي پسي پاڻ لڄائيون.

(٨٢)
سُتي خواب لڌوم، جان هُيس هوت حضور،
گهٽيُون گهمندي ڍول سين، نئون نينهن لڳوم،
جاڳي جان ڏٺوم، تا پاٽان ڦٽ فراق جو.

(٨٣)
لڄ مُنهنجي لوڪ ۾، واري جڻَن ويئي،
جڻَن اٿو پئي پاٽيءَ ۾، پگهرجي پيئي،
مٿي هٿ ڏيئي، ڪانڌ نہ ڪوني ڪڍهين.

(٨٤)
ليلان جمَ لڪائيين، صحبي ساڻ سڄاڻ،
آهئين گهڻو اڄاڻ، مُڇُڻ پُوري نہ پئين.

(٨٥)

ليلان جم لکائين، چئي چنيسر ساڻُ،
وَر سين وڙهيو اُٺئين، موڙهي مُنوئي پاڻ،
پوري ڪَيُئي پاڻُ، تي آيُئي ڏنءُ ڏهاڳ جو.

(٨٦)

ليلان پوري نہ پئين، چئي چنيسر ساڻُ،
تو جو پانيو پانهنجو، ريساٽو راڄاڻ،
پاٽان ڏار پُرياڻ، ڪانڌ ڪنهن جو نہ وٽي.

(٨٧)

چئي چنيسر ڄام سين، ليلان تون مَ لَڪاءِ،
دوس تُنهنجو داسڙو، ڪاندِ وڏيائي ڪاءِ،
تہ ڍولو ڍَڪ سندياءِ، عيبنَ ڪي آڏو پئي.

(٨٨)

چئي چنيسر ڄام سين، ليلان لڪاءِ مَ تون،
اِيءُ ڪانڌ ڪنهن جو نہ ٿئي، نہ ڪا مون نہ تون،
رئنديون ڏنيون مون، اِن در مٿي دادليون.

(٨٩)

چئي چنيسر ڄام سين، ليلان لڪايوءُ،
تو جو پانيو پانهَنجو، تنهن جو پَرو ڪون پيوءُ،
ڪونئروءَ ڪانڌُ سندَوءَ، دوست ڪيو داَسڙا.

(٩٠)

سارج سپيئي، ليلان لڪڻَ پانهنجا،
وَرَ سين وڙهيو اُٺئين، ڏوراپا ڏيئي،
نہ ڄاڻان ڪيهي، چنيسر جي چِت ۾.

(٩١)

ليلان لُڇ مَ ايترو، اُٿي سور ٻُهار،
ڍولو اَگڻ پار، ڪانڌ ڪمينيءَ آئيوَ.

(٩٢)

ليلان لُڇ مَ ايترو، اُٿي اڱڻ سور،
اَبو ڏاڏو گهور، پاڻ سوڏو پرينءُ تان.

(٩٣)

ليلان لُڇ مَ ايترو، ويئي ڳالھہ ھٿان،
چنيسر ھٿان، ڪونہ پُنو تو ڪاجڙو.

(٩٤)

ليلان ڇڏ ليھورَ، وڃ پنھنجي مائٽين،
اسان پڻ لھي ھور، تُون پڻ سُکياٽي ٿئين.

(٩٥)

ليلان ڇڏ ليھور، وڃ پنھنجي مائٽين،
ابو ڏاڏو پانھنجو، مٿان چنيسر گھور،
زاريءَ ڏارا زور، ڪين ھلندو ڪانڌ سين.

(٩٦)

ليلان ڇڏ ليھور، وڃ پنھنجي مائٽين،
ھار منجھارون ھور، تو سو ڀي سُور پرائيو.

(٩٧)

ڪَؤنرو ڪوسو چاڙھيو، تُون ليلان پنھنجو لاھہ،
سندي ھار اُھاءِ، وجي اور ارٿ سين.

(٩٨)

ڍولا اولا نہ سُھان، آڏا اڏيئي جي،
تو وَرَ وھُون ڪيتريون، مون وَر تو وَري،
پرتان پير پري، ملھائج مسڪين ڪي.

(٩٩)

جي مون موڙھي مَتِ، تہ تون پاڻ سڄاڻج سپرين،
اصل اواين جا، عيب ڏِڪيئن تون اُت،
اِيءَ پَر تُنھنجي پَت، جئن ولھيون ڍڪئين وَلَھا.

(١٠٠)

لھيو ٻَڌيو روءِ، اڱڻ جھوڪيو ڪَرَھو،
ڪو چنيسر چوءِ، ليلان وجي لڏيو.

(١٠١)

لَڏ تہ لڏايوءِ، مُنڌ مَ روڪيو ماڙھُئا،
ھيءَ اُھائي جوءِ، جنھن مٽيءَ تي وَر مَٽِيو.

## وائي-١

آءُ پرين جي گهر پيهي، ميان چنيسر! هارُ هٿان مون ڇڏيو،
پُڇن ليلان، َهَو کن حيلا، ٻهر اچيو ٻيئي،
دوسَ نيائون داسڙو، ويساهي وَرُ ويهي،
اوڳُڻ عيب مَنائيون، ڊولا ڍَڪُ سپيئي،
تو دَر اچي داسڙا، آر کنديس کيهي،
آيس عبداللطيف چئيَ، در تو پيهي.

## وائي-٢

مون تي وَهر وَري، وارو ڏيندم وَلهو،
توکي ساري سُپرين، آءٌ پونديس ماڳِ مري،
توکي سَري سُپرين، اسان تان نہ سَري،
اسان توريءَ نَاه کا، ڳجهاندرَ ڳَري،
اديون عبداللطيف چئي، مون تي محبن مهر ڏري.

# سُر بلاوَلُ

## فصل پهريون

(١)
وسهُ انهين ويڙ ڪي، جئَن دعوت ڪي داتا،
مَضمضه واتان، وجهہ تہ ڏيئي وات ۾.
(٢)
ڪڍي گهَل گهَران، صلح ڪر سلطان سين،
تہ تون تنهن دران، ڏيهاڙي ڏانَ لهين.
(٣)
پيءُ مَ ظَهُورا، وانءُ اورانگهي اوريان،
وچان جي وصال ڪي، سي سڀ اُجُورا،
حاصل حضوران، سمي جي سڀ ٿئي.
(٤)
سما تو سر چَٽ نات پاڳارا پرسَ پيا،
ڳهڻَ تُنهنجي ڳيچڙي، اچي جالَ جَڳٽُ،
جِن جيهائي پَٽَ، تن تيهائي بِڪيا.
(٥)
پيريون پيري پَچُ، هي جي منجهان پوريون،
ٻي دَر ڪنهين مَ وڃ، ري هاشميءَ هيڪڙي.
(٦)
سمو تن سڏ ڪري، جن تي وڏو ويرُ،
اُٿي تہ آجي ٿيان، پاءِ پاڪوڙي پير،
تو ريءَ پيو ڪير، سَرَڻِين جا سوٿا سهي.
(٧)
سرڻين جا سوٿا سهي، وسيلو ولَهن،
لُڏي ڪين لطيف چئي، اڳيان لال لڪن،
جِت ڪوڙين ڪِينَ ڪُڇن، اُت پاٻوهيَ پڏرو.
(٨)
جو چُليون پَسي نہ چَڪيو، تنهن واڪاڻيو وَڪَ،
لُڏي ڪين لطيف چئي، لڪن اڳيان لڪ،
پير نہ موڙي پانهنجو، تڪيءَ پيئي تڪ،
سَرڻن ڏي نہ سڪ، هَڪلِ سين هالارَ ڏَٽي.

(٩)
ٽڙ ٽڙ کي ﻫَ ٽَرسُ، سَرُ نهارج سَپرو،
ڏيندئي لَکَ لطيف چئي، راڄ راهو جي رَسُ،
ولها جنهن وهيان ڪيا، پاڳ تنهنجي پَس،
ڪَوڙين لاهي ڪس، جو ڳالهائي ڳاٽُ ڪٽي.

(١٠)
آروڙجي اُٺيو، ديمن پيسَ ڏُکَ،
لاٿائين لطيف چئي، عالم ٿان اهکَ،
تن سرٽن ٿيا سُکَ، جي اَجهي آئيون اَبڙي.

(١١)
آروڙجي اُٺيو، ديمن پيس دانهن،
پاٻوهيو پيرَ ڪٽي، سمو سرٽن ڏانهن،
مٿان مٿي ٻانهن، اُبو آچي سلطان کي.

(١٢)
علاؤالدين آئيو، تنهنجي هاٿيءَ هاڪَ هَنئي،
ٻگو ڪوٽ ڪُفار جو، پيئي ٻيچ پئي،
آرَڻ ٻڏي ابڙي، ٿي رڻ ۾ رُڪ رَئي،
تيغين تاءُ تکو ڪيو، سگهو ڪون سَهي،
”رَب هَب لِي اُمَتِي“، چڙهيو چام چئي،
سمي سام ڪنئي، سرٽن جو سک ٿيو.

(١٣)
علاؤالدين آئيو، تنهنجي هاٿيءَ هنئي هاڪ،
ٻڳا ڪوٽ ڪفار جا، ڏسي طمطراق،
مڙسن منهن پئي ويا، سٽي ديمين ڏاڪ،
چَئي ”رب هلي لي اُمتي“ چڙهيو بهادر براق،
پِڙ ۾ اچي پاڪ، سرٽين کي سُک ڪيو.

(١٤)
علاؤالدين آئيو، ڪٽي چَل چَڳيرُ،
ڪنهين ڪين همٿيو، ڪانَ جهليندو ڪيرَ؟
سومرين سام ڪنئي، ابڙي ڪيو اُتَ پيرُ،
هو مهائِين ميرُ، پر مَستُوراتن ماريو.

(١٥)
سرٽن جي سکُ لاءِ سام ڪنئي سردارَ،
جي آيون ابڙي آڏار، سي سُونگ نہ ڏينديون سومريون.

(١٦)

آءُ جکري جيهو، پُرس پسان کو پيو،
وائي جنهن جي وات ۾، ڏيو ۽ ڏيو،
وجي چو نہ وهو، ان در متي مگٽا.

(١٧)

ٻين مڙني ڏنيون، ڏئي نہ ڏونگر راءُ،
اڻ ڏِنِن آڏو قري، ڏنِيون ڏي کئانءُ،
لوريون لک مٿانءُ، ان مٿيري موٽائيون.

(١٨)

اَبڙو آگاهن ۾، پَرَ جهلو پاري،
سمي سوَالين کي، ويله وساري،
مُنهن مُني جکرو، طاماعَن َتاري،
پُڇي سي پاري، جي عاجزا اَجورن ۾.

(١٩)

ابڙو آگاهن ۾، سَپَرُ جِئَن پيلي،
سي پَٽ کنهن نہ پُوريا، جي تو پَرُ پيلي،
سجڻ سانوڻُ مينهَن جِئَن، رُجون تو ريلي،
اچن جي ويلي، تن بورَ بخشي پٽَ ڏٽي.

(٢٠)

ابڙو وَڏُ وڙو، سُوڙو جَلهي سو سامُن،
سرٽن جا سونا سَهي، سمو سُونهن سپن،
تو دَر تُرکَ اچن، کئَن کريندين کڇ ڏٽي؟

(٢١)

پڙ ۾ اُپو پاڻِ، ساٿين سَڏ کري،
پلي جي لاڏاڻ، سپ لنگهيندا لکيون.

وائي

مون ۾ عيب اَپار، يار سَتار! آءٌ جا طامع آهيان تُنهنجي،
هيکُ وجايم ويسري، چاٽي سپ چمار،
هن منهنجي حال جي، توکي سُڌ ستار،
اَمر اوڏي نہ ٿيا، نهيءَ کَيس نکار،
جيکي وَهي وجود ۾، سو تون چاٽين چاٽٽهار،
جيئن سي گل گلاب جا، کڙيا کٽٽهار،
مون کي سِک سيد چئي، آهي مديني موچار.

## فصل ٻيو

(١)

جکرو جوڙي، پاڻ پَيدا ڪيو،
ڪيھَر جئَن ڪَرُ ڪٽيو، ميچون مَلِ موڙي،
سمنڊ جئَن سير ڪيو، ٿو ٻار جئَن ٻوڙي،
گھوٽ چڙھيو گھوڙي، پيچين لائيا پيچرا.

(٢)

جکرا تون جئَين، تُنھنجو ڪنين مَد مَ سُٽان،
اکين ۽ ھِنئين، ٻنھين تاري تنھنجي.

(٣)

جکرا جئين شال، تنھنجو ڪنين مدو مَ سٽان،
جنھين تو اچي ڪالھہ، نالائق نَوازيا.

(٤)

جکرو جَس ڪرو، پيا مڙيئي خان،
مِٿي اُن مڪانَ، اصل ھئي ايتري.

(٥)

جکرو جس ڪرو، پيا مڙيئي چام،
مِٿي اُن مقام، اصل ھُئي ايتري.

(٦)

جکرو جس ڪرو پيا مڙيئي مير،
جيان ڪريو جکرو، تئيان نہ پريا پيرَ،
مٿي ان خمير، اصل ھئي ايتري.

(٧)

جکرو جَس ڪرو، پيا مڙئي مَلَ،
سمي جي سھاڳ جي ڪنھين نہ پيئي ڪَل،
مِٿي ان مُرسَلَ، اصل ھئي ايتري.

(٨)

جکرو جس ڪرو، پيا سڀ اَنيرا،
جيائين جڙيو جکرو، تيائين نہ پيا،
مٿي اِنھِين ماڳان، اصل ھئي ايتري.

(٩)

ڏٺي جادم جکري، چت نہ پيا چڙھن،
تہ ڪي ڪوھ ڪَڇن، ڄَہ سَر لَيي سَيِرو؟

(١٠)

سَرُ نھارج سَيِرو ٽَڙِ ڪيُم ترس،
لاھيندئي لطف سين، مٿان قَلب ڪَسُ،

اوڳا ڇڏ آرسُ، اوڏو تي تہ اُجرين.

(١١)

جان تُون ساقي آھيين، تان وتي وچ مَ وڃھ،
جود تنھنجو جڪرا، آھي ثاني سُج،
نينھن پيالو نجِ، خالص ڏج ڪُھين ڪي.

(١٢)

هَٿان جادم جڪري، وَتي وُچ نہ پوءِ،
پئي پُر سو ٿئي، جو حاتمَ پاسي ھوءِ،
ڪيف ڏارا ڪوءِ، جئي ڪو مَ جھان ۾.

(١٣)

ھٿان جادم جڪري، وتي وچ نہ پوءِ،
پي پي سو پُر ٿِئي، جو حاتمَ پاسي ھوءِ،
ڪَيف ڏاران ڪوءِ، جئي ڪو مَ جھان ۾.

(١٤)

ھٿان جادم جڪري وِتي پوءِ مَ وچ،
اچو آيا نچ، سمي وائي وات ۾.

(١٥)

راھوءِ جا رھيامِ، سَنيھا سرير ۾،
ٻيا در وِسريامِ، ڏٺي جادم جڪري.

(١٦)

راھو تنھنجي ريت، پَر ڪندين پڌري،
گھٽا گھوڙي چاڙھئين مسافر مسيت،
پُڇين ڪانہ وڏيت، جي آيا سي اگھيا.

(١٧)

جڪري جھو جوان ڏسان ڪونہ ڏيھنَ ۾،
مُھڙ مڙني مُرسلين، سَرسُ سندس شانُ،
”فَڪانَ قَابَ قوسَين او ادنيٰ“، اي مُيسرُ ٿيس مڪان،
اِي آڳي جو احسان، جنھن ھادي ميڙيم ھھڙو.

(١٨)

سمو سوائي، ٻھون ٻئِنئان اڳرو،
دانہ جي دربار ۾، ورتي اي وائي،
ڳھَڻ ڳالھائي، مَھَڻ سيِ ملھائيا.

(١٩)

جيھس ڪونہ جھان ۾، سنڌ سورت، ھند ھاڻ،
در داتا مڱ مَڱتا، ٻي جي ڪڍ مَ ڪاڻ،

پاٽوندر پاڻ، حال پسي پالِ ڪري.

(٢٠)

ڪري آس اپار، پاري جهليو نہ رهي،
ٻيلي ۾ گرنار، اُنو گنگا جَرُ جڪرو.

(٢١)

پيهي پنُ پاتار ۾، جت ڳڙه گنگا جر راءُ،
ڇڏي حَيلا هن هنڌ جاَ، تي جڪري پاسي جاءُ،
اوڏو تيءُ َ الله ڪي، ڪاڄ تنهنجو ڪاءُ،
سُڪن ايندئي سَاءُ، ويلَه ويندئي وِسري.

(٢٢)

ڏمريو تہ ڏئي، ٻَرچي تہ پاٿَ پَري،
جُنگ جڪري ڪي، ٻئي چڱيون چت ۾.

وائي

آسرو آهي يا الله! مون کي هوت دوست حبيب جو،
جان جان اوڏا ڪرها، پُڄان تان نہ ڪاهي،
موٺُ منهنجا سُپرين، واڳون ورَائي،
شفاعت جا شفيع جي، تنهن ۾ ڦير هَڏِ نہ آهي،
مير محمد ﷺ ڪارڻي، اڙيا ڇوٽائي،
اهي ڪم ڪريم جا، جڱن لَنگها لَنگهائي،
لطف ساڻ لطيف چئي، مُوڙها مِلائي.

## فصل ٽيون

(١)

جو مُلن کي ميهڻو، سو ئي مون سردار،
پُٺي لائي پانهنجا، ساقي ٿيو سوار،
آهي "اسدُ الله" جو عطا کي آڌار،
ڪلي ويرَ ڪٽڪَ ۾، حامي همت هٿيار،
جاَبرَ ذوالفِقارُ، هردم آهي هٿ ۾.

(٢)

ليبي لعنتي کي، آٽيءَ ۾ آهي،
انڌو مون عليلَ تي سينو ٿو ساهي،
علي شاهہ اڇيج تون، تنهن ڪافر تي ڪاهي،
لٽي وجهہ لاهي، مٿو مجوسيءَ جو.

(٣)

مار مَ مُطيع کي، مجوسيءَ کي مار،
وڏي جنگ َ مَ وسار، نِنڊيان نفعو ناه ڪو.

(۴)

نِنڊيان نفعو ناه ڪو، وڏي مَ وساري،
مجوسي ماري، اڪبرَ ڏي اچيج تون.

(۵)

اصغر ڏي آهين گهٽا، تون اڪبر ڏي آءُ،
متان لوڙُو لاهئين، مجوسيءَ مٿانءُ،
حيدر جي هٿانءُ، وڙهہ تہ ويري مارئين.

(٦)

پانڌَپ سين نہ پاڙيان، سوين پيا سَردار،
آهي مثلِ مينهَن جي، سخي تُنهنجي سارَ
حاتم هَزدهٗ هزار، جَهڙ تُنهنجي جَهپيا.

(٧)

جهڙ تنهنجي جهپيا، هزارين حاتم،
ڪوجهن سندا ڪمَ، ڪاملن ري ڪيرُ ڪَري؟

(٨)

جي تون آسائو آئيو، تہ ونئُن جڪري لائي،
متان وَڙُ وڃائيين ڪنهن ٻي در ليلائي،
سمي سامائي، چِنتا لٿي چارڻين.

(٩)

جي تون آسائُو آئيو، تہ چانئڻ ٻي مَ چور،
ڪيرا ڪُميتن جا، ڪٽي آڻي ڪوڙ،
ان دَر عراقي گهٽا، چانگون ڪيو چوڙ،
تنهن سَيد وڏي سوڙ، جنهن ۾ مَڻو هنيو مڱڻي.

(١٠)

سمو سخاوت جي، وينو پُڇي پَر،
ڪوٺيو ڪنگالن کي، ڏئي دلاسا دَر،
مٿي ولهنِ ور، ڏيهاڻي ڏاتار جيَ.

(١١)

وينو ڏسي ڏاتار، ٻڌيو ماڻڪ مورِيين،
ڪَڻُ نہ جاڻي ڪي ٻيو، وڃا جو واپارُ،
لٿو ڏُرت ڏڪار، جُنگ ساماٽي جڪري.

(١٢)

ڪوه نہ جُهارئين جڪرو، جنهن ڏيه ڍِيا ڏيئي؟

جي لُڏيا تي لينگھن ۾، شالن ۾ سيئي،
سمي سپيئي، طاماعو تار ڪيا.

(١٣)

الله جُنگ جين، جنهين اجهي گهاريان،
شال مَ سُڪي ويرَي، جٿان پَيءُ پيَن،
مَرڪڻ اَڪڙين، تو َ ڏني مون سُڪ ٿيو.

(١٤)

ايندي لَتي اُج، پيرَ پَريندي ٿَريا،
مَنجهه ويرَيءَ سُج، ڪَر لڏي رڻ اُڪارئين.

(١٥)

تون اوڏُرُ تون اَوڏَڪو، تون اَجهَو تون اَڱُ،
هت پڻ تنهنجو تڪيو، مهند پڻ تونهين ماڳُ،
سَي لوريون ڏيُن نہ لاڳُ، جي اَجهي آيُون ابڙي.

(١٦)

سَڌُرُ شهتيرن ۾، پَرَجَهلو پاري،
سمي سوالين ڪي، ويلهَين وساري،
پُڇي سي پاري، جي عاجزَ عجوزَن َ ۾.

(١٧)

اَڪين سوئي اوڙڪيو، جو ڪَنين سوم ڪَرَنُ،
ماءُ منهنجو مَنُ، چام پَسنديئي پَتيو.

(١٨)

پَسنديئي پُر ٿيا، جڪرو ئي جاجڪَ،
تٿان ڏني مَڱڻي طَهُورا جي َتڪَ،
سَمي پڳين سِڪَ، واصل ٿيا وِصال ۾.

(١٩)

جي اُڏَميو اچ، تہ وُسندو سون پُٺي،
جال ڍئيَندو جنگ، جڳ ڍئيندو جڪرو.

(٢٠)

جن نہ جُهاريو جڪرو، ويلهہ تن نہ وجي،
سمو تنين سَجي، جي اَڻ توٽيا عالم ۾.

(٢١)

اَجهي جنهن جي آهيان، تنهن وڏي چام چمار،
ٻاجهہ جنهن جي ٻار، انئي پهر اگوندرا.

(٢٢)

جئين گنگا جر هاريو، تيئَن اکين پُنو نينهن،

سڪي ٿي سلام ڪي، سپان سارو ڏينهن،
سَندو موتين مينهن، جال وسايو جڪري.

(٢٣)

ڏُڪو دارُونءُ هيڪڙو، جي وڪامي پدم،
سمو پريو قدم، تو جال پياري جڪرو.

(٢٤)

ڏُڪو دارُونءُ هيڪڙو، جي وڪامي نيل،
سمو ڄام سبيل، تو جال پِيَاري جڪرو.

(٢٥)

اُڏَميو اوڙاه، لکين وَهَن واهڙا،
سمَي سَرو چڪائيو، پيئي شاه گداءُ،
هوتِياٽي هَٿا، وڙَ بہ وڄَن واسئيا.

وائي

جئان ڏنائون پيرَ، جئان ڏنائون،
ڀَڳا ڪوٽ ڪفار جا، اچي عليءَ شير،
مٿي اگڻ آئيا، سُونهَڻ لڳا سيرَ،
جيان ئي نبيؐ نڱيو، ڀَري مُبارُڪ پيرَ،
ساري شفيع ڄام ڪَي، هينئڙي لڳي هير،
لٿا ڏُکُ سُکَ ٿيا، ٿي واڏائيءَ ويرَ،
لُطف تو ريءَ لطيف چئي، ڪندو پيو ڪير.

## فصل چوٿون

(١)

وڳند وَري آئيو، وَسن ڪِينَ وڏوس،
گندي، مانيءَ، ماڳُ موچارَو، پاسِي پير ٿيوس.

(٢)

وڳند وري آئيو، پينارنئون پوءِ،
محڪم لڳس موچڙا، ذرو نہ ڏنس جوءِ،
وينو ايهين چوءِ تہ پيران پاسي نہ ٿيان.

(٣)

اسُورَ سَندي آسري، وينو آه وڳند،
هَڏَ نہ ڇڏيندو هنڌ، آيس بُوءِ بهار جي.

(٤)

اسور سندو آسرو، وڳند ڪي وڏو،
جُسي ۾ جڏو، پَرَ ڪِيَڻ تي کُڙا ڪٽي.

(۵)
وڳند وري آئيو، بَدُو سين بَدبُوءِ
خاوند ڏي خوشبوءِ، تہ سُرھو ٿيان سيگھہ ۾.
(٦)
وڳند وري آئيو، ڪِنو ٿي ڪوجھو،
ڇڏي نہ موزو، لڳس آر عطار سين.
(٧)
داتا سَندي دَرَ تي، وڳند وينو پَسُ،
تنھن روڳيءَ کي رَسُ، جو آلُودو آزار سين.
(٨)
دائِمُ آھي در تي، وڳند ويچارو،
عطر سين آرو، لڳس تي لڏ ڪٽي.
(٩)
داتا سندي در تي، وڳند ٿي وينو،
بصر سين بازار ۾، ڪَرَ واٽيو ڇينو،
دران تنھِين پينو، جِت ڪُفر تان ڪِينَ ٿئي.
(١٠)
وڳندَ وري آئيو، نسورو نَرڳ،
گندا گلابي ڪَري، سيد جو سَرڳ،
عطر سين اورَڳ، تہ ھئين سَدائين سرھو.
(١١)
وڳند وري آئيو، بَدو بي نَماز،
جِئن تِنُر مٿي بازُ، وڳند تِئَن خوشبوءِ تي.
(١٢)
وڳند وري آئيو، ڪوڙيان ڪَلاٽُ،
سَندو ڪِرڙ ڪاٽُ، ھَڻُ نرڳيءَ کي نڪَٽين.
(١٣)
ٻانڊو پيلي نہ ٿيو، ورُو اڄ ويو،
پيٽر پَنڊِ پيو، سُونھاري سيد ڏي.
(١٤)
جھڙا ڪانگ ڪراڙ جا، تھڙا ٺُڪيل ٺوڙ،
جَيڏانھن عالم آسرو، تيڏانھن پيين سوڙھہ،
سُڄن ڪئي سادات ڪان، موڳن پسو موڙ،
پائي ڳچي نوڙ، ھٽندن نيئي ھاوي ۾.

وائي

ڏک ڏکيندو، مُون نہ ڇڏيندو، شِفيع شافع سُپرين،
اَنڌا ا ُ ُنڌا، آڱُريا، سپ ِ نِباهي نيندو،
وڻان ويچارن جي، دارُون ِپاڻ ڏِريندو،
جي ڏهرين ڏاکڙا، لَکَ سي لنگهائيندو،
نور ناڪارو نہ ڪَر، محمدﷺ منٿ مڃيندو،
هت پڻ حامي هن جو، اڳيان آڌر ڏيندو،
طهورا ِتڙين َڪي، پاندپ پيارينِدو،
پاڻُ سُجاڻيَ پاڻهين، ڪامِلُ ڪَرم ڪَريندو،
تَنبُو آڻي تاءَ ِمِ، عاصيَن ڪاڻ اَڏيندو،
داتا دوزخيَن تان، ليکو لَهرائيندو،
رسَنَ وير رَسي ڪَري، مُشک رنگ مٽيندو،
”رَحمةُ لِلعالمينَ“ اهُکي آڳُہ ٿيندو،
اُتي عبداللطيفَ جو، هادي هٿ جَهليندو.

# سُر ڏهرُ

## فصل پهريون

(١)
ڪَر ڪي ڳالهَڙيون، ڪَندا ڍور ڏَٽيَن جُون،
ڪِئَن سي راتڙِيُون، ڪنَهن پَر ڏينهن گذارئيہِ؟
(٢)
ڪر ڪا ويهي ڳالهہ، ڪندا ڍور ڏٽين جي،
هھڙي اڄ حال، ڏُکيا ڏينهن گذارئين.
(٣)
ڪندا تو وتان سچ ڪ سيٽن لَڏيو،
مَجَرُ تو مٿان، چِٽيو پوءِ چُڳيئين.
(٤)
ڪندا ڪچاڙيا، اُپو آهين ريل ۾،
پرين پڇاٽا، سُڪي ڦانگهو نہ ٿين.
(٥)
ڪندا ڍور ڏٽين توکي ڪونهي سُور،
لامُن مٿي ٻُور، هُوند نہ چاڙهيہ هيترو.
(٦)
جي تو هھڙو وَڍُ، ڪندا ڍور ڏٽين جو،
پاٽان ڏيئي ڏڍُ، موري مجر نَہ ڪَرئين.
(٧)
جي تو هئڙو سُورُ، ڪندا ڍور ڏٽين جو،
مٿي لامَنِ ٻُورُ، موري مجرن ڪرئين.
(٨)
ڪندا تون ڪيڏو، جڏهن پريو ڍور وَهي؟
جَسودَن جيڏو، تو ڪو گڏيو پهيڙو؟

(٩)
سَچ ڪ سُڪو ڍورُ، ڪنڌيءَ اکَ ڦُلاريا،
جُنگن ڇَڏيو زورُ، سَرُ سُڪو، سُونگي گيا؟

(١٠)
جڏهن ڍاڳي ڍورُ، ٻئي وهن ٻلهار ۾،
تڏهن تازڙِيُن طورُ، هئو جسودن سين.

(١١)
سُڪي ڍُور ڍيُون ٿيو، ڪنڌيءَ ڏنو ڪائو،
پاڻي پَٽيهل ۾، اڳيون نہ آيو،
ماڙهن ميڙائو، ڪنهين ڪنهين پيٽئين.

(١٢)
ڍورو نہ اڳين ڍارَ، مَهند مَلاحن لَکيو،
موڙي ڇوڙيا مَڪڙا، ڀَسي پاڻيءَ پار،
جسودن جيها يارَ، پيا وير وماس ۾.

(١٣)
جسو تڙ يارن ڪٽي، ڇني ڇڏيو،
رنو اڪڙين، جڏهن ڦوڙايو سڄٽين.

(١٤)
پيڙ هُئي جوڳان، تڏهن تن نہ اڳيون،
مٿيريُون سيٽان، ويون ڪاڇو اُڪري.

(١٥)
پٽيهل تو ۾ پُور، اڳيون آهہ نہ آبَ جو،
سُڪين ڪهڙي سُور، پيئي واري وچ ۾.

(١٦)
پٽهيل ڇئي پريَن ڪي، ساري آءُ سُڪو،
آهيم اولاڪو، جَسوءَ تڙ جو جان ۾.

(١٧)
جان واهُڙ ۾ وَهُ، تان تُون مَڇَ نہ موٽيو،
ڪائي ۾ ڪوه ڪرئين، پوءِ موٽڻ جو پَهُ؟
سر مٿي تو سَهُ، مَهميزون ملاحن جُون.

(١٨)
جَان جَرُ هئڙو حال، تان تون مَڇَ نہ موٽيو،
پُونيئي اَڄ ڪِ ڪالهہ، سانپيون سانگن ۾.

(١٩)
جان جر هئڙو سير، تان تون مڇ نہ موٽيو،

اَڌَا اِڏيئي ڪِيرَ، گهٽُ بہ جهليئي گهاتئين.

(٢٠)

متو آهين مڇ، ٿُلهو تو ٿُونا هٽين،
جا تو ڏني آچ، تنهن پاٽيءَ پُنا ڏينهڙا.

(٢١)

ڏُوران پَسي ڏور، وهين جي وهُرون ڪَري،
هُوند نہ وِڌوءَ هَوَر، مانگريَاٽيءَ مَڇڙا.

(٢٢)

جا تو گهَيڙي گهٽِ، مانگرياٽي مڇڙا.
نيئي پچاڙيا پٽِ، تنهن ڪُنڌي ڪنڌي ڪيترا.

(٢٣)

ڪُنڌي ڪَليَن وچ ۾، جڏهن هَنئي جن،
مون ڪي مون پرين، ڪڍڻ جي ڪا نہ ڪي.

(٢٤)

ڪُنڌي ڪَلِيَن وچ ۾، جڏهن هنيائون،
موتَ نہ مارياڻون، ڏور ڏيئي ويا ڏُک جي.

وائي

لائي جا وَرن ڪي، سا ڪانڌ منهنجي ڪورا،
اچن پرن پبڪيا، ڪَرَ باپيهو جئَن مورا،
ماءُ مارينِدم ڪڏهين، ان آرياٽين جا هورا،
سيٽين سر ڪَنڌُ سَپجي، پيو عطرُ پَرين اتورا،
چيرُ ڪتوري ٽيو، ٻي تازي ڦلن ڦورا،
الله عبداللطيف ڪي، سانوَلَ ميڙِ سنيوڙا.

## فصل ٻيو

(١)

مديني جا مير، سُڻ منهنجا سَڏڙا،
سرَڻُ تُنهنجي سيرَ، تون پار لنگهائيين پيڙا.

(٢)

مديني جا ڌڻي، سڻ منهنجا سڏڙا،
تُنهنجي آہِ تڻي، ٻي ڪنڌي ساريان ڪانہ ڪا.

(٣)

مديني جا گهوٽ، سڻ منهنجا سڏڙا،
ڪج محمدؐ موٽ، عاصي تنهنجي آسري.

(٤)

مديني جا شاهَ، سڻ منهنجا سڏڙا،
ڪارڻ لڳ الله، سگھو رسج سُپرين.

(٥)

مديني جا شيرَ، سڻ منهنجا سڏڙا،
پَر مُبارَڪَ پيرَ، عاصي تُنهنجي آسري.

(٦)

مديني جا ڄام، سُڻ منهنجا سڏڙا،
آهيان تنهنجي سام، سگھو رسج سپرين.

(٧)

مديني جا مَل، سُڻ منهنجا سڏڙا،
مون ڪي ڪانهي جَهلَ، آهيان تنهنجي آسري.

(٨)

وائڻ مديني مڱڻا، اکيُون پيرِ ڪري،
جتي ماڻڪي محمدﷺ مير جي، جَهرڪيو جوت ڪري.
پسي جوت جمال جي، جت ننهن سيئڻ نيڻ ٺري،
پرتيون پير پري، ڪج زيارت ذوق سين.

(٩)

ڪنڌيين اڪَ ڦُلاريا، سانگھہ سڪو گاهُ،
مُهراڻيءَ وٺاڻءَ، رويو راڄ رضا ڪري.

(١٠)

رويو ريجهاڻي چرين، ڇڏيو پانڌ وَٽ،
ڪُهي ڪِيناري چاڙهيُون، هُڙن وڪڻي هٽَ،
تو سرِ مٿان سَٽ، ماري ڏيهاڻي ڪري.

(١١)

ڪڏهن جهليين ٻَڪرا، ويٺي منجهہ وٿاڻ،
اوچتا پرياڻ، آهن ڏَڻَ ڏٽين جا.

(١٢)

ڏٽي سو وارئين واءُ، جو ميڙائو سڄڻين،
وهيءَ واٽ مٿان، هنِئڙي آسر نہ لهي.

(١٣)

سَڳر جو سُئو مُون، سو مون آڇيو جيڏيئن،
پئي پراڻو نہ ٿيو، اڃا نِينهن نئون،

تہ مُون ڏينهن سئون، جي پيهر ٻاروچو مليو.

(١٤)

متي واٽڙين، نيڻَ نهارا مون ڪيا،
ايندا مانَ پسن، مٿانَ سڱر سپرين.

(١٥)

ڪيچين ڪارڻ ڪالهہ، نيڻ نهارا مون ڪيا،
ايندا پَسان شال، اوتي آريءَ ڄام جا.

(١٦)

هوتن ڪارڻ هير، نيڻ نهارا مُون ڪيا،
پنهون پري پير، پُڇي مانَ پيادئين.

(١٧)

اوٺين ڪارڻ اُڄ، نيڻَ نهارا مون ڪيا،
پنهون ڄامُ پُڇُ، تہ لاهيُون اُڄ اکين ڪان.

(١٨)

نيڻ نهارين، سي اڄ نہ اوتي آئيا،
هنجون نہ وَسائِين، پاڻي پنهون ڄامَ ري.

(١٩)

نيڻَ نِهاري مُنهنجا، روئي ٿيا رَتَ،
پنهونءَ هوءِ پَهَت، تہ پاري نِيَڻ پاڻ سين.

(٢٠)

نيڻ نهاري منهنجا، روئي رت ٿيا،
جي هٿان هوتَ ويا، سي اڇن تہ آجي ٿيان.

(٢١)

نيڻ نهاري منهنجا، رت ٿيا روئي،
ڏُکَن جي ڏوئي، هَٿَ اَسُونهَن جي.

(٢٢)

اڄ اگُڻ ڪيٽان، آسَرَ لڳي سوريان،
ڏونگر ڏينهَن لڳان، مانَ وَرڪن سُپرين.

(٢٣)

ڏونگر لڳن ڏينهَن، مانُ ورڪن سپرين،
ڪيَس نماٽي نينهَن، آيلَ ٻاروچن جي.

(٢٤)

اللّٰهَ جِئَن نالوءِ، تِئَن مون وڏو آسرو،

خالقَ تُنهنجي ڪاندَ جو، پرو پاندُ نَہ ڪوءِ،
نالو رَب سَندوءِ، رهيو آهِم روح ۾.

(٢٥)

صاحب تُنهنجي صاحبي، عجب جهڙي آهہ،
وڏي سگهہ سَندياءَ، پاڻ وهيٽو آهئين.

(٢٦)

صاحب تُنهنجي صاحبي، عجب ڏٺي سون،
پَن ٻوڙين پاتار ۾، پَهڻ تارين تون،
جيڪر اچين مون، تہ ميريائي ماڻُ لهان.

(٢٧)

وڏي سَگهہ سندياءِ، ٻاجهن ٻريو آهئين،
مون تان مِهَرَ مَ لاهہ، آءٌ تنهنجي آهيان.

(٢٨)

منو جئَن نالوءِ، تئَن مون وڏو آسرو،
ڪو دَر ناه جِهوءِ، مون ٻيا در گهٽا نِهاريا.

(٢٩)

جيڏو تُنهنجو نانءُ، ٻاجهہ بہ اوڏيائي مَڱان،
ريءَ ٿَنيين، ريءَ ٿوٽئين، تون ڇپرُ، تون ڇانءَ،
ڪڄاڙو ڪَهانءَ، توکي معلوم سڀ ڪا.

(٣٠)

مَڪَر ڍولُ ڍلو، ناتو نماڻين سين،
ڪونهي ڪَميٽَين جو، ٻگر تو ٻلو،
تنهنجو نانءُ نِلو، ونيو وينِي آهيَان.

(٣١)

سَتر ڪَر ستار، آءُ اُگهاڙي آهيان،
ڍَڪِئين ڍَڪَڻهارَ، ڏيئي پاندُ پناهَ جو.

(٣٢)

ستر ڪر ستار، مڇڻ عيب اَپٽيين،
ڍَڪج ڍَڪڻهار، ڏيئي پاند پناهَ جو.

وائي

منهنجي ننڊ نہ نيڻين نيڻين، ڪالهُون پوءِ لڱن ۾،
موٺُ تون آيل منهنجي ماءُ، تان تو ڏکُ نہ ڪيڻين ڪيڻين،
هوءِ نہ نِينم پاڻ سين، آءُ جا ويندَڙي سيڻين سيڻين،
ڪالهوڻِيان اڄ گهڻي ڪر، جهورڙي جهيڻين جِهيڻين.

ٻيون سڀ واڳيون ورن سين، آءٌ جا واڳڙي ويٺين ويٺين،
هنيڙو ڏاڙهونءَ گل جيئن، روئي رتو ڪيٺين ڪيٺين،
الله عبداللطيف چئي، محبت اسان تون ميڙين ميڙين!

## فصل ٽيون

(۱)

ڪَر ڪو پيرو ڪانڌ، مون نماڻيءَ جي نجهري،
پريَن تُنهنجي پاند، ڊوَلا ڍڪي آهيان.

(۲)

جئَن تون قائم ڪانڌ، تئَن آءُ وَرَ ولهي نہ ٿيان،
پَڪي چِنا پاندَ، ڳَنڍُ نہ ڇاڻي ڪو پيو.

(۳)

ڪانڌَ ٻين ڪيترا، مون وَرُ وڏي وَٽُ،
مٿان ڏيئي هٿ، جنهن عَيب منهنجا ڍَڪيا.

(۴)

ڪانڌ ٻين ڪيترا، مون وَرُ وڏي جُوءِ،
لوڪَ نہ آڇي اُوءِ، جي ڏسي عيبَ اکيَن سين.

(۵)

ڪانڌ ٻين ڪيترا، مون وَرُ وڏي ڪاند،
پاٽان ڍَڪي پاندِ، جي ڏِسي ڏوه اکين سينَ.

(۶)

ڪانڌ ٻين ڪيترا، مون وَرُ وڏي ذات،
لڙڪ نہ آڇي وات، جي ڏسي ڏوه اکين سينَ.

(۷)

وَرَ سين وجهيو ڪاڻ، ڪَر سين ڪلون پائِيين،
پوري مَنڌَ اڄاڻ، ڪَنَّ ڇَڏيو تُهَ ميڙئين.

(۸)

سُتا اُٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سُلطاني سُهاڳُ، ننڊون ڪندي نہ ٿئي.

(۹)

ڪي سُمَهہ، ڪي جاڳُ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
اِيءُ مانجهاندي جو ماڳ، جو تو ساٿيہ ياڻئيو.

(۱۰)

جاڳڻ مَنجهان جَسُ، آهي الله جن کي،

لاهي تو لطيف چئي، مٿان قَلبَ ڪَسُ،
ورنه ڪجان وَسُ، صُبح ساڻ سيد چئي.

(۱۱)

سُتي نہ سَرنديا ءُ، ڪر پَچارَ پرين جي،
وهامي وينديا ءِ، گهٽا هٽندين ھتڙا.

(۱۲)

هي تان ٿورڙيُون، جي تون پورا پسي پلئين،
راتيون پيون گهٽيون، جي تو ايندين هيڪلي،

(۱۳)

سُمَهَٽان سارُو، جيڏيُون جيڏو ئي ٿيو،
پِريَن سان پارُو، منهنجو نند نِبيرو.

(۱۴)

سمهٽان سارُو، جيڏيون جيڏو ئي ٿيو،
هوتَ لنگهيا هارُهو، تون اٽاسي اوجهڙين.

(۱۵)

پرهَ ڦُٽي، رات گئي، جهيٽا ٿيا نَڪَٿَ،
هاري ويئي وَتِ، گهٽا هٽندين هتڙا.

(۱٦)

پيئي جا پريات، سا ماڪ مَ پسو مارُهوئا،
روئي چُڙي رات، ڏسي ڏکوين کي.

(۱۷)

سچيُون راتيون سُمهين، چِڏيو پيءَ پچار،
پانيئي سپ چمار، سڄڻ هُوندا مان گهرين.

(۱۸)

ڪوءِ پيريُون ٻن ٻُور، ڦريو ڦاڪان نہ چَرين،
سائي پُنيءَ سُور، جڏهن تڏهن رُجَ جو.

(۱۹)

مَتي آهين روجهڙي، چُٽي اُتي ويڙهہ،
مارئيڙو تو پير، چارو وني سينگڙي.

(۲۰)

ڍولَ مَ ڪٽي ٻانهڙي، پره مَ ڪٽي پاند،
آءٌ پنهنجو ڪانڌُ، لوڪان لڪي رانئيان.

(۲۱)

مُسَن مُنهن سِنرا، ڪَريا گهٽو ڪِلن،
سي تان وَسرين، آيا جن ڪمن لئيَ.

(٢٢)

قِريا پَسي قِينُّ، ڪَريَن ڪير نہ چڪيو،
دُنيا ڪارڻ ڏِين، وڃائيَ ولها ٿيا.

(٢٣)

اڄ گهُرجين يار، بداماڻي پُنرا،
ڪاڇي پيئي پار، اڇي ويرين ويڙهيا.

(٢۴)

اڄ گهرجين تُون، بداماڻي پُنرا،
مٿان اڇي مون، ويرين واٽون لائيون.

(٢۵)

اڄ گهُرجين هت، بداماڻي پُنرا،
مٿان پڳيءَ پِت، ويرين واٽُون لائُيون.

وائي

مَون سين هوتَ نہ ڪَندڙا هيئَن،
ماءُ! ڄامَ نہ ڪُندڙا هيئن، الله مون نہ ڇڏيندڙا ڇپَرين،
هوتن جي هيڪاند ڪي، آءٌ رُوئان راتو ڏِينهَن،
ڇيڙي وڏيس ڇپَرين، ٻاروچاڻي نينهُن،
لُڪون لَڳن ڪوسيُون، ڏاڍا تَپن ڏِينهَن،
مون ڪي پرين ميڙئين، روجهڙيُون ميڙئين مينهَن،
الله، عبداللطيف ڪي، ساڄَنُ ميڙِ سَميعَ.

## فصل چوٿون

(١)

ڪُوهُ نہ ڪُٽڪين ڪونجڙي، روہ نہ وئين رات،
اڄ تنهنجي تات، سَرَ ۾ سارڻ آئيونَ.

(٢)

للي ڏيئي لات، پڳا ڪوٽ ڪُفار جا،
وائي ڪن نہ وات، ٻگها ٻاتاڙا ٿيا.

(٣)

روہ راماٽا ڪن، اڄ پڻ هَلڻَ هاريُون،
ڪرڱُل ڪُونجڙينَ، رائي ۾ رات ڪيو.

(۴)

وڳرُ اُڪيري، سَرُ ساريو سُورَ چڙي،
جُھري جِھجندي ڏي، سَنيھا ڪي سَجَڻين.

(٥)

وڳر وساري، وينئين ڪِيئن ماٺ ڪري؟
ڪ تو نہ ماري، رُڻ جُھَڻ سندي سَجڻين؟

(٦)

وَڳر ويا وَھي، ڪالھ تنھنجا ڪونَجڙي،
ڪَنديِئن ڪوهُ رَھي، سَرَ ۾ سُپرِيَن ري؟

(٧)

وَڳر ڪيو وَتَن، پرت نہ چِنن پاڻ ۾،
پسيو پکيئڙنِ، ماڙُھنئان مِيٺُ گھٽو.

(٨)

وَڳر وڇان ڪونج، جَھتي تي باز ڙَي،
ٻچن ڀانيو اِيئَن، آيل ايندي وانھَري.

(٩)

وڏي وڳر ھيرئين، چُٽي نہ ٻِيَن ڳڏ،
ڪونج ڪريندي سَڏ، ويئي وھامي راتڙي.

(١٠)

قِسمت آنديُون ڪونجڙيون، وطن سَندن روهُ،
ڪَنھن جو ڪونھي ڏوهُ، رزِقُ رازق ھٿ ۾.

(١١)

قِسمت آنديُون ڪونجڙيون، وطن روھُ سندون،
ڪَھڙو ڏوھُ ڏيون، ڪرمُ قادر وَس ۾.

(١٢)

مَ لَنئَن ڪُونجي، ماٺ ڪَر، چور مَ ھنئين چاڪ،
ڦَٽيون جي فِراق، سي گھر گھاريندِيُون ڪيترو؟

(١٣)

مَ لنئن ڪونجي، ماٺ ڪَر، چور ۾ ھنئَين سَل،
ٻُوڙھا مٿي ٻُلَ، جمَ وھاٽيءَ وَھائِيين.

(١٤)

ڪونجڙيءَ ڪالَھ لَنئي، سَجڻ وڏم چت،
آءٌ جنھن ريءَ ھِت، ڳِھنگھر گھاريان ڏِينھَڙا.

(١٥)

اُتر ڏي آلاپ، ڪالهُون ڪَرُ ڪونج ڪَري،
پرين پسي منجهه خوابَ، وهاڻيءَ وايُون ڪَري.

(١٦)

ڪونجُون ٽيون ڪُڏڪَن، جيڪُس هلَڻ هاريُون،
ٻَچا پوءِ اَٽَن، وڃن وانڍا ڪَنديون.

(١٧)

آيُون ڍورَ ڍري، اصَل سَندي آسري،
ڪَري هَرَ يُون ڪَري، پاڻان پيرَ ڏُکويا پکَڻين.

(١٨)

آئيون اڳينءَ هيرَ، اصل سندي آسري،
پِڙ ۾ پَسان نہ پير، سيڻن ساجُهرِ لَڏيو.

(١٩)

وڳر ۾ وائي، ڪالهه تُنهنجي ڪونجڙي،
سر ۾ سارينئي گهڻو، پيئَرُ ۽ پائي،
پَسين نہ قاهي، جا ماريءَ سَندي مَنَ ۾.

(٢٠)

چني نہ اُپي روءِ، سنپاريو ڪي سڄڻين،
هيءَ جِهڄندي جوءِ، تہ آءٌ اڪنڊي آهيان.

(٢١)

ڪونج نہ پسين ڪَک، ڏِٻُ جنهين سين ڏِٺيو،
ماريءَ ماري لَکَ، وڳر هَٽي ويڇُون ڪيا.

(٢٢)

ماري مرين شال، ڏِٻُ وڃنيئي ڏِٺيُون!
جيئَن تو اڇي ڪالَهہ، وڏو وُڇ وَرهَنِ ڪي.

(٢٣)

ڪونج نہ لکيو ٻانُ، جو ماريءَ سَندي مَنَ ۾،
اوچتي پرياڻ وَڳر هَٽي ويڇُون ڪيا.

(٢۴)

بغل منجهه بندوق، ماريءَ ميرا ڪپڙا،
مارِيو مِيرَ مَلوُڪ، لتاڙيو لَڪِ چڙهي.

(٢۵)

چيتا ڪيو چُٽيج، بداماٽيءَ ٻَٽ ۾،
نيڻن ننڊ مَ ڏيج، چيڙُون چُپَرِ آئيون.

(۲٦)
سيڙي سَنگهارن جي، واءُ ڪُنڍيون ڪاهي،
مينهن نہ مَٿائي، جنين سندا پَڪڙا.

(۲۷)
سَنگهارون ساري، سائي ڏيج سَنيهَڙا،
سا هيڪَلي گهاري، مُنڊ ڪاڇي ڪَنڌئين.

(۲۸)
ڪير ڪريندِي ريسَ، آيَل سنگهارن سين،
جنهِين جي خَميسَ، واريُون واري ڇڏيون.

(۲۹)
ڪاڇي ڪاهيائون، سچ ڪ سنگهارن لڏيو؟
مان تِن ماريائون، پاٽان وِجهي گوندَرين.

(۳۰)
ڪير ڪريندي ريس، آيلِ سنگهارن سين.
جنين جي خميسَ، منڊي مُور نہ مٺ ۾.

(۳۱)
ڪاڇي پيئي ڪُوڪ، سچ ڪ سنگهارن لڏيو،
مادر اوءِ مَلُوڪ، اُني ويڙا اُڪري.

(۳۲)
ڪاڇو ۽ ڪوهيارُ، ڏونگر سَندن ڏيهڙو،
ساجُهرِ نَهي ٻارُ، ڪوه نہ وينين َاُن سين.

(۳۳)
جيَن سي سَنگهارَ اجهي جنهين گهاريان،
مَانَ لَهنئون، سارَ، وچ ولهين ڏِينَهڙين.

(۳۴)
ڏَنُّ ڏارڻُ، ڏار رهڻُ، ايءَ نہ سنگهارن سٽَ،
ڪاهي ايندا ڪڏهين، متي واندِ وَهَٽُ،
جي هاٽو هُونِئي مٿَ، تہ ٻہ اوڍو لاهِ مَرَ اُن جو.

(۳۵)
جهڄان پسيو جهوڪ، آيل سنگهارن جي،
جن ٿي پي پيارِيا، منجهان مَٿن موڪ،
لڏي وڃان لوڪَ، اُني ويا اُڪري.

(۳٦)
جهوڪون نہ جُهٽڪن، وَڳ نہ پسان وَٿِ ۾،

آيل سنگهارن، جيڪس چِٽاٽو چت ڪيو.

(٣٧)

جي پانئين وَس چُران، تہ سنگهارن سين لَڏِ،
تہ هاجي سَندي هَڏ، ڪُوڪَ نہ سُٽين ڪڏهين.

(٣٨)

جي پانئين وس چران، تہ سنگهارن سين گهار،
جنين سندي واڙ، چور نہ اچي ڪڏهين.

(٣٩)

آيل سنگهارن سين، جيڪا گهاري ماءِ،
توٽي هوءِ اوڳٽي، تہ بہ رُڪو مُور نہ ڪاءِ.

(٤٠)

مَنڏيون مَٽَ گَڙَن، جهوڪ بہ سُونهن پيهڙا،
سندي سنگهارن، جُوءِ جِياري جَڏڙين.

(٤١)

پُورئِين پاند تين، جَڳه جهاڳي آئِيُون،
ڪاچو مينهڙين، مُندائِتو ماٽِيو.

(٤٢)

راءِ سين رُنا جي، تن جاڙيجن جاڙ ڪي،
ڪئَن ماٽِيندا سي، چوڏهن چارو ڪَڇڙو؟

(٤٣)

جاڳو جاڙيجا، سَما سک مَ سُمهو،
پَسو آن پاريان، لاکو ٿو لوڙِيون ڪَري.

(٤٤)

پُڄئان پُلي پيرُ، وڏو راءِ رڪاب ۾،
ڪَڇ رهندو ڪير، لاکو لوڙائن سين؟

(٤٥)

ٽاٽُونڪين پَلاڻَ، سَدا هٿن ڪر ڪرا،
لاکي لوڙائَن جا، اهڙا ئي اُهڃاڻَ،
ڏيئي تَنگڻ تاڻَ، ڪُوڪ ڪاريندا ڪيڇڙي.

(٤٦)

لکي ۽ لاکو، ٻئي مُئا، ٻاجهہ ٿي،
قادرَ لاٿو ڪَڇ تان اديُون اولاکو،
وانئِن ۾ واکو، ريٻاري رَهي ويا.

(٤٧)

پُڄان پُلي نِڪيو، ڏيئي پاڪوڙي پير،

جَسي ۽ جسَراج جو، مٿي واندين وير،
ڪڇ رهندو ڪير، جيئن لاکو لوڙائُو ٿيو.

(٤٨)

لاکو لوڙائُن سين، چوڏس ٿو چڙهي،
وڙوءُ وريامن جا، ڏٽيو ڏڻ هٽي،
پَيس جو پري، سو واهَر ڪنهين نہ وريو.

(٤٩)

وڙهي ويل سڀ ڪنهين، لاکو لوءِ بلوءِ،
پرهُ ڦٽيان پوءِ، ڪرڳل ڪندو ڪَچڙين.

(٥٠)

لاکو لُوٽيءَ آئيو، هئي هئي پيئي هاڪ،
پائرُ ڪنا پُڇڙي، ڏونگر پيئي ڏاڪ،
اُنيون ۽ عراق، ڳڏيا تان گهٽئي ٿيا.

(٥١)

هَٽي مٿان هٽڙا، لاکو نہ لاهي،
گهٽيرئان گهير ڪري، اُپو ئي آهي،
وَڃيو سي ڪاهي، جي ڪيلي هيٺ ڪنگهار جي.

(٥٢)

لاکو لَکيءَ تي چڙهيو، لکي لاکي ساڻ،
چاري چاڙهي آئيو، وسي رات وٺاڻ،
جاڙيجو زيان، ڪيڏو ڪري ويو ڪڇ سين.

(٥٣)

ٻَني ٻهڻ نہ ڏئي، جُهري وئي جهوڪ،
لوٽي مٿان لوڪ، لاکي لک لڏائيا.

(٥٤)

لاکا لڳئي ڏينهن، ڪاري ري ڪيئَن گهارئين،
مٿان وسي مينهن، واٺون ولينَ چانئيون.

(٥٥)

ريٻارڻ ريجهاءِ، لاکو لولاٽن سين،
سائو مانَ سندياءِ نَٽ مَٿائي ڀاڪُرُو.

(٥٦)

ريٻارڻ روئي، واڙي وڏا وڇڙا،
سَمُورا سوئي، هٽي ساٿ هيڪلي.

(٥٧)

رڙي رَيٻارڻ روءِ، اُپي ڊِنگهرَ جَهلَ،
پري هِتان پَلَ، ڪيتريُون ڪالهہ ڪاهي ويا.

(۵٨)

رڙيِ ريبارڻ روءِ، اُپي ڏينگھر ڏارَ،
وڃن اڄ وَڳ ھَٽيو، سُئُم جي سُوارَ،
ڪاڇي ٻنھين پارِ، ڏاڪو ھِن جو دسئين.

(۵٩)

رڙيِ ريبارڻ رَوءِ، واڙِيِ پايو وَڇڙا،
ڪرا ويڻَ ڪنگھار ڪي، ڇيڻَچل اُپي چُوءِ،
واڙيِ وَڇ نہ ڪوءِ، لاڪو لوڙائن سين.

(٦٠)

لاڪا لَڪَ سڄن، ڦلاٽيءَ ڦيرُ پيو،
جنھن پر راٽا راڇيا، ڪوٽن ڏٽي ڪنبن،
جنھن جو جاڙيجن، سُتي سنڇو نہ لھي.

(٦١)

لاڪا لڪ ھئا، تون اڳوٽي گون،
جي پَري تُنھنجي پُون، سي واھر نہ ڪنھن واريون.

(٦٢)

لاڪا لڪ ھَئا، ڦلاٽيءَ ڦير پيو،
آجا اوڏ ٿيا، پَلئي لڳي جنھن جي.

(٦٣)

لاڪو لَڪيءَ تي چڙھي، لَڪي لاڪي ھيٺ،
سونَھريون سر ڪيو، پيڙي ٻڌي بيٺ،
ڪندو ڏَمَرَ ڏيٺ، صُباحَ ساڻ سپ ڪنھن.

(٦۴)

اڏيو جو اوڏن، سو ڏِنگھر ڏلو مَ ٿِئي،
جنھن پِر ويھي ڪن، ليڪو لاڪي ڇام سين.

(٦۵)

لاڪي لَڄ ڪَنئي، اسان اوڏڙيَن جي،
ڪندو ڪانَہ ٻي، اڳ وسوڙي آھيان.

(٦٦)

نَئي نھاريم نار، تان پرت پُراٽي نہ ٿئي،
ويچارا سنگھار، ڪنھن سائي جي سانگ ويا.

(٦٧)

ڪيڏانھن ويا سنگھار، جي ھوا ھني پيٽين،
ڏور تہ ڏوريُون يار، پيلي ٻنھي ڪنڌئين.

(٦٨)
چارين چٽاٽو، وڳ وهارين ويسرا،
لاڪي لوڙائن جو، پَهرو پرياٽو،
سَبَر سٽاٽو، وڳ ورائي واڻ ٽيو.
(٦٩)
لاڪي لوڙيُون ڇڏيون، سَرها ٿيا سَنگهار،
چٽائي چوڌار، وانديون وَسَ چرنديون.
(٧٠)
جُهوني تُون پُراڻ، ڏينهن گهٽيرا سنيرين،
لاڪي جهڙا هاڻِ، تو ڪي ڏٺا پَيَرا.
(٧١)
ڊِگهي اڏ مَر مَنهي، پڪو اڏ مَر لانڊِ،
اڏيو جن ورانڊِ، تن صُبوح سَوارو لڏيو.
(٧٢)
لاڪا لڄَ سندياءِ، اوڏ اگلي آهيان،
پَڪا سي پَرتاءِ، جي اَجهي تنهنجي اڏيا.
(٧٣)
اَڏيندي اوڏن، لَڏڻ جي ڪانہ ڪئي،
لاڪو مٿان تن، اوچتو ئي آئيو.
(٧٤)
اَڏي اڏي اوڏ، ڇڏي ويا ڀيٽيون،
ٽڪاٽا ۽ ٽولَ، پيا آهين پَٽَ ۾.
(٧٥)
خبر ٿي کُلن، سُٽي پوءِ پيچٽا،
چاري مٿان چٽريون پاٽان اُيا ڪن،
لاڪو مٿان تَن، اوچتو ئي آئيو.
(٧٦)
ڊاٽي ڊَٽ مَر ڊار، هن پرائي ڏيهہ ۾،
چيهو چلَو چڪ ٿيو، وڳ اتانهين وار،
ڏنم ڪَالهہ پرار، لاڪو لوڙائن سين.
(٧٧)
جتن جاڙيجن سان، صلح ڪَر سنگهار،
تُون وڳُ ڇڏين ٿو ويسرا، هُو چمڪيا چوڌار،
تو جيڏا تو يار، لاڪي ڪئين لڏائيا.

(۷۸)

وهين سنگهارن جي سَنهاري سانجاڻ،
پوءِ ٿا پين پاڻ، پهرين پيارينَ پيڙا.

(۷۹)

چنل چَڃَ هٿن ۾، ڪُلهن ڪوڏارا،
پورهي ڪارڻ پيٽ جي اُٿين سُوارا،
اوڏ بہ ويچارا، وجن لاڪا لَڏيو.

(۸۰)

ڪڏهين مَڙهہ مُقام ۾، ڪڏهين ڳاڙهو گهوٽ،
سندو واريءَ ڪوٽُ، اڏيو اڏبو ڪيترو؟

وائي

تون جو وڃين ڪيچ ڪَهي، اِي ادا! ڏيج پاراتو پرين کي،
ڏک منهنجي ڏيَل ۾، آءٌ سگهان تان نہ سَهي،
آءٌ قوڙائي ماري، منهنجا واقفَ وَيڙا وَهي،
پينرُ هن پنهور ۾، آءٌ ساريان ڪونہ سهي،
مون مُئيءَ مٿان ڪيترا، ويڙا ڪانگ لَهي.

# سُر ڪاپائتي

## فصل پهريون

(۱)

توڙي تون ڪاتار، جَم هيڪَلي پيرئين،
ڏَني ڪا ڏُئار، صرافَ انهين سُٽَ ۾.

(۲)

جنهين پيريو هيڪلو، تنهين ميڙيو ماءِ،
تَندُ اهڙيءَ ساءِ، مون آٽُڻ هَڏِ نہ اُجهي.

(۳)

جان ڪتئين تان ڪَت، هيءَ هَڏِ وهاڻي،
ڪاپائِتي سيڪا، ڪتي سيَباڻي،
ڇاتو جن ڇاڻي، تن هٿان پَهي نہ ڇڏي.

(۴)

هيءَ هڏ وهاڻِي، تُون ڪڙهُ ڪالُهوڻي ڏينهن کي،
اُٿَي اور ارَٿ سين، ويهُ مَ ويڳاڻي،
تہ صراف سپاڻي، موٽائي هٿئي نہ مُنهن تي.

(۵)

هيءَ هڏ وهاڻي، جان ڪتندئن تان ڪت،
ڪو پنهنجي عيد کي، پيري ڪج پِرتُ،
متان روئين رَتُ، صُباح وچِ سرتئين.

(۶)

ڪَتَڻ جي ڪانَ ڪَرئين، سُتي ساهئين هَڏَ،
صُباحَ ايندَيئي اوچتي عيد اُگهاڙن گڏ،
جت سَرتيُون ڪنديُون سَڏُ، اُتي سڪندِئين سينگار کي.

(۷)

پائي ڏور ارٿ ۾، ڪتين نہ ڪوڙي،
وهانءِ واڏاڻي پِٽين سَنپوڙي،

مٿي جنهن موڙي، سا ڪِئن وهي ويسَري؟

(۸)

اڄ پڻ اُڃهڻَ ڪي مَرين، نہ ڪي ڪتوئي ڪالهہ،
پوري توسين پال، ڪانڌ ڪرِيندو ڪيترا.

(۹)

سي تو ويهي وڃائيا، جي ڪتڻ سَندا ڏينهَن،
ارَٽ اوڏي نہ ٿِئين، پوري پوري سيئَن،
تَندُ پسندِئن ڪيئَن، هاڻي تون وڏي ٿِئين.

(۱۰)

توڻي تون وڏي ٿئين، توءِ اُتي آتڻ آءُ،
ٿي پيڙي پيرَ مَ وارئِين، ٻي هَڏ ڪَر مَ ڪاءِ،
تہ صرافُ تو صُباحَ، ڪوٺي ڪاتارن سين.

(۱۱)

سون ساريڪا هٿڙا، ڪوه نہ ڪتين رَڍِ؟
ويهي ڪُندَ ڪاپو ڪر، گهُتون گوهيُون ڇڏِ،
تہ صرافاڻي سڌِ، مَرڪيو هوند مٿائيين.

(۱۲)

پڳوئي پير، جانسين رتو راس ٿِئي،
بريءَ بيڪاريءَ سين، هاري پاڻُ مَ هير،
ڪَتُ ڪَتيِنديُون ڪير، نئين سين نہ چاڙِجي؟

(۱۳)

ٿُلهو سنهو اڳيون، جيڪي ڪتائين،
مَرڪيو مٿائين، سُپان وچ سَرتين.

(۱۴)

جيئن تُون پيرين پائئين ايڏانهن هَڏ مَ آءُ،
ان سرڪيءَ ساءُ، پڇو عزازيل کي.

(۱۵)

پيرئين ءِ پائئين، ائين وڏوڻو ڪانڌُ،
ويني اور ارَٽ سين، ڳچيءَ پايو پاندُ،
تہ تُنهنجو وڻواندُ، ڪَتو وِتو نہ ٿِئي.

(۱۶)

مَچڻ پاڳ پڙِ ڏئين، ڪت ڪَنبندي آءُ،
جڏهن تڏهن ماءُ، پرن پير مَ واريُون.

(۱۷)

چاڻِت پائي چت ۾، سَنھو ڪَتو جَن،
تن جو صرافَن، ڏُڪو داخل نہ ڪيو.

(۱۸)

محبت پائي مَنَ ۾، رَنڍا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگھائِيو.

(۱۹)

نڪي ڪتيئي ڪالھ، اڄ پڻ اُڃڻ ڪي مريَن،
مُونا اُنجي اُڪڙيا، ارٽ ڍَرڪي مالَھ،
ھئي تنين جي حال، جَن ڪاپي منجھان ڪين ڪيو.

(۲۰)

پيرڻ ڪان جن پانئيو، تن پيئي ڪاپاتين ڪاڻ،
تنھنجي تِسيءَ تاڻ، ھت ڏڪن ڏَھ سئين واريون.

(۲۱)

ڪو جو وَہُ ڪاپائتين، ڪتن ۽ ڪنبن،
ڪارڻ سُودَ سَواريُون، آتڻَ مَنجھ اچن،
اُن جي سونھَن سيد چئي، ٺا صرافَ سڪن،
اگھيا سُٽَ سندنَ، پائي ترازِيءَ نہ توريا.

(۲۲)

سُٽَ اُنهين جو سڦرو، جي پَر ۾ پچائِين،
آواز ارٽ جو، ساہ نہَ سٽائِين،
لِڪايو لطيف چئي، ڪَنبيو ڪَتائِين،
جي ماٽِڪَ موٽائِين، توءِ مُلھِ مَھانگو اُنِ جو.

(۲۳)

تُنبائي تاڪيد سين، جن پچايو پاءُ،
لسي تندُ لطيف چئي، ھَلي تن ھٿانءُ،
مَلمَل ۾ منجھان ماءَ، جي سڪيُون تن سون ڪيو.

(۲۴)

ڪي اوبين عرب ۾، ڪي ڪابلَ مَنجھ ڪَتَن،
سُٽ اُن جو سڦرو، مٽيو ماٽڪن،
قادر ڪِيمَ ڪڍن، ٽيلھي ٽُلھي واريُون.

(۲۵)

پليءَ پايو پوٽِيَون، دَر در پيرا ڏي،
ڪا مون ڪَتائي، آءُ ڪاپائتي آھيان.

(۲٦)

ٽڪ ونگي، وَرَ گهٽا، ڪَتان ڪُڄاڙو؟
ڪاپي تان ڪيترو، آٽيان اُڌارو؟
جي وَر ڏئي وارو، تہ سُونهان سَرتِيَن وچ ۾.

(۲۷)

پيرين ۽ پانئِيين، پانئِڻُ پِيَجي ڇڏِ،
ڪتو وتو پورهيو، هوڏَ وجهنديئي هَڏِ،
هتي ڏيڍو مَٿي ڏَڏِ، جِتي ڏَکن ڏهسئيءَ وارِيُون.

(۲۸)

اوٽيا ارٽ، ڪيڏانهن ڪَتڻَ واريون؟
پُهيُون مٿي پَٽَ، لڙجن لاڪيڙن جون.

(۲۹)

ڪَتي ڪَتي ڪالهہ، اڄ نہ آتَڻ آئِيُون،
اَرٽ اُڪلي مالهہَ، پُوري ويئيُون نِجهرا.

(۳۰)

نہ سي وَوڻَ وٽن ۾، نہ سي ڪاتاريون،
پَسيو بازاريون، هِنئڙو مون لُوڻ ٿِئي.

(۳۱)

نڪي ڪتين نہ ڪتائين، نہ ڪڍن ڪوريءَ ڪاڻ،
جن ربيع سين رهاڻ، تن اُڏو ناهہُ اُگهاڙ جو.

(۳۲)

ڪَتي مٿي آئيُون، ڪري تند تيار،
اُٿل اوڏانهين ٿئي، جيڏانهن پرينءُ پارُ،
ڪاپائتي قرارُ، منجهان پُوڻي آئِيو.

(۳۳)

جا سَنهو نہ سکي، سا مَر رنڍا ئي روڙي،
سُٽُ اُنهيءَ جوَ سَقرو، ويا ترازيءَ توري،
ٿُلهي ۽ ٿوري، ويچاري سان ور ٿيو.

(۳۴)

جنهين ڪَتو ڪالهہ، سي پاٽا پيئُون مامري،
جنهِين ٽڪَ نہ مالهہ، سَرهيُون سين صراف سين.

(۳۵)

پائي پاند ڪَپاهُ، جان مون آتڻ نهاريا،
ڪٽي ڪانہ پَساهُ، سرتيون وڃي سُتيُون.

(۳٦)
ڇِرڪو پنھنجي ڇتَ ۾، ٻِي پيريو جَن،
توٽي ڪِينَ ڪَتنِ، تَہ بہ ڪانڌ اُنَھين جو ڪوڏيو.
(۳۷)
تاڄي توريائون، تہ عَيب نڪِتا اڳيان،
ڪوڻي ڪاپائِتن ڪي، پَر ۾ پُڇيائون،
اَڱَڙي آءُ، مون ڪان پڙا پِڳا نہ ٿيا.
(۳۸)
ڪَتي ڪَتندئن ڪيترو، ڪَر سوداگر يارُ؟
ڪَتڻ، مَٽِڻ، ڪريم چئي، آھي آڳي جي اختيار،
جي ٿئي پورھيتِ تو پار، تہ تُنھنجو سُٽُ سوجھيئي ڪونڪو.
(۳۹)
پريان سندي ھنج ۾، سُتي جا پيئي،
سا ڪيتري ويئي، نہ ڪنھن پُڇي رات ڪي.

## وائي-۱

ڪا ھنئين سين لاءِ، پوري ڪا ھنئين سين لاءِ،
تنبائي تاڪيد سين، جن پڇايو پاءُ،
لَسي تَندُ لطيف چئي، ھَلي تن ھٽاںءُ،
پھيون تُنھنجون جھرڪن جھوريُون، پيون اُڏايُون واءِ،
ارٽ پاسي اوجھرين، توکي سمُھَڻ آئيو ساءُ،
آڏي عبداللطيف چئي، روئي ريجھائج راءُ.

## وائي-۲

آءٌ جا ويندُڙي پار پرين، مون کي آيَل جھَلُ م پاءِ،
جھلُون پلُون پائِيين، پاٽان مَت نہ آچئين ماءُ،
ويو ٻاروچو نِڪري، مون کي سَور چڪائي ساءُ،
منھنجا ڪَمَ ڪريم تي، ريبي مون مَ رَھاءِ،
ويئون ڪنھن وَڳَہ تَڙ، پيرا پَڇي ماءُ“
آتڻ مٿي آسري، آيَس اُنھين لاءِ،
جنھِين سُور سَريرَ ۾، تنئِان ھتِ نہ ڪاءِ.

مت

(۱)
واڪاڻِيون واحدَ رب عَظِيمَ،
ڪَرِ ٻانھا ڪي حَمدُ حڪِيمُ.

صَلوات مٿي مُحمدُ ﷺ ڪَريمَ،
مومن پڙهہ تون قَلب سلِيم،
سر صَحابَن واريو وار،
چَرکو چوري ڪَتِ ڪاتار.

(٢)

وَهي هٿان تو منڌَ ويئي ويئي،
ڪِين ڪتئي ڪي پيٽ پَر ويهي،
وقت تمام ڏِس تان لٿوئي،
قوت، سَعيو بَنڌ تون ٻيئي،
نيت خاصي رَکُ نبار،
چرکو چوري ڪت ڪاَتار.

(٣)

اپڻِي نال، ارٽ جو نانءُ گِڏوئي،
تنهن ڪَي چوري ڪئن چِڏيوئي؟
ڪَنهن پَر ڪُوڙي ڪِين ڪَتوئي،
جيَڪس لُوني ڪِين لِکيوئي،
نينهان چِڏيو تي پيڇَين ٻهار،
چرکو چوري ڪت ڪاتارَ.

(۴)

شرمُ صُبح وچ سَرتين ٿيندئي،
مِڙنديُون جيڏيُون، ڏِينهن عيدَ ايندئي،
هي وَهُ وَهي تنهن ويل ويندَئي،
اُت اُڏارو پيو ڪونَ ڏيندئي،
نيهان پٽي تون آهين پنوار،
چرکو چوري ڪت ڪاتارَ.

(۵)

چو اوڳي چِڏيئُي اَرٽُ اُلوڙي؟
مُونا، منجيُون، ڦنگهہ ٻہ ڦوڙي،
ليٺَڻ، ڳُجهہ، مَڪڙي موڙي،
ڪڍين چموٽن مان تِڪ ڪي توڙي،
هاٽي ڪندئن تون ڪهڙي ڪار؟
چرکو چوري ڪت ڪاتارَ.

(٦)

چو اوڳي چِڏيئي اَرٽ اُلاٽي؟
جِيُ جسو ويهُ تنهن سين واٽي،

توبہَ توبہَ ڪيو تندُ تاڻي،
لينجَھہ. پڙي ڪِڍ چِني چاڻي،
ھَردم حق جي تَندُ تَنوار،
چرڪو چوري ڪت ڪاتار.

(۷)

پڳو سَڄو ڪر. صحيا ساري،
ساڄُ سپوئي صحي سَنواري.
ڪار ڪَتڻ جي ويھہ مَ وساري،
اڄو پڄائج لاري ڦَتياري،
لائج تون لَنؤ اَرٽ سين آر،
چرڪو چوري ڪت ڪاتار.

(۸)

اُتي ڪَپائتي آڏِيءَ ڪَتُ،
پيرج پيرَم. رويو رت،
ووءُ ووءِ تي مَ ويڳاڻي وَتُ،
پورھيو پورھيت اي پَھَتُ،
ڪَر تہ سَداَ تون ھئين قرار،
چرڪو چوري ڪت ڪاتار.

(۹)

پڄھرو پوري پيريئي ڪِيَن،
جئَن چيائون. ڪِتئي تئَن نہ.
داخل ٿيندئين در زَمينَ،
ويا وتان تو اُتي اَمين،
پَنڌُ پَراھون. ڏيھُ ڏيسار،
چرڪو چوري ڪت ڪاتار.

(۱۰)

جانسين اٺئي ڪو دَمُ پَساھُ،
تانسِين چرڪي لائج چاھُ،
پُڇاَ پاڻ ڪندئي پتشاھُ،
نہ تو ڪَن سُڪُ نہ ڪپاھُ،
نہ ڪَتڻ جي نيت نار،
چرڪو چوري ڪَت ڪاتارَ.

(۱۱)

ڪن ڪيو ڪَتڻَ جو ساڄُھر سعَيو،

ڪن هَٿِ آندي ڪپهہ پچايو،
ڪن اَرٿُ سَنئون ڪيو ڪن ڏئن ڏايو،
ڪي وينيون ڪتَن، ڪن ڪَتو اوبايو،
ڪي ٻيٺي، مَنٿ لاءِ پريون ٻزار،
چرکو چوري ڪت ڪاتار.

(۱۲)

تون پوري سَدائين بد اَفعال،
ڪرين ڪَميٽي قيلَ مَقالَ،
ووءِ ووءِ تُنهنجي هي هي حال،
ويهي وجايئي سمُنڊا سالُ،
جيڪس نِهوڙِئن ننڊ خُمارَ،
چرکو چوري ڪت ڪاتار.

(۱۳)

ويبيون آتَڻَ مان ووءُ ووءُ جيڏيون،
قيمت ڪُنجيون جن هَٿِ ڪيڏيون،
ڪَنا تَڪبرُ سي ٿيون تيڏيون،
ڪاپي اَندر لڳينَ پيڏيون،
آءُ اُتاري مَنَ ڪي مار،
چرکو چوري ڪت ڪاتارَ.

(۱۴)

ڪَتِئي ڪاپائتي ٿلهو ۽ ٿورو،
لينجهہ پڙيءَ سين پيريئي پورو،
صُبح صَرافُ قولهيندئي قورو،
تور تَسي جئن تُرندَئي تورو،
ارتو اکئين هاريو هار،
چرکو چوري ڪت ڪاتار.

(۱۵)

جي سنهو نہ سڪئن، تہ رنديا ئي روڙچ،
جيهي جي تيهَي، پر تَندَ نہ توڙچ،
ساڻ محبت مَڪڙِي موڙچ،
ڪَتي پٽاندر پورهيو لوڙچ،
سرتين جي وچ عيد دُئار،
چرَکو َ چوري ڪت ڪاتار.

(۱٦)

ويھي آتڻَ ۾ جن چرڪو چوريو،
ڪتڻ ڪَپائتيون آڏيءَ اوريو،
لاھن پينج پڙيءَ کي پوريو،
ڏينديون توريو، وٺنديون پورھيو،
سراءِ صرافن جي سِرڪار،
چرڪو چوري ڪت ڪاتار.

(۱۷)

تو سر ارٿ سدا ٿو دانھيو دانھي،
تہ ھيءَ مالھہ منجھان مون لاھيو لاھي،
ڪڍيو ڏيکيون ڏاھيو ڏاھي،
گھريو پٽ ۾ راھيو راھي،
تون پُٽين سَدا ٿي بيڪار،
چرڪو چوري ڪت ڪاتار.

(۱۸)

اُتي ڪاپائتي آڏِيءَ پير،
تَندُ طَلَبَ جي سيريو سيرَ،
سَت صبر جو ڪت تون ھيرَ،
نت ناڙيءَ سين ھنئڙو ھير،
رَوزُ رضا سان اوب دنُبار،
چرڪو چوري ڪت ڪاتار.

(۱۹)

پنھنجي تَندُ تو آڏي ايندي،
سَنھي ٿلھي سپ لَنگھي نہ ويندي،
جنس سيڪا جاري ٿيندي،
ھَرڪا پنھنجو پورھيو جَھليندي،
ڪَتيءَ پٽاندر بارو بار،
چرڪو چوري ڪت ڪاتارَ.

(۲۰)

پڇھرو پيرج پِوَ رکي پوري،
چِڏ مَ ڪَتڻَ کي چوري ندوري،
اڳيان گڏبئي گاگن گوري،
پيبولي جن جي پُڙدُ پشوري،
پچندَئي پنجابي ڏاڍي ڏھڪار،
چرڪو چوري ڪت ڪاتار.

(۲۱)

پڇھرو پيرج تون رکي پيُ،
ڪَر سَڄڻين سين روح جو رووءَ،
ماڱَ مَوجُ محبت مئُ،
لائج چڱو ڪو لالَنَ لَئُ،
روئي ريجھائج ڪانڌُ ڪُنوار،
چرکو چوري ڪت ڪاتار.

(۲۲)

پائي پانڌُ ڳچيءَ، ڪَر نت نيازي،
اڳيان اَحمدَ ﷺ جيَ آڱج آزي،
چئن پنجن جو ٿيُ تون پازي،
ٿيندئي رحمت سان رب راضي،
ڪندئي ڪَلمي سانُ قرار،
داوَرُ دِين دنيا جي دار،
چرکو چوري ڪت ڪاتارَ.

# سُر پرڀات

## فصل پهريون

(۱)

اِيءَ نہ ڀانَن ڀير، جيئَن ڪِينر ڪيريءَ ٿَنگيو،
سُونهاري صبوح سين وَجهي ويٺين وير،
توکي چوندو ڪير، ڪيرت ڏارا مڱڻو؟

(۲)

سُتو ڪِيئَن نِنڊون ڪرين، رو وهاڻي روءِ،
سُپان سَاز سَندوءِ، پيو هُوندو پَٽَ ۾.

(۳)

سيرانديءَ ساز ڪيو، سُمهي ساريءَ رات،
جاجڪاڻي ذات، اِي هوءِ اڳهين.

(۴)

جاجڪ چاڻن جا، سا پر آءُ نہ سکيو،
سيڻ نہ نِينم پاڻ سين، سَڳا جي َسياءِ،
جي رَنجائِين راءِ، تہ پڻ تاري تُنهنجي.

(۵)

جَنين سُک ناهہ ڪو، چارڻ سي چئجن،
رجن راهہ پُڇن، مٿي ڪُلهن ڪِينرا.

(٦)

ويا سَنجهي ئي ساز ڪٽي، جاجڪ جيڏانهين پَسُ،
ڪِينرُ ڪِيريءَ ٿنگيو، ڪنجهي لڱي ڪسُ،
تو گُهرنَدي مَسُ، لنگهي ٿي لڄ مري.

(۷)

لنگهي ٿي لڄ مري، جيئن تون ڏڏُ ٿيو،
سپان سياڪو، صحي مڙندو مڱڻا.

(۸)

مُوڙهو پُٽين مڱڻا، ڪڏانهن هُئين ڪالهہَ؟
لنگها چڏ، لطيف چئي، اُجهڻ جا اَفعالَ،

سَپَڙ دَر سوالَ، کَر تہ قيمت آڻئين.

(۹)

چارڻ لڳو، پنڌُ گهڻو، ڪي چوڻاٽي چَئيج،
هتِ ڪي هلائيج، اُت آءٌ نہ اَچڻو.

(۱۰)

جيڪي ڏَڏَن ڏي، ڳجهيان ئي ڳجهہ ۾،
سو جي سڻن ڪڏهين، ڪرت وارا ڪي،
تہ سازَ مڙيئي سي، هوند پڻُوَن ڪن پَلڪَ ۾.

(۱۱)

اُت ڪِيرت وارا ڪيترا، ڪِيرت ڪبو ڪوهہ،
جيڪي بَندو ڪَم ڪري، سو مڙوئي ڏوهَ،
تون پارسُ آءٌ لوهہ، جي سَجِين، تہ سونِ ٿيان.

(۱۲)

اُٿيو اَبوجهاءُ، سپڙ جو سَڏِ ٿيو،
جڻِن اَئِين ڪيرَت ڪَٿُ نہ سکيا، تئن پاٽان ريڏو راءُ،
مَگُو مون مُلاءُ، آءٌ اوهان جو آهيان.

(۱۳)

ڏات نہ آهي ذات تي، جو وَهي سو لَهي،
آريُوَن ابوجَهن جون، سپڙُ جامُ سَمي،
جو راءُ وٺ رات رهي، تنهن کي جکي جانڪِيتان نہ ٿئي.

(۱۴)

ٻوليون ٻيلي جيون ڪري، پاسي پَر پيو،
سُڻائي سُتن کي، وهاٽي وَيو،
چاٽي ڪينَ پيو، سُرُ سکيوئي هيڪڙو.

(۱۵)

ٻولُيون ٻيلي جيون ڪري، پاسي پَر پيو،
چارڻ چاڙهي چُوڏول ۾، تهان پوءِ نيو،
وجي رات ڪيو، سرفرازَ سيد چئي.

(۱٦)

ٻاجهاڻو ٻيلي ڏٽي ٻُجهان ٻاجهہ ٿي،
سَپڙَ سا سُئي، جيڪا چارڻ چت ۾.

(۱۷)

ڏيکا ڦِٽا ڏُڌ جا، اڳيان ويڻ وهاڳ،
متي پويان مگڻين، سَندا ڏينهن ڏُهاڳ،
رُنو ڏارا راڳ، سَپڙَ رات سَمگيو.

(۱۸)

وهاڻيءَ تون وڃُ، تو نہ سرندي اُن ري،
پيرا ڏئي پيچ، جا پُنئي ڪاڻِ ڪريم سين.

(۱۹)

لنگهي جي ٻجهن، پڌر پئو مَ اُن سين،
نندِڙي وڏي ڳالهڙي، سڃي ٿا سمجهن،
تُون ڪيئَن اڳيان تَن، وڃيو وللين وات سين.

(۲۰)

وَهين سُڪا سانگ پيري، چوٽاٽي چوٽ،
ڏيوِ ڏان ڏڏن ڪي، سپڙ سخي ڏئي،
اِن راهَ مٿي رونجَهي، ماڻڪ اُڇليا مينهن جئَن.

(۲۱)

چارڻ چوٽاٽي مٿي، ڪيرت ڪا سنياءِ،
لنگها تون ليلاءِ، اڳيان اُنڙ ڄام جي.

(۲۲)

اُنڙ ۾ آس گهٽي، تهان وڏيرو ڏِپُ،
سو مڱڻهارن مَپُ، جو َنہ موٽائي مڱتا.

(۲۳)

ڄاڻين تہ مَ ڄاڻ، ايءُ درُ اٻوجهن جو،
ان دَر سي ئي اگهيا، جن نہ پانيو پاڻ،
رِيجهاڻو راڄاڻ، آهي اٻوجهن جو.

(۲۴)

طمع جي تنوار، متان ڪرين مڱتا،
ڏِڪي ڪَندئي ڏار، ماڻڪ ڏيئي مُٺ ۾.

(۲۵)

ڏڏ تي ڏانَ گهرج تُون، ڇڏ وڃا جي وائي،
سپڙ رات سنپائيا تازي تو لائي،
جو ڄاڻي نہ ڪائي، تنهن سين پيلي ڏٽي ٻاجهہ ڪئي.

(۲۶)

صبوح جو سُهاڳ، مڱڻهارن ماڻيو،
ڏنائون ڏاتار ڪي، وڏي وير وهاڳ،
وس منهنجي ناهہ ڪا، سيٽَن هَٿ سُهاڳ،
پرين سين پهاڳ، مانَ نماڻي نصيب ٿئي.

(۲۷)

چارڻ وس نہ ڪا، تہ ڪا ڪيرت جي ڪري،
جنين سَندو مڱڻو، هٿِ تنين جي آهہ،

جي ڪارائينس تہ ڪاءِ، جي سمهارينس تہ سمهي.

(۲۸)

جَڏو ڦِڏو ڏڏ، پاڻ ڪوٺائين مڱڻو،
نہ ڪنهن نيو پاڻ سين، نہ ڪنهن ڪيو گڏ،
سَپڙ ڪريو سڏ، ڏُکيا چاڙهي ڏولئين.

(۲۹)

پيو ليٽين لُٽَ، سڄيُون راتيون سُمهين،
اُٿي آڌيءَ نہ ڪرين، سپڙ ساڻ سَهَٽَ،
رونجهي رات اُپٽيا، پيٽنيون پاٽيٽَ،
ميڙي تيان مَٽ، چوندي پريا چارٽين.

(۳۰)

ڏاتار ڏک ڪيا، پاٽان مٿي مڱٽين،
مون دَرُ چڏيو مڱٽا، مڱين ڪوھ پيا،
تڏهن تو پيا، وڇيا ولها ڏينهڙا.

(۳۱)

منگُ تنهين کان مڱٽا، جو ڏيهاڻي تو ڏئي،
ڪُوڙا درَ دنيا جا، جاچڪ مڱين جي،
سُپان توهين ڪي، موتي ڏيندا مُنهن ۾.

(۳۲)

ڪَڙه اڳيان ڪپ، ڏهاٽي ڏاتار جي،
لنگها لاھ مَ لَک سيئَن، مَٿان چانئٽ چَپ،
مَڱٽهارن مَپ، ڪونهي پيو ڪِيرَت ري.

(۳۳)

سَپڙ ساهَ پساه، جاچڪَ جَم وسارئين،
ريهي رُپي سَنديُون، تندون تُنبي پاءِ،
لنگهيا تون لِيلاءِ، اڳيان انڙ چام جي.

(۳۴)

ميرا پسي مَڱٽا، سَپڙَ سَڏَ ڪيا،
سَبوجَهن سُٺا، اَبوجَهن آسَرو.

(۳۵)

تون سَپڙُ، آءُ سيڱڙو، تون صاحب، آءُ سڳ،
پڇي تنهنجو پڳ، ڪُلهي پاتم ڪينِرو.

(۳٦)

تون سپڙ، آءٌ سيڪڙو، تون ڏاتارُ، آءٌ ڏڏُ،
سٽي تُنهنجو سَڏُ، ڪلهي پاتم ڪينرو.

(۳۷)
تُون سَپڙ آءٌ سيکُڙو تُون پارس آءٌ پينار،
ڏسندي اِي ڏاتار، کُلهي پاتم کينرو.
(۳۸)
کيرت هَڏهَن کُوڙ، کر کيرت جي کام کا،
جنهن سين ريجهي راڃيو، سا تون تند مَ چور،
کارڻ ڏاڻ مَ ڏور، اڳيان لنگهي ٿي لج مري.
(۳۹)
جنين ريجهايا راڃيا، کاٿي سي تنبير،
ويڙا وڏي وير، کُلهين رکي کينرا.
(۴۰)
اڄ نہ سَچي اڳين، کا تنبيرين تنوار،
مڙهيُون مڱڻهار، پوري کنهن پار ويا.
(۴۱)
لنگهيو لوڏي کڍيو، مائٽن ماري،
سو تليو ٽيڙپا کري، پيٽ نہ ايءُ پاري،
سَپڙ سينگاري، ڏُکيو ڏولي چاڙهيو.
(۴۲)
تون سپڙ، آءٌ سيکڙو، تون ڏاتار، آءٌ ڏوهُ،
تون پارسُ آءٌ لوهُ، جي سَچين، تہ سونُ ٿيان.
(۴۳)
جتَن تو ڏڏُ ٿيو، تتَن لَنگهِي ٿي لَڄَ مَري،
صباح سِياکو، صَحي مڙندو مڱڻا.
(۴۴)
ڏاتارُ تہ تون، پيا مڙئي مَڱڻا،
مينهن مُندائِتا وَسڻا، سَدا وَسين تون،
جي گهر اچين مون، تہ ميريائي مانُ لَهان.
(۴۵)
اُپريو تارو، اُتي وَرَ وهاڳ ڏي،
سپڙُ ريسارو، چِت پَرکيَ چارڻين.

## وائي-۱

ٻي دَر وانءُ مَ کيڏانهينَ ميان الله، جو تون چامُ مڱندين مَڱڻا،
ڦير مَ هِنئون، کَنڌ، کِيانڙي، ٽيندي هاج هِنئائين،

ماڻڪَ موتي، مالَ خزينو ڏيندئي پيلي سائين،
ورچي تون وهاڳ ڪَان، متان ڏِئين پانهين،
دَر داتا مَڱُ مڱڻا، انڏا هوئج اوڏانهين،
مُذَڪرَ متان چڏئين، هڻان هيڪڙائي،
پيون ڏيئي پين ڪي، ڪنڻ سَمو سَوائي،
”ان الله وتر يحبَ الوتر“ وحَدَتَ واڳ وڏائين،
پنهنجي َ طرفَ پاڻهين، سائِل سَڏيائين،
جتي جوانَن ڪيِ ڪوني ڪُنائين،
اُتي عُشاقن ڪي اُلفَتَ اُهَج ڏنائين،
تنبُو ڪَڻُ مَ تيڏانهين، جيفو آه جيڏانهين،
”ڪيرت ڪر قرب سين، َخُلتَ ڪاج ڏنائين،
”الاَنسانُ سري وَاَنا سرهُ“، اِنَ پرَ اُتائين،
ڳجَهه ڳجهاندَرُ ڳالهيون، راز نہ رکيائين،
پَسو پينارَن جي پَٽ ۾ پاڻ وڏائين،
اَديون عبداللطيف چئي، مون سين مِهرَ ڪيائين.

## وائي-٢

وَڏڙا ڏانَّ ڏنائين، ڪنيائين رَخت ريزالَن جو،
ڏاتيون ڏئي ڏڏن ڪي، سَنديون سَون سائين،
اَنڏا مَنڊا آئيا، سخا سڏ وڏائين،
ڪينَ مَنجهان ئي ڪي ڪري، سونہ ساراهئين سَائين،
”و تُعز من تَشاءُ وَ تُزلُ مَن تَشاءَ“ آهي سڀ اُتائين،
نوازيائين نُطفو، منجهان ڪِين ڪيائين،
حرفِت حَريفن جي، پَڃي َسڀ پڳائين،
حَاسدُ سڀ حُزن ۾، مدَعي پاڻَ مُنائين،
اَديون عبداللطيف چئي، آه پاڻ وٽندڙ سائين.

## وائي-٣

مون ڪي چڏ مَ چيرين، اي عاقل پنهون اتور،
ڇپر ڪتوري ٽيو، تازي ڦَلن ڦور،
وڻ مڙيئي واسيا، لائي ڪنگوءِ ڪور،
پرچي جامَ پنهونءَ جي، هينئڙي لٿا هور.

## وائي-۴

سگِر منجهه سٽين، اي مون يا الله! سڏ منهنجا سپرين،
ڪا جا اڙڪ اونين، ڪرهل ڪوڏ ڪسن،

ڪامل ڪچيءَ تند جيئَن، ڳالهائي ڳنديِن.

## وائي-۵

ڪيچي ويا جيڏانهين، جيڏيون آهيم آسَ اوڏانهين،
بندي هيءَ بازار ۾، شال مَ پوي پانهين،
هاري وڃي هوت ڏانهن، ڏاهہ ٽيندِيس آءٌ ڏانهين،
پيرُ سجاٽي پرينءَ جو، موٽان ڪيئَن پانهين،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، پونديس اُت آڳاهين.

## وائي-٦

ڏيني سان ڏاتار، ٽي موچاري مڱٽي،
اچي چارڻ چوري، ڪا جا تند تنوار،
سا سيباٽي راڇيي، سڀاجهي ستار،
نياڳن نواز ٽي، ٿلهن ٿانٿنا ٿار،
آيو حاتم اوچتو، لنگهي جيءَ تنوار.

# سُر گهاتو

## فصل پهريون

(۱)

مَتو وَهڻُ ڪُن ڪَري، پَڃي سنپُويون ساڄَ،
مون وڄهندي واڄهہ، پرين پيا نہ پَنَ ۾.

(۲)

گهنگهريا گهڻَ ڄاڻَ، موڙهَي مَتِ مَهائِيين،
ويا گڏجي وير ۾، پيا مُنهَن مهران،
اَڳيان پويان ٿاڻَ، ويا ويچارَن وِسري.

(۳)

مالڪَ پڄايَن مولهيا، مَٿان رات پئي،
اوليون اُجَهڻَ لڳيوَن، ويا ونجهہ وهي،
ڪَلاچِيان ڪَهي، ڪَڏهن ڪونہ آئِيو.

(۴)

ڪو جو قَهرُ ڪلاُچ ۾، گهڙي سو نِئي،
خبر ڪونہ ڏِئي، تہ رَڃَ ڪُڄاڙي رَنڊيا.

(۵)

ڪالهہ ڪلاچيءَ ويا، ڇَٽيُون ڪٽي ڇُڳير،
پائُرن پيرو نہ ڪيو، اُڌَن ڪي اويرَ،
اهڙي خاصي ڪير، ڪُنَ وَرائي جَهلي.

(۶)

هڏُ نہ سُڄي ساٽئين، ڪُن ڪلاچيءَ پار،
ڪنهن ٻي تَڙ نهار، گهاتُن سَندا مڪڙا.

(۷)

تَريو پَسان نہ تارَ ۾، جُهڳا جاءِ نہ ڪن،
مادُرِ ملاحَن، ماڳِ نہ ڊويا مڪڙا.

(۸)

ڏِھاڙي ڏَنَم ڪيترا، جنھين ماريو موڪَ،
گھَرَ ۾ گھاتُوئڙن جا ٿا مارينَم ٿوڪ،
لڏي وِچان لوڪ، اونھي ويا اوھري.

(۹)

ڪالھ ڪلاچيءَ ويا، گھاتُو ڪَري گھُور،
مادر ملاحن جا، ويني سَھان سُورَ،
مون کي ڪري ملوُرَ، اُونھِي ويا اوھري.

(۱۰)

اُپيءَ اوسڙان اُس ۾، جَھليو ڪُنَ ڪنارَ،
گھاتُو گھر نہ آئيا، وَڏي لڳِين وارَ،
ھُيَس جنھِين ھارَ، سي موڙھي چڙھيا مڪڙا.

(۱۱)

ڪلي جان ڪِينڪاريان، تان ساٿيءَ سنگ نہ ڪن،
واريو وھَٽَ وجن، ڪن سيپاڳن سامُھان.

(۱۲)

جتي گھوريو گھاتُوئين، تتي واريءَ ٻَٽَ،
سَئَسين ساٿي مَٽَ، سُرُ سُڪَو، سونگي گيا.

(۱۳)

نہ ڪا بُوءِ بازار ۾، نہ ڪا چَلَر چَٽ،
جتي ڏنيَرن جي، اڳي ھُئي اڪُٽ،
سي پُڙ پَسيو پَٽَ، ماڙھُو وڃن موٽيا.

(۱۴)

مون آڏاريا مَڇَڙا، الله گھاتُو آڻ،
ميان مُدارن سين، مون کي قادر وجھُ مَ ڪاڻ،
ھَٽ منھنجي ھاڻ، قدرُ لڌو جن ري.

(۱۵)

اوري ھُئا تہ آئيا، جيڪس ويا پَري،
ساٿي سَڏ ڪَري، ماڳ نِھاري موٽيا.

(۱۶)

اُئِين جا لُڏو لوڏَ، ايءَ پَر گھاتُوئڙن جي،
ڪُنَ ڪلاڇِي ڪوڏَ، سک نہ سُتا ڪڏھين.

(۱۷)

گھوريندي گھور پيَا، اگھور گھوريائون،
مَنگرَ مارِيائون، ملاحن مُنھن سَنرا.

(١٨)

جا تَو گھيڙي گھٽ، مانگريون ۽ مڇڙا،
نيئي پچاڙيا پَٽ، ان ڪُنڍيءَ وارا ڪيترا.

(١٩)

گھور نہ اچي گھاتو، چاچر چُڳيرن،
ڪَنڍا ڪڙون پُڇن، اُتنگيو اُنھي ڳري.

(٢٠)

واھي جي وھڪرو ڏوران پسي ڏور،
ھُوند وڏئي ھور، مانگرياڻي مڇڙا.

(٢١)

گھہَ گيان گھاتو پيا، گھوري نہ چاڻن،
سا پر ھڏ نہ سکيا، جنھن پَر مڇ مرن،
مادر ملاحن، ڪنھن ٻئي تڙ ڊوھيا مڪڙا.

(٢٢)

وحدت جا وجود ۾، ڪي جي پرن پير،
ڏِگھا ڪري پير، سُتا ڪلاچيءَ ڪُن ۾.

(٢٣)

جان گھڙندا گھاتوئا، تان رچن ڏيو رڳ،
سَڳايُون ۽ سَڳ، ڪلاچي ڪينَ ڪَري.

(٢٤)

جڏَن جھينگا پائيين جھولَ ۾، ائين نہ مَرَن مَڇَ،
سَبرَ ڏار سمنڊ جا، ڪي رائو رڳي رَڇ،
ھي چاڙون ۽ چِڇَ، اجا اوڙاھ آڳاھون ٿيو.

## وائي-١

جيڪس جَھليا مَڇَ، گھاتو گھر نہ آئيا،
ڪاھي وجو ناڪئا، ڪَريو ٻُريَ تي ٻَچ،
ڪاٿي سَنديُن ڪُنڊيون، ڪاٿي سندن رَڇَ،
ڪُنَ ڪڙڪو ڏاڍو، اتُو اڳيان اَچَ،
اديون عبداللطيف چئي، سپ لنگھيندا پَچَ.

## وائي-٢

هو جي ويا مُون هٽي، اللهٰ! آءُ تنهن جَڙَ جڏي ڪئي،
بندر مٿان بارَ سي، ويڙا ڪالَھ ڪٽي،
سامونڊين سڙھ سنياِئيا، چني تن تٽي،
لائيندِيس لڱن کي، سنديءُ پرينءُ پٽي،
اُن سين عبداللطيف چئي، ميڙيندوم ڏٽي.

# سُر سينهُن ڪيڏارو

## فصل پهريون

(۱)
مٿي جنهن مَدارُ، ڪاند تَنهنجو تَڪيو،
پاڻُ اُوچو، عادت نيچي، اي سينهان پروار،
ڪَر ڪيسرَ جهار، ڏٺي جنهن ڏارَتِ لَهي.

(۲)
مُوران مانو نہ ٿئي، تازي جو توڙان،
هاٿي جي هيٺو وهيءَ، تہ گهٽي مُلهہ گهوڙان.

(۳)
موڪريءَ تريءَ، ڇوٽيءَ نريءَ، ڇوٽو ڪيهرَ پاڻُ،
گجي تہ گيورُ هَٽي، مرون پيا آساڻُ.

(۴)
سَهَسين مڙي سيارَڙا، جي جنبو جا ڪَرڪَن،
تہ ڪيهرَ ڪُن نه اُڏَڪي، ڏاءُ نہ ڏڄي تن.

(۵)
ڪرهو ڪيسر آءُ، پَسو واڳُ ولاڙيو،
پيٽو باپ ملاءُ، ذرو ضايع نہ ڪَري.

(٦)
پيٽو باپان وترو، ڪرهو ڪيسر جو پَسُ،
آپُ ڇُپائي، پَرَ ماري، ذات سينهان جي جَسُ،
جِت وَڃي دَمامَن دَسُ، مَٿي آرن اُسري.

(۷)

اِيءَ ڪيسر جي ڪار، جئَن هاٿيءَ ڪي هٿ هَٽي،
جي ويهن واڳين ويڙهيو، توءِ لانجهو ڪِيمَ نهار،
ڪِلي ويرَ قرار، ريءَ ڪِلي ٿِئي ڪَهروَ.

(۸)

ايءَ ڪيسر جو ڪَم، جئَن هاٿيءَ ڪي هٿ هٽي،
نهوڙي نابُن سين، دمائيس نہ دم،
ڪَلي وير قدم، کوڙي پرَ ڪٽي نَهين.

(۹)

روجهہَ نہ پَڪَڙجَن، مَتا جي ماهہَ گهٽي،
واڪي جي وَرَن، ڪجي سَنگُ سيهن سين.

(۱۰)

ڪيهر قَصدُ ڪباب سين، مَچِي مُورَ نہ کاءُ،
جي سينهان سَو لنگهٽين، توءِ نہ لِکَ لکاءُ،
پير تِنهين پاءُ، جِت ناهہ مجال مرونءِ جي.

(۱۱)

نينهن سيچاٽي، سينهَن، تنهين قصد ڪَباب سين،
راَت کاڏائون ڏينهَن، تَہ پڻ پُوٽن بُکيا.

(۱۲)

ڪَنِ بورائُو باز کي، ڳِجَهہ جي کج مَ ڳولَ،
ڊوڙ جنهن جي ڊُونديَ ڏي، رنَّ ۾ وتي رولَ،
جو ٻهون پاري ٻولَ، سو هٿان ڇڏ مَ شِڪرو.

(۱۳)

ڪنِ بورائو باز کي، ڳِجَهہ مَ ڳري لاءِ،
آهي ان اَنڌيءَ جي، جيڻي پاسي جاءِ،
کاڄ اُهوئي کاءِ، هُو جو َ قوت ڪلابَ جو.

(۱۴)

ڪنِ بورائو باز کي، ڳِجَهہ کي ڏيج مَ ڳلَ،
هُماءُ ڏي تون هَلُ، شِڪرو ساڻ ڪٽي.

(۱۵)

عاشُق توءِ آزار سين، جي مٿي وجن ڳيجهہَ،
جي وينو منجهہ ڪُريز، تو سيچاٽو شڪار سين.

(١٦)

آهي عاشقن کي، ڪاڙهو مَنجهہ ڪُريز،
جي متي وجي ڳيجَهہ، توءِ نَهاري ڍونڊِ ڏي.

# سُر آسا

## فصل پهريون

(۱)
لوچان تي لاحدَ ۾، هاديءَ لَهان نہ حد،
سُپيريان جي سَونَهن جو، نہ ڪو قد نہ مد،
هت سِڪَڻُ بي عدد، هُت پرينءُ پروا ناه ڪو.

(۲)
آءُ سين اِن پار، ڪڏهن تان ڪونہ پيو،
”اِن الله وتر يُحبُ الوتر“، نيئي ٻيائي ٻار،
هيڪڙائيءَ وِٽ ھار، هَنجون جي هَئَڻ جون.

(۳)
ٻَن ٻيائي سُپرين، پاٽان مون ڪي پَل،
آءُ اوَريان جَهلِ، توڪي رَسي تون ڏٽي.

(۴)
توڪي رسي تون ڏٽي، سَپوئي جَمالَ،
ڪونهي پيو خيال، جي شارِڪَ سڪ وجائيين.

(۵)
آءٌ اورهين جَهل تون، ڇڏِيم پاڻَ پَچار،
شِرڪَ سَانُ ستار، گهٽا گهَارِيَمِ ڏِينهڙا.

(٦)
عَينُ شرڪ اي، جڻَن بي شرڪ پانئيين پاڻ کي،
وڃائي وجود کي، پاٽان پاسي ٿِيءُ،
هڏ هن ڪونهي هيءُ، هُو پڻ ڪونهي هِن رَي.

(۷)

هُو پڻ ڪونهي هنَ ري، هي نہ هُنهان ڌارَ،
”اِلانسانُ سري وَانا سرہُ“، پروڙج پچارَ،
ڪندا وياٰ ٿنوارَ، عالِمَ عارِفَ اُهڙي.

(٨)

نہ ڪا اِبتدا عَبدَ جي، نہ ڪا اِنتها،
سي وجڻ ڪي ويا، جن سُڃاتو سُپرين.

(٩)

تَعظِيمان ترَڪُ ٿيا، واجهاٽِيان ويا،
وجي تِت پيا، جتِ نِهايَتَ ناہ ڪا.

(١٠)

اَنا عَبدُ مَعبُودُ تون، اَت نہ ڪو شرڪ نَہ شڪ،
پَچارون پرين جون، محبَتين مَرَڪُ،
سو سيوئي حق، جنهن ۾ پسڻ پرينءَ ڪي.

(١١)

جان جان پَسين پاڻ ڪي، تان تان ناهہ نماز،
سڀ وڃائي سَازَ، تهان پوءِ تَڪبيرَ چؤ.

(١٢)

جان جان پسين پاڻ ڪي، تان تان ناہ سَجود،
وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبيرَ چوُ.

(١٣)

ورد وظيفا وسريا، نڪا رهي نماز،
هِنئڙو بحري بازَ، چوري ڪيو چنبن ۾.

(١٤)

سَر نايو سجدا ڪرين، تَنَ تواضع تو نہ،
هوَ جو مٽڪو مَن جو، سهجان سارين سو نہ،
ڪوڙا ٿيندئي ڪونہ، ڦوڪي ڌوٽين فائدو.

(١٥)

نابُوديءَ نيئي، عَبد ڪي اعليٰ ڪيو،
مورَت ۾ مخفي ٿيا، صُورَتَ پڻ سيئي،
ڪبي اِت ڪيهي، ڳالهہ پريان جي ڳجَهہ جي.

(١٦)

ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي، ڳالهہ مڙيائي ڳجَهہ،

هِنئڙا اَجُهہ مَ منجھہ تہ پرينئون پري نہ ٿئين.

(۱۷)

صورت سوجھہ مَ ٿَنهنجي، تون پيءُ پُڇين جو،
سخن َ آهي سو، جو مُنهن مُقابل نہ ٿئي.

(۱۸)

سُڃاڻپ نہ صورت ري، صورت هَڏُ مَ سوجھہ،
ٿي ٻاراٽي ٻوجھہ، وڃائي وَجود کي.

(۱۹)

جن وڃايو وجود کي، سي فاني ٿيا "في الله" ۾،
نہ تن قِيام، نہ قاعدو، نہ ڪو ڪن سَجُود،
جيلانهن َ ٿيا نابُود، تيلانَهن ڳڌيا بود کي.

وائي

پرينئون پوءِ، موٽي موٽي نہ وهامي راتِ،
رَاهَ رمَندڙي روءِ،
ڦوڙائو فقير کي، قادرَ ڪوهُ ڏنوءِ؟
چڙهيا ڏاڍين ڏونگرين، سيڻن سانگ نہ ڪوءِ،
اچي اوراهون ٿئي، سيد سانگ سندوءِ،
اديون عبداللطيف چئي، محب سِڱهو مِلندوءِ.

## فصل پهريو

(۱)

اُپرندي سج، پرين جي نہ پَسنديُون،
ڪڏي پيئَي ڏج، اَکڙيون ڪانگن کي.

(۲)

اُپرندي سج سان، پرين جي نہ پسنديون،
ڪڏي کي ڪانگان، نيوالا نيڻَ ڏيان.

(۳)

مون کي اکڙين، وڏا ٿورا لائيا،
تہ پڻ پرين پسن، ڪٽان جي ڪر سامهِيون.

(۴)

اکڙيون، پرين ري، جي ڪي پيو پَسن،

تہ ڪڍي ڪي ڪانگن، نيوالا نيڻ ڏيان.

(۵)

نيرانائي نيڻ، نيئي آچ پرين کي،
ستر ڪاڏا ڪيڻ، جو ڏٺو مُنهن محبوب جو.

(٦)

تن نَيڻن کي نيران، جن ساجُهر سيڻَ سانپيٽيا،
جيءَ جَسي ۽ جان، ڪ حُضوري حَج ڪيو.

(٧)

اَکيون عَلي الصباح دوستُ ديکڻ آئيون،
اُپيندي اُداس ۾، ٻي نہ ڪنديون ڪا،
رَچَنديون ريءَ پاه، پرچنديون پرينءُ سين.

(٨)

ڪي جو ڪنهين پار، اکيون پسي آئيون،
ٿيون ديوانيونَ دل ۾، اپر لڳين آر،
تنهان پوءِ قرارِ، سُتيون ڪِينَ سيد چئي.

(٩)

ڪي جو وجي اُڄ، اکيون پسي آئيون،
سيڻن جي سَهجَ، لالون ڪيون لطيف چئي.

(١٠)

ڪي جو وجي ڪالھ، اکيون پسي آئيون،
لالون ڪيون لطيف چئي، جانب جي جمال،
ٿيا نيڻَ نِهالَ، جنهين دلبرُ ديکيو.

(١١)

وسَن ۽ وهسَن، ڏهاٽي ڏِسڻَ لَئي،
جِئن جِئن پرين پَسَن، تِئَن تِئَن نشا نِينهَن جا.

(١٢)

وسن ۽ وهسن، ڏهاٽي ڏسڻَ لَئي،
ڏسي ڏسي آئيون، توءِ تلاشون ڪن،
ڍايون نہ ڍاپن، پَسڻ مَنجهان پرين جي.

(١٣)

ڏِسن ڏهاٽي، توءِ ترسن اوڏهِين،

آيا سُجاڻي، نيڻ نهاري پرينءَ کي.

(١٤)

اکڙيون اکڙين تي، ڏمَرَ ڏُکَ ڪرين،
جيلانهن سکڻ سکيون، تي دعويٰ مَنجهہ دَڙين،
کَلنِ ۽ ڪريَن، رُسَن پَرچَن پاڻ ۾.

(١٥)

اکين کي آهَين، عجب جهڙيون عادتون،
سُورَ پَرائي ساٺ جا، وڃيو وهائين،
اُتي لَنؤ لائِين، جِتَ حاجت ناهہ هتيارَ جي.

(١٦)

اکين کي آهين، وڏا وَجهہ وڙهڻ جا،
اُپيون مَنڊي مامرو، جهيڙو نَہ لاهين،
جئَن سي ڪکَرَ اُپ ۾، تئَن آگميُون آهَين،
جُهڙِ ڦُڙِ نہ لاهِين، وَسَن سَانوڻِ مِينهن جِئَن.

(١٧)

اکين کي آءٌ، جان کي جَهليون پائيان،
لوک لتاڙي نندِ ۾، ساجَنُ سوٺائون،
مون کي ماريائون، پاڻ پَرچي آئيون.

(١٨)

اکين پنهنجي مَت، پاڻ سين پاڻهين ڪئي،
اُتي وڃي لڳيُون، جتي جان ڪَپَت،
نہ ڪا ڳالهہ نہ ڳتِ، جيءَ ڏنِي ريءَ نہ جُڙي.

(١٩)

لَڏي آيا لعلَ، پيرن سين پنڌ ڪري،
ساجن اکيُون جي ڪٽي، تہ ڪوڙين پانيان پال،
مُنهنجي ناهہ مجال، تہ ڪو وينڻ ورائي واريان.

(٢٠)

ڦير مَ تُون اُبَت، ڪڻ سُبتيون سپرين،
مون کي موهيي جن سين، ماري ڳيڙيءَ مَتِ،
ايءَ پرين تُنهنجي پَتِ، هاڻ جڏو جيءُ نہ مري.

(۲۱)

لوڏائي لک لھي، پاٻوھيو پروڙ،
اکڙيون پرپور جي سجڻين توءِ سُھاڳيُون.

(۲۲)

جتي آٽي چڙيئي، اُتي ئي آھين،
سي سڀاجھيون اکيُون، ماڳ نہ متائين،
جي اُتي لِک لاھين، تہ ڪڏي ڪانگن کي ڏيان.

(۲۳)

جتي آٽي چڙيئي، اُپيون آھين اُت،
پيو پروسو نہ پِت، اکيُون اوھان جي آسري.

(۲۴)

اکيُون پريم تُنھنجون، ڪٽاري جي ڪار،
ڪوڙي ڪڻ مَ سپرين، چاڪ وجھن جي چار،
ساجن سئُونِ نھار، وجن سور سنڌيون ڪري.

(۲۵)

اکيون پريمَ تُنھنجون، ڪجل ري ڪاريُون،
موليٰ ڏنيءَ منھن ۾، سَروا سُونھاريُون،
سانگو ڪن نہ سر جو، ھٽي منھن پاريُون،
ڪٽين جي ڪاريُونَ، تہ بہ سَجيندي سُور لھي.

(۲۶)

اکيُون پريم تُنھنجون، ڪر رُپي جي رئي،
اسين جاڳياسين جن لاءِ، سي سُتا سپ پئي،
اکين آبُ وھي، پٽر سپ پُسائيو.

(۲۷)

اکڙين آرام، ڪڏھن تان ڪونہ ڪيو،
ھنيون منجھ حمام، ڪاٽيون ڪُوري وچ ۾.

(۲۸)

اکين ڪي آرام، پرين ڏارا نہ پيو،
ٿين تي تمام، جي پسن منھن محبوب جو.

(۲۹)

اکڙين ادب چڙيو ڪوجھا نظر ڪن،
ڪَرن سان ڪلن، پيو وھ ورن سين.

(٣٠)
اکيُون تا عيد، ڪانهي عيد اکين ري،
خوشي ۽ خريد، ڪٽيو گهمن پاڻ سين.

(٣١)
اکڙين آرو، مُونهان پُڇي نہ ڪيو،
اُتي وچي اَڙيون، جتي چوڻُ نہ چارو،
هِنئڙو ويچارو، واٽون جهليو وِجهلي.

(٣٢)
اک اُلٽي ڏار، وانءَ اُلٽو عامَ سين،
جي لَهوارو لوڪَ وَهي، تون اوچو وهُ اوپار،
مَنجهان نوچ نِهار، پُر پُنِيرو پرين ڏي.

(٣٣)
تان جي ٿين سامهان، پُنيرا سُونهَن،
سَنئون وَرائي سُپرين، مُنهن جي مانڊي ڪن،
رڳون سڀ رَچن، تَن ۾ تازائي ٿئي.

(٣٤)
اکيون سيئي ڏار، جن سان پَسين پرينءَ کي،
ٻئي ڏانهَن ڪيمَ نهار، گهڻو ريسارا سُپرين.

(٣٥)
اکين مون کي اوچتو اُتي اڙايو،
لنئون تِت لڙايو، جِت ڪُڇڻ ٿئي ڪونہ ڪو.

وائي

اي ميان سجڻ تو ري تو ري،
ڪئَن رهندا نيڻَ منهنجا جن جو آڌار تون؟
آءُ تِيس لائق پُون، اي ميان سجڻ!
چيائِينَ اُلهي اُپَري، توٽي تَهان ئي پري،
تَوءِ وِجهي تن ڏي، اکڙيون پيرَ ڪَري.

## فصل ٽيون

(١)
موهيندُئي مجاز، گهٽي توري ڏينهڙين،
هَٿان چِڏ مَ باز، تُون هاريا حقيقت جو.

(٢)
ديکَ مَ تون سين تَن، هي جي مَجازياٽيون منهن ۾،
ڪينَ سجاتو سُپرين، نهاري نيٽَن،

پرين سي پسنِ، ٻئي جنهِين ٻُوٽيون.

(٣)

مجازي وهي، ڪڍُهن ويندئي نِڪري،
اکيون تو هي، جم وِهين وِسَهي.

(٤)

روئي ڏوئي اکيون پاڻي جان نہ ڪن،
سي ڪئن پرين پسن، جَر ڪجَر جَنين اکئين.

(٥)

ڪاري رات اڇو نينهن، ايءُ صفتان نور،
جتي پرينءَ حضور، تِتي رَنگُ نہ روپ ڪو.

(٦)

نينهن منجهان ئي نيڻ، وڃان جئين وصال،
عَيب عاشقن جو، سبب جي سنڀال،
جو هو ٿيا پائي حال، تہ وجن وڇوڙا نڪري.

(٧)

اي مجازي ماءِ جي تو سجڻ ّ پانئيا،
ڪچا ڪوه ٿياءِ، هادي حقيقي پِرين؟

(٨)

مَجازي مَ مَٽ ڪر، پَنپيون ائين نہ پير،
پُڇي تئين نہ پير، هادي حقيقيءَ جي.

(٩)

مون ڪي ماءَ مجاز، پيچاري جئن پڇيو،
هٿن ڇڏي هاجَ، ويئي سار سنڌن مان.

(١٠)

حقيقت هَٽي، منهنجي جان جدا ڪئي،
هيڪو پساه پرينءَ ري، سگهان تان نہ ڪٽي،
ڏٽي ۽ ڏٽيءَ، آهي رهيو روح ۾.

(١١)

حقيقت هن حال جي ظاهر ڪريان ذري،
تہ وجن وڻ ٻري، اوپر اُپري ڪونہ ڪَو.

(١٢)

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪري زبان،

تہ تاکر تِڪي ڪانَ، لڳي ماٺ مِرُن کي.

(۱۳)

سَنئين سُونهائي سَيَڪا، ڪا مون مُنجهائي،
طلبَ ۽ تحصيَل اوريان ئي آهي،
مان تنَ تِتِ لائي، جِتِ آهِ نہ ناهِ ڪا.

(۱۴)

جت آه ناه نہ ڪا، اِيءُ خاڪي جو خيال،
جَانِبَ جو جَمال، پَسٽان ئي پَري ٿي.

(۱۵)

جت آه نہ ناه ڪا، اِيءُ خيال خاڪي،
پِرينءَ جي پاڪي، پسٽان ئي پَري ٿِي.

(۱۶)

نيٽين نَظَرَ نِينهنَ، جڙ جتي جوڙِجَن،
ساهُ اُنهين تانَ صدقو، اندرُ سين عُضون،
لاهي تن، لطيف چئي، اَنگ پڻ آڇجن،
قَلب قرباني ڪريان، مٿان دل دوسنَ،
هنئين ۾ اکين، ڦاهي ڪاڏي پرينءِ لئيَ.

(۱۷)

پرين نہ اَکڙين ۾، هنيو نہ حاضُر جن،
سَي هنئين جاڙ جَينَ، ٿَلها ٿاٿا سَڪٽا.

(۱۸)

مورک مامَ نہ بُجهٽا، هيڏانهَن هوڏانهن ڪن،
سي ڪئَن پرين پَسَن، ڪڙ جَن اِکيَن ۾؟

(۱۹)

جان تَنُ ڪيوءِ نہ تيئن، سوئِيريان ئي سَنهڙو،
پرين پائِيندا ڪيئَن، توکي اکڙيَن ۾!

(۲۰)

اکين ۾ ٿي ويهہُ، تہ آءٌ واري ڍَڪيان،
توکي ڏِسي نہ ڏيهہُ، آءٌ نہ پَسان ڪي پيو.

(۲۱)

تارَن ۾ ڪَر تَڪيو، وَنيَن ۾ ٿي ويهہُ،
پرينَ اکيَن ۾ پيهہُ، تہَ آءُ اجارو ٿيان.

(۲۲)
کران وجھُ مَ وات، ڏولَ هماري ڳالھڙي،
مَڇُڻ رَتي رات، اورڻ ۾ اُلھي ٿِئي.

(۲۳)
سِڪَ سِڪائي سِڪَ، سِڪَ نہ آھي سُتري،
لِڪ لِڪوتي لِڪ، تہ ڪرن خبر نہ ٿئي.

(۲۴)
خبر ٿي ڪَرن ڪي، تہ مُون ڪي ڪندا ڪوھہ؟
صورت سُپيريان جي، ڏِٺي ڪونھي ڏوھُ،
لوري لَڳُمُ لوھُ، جنھِين رت رئاريو.

(۲۵)
ڪَر جا ڪڏُ ڪنئي، پوَنڌ ڪارڻ پرينءَ جي،
تنھن ۾ پاڻ پئي، غِيبتي َغارُ ٿيو.

(۲٦)
الله ڪَر جِين، مدي جن جي من ۾،
اسان ۽ پرين جون، اُميدون پسَن،
تنھان پوءِ مَرن، سڙي اِنھيءَ سورَ ۾.

(۲۷)
الله ڪَر جين، جي پاڙِي رھن پرينءَ جي،
پِنيُون ماَن پسن، اُميدون سين سجڻين.

(۲۸)
ڪَرُ ڪاريندو سي، مانُو جن پريتڙو،
جوش جلايا جي، ماري تن ماتُ َڪيو.

(۲۹)
ڪَرَ ڪي ڪَپرُ ڪاءِ، نانگ مٺيارو نڪري،
اُيي جي اوناءِ، سُر پُر سَندي سَجڻين.

(۳۰)
ڪر خراب ٿيئَن، هيا هچار!
پوريئي ڳليون پرين جون، چَوڏاري چارا،
مَرين مُنھَن ڪارا، سَڙي انھيءَ سُورَ ۾!

(۳۱)
سجَڻَ سَنيُون ڪن، لوڪان ليکي ونگيُون،
سندي سُپيرين، پرِ پَروڙڻُ ڏاڪڙو.

(٣٢)
ڪاجا پَر پريَن، نہ سا سُئي نہ ٻُڌي،
مَتيُون سڀ مُنجهَن، اهڙي ڏِني قَضِئي.

(٣٣)
نَہ ڪو ڏيگهہ نہ ويڪُ، نَہ ڪو مُنهُن نہ مُهاڙ ڪا،
اي اهوئي ڪيڪُ، ڪورُ پَروڙي ڪين ڪي.

(٣٤)
حوصلو حَيرَت ۾، ڪَري ڪِينَ دَرَڪُ،
جو حُسن سَندو حَقُ، سو ڪور پروڙي ڪينَ ڪي.

(٣٥)
حوصلو حيرت ۾، وڃي ٿيو ويچُون،
محبت جون ميڇون، ڪور پروڙي ڪينَ ڪي.

(٣٦)
حوصلو حيرت ۾ ويڇون ٿي ويو،
حُسن حق سندو، ڪور پروڙي ڪينَ ڪي.

(٣٧)
حوصلو حيرت ۾، وڃي لڄاٽو،
ويچارو ڪاٽو، ڏسي ٿيو ڏِسَڻَ لئہ.

(٣٨)
حوصلو حيرت جو آهي نہ مَتِي عامَ،
سَندي محبت مامَ، ڪور پروڙي ڪينَ ڪي.

(٣٩)
مئي هاٿيءَ سين مامرو اڃي پيو اَندَن،
مُناڙين هٿَن سين، اَڪئين ڪينَ پَسن،
في الحَقيقت فِيلِ ڪي، سَڄا سُڃاڻَن،
سندي سَردَارن، بَصِيرَتَ بينا ڪَري.

## وائي-١
وڃهہ مَنجهہ خَلِيل، اندر آذر آهيين،
سُڌَ مَ ڪَر صحت جي، اُڃا تون عَلَيلُ،
نالو ناهہ نِفاقَ جو، جتي ربَ جَلِيلُ،
مُنهَن ۾َ مُسلمانُ تون، قلبُ تان قلَيلُ،
وتر جي وصالَ ۾ دُوئي ناهہ دِلِيلُ،

الله عبداللطيف چئي، سچو رکائج سِيلُ.

## وائي-٢

الله سائين سائين پئان، پرينئون مَ پانهين، مُون تان آسرو آهَي اوڏانهين،
جتي ديرو دوست جو سا ڪئَن جوءِ اَڳاهين؟
پُنپيون پري آئِيون آيَل مون اُتانهَين،
قلم جن جي هٿ ۾، سي سيڻَ سَباجها سائِين،
بَندي‌ءَ جي بازار ۾ شال مَ لِکن لائِين.

## وائي-٣

جيڏيون! آءٌ ڪا پاڻ وَهيٽي آهيان؟ ڪا مون سارَ لَهيجاهه،
واڳ ڏٽين هٿ ۾، ڪيڏانهن ڪَرَڳل ڪاهيان؟
جيڏانهن ورائِينم سُپرين، پير اوڏانهين پائِيان،
قلم ڪاتب هَٿ ۾، آءٌ ڪا لِکي مان لِکَ لاهيان؟
سَدا سُپيَرَين لئي ويني ڪانگ اُڏائيان،
ايندا عبداللطيف چئي، آس اُميد نہ لاهيان.

## وائي-٤

موت مُندَ نہ آهي، تائب ٿيو تڪڙا،
"عَجلوا بالتوبة قَبلَ الموت"، ويهہُ تون ويرَ مَ لاهي،
پريَان ڪارڻ پاڻ ڪي، سگهو ويهہ سَنباهي،
اَجل آسارن ڪي، ڪامَ‌َ وٺيو ٿو ڪاهي،
وڏائين وَڏَڻ لئي، ڳُنَ ڪهاڙيءَ پاهي،
عمارتون انڌن جون، ڍاهيو ٿو ڍاهي،
نيا گهوٽ گهَرن ڏي، ڪنهن وڏيءَ وير وناهي،
اِتي عبداللطيف چئي، بنا ڪَفن پِراهي.

## وائي-٥

پانڌي سو ميڙيوم، هادي هٿ ڏيوم،
سائين سو سچوم ميون سو منوم،
سگهائي صحتيان، ڪريم پاڻ ڪنَدوم،
جڏا جياري ڪين وساري، صاحب سو سندوم،

جنهين جهڙو ناهہ ڪو، ڏِسڻ سو ڏنوم،
جنهين گهوري آهيان، لائق سو لڌوم،
قائم جو قلب ۾، پَسڻ سو پيوم،
اڱڻ آيا سپرين، ڪوڙين ڪاڄُ منڌوم،
لقاءُ جو لطيف جو، شفاءُ سو ٿيوم.

## فصل چوٿون

(١)
ديکيندي ديدار کي، ڪينَ سُجاتو ڪلَ،
تازي طويلن ۾، آهي احاطو جُهلَ،
هُئا جي اَمُلَ، سي حسابان هَڄي ويا.

(٢)
ديکيندي ديدار کي ڪلَ سجاتو ڪِين،
تازي طَويلن ۾، آهي احاطو زين،
آهن جي اَمين، سي حسابان هڄي ويا.

(٣)
ديکيندي ديدار کي، ڪلَ سُجاتو ڪيئَن،
جانبَ مَنجهان جيئَن، مَحرُوم ئي مري ويا.

(۴)
محروم ئي مري ويا، ماهَر ٿي نہ مُئا،
ڇٽيءَ جيئَن ڇُهنجَ هٽي، لڏيائون لُئان،
حبابُ ئي هئا، اُنهي واديءَ وچ ۾.

(۵)
تَرڪُ ڪَر تَرڪَ کي، وڃڻَ ڪنا وڃ،
آهي اپءُ اُهُج، سُٽي سُٽائج تون.

(٦)
وڃي رسُ وڃڻ کي، وڃڻ کي وڃيج،
لِکيان تُون لکيجِ، لِکيان لکي ڪونہ ڪو.

(٧)
وڃي رَسُ وڃڻَ، کي وڃڻ پڻ وڃاءِ،
لوڪان پاڻُ لڪاءِ، لِکيان پڻ لِکيج تُون.

(۸)

لوڪان لڪي سِپڪو، لڪيان لِڪي ڪونَ،
اُتي ويٺي اون، اُن اُلٽيءَ ڳاَلھ جي.

(۹)

تحقيق جي تُون پري، متي ري ڪٽيج،
باھُنيان ٻھرَ تي، ڪُشتي ڪمائيج،
سندين ري ساري ٽنگڙيون، ڄنگھن ري ڄليج،
حاجَ ھٿين ري نہ ٿئي، سا ٺُونٺو ٿي ڪريج،
ھڪل حقيقت جي، ٻوڙو ٿي ٻُڌيج،
انڌو ٿي پسيج، مشاھدو محبوب جو.

(۱۰)

ڇُپ ڪر ڇَپ مَ ڇور، ٻوڙ اکيُون، ڏِک ڪن،
پاٽي پي پيٽُ مَ ڀر، رھُ اڌورو ان،
تہ ھوءُ جا مُورت منجھاران من، تَنھنجو مشاھدو ماٽئين.

(۱۱)

نانگ بہ نمن اُن کي، جي ڪيڙيءَ پِر ڪنبن،
آڳو امنُ تن ڪَري، جي انھيءَ پَر پُڄن،
مشاھدو محبوب جو، آ پَر لاءِ ان،
”ان اوليائي تَحتَ قَبائي“ ٻوڙا ڪين ٻُجھن،
ڳجھان ڳجھ وجن، احد جي اسرار ۾.

(۱۲)

ھٿن سين ھاج ڪَر، نيٽن سين نھار،
اُپا اڳَ پار، پسُ پنھنجا سُپرِين.

(۱۳)

احَدُ احمَدُ پاڻ ۾، وچان ميمَ فَرقُ،
آھي مُستَغرَق، عالَمُ اِنھين ڳالھ ۾.

(۱۴)

اسين سڪون جن کي، سي تان اسين پاڻ،
ھاٽي وچ گمانَ، صَحي، سُڃاتا سُپرين.

(۱۵)

اسين سڪون جن کي، اسين پڻ سيئي،
”لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ“، وَنءَ اوڏانھِيَن پيھي.

(١٦)

ڏسڻ ڏسين جي، تہ همه کي حق چئين،
شارَڪَ شڪ مَ ني، انڌا انهين ڳالھ ۾.

(١٧)

مُنهن ڪَر مَنجهاران، ٻهَران ڏَونڊِ مَ ڏِور جئن،
جي اکُڙئَين آرا، تہ ڪنڌيءَ اچڻ ڌاڪڙو.

(١٨)

آڌو جو اثباتَ ڪي، سو شرڪ لاهي شڪ،
هئي جنهن ۾ حَقُ، تنهن نفَي جهڙو ناهِ ڪي.

(١٩)

نفي سندي نانهن سين، پُڇي پڇائون،
پڙا جي ياڻڙ جا، سي پيري پڳائون،
اسين ۽ آءٌ، آتڻ هئي نہ اُن جي.

(٢٠)

وڏي تان اِن واٽ ۾، ٻيلپَ ٻيائي،
آهي اُونداهيءَ جو شِرڪ سُهائي،
چِتي چِتائي، الف جيَ عَينڪَ ۾.

(٢١)

ڪافر ٿيءُ تہ اُبهين باب شرع جا ڇڏ،
مَنُ مُشرڪن گڏ، تہ ويجهو ٿين وصال کي.

(٢٢)

آذر ٿيءُ تہ اُبهين، ڪَتا جيئن ڪافر،
سندي ڏينهن حشر، ويجهو ٿين وصال کي.

(٢٣)

اِنَ پر نہ ايمانُ، جيئن ڪَلمي گو ڪوٺائين،
دغا تُنهنجي دلَ ۾، شرڪ ۽ شيطانُ،
مُنهَن ۾ مُسلمان، اَندر آذر آهِئين.

(٢٤)

ڪجي ڪن ڪلمون، سڀ ڪنهن سڻڻ لاءِ،
فِڪر سين ڦيراءِ، تہ همہ کي حق چئين.

(٢٥)

ڪُوڙو تون ڪُفَر سين، ڪافر مَ ڪوٺاءِ،
هِندو هَڏ نہ آهئين، جڻيو تو نہ جڳاءِ،

تِلڪُ تِنهين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.

(٢٦)

مُنهن تہ موسيٰ جهڙو، عادت ۾ اِبليسُ،
اهڙو خامُ خَبيث، ڪڏي ڪوهَہ نہ ڇڏئين؟

(٢٧)

مُنهُن تہ موسيٰ جهڙو، سيرَتَ شيطاني،
بازي بيراني، ڪڏي ڪوهَہ نہ ڇڏئين؟

(٢٨)

مُنهُن تہ آهيريان ئي اُجرو، قَلبَ ۾ ڪارو،
ٻهران زيبُ زبان سين، دل ۾ هَچارو،
ان پر ويچارو، ويجهو ناهِ وصالَ سين.

(٢٩)

عالم جي الله جا، سي پريون سَڀ سمجهن،
هميشہ هَئن، انهي واديءَ وچ ۾.

(٣٠)

ائين چوندي ڪير تہ آءٌ ساجاري سچٽين،
دائم ان درٻار جا قِرندا پسان قير،
جن حضوري هير، ڪري تغيري تن سين.

(٣١)

وقت وڃي جو، سو قضا ٿئي ڪينَ ڪي،
تان نہ گهرجي تئين، جا پر عزازيل جي.

(٣٢)

مُون تُون آءٌ اسين، چارئي چتان لاهہ،
سندي دوزخ باهِ، تہ تو اوڏيائي نہ وڃي.

(٣٣)

تان ڪا ڪاني پاءِ، وَنن ۾ وصالَ جي،
دُوبينائي دُور ڪري، معرفت ملهاءِ،
سُپريان جي سُونهن ۾ رُخنو ڪونَ رهاءِ،
اڪ اشهد چاءِ، تہ مسلماني ماڻيين.

(٣٤)

سرمو سياهيءَ جو، رَنُنِ کي رِهاءِ،
ڪاني ڪارائيءَ جي مڙس ٿي مَ پاءِ،

اکين ۾ اٽڪاءِ، لالائي لالن جي.

(٣٥)

سرمو سُرخيءَ جو جڏهن پاتو جن،
تڏهن ڏِني تن، رونَقَ ريٽي جهڙي.

(٣٦)

سرمو سُفيديءَ جو جڏهن وڌو جن،
تڏهن ڏني تن اَڇائي عالَم ۾.

(٣٧)

جي فارسي سکيو، گولو توءِ غلام،
جو ٻڌو ٻن ڳالهڙين، سو ڪيئن ڇائي چامُ؟
اُڇيو تہ آبُ گهري، ٻُکَيو تان طَعامُ،
اَيِ عامن سَندو عامَ، خاصَن مَنجهان نہ ٿيو.

(٣٨)

نہ ڪا اڄ صُباح، کهڙي پڇين ڳالهہ ٿو،
وائڙَن تنهن سين واڳيو جو پرين ۾ پَساهہ،
در رباني راهہَ، مَٿي حال هُشيار ٿي.

(٣٩)

ڏورَج ڏيو هٿ ڪري ڏور مَ ڏيان ڏار،
ڪوڙين لَک هزار، اُونڌيءَ اِنَ انڌا ڪيا.

(٤٠)

جو تو ڏيو ڀانئيو، ايءُ سُورج سُهائو،
انڌن اُونڌائو، ٻي ڳالهہ مڙيئي ڳُجهہ جي.

(٤١)

ڏور مَ ڏيو هَٿ ڪري، ڏورج ري ڏيئي،
تان تان هوئج حجري، جان جان يارُ جيئي،
جڏهن پاسي پرين ٿئي، تڏهن ڇڏج تکيو.

(٤٢)

ڪتيون ڪين ڪُسن، ڪنهن جنهن آگم اُپيون،
پنيون پنيئُن ۾ ڪُوري جيئَن ڪامن،
لاٽُون ڪيو لُوسن، لالن لاءِ لطيف چئي.

(٤٣)

ڪُتيون ڪين ڪسَن، ڪنهن جنهن آگم اُپيون،
نيٽَن جهڙو پاڻ ۾، ويٽين ڪين وڙهن،

اکين ۽ پِرين، پُوريون پاتيون پاڻ ۾.

(٤٤)

اوڳڻ رُسي سيکو، ڳِٺين پرين رُنام،
ليکيم جي لِسان سين، سي ڪَرَ ڪَينَ ڪيام،
پاڻَ وڃائي پانهنجا، ٺورا ٽڪ هَنيام،
بَندگي شرمندگي، اها ميڙ مُکيام،
پرين تَب پرچِيام، آءٌ جَب اُٺ گئي.

(٤٥)

اوڳڻ رسي سيکو، ڳِٺين پرين رنام،
ڀهون ڀاروتن ۾، ڪي ڪبيرا ڪَيام،
تيلانهين سريام، سکنئون سُورَ گهٽا.

(٤٦)

اِلتيَم جا هنيان، سا نہ سَلِتيَم ساهَ کي،
سپيريان جي ڳالهڙي لِڪايَمَ لوڪان،
ويئي مون وسان، پَڌر پيئي پِرينءَ ري.

(٤٧)

مون تان لڪائي گهڻو، رُوئڻ کي روشن،
رَسيون ريزالن کي مَنجهان زردي ظن،
ويري مُون وَرنُ، ڳالهہ ڪيائين ڳُجَهہ جي.

(٤٨)

متيُون سپ مُنجهاءِ، تُون "پاڻ" ڇڏي "اُو" جاڻ،
پهرين پاڻ ڦٽو ڪري، پرين پوءِ پُڇاءِ،
وحدت سان وِڃاءِ، ڪثافت ڪثرت جي.

(٤٩)

سيڪنهن ڏانهن سامهون، ڪو هنڌ خالي ناهہ،
اَحدان جي ارڪ ٿيا، سي ڪافر ڪيا ڪانهن،
محبُ منجهين مُون آهہ، مُون اَنَّ ڄاڻندي اُجهيو.

(٥٠)

عاشق ڀانئي اِيئَن، تہ آءٌ سک ڪنهن کي نہ سلان،
وچ رهندي ڪِئن، وَهَنَ اَکيون وِرچي هنيو.

(٥١)

اَندر رهي نہ گهٽ سپريان جي ڳالهڙي،
ڇا ڳَرَ سَهي سَٽَ، جہ مهرانَ مَوج ڪي.

(۵۲)
لَکين سَئين مهراڻ، آتِي سڀ اُدميا،
سڙيا مَنجههين مان، ٻهر ٻڙڪ نہ نِڪري.

(۵۳)
حقيقت هٽي، منهنجي جان جدا ڪئي،
هڪڙو ٻساھہ پرين ريءَ، سگهان تان نہ ڪٽي،
ڏٽي ۽ ڏٽِي، اڃي رهيو روح ۾.

(۵۴)
پاڻُ پَردو پاڻ کي، سٽي ڪَر سنپال،
وِچان جو وِصالَ، سو تان هوئَنُ هِنَ جو.

(۵۵)
پاڻ پردو پاڻ کي، طالِبَ سُٽج تون،
نَ ڪا هان نہ هُون، پَردا سڀ پاسي ٿيا.

(۵٦)
مُون مُونهين ۾ سَپجي، مون کي مون جُڳاءِ،
مونهين مون ٿئي، مونهين جي ساڃاءِ،
اُنهين اِيئن جُڳاءُ، اَن کي اِئين نہ چِئٽو.

(۵۷)
بِن جنهن جي ذات جو، اُتي آھہ الله،
تِھ نہ پچي ماھُ، گُنديءَ نينهُن نہ سَپَجي.

(۵۸)
گُنديءَ نينهن نہ سپجي، تھ نہ پچي ماھ،
ڪچيءَ پر ڪِئان، ٿئي سما جوڳ سجٽين؟

(۵۹)
نَظرُ نزديَڪون، سَهي نہ سگهان ساعت سيئَن،
پَسڻِ پَري سَندون، آءٌ نالي ڳيڙي نِجهران.

(٦۰)
عالم آءُ ساڻ، پريو ٿو پير ڪري،
پاڻ نہ آهي جاڻ، تہ ڪ مانديءَ منڊُ پڪڙيو.

(٦١)
لاسين لاٿائون، توکي توڙائين،

اڃا پڻ آءٌ، وِرايو وڃھين وچ ۾.

(٦٢)

صفت سَڱُ احد سين، احد صفت ري ناھ،
اُنھن ۾ اُنءُ، ٻئي ٻيائي ٿيا.

(٦٣)

احد ان اڳي جا، ھُئي سُوڌي سا صفت،
اُپَر اشارت، سِڌ نہ آھي سُتري.

(٦٤)

پاڻ وڃائي ھُو لھين، پھرين پاڻ وڃاءِ،
مُنھن منجھان ئي پاءِ، توھان ڏار نہ سپرين.

(٦٥)

مُون ويني ئي وانءُ ٿيا، سڄڻ منجھ ھَوام،
ھنھَئي جاڙ ھَنيام، ھيڏانھن ھوڏانھن ھٿڙا.

(٦٦)

سڄڻ ساھ پساھ ۾ پرين پاڻ پساھ،
"وَ فِيٓ اَنۡفُسِكُمۡ ؕ اَفَلَا تُبۡصِرُوۡنَ" سچو اِيءُ گواھ.

(٦٧)

جيئَن جيرو کائي جر سين، عشق ايئن ڪري،
اَڃا پِرَت پري، ڳالھ ڳاٽيتي ناھ ڪا.

(٦٨)

وياسون پاڻان، سڀ ٿياسُون سپرين،
پاڻھين جي چاڻان، رتي رھي ھيڪڙي.

(٦٩)

محفوظ مَيا ڪي توحيد ٿيو تمام،
"اَلۡاِنۡسَانَ سِرِّیۡ وَاَنَا سِرُّهٗ"، تان نہ پروڙي عام،
محبتين مدام، اچي رھيو روح ۾.

(٧٠)

اَٽڪي عيان نہ ٿئي، ڪي پروڙي ڪونہ،
اَمر عطا جنھن جو، جان سونھون ٿيئي سون.

(٧١)

اَٽڪي عيان نہ ٿئي ڪي پروڙي ڪونہ،
سَچي جِھڙي سونَ، مُنھن نہ پئي ماڙھوئين.

(٧٢)

چوريءَ پَهت ڳجهہ سين، پڌر ناهہ ارٿ،
پوءِ لڪائي وٿ، پهرين لڪائي پاڻَ کي.

(۷۳)

چور ايوئي چوءِ، تہ آءٌ اهوئي آهيان،
جي اسي اکين هوءِ، تہ لکي کي ڪونہ لهي.

(۷۴)

علتيءَ آرام، پَسي علتان آئِيو،
حَسن جو حق جو، سو خامي پائئي خامُ،
اچي ٿيا اسلام، ڪُفر ڪافر پاڻ ۾.

(۷۵)

مون کي مون پريَن، ٻڌي وڌو تار ۾،
اُپا ايئن چون، مچڻ پاندُ پُسائين.

(۷۶)

پيو جو پاتار، سو ڪئَن پُسڻَ کان پالهو رهي!
سالِڪَ مون سَيڪار، ڪو پَهُ انهين پاندَ جو.

(۷۷)

ڪَر طريقت تکيو، شريعت سُجاڻُ،
هنيون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت ڄاڻُ،
هو ثابتيءَ ساڻُ، تہ پُسڻان پالهو رَهين.

(۷۸)

ڪُوڙي ڪج مَ ڪڌهين، ڦکي پائِج ڦانگ،
ساري سَناسين جئَن، لائق رکج لانگَ،
تہ چارئي چنيءَ پَاند، اوسا ڳنهي اُڪرين.

(۷۹)

تَعظيمان تَرڪَ ٿيو، واڪاڻان ويو،
جتي سَڌُ صاحب جو، اُت آهي ڪونہ پيو،
پاڻيءَ تِنهين پيو، جنهين ناهہ نهايت نينهن جي.

(۸۰)

ستوئي سيج گهرين، جَفا ڏئين نہ جان،
صُلح ري سيٽان، متان نُونڊين نہ چڙهين.

(۸۱)

ستوئي سيج گهرين، جفا ڏئين نہ جيءَ،

بعضي ڏاران پِي، مڇڻ نونڌين نہ چڙهين.

(٨٢)

صُلح جن سڄڻ سين، سيج ماڻِيندا سي،
"الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ"، اِنَ پر اُيا جي،
نيئي نونڌين تي، ڏکي چِتَي چاڙهيا.

(٨٣)

جي ٿيا حَل حَبيب سين، سُمهڻ تن ثواب،
نيڻ هيرائي ننڊ سين، خوش ڪيائون خواب،
اوسيڙو عَذابُ، دليان تنهِين دُور ٿيو.

(٨٤)

تَن تَسبيح، مَنُ مَڻڪو، دل دَنبُورو جَنَ،
تندون جَي طلب جون، وَحدَتَ ساڻ وڄَنَ،
"وَحْدَهٗ لَاشَرِيْكَ لَهٗ"، اِهو راڳ رَڳن،
سي ستائي جاڳن، ننڊ عبادت اُن جِي.

(٨٥)

رُني جا رِهاڻ، سا پي پَهتي نہ ٿِئي،
ڪنهن کر وجهي ڪاڻ، پاڻان نينهن نِڪاليو.

(٨٦)

رني نہ آهي ريت، پهتي پاهت ناه ڪو،
پسو مَنجهہ پريت، جيهائي جوڙَ وَهي.

وائي

ڪي اُنهين مَنجهہ آهي، هُو جي جُهونا پسجن جُهوپڙا،
اُنَ دَرَ سيئي اگهيا، جن ڪي ڪونہَ چتائي،
ڏاريانَ پائنِن ڏاريون، پاڻ پريان سين ڪَائي،
اِن اولِيَائِي تَحتَ قَبائِي، پنهنجا پاڻ پهرائي،
"لَا يَعْرِفُوْنَهُمْ غَيْرِیْ"، پَرکي ڪين پَسائي،
پنهنجون چِڏي پَٽَ ۾، رڙهہ اِنهيءَ جي رائي،
خذمت ڪر خَلقين پاندُ ڳچيءَ ۾ پائي،
اديون عبداللطيف چئي، اتاهِين ڪي آهي.

# سُر مارئي

## فصل پهريون

(۱)

اول نامُ اللہ جو، مڙنيُون مٿانهون،
ڪيئَن ڪري قبوليان، عُمر ڪي آءٌ،
رازق رضائون، مون مٿي اُتي ميجيُون.

(۲)

قضا آنديس ڪوٽ ۾، وطن مون ملير،
ازل مُنهنجي انگ ۾، جُڙيو هو زنجير،
چانڪ پينديس پرينءَ سين، پائَر جو پَنيرُ،
هاجَا ڪيو حمير، باللہ نِئي ٿو بند ۾.

(۳)

باللہ آهيان بند ۾ ڏُئان ٿي ڏٻَرُ،
ويڙِهہ وراڻي ناهہ ڪا، سُومرو سَٻَر،
ميان مهربان ڪر، تُون الٰهي عُمَر،
تہ ويڙهہ پَسان سو وَرُ، جيڏانهن عالم آسرو.

(۴)

جيڪس جيلانهين مارو ناهہ ملير ۾،
منهنجي تيلانهين، اچيو ڪونہ ڪَرَ لهي.

(۵)

ڪُوءِ آسون عُمرڪوٽ جيُون، ورُ جهنگل ۾ جُهوپي،
جو اباڻن اڏيو، ڳُٽن سين ڳوپي،
وينديس ويڙيچن ڏي، لوهہ پيچي لوپي،
چيڙ آءٌ چُوپي، سڪ لاهيندس سُومرا.

(٦)

ڪوءِ آسون عُمرڪوٽ جيُون، ور وِهڻ وسڪاري،

منهنجو تور تلن ۾، هت چيهَا ٿو چاري،
مري رهنديس مارُئين، سَاهڙيون ساري،
ڏيئي ڏِٿ ڏاري، آهيم اُنين مينهڙين.

(٧)

ننگا آهيون نکتا، اسين مارو لوڪ،
ٿر کي پانيُون ٿُوڪ، جو ڏِکَ ڏاٿيڙن جي.

(٨)

پاند نہ پکي لڏ جو، سدا جن پرياڻ،
ويا ڳِٽن ساڻ، مارُوئڙا ٿر اُکري.

(٩)

مارُو ماڳ نہ هيڪڙي، اوڏانهين ڳوٺان،
جيڏانهن وسن مينهڙا، تيڏانهن سانگ سندان،
جي ميڙي ربَ تہ ملان، نہ تہ وچان وڏو وچ پيو.

(١٠)

نت نت نياپا آئيا، اَوڏا جي هوا،
مَاروئڙا ملير ۾، واري وڳ ويا،
توڏانهين کَيها، ڏيئي ڏورپا چائيا.

(١١)

"اَلستَ برَبکُم"، جڏهين کُن پيوم،
"قالَوابَلَيٰ" قَلبَ سين تڏهِين تت چَيومَ،
تنهين وِيرَ کيوم، وَچَن ويڙيچن سين.

(١٢)

جڏهين "کُن فيَکُون"، مَنُ تڏهانکُون مارُوئين،
تون کِئن وجهين تن کي، سومرا شکُون؟
حَميرن حکُون، جاڙَ جُسي کي پاتِيون.

(١٣)

چئي "کُن فيَکُون"، جڏهن خلقيا رُوحَ خَداءِ،
ڳَڏ جت ڳذران هو، جَڙَ لَڳِي تنهن جاءِ،
مون توهِين سين آه، اُها ساجاءِ سپرين.

(١٤)

"فيکُونُ" فِدا کَري، کَهيائين سين "کُن"،
تعظيما تمام کَري پوءِ پَٽريائين پُون،
مارُو تِنائين مُون، پيننَر پاڳي آئيو.

(١٥)

نَہ ڪا ”ڪن فيڪون“ هُئي، نہ ڪا هُونگ نہ هُون،
سڄڻ تنهن ساعَت ۾، پيئي ڏِنوسُون،
مون تَن تڏهانڪُون، ملي ملاقات ڪي.

(١٦)

نہ ڪا ”ڪُن فَيڪون“ هئي، نَہ ڪو لڳ لحم،
بنيو هو نہ بُتَ ۾، اجا ڪي آدَمَ،
مون توهين سين سڱ، اها ساڃاءُ سپرين.

(١٧)

نہ ڪا ”ڪُن فيڪون“ هئي، نہ ڪا مُورت ماه،
نہ ڪا سُڌ ثواب جي، نہ ڪو عَرضُ گُناه،
هيڪائي هيڪُ هُئي، وحدانيت واهہَ،
لِڪيائين لطيف چئي، ڳُجهاندَرَ جي ڳاهہَ،
اڪينِ ۽ ارواحَ، اُها ساڃاءِ سُپرين.

(١٨)

قسمَتَ قَيدُ قوي، نا تہ ڪيرَ اچي هن ڪوٽ ۾؟
لِکئِي آٽي لَوح جي، هَنڌ ڏيکاريس هيءُ،
پَرچي ڪين پنوهار ري، جان، جُسو ۽ جَيءُ،
راجا راضي ٿيءُ، تہ مارُن مِلي مارئي.

(١٩)

قسمت قَيد ڪياس، نہ تہ ڪير اچي هن ڪوٽ ۾؟
”ونحنُ اَقرَبُ اليه من حَبل الوريد“، وطن آءٌ ويندياس،
مارُن ڪي ملندَياس، ڪونيون چڏي ڪڏهين!

(٢٠)

”قيدالماءِ“ ٿيوم، هت اڙانگي گهاريان،
”النار نَصيب العاشقين“ ههڙو حال سندوم،
قادر شال ڪندومَ، آجيَ عُمرڪوٽ ڪان.

(٢١)

”قيد الماءِ“ ٿيوم، هت اڙانگي گهاريان،
”هنُاڪ جسمي والفواد لَديڪم“، هنيون هُت سَندَوم،
قادرُ شَالَ ڪندومِ، ميڙائو سين مارُئينَ!

(٢٢)

"قيدالماءِ" ڪَهن جو، سو مون پاند پيو،
"جَفُ القَلمُ بما هُوَ ڪَائِن"، وهي قلم ويو،
ايءُ قضا ڪمرَ ڪيو، جئَن ٿر مارُو، آءٌ ماڙِئين.

(۲۳)

جهڙو "قيدالماءِ"، تَهڙو بند نہ ڪو پيو،
"جَفُ القلم بما هُوَ ڪائِن"، لَهي نہ تر تئانءُ،
عمر تو هَٿانءُ، آجازي ٿئي عاجِزين.

(۲۴)

ريءَ اعرابين هت، گهنگهرَ گهارڻ مون ٿيو،
"بڪَت العينين فِي هَواکَ دَما"، پچان ساڻ پريت،
مَنُ، اکيون، تن تت، جتي جنم جيڏئَين.

(۲۵)

هي هنڌ پيٽيون هاڻ، ساڙيان سڀ ڏيهين ري،
"کُل شيءِ يرجعَ اَليٰ اصله" ٿي جهڄان جهانگين ڪاڻ،
پري پنهنجي پاڻ، پَسانَ مُلڪ ملير جو.

وائي

پَرچَنَ شال پنوهارَ، ڍوليا مارُو مون ساڻ الله!
مون مَوران ئي مديون، آهن سيڻ ستارَ،
عيبن پَري آهيانَ، سَترُ ڪج ستار،
اُنا مينهُن ملير ۾، ٽڙ ٽڙِ پوءِ ٽنوارَ،
پائيَ آيس پاند ۾ اَوَڳڻَ عيب اَپارَ.

## فصل ٻيو

(۱)

پهيءَ سُک پيرن ڪيهہ، ڪو نينهَن نياپو ماروئين،
اَت اُڪندي آهيان، تن آتڻَ تن ڏيهہ،
سَندي جا ساٽيهہ، ڪهہ ڪٿوري پانئِيان.

(۲)

جو ڏيهُ ڏاڏاٽيان آئيو، ڏِنم تنهن طعنو،
پائي ويهُ مَ پلنگين، ڳڇيءَ سِر ڳانو،

مٿان لَڪَ لطيف چئي، ڪاءَ مَ خزانو،
سَرتِين سيلُ چوائِيو، زور هٽي جانو،
ٿيو سَڏَ سمانو، حَرف لٿي هيڪڙي.

(٣)

جو ڏيھ ڏاڏاڻيان آئيو، پيرين تنھن پئان،
ساڪائِتو سيد چئي، سنديون چٽَ چوان،
هِتي تان نہ هؤان، حرف لٿي هيڪڙي.

(٤)

نہ ڪو ايرُ نہ پير، نَہ ڪو اوتي آئيو،
مون وٽ آئيو ڪونہ ڪو، پائرئون پَري پيرُ،
ڪِتابَتُون ڪيرُ، آٽي ڏيندُم اُن جون؟

(٥)

نہ خبر نہ خواب، نہ ڪو اوتي آئيو،
هتي هت ڪنھين ڏنو ڪونہ جواب،
حميرن حساب، ڪوھ ڄاڻان ڪئن ٿيو.

(٦)

اُتان اوتي آيو، خبر اِيءَ ڪري،
وسارج مَ وَر ڪي، پئج مَ مُنڌَ مَري،
ويندِين اُت وري، ڪو ڏِينھن اَهئين ڪوٽ ۾.

(٧)

ڪو ڏينھن آهئين ڪوٽ ۾، لوئي هڏ مَ لاھ،
ڪامڻ آنھنجي ڪُرَ جي، ايءَ آڏ وڏائي آھ،
سِتي سيلَ نِباھ، ملير ويندئن مارئي.

(٨)

اوتي ڳوتي آٽئين، ڪي هتي جو هت هيرَ،
تہ ڪنا جي ڪوٽن جا، ٿين سُرها سيرَ،
آءُ تہَ اَڪِين اُگهان، جي پائِر ڏنئي پير،
الله لَڳ لطيف چئي، لاءِ مَ تون اويرَ،
ڪونئين گهاري ڪيرَ، مَحلين مُنجهي مون هِنئون.

(٩)

الله اوتي آٽئين، جي نياپا نين،
آءُ اِنھين جي آهيان، توٽي مون نہ مِڃين،

مس منهنجي هٿَ ۾، ڪاغذ ڪي آڻين،
لڙڪ نہ لِکڻ ڏين، ڪِريو پون قلم تي.

(١٠)

جي امرُ هَٽيو اڏ ڪَري، سي ڪاغذ لِکان ڪِيئَن؟
واڳيون جي وصال سين، تنهين چاڙهيو چِيئَن،
رُوئان راتو ڏينَهن، جيئَن اُن جي وائي ۾ ورَ ڳهٽا.

(١١)

تن ونهيَن ويڙيچن کي، رُوئين نہ راتو ڏينهن؟
ڪالهہ پنوهارن لَڏيو، مون کي چاڙهي چِيئَن،
آءُ جِيندي ڪِيئَن، جو اُن ٿر وڃي ٽاٽا ڪيا.

(١٢)

ٿر ٿَر اندر ٿاڪ، عمرَ ماروئڙن جا،
لاٿائون، لطيف چئي، مٿان لوئيءَ لاکَ،
عمر ڪريو آکَ، ڦِريو تي پَنَ چَران.

(١٣)

ٿَر ٿَر اندر ٿانءُ، ونهين ويڙيچن جو،
سِپ تُنهنجو سومرا، وِينا ڳِنهَن نانءُ،
اُتي وينديَس آنءُ، لوئيءَ لج مٿي ڪري.

(١۴)

سَهسِين سيبا ڪنجري، لوئي لِيڙ ٽِيامِ،
اباڻن جي آسري، ڪَتي ڪان ڪيامَ،
جا ڏِٺَ ڏِکيامِ، تنهن جو پَروَر پَنَ رَهائيين.

(١۵)

سُهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙون لِيڙَ،
واسي وار نہ ويڙهيان، مر چڳون رهن چيڙ،
ماروءَ جي مهاڙ ري، مون کي اندر ناهہ اُڪِير،
هيڙو هال حمير، وٽي شال ويڙهہ وڃان!

(١٧)

سهسين سيبا ڪَنجري، لِيڙن سين لوئي،
مَرُ نہ لاهيان مُنهن جي، پِيي ڏيڙن تان ڏوئي،
جا مارُوءَ ڏنيم سر تي، سا لاهيان ڪِئَن لوئي،
عمر اگهوئي، مون منَ ماروئڙن ري.

(١٨)

سھسين سيبا ڪنجري، لوئي سين لِيڙُن،
ھھڙو ھال وني ڪَري، وڃان منجھہ ٿَرَن،
مارو ماڻ چون، تہ ھُئي اسانھين آسري.

(١٩)

سبي سيبا ڏي، پوريءَ نينھُن نہ ڪڇيو،
ڳَٺيءَ وَٽيون ڳُٺيون، سَٽي سيوي سي،
مَڃُڻ ڇُونم ڪي، تہ لڄائي ٿَرَ ڄائِيون.

(٢٠)

اسين تئان آئِيون، جت ڪُھنبو ناھہ،
جي وجھُوَن ڪنھن وھاڻ، تہ پڻ مٿھَون لوئيون.

(٢١)

سَتيءَ ڳالھہ سُئي، سرتين سنجڻ ڇڏيو،
مارُوئڙي محلن ۾، اڳي ڪانہ ھُئي،
عَمر آءٌ نہ مُئي، اِن اوليان اڳھين.

(٢٢)

خبر ھيءَ ڪَري، مون ڏانھن مارو موڪلي،
وسارج مَ وَر ڪي، پئج ماڳ مري،
وَرنديئن ويڙھہ وري، ڪو ڏينھن آھين ڪوٽ ۾.

وائي

ويڙيچن ڏي ويندي، عمر آءُ ماروئڙن ڏي ويندي،
ڏيہ ڏاڏاڻي پکڙين،
سگَر ساھڙين سان، ساٿيھہ مَنجھہ سَٽيندي،
اُنا مينھَن ملير ۾، ڏاڳا ڏَبڙَ ڏُئندي،
عمر، اُنھين ڏيھہ جا، ڪُونڌير قُوتَ ڪريندي،
گوليون گولاڙن جون، جھپي ساڻ جھٽيندي،
ڪوڪَڙ ڪُونڌيرن ۾، ڦُوڪيو ڦَڪَ پَرِيندي،
عيدُن بَرادن ڪي، ڪيھہَ مانڌاٽا ڪيندي،
پُسي ڪائي پيٽ ۾، ڏونرا ڏنُ آءٌ ڏِيندي.

## فصل ٽيون

(١)

مِينڌا ڏوءِ نہ مارئي، پِيَس پَنوھاريون چِت،

راڄَ رُئاري، هَنجَون هاري، هيءَ هتي جي هِت،
آهس پائرَ پارُ جو، کِجَڻَ ۽ کَپَت،
وَيَنگَس ويڙِيچن ري مَس سُٽي کا مَتَ،
سومرا سُپَت، کر تہ کوڙيان نِکري.

(٢)

ميندِيا ڏوءِ نہ مارئي، آهس مَن ملير،
کڏي تہ کاڻ لهي، هتان هي حمير،
کائرِ پيين کيرُ، جي امَانت اُت وجي.

(٣)

ميندِيا ڏوءِ نہ مارئي، نہ کِلي نہ کاءِ،
عمر جي انصاف جا ويڻي واساما ڳاءِ،
هيءَ جا کيئي هاءِ، سا مهندان ايندئي مُنهَن ۾.

(٤)

ميندِيا ڏوءُ نہ مارئي، تِيس کُرنديُون وار،
ستيءَ سيئي ساريا، جي پائر جا پنوهارَ،
عمر اُنهون ڏارَ، مور نہ وِهي مازِئين.

(٥)

ميندِيا ڏوءِ نہ مارئي، محلين مارُئان ڏارَ،
پايو ميٺ ملير ريءَ، مُنڌ نہ ويڙهي وار،
جا هتي جن هارَ، سا کِئَن وِهندي کوٽ ۾؟

(٦)

ميندِيا ڏوءِ نہ مارئي، کونهي اُن اوڇاه،
عمر جي اِنصاف جو، پيس کن پڙاءُ،
ويڻي چوءِ الله، مون تيَ مِٺ نہَ موٽيا.

(٧)

ميندِيا ڏوءِ نہ مارُئي، تَئَس ڳڙلون ڳاهَ،
کين کٽنديس کوٽ ۾، پائر ري پساهُ،
سرتيون ڏيان ساهُ، جيکر ملان مارُئين.

(٨)

محلين ماندي مارئي، ڏٺيم مُنهَن ملُورَ،
اٽيا سَٽيا نہ کَري، سُونهنَ وڃايس سُورَ،
پيَس لوهہ، لطيف چئي، لَٽس کوڏَ کپورَ،

چِتَ جن جا چُورَ، سي مکي مَرَڪُ نہ ڪنديون.

(۹)

ڪَريو مُهاڙَ ملير ڏي، روءِ اُيي چوءِ،
سهج سُوري پانئيان، سومرا سَندوءِ،
ملڪَ ماروءَ جي آهيان، زور نہ ٿيان جوءِ،
سَو قَلبُ ڪَوٽِ نہ هوءِ، جو هُتي جن هَٿ ڪيو.

(۱۰)

ڪريو مهاڙ ملير ڏي، اُپيائي آهي،
جا مٿي ڏنَيس مارُئين، سا لوئي نہ لاهي،
سومرا ساهي، تَنهن سَتِيءَ وجهہ مَ سَنگهُرُون.

(۱۱)

ڪيم مهاڙ ملير ڏي، مٿي ڪوٽ چَڙهي،
نتُ نهاري ڏيهہ ڏي، ڳوڙها پيَم ڳڙي،
نِگي َڪُوڪَ قلب مان، مَنجهان رُوحَ رَڙي،
ويڙهِيچن وَري، ڪَرَ نہ لَڌي ڪڏهين.

(۱۲)

جا عمر تو مُل عيدَ، سا اسان سُوءِ وَرتي سومرا،
ويئي ويچارن وسري، خوشي ۽ خريدَ،
سِڪَڻ ڪيا شهِيدَ، مارو جي ملير جا.

(۱۳)

عمر اچا ڪپڙا، ڪاٽياريون ڪيئَن ڪن؟
جنهِين جا ٿَرن ۾، وَر ٿا وِيڻَ سهَن،
هوءِ جي حَق پِيَن، سي ڪئَن سَتيون سومرا؟

(۱۴)

آءٌ ڪِئَن سوڙَئين سُمهان؟ مون وَرُ گهاري ولهہ،
ڪَٿيريءَ تان ڪِل عمر ڪج مَ اهڙي.

(۱۵)

آءٌ ڪِئَن سوڙَئين سُمهان؟ مون ور گهاري سُج،
وَر اَباڻن سين اُج، ڪِهہ شربت تُنهنجو سومرا.

(۱٦)

وَرسي وَطن جائِيون، صَحرا سَترُ جن،
گولاڙا ۽ گگريون، اوچِڙ اباڻن،
ويڙهيا گهُمن ولَئين، جهانگي مَنجهہ جهنگن،

مون کي مارُئڙن، سُجَ ڳڻائي سيج ۾.

(١٧)

پَلرُ پيَن، اوڇڻَ اُن، جن جا پير مٿي پَٽ پاڪ،
وهَڻ وَراڪَن ۾، اُن جي اَڄوڪي اوطاق،
پِاڻ نہ پَسن پاڻ کي، ويچارا بيباڪَ،
عمر اوءِ نہ عاق، ڏکيا جِمَ ڏُکوئيين.

(١٨)

کارا ڪبَرَ ڏيه ۾، پيا واريءَ مَنجھ وَٿاڻ،
ساٿين کي سيد چئي، پَريو ڏِيَن پاڻ،
عمر ايءَ اُماڻ، ثابت رکج سومرا.

(١٩)

منهنجو تُورَ تَلِين ۾، چيها ٿو چاري،
ڀِاتي ڀِٽ ڏاري، آهم اُنين مينهنڙين.

(٢٠)

منهنجو تور تَلين ۾، آءٌ هت بَندياڻي،
مون ڏاڏاڻي ڏيھ ۾ ڦرھ ۽ لاٽي،
ڪندَيس رِهاڻي، ماروءَ پاس ملير ۾.

وائي

منهنجو مَنُ ميان، واڳيو ويڙهيچن سان،
پاهي پاڪي پَنڙِي، پرينءَ ساڻ پيان،
پيرُ نہ ڇڏيان پرينءَ جو، جانسين تي جيان،
حَرَ لٿي هيڪڙي، هِتي تان نہ هُئان،
کِيرون ڪٿيرن کي، وجي ڏيھ ڏِيان،
آءٌ ڪِيئن لوئي لاهِيان، ڪارڻ ٻِن ڏينهان؟

## فصل چوٿون

(١)

سُونهن وِڃايَم سومرا، مارو مَس مَجِين،

ڏُونگها ڏاڏي پوٽئين، ڪن ڏِنا ڪي ڏِينَ،
جي مان لوهَ لاهين، تہ ڪوٽَن ۾ ڪين هُئان؟

(۲)

سونهن وڃايم سومرا، ميرو منهن ٿِيوم،
وڃڻ تِت پيوم، جِت هلڻ ناهہ حُسنَ ري.

(۳)

سونهن وڃايم سومرا، هتي اَچي هاڻ،
ڪيئن لهنديم ڪاڻ، حُسنَ مون هِت ويو.

(۴)

سونهن وڃايم سومرا، سکر جهڙي سُونهَن،
دل ۾ دُکي دُونهَن، منهنجو مُنهن ميرو ڪيو.

(۵)

سونهن وڃايم سومرا، ڪيڏانهن ويمُ ڪمالَ؟
وڃان ڪيئن وطن ڏي، هِهڙو وٺي حال؟
جي مون ڏِين جَمالُ، تہ پَسان مُنهن پَنوهار جو.

(۶)

سونهن وڃايمَ سومرا، وطن وڃان ڪِئين؟
حُسنَ ڏاران هِئين، پَسان ڪِئَن پَنوهار ڪي؟

(۷)

سونهن وڃايم سومرا، پَسان ڪيئن پَنوهار؟
ڏَٿي جا ڏَنارَ، تنهن رُوءِ ريءَ رَچڻ ناهہ ڪو.

(۸)

سونهن وڃايم سومرا، عَمر ٿِيَس اَسيرَ،
مارو منجهہ ملير، مون سين هِت هِيئَن ٿيو.

(۹)

سونهن وڃايم سومرا، ٿيندِيَس ڪئَن قبول؟
ڪونهي سُهڳ نہ سول، پوڇي منهن پَنوهار سين.

(۱۰)

سونهن وڃايم سومرا، ڪونئين اچي ڪالهہ،
ڪينَ پَسنديَس پالَ، حُسن مون هِت ويو.

(۱۱)

ڪونهي قادرُ ڪو پيو اُنهين جو اُپاءُ،
"قُلۡ لَّنۡ يُّصِيۡبَنَاۤ اِلَّا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَنَا‌ ۚ هُوَ مَوۡلٰٮنَا"، اِيُ معذرتَ ماڳ،
سيوئي سَياڳ، مارئي مَساوي ٿيو.

(١٢)

تن مُنهن موچارو مارئين، ملير جنهين ماڳ،
ناقصَ نَوازي گهڻا، سَندو تَن سَياڳ،
اڳڻ مون اپاڳ، حُسن مون هِت ويو.

وائي

منجهہ رهي مليرَ، هاريُون مون ڪوهُ ڪيو؟
مون هٿان منهنجا ڏٽي، سَهسين ٿيا صَغيرَ،
پَڪي مَنجهہ پنوهارَ جي، ڪوڙين ڪَيم ڪَبيرَ،
تون ڏِئين، تون ڏٽي، دلاسو دِلگيرَ،
پڙو لاهہ مَ پاجهہ جو، مون تان منهنجا پيرَ،
ٿَڌيون وِليون ٿَرن ۾، ڪوڙين ڪِرڙُ ڪَرَيرَ.

## فصل پنجون

(١)

جهڙي آيس جئين، جي تهڙي وجان تن ڏي،
تہ لالائيءَ جا لَطيف چئي، ڪَرَ مُندن اُنا مينهَن،
ماڙيءَ لڳم ميهڻو، سڀ ڄماندر سيئَن،
ٿيس ڪانياري ڪانڌ جي، هتي اڃي هيئَن،
ڪنڌ ڪٽنديَس ڪِيئَن، مَنهَہَ مارئڙن جي؟

(٢)

جهڙي آيس جيئن، جي تهڙي ملان تن کي،
تہ قِران، قُر چارِيان، هنيون چَئيم هيئن،
وجان ڪيئن وطن ڏي، ڪانڌ لهنديم ڪَيئَن؟
مندائتي مينهَن، سُونهان سرتِين وچ ۾.

(٣)

جيڪر ڪينَ جيان، جاڙ جيان ٿي جيڏيون،
اڪيون مُنهن مَلير ڏي، کهڙو نڪُ نيان؟
ڪنهن کي ڏوهہ ڏِيان، اڳهَين منهنجي انگ ۾؟

(۴)

هيڪُ جيئن نہ ڇاياس، پيو ڇاپندي جي مَران،
گهنگهرَ گهٽو ٿياس، ڇاپي مارُئڙن کي.

(۵)

پڪا پنوهارن ڏي، ميوا مَچَر مَڪ،
عُمَر اُتِ اُڪنديو، حالُ هماري حقُ،
هڪ لوئِي ٻي لَڪَ، سَمن سُپرين سين.

(۶)

هيءَ مُنهن ڏيئي ٻَن، تون وهُ ڪائي نہ مَرين؟
تان جي ملير ڇائيون، توسَين سَگ نہ ڪَن،
تون ڪِيئَن منجهان تن، پاڻُ ڪُوٺائيين مارُئي؟

(۷)

عمرَ ٻَن جيو، گوءِ منهنجو سومرا،
جا پَر نہ پَنوهارن جي، مون سين تئَن ٿيو،
وٺي َ مُنهن کهو، وڃان وطن سامُهين؟

(۸)

مَ سَپني مارئي، مُئي، مَ ڇائي،
جنهن اچي عمرڪوٽ ۾، لوئي لڄائي،
جا سانگِين سڏائي، سا ڪِيئَن مُرڪي ماڙِئين؟

(۹)

جنهين ستيءَ سَتُ نہ ڇڏيو، سا مارئي مَر ڇائي،
اُنهيءَ عمرڪوٽ ۾، لڄَ نہ لڄائي،
سا پيئي بندياڻي بند ۾، ڪوٺين ڪڄائي،
جا سانگين سڏائي، سا مُور نہ مُرڪي ماڙِئين.

(۱۰)

وطن ري ويهي، جي مون گهاريا ڏِينهڙا،
مارُو ڏيندُم ميهڻا، ڏاڏاٽا ڏيهي،
پَکَن ۾ پيهي، محلن جيءَ مَرُ لاهيان.

(۱۱)

اللہ اِئين مَ هوءِ، جئن آءٌ مران بندَ ۾،
جسو زنجيرن ۾، راتو ڏينهان روءِ،
پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مَرُ پُڄنم ڏينهَڙا.

(۱۲)

سَکَر سيئي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾،
وَسايم وَڏَ ڦُڙا، مٿي ماڙِن مينهَن،
واجهاٽِيس وصال کي، ٿيس ٿهوارُون َتيئَن،
نِئَرُ منهنجي نِينَهن، اُجاري اَڇو کَيو.

(۱۳)

بَندي پيا قرار، اسين لوچون لوهه ۾،
مٿي تن ٿَرار، سَدا سانبيڙَنِ جي.

(۱۴)

آءٌ بندياڻي بند ۾، ڪ آءُ پيَس بَند؟
مُونهين لڳو ميهڻو، ڪ مونهين ڪَڙو ڪنڌ؟
مَران جي هِن هَنڌِ، تہ َنجاهه ميت ملير ڏي.

(۱۵)

بالله آهيان بند ۾، ڏُئان ٿي ڏَبَرُ،
وينَ وراڻي ناهه ڪا، سومرو سَبَرُ،
ميان مهربانَ ڪَرئين، الهَي عُمر،
ويڙهِ پَسان سو ور، جيڏانهن عالَمُ آسرو.

(۱٦)

حقانو هُت ٿيو، هيءَ هت بندياڻي،
ساري ساڏوهن کي، ڪوئَين ڪُوماڻي،
لڳم لوهُ لطيف چئي، وينئَس وَساڻي،
متان مارُوءَ جي نہ لهي، ڪَپت ڪجاڻي،
سَمن سچاڻي، اُتي آهِيم اُن سَين.

(۱۷)

حَقانو هت ٿيو، آءٌ هت بندياڻي،
مون ڏاڏاڻي ڏيهه ۾، ڦَرهه ۽ لاڻي،
ڪندَيس رهاڻي، ماروءَ پاس ملير ۾.

(۱۸)

جي ڪَر لڏائون، تہ بندي بند نہ ساريو،
مارُئڙن آءٌ، جيڪس ويس وسري.

(۱۹)

واجهائي وطن کي، ساري ڏِيان سَاهُ،
بت منهنجو بند ۾، قيد مَ ڪريجاه،

پَر ڏِيھياڻي پرينءَ ري ڏار مَ ڏَريجاھ،
ٿڌي مٿي ٿَرَ جي، ولھي وسائجاھ،
پويون ٿئي پَساھُ، تہ نجاھُ مَڙھ ملير ڏي.

(۲۰)

واجھائي وطن کي، ساري ساھُ ڏيان،
ھي سر ساٽيھہَ سامھُون، منھنجو نج ميان،
مَقامياڻي ماروئين، وجي ٿَر ٿيان،
ميائي جِيان، جي وجي مَڙهُ مَلير ڏي.

(۲۱)

واجھائي وطن کي، آءٌ جي ھت مُياس،
گورَ منھنجي سومرا، کج پنوھارن پاس،
ساري ڏج سَرتِئين، مَنجھان وَلن واسَ،
مُيائي جياسِ، جي وجي مڙھ مَلير ۾.

(۲۲)

ڳِچيءَ ڳانا لوھ جا، زيريون ۽ زنجيرَ،
پيڪڙا پيرن ۾، ڪوٺِين اندر ڪيرَ،
چاري چوَگانَن ۾، واھيتَ ڪنَ وزيرَ،
ڇَن نہ ڇَجي آھيان، اھَڙيءَ سٽَ سَريرَ،
مارَو چام مَليرَ، پُڇج ڪي پنوھَار ڪي.

(۲۳)

ڇن نہ ڇجي ھيٺ، کُچَن آھيان ڪوٽ ۾،
لوئيءَ سين لطيف چئي، پيڙيو ٻڌان پيٺ،
اُت سَپجي اُن سَسَن جي، ھت رچيائين ريٺ،
سَرَھيُون سي سَرتيُون، وطن جنھين ويٺ،
ماڙِيان شال مَلير ۾، مُندائتَي ميٺِ،
ڏيھيا ڪجاھ ڏيٺ، ڪا مدد مون سين ماڙِئين.

(۲۴)

ڇن نہ ڇجي آھيان، کُچَن ۾ ڪوٽَن،
اِيندي پيم اُبتا، پَيڪَڙا پيرُن،
ھَٿوڙِيون ھَٿَنَ، ڄنگھون پانھون ڪاٺَ ۾.

(۲۵)

ھٿين، ھَٿَ ڪڙولَ، ھنئڙي پِئڙم ھُن جا،

سانگي ساريَم سومرا، ڏاتي پاسي ڏولَ،
ٻاٻاڻن سينَ ٻولَ، ڪِيمَ نہ ڪوتَ وهڻَ جا.

(٢٦)

زيرئين پيڙئين لوهَ ۾، ڳِتين ڪيَس ڳاهہ،
سُنڪي سندي سومري، هڏ نہ چاڙهيم ماهہ،
سَرَتيون دعا ڪجاهہ، تہ پرمَ پاروڙيءَ رهي.

(٢٧)

پرم پاروڙيءَ رهي، جنهن ۾ اَڇي اُنَ،
تہ پڻ ويئي ونڊيان، توڙي پُونس تُن،
غافل رَڪُ غريب ڪي، عمر مَنجهہَ اَمُن،
سَرَتِين ساڻ سَمَنَ، آهيم اُنين مِينهَڙين.

(٢٨)

آهيم اُنين مينهڙين، سمن سرتين ساڻ،
ڪنهن پَرِ لاهيان ڪاڻ، وجي ويڙهيچن سين.

وائي

ڪٿيءَ منجهہ ڪتيائين، مارو چام ملير جو،
پَر جي پَنوهارن سين، لوئي ڏيجِ لَڌائين،
سيل نِباهي سومرا، پنهنجو پي پُڇيائين،
جُهوپو جهانگيَڙن جو، ماڙيءَ سان نہ مٽيائين،
اُتي عبداللطيف َچئي، شرم رکين رب سائِينَ!

## فصل ڇهون

(١)

لينگڙِياري لوءِ ۾، جنهين لئي ٿِياس،
تنهين تان تَر جيترو، پلَڪُ آءٌ نہ پُڇِياس،
جَهروڪن جهوَريو هنيون، ڪوٽَن آءُ ڪُنياسَ،
مارن مونجَهہ مُياس، نات ماڙِين ماريَس ڪِينَ ڪي.

(٢)

ماڙين ماريس ڪينَ ڪي، مُيَس مارن لاءِ،
ڪَرَ لهندا ڪڏهين، منهنجي اڇي ماءِ؟
سانِبيڙا سَنداءِ، وينو واجَهہ وِجهي هِنيون.

(٣)

وينُو واجھ وجھي ھِنيُون پَر ۾ پَنوھارَن،
اَت اُڪنڊي آھيان، پائر ۽ پرينَ،
ڪَريان ٻي نہ ڪن، ويِنديس وطن سامھِين.

(۴)

ويِنديس وطن سامھين، مليرَ منھنجو ماڳ،
ڏٺ چونڊيِنديَس ڏيھ ۾، ساڻ سَرتيَن ساڳُ،
تہ مون سَنئون سَپاڳُ، جي ويجھي ٿيان َورَ کي.

(۵)

جي ويجھي ٿيان ور کي، تہ سپاڳوم سنئون،
نِت نِتَ ھوءِ نئون، مون کي پَسڻ پَنوھارن جو؟

(۶)

آئون ڪيئن ڇڏيان سومرا، تن پنوھارن پچار؟
جَڙَ جنھين جي جانِ ۾، لَڳي ريءَ لھار،
ميخُون َمحبت سَنديوَن، ھنئڙي مَنجھ ھزار،
پَڪا ۽ پَنوھارَ، ڏِني َمون ڏينھن ٿيا.

(۷)

سيلَ پَيَڻ جي سومرا، مون کي مَتِ مَ آڇج ميرَ،
گھٽين ٿورين ڏينھڙين، وينديَس ھُت حمَيرَ،
مَچُڻ مَنجھ مليرَ، ڪنڌ مٿاھَون نہ ڪٽان.

(۸)

پنوھارن پاٻوھيو، وريا واھُوندا،
ساريم سيڻُ سيدَ چئي، گاڏِيلِيُون، گوندا،
پِٽن َپِر ھُوندا، پُنگا پَڙَ پتار جا.

(۹)

پنوھَارن پاٻوھيو، ڪي وَسُ واھُوندَن،
لٿو سيءُ، لطيف چئي، ٻَڏو ڦُٽُ ڦَرَن،
اوءِ ٿا ڪورين ڪونئري، سَرتيون مٿان سَسن،
عمر اُن َاگوندَري، پاسي ڪانڌَ ڪَتن،
ڪائر ڪَتيون خاصيون، اُجي اُت اَڃَنَ،
ڪڍَيو پيڻُ ڪَھَن، ملير گُھرجي مارئي.

(۱۰)

پنوھارن پاٻوھيو، ڪي واھَوندَن وَسَ،
عمر اُنھي ڏيھ جا، ڏوٿين ڏنم ڏَسَ،

وَليون وَڻَ ڦُلاريا، لُلُر نڱيو لَسَ،
آٽيو وجهن آهرين، سندا ٿُوهَن ٿَسَ،
ميوا، مَجَر، ماڪيُون، سڀ ڪا چکن چَسَ،
ماڙيءَ وِهين مَسَ، ملير ويندئن مارئي.

(١١)

آٽين ۽ چاڙِهين، ڏَٿُ ڏِهاٽي سومرا،
سٿا ڪيو، سيد چئي، سائون سڪائين،
مَنجهان لنبَ لطيف چئي، چانور ڪيو چاڙهين،
پُلاءُ نہ پاڙين، عمر آراڙيءَ سين.

(١٢)

تن وَنهين ويڙهيچن ۾، سَدائين سُڪار،
چونديو آٽيو چاڙهيون، سَندو ڏوَنرن ڏارَ،
جن جو ويڙهن سين واپارَ، سي ڏوٿي هَون نہ ڏُبرا.

(١٣)

مُٽن ٿُبڪ ٿُبڪڙا، چڪَندڙا اَچن،
کُڙيون کِهہ پَکلِيُون، پَکَهَرَ سر پيَرن،
ايءُ وَڙَ ويڙهيچن، مون لوڏان ئي لکيا.

(١۴)

ٿوري قُوتَ قَراريا، رهن سَبَر سَت،
ڪتيءَ ۾ کِهُ پَکلِيا، پُٽَن اهڙيءَ پَتِ،
پَنوهارڪي پَتِ، پيهي پُڇ ملير ۾.

(١۵)

پاٽهين پَچي پيئيُون، ريءَ واهيَتَ، ريءَ واڙ،
جُوءِ ڪُشادي جيڏِئين، مليرَ موڪَ مهاڙ،
اُت اَباڻا جنهنجا، سا ماڙيءَ مُور مَ چاڙهہ،
جَي اُڪَنديُون آراڙ، لوهہ تنهين کي لاهِيين.

(١٦)

دَرَ دَروازا، دَريُون، هاٽي هتي هو،
ڪوڙين اَڏيا ڪيترا، تَنبُو مَٿان تو،
جي مُل نہ آيا مارئي، تنهين رڙ مَ رو،
ڪُوڪَڻَ آهي ڪو، پُسيءَ پَنوهارن ۾.

(١٧)

سَنهيءَ سُئيءَ سبيو، مون ماروءَ سين ساھُ،
ويٺي سارِيانَ سومرا، گولاڙا ۽ گاھُ،
هنئون منهنجو هُت ٿيو، هت مٿي ۽ ماھ،
پَکَنِ منجھ پَساھُ، قالبَ آهي ڪوٽ ۾.

(۱۸)

سنهيءَ سئي سبيو مون ماروءَ سين مَنُ،
هٽي ڪڻ حلمَ جا، تھ وڏائون تَن،
ڪِيئَن ٿوپايان ڪَنُ، اباڻيءَ اِبر ري؟

(۱۹)

هت جي گھاريم ڏينهڙا، وطن ري ويهي،
مَاروُ ڏيندم مهڻا ڏاڏاڻا ڏيهي،
پکن منجھ پيهي، شال محلن جي مَر ڏُئان.

(۲۰)

پاڇاهي نہ پاڙِيان سرتئين سُئيءَ ساڻ،
ڍَڪي اُگھاڙن ڪي، ڪِينَ ڍَڪيائين پاڻ،
پِيهَرَ چاپي چاڻ، اِبرَ جي اوصاف ڪي.

وائي

عمر آءٌ ويندَڙو پُڇان ڪوءِ، جتي مارو تتي پانڌي الو،
مٿي ماريءَ مارئي، روئاري ۽ روءِ،
پنڌان ڪاريو پهيڙا، ڪي جو اُپَڙي چوءِ،
ساريو سانبيَڙن ڪي، روح منهنجو روءِ،
ملڪَ ماروءَ جي آهيان، زور نہ ٿيان جوءِ،
سَهُج سُوري پانئيان، سَومرا سَندوءِ،
راڄ پرتو رَبُ ڪي، سومرا سَندوءِ.

## فصل ستون

(۱)

پَٽولا پَنوھاريُون، مُور نہ مٿي ڪن،
جُ لاکَ رَتائون لوئيون، تہ شالنئان سُونهن،
اُن ايلاچِنئون اَگِري، بَخمَلَ بافتن،
سڪرَ پانئيَان سومرا، ڪَتي ڪان کُهنبَن،
جا ڏِنيم ڏاڏاڻن، سان لاهِيندي لڄ مَرانَ.

(۲)

اَرمَق هَڏِ نہ اوڍِيان، پَٽولا پَٽَ چِيرَ،

ٻانڌٽا ٻَن ڏيان، ارغجَ ۽ عَنبير،
ماروءَ سين ماٽيان، ڪَتيون جهڙيون کِيرَ،
اَندرِ اُڃ اُڪير، مون کي پرينءَ پَنوهارَ جي.

(٣)

سون برابر سَڳِڙا ماروءَ سَندا مُون،
پٽولا پَنوهار کي، عمرَ آڇ مَ تُون،
وَر لوئيءَ جي لُون، ڏاڏاڻن ڏنيم جا.

(٤)

سون برابر سڳِڙا، لُون برابر لکُ،
رُپو جنهن رد ڪيو، ڪُوڙ تنهن کي ڪَکُ،
مون ماروءَ جو مکُ، تيلَ نہ لائيان تُنهنجو.

(٥)

تيل نہ لائيان تنهنجو، مون مارو جو من،
ڳَريان ٻي نہ ڳُن، آهَر اُنهِين آهيان.

(٦)

مون ماروءَ سين لَڌيون، لوئيءَ ۾ لائون،
سون برابر سڳِڙا، مون ٻانهُن ٻڌائون،
عمر چؤ آءُ، ڪِئن پَٽُ پَرِهيان سومرا؟

(٧)

پٽ نہ پرهيان سُومرا، جا نکي تان جيان،
آءُ ڪِيئن لوئي لاهيان، ڪارَڻُ ٻن ڏِينَهان؟
جانِسِين تي جِيان، ڪانڌ نہ ڪنديَس ڪو ٻيو.

(٨)

اجهو ڪا اَتَن جي ڏينهان جَهڻ جهانپي،
اُوءِ ماروئڙا مليرَ ۾، قِرن سي فاقي،
آءُ ڪيئِن اُنهين ري، منهُن منائي لائيان.

(٩)

سي ساهيڙيون سارين تو، سيل جني جو ست،
مارَئي لهندينءَ مُهَت، وَجج ويڙيچن ڏي.

(١٠)

سي ساهيڙيُون سارين تو، سيلُ جنهين جو سَچ،
ماروءَ رَي مَ مُچ، شِيهَو ڀانئج سونَ کي.

(١١)

سي ساهيڙيون سارين تو، سچ جنهين جو سيلُ،
نڪو قالُ نہ قِيلُ، اُنهِين جيَ ادبَ ۾.

(١٢)

جن ڪَرايَن ڪَچ جا، وَرَ ساهيڙيون سي،
اَت اُڪَنڊي آهيان، عمر انين ڪي،
مولو ميڙيندم ڪڏهين، منهِ ماروءَ جي،
پَکُن ساڻ نہ پاڙِيان، هَنڌُ هتي جا هي،
اَدلُ اَباڻن ڪي، مَري شالَ ملَهائيان!

(١٣)

ڪراين ڪچ جا، چُوڙا ڪُوڙا جن،
سو مَرَڪُ ماروئڙن، جئان لوڪَ لج ٿئي.

(١٤)

ڪارا ڪراين ۾، سون اسان ڪي سوءَ،
وَرَ جيڏينِ سان جُوءَ، فاقو فرحَتَ پائِيان.

وائي

شُڪرُ آڻ بَجاءِ، آهِيئين اَهَلُ الله سين،
گهوڙو هَن گِروهہ ۾، حَمد ساڻ هَلاءِ،
سُرهيءَ هن سلِڪ سين، پَجي تون پَجاءِ،
ٿي تہ ٿوڪُ پرائِيين، لاشڪُ تنهين لاءِ،
تَرڪُ ڪَر طلبَ سين، لاهُوتي مَ لَجاءِ،
خودي ڪَنُ مَ پاڻ سين، جوڳِين وٽ جلاءِ،
مَهندان مَشائِخَن جي، چَلَڻَ سي چَلاءِ،
ڪامُ تُنهنجو ڪاپڙي، ساميُن وٽ سماءِ،
آسُ اڳيان اُن جي، بَر بَرَ ڪري باڏاءِ،
شيهو جا سونُ ڪَري، تنهن صحبَت ڪي مَ سِڪاءُ،
سُرهي سُناسيَن جي، سُٽي ڪا سُٽاءِ،
آهيم آس اِسم جي، ڏاڳو تون ڏُلاءِ،
اللهَ عبداللطيف ڪي، اُنهين ساڻ اگهاءِ.

## فصل اٺون

(١)

هِنَ مُند مارُو سَنرا، وَيڙِئين وَاڳَ وارين،

ڇيڇئان ڇيڪاريو ڇيلڙا، پٽين پهرائين،
نيڻَ منهنجا اُن ڪي، جَهجهو جَر هارين،
تاڙا تَنوارين، مينهَن وَسَندا موٽُ تَون.

(٢)

هن مند مارو سنرا، ڪاڏور ۾ خوشحال،
سائون، سيارَچ مَڪِڙي، جيڏيون آڻين جالَ،
اُتان اوٺي آئِيو، ڪَهي مون وٽ ڪالَهه،
لِڱن تان لطيف چئي، لوئي لاهه مَ لالَ،
ستيءَ جي سيد چئي، ڪا ساٽيهه منجَهه سنڀال،
پِلو ڪندو پالَ، مِينهَن وَسَندا، موٽُ تون.

(٣)

هن مند مارو سَنرا، ڍِنگر ڍارَ رَهن،
پاٽي پُوڄَ پَٽن ۾، پَڪي پاند پين،
هن ڪي لوهَ لطيف چئي، هوءِ ڪاڻُر ۾ ڪِلَن،
ڪَاٺُونبا ڪاڄِن، مينهن وسندا مَوٽ تون.

(۴)

هن مند مارو سنرا، ساٽيهه مَنجهه سُڏِيَر،
هَن ڪي لوهه لطيف چئي، ڪوٺَين اندر ڪيرَ،
مها مَنجهه مليرَ، مينهن وسندا موٽ تَون.

(۵)

هن مند مارو سنرا، جيائي جالِين،
چاريو لَنبَ، لطيف چئي، واڳئين وهارين،
ڪيٺاري ڪاهين، مِينهن وسندا موٽ تونَ.

(٦)

ڄُرن چِٽڪن چِتَ ۾، وسرن ڪينَ وَري،
ڪَناَ عَهدَ اَلستَ جي، ڪَ تِهان ٿي پَري،
"لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ"، مارئي ڪوهُ ڪَري؟
اڄ ڪَ ڪالَهه مَري، ساري سانِيڙَن ڪي.

(٧)

ڄُرن چُٽڪن چِت ۾، وساريان نہ وَري،
جنَ ٿي پهيءَ پِياريا، مَنجهان سِڪَ سَري،
وَنهيَن ويڙهيچن جي، سٿائن سري،
ٿِرنَ ٿوڪ ڏري، اُني وَيڙا اُڪري.

(٨)
چُرن چُٽڪن چِت ۾، وساريان ڪين ورن،
”لَيۡسَ ڪَمِثۡلِهٖ شَيۡءٌ“، پَسڻ ناهہ پرين،
پَڪا پَنوهارَن، نيئي اڏيا ناهہ َ ۾.

(٩)
چُرن چُٽڪن چت ۾، گهارين مٿي گهٽ،
کهہَ مانڊاڻو، َمڪِٽِي، ڍوئِين َ پاسي ڍَٽَ،
پَنوهارڪين پَڪڙين، وجي َ ڪريان وَٽَ،
ساٽيهہَ سامهِين سٽ، ڪنديس پيچي ڪڙن ڪي.

(١٠)
چُرن چُٽڪن چت ۾، هُرَن مَنجهہ هنئين،
لُطفَ تيو لطيف چئي، مهرَ ڪي َمئين،
ڏکيءَ ڪي ڏئين، سَراهيُون ساٽيهہ جون!

(١١)
چُرن چُٽڪن چت ۾، سَدا مَنجهہ سَريرَ،
لَڏيَ ڪنهن لوءِ ويا، مارو مَنجهہ مليرَ،
وينّي پُوچِيان پِيرَ، مانَ ملِنم ڪڏهين!

(١٢)
چُرن چُٽڪن چت ۾، رهيا اَندَر رُوحَ،
اُنيَ وِيڙا اُڪَري، مارو مٿي َ مُوهہ،
ويرُون َولوڙَن جون، ساريان گهٽو صُبُوحَ،
وَرُ سي ڪارا ڪُوهہَ، سنجيم جي ساٽيهہ جا.

(١٣)
پيئي پانَ مران، اَچي ڪن ڪَر لَهان؟
قادرِ ڪيا گهٽا، ڏکيءَ سَندا ڏينَهڙا.

(١٤)
ڪاروڙِيا ڪَٽي، ويڙهي جَهپ ويا،
سيڻ مُنهنجا، سيد چئي، هاٿي هت هئا،
پَسي پَڏَ اُن جا، مون ڪي لَڙي لُڙڪَ پيا،
ڏيهي ڏُورَ وَيا، ڏيان ڏوراپا ڪن ڪي؟

(١٥)
آڏيءَ اُنيَن تي، جيلانهين پاٽي پاتارَن ۾،
وارو ويسرين ڪي، ڏِينهان ڪونَ ڏئي،
مون ڪمينيءَ ڪي، مٿان ڪُوهہَ ڪٽي ويا.

(١٦)

ٻُري نہ ٻَڪَر دانهَن، اُن جي پونڌَ پٽڪو نہ سٽِيان،
ميان ماروئڙن جَا، اُونهان ڏِنم آنَهن،
جن سانِيڪا سنجيا، سي ڏٺيءَ ڪيڙئي ڪانهَن؟
پکا ڪٽي پَرانهَن، جيڪس لڏيو لوئڙيارئين.

(١٧)

پنيءَ جي پٽَن، تن پيچ پُٽڪو نہ سٽِيان،
سنجَڻَ واريون سُتيون، وجي ويڙهہ وَرن،
پَيا سيٿَ سڙن، تُرهي ٻِنهين کنڌِئين.

(١٨)

بير کَنيائون بر ۾، پيارين پهُون،
سنجَن سانيڪَن تي، وڏيءَ ويرَ وهون،
پايو جر جندَن ۾، ڪوڏان کن کهون،
ڏينهان ڏينهن نئون، مون کي ورهہ ويڙهيچن جو.

(١٩)

سنجي سنجي ڪُوهڙا، ويڙهي ويا ورتَ،
مَيان ماروئڙن جي، مون کي هنئڙي ۾ حَيرَتَ،
چُٽڪن اندَر چِتَ، سانبِيَڙا ساڏوئُيون.

(٢٠)

سپ نہ وجي سُتيون، اجا کي سنجَن،
پيو سي پَهرِن، جي اُجائجي آئِيون.

(٢١)

سَرتين سَنجَڻُ چڏيو، سَتيُن ڳالهہ سئي،
ماڙيچِي ماڙين ۾، کڏهين کانہ هُئي،
عمر آءٌ نہ مُئي، ان اوپالِيان اڳهين.

(٢٢)

عمر تيم آپار، ورهہ وَتيان کن سين؟
سي ڏوٿِيڙا ڏُور ٿيا، تڳان جن تنوارَ،
ستِائُون سَنگهارَ، کُوهن تان کَٽي ويا.

(٢٣)

وَر اُهائي ويرَ، جئن ڏنُ تَسي تڙ آئيو،
سَرتِين ڏُٺُ سَبيلَ، کيو اڱڻ پوئي پيرَ،
هنئون اُنجي هير، تو جِهجي جَهروکَن ۾.

(۲۴)

کوهَر، ٿُوهر، ٿَر، جت ساٿيڪا ۾ سٿيون،
چارين اُت چاھ منَجهان، پاسي ڦوڳن ڦر،
ڪِيئن لَهَندَم ڪَر، جئن مارو پاڻ اَپاريا؟

(۲۵)

ڏٿين پٽين ڏيرَ، مَنهِ ماروئڙن جا،
پائر سپ پچي پيو، گهر گهاريندي ڪير؟
ڪوٽئين گهاري ڪير، محلين مَنجهَي مون هنئون.

(۲٦)

متي ٿَرَ رهي، گذاري ڏينهَڙا،
ڪڏهن ڪونَ آئيو، پَنوهارَن پهي،
وئڙا سي وَهي، جَنَمُ گذاريمُ جن سين.

(۲۷)

پاسي پولڙن ۾، پانُهون سر پيئي،
اڪيُون، نَڪُ آريجري تِمايَرَ ٿيئي،
ڏور ٿيا ڏيهي، پرين پائرَ وٽ ۾.

(۲۸)

مون سين مارئڙيون، ڪهڙي ريت رُسنديون؟
چوٽيءَ ۾ چيڙَ پيو، پئن رَتُ چِيُون،
نيٽين ننڍَ وهُ ٿي، سَاري ساڏويون،
هتي جي هُيون، تہ سُڏيون پين سيل جون.

(۲۹)

ٿاجا ٿَرَ برَ جَهلَ، پپُون پائرَ وَٽ ۾،
سيئي ساريو سومرا، اَچي آبُ اُڇلَ،
سانبين ڏِنمَ سَلَ، ڏِني جنهين ڏِينهَن ٿيا.

(۳۰)

سَتي تُنهنجي سَت ۾، ڳالهه گهرجي ڳچ،
وَڍيو، چيريو، چچريو، پَر ۾ اُپي پچ،
ساڻ اَمانَتَ اُچ، تہ تِئين سَماني ساٽيهه ۾.

(۳۱)

جُهران جهجان تي، جئَن پسٽان ئي پري ٿيا،
الله اونَي آٽئين، جو ڪينءَ جي خبر ڏي،
مَنَ منهنجي ڪي، واڪو لُهي ويڙهه جو.

(۳۲)

نہ کا جَهلَ نہ پلَ، نہ کو رائرَ ڏيهہ ۾،
آڻيو وجهن آهُرين، روڙِيو رَتا گلَ،
مارو َپاڻ اَمُلَ، مليرونِ مُرڪڻو.

(۳۳)

ايءَ نہ مارُن ريت، جِئَن سيڻَ مَٽائِين سونُ تي،
اَچي عمرڪَوٽَ ۾، ڪنديَس ڪانہ ڪُريتِ،
پَکن جي پِريتِ، ماڙِيءَ سين نہ مَٽيانَ.

(۳۴)

نہ سرتيُون نہ سيرُ، نہ سي ڏونرا ڏيهہ ۾،
هڪ ڪوٽن ڪُني آهيان، پيو زوراور زنجير،
مارُو ساريو مير، ويٺي ڳوڙها ڳاڙيان.

(۳۵)

عمر آئين اوچتو، کهڙي هاج حمير،
تو ڏني مُون پؤ ٽِئي، سَنڪو منجهہ سرير،
ميان منجهہ ملير، اڳ نہ ڏٺين ڪڏهِين.

(۳٦)

عُمر آئين اوچتو، پکي ۾ پيهَي،
سَبُر پسي سومرو، ڏکي ويو ڏيهي،
نہ چاٽا ڪيهي، ڪندو پَر پنوهار سين.

(۳۷)

عمرُ آنديىءَ مارئي، ڀڳڻ جهلي ٻانهن،
سَبرُ پسي سُومرو، درس پرايم دانهن،
ٽِيئَڙا راڄ اڳانهن، ڪهي ڪونہ آئيو.

(۳۸)

عُمر آنديىءَ اُٺَ تي، پڇي ٿو پنوهار،
ڏنو ڏادي ننڊ ۾، سُومري سينگار،
نيئي ٿرا آڳَتي، پُرس پرائي نار،
مارُئي تون مَلير ري، ويٺي ڪَوٽَ ڪُوار،
هنجون هَڏَ مَ هار، تنهنجو موٽڻ مَس ٿئي.

(۳۹)

عُمر آندي مارئي مَنجهان جهنگ جهٽي،
هيءَ پياڪ پيالن جي، واقف ناهہ وٽي،

جا ملڪَ مارُوءِ ڄام جي، سا ڪيئن هت ڪَٽي،
جُهوپَا جهانگيئڙن جا، ماڙيءَ ڪَين مٽي،
سومرا سَٽي، تنهن سَٽيءَ وجُهہ مَ سنگهرين.

(۴۰)

سُتي لڌم سُهڻو، ڪٽيءَ ۾ خاصو،
وُنا مينهن ملير ۾، ٿيو تڙ تڙ تماشو،
چوريان جان پاسو، تا جُسو زنجيرن ۾.

(۴۱)

سُتي لڌمُ سُهڻو، لوئيءَ ۾ ليٽي،
تہ منڌي پايو مَٽ ۾، ولوڙيان ويٺي،
پَکي آءٌ پيٺي، ڪيرُون ڏِينمَ جيڏيُون.

## وائي-۱

رئندي رات وهاڻِ، مونکي رويو رات وهاڻِ، عمر ميان سومرا،
مون ڪي ڏيهان نڪرئي، ہ ٿي ٿوڪَ ٿيا،
عمَر منڌيا مَامرا، مارو ٿر ٿيا،
آءٌ بنڌياني بَند ۾، ڪِ ڪي بنڌ پيا؟
عمر بنڌياڻيءَ سين، جورو تو نَہ جُڳاءِ.

## وائي-۲

اُن نہ متيان پَٽ، آءٌ جا ڪرڙ ڪَپور نہ متيان،
وجي شال ولوڙيان، ڊولي پاسي ڊَٽ،
پکا پکن سامهان، پيهيُون پيهين وٽ،
پيرون چوندبيندبس پريِنءَ سين، ڪانبو ڪانبي وٽ،
مون ڏکيءَ کو ڏوهہ ڪيو، پيون سپ ورن وَٽ،
ڪيرُون ڏينديم جيڏيون، وَجان جي وَر وَٽ.

## فصل نائون

(۱)

جانکي سَتيَن سيرُ، تان ڪينَ وهنديَس ڪوٽ ۾،
سِپ سَمُنڊين سپجي، َنڊيءَ پَئي نہ نير،
جِئَن هُوءَ اَبَر آسري، تئَن مون مَن ملِيرَ،
ڪَائِرِ پين ڪِيرُ، جي َاُمانَتَ اُتَ َ وجي.

(۲)

جَر ۾ سِپُون جيئَن، آهين اَبَر آسري،
جيئَن ڪُونجُون سارينَ روهہَ کي، مون تَنُ اَندر تيئَن،
هُت وَعدا وِجڻ َجَا، هت نہ پانيُم هَيَئَن،

ڪوٺين وِهان ڪيئن، جي نَظَر بندياڻي نه هُئان؟

(٣)

سپ سمنڊين سپجي، اَبرُ آساروس،
ٻاڙو پئي نه ٻپڙي، منو مُنهن لڳوس،
ماڻڪَ تي مڙيوس، جڏِن تَنگ ڪڍيائين تار ۾.

(۴)

سڪو سپ سَرتيون، سِپَن مُلان سيرُ،
ٻيو مٿائي نِير، اُپِيوَن اَبر آسَري.

(۵)

سڪو سپن ڪان، سَرتيون ريت سڪڻ جي،
مَگِن جَرُ مٿان، اوري ڪن َنه آسرو.

(٦)

پهرينءَ رات پَسي، مون ماڙِيءَ مَنُ قِڪو ڪيو،
موهڙي ماروئڙن ڪي، واحد ڌِيج وَسي،
آهَرُ جنهِين اسين، سو ملندو شال ملير ۾!

(٧)

جُهڙِ ڦُڙ مٿي مارُئين، جت چيها، چلُڙَ چڪَ،
اندرُ تو اُج مري، ساه اُنهين جي سڪَ،
وَرُ پِريان سين پڪَ، ٻيا پاڻَ ٻَريائي گهوَريا.

(٨)

جُهڙ ڦُڙ جِت ٿيان، اُت اڏايائون ڀَڪڙا،
هن منهنجي حال جو، قَدرُ نه ڪيٽان،
جَيڪَسِ آءٌ وسريان، مارو قوت قراريا.

(٩)

اُني تي وَرَاڻِ، ڪين واڏايُون آئِيُون،
لٿي لوئڙيارئين، مڙني منهن ڪاڻ،
صُلح واريون سومريَ، چيو پَنوهارَن پاڻ،
حميرَنئون هاڻ، مُهتُ لهندئن مارئي.

(١٠)

سَدا جن پَرياڻ، پانڌيءَ پَڪي لَڏَ سين،
مارو ڳِٽَنِ ساڻ، ويا ٿَر اُڪَري.

(١١)

اُنن مينهَن گهٽا، تِين تُوکَ ملير ۾،
اکيون َ آب پريو، اُنهين کُوڻ کٽان،
مارن شال مِڙان، کوٺيوَن چڙِي کڌهين.

(۱۲)

کنهن تَڙِ ڏيهائي، کتي اُتَن مينهڙا؟
مون وٽ مون پريَن جي، ويهي کَر َ وائي،
آءٌ اَڳِدائي، َ سَنيهو سُٽي َ جِيان.

(۱۳)

سچ ڪ اُتا مينهَن، مُونهان پوءِ ملير ۾؟
ڏوٿين لايا ڏِينهن، پهريا سي پسيءَ کي.

(۱۴)

جيکس اُتَا مينهن، مونهان پوءِ ملير ۾.
کالهہ سَجوئي ڏِينهن، منهنجي اکڙيَن اُکيريو.

(۱۵)

تنهن پر اُتن مينهڙا، جنهن پَر گهُرِيائون،
رضا جَا رحمان جي، پڇيَ پارَيائون،
مليرُ ماٽِيائون، حڪم ساڻ حبيبَ جي.

(۱۶)

تن ساڏوئِيَن سَڏُ مَران، ڏِنگا جنهين ڏارَ،
پُٽي ساڻ َ پِتارَ، پائر پيرُوَن چوندِيا!

(۱۷)

ڏريان ئي ڏار، وڍِي وڻ جَدا کيا،
تن سُکن کهڙي سارَ، تہ کِ اُتا مينهن ملير ۾.

(۱۸)

جي وڍِي وڻ جَدا کيا، ڏريائين دُور،
اُنهي سندي سُور، ابر اوڳاري ويو.

(۱۹)

مليران مارو، پکي پيهي آئيو،
وَريا وَهارُو، هاٽو سپ هيٺا ٿيا.

(۲۰)

آيو کير ڏيهان، جنهن کرَ پُڇان خبرون؟
وِجُون اُن وران، رات ماروءَ تي وٺيون.

(٢١)
مون ماڙيءَ جو سومرا، پنهين پارين ڏُک،
هِت عمر جو اَهڪُ، هُت مَارو ڏِينم ميهڻا.

(٢٢)
عَمرَ اچ گڏيام، ڏوتي اُنهين ڏيهہَ جا،
پارايا پورين جا، اُيي اُن چيام،
لهي لوهہ پيام، لُطف ساڻ لطيف چئيَ.

(٢٣)
ڪَندِ لُنگهيندي ڪاڻ، پيم پنَوهارن سين،
اُتي، عبداللطيف چئيَ، رُنو سڀ رهاڻ،
هن هيٺائي هاڻ، منهن مٿاهون نہ ڪٿان.

(٢٤)
مارُن ڏاران ماڙئين، آءُ جي ڏِيان ساهُ،
سري مُنهنجي سُومرا، قَيد مَ ڪَريجاهہ،
ساٽيهہ ڏي سيد چوي، ڪِلي ڪٽيجاهہ،
مارن مُئي نجاهہ، تہ لوئيءَ جي لڄ رهي.

(٢٥)
مارُن ڏارا ماڙئين آءٌ هت ڏيان ساهہ،
تہ بت منهن جو بند ۾، قيد مَ ڪريجاهہ،
مارُو جي مَقام ڪان، دُور مَ ڏَريجاهہ،
جي هتِ پُڄن پساهہ، تہ نجو مَڙهہ مليَر ڏي.
(٢٦)
ڪٿيءَ منجهہ خلاف، رهي نہ رتيءَ جيترو،
لٿو لوئڙياريين، گوندر جو خلاف،
ميرا لاٿا مارُوئين، سڀ اوڍيائون صاف،
ملير مڙوئي معاف، عُمَر اُن انعام ڪيو.

(٢٧)
ڏٺيءَ ڏُتاريا ڏڻ وندي، ڏيئي ڪٿا ڪِير،
سي تارا ڪن نہ مَسحا، جي وِهنَ سائر سير،
توٽي پڙهيا پير، اوڏا ڪَين علم ڪي.

(٢٨)
واڳيان جي وَجه سين، رب نہ سُجاڻن،
ميڙيان ميڙيان ڪن، ايءَ ميڙ مَهندين ڪڏهينَ.

(۲۹)

مارُو مِٽ ملير جا، سڀ پَرڪياسُون،
سُهڪيءَ پيائي سڀ ڪو، اَهُڪي تونهين تُون،
مَؤلا مٽان مُون، ٻُڙو لاهہ مَ ٻاجهہ جو.

(۳۰)

مارُو چام ملير جو مون ۾ آهي مون،
"وَ نَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ"، مارُو ملياسُون،
نِيرَ لٽاسون، گڏبيس گامُوين کي.

(۳۱)

مارُوُ مِٽ ملير جا، ساريم سپيئي،
"حُبَّ الوَطَنَ مِنَ الۡاِيۡمَانُ"، اندر اهي ئي،
پکن ۾ پيهي، پسان شال پنوهار کي.

## وائي-۱

مون مَ ڪسيجاهہ، مون ڪٽيجاهہ لوئي، ميان عُمر،
ساڻ پَلاهُ نہ پاڙيان، سندي ڏُونرنَ ڏوئي،
ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو ٻيو، مون وَرُ مارو سوئي،
ڪوءِ سي طعامَ تَيُن جا، وَرُسا ڏُونرن ڏوئي،
جهانگي جو جَهنگن َجو، سيڻ ڪمينيءَ سوئي.

## وائي-۲

رُئندي رات وهائي مون کي رويو رات وهائي،
عمر ميان سومرا!
مون کي ڏيهان نڪري، ٻئي ٿوڪ ٿيا،
ڪ آءٌ بندياڻي بند ۾، ڪ کي بند ٻيا،
عمَر بندياڻين سين جوروَ تو نہ جُڳاءِ.

## فصل ڏهون

(۱)

"زُمِر زُخۡرُفَ" سومرا، حَمۡدُ جنهين جو هَنڌُ،
اِهۡدِ نَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ، اٿي پنوهارن پَنڌُ،
باري لاهين بَندُ، تہ ملان ماروئڙن کي.

(۲)

"زُمِر زُخۡرُفَ" سومرا، "قُلَ" جنهين جو قُوت،
"فَاذۡكُرُوۡنِيۡٓ اَذۡكُرۡكُمۡ"، سدا َتي ثابوت،

لنگھيو جن لاهوت، تن پکا پائر اڏيا.

(۳)

”ڙُمِر زُخُرُفَ“ سومرا، ”سَبحَ“ منهنجا سينُ،
ور ڏٿ ڏاڏاٽي ڏيهہ جو، کوءِ تنهنجا کينُ،
وَرُ ويڙِيچاٽا وينُ کوءِ سُون تنهنجو سومرا.

(۴)

”ڙُمِر زُخُرُفَ“ سومرا، سَبحَ منهنجا سَينُ،
ثَمَرَ، بَر بريانَ اُن جا، کاجَ خرما کينُ،
نِت ٿِمايَمَ نينُ، بَر جي بدويَنِ لئي.

(۵)

”ڙُمِر زُخُرُفَ“ سومرا، ”سَبحَ“ سينُ سَندام،
بند ۾ بدوَين لئي، ڳوڙها نتُ ڳاڙيام،
عمر اباڻن کي، ڏني ڏِينهَن ٿِيام،
ويڙهيچا وُجود مان، ويلَ نہ کنهن وسريام،
پانڌي روز پُڇيام، اُيي اباڻنَ جا.

(٦)

”ڙُمِر زُخُرُفَ“ سومرا، ”سَبح“ سينُ رَهن،
بند ۾ بدوين لئي، اکيون رَت روئن،
ڏوتي ڏاڏاٽي ڏيهہ جا، الله کي اچن،
مون کي خبر خَيرَ جي، سندي ڏيهہَ ڏِيَن!
آرو اَکڙِيَن، آهي اَباڻن ڏي.

(۷)

”ڙُمِر زُخُرُفَ“ سومرا، عيشُ اعَرابين،
”اِنَا فَتَحْنَا الَّذِيْنَ“، قُلوبان کهن،
لحمُ، لَبنَ ڳڏُ کيو، تَمرُ تاکُل کَنَ،
سَدائين سيد چئي، اَنَ نہ چکيو اُنَ،
عمرَ بندِياڻن، لاهي لوهہ نہ چِڏئينَ؟

(۸)

”ڙُمِر زُخُرُفَ“ سومرا، مارو مون مهَندارَ،
”اُولَٰئِكَ اَصْحَابَ الْجَنَّةَ“، ماڳُ سَندَن موچارَ،
”وَ سَقٰهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُوْرًا“، پيين پوج پَنوهارَ،
وير وتار وُجودَ ۾، پِريَن جي پَچارَ.

سڀاجها ستار، مون کي مارن ميڙئين!

(۹)

”زُمِر زُخرُفَ“ سومرا، ھُدن ۾ ”حجُرات“،
سورن لاءِ سرتيون، ”رعد“ مڪائم رات،
هميشہ ”حجر“ ۾، لنئَن لطيفي لاتَ،
مون تَنَ تِنهَين جي تاتِ، اورَڻُ جن ”اَحقاف“ ۾.

(۱۰)

”زُمِر زُخرُفَ“ سومرا، سانبي ساريم رات،
”رعد“ ڪَريندي رعدِيون، هلن ڏونهنَ ”حَجُرات“َ،
”سبح“، ”سَجده“ پيِچرا، لنئَن لطيفي لات،
مون تنهين جي تات، اورڻ جن ”اَحزاب“ سين.

(۱۱)

”زُمِر زُخرُفَ“ سومرا، مارو ”مؤمن“ پاس،
اعرابي ”احقاف“ ۾، رَهي وِيڻا راس،
مارُن مِلان ماڙِئين ڪنهن ارادي آندياسَ،
وَطَنَ آءٌ ويندِياسِ، وَريو وَرَقُ وصال جَو.

(۱۲)

وريو ورق وصالَ جو، موڪل ٿي مون،
”لَحۡمًا طَرِيًّا وَّتَسۡتَخۡرِجُوۡا مِنۡهُ حِلۡيَةً تَلۡبَسُوۡنَهَا“، تُن ۾ تونهين تون،
مَنَ مَنجهاران مون، مارو ڇامُ مليَر جو.

(۱۳)

”فاتحہ“، ”بقَر“ سومرا، جڙيائون سين جان،
اَپَرَ ”آل عَمرَان“ ۾ قُربُ ٿيو ڪيٽان،
سُخن جي سَندَان، سڃاڻي ويٺي ساريان.

(۱۴)

”فاتحہ“ ”بقر“ سومرا وطن ويڙِهيچن،
”نحلِ“، ”حجر“، ”بني اسرائِيل“، اِيءُ پَنڌ پنوهارن،
”مسَجدَہ“َ ”احَزاب“، ”سَبئا“، مَنجهين ”رُوم“ رهن،
نيئي اڏِيا امن ۾، پَڪا پَنَوهارن،
مون کي منجهان تن، پيا لوهہَ لطيف چئي.

(۱۵)

اڄ پڻ آنديون اُوٺِئين، ڪتابَتون ڪي،

ڳالهيون ڳُوناين جون، سٹ تون عمر سي،
"ن واللقَلم وما يَسطَرُونَ"، پاتائون پير پيري،
"حَمر"، "طَس" "يس" جا اهڃ ڏنائون اي،
موڪل ڏي مون کي، ساٿيهه جي سيد چئي.

(١٦)

"توبهہ" جنهين تَنَ ۾، اندَر تن "اَنفَال"،
"يُونِس" رکي جان ۾، کيائون حقيقت حال،
جي وڏا "هودِ" وصال، سي ئي سانبي سارِيانَ.

(١٧)

"توبه" جنهين تن ۾، "نمل" نهارين،
"قَلَيَا"، "قد سَمِعَ"، "جاثيه" دل "دخان" پاس ڏرينَ،
"تبارکَ"، "تَبَتَ"، "اَذاجاءَ" "اِذا زُلزِلَهَ" سينَ اورَين،
جيکي پنوهاريُون پرهين، سو ميسر آهه مَليرَ ۾.

(١٨)

"توبه" جنهين تَنَ ۾، "نمل" نهايَتَ،
"اَعراف"، "اَنبيَا" اَباٹن کي "فاتحہ" ۾ فَرحَتَ،
"لقمانَ" جاءِ لطيف چئي، "سجده" ساڻ صحت،
"نِساءِ" "نُورِ" نِيتَ، مون کي مارُن ميڙئَين.

وائي

منهنجو مَنُ ماروءَ ڏِنڙي رَچي،
الاهي اَمر سين، سيلُ نباهيو سچي،
ڪنڊون ڪائي ڪير سين، ماروءَ ري ڪئَن مچي؟
مٿي ماڙيءَ مارئي، پنوهارن لَئَي پچي،
اَچڻ وَس نہ منهنجي، جي آٽايو، تہ اچي،
قوکَ قَڪائيءَ جا، ڪي ڪُوڙ ڳالهايو ڪَچي؟

فصل يارهون

(١)

ڄ سي لوڙائو ٿيا، جنهين پر رهن،
مارو منجهہ ٿَرن، رهي رهندا ڪيترو؟

(٢)

ڄ سي لوڙائو ٿيا، جنهين سنديءَ ڏيرُ،
مارئڙا فقير، ڪنهن دَر ڏيندا دانهَڙي؟

(٣)

وَطُنُ مون مليرُ، قضا آنديَس ڪوٽ ۾،
چانڪ پيئنديس پرينءَ سين، پائرَ جو پَنير،
هاجو ڪيو حميرَ، بالله، نِئي ٿو بند ۾.

(٤)

سهم پَسان ٿي سومرا، پريَن ريءَ پيئي،
مُل رساٽي مارئين، مَون ڪي ڪو نيئي،
تہ ساڻن سِپيئي، ڳَجھ ڳَرهان ڳالهڙيون.

(٥)

جي گهر گهاريم ڏِينهَڙا، هيڪانديءَ حَضُور،
سيئي سڪان ساريان، پچان پائر پُور،
حميراٽا هَٿڙا، ڪَينَ مَجيندِيَس مُور،
سَنجهي سَت گُذاريان، اچين شال اسُورَ!
مران ٿِيان مَ دُورَ، ماروءِ ڄام ملير جيَ.

(٦)

اَت اُڪندي آهيان، عمر آءٌ اڪاڄ،
سومرا سَڪاڄ، جَهل مَ بَندِ جِهجِنديون.

(٧)

اڄ اَڏَنگا وِيڙَ، مون ڪي مُڪا جيڏئين،
هاري حميرن جا، جيڪس ڪاڏئين ڪيڻ،
سانِبيڙا ۾ سيڻ، ڪ تو ويا وسري؟

(٨)

وينِي ڪوٽ وَتِن ۾، ڪامڻِ ڪُواري،
مليرُ ساريو مارئي، رُويو رئاري،
الله اوتاري، مُنڌ ماروءَ جي مِيڙئين.

(٩)

جيها جي تيها، مون مارو مَجيا،
مون جيڏيُون ملير ۾، چوندِين موڪَ مها،
منهنجي آهہ اها، ڪڏهن ڪيرائِيندي ڪوٽ کي.

(١٠)

ماروءَ پاس ملير ۾، ڏوئي مَرُ مران!
پاٽي واري پانهنجو، ويندِيائي وران،
ٿورو منجهہ ٿَران، هَوند لَڳي لوئڙِيائين.

(١١)

ماروءَ پاس ملير ۾، هميشہ هُئان!

پيرين تنهين پئان، ني وهاڻيءَ نور سين.

(١٢)

مائٽَ منهنجا سومرا، مَارو نہ ميرا،
اُتيو ڏِين اَسُورَ جو، پٽن پَر پيرا،
پَنوهارَن پِيرا، وڙَ مَ ويڙهيچن سين.

(١٣)

ڪِيئَن ڏُواريان ڏَہِرا، ويندِيَس ڪنهن نہ وهاڻ،
مون مَل َمارو ناه، اَڃا اوڍيان ڪَن ڪي؟

(١٤)

اَڪڙيون ملير ڏي، جنهين راتو ڏِينهن،
هاڻي ڪنديَن ڪِيئَن، عمَر آسائن سين؟

(١٥)

ڪانڌُ نہ ڪنديَس ڪو پيو، ڪَٽيرو ئي خُوب،
ميرو ئي مَحبوبُ، اسان مارو مَنَ ۾.

(١٦)

مُنهن منهنجو سومرا، مَرُ ميرو ئي هوءِ،
متان مارو چوءِ، تہ ڏوتوءِ ڏوراڻن ۾.

(١٧)

جي لُونَ لِڱن لائِيين، چيري چِيري چَمُ،
مون ڪرَ اڳي نہ ڪيو، اهڙو ڪوڃهو ڪَمُ،
جان جان دعوا دمُ، تان تان پِرت پنوهار سين.

(١٨)

تنهن ڪَوٺ تي ڪِنواءِ، جا ڏِس ڏاڏاڻن جي،
ساريو سَانيڙن ڪي، رويو َ رات وهاڻ،
سوڻا ڪَيمَ سُهاءِ، عمرَ بندياڻين َ ڪي.

(١٩)

جت پُنگا، پٽون، پيڻيُون، تنهن ڪوٺ ٿيون ڪِنونَ،
پَائر سَپ َپُسائيو، وَسي وچڙيَن،
ماروءَ ري مَ مَرَن، الله آسائَتيون!

(٢٠)

جت پُنگا، پٽون، پيڻيون، تنهن ڪوٺ تي ڪنواءِ،
سَا وِچ پَسيو ونڌُران، مون رُئندي رات وهاڻ،
سيليٽَيِن سُهاءِ، مارو جو ملير َ جو.

(٢١)

پھري ڪيا پٽن ۾، وچڙين واڏاٽا،
سُور اُن جا سومرا، مون ڪَي اندر اُڏاٽا،
اُٺي وئڙا اُڪري، عمرَ اباڻا،
ٻڪرَ ٻاٻاٽا، ڀسان شال ڀر ڪَنهين!

(٢٢)

وچڙين ويَس ڪيا، متي آئي مُند،
اڪيون اباڻن ڏي، بس نہ ڪرين ٻوند،
هِيئن نہ ٿيَس هَوند، جي ڪر لڏائون ڪَڏهين.

(٢٣)

جت ڪُرُڙَ ڪَتا ۽ ڪاهيون، پالَ، پَڪا ۽ پَڪَ،
سَرهيون سي سرتيونَ، جي حاضُرُ پاسي حق،
ماڙِيان شال ملير ۾، منداڻِتي مڪا!
ڪِينڪارِيان خَلَقُ، جا ٿَر ڃائي ۾ ٿُوهَرين.

(٢٤)

پڪا پَنوهارَن ڏي ميوا، مَچَرَ، مَڪَا!
عمر اَت اُڪنڊيون حالُ هَماري حَقَ،
لوئيءَ ۽ لڪَ، سَمنَ سُپيريَن سين.

(٢٥)

پانڌي پرئين پنوهار جو، مُون وَٽ جو آيو،
تہ وٺا مينهن ملير ۾، سڀ ڏِيهہ سوايو،
ٻاجهر پَڪي، ٻاجهہ ٿي، لٿو ڏولائو،
سو سرتين ساڃائو، سو هنيون هت نہ وندري.

(٢٦)

پانڌي، پرينءَ پَنوهارَ ڪي، چيُم تِئَن چَئيج،
سَندا سَنگت ڏِينهَڙا، ورَ مَ وساريج،
ڪونين ڪُني آهيان، سگهي سارُ لَهيج،
مُٺ مانڌڻي مجيج، تہ نيرَن ۾ نئون ڪَريان.

(٢٧)

پانڌي پرينءَ پنوهار سين، روئي ڪج رهاڻ،
جئن ٿَر وڄُون وٺيون، تئن آءٌ سُورن سَاڻ،
ڪجاهُ ڪَا وَراڻ، ڏُکَن ڏِيلُ ڏِهيُون ڪيو.

(٢٨)

پانڌي پرينءَ پَنوهار جا، جان تون وڃين وَس،
ساري ڏيج سَرتِئين، سَلامَن سَهَس،

آءُ اوهان جي آهيان، گولي مَٿي گَس،
ويني ڪريان وَس، ايڏي جي اڇڻ جا.

(٢٩)

پانڌي چئج پرينءَ کي، زور هَٽي جانا،
پيڪَڙا پيرن ۾، ڪَرائِيَن ڪانا،
آن ريءَ امانا، گهنگهر گهاريان ڏِينهڙا.

(٣٠)

پانڌي پرينءَ پنوهار جا، نِياپا ني کي،
ساري ڏيج سرتئين، ياد پونئي جيڪي،
وليُون، وَڻ ڦُلاريا، ڪرڙ پَڪا کي کي،
سگر ڪِين سرتيون، سِبيُن، جئَن سيڪي،
زيريون پيجي جيڪي، ملان مارئَڙن کي!

(٣١)

مارئي ناهہ ملير ۾، نڪا وَٿ حَمير،
پنهون ڪونهي ڪيچ ۾، نَڪي سڌُ اَمِيرَ،
مُومَلَ ڪونهي ماڙِئين، گنجي ناهہ فقير،
وَرَ چڙِيو، واهُڙَ تِري، ساهَڙُ منجهہ سَريرَ،
قُبَن ڪينهين پِير، مُرشد مَساڻن ۾.

(٣٢)

جي هتي هُئي مارئي، تہ لَڏيَم ڪَرَ ڪيٽاس،
ارادا سَئِم عمر کي ويجهوَ تي وٽانس،
جي نہ چڙيائين، ڪ جَهليائين، تہ پنهنجو انگ آڇيانس،
لاهي لوهہَ لطيفَ چئي، هتان هُوندَ هَلانس،
موڪي مليرَ سامهين، ونَي ٻانهن وجانس،
رَهَبر تي ريڙهِيانَس، سُونهاري ساٽيهہَ ڏي.

(٣٣)

ننگا آهين نگِيا، اَسين مارو لوڪ،
ٿَرَ کي ٻَانيُون ٿوڪ، جو ڍِڪ ڍاٽيڙن جي.

(٣٤)

اوڏا جان هئا، تان نتُ نياپا آئيا،
ماروئڙا ملير ڏي، وارَي وَڳ ويا،
تنهين ڏوهہَ ڪيها، جن ڏيئي ڏوراپا چائيان؟

(٣٥)
کنيائون کائر ڏي، ساري هاج هئان،
لائي لَڏَ، لطيف چئَي، پرئين ٿَر ٿيا،
ڇڏي ڳُڻ ويا، ماروئڙا مليرَ ۾.

(٣٦)
کاهڙيان ڪٽي، مُنهنجا ويڙيچا ويا،
لنگهي لَڪَ لطيف چئي، پرين ٿَر ٿيا،
جيڏيون جاڙ جَيان، مُنهن ڏنم مارُوئين.

(٣٧)
کاهڙيان ڪٽي ويا، ٿَر ڪيائون ٿاڪَ،
سانگي لڏايا سومري، ڪري مَنَ مراڪَ،
جڪس پروڙيا پاڪ، امر اباڻن سين.

(٣٨)
کاهڙيان ڪٽي ويا، رهيا ڏيٿان دَور،
سڀ لڏايا سومري، عُمرَ ڪري اور،
وڏي ڪنهن ضَرور، مارُن ملير مٿيو.

(٣٩)
کاهڙيان ڪٽي، وجي ڏيريا ڏَٿَ،
اُوءِ پهري ويا پٽ، ڪنهن سين ڳرهيان ڳالهڙي.

(٤٠)
کاهڙ ڏانهن ڪٽي ويا، مون سين ڪري مٿ،
ماروئڙا ملير جي، ويڙا ڇڏي وٿَ،
ڪينهي ڪي مون وٿ، ڪنهن سين ڳرهيان ڳالهيون.

(٤١)
کاهڙ ڏانهن ڪٽي ويا، ڳالهيُون ڳُڻ ڇڏي،
سنڪي سندي سومري، وئڙا راجَ لڏي،
وجي وينا ويڙهئين، اَجايُون اَڏي،
آءٌ ڀري ڀاڳ وڏي، ملنديَس مارُوئڙن کي.

(٤٢)
ڪٽي کاهڙ ڏي ويا، ڏيٿان ڀڻ ڏَري،
سُور ٿنين جي سُومرا، سگهان ڪين ڇُري،
جهوريءَ تن جهُري، مري رهنديس ماڙئين.

(٤٣)

كاهڙ ڏانهن ڪٽي ويا، لڏي لاڏاٽا،
وجي ڪيا ويريين، تن ٿَرن ۾ ٽاٽا،
سي پَڪا سونهَن پٽ ۾، تن پاڳين جا پاٽا،
عُمر اباٽا، ڏني مُون کي ڏينهن ٿيا.

(۴۴)

كاهڙ ڏانهن ڪٽي ويا، متيائون ملير،
وجي پانئر وٽِ ۾، كلي پيتائون کِير،
تن عُمَر اباڻن کي، ساري ٿو سرير،
زيريُون لاھ زنجير، تہ سَرتيون پسان سُومرا.

(۴۵)

كاھُڙيان ڪَٽي ويا، ڍريا متي ڍَٽَ،
جتي آبُ اگوندرا، پاٽي متي پَٽَ،
آءٌ ڪيئَن اُن ري سُومرا، كلي چڙهان ڪَٽَ،
گهُٽيءَ مرندَيس گهُٽ، مارُن ڏارا ماڙئين.

(۴٦)

جِئن ڳنڍيُون مَنجھ ڳنڍيرَ، تئَن مون مُن ماروئڙن سين،
سي ماروئڙا ٿَر ٿيا، جي ڳٽن جا ڳهيرَ،
تنهِين ري حميرَ، گهنگهر گهاريان ڏينهڙا.

(۴۷)

جئَن ڳنڍيون منجھ ڳنڍيرَ، تئَن مون مَن ماروءَ جون،
ڏنيون لَسَ، لطيف چئي، هينئڙي کي حميرَ،
وجي منجھ ملير، سڀ ڇوڙِينديَس سومرا.

(۴۸)

سي ٿاريلا ٿَرن ۾، جي مان گهٽَ گهري،
وطن وَسَ وَسَندي، هنئَڙي نتُ هُري،
اَندرَ چِتَ چُري، ورھ ويڙهيچن جو.

(۴۹)

وَنهيان ٿين وٿاڻ، ڏوكاهي هُئان جي،
اوءِ پيٽيُون ۽ پاڻ، موٽي مارُن اڏيا.

(۵۰)

ٿورا مَنجھ ٿَرن، مون سين مارُوءِ جي ڪيا،
عمَر اُن ڳُڻن، آءٌ ڪِيئن لوئي لاهِيان؟

(۵۱)

ٿورا نہ ٿورا، مون تي مارئڙن جا،

پلائيءَ پيرا، ڳٽي ڳٽيان ڪيترا؟

(٥٢)

هَڏِ نہ پڙان هيڪڙي، ٿوري ٿَر ڄاين،
مون ڪي ماروئڙن، ميري ڪَري نہ مٽيو.

(٥٣)

نيرُ نہ لَهي نينهَن جو، لوھ ويا لَهي،
ڪُنجون جي قُلَفن جون، سيٽن هَٿَ سَهي،
ويڙا راڄ رَهي، ڏِيان ڏوراپا ڪن کي؟

(٥٤)

نير نہ لهي نينهن جو، لوھ جا لهي ويا،
مارُن ڏاران ماڙئين، مون ڏهلا ڏِينهَن ٿيا،
ڏيهي ڏُور ويا، ڏيان ڏوراپا ڪن کي؟

(٥٥)

مَنئان ماروئڙن، هڏ نہ ويئي وسري،
قيد ڪيس ڪوٽ ۾، ڏاڍِ سين ڏاڍِن،
پوءِ پَليو پنوهارَن، سوس منهنجو سومرا.

(٥٦)

سُٽي ساٽيھ ڳالهڙي، وهسي ويڙهيچي،
سپ سُڌ پيم سومرا، هَتي هتَي جي،
پينَر ۽ پَيچي، سَوايا ساريِن مون.

(٥٧)

سٽي ساٽيھ ڳالهڙي، لهي ويا لوھَ،
اَندر جا اندوھَ، لَٿا ڏُک سُک ٿيا.

(٥٨)

توکي توڙان نئي، لِکي عمر اَڃائي،
جنهن تو سامائي، مامَ نہ پڳي مارئين.

(٥٩)

جيئَن عُمر اچو تُون، تيئَن آءٌ مرڪان وچ مارُئين،
منهن نہ ميرو مُون، سيل تُنهنجي سُومرا.

(٦٠)

آءٌ مارُن ميڙائو گهران، مارو گهرن مينهن،
ڪيس نماٽي نينهن، وَهَين ويڙهيچن جي.

(٦١)

آءٌ مارُن ميڙائو گهُران، مارُو مينهن گهرن،
ساڏوهيون ۽ سرتيُون، هئين منجهہ هُرَن،
هڪ لڳين لوهہَ چرن، ٻي وِجهل ويڙهيچن جي.

(٦٢)

نکي ڏونرا ڏيهہ ۾، نہ سرتيون نہ سير،
هڪ کوٺين کُني آهيان، پيا زوراور زنجير،
ويني ڳوڙها ڳاڙيان، مارو ساريو مير،
هانگامَن حمير، منهنجو جيءُ جڏو ڪيو.

(٦٣)

نکي ڏونرا ڏيهہ ۾، نہ سرتيون نہ سير،
ويني نيڻ نچوئيان، مارو ساريو مير،
هڪڙا هاڃا حمير جا، پيا زوراور زنجير،
جانڪو ستين سيرُ، تانڪي وهنديس ڪوٽ ۾.

(٦٤)

وهُ ڪائي نہ مرين، هي مُنهن ڏيئي ٻن،
تَان جي ملير ڇائيُون، توسين سنگ نہ ڪن،
تون ڪيئَن منجهان تن، پاڻ ڪوٺائين مارئي.

(٦٥)

ويا ڳُڻَن ساڻ، ماروئڙا ٿر اُڪري،
تنهين پڄاڻا هاڻِ، آءٌ جاڙ جيان ٿَي جِيڏيُون.

(٦٦)

ڇڏ سبرايون سومرا، عمَر لڳ اَللہ،
ٿِيم نہ ٿورا ڏِينَهڙا، ماڙئين ڳاريَم ماهُ،
سِڪ منهنجي ساهُ، ماروءَ جي مَسُ لهَي.

(٦٧)

ڇڏ سَبرايُون سومرا، مَ ڪر ڇائِت ڇت،
جهنگان آٽيو جهلين، هُتي جيون هي هِت،
پڇائيندي پاتشاه، جمع ٿيندو جَت،
تُون پڻ رهندين تِت، سمجهي گهٽو سُومَرا.

(٦٨)

اڃا ڪوٽ پٽن ۾، تو عُمر اڏائي،
ڏمريو ڏيهہ ڏٽي، تو ڇاڄا ڇاٽائي،
پورو ائين نہ پائي، تہ ڪو لوڪ لاڏئو ساعت جو.

(٦٩)

مَ ڪي رو، م رڙ ڪي، هَنجون هَڏم مَ هار،
توتان بَندُ بدا ٿيو، ٻيڙيُون نيئَي ٻار،
پهچنديئين پَنوَهارِ، سگهَي سنگهارنِ ڪيَ.

(٧٠)

مَ ڪي رو، مَ رڙ ڪي، مَ ڪي هنجون هار،
جهڙا اَچن ڏِينهڙا، تهڙا ويئي گهار،
ڏُکن پُنيءَ سُکڙا، سگها ٿيَن سَنگهار،
لَٿا لوھ لطيف چَئي، پروڙج پَنوهارَ،
ٻيڙيون نيئي وار، توتان بند بِدا ٿيو.

(٧١)

مَ ڪي رو، مَ رڙ ڪي، مَ ڪي ڪَر دانهُون،
سُتي لوڪَ، لطيف چئي، ٻيئي ڪٽجَ ٻانهُون،
لڏَئي جت لائون، سو ڏيهه پَسندئن مارئي.

(٧٢)

مَ ڪي رو، مَ رَڙ ڪي، مَ ڪي ڪَر ڪِيهُون،
اِتي اَچن اڳهين وانڍِن جون ويهون،
ميڙينِدوءِ مِيون، مينهَن اُتي مارئي.

(٧٣)

هتي ويٺين وڏيون، هُتي تا نہ هئا،
ٻڏي تا نہ مئا، پاٽي پائي پاٽ ۾.

(٧٤)

ڪو ڪو وٽاچو ويڙھ ۾، ويا سڀ ورڪ،
سندي مَينَ سِڪ، گڏي گونرن نہ لهي.

(٧٥)

اِيءَ نہ مارن ريت، جيئَن سيڻ مٽائن سون تي،
اچي عُمرڪوٽ ۾، ڪبي ڪانہ ڪريت،
پکن جي پِريت، ماڙيءَ تي نہ مَٽيان.

(٧٦)

لوئڙياري آهيان، واريان تان نہ وَرَق،
ڪَنڌَ ڪاسو، پٽَ پاسو، ڏٺم تَنَ تَرَڪَ،
سانديم سُپيرين لَئي، اَندرُ لوئيءَ لَڪُ،
سندو ماروءَ حَقُ، جان جِيان، تان پاريان.

(٧٧)

چڪي چڪيَم چاڪَ، وَنهيَن ويڙهيچن جا،
وَاجهيندي وِصال کي، فَنا ڪَيس فِراق،
سيَئي ساريمَ سُومرا، تر جنهين جَا تَاڪ،
ماروءَ جيَ اوطاق، گهٽو اُڪنڊي آهيان.

(٧٨)

اڄ پڻ چڪيم چاڪ، ونهين ويڙهيچن جا،
سُورَن اچي سومرا، اندُر کي اوطاق،
ماروءَ جي فراق، هڏَ منهنجا ڪَپيا.

## وائي-١

تَپُ تڙيائين، سمُنڊ وڏائين، نيائين مرضُ مؤمنن تان،
اڳها سپ سگها ٿيا، ڏڪندو ڏُور نيائين،
گروهُ گودڙين جي، سلَڪ صحَت ڏَنائين!
ميڙي مُريدَ پَنهنجا، رحمت هيٺ رَکيائين.

## وائي-٢

مون مَنُ ماروءَ جو ماروءَ جو منهنجو،
مُنهن منهنجو سومرا، مرُ ميروئي هوءِ،
ڏوتوءِ ڏوران ۾ متان مارو چوءِ،
لارون جي لڙڪن جون، ڳِنهي وجان توءِ.

# سُر ڏول مارئي

## فصل پهريون

(١)

اُتَر واوَ ڪِوَندي، پَهلي مُوسمُ مينهُن،
ٻالاپڻَ رو نِينهُن، والا جم وسارئين.

(٢)

اُتر ڏيسان آوَٽيان، ڏڪَڻ سانوَٽِيان،
ڍولو نروَر سيرئين، ڏَڻُ ٻَڪَرَ ڪڙيان،
پُڇو ڪُونجَڙِيان، تہ ڪُون هياري سَجَٽين.

(٣)

ڪُونجان راتِ ڪريڙيو، ٽوليءَ ٽوليءَ ٻيسَ،
سُتي ڍوُل سَنپريو، موري اُرلي پاڳي ايس.

(۴)

ڍاٽي جي ڍول ملي، تہ ڍولاٽي ڪَهيج،
ڪرسَڻ پَڪو، ڪَڻُ چَٽِيو، لائو آپ ڪَريج.

(۵)

ڍاٽِي جي ڍول ملي، تہ کهڙي سَنئين لڄ،
اکيان ڪاجل موهيان، تلڪ ڪسي پَرَ پَنگ،
پَهہ پَهہ پَنڊُ پهُورئين، لوسَٿ لوسَٿ لُڪَ.

(٦)

ڏيبُوءَ لَڪَ مناڙ ڪَر، تَسڪرَ جيسي تڪَ،
سَرَو، سَسو، نيسرو، ماروءَ پاسي لَڪَ.

(٧)

اُر سُونگاهُ سپيان، ڏندُ تہ ٻَٽِيهہ ٻاڻَ،
ڍولَ تُماري مارئي، جيئَن سا هَنجَ نِياڻ.

(۸)

اُر سُونگاهہُ سپيان، نيڻُ تہ ونگڻَ ونگَ،
ڏولَ تُماري َمارئي، هَٽي ٻَانڱَ نهَنگ،
ماري منڌَ نِسنگ، چاڙهي سيڱَ ملڪَ جيئَن.

(۹)

آمان پَڪا آميان، وَنڱ پڪا وٽيان،
گوري گرجن سپ پَڪا، رسُ وهي نيٽان.

(۱۰)

اُرهہَ اُر سونگاهہُ سپيان، نَين تہ مَنجهو منجهہَ،
ڏول تماري مارئي، هَٽي ڪَرندا هَنجَ.

(۱۱)

سيپ پُتائي پاتلي، ڌويو ڌاج نہ ڪاءِ،
ڪَريهَرَ جَيسي ڪامٽي، هاٿُ لڳي مرجاءِ.

(۱۲)

رَم هُون ناهہ نسَنگ، رَم ارور پاسي ڪَنڻَ،
گوشي تريون ڪَمان جي، ڪيون نہ ٿُوٽي لَڪَ.

(۱۳)

رمُون ناهہ نسنگ، رمُون اُر سين لاءِ،
ڦُلان ٻَري ِتارَڙي، پورا پيچي جاءِ.

(۱۴)

ڏولا! مارئي اَيسي پاتلي، جَيسي رَينَ ڪَجُور،
مُنهَن ميِني، گڻ گٽي، تو ڪِئَن ڇڏي دُور؟

(۱۵)

اپي سُورجَ سامهين، مٿو پري ميٽ،
طاسَ نِپني پيٽ، هِيم ورني مارئِي.

(۱۶)

ساچي ٿيان سينگڙي، رنمَلَ هاٿ ڪَري،
وڙهندي سرِ وَيرِئين، ڪَوڏِ ڪُسيان ڏي.

## وائي-۱

مين تان نگني، سا ڪنهن سنگ جائي، ري پي مون ۾ ڳڻ ايڪو نهين.

هيڪ جڳُن ڪوجهي، پيجا صورت نهين، توسان لڳا مورا جي،
شاهہَ نَجف ڪي نَوبَتَ لاڳي، پهَلي تڪور سين جاڳي.

## وائي-٢

مليو مارُو مون ڪي، حيلن حالن سان مليو.
چوڪي چاري ڪيترا، بيٺا واٺون جَهليو.
ساري سپيرين ڪي، جيرو منهنجو جَليو.
گهَرَ جو مَحرَم منگتو، درد پيٽَمَ پَليو.
ڪوڙين ٻانيڻ ڪيترا، وِجهَن ڪَڏُن ڪِليو.
نِڪِريو نَروَرُ سيرئِين، َراجا َ رِنمل رُلِيو.

# سُر ڏناسري

## فصل پهريون

(۱)
تون پيرن جو پاتشاھ، تون پيرن جو پرم،
الله لڳ احسان سين، ڪي نهارج نرم،
بغدادي، بلال چئي، رک وڏا شيخ شرم،
جو منجهين مون مَرم، سو غم گيلانِي ڪٽئين.

(۲)
تو تي لج لطيفَ، هن منهنجي حال جي،
ڪينهين پيا قَريبَ، َتو ڏاران دوست مون.

(۳)
ميان صاحبَ پيرَ، منهنجا پَلا پٽَ ڏٽي،
تُنهنجي آهَ تٽيَ، ٻي ڪنڌي سارياںَ ڪانَڪا.

(۴)
ميان صاحب پير، منهنجا موچارا مرشد،
هُوءِ لنگهايُون حَد، سڄي جا صراط َجي.

(۵)
ميان صاحب پير، منهنجا مرشدَ، موچارا،
رَکين پيڙَ پٽن ڪان، سيدُ سُونهارا،
اسين توَ وارا َ تون داڙو تي درگاهہ ۾.

(۶)
تون داڙو تي درگاهہ ۾، ڪر ولهن تي وڙُ،
سيد لنگهائِين سيگهہ مان، سڄيِ جو محِشر،
دائم جهليم درُ، تہ عيبَن ڪان آجو ٿِيان.

(۷)
پنپٽيون پَير ڪري، سنبهہ ڏونهن سئيد،

جُمعو شاهہ جمال جو عبداللطيفي عيَد،
مَٿان مون مُرشد، قرض لاهہ قُبي ڏَٺي.

(۸)

ميان صاحب مرشد، مُنهنجا سَڏَ سُڻج تون شاهہ،
آءٌ اوهان جو آهيان، ڪا مهرَ ڪَريو مون ڏانهن،
اکيون لڳ الله، ڪڙُ پازي ڏي پانهنجيون.

(۹)

ڪڙ پازيءَ تي پانهنجيُون، ميان مهربان،
ڪر تون مهر مريد تي، سپن پر سُلطان،
دارُو تونَ ديوانَ، اگهائي سگها ٿيا.

(۱۰)

اگهائي سگها ٿيا جي پيا آنهنجي پار،
ڪٽن ٻئي ٻاجهہ سين نرمل تون نهار،
ڪامل انهن جي ڪاز، اصل آهي اهڙي.

(۱۱)

ميران مُرشد منهنجا، حضرت پير حبيب،
دادلا درگاهہ جا، نوراني نجيب،
سي نالائق نوازيين، گولا جي غريب،
جي لُکن آهن لوڏيا، ۽ ضلالت ضريب،
آءُ قادر جا قريب، مدد ڪَر مريد جي.

(۱۲)

مدد ڪر مريد جي، سگهو تُون سلطان،
ڏياريوم ڏاتار دل گهُريا، منجهان درگهہ دار،
اَئين دادلا درگاهہ جا، داور جا ديوان،
ڪنڌي ساريان ڪانہ، مُحمد ﷺ ري ٻي مورهين.

(۱۳)

پير منهنجا پاتشاهہ، سڀورا شريف،
تون حمايت هيٺن جي، ڪوڙا جي ڪثيف،
توٽي خر خفيفَ، تہ پڻ پازي نوازج پانهنجا.

(۱۴)

ميران مرشد منهنجا، جيلاني جناب،
جي مون سين ڪسن خارجي، سي ٿين خر خراب،

سڻي سواليءَ جا سڏڙا، اُتي غوث گلاب،
ڪر وسيلو وير تُون، مُحمدﷺ لڳ مهتاب،
واحد وڏا ڪيا تُنهنجا، خاوند سڀ خطاب،
صمداني شباب، تون مدد ڪر مريد جي.

(١٥)

مدد ڪر مريد جي، گيلاني گلزار،
رکو پازي پانهنجو، پير اڳيان پيزار،
نوازي نادان کي، بَچيا ڪر بيزار،
اَوليان رکي اُن کي سيڙهيون سئين پار،
جي مُون ۾ عيب اپار، سي ڪر تُون نانهن نگاهه سين.

(١٦)

پنبڻيون پير ڪري، ڪَرَ پناهه ڏانهن پنڌُ،
نم ڪٿوري کيوڙين، وَٽين مکو مَنڌ،
آهيم آسابند، پيراٽي پيزار سين.

(١٧)

پنبڻِيُون پير ڪري، پَر پيراٽي پار،
ڏِني جن ڏئارِ، رَهي نہ رتي جيتري.

(١٨)

پنبڻيون پير ڪري، پر پيراٽي لوءِ،
سَيدُ پير سپين پرين، مرشد منو هوءِ،
جي آيا اڳي پوءِ، سي رَسيا حَق حبيب چئي.

(١٩)

قُبا ڪامل پيرَ جا، مهت موچارا ماڳ،
ساري وٺُ سيد چئي، وانئَن وهلو واڳ،
جنهن ڪوڙين لاٿا ڪيترا، لنگهن مٿان لاڳ،
توکي تنين سين ڪيو، سينڌو ڪنهن سياڳ،
جي اِهڙا پيِرا جَهاڳ، سي من ۾ رکين ميون چوي.

(٢٠)

ساريان سَگهه نہ ڪاءِ، زور نہ ذرَي جيترو،
مٿان مون مَ لاهِ پيرَ پنهنجا هٿڙا.

(٢١)

مون تنهنجو آسرو، مَون تُنهنجو ڏيُ،
مٿان مون مَ ڪَڍُ، پيرَ پنهنجا هٿڙا.

(۲۲)

مون تنهنجو آسرو، مون تنهنجي آس،
ڪَرِئين ڪِيم نراسُ، تن پڻ تنهنجو آسَرو.

(۲۳)

وسيلو نہ وَسُ، پُنگي پَر نہ ساريان،
پَتڻ ڏيندو پاتڻي، اوکيءَ ۾ اوس،
حالُ همارو پَسُ، سَندا روضن راڄيا.

(۲۴)

او لي لڳي اور، پانڌيئڙا پيرن جي،
توکي نِيندا توڙ، پَلئيءَ لائي پانهنجي.

(۲۵)

سيدُ سُجاڻي، ڪوه نہ پرين پهيڙا،
اوکيءَ ۾ آڏو ٿِئي، سُڄُن ۾ سَاٿي،
لائِق للاڻِي، پيرُ ولايتَ وِترو.

(۲۶)

وانءُ لالاڻِيءَ لوءِ، جت ولايتَ وٿُ ٿئي،
مُعرفت مڪان ۾، وَنُ ٿِنُ وائي چوءِ،
ساٿِيڙي سڀ ڪنهن، پانڌِ پنيو ٿو پوءِ،
سيدُ پيرُ سَندوءَ، مانَ پَسي حالَ هٿ ڪَٽي.

(۲۷)

ولين ڪنهين ڪماندَ، گهر پير نيو سڀ جي،
هل تہ هلون ڪانڌ، آگر لائي ڳيرو.

(۲۸)

مُون پيراڻي ڪنجڙي، هل تہ هلون ڪانڌ،
پري ڪٿوريءَ پاند، جيان اچي سڀ ڪو.

(۲۹)

اچا پيرَ سندام، آءُ ميريائي مَ ٿيان،
واهَرَ صَحيح ڪندام، اڳ وسوڙي آهيان.

(۳۰)

واهَرَ ڪر وَري، پيرَ مَنهنجا مَلهٽا،
آسان توريءَ ناه ڪا، ڳُجهاندَر ڳري،

دستگِيرَ دَرِي، اُپِٽ ڪا اِحسان سين.
(۳۱)
اڄهو جي آڳُ، آهيم پنهنجي پير جو،
سَنئون تن سَپاڳُ، َآڳِي جن آر ڪيو.
(۳۲)
آءٌ آسائو آهيان، پير پرٽيان ٿو پاڻ،
هٿُ منهنجو آرسي، نسورو نادان،
جمين پُوڇ بلال چئي، آهيان نسورو نادان،
سگِر تُنهنجي ساڻ، مون ڪي راهه رساٽين.
(۳۳)
آءٌ پيراٽي آهيان، پاٽيءَ ڍوئِي پاڻَ،
هَٿَ گهڙو، سر سينهَي، تنَ ۾ تاٽو تاڻ،
جي گوليءَ مَنجَهه گُمان، سي موليٰ تون معافي ڪرئِين.
(۳۴)
ڏن تون ڏناسَري، ڏن تون ٻالا پيرَ،
ثابتُ لَنگهائِين سيرَ، مڪي سَندا پاتيِّ.
(۳۵)
سيد پيرُ سمنڊ هي، انت نہ ڄاٽي ڪوءِ،
ماڻِڪَ پاوي سوءِ، ڦِر ڦر سيوا جو ڪري.
(۳۶)
سيد پيرُ سمنڊ هي، ڄامَن سَندو ڄام،
اگهيو دَر اللهُ جي، تنهن ڪامل جو ڪلام،
پري پُڇَو پانڌِيا، تنهن گوهَر سندو گام،
جن ڏنو لال لطيف کي، آيو تن آرام،
ڪون رهيو ڪو خامُ، سڀ سڪي ٿيا، صالح چئي.
(۳۷)
صالحَ ٿِي سُڌير، سُڻ هنئين سين هيڪڙي،
منجهان لَنئو، لطيف چئَي، پَر ۾ پُڇج پيرُ،
ڏاران منهن مُرشدَ جي، ڪوءِ ڪَنڌُون، ٻَن ڪَير،
جو اسم چوءِ اَمير، ويهُ تنهين سين واڳجي.
(۳۸)
للاٽي لَهر مَجي سيد مڙوئي سَچُ،
جلي سڀ جاءِ ٿيو، ڪوڙو ڪُلڪُ، ڪَچُ،
محبت جي ميدان ۾ مَردَ ٻاريو مَچ،
سچ منجهان ئي سچ، ڪوهه نہ پئين پهيڙا؟

(٣٩)
وڏل وڏو ٿي، آهيم تنهنجو آسرو،
ڏوهِين جئن ڏوئي، عيبَن کان آجو ڪَرئين.

(٤٠)
جي تون اَسائو آهئين، تہ هلي پس حبيب،
ترت ۾ طبيب، ٿيندو وڏل واڍوڙين جو.

(٤١)
جي آسائو اَهئين، تہ ڪَر پٽ پيرو،
سونهاري سيد جو، ديکَ وڃي ديرو،
ترت ۾ تيرو، مطلب مڙوئي ٿئي.

(٤٢)
متان منهنجو پيرَ، ڍنگهرَ ڍِيلي ڇڏئين،
اُونهون تون اُڪارئين، صاحب، شيخَ سُڌِيرَ،
جيلاني جَهانگِيرَ، هٿين جهَلج هاڻ مون.

(٤٣)
تون جيلاني جاڳُ، ميران شاهُ مدد ٿي،
غوث خطائون گم ڪَر، پير اَسان ڏي ياڳُ،
سگهو وار سَياڳُ، سائين لڳ سيدَ ڇئي.

(٤٤)
ميران شاه مدد ٿي، محي الدين ملهي،
آهي عبداللطيف جو، وسيلو ولي،
حَسني پير هلي، ڪر ڪا ماڙ مُريد تي.

(٤٥)
ميران شاه مدد ڪر، دانهن سُڻي دادي،
آهين عبداللطيف جو، حَسني تُون هادي،
بادشاه بغدادِي، ڪر ڪا ماڙ مريد تي.

(٤٦)
ميران شاه مدد ڪر، اچي اَهڪيءَ وير،
الله لڳ لطيف چئي، پر پازيءَ ڏي پير،
اولاد علي شير، ڪج ڪا ماڙ مُريد تي.

(٤٧)
پير منهنجا پاتشاه، ڀَلا ڀَرجهلا،
جِيڪي مدعي مُنهنجا، هَڻُ تَن ڪرن ڪي ڪَلاَ،
گهٽي ڇڏ گڏِين جا، َگيلاني گلا،

جن سُجن جي ستايو، ٻُچن برمَلا،
جا متّي مُون بلا، سا بغدادي بد ٽار تون.

(۴۸)

پير منهنجا پاتشاھ، وسيلا وريام،
اگهيا تُنهنجا الله در، ڪامل سڀ ڪلامَ،
ڏنيَ توکي ڏيھ ڏٽي، ضعيفن زمام،
آهين آل رسول جو، حَسني تون همام،
مدد ڪر مريد جي، الله لڳ علام،
آءُ سيد پيس تو سام، مُرشد رسُ محمود کي.

## وائي

ڪونَ ٻُجهي ٻُجھ دل دا، هاديءَ بنا ڪون ٻُجُهي؟
الله والي َ ڪَرمَ ڪَريگا،
ربُ دليان دا قُفُلُ کوليگا،
اِهي ڳالهيان چنگِيان لوڪو، يار اَسان ڏا دل دا،
روز ازلَ ڪَنو عشقُ پڙهيوسين، نامُ سائين دادُ رسُ ڳڌوسين،
تِکي رمز نيٽان دي لوڪو، لوڪ واقِف نهِين دل دا.

## فصل پيو

(۱)

مُنهن مُناري سامُهون، توٽي ڪافر ڪَن،
تہ مڱر مَٿان تُن، ڏِيهاڻي ڏورَ ٽِئي.

(۲)

منهن مناري سامهون، پَٽَن متّي پير،
پيرُ نہ چَڏي پانهنجا، توٽَي ڏڌ ڏَقير،
شَرفَ تُنهنجي شير، نالائِقَ نوازِيا.

(۳)

منهن مُناري سامهون، ڏِنم نوري نيلَ،
ٻَرنُ باهَر مَنجھ ٽا، ڪوڙِين جت قَنديل،
حَضرت جي حَضور ۾، زاريُون ڪَن ذَلِيَل،
سيد پير سبيلَ، تو پوڄَ پياري پهيڙا.

(۴)

لڳو تو لهريُون ڪري، نُور نيلڪن سائُ،
مون تان ڪڻَ مَ پاڻ، پرياڏا پيڙهيءَ ڏَٽي.

(۵)

لڳو تو لهريون ڪري، نور نيلڪن وٹ،

مون تان مهر مَ مٽ، پرياڏا پيڙهِيءَ ڏٽي.

(٦)

پيرانديءَ پيرن جي، جُنبي ڪجي جاٽ،
جنهين سنڌيءَ واٽ، ماٽڪ لَيَن مَگريا.

(٧)

پيرانديءَ پيرن جي، جنبي ڪجي جاٽا،
جنهين جي واٽان، ماٽڪ لين مگريا.

(٨)

مل مُلتانيءَ پير ڪي، نوئي نائي ڪنڌ،
اکڙين شاهه عنايت چئي، آهه اوڏانهين پنڌ،
جيئَن تارن ۾ چنڊ، تيئَن شيخان سونهن بهاؤالدين.

(٩)

شيخان سونهن بهاؤالدين، نبيان نور رسولﷺ،
حضرت پير حضور ۾، آهه مولىٰ در مقبول،
قادر ڪر قبول، اگلو آءٌ عنات چئي.

(١٠)

روضو شاه رُڪن جو، گوهر متس گلَ،
سماع جا سيد چئي، هاتڪ ڪرين هَل،
اهڙا پِير اَمُل، ڪوهه نه پيتيو پيتئين.

(١١)

ڪر قادري پير ڪرم، متي پازيءَ پانهنجي،
جو منجهين مون مَرمُ، سو غم گيلاني ڪٽين.

(١٢)

جي اَجهي تُنهنجي آئيا، ڪوجها پسُ ڪريم،
پائي پنهنجي پاٽ ۾، سگهو ڏي سليم،
هتان تو حليم، وڙ پڻ وجن واسيا.

(١٣)

پير منهنجو پاتشاه، جيلاني جليل،
دادلو درگاهه ۾، خالق جو خليل،
حَسني هيٺو آهيان، تون واهر تي وسيل،
داتا منهنجي دل کي، ڏي دلاسو دليل،
ذلت ڪيس ذليل، بادشاه رَسُ بغداد جا.

## وائي

هَر جا آهي هادي، پير پنهنجو پاڻ سين،

سَمر آهي سچ ۾، وفادار برادي،
ميون مُريدن جي، ڏَانهن سٽيندو دادي،
ڪوثيندو قُربَ سين، مَهند ٿيندڙ منادي،
آهي عبداللطيف ڪي، سوءَ اُسي ڪي شادي.

# سُر پُورَبَ

## فصل پهريون

(۱)

ڪَري ڪانگَ ڪُرنشون، پيرين پرينءَ پَئيج،
آءُ جو ڏِينئي سنيهو، وچ مَ وساريج،
الله لڳ لطيف چئي، ڳجهو ڳالهائيج،
چئان تئَن چئيج، تہ ڪنياتا خوش هُئين.

(۲)

اُڏر لڳ الله، ويلو ڪَر مَ وچ ۾،
آءُ جو ڏِينئي سَنيهو، سانڍِ برابر ساهَ،
سندي ڳُجهاندَرَ ڳاهَ، ڪهِج مَ قَريبَن ري.

(۳)

آءُ اُڏامي ڪانگڙا، پارانيان پچار،
ويهي هت وصال جو، تان ڪو ٽَر تنوار،
جي ڏِسَڻَ ۾ ڏيسار، سي اُڏامي اَڻ پرينَ.

(۴)

پارانيان پچار، مَٿي لامَ لطيف چئي،
ٿير مَ فضيلتَ تون، جا ڪر اوهان جي ڪار،
جي ڏِنئي ۾ ڏيسار، سي اُڏامي آڻ پرينَ.

(۵)

وَهلو وَرَ، وريا پرين، آءُ ڪانگا، وَڻ ويهہ،
جنهِين ڏور چِتايَو ڏيه سي اُڏامي آڻ پرين.

(٦)

وهلو ور، وريا پرين، آءُ ڪانگا، لَنءُ لاتِ،
ويا جي قَلاتِ، سي اُڏامي آڻ پرينَ.

(۷)

ڪَانگل سيئي ڪوٺ، پرين جي پرڏيهہ ويا،
جنهين ريءَ جهانُ ۾، اَڪرين آروٺ،
اللهَ لڳ، لطيف چئي، ڳاراچو ڪج ڳوٺ،
جي ڏمَريا ڪنهن ڏوٺ، سي اُڏامي آڻ پرين.

(۸)

پرين جي پَرديس ۾، تن جي ڪانگا ڪج خبر،
تہ سڀ مڙهايان سونَ سين، پکي تُنهنجا پَرَ،
گهمي مٿان گهرَ، ڏج پارانپا پرينءَ ڪي.

(۹)

آءُ ڪانگا، وَڻ ويهہ، سُڏيُون ڏي ساٽيهہ جون،
چڱا پلا سُپَرين، ڪِ سُک وَسي ساٽيهہ،
پرين لئي پَرڏيهہ، مون تان گهٽو نِهاريو.

(۱۰)

ڪَر ڪٽيو ڪانگ لنئي، مُنيءَ تي مضبوط،
آٽيو ڏي آتڻ ۾، سنيها ثابُوت،
ڪانگلَ اَتون قوت، پيغام پرين جا.

(۱۱)

مٿان مَنَهہ منهنجي، ڪنهن اُڏايوَ ڪانؤ؟
ڳنهي آيو ڳالهڙي، سَندي سپيريانءُ،
جيڏيون جاڙَ ڪيانءُ، سئَر هُوندَو سَنيهڙِو.

(۱۲)

ڪَڏي ڪانگا تو ڏيان، هنئون ساڻ هَٿَن،
وجي ڪاءُ ولاتَ ۾، اڳيان عَجيبن،
پرين مانَ چوَن، تہ هئَن قُرباني ڪيرَ ٿِئي.

(۱۳)

ڏائي چَڙهي ڏارَ تي، ڪَي جو ڪانگ ڪَهيو،
سُوريتيءَ سُور پَٽي، پهر پَٽ هنيو،
ڪامي ارٿ ڪنيو، ويچاريءَ وِرُونهن مان.

(۱۴)

ڏائي چڙهي ڏار تي، تو زاغُ ڪَري زاريُون،
آٽيون ڏِئي آتَڻَ ۾، سنيها ساريُون،
ماٺ ڪَريو ماريُون، تہ ڪَهيو سُٽيان ڪانگ جو.

(۱۵)

ڏائي چڙهي ڏار تي، ڪا جا لات لَتي،
آتڻ ۾ اندوهه ٿيو، سَگهي ڪانه ڪتي،
ويڙهي مَنجهه وَتي، ڪي جو ڪانگ ڪمائِيو.

(۱٦)

ڪي جو زاغَ زبانَ سين، لَنيو متي لامَ،
پهچايائين پرينءَ جا، سرتيون رات سلامَ،
ڪاڪيون ڪَتي ڪامَ، تہ ڳِهيو سُٽيان ڪانگ جو.

(۱۷)

اچيو اچيو پون، واڪا ڪيو وٽن ۾،
سنَيها سيڻن جا، چَوتيءَ چڙهيو چون،
ڪانگ نہ ڪُوڙا هون، پريان سَندي پارَ جا.

(۱۸)

پريان سندي پار جو، ڪانگلَ نہ ڪُوڙو،
اَچي وجي وچ ۾ مَتي درَ دوڙو،
جو اندَر اوسيڙوَ، سو لاٿائين لطيف چئي.

(۱۹)

ڪانگلَ قَريبن جا، اچي وائيءَ وَنُّ،
تو ۾ بُوءِ بَهارَ جي، مُشڪ ڪَتوريءَ مَنُّ،
اچي عَجِيَبن جو، اورانگهه اڱُڻ،
توکي پَسي تڻ، سورَنئان صافَ ٿئي.

(۲۰)

آنديُون ڪانگ قريبَ جون، اڄ واڌايُون واههَ،
مَنُ مُرادون پُنيون، ٿيون سَراهيُون ساههَ،
اَندا پرين الله، سَڏَ منهنجا ساب پيا.

(۲۱)

ڪانگل ڪوهُ ٿِيوءِ، پيو آهين پٽ ۾؟
اڳي اُس تڙڪو نہ سهين، اڄ ساروَ ڏينهن سنوءِ،
پَسي حالَ سَندوءِ، ڪانگن ڪانگورو ڪيو.

(۲۲)

هُئين وسيلو وچَ ۾، ڪانگل پاڙيئي ڪانَ،
اٿئي ڪينَ عجَيب ڪي، ظاهَر ساڻ زبان،
توڙِ پهتين تان نہ، اوريان ئي آٽيو ڏئين.

(۲۳)

ڪانگَلَ تُنهنجيءَ چانگَ، جَڏو جيءُ جياريو،
مٿان لامُن لَٿَ ڏيو، ٻولئين سر پيلانگ،
اُڏرِ مٿان قانگ، تہ گهر جاونِ آونِ پرين.

(٢٤)

ڪانگا نيئي ڪانگ، منهنجي ڏي محبوبَ کي،
لالَن لايئي ڏينهڙا، ڪنهن سٽاٽي سانگ،
اوهان ريءَ اڙانگ، ويني ورَهہ وسائِيان.

(٢٥)

آءٌ ڪانگل تو ڏيان، چني چورائي،
منهنجي ڏج محبوب کي، لوڪان لڪائي،
پرين پڙهائي، مانَ سڌ لهن سُور جي.

(٢٦)

اڳٽان هيٺ نہ اُتري، ڪانگا ڪانگ ڪري،
پريان سندي پار جي، ڪانگل ڳالهہ ڳري،
پَٽ نہ پير ڌري، اُيو چئي آيا پرين.

(٢٧)

آءُ ڪانگا ٻهہ ڪول، سُڌيون ڏي ساٽيهہ جيون،
جي آندئي عجيبن جا، سي خط خوشيءَ مان ڪول،
آءٌ سَٽان تُون ٻول، سنيهو سڄڻ جو.

(٢٨)

ڪانگا ڪتابت جي، آنديئي خوب خَبر،
لَس تنهين لِکيا، دلاسا دلبرَ،
هينئڙو مُون هَر هَر، واچيو واچيو وندري.

(٢٩)

ريءَ پريان پَرديس ۾، ورهہ وڌي ڪي وَس،
اکيون پار پرين جي ٿيون، گامَ نهارين گس،
ڏيندا پانڌي ڏس، ڪينءُ جون آٽي خبرون.

(٣٠)

زاغَ تنهنجيءَ ذات جو، ٿورو مٿي مون،
اُڏائج عبداللطيف چئي، صُبح سيٽن ڏُونهن،
ڪجَ وينتيُون وٽريون، ٻاجهائجِ ٻهُون.

تہ لالن کونَ لَھُون، جِھو تو جَھان ۾.

(۳۱)

قريبن جو ڪانگڙو، مٿي ٽار ٽِلي،
ڪٽيو ڪنياتو خبرون، ڪِيرون ڏِيو ڪِلي،
لائي جنھن لاَلَن سان، منھنجي باتِ بلِي،
سو ور چشمن تي چلي، جو درباري دوسَ جو.

(۳۲)

ڪانگلَ! قاصد پرينءَ جا، اڳڻ آيو ٽِل،
بيائيد، بنَشينيد، مُحب مون کي ملَ،
زاغ گفتَ فَھميدَم، خُش حال وينو ڪلِ،
غراب نہ غافلِ، جنھن تعنا تُنڪا لائيا.

(۳۳)

ڪُتو جي ڪانءُ، پريان سندي پارَ جو،
اُنھِين مٿان آنءُ، ڪَوڙيُين قُرباني ٿِيان.

(۳۴)

سو ڪانگ مَ قاصدُ ڪَر، جو سدا ڍُونڍي ڍُونڍِ ڪي،
ڪ ڪندو پنھنجيَ پيٽ جي، ڪ ويندو دوسن دَر،
جنھن جي ٻولِيائي ٻر ٻر، سو نَياپا نيئي رھيو!

وائي

سائِين سَڱ سندوم، مَ ڇجي سين جوڳِيُين،
ھَلَڻ جو ھنگلاجَ ڏي، آديسين اُتوم،
نيئي پُورَبَ پارَ ڏي، ويراڳِين وڌوم،
سوئي تيرَٿ تڪيو، سوئي پنڌ سَندوم،
ھُو جو تِيرٿ تڪيو، سامِين سُونھايوم.

## فصل ٻيو

(۱)
سَدا شوق پريَن جي، قران قيريدارُ،
ماڻُ سَجيهُون َ يارُ، اڳان اَکڙِيُون کٽي.

(۲)
تن اکِين اُتان سُکَ، کَلندي کٽن جي،
پريَن پاڀوهَڻَ سان، ڏُور کيا سڀَ ڏُکَ،
ماڙهن ليکي ٻُک، سامِيَ سُور سَنها کيا.

(۳)
وچِينءَ ويراڳين جي، مٿي کَٽِچ کُوکَ،
مَحبتي ملوکَ، ساري سِکَ سنها کيا.

(۴)
سامي چائين سُک طلبين، هوندن جيئَن مَر هُو،
توکي ويس وڃائيو، ويس وڃايو تو،
سامي آهي سو، جنهن پاڻ وڃائي پُوريو.

(۵)
سامي چائين سُکَ طلبين، هُو مَر هوندن جيئَن،
لاهوتي لطيف چئي، هون آديسي اِيئَن،
سي ڪاپڙي ڪيئَن، جي تعلق رکن تکيا.

(۶)
سامي چائين سُک طلبين، وارين نہ ويراڳ،
لاڳاپا لطيف چئي، جوڳي ڇڏي جاڳ،
جيئَن تُون پُٽي، سَنرو اِي آديسين اَياڳ،
لاهوتيڪو لاڳ، مرين جي تہ ماٽيئَن.

(۷)
سامي چائيين، سُک طلَبئين، سکئَين نہ سامي،
اچا اورئين پنڌ ۾، ويٺين وسامي،
ڳر کي تون نہ ڳڏئين، چاٻِيين انعامي،
دائمِ مُدامي، پُورو رهج پريِنءَ سين.

(۸)
سامي چائيين، سُک طلبئين، تَسا ڏئين نہ تَنَ،
ماڙهن کان منهن کيو، پنين اَٽا ۽ اَن،
ڪاپڙي تو ڪَنَ، کِ چيرايا چِشن لئي؟

(۹)
پُورَبيا پُوري ويا، آسَڻَ آڏيءَ رات،
سُيم نہ سناسين جون، پَچارُون پرِيِاتَ،
ڪاجا جوڳي ذات، مٿَ نہ معذورن جا.

(۱۰)
پُوربيا پُوري ويا، آسڻ اڄ صبوح،
خستُوري خوشبُوءِ، آهي آديسي گيا.

(۱۱)
مٿي راه رَوان ٿيا، پُورب پوريائون،
هي گهرُ گهوريِائون، آڳانڍيائون اڳيان.

(۱۲)
پُورَبَ ۾ پيهي، تان مون گهٽو نهاريا،
سُڌِ نہ مُڪي سَڄڻين، جيهي نہ تيهَي،
هُئا پرڏيهي، وڃائي واٽ ٿيا.

(۱۳)
پورَبَ ئي مارياس، ڪنهن در ڏِيان دانهڙي؟
متيُون ڏيندي لوڪَ کي، چرَي پاڻ ٿِياس،
جنهِين نہ جيهِياس، مان لَنؤ لڳي تن سين.
(۱۴)
پَورَبَ پورَبَ تب ڪرُون، جب هنئڙي آون پور،
سڪندي کي سَڄڻين، نڪُون لايون نور،
ماريس تنهِين سُورَ، جِئن ساڄَن سُڄي نہ ملي.

## وائي-۱

جن جو وارث تون، يا الله! سي ڪِيئَن رهندا نيڻَ منهنجا؟
آڳي اُپَ خَلقيا، پِلِيَ خلقيائين پُون،
جوڙيائين جوڙَ جَهانَ جي، چئي ڪُن فيڪون،
ڪوڙي دنيا، ڪُوڙا پسارا، ڏيَنهن مڙيئي ڏُون،
آهيُون اَلفَ آسري مُحمدُ ﷺ مَحِبون سُون.

## وائي-۲

ڪَوا ڪان ڪَندا، وهاٽيءَ وٽن ۾،
مون ڏٺا مون وسهَو، اڳي پيچي اَنڌا،

اچي عدالت ۾، ويهي وِٽ وجَهندا،
حَلال چِڏيو هتهين، مٿي ڏُونڊِ ڏَرندا،
قتل قهيارَنِ تي، اوريائين اَڙندا،
سَگُ جيڏانهين سُرهو، تيڏانهن نہ ترَسندا،
هنڌ هدايَتَ جي اُستَخوانَ آٽِيندا،
چمڙي جئَن چهنبَ وَڍِيا، هُماءَ سين نہ هلندا،
طالع طَائُوسَن جا، پَسيو زاغ جَلَندا،
هُد هُد پَسيو هَنجَڙا، ويٺائي وهَسندا،
ڪوڙا ڪرفِتيءَ تي، سَنُون ڏيوَ سڙندا،
حَدَ لنگهيائون حق جي، ٻنهين پِير ٻَجَهندا.

# سُر ڪاموڏ

## فصل پهريون

(۱)
تون سَمو، آءٌ گندَري، مون ۾ عَيبَن جُوءِ،
پسي راڻن روءِ، مَتان ماڳر مَتئين.

(۲)
تون سمو، آءٌ گندري، مون ۾ عيب اپارَ،
پسي لئي لَغارَ، متان ماڳر متئين.

(۳)
تون سمو آءٌ گندري، مون ۾ عيبن ڪوڙ،
پَسي ڪِڪَي ڪوڙ، متان ماڳر متئين.

(۴)
تون سمو آءٌ گندري، مون ۾ عيبن ويھ،
پسي ميڏڪي ڏيءَ، متان ماڳر متئين.

(۵)
تون سمو، آءٌ گندري، مون ۾ عيبن لَکَ،
هن منهنجي حال جي، توکي سڀ پَرَکَ،
ڪارڻ رب اَلَکَ، متان ماڳر متئين.

(٦)
تون سَمو آءٌ گندري، عيبَ منهنجي ذات،
تُون سونهاري صفات، متان ماڳر متئينَ.

(۷)
تون تماچي تَڙ ڏَٺي، آءٌ مُهاڻي مي،
مون کي ڏُهاڱ مَ ڏي، جا نالي سُپَس تُنهنجي.

(۸)

تون تماچي تڙ ڏٺي، آءٌ گندري غريب،
توسين ڄامَ قريب، ڪي ڏنُ ڇڏائي ڏيج مون.

(۹)

ڪاڇ جن جو ڪِکيون، مالَ جن جا مَڏ،
سمي سيئي سيڻ ڪيا، هيٺا جن جا هَڏ،
ڄام پرتيئي لَڏ، سانگِيَن جي سيد چئي.

(۱۰)

ڄارا ۽ ڪارا، مال جن جو مَڪڙيون،
تماچي جي تڪئي، اچن سَوارا،
ميءِ مڇي مارا، سَمي سي سيڻ ڪيا.

(۱۱)

ڪِکيءَ هاٺيون ڪاريون، ڇِڇيءَ هَاٺا ڇَڇَ،
پانڊُ جن جي پاندَسين، لَکو تِئي لَڇَ،
سمو ڄام سَهِجَ، اُيو ڪري اُن سين.

(۱۲)

ڪاريُون ڪوجهيُون، ڪوڙيُون، مُور نہ موچاريُون،
وٺي وينيُون واڻ تي، ڪِکيءَ جون ڪارَيُون،
اُنهين جون آريون، سَمي ريءَ ڪيرُ سَهي؟

(۱۳)

ڄاريون، ڪاريون، ڇَڇَ ڇيريون، جن جي محبت مڇيءَ ساڻ،
رهن، وهن سر پانڊئين، سيئي بدبوءِ هاڻُ،
لُڏڙن جئَن، لطيف چئي، پاٽي وجهڻ پاڻ،
تن مَلاحن ڏجو ماڻُ، سمي سِرَ ڪيو پانهنجي.

(۱۴)

گندُ جن جي گوڏ ۾، پاپوڙا پوشاڪَ،
اُنهين جي اوطاق، راڄا ريجهي آئيو.

(۱۵)

گند جن جي گوڏ ۾، پاپوڙا پينام،
اُنهين کي اِنعام، مچر مڙوئي ٿيو.

(۱٦)

گند جن جي گوڏ ۾، مَٽَن تي مُوڙيون،
اچن سَنيوڙيُون، سمي جي سلامَ تي.

(۱۷)
ٿيا تماچيءَ جام سين، مهاڻا مَحُروم،
نِنڍيءَ وڏيءَ گندَريءَ مٿي ماڙيءَ ڏُومَ،
ڪِنجهرَ جي رومَ، تہ سي سڀ اِنعامي ٿيا.

(۱۸)
نہ وِڏي نہ وڪٽي، نہ ماري نہ ڏاري،
ڪارو وڏائين ڪوهہ ۾، نِرتون نِهاري،
سا پَر پَاري، جا گهر سمي جي سَپجي.

(۱۹)
نہ وَڏي نہ وڪٽي، نہ ڪٽي ۾ ڪاري،
اهنجَ سَهنَج ساهميون، ڏُريان نہ ڏاري،
سا پر پاري، جا گهر سمي جي سپجي.

(۲۰)
نہ وِڏي نہ وڪٽي، ڪٽي نہ ڪارو،
نورئين چنڊ چمڪيو، تماچيءَ تارو،
ڏَريو جن ڏارو، تن جهوليءَ چنڊ جهلي پيو.

(۲۱)
ڇيڇيءَ هٿ نہ ڇُهي، ڪِڪِيءَ هڏ نہ ڪاءِ،
نہ وِڏي نہ وڪٽي، اَڏيءَ نہ اوڏي آءِ،
سمو تنهنجي ساءِ، ٿو مياڻيُون معافي ڪري.

(۲۲)
پاپوڙو پيشِ ڪيو، نئُون نوريءَ نيئي،
حاضر هُيون هَڪيُون، سَميُون سپيئي،
نوازي نيئي، گاڏيءَ چاڙهي گندريءَ.

(۲۳)
مُهاڻيءَ جي مَنَ ۾، نہ گيرب نہ گاءُ،
نيڻن سين نياز ڪري، ريجهايائين راءُ،
سَمو سين ملائُ، هيرياڻين حِرفَت سين.

(۲۴)
جُهلي جبيرين وچ ۾، مرڪيو مهاڻي،
جيئَن سگو منجهہ سوندڙي، تئَن راڻين ۾ راڻي،
سمي سڃاڻي، پيڙو ٻڌس پانهن ۾.

(۲۵)

پيڙو پُوئي پانھن ۾، ٻي نہ سا ٻُڌاءِ،
تو ڏَر تنھن جڳاءِ، سمو سِڪي جنھن کي.

(۲٦)

نوريءَ جي نياز جو، عجبَ اَجھلُ ھوءِ،
سمو سُر سين ۾، ميءِ مون رَچيو سوءِ،
اچيو اُپين پوءِ، حُجَتَ پڳي راڻئين.

(۲۷)

ميءِ ميڇيءَ ۾ ھٿڙا، ويٺي ڪري وَرنَ،
راءِ اڳھين رکي، مُهاڻي ۾ مَنَ،
تماچيءَ جي تَنَ، ڳالھيون ڇيس ڳُجھيون.

(۲۸)

ھٿين پيرين، آر ڪَٽين، مُنھنَ نہ مُهاڻي،
جئَن سڳو وچ سُوندڙي، تئَن راڻِن ۾ راڻي،
اصلِ ھُئي ان کي، اھَلَ چاماڻي،
سمي سڃاڻي، پيڙو ٻڌس پانھن ۾.

(۲۹)

جيلانھن نوازيائين نورئين، ٿيو تماچي تي،
گاديءَ چاڙھي گندري، ماڙھو ڪيائين مي،
ڪِنجھر چوندا ڪي، تہ سچ سياڻي ڳالھڙي.

(۳۰)

تھڙو ڪِنجَھرَ ۾ ڪينَ پيو، جھڙي سُونھن سَندياس،
مَڏَ، مياڻِيُون مَڪُڙا، مَڙئي معافُ ٿِياس،
مورچَل مَٿانس، اُپو تماچِي ھٽي.

(۳۱)

تُڙ تماچي چام جو، تماچي تڙ راءُ،
تماچي جي تڪيئَن، تون تماچي ڪاءُ،
تہ تون تماچِياءُ، تماچي تڙ لھين.

(۳۲)

ڪوءِ سميُون ۽ سومريون، جي چامن جيُون چايون،
ڪريو ويس وڏاندرا، اڱڻ ٿي آئيون،
گوندر گمايُون، جَھپي سِپ جھڙپ سين.

(۳۳)

ڪوءِ سميُون، ٻن سُومَريُون، جي اڇن اوڇي ڳاٽِ،
وَرسي ڪِنجَهرَ چائيُون، جن تماچِيءَ جي تاتِ،
راڻن ملان رات، ماڻڪَ ميءِ پرائِيو.

(۳۴)

ٽڙ ٽَريون دوهين، ڳَن رهاٽيون ريل ۾،
ريڇَ پنهنجي راج ۾، ويٺيون سموهين،
مهاٽيون موهِين، تخت تماچي ڄام جو.

(۳۵)

پَن، پٻڻ، ڪُمَ، ڳَوٽيون، مٿي جر جَهرڪن،
اڇي رهيا ريل ۾، ڪارڻ ڪالُوڙن،
سهسين راڄ سيد چئي، پاسي تن پَرن،
مڙِي ملاحَن، رات تماچي رانئِيو.

(۳۶)

پَن، پٻڻ ڪُم ڪوٽيون، ڏوڏا ٻهَ ڏاڄون،
نعمَت لوڙهه، لطيف چئي، ڪِين ميڇَي ڪاڇون،
رهن پهن سرَ ٻانڌئين، آسڻ اڀءُ آڄون،
پارس سينَ پاسون، لڳن تي لعل ٿيا.

(۳۷)

ڪِنجَهرَ ۾ باهه ٻري، هيڏيءَ وير ڪياءِ،
نہ ڪو ورن وڄ جو، نہ ڪو شمس شعاع،
لٿو پاند مهاءُ، ميءِ چڙهندي مڪڙي.

(۳۸)

رهين ڪِنجَهرَ ڪنڌئين، تو جو سو مهاٽو،
ڪنڌيءَ جو ناٽو، ڪونہ پرينديِنءَ ڪڏهين.

وائي

هيري هَٿَ وڏائين، هيري هَٿُ ڪنيائين، ويهي ساٿِين وچ ۾،
نَوازش نُوريءَ جي، آهي تماچِيءَ تائين،
گندگيءَ گوشو ڪيو، عَطر اوتُ اوتيائين،
انڌا مَندا آئِيا، سخا سڌُ وڏائين،
پَسو جود جوانَ جو، ڪو هنڌ ڪون مَٽِيائين،

قيمت ڪمينن سين، جھڙي وَٺ وٺيائين،
موتي مَڇيءَ هَٽ تي، ڪوڏِن جَئَن ڪڍيائين،
ماڻڪَ مياڻن ۾، ڇِلرَن جَئَن ڇنيائين،
ڏيئي سونُ سوال ۾، رُپي راند ڪيائين،
پاڻيٺ آڻي پاڻ سين، لَعلُون سڀ لُٽيائين،
فيروزا فقيرن تان، گھوري سڀ گھوريائين،
اُتي عبداللطيف کي، اُچَلي اَمُلَ ڏنائين.

## فصل ٻيو

(۱)

سر صَلابَتَ سُپرين، مُرڪَڻ تون مَ مَريج،
آهئين ڻارُ اکين جو، وَٽان مُون مَ وڃيج،
تماچي تڳيج، ڪو ڏينهن ڪِنجھرَ ڪَنڌيِن.

(۲)

ڪو ڏينهن ڪِنجھرَ ڪَنڌئين، تون تماچي تڳ،
اُوچو ٿيو اَڳُ، مون ڪَرُ ملاحن ۾.

(۳)

هيٺِ جَرُ مَٿي مَڃَرُ، پاسي ۾ وَٽراھ،
اچي وڃي وچ ۾ تماچي جي ساءَ،
لڳي اُتَر واءُ، ڪِنجھرَ هندورو ٿِئي.

(۴)

هيٺ جر، مٿي مَڃر، پاسي ۾ پرين سندام،
ڪوڙين ڪاڃَ سڏام، اڄُ سڏو ڪون رَهيوَ.

(۵)

هيٺ جر، مٿي مَڃر، ڪنڌيءَ ڪَوُنَر ٽِڙن،
ورئي واهوندن، ڪِنجھرَ خستوري ٿئي.

(٦)

هٽي حرف حساب جو، ماڙيءَ چڙهي مي،
جيڏانهن عالم آسرو، تيڏانهن تن نہ ڏي،
ڄام تماچي کي، ڪونهي سُود سُهاڳ سين.

(۷)

هينين مٿن هيڪڙي، پاسَن پُراڻي،

ريت اُن جي راءِ ڪي سَمي سيباڻي،
ريجهيو رِهاڻي، ڪري تماچي تن سين.

(۸)

هينئين مٿن هيڪڙي، پهت جني جي پَر،
لائي لينگهه لطيف چئي، جُنبي مٿي جَرُ،
گهوٽ ٿني جي گهرَ، راجا ريجهِي آئيو.

(۹)

هينئين مٿِن هيڪَڙي، پُراڻي پرهين،
توڙا تماچي چام سين، ڳُجهاندر ڳرهين،
سميُون جت سرهين، تِتِ مُهاڻي مٿي وهي.

(۱۰)

سَميُون ڪَري سينگارُ، راءُ ريجهائِڻ آئيون،
چام هٿ ۾ چارُ، جُهلي جُبيرن وچ ۾.

(۱۱)

ميءِ هٿ ۾ مڪَڙي، چام هٿ ۾ چارُ،
سڄو ڏينهن شِڪارُ، ڪنجُهرَ ۾ ڪالهه هو.

(۱۲)

تخت بخت تڙ تماچي، سڀ نورئين ڪي نمن،
لکيو لياڪا پائيا، ساري رات سمينَ،
ٻاپُون راڻيُون دائيون، تنهنجا پير چُمن،
ڏنيسَ ڏيهه ڏڻين، معافيءَ جي مهر هٽي.

(۱۳)

سڀ سميون سڀ سومريون، سيني ڳچيءَ هار،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، وڃايائون وار،
ڍول تنين جيءَ ڍار، هيناهيونَ هلن جي.

(۱۴)

سڀ سميُون سڀ سومريُون، سيني ڳچيءَ هَسَ،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، وڏا ڪَيائون وَس،
ڍول تنين جي گسَ، هيناهيون هلن جي.

(۱۵)

سڀ سميُون سڀ سومريون، سيني ڳچي ٽوڪ،
پسڻ ڪارڻ پرين جي پاتا لياڪا لوڪ،

ڏول تنين جي جهوڪ، هيناهيون هلن جي.

(۱٦)

جيلانهن نُوري نوازِيئين، ٿيو تماچيءَ تي،
گاڏي چاڙهي گندريءَ، ماڙهو ڪيائين مي،
ڪِنجهرُ چوندا ڪي، تہ سَچَ سَيائي ڳالهڙي.

(۱۷)

ڄامان اڳي جي ڄائيُون، تن جي نرت نوريءَ ڪي ناهہ،
نہ مَنهہَ نہ معرڪي، نہ وڃَن ڪنهن وهاڻ،
سي ڪِنجُهرَ ڪنڌيون ڪانهن، تن تماچيءَ تَڪيو؟

(۱۸)

نہ ڪنهن ڄائو ڄام ڪي، نہ ڪو ڄامَ وياءُ،
ننديءَ وڏيءَ گندريءَ، سيني آهہ سياءُ،
”لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ“، اي نِجابت نِياءُ،
ڪبر ڪبرياءُ، تخت تماچي ڄام جو.

(۱۹)

پَڪن پوءِ پَچارَ، اَڄ تماچي آئيو،
مُرڪَن ملاحَن جا، مَٿي ٻانڌين ٻارَ،
وَڏي ڄامَ ڄمار، جنهن مِياٽيُون موڪيُون.

(۲۰)

پَڪَا پَڪاريو، ڄامُ تماچي آئِيو،
گونڊرَ لاهيو گندريُون، آتَڻَ اُجاريو،
مڪڙيون سلهي موتيين، سهجان سينگاريو،
ڪِنجهر قراريو، سَمي سَام بخشَي.

(۲۱)

ڪو جو ڪامَڻ مي، آهي اَڪَڙين ۾،
تن تماچي ڄام جو، نايو نپايو ني،
عشق اِئن ڪري، جئن ڄارو ڄامَ ڪُلهي ڪيو.

(۲۲)

اُبنيُون ادب ۾، پلنگ پيرانديءَ جي،
جان سيئن بديون نہ بخشين، تانسيئن ڪين ڪِسي،
ڪي ڳجهو ڪي پَڌرو، ڄام تنهين ڪي ڏي،

نُورئين ناز ڪري، عالم انعام ڪيو.

(٢٣)

مٿي تختي نُورئين، اولي مٿي ڄام،
رَس ڪيڏندا ٻہ ڄڻا، نوري جن جو نام،
سڙھ مڙيئي سوجهيا، دنگي ڏئي دام،
تماچي تمام، اُپو عيب ڏيکيندو اُن جا.

(٢٤)

جيڪر ڄاڻي ڄام، تہ ڪا نوازيندو نورئين،
سندو ميءَ مقام، ڪٽي سيراندِي ڪيو.

(٢٥)

تنبُو تيرهن ماهَ، کُتو ڪنجهر ڪنڌئين،
فراشن فڪر سين، ڪي دَرَ تماچيءَ دانهن،
سندي ٻانهيءَ ٻانهن، اُتي نورئِين پَس نگاھ سين.

(٢٦)

ڄام تماچي آئيو، مٿي تڙ تناھُ،
اچي پيبيس اوچتي، نورئين تي نگاھ،
تنهن کي گندري چوڻ گناھ،
جنهن جي جهوليءَ ڇنڊُ ڇُهلي پيو.

(٢٧)

ڄام تماچي آئيو سَيَت تي صلاح،
مور مرڪي هليو، سندو راڻين راءُ،
لٿي لڪَ لطيف چئي، ڪيو شمس شعاع،
پيڙهيءَ وينو پاتشاھ، مٿس ڇَٽُ چمڪاءِ،
ڪوڙين قناتُون لڳيُون، مُهاڻين مَٿاءَ،
لٿو ڏُکُ ڏيهانءِ، مُر ٿيُون مرڪن مڇيءَ واريُون.

## وائي

تنهن کي ڪير چَوندَو مي، اڙي اِيءَ سمي جا سمنگهي،
سمي جي سُهاڳ جو، ميندو ڳتو مي،
ڄارو ڄامَ کُلهي ڪيو، عشقُ اِئن ڪري،
جن وهڻ نہ ڏِين وَٽِ ٻر، ٿيا سلامي سي،
عالَمُ انعامي ڪيو نُورِيءَ نازُ ڪَري.

# سُر ڪارايل

## فصل پهريون

(١)

”وَحده وائي“ ڇڙهندي ڇپائين،
سو تڙ لنگهيائين، جتي پارڪ پَڪِيان.

(٢)

ٻَگهَن سين ٻانُ هَٽي، اُڏاڏو آڪاس،
سو سَرُ مَٽي هَنجَڙو، جتي پرين سنداس.

(٣)

اَڪڙيُون اوڙاه ۾، اُپو تَڪي تار،
پڻون جو پاتار، هَنجَ تنهين جو هيرَئُون.

(٤)

لئون لطيفي لاتِ، تہ ويجهو ٿين وصال کي،
واري پائي وجَود ۾، سندي جُنگن ذات،
هٽي ڪرنگهر ڪات، پڌر پَئُ تُون پرين سين.

(٥)

وڃين نہ پيهي، پڻونءَ لئي پاتارَ ۾؟
ڪنڌيءَ ۾ ڪيهي، هاجَ تُنهنجي هنجَڙا؟

(٦)

اُونهي ۾ اوڙاھ جو، هنجَ تِنهين هوءِ،
اي ڪانيرو ڪوءِ، جو ڇاڇَر ۾ ڇيَرون ڪَري.

(٧)

ٿيو حضوري هانڍ، سوجها پيپس سر جي،
ڪنڌي لڏي ڪانِڍ، پَڪيڙي پاتار ۾.

(٨)

اچو پاٽي لڙ ٿيو، ڪالوريو ڪنگن،
ايندا لَج مَرن، تنهن سرَ مٿي هنجڙا.

(٩)

وينو جِئَن وماسئين، حَيرتَ پَؤ مَ هَڏَ،
لاتيُون جي لِباسَ جون، سي پُڇائي چڏ،
آءُ اسين ڪن جي، پاسي تن مَ اڏ،
تَنُ طالبن گڏِ، تہ ويجهو ٿِئين وِصال کي.

(١٠)

وينو جِئَن وماسئين، حيرت پَؤ مَ هور،
اُونهو جَو اَچو وَهي، گهڙِي تيان ئي گهورَ،
ڏِنيُون هَڏِ مَ ڏور، گهوريو گُبُ گسَن جو.

(١١)

وينو جئن وماسئين، حيرت پَؤ مَ هاڻ،
لَلَن کي لطيف چئي، اچي ساڻ آراڻ،
ڪَنگن لَٿي ڪاڻ، گڏيو هنجُ حبيب کي.

(١٢)

پَکي پيهي نگِّيا، مَنجهان لتڙن لَڪَ،
ڪنهين ماڪَ ميڙيا، ڪنهين رتَا پَڪَ،
پُنيَ لائي لَڪَ، گڏيو هنجَ حبيب کي.

(١٣)

هَنجن سين هيڪارَ جي گِڻ ڪَري نهارئين،
بِگهَن ساڻ بيهار، بيلهہ نہ بِڏين ڪَڏهين.

(١٤)

هاريا هَنجَ بِگهن سين، ڪيهي بِڏين بيلَهہ؟
ميرو مَٿائيج تون، اَچي ڪَر اُڪيلَ،
ڪَنگَن ساڻ ڪويلَ، لَلا جِمَ لُڙُ پئين.

(١٥)

اَچو پيو اچاءُ، تہ اَچائيءَ اُبهو،
وهڻ وَڙ نہ آنهنجو، پاٽيءَ لُڙ لَلاهُ،
سُسَرَ ڏِجي ساهُ، ڪُسَر ڪَنگن قبرُون.

(١٦)

ڪُسَن ڪنگن قبرون، سُسَر ساڱاهيج،
هنج هتي جي ڳالهڙي، ٻگهن مَ ٻوليجِ،
ماڻي تون مِڙيج، چئج مَ ڪنهِين ڇهنج سين.

(١٧)

سَرَ سُڪي سالَ ٿيا، هَنج هريوئي پوير،
ڪَنگ ويچارو ڪير، جو رسي اُن رمَز کي؟

(١٨)

آءُ اُڏامي هَنجڙا، سَرَ ۾ سارينئي،
متان مارينئي، پاڙهيري پَھُ ڪري.

(١٩)

سَرَ ۾ پَکي هيڪڙو، پاڙهيري پنجاھ،
سَنديءَ آسَ الله، لُڏي لهَرن وچِ ۾.

(٢٠)

جانڪو جيين ڏينهڙو، هنجَ مَ مَيرو وَتَ،
جيءَ م جنجال گهت، سرِ تان سَرَ ڪيترا.

(٢١)

اُڏءُ اُڏت اُپريو، وهاڻي وائن پونئر،
چيتارج چت ۾، ڪَنڌيءَ پاسي ڪؤنر،
متان مارينِئي تؤنر، تو لئون لڳو جن سين.

(٢٢)

دلبو مَنجھ درياھ، پَکي پَسي آئِيا،
ويچارا ويساھ، آڻي اُت اڙائِيا.

(٢٣)

پکي جنهن پُڄائيا، تنهن ۾ ساھُ نہ ماھُ،
منجھ ڪَرنگهر ڪاٺ جو، مَٿي پَکن چاھ،
ويچارنَ ويساھُ، متّن پکَن آئِيو.

(٢٤)

جئَن قطر ڇُٽيو ڪُڙ پَرئين، ٻول ٻَجهندين هَنجَ،
موتي جي مَهراڻ جا، پُورا چڳج پنج،
اڄ ڪِ صُباح سَنجھ، تو ڏُٻيءَ ۾ ڏير ٿئين.

(٢٥)

ڪؤنَر پاڙُون پاتار ۾، پونر پيري آڪاس،
ٻنهين سندي ڳالهڙي رازق آندي راس،

تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا.

(٢٦)

ڪؤنر ٻاڙون پاتار ۾، پونر پيري ۾ سج،
ٻنهين سندي ڳالهڙي، عشقُ اي اهج،
توءِ نہ لَهين اُج، جي پيو پيئن پاڻ ۾.

(٢٧)

ڪَنڍِن ۾ ڪوهہَ ڪرئين؟ ڳسَن ۾ مَ ڳذار،
وحدتَ وڃي ويءَ ۾، گهتون ڇڏي گهارَ،
شريعَت جو سَر لَهي، تن تيائِين تار،
حقيقت هَنجَن سين، طريقت تَنوارَ،
مَنجهان معرفَتَ سين، اندَرَ تون اُچار،
هدايتَ جي هُوءِ ۾، چُٽيو تُون چانگار،
تہ پاڙهيري ان پار، ڪونہَ ڏِسين تون ڪڏهينَ.

(٢٨)

جيهر لوڪ جَهپَ ڪري، اوهَير اُڏامَن،
پٿون جي پاتار جا، چيتاريون چُٽَن،
ڪَوهہ ڪندا کي تَن، پاڙهيري پهُ ڪري.

(٢٩)

ماڻِڪَ چوٽو جن جو، هَنج حُضوري سي،
چِلرَ ۾ چُهنبَ هَٽي، مڇي کين نہ اي،
لَوڪ نہ لکياَ تي، جيلانهن پوٽن ٻگهن ڳڏيا.

(٣٠)

هَنجَ مڙيئي هَنج، ميرو مَنجِهن ناهہ ڪو،
جِتي رَهن سَنجَهہ، سو سَرِ ڪن سُرهو.

(٣١)

ڄَر ري رڌ جابان سين، ڪَونران پوَنران رڌِ،
هير اِيَ ڪُوڌِ، جيئن اوڌ سين تُون اوريين.

(٣٢)

سُر وڃايو سَرَ، ڪُوڙن ڪانيرن،
آڌيءَ رات اُٿي ڪري، درد دانهُون ڪن،
سندي ذات هنجن، منهن ڪوڙي موتي چُٽين.

(٣٣)

جو سر ڪور ڪرين، رُوءِ تهڙي سڄڻين،
جي لهرين لوڏي تان بہ، رنگ نہ مٽائين،
پرتان پاٻوهين، وڃينءَ وٽڪ وترا.

(٣٤)

سَر ۾ سانجهيءَ وار، مورن مانداٽا ڪَيا،
سٿون ڏين سپن تي، ڪيئَن ڪارايل ڪٽدار،
ماري نانگ اُپار، وهه پيتائون وٿيين.

(٣٥)

للي لئي رات، سَر ۾ ڪيو سوجهرو،
ٻگها ٻاتارا ٿيا، وائي ڪن نہ وات،
جُنگن پنهنجي ذاتَ، نيئِي رساٽي روهه ڪي.

(٣٦)

لَلي ٿي لاتيون ڪيون، سر ۾ ساري رات،
پکڙانديُون پرپيات، هَنجَ هَٽندي رَتيون.

(٣٧)

سَرَ اُهي ئي اڳيان، پکي پيا پيا،
جَن لَميو لاتيون ڏنيون، سي ويچارا ويا،
پاٿوندر پيا، وجي ڪنجهر ڪنڌئين.

(٣٨)

ويا مور مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو،
وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانيرن جو.

(٣٩)

سُرهو سَر وڃائيو، ڪوڙن ڪانيرن،
رُنا روهہَ وڃن، ڪنهن هيٽائي ڪان هنجڙا.

## وائي-١

ٻَلو جيڏيُون آءٌ جا بلوچي جي آهيان،
ڪنيزَڪَ ڪيچين جي، ناتر نانءُ سڏائِيان،
ٻِيزارَ پنهونءَ ڄام جي، اکين سان اُنائيان، چشمن سان چائِيان.

## وائي-٢

جي مان چارائِين، تہ مان جيارين جيڪَر جيڏيون،

آلو ڪَرَھ سندان آءٌ چاريان.
پيرين آءٌ نہ پُڄَڻي، ڪَرهلَ هوءَ نہ جَهَلين،
ڳجهي آءٌ نہ وَڃَڻي، پڌرِ پرين نہ نِينَ.

## فصل پيو

(١)
سو پَکي، سو پچرو، سو سَر سوئِي هنُج،
پيهي جان پروڙيو، مون پانهنجو مَنجُهہ،
ڏَيلِ منهنجو ڏَنجُهہ، ماري تو مَنجهِ قِري،

(٢)
ڪارايَلَ جي ڪوڏ، مون ڪنجهر سڀ نهاريو،
وَري واهيري نہ وريا، لَلا لاڪِيڻِيءَ لوڏ،
هنئين جن سين هوڏ، سي هَنجڙا سڀ هَلي ويا.

(٣)
سڀ ڪپر سجا ڳهي، نانگن ڳوليو ڪاءِ،
تنين ڪي واجهاءِ، مٺيو جن مٿن ۾.

(٤)
ڪاپي ڪارايل پاڻ ۾، مٿي دَر دڙين،
نَيو نانگ نہ ڏِين، موران موتڻ ميهڻو.

(٥)
موران موتڻ ميهڻو نوٽي نانگ نہ ڪن،
ڪارايل ڪارن ڪي، ڳارا ڪيو ڳهن،
وتيئن وهُ پِين، سِڪ سُرڪئين نہ لهي.

(٦)
سنها پاڻ ۾ سَپَ، وياءَ واسينگن جا،
جنهين جي جهڙَپَ، هاٿي هَنڌان ٿي نہ چُري.

(٧)
سنها پاڻ ۾ سپ، سُڪا جنهين پيٽَ،
تِنهين جيءَ جهپيٽ، جُنگن کي جَوکو ٿئي.

(٨)
جن جي واڇنيان وهُ وهي، سي ڪارا ڪارُونيار،

ڪڄيا تان ڪُڌِيا، وڙهندي ڪن نہ وار،
جن جا اهڙا پار، سي گڏيون ڪن گاروڙين کي.

(٩)

گاروڙي گَرَ هيٺا، ڪو گرو وٺي گوٺ،
هي ڳوراهون ڳوٺ، جي مُنين سين تون مارئين.

(١٠)

واتان جنين وهُ وهي، سي آيا اوڳارين،
جي آرڻ ٻڌي آئيا، تان نانگ نہ نِهارين،
ڏَني تَن ڏاڙهين، مَيل جنين جي مَن ۾.

(١١)

وهُ هٿين، وهہ پيرين، وهہ جنين جي وات،
ڪاري ڪا جا ذات، جا مورن متي چڙهي.

(١٢)

ڪنهن جا ڪائي ججن، سُتل تو هٿُ هيٺي،
ڏار ۾ ڏاريائين، تہ وٽندي ئي وَهہ وٽي،
جن جو ڏوجُ ڏٽي، تُون ڪيئن وجهين تن سين.

(١٣)

آسَڻُ جن آريجَ ۾، اوءِ وڪَڄَر وهُ ڪري،
تن جا منهن ملڪن جهڙا، تَڪو تان نہ ٽري،
جي اُنهِين ساڻ اَڙيَ، تہ ڪانهي جاءِ جريءَ جي.

(١٤)

آسڻ جي اريج ۾، تن جي وهہ جو وَرَنُ پيو،
تن جو ڪَنڍو ئي ڪَرُ ڪَري، جي مَٿس پيرَ پيو،
پريئان آهي پڏرو، تن نانگن جو نَهو،
ڪِلي ويلَ ڪِهو، جو سامُهون ٿئي سَپَن کي؟

(١٥)

ڪنهن ڪنهن ڪاريءَ ذات کي، مورَ بہ متائين،
جي چترا چڪيا ڪري، تہ وگ ورائي ڏينَ،
ساٿ سَمُورا نين، جي مَنين پانئي موتيا.

(١٦)

پَهرين ڪاري نانگَ جي، ڪو چِرڪِيل چيڙ ڪري،
جيَ هٽي ڏنگُ ڏسائيو، تہ وِيجهو تان نہ وري،
جيڪي ٽُپ مَري، جيڪي سِڪي صحت کي.

(١٧)

ڪپُرُ گاروڙين سين، وڏو وڏئي وير،
نانگ نہ ويندين نکري، تو ڏَرَ متي پير،
هِي تنهِين جو ڍيرُ، جن جُهوناڳڙه جَلائِيو.

## وائي

کُوڙي راند، کُوڙو چٽڪو، لَک سيئَن لَلُو پتو،
لَنيو جئَن لامين چَڙهين، ڪَريو ڪارايَلَ کُٽڪو،
ڪِ تو ڪنين نہ سُئو، شهبازَ جو سَٽڪو؟

# سُر بَسَنتُ بَھارَ

## فصل پھريون

(١)
آئي رُت بَسنتَ جي، کَتّٺھار ڪڙيا،
خستوري خوشبوءِ ٿي، آڇي پونرَ پريا،
مون کي محبَ مڙيا، لَٿا ڏُک، سُکَ ٿيا.

(٢)
آئي بھار بسنت جي، ڪڙيا ڪتّٺھار،
اُتي ڳوري ويس ڪر، آئي بسنت بھار.

(٣)
آئي رت بسنت جي، کجورئين ڳل هار،
اُتي ڳوري بيس ڪَر، جہ آيو بَسنت بھارُ.

(٤)
آئي رت بنست ڳي، ڇِپَرَ مُکو منَدُ،
اُتي ڳوري بيس ڪر، جہ آيو بھار بَسندُ.

(٥)
آئي رت بسنت جي، باغن مُکيءَ بوند،
لالي ديکو لال جي، هيڪَرُ وجي هُوندَ،
اُمتَ جي آخوندَ، اوپڙ سپ اُباهيا.

(٦)
اُڏَميا اوڏڻ، رُت رسائي سَجڻين،
لَڳي واءُ وٽن جي، ڇاٽِيا پنَ پُراڻ،
پَھريائون پھراڻ، سڪا ٿي ساوا ٿِيا.

(٧)

آئي بهار بسنت کي، ڦُولي سڀ بَن راهہ،
ايک نہ ڦولي ڪيتڪي، اور سُڪتي جاءِ.

(٨)

اَنگوريون ۽ ڪِيتڪيون ڦولِيون ڦگڻ مانهن،
ريءَ لالنَ، لاکو ڇَئي، سي آءٌ ڪَريان ڪانهن؟
جي سَجَڻ هئي مون پانهن، تہ ڦل پسيو ڦولي هنئون.

(٨)

اَنگوريُون ۽ ڪيتڪيون ڦوليون ڦگڻ مانهن،
ريءَ لالن لاکو ڇئي، سي آءٌ ڪريان ڪانهن؟
جي سجڻ هئي مون پانهن تہ ڦل پسيو ڦُولي هنئون.

(٩)

رُتيان سڀ پِليان، ڪائي نہ بَسنت جوڙَ،
جي وڻ پاري ساڙيا، تِنهين مَٿي موڙَ.

(١٠)

انگوريون ۽ ڪيتڪيون، ڦوليون ڦگڻ هيل،
ريءَ لالن، لاکو ڇئي، سي آئون پانيان سيل،
جي سجڻ هئي مون پيلهہ، تہ ڦل پسيو ڦولي هنئون.

(١١)

رُتيان سڀ پِليان، ڪائي نہ بسنت تُل،
جي وڻ پاري ساڙيا، تنهين مَٿي گُلَ.

## وائي

اڄ سَجَڻُ گهرَ آيم جيڏيون،
اللّٰهَ اُميدُون پُڄايَمَ ايڏِيُون،
اڄ سجڻ گهر آيم جيڏيون،
پيرين فقيرين پونديَس پيرئين،
ڪيم سڪائون جن سان ڪيڏيون،
اڄ سجڻ گهر آيم جيڏيون.

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books. sindhsalamat. com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play. google. com/store/apps/details?id=com. sindhsalamat. book